
جوابدار جو بيان



بابا سنڌ

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

سنڌيڪار

اسلم خواجه

جوابدار جوبیان

جوابدار جو بيان

[Statement of Accused]

باباءِ سنڌ

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

سنڌيڪار

اسلم خواجه

چيرائينڊز

ڪامريڊ اظهر جتوئي

سنڌ هاري ڪاميٽي، حيدرآباد، سنڌ

2019ع

ڪتاب جو نالو: جوابدار جو بيان
ليکڪ: ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي
سنڌيڪار: اسلم خواجہ
ڇاپو پهريون : 2019ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
ڇپرائيندڙ: ڪامريڊ اظهر جتوئي، سنڌ هاري ڪاميٽي حيدرآباد سنڌ
پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
قيمت: -/750 رپيا
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

[نوٽ: هي انگريزيءَ ۾ ڪتاب 'Statement of Accused'
جنهن جو پهريون ڇاپو ڊاڪٽر حاتم جتوئي ڇپائي پڌرو ڪيو،
هي ان جو سنڌي ترجمو آهي.]

JAWABDAR JO BAYAN
[Court Statement]
by: **Comrade Hyder Bux Jatoi**
Transalted by: **Aslam Khawaja**
Composed by: Habib Qadir Qureshi
Published by: Comrade Azhar Jatoi
Sindh Hari Committee, Hyderabad, Sindh
First Edition: 2019

انتساب

ڪامريڊ مظهر جتوئيءَ

(سابق صدر سنڌ هاري ڪميٽي)

جي نالي.

فهرست

–	سهيڙيندڙ پاران	ڪامريڊ اظهر جتوئي	11
–	مهاڳ	محمد ابراهيم جويو	17
.1	سنڌ سان ناانصافي		27
.2	سنڌ سان ناانصافي (ياڳو ٻيو)		35
.3	پاڪستان حڪومت ۽ هاري		47
.4	پاڙ پريو افغانستان		50
.5	ڳري خرچ جي استدعا		53
.6	جمهوريت يا آمريت		53
.7	ماهرن جي هڪ ڪميٽي		55
.8	تحفظ جو گورک ڌنڌو		56
.9	سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي نااهليت		58
.10	سپر سانڪ رفتار		59
.11	اسلامي نظريو		60
.12	تت		62
.13	اچو تہ پاڪستان کي بچايون!		63

14.	اچو تہ پاڪستان کي بچايون_ II	69
15.	هڪ معذرت	94
16.	جوابدار جو بيان	95
17.	قمبر_شهدادڪوٽ چوٽي چونڊ	112
18.	ايوب کهڙي جا ڪي اڳوڻا ڪرتوت	127
19.	ون يونٽ منصوبو	157
20.	پاڪستان ٺهراءُ لاهور 1940	157
21.	پروڊا جو خاتمو	161
22.	بدعنوان ۽ غدار ثابت ٿيل آجا ٿي ويا	164
23.	چيف جسٽس جي. بي. ڪنسٽائن	167
24.	جسٽس ويلاني	168
25.	جسٽس محمد بخش	169
26.	کهڙي جو تازو ڪارنامو	193
27.	شهدادپور_ٽنڊوآدم چوٽي چونڊ	194
28.	اهي غير قانوني عمل چو؟	197
29.	پڇاڻي	198
30.	بيگم کهڙي جي چونڊ	201
31.	نامزدگيءَ وارا ڪاغذ	201
32.	بيگم کهڙو جي چونڊ عملدار خلاف هاري اڳواڻ جو الزام	207
33.	پنجابين خلاف اظهار	215
34.	ون يونٽ لاءِ ماسٽر پلان	216
35.	پنجابي ٻولي	242
36.	ڪجهہ پنجابي ياڙيتو فوجي	245
37.	ڪجهہ پنجابين جي جنونيت	247
38.	آل پاڪستان مسلم پارٽيز ڪنوينشن ڪراچي	250
39.	اخبارون	251

40.	قلمر ـ 144 حڪمر جي واپسي	255
41.	اسلامي رياست ۾ اختيار ۽ جمهوريت	261
42.	عالمن پٽاندر اسلامي رياست جا پيا مثال	262
43.	قانون سازي ۽ قانون جوڙيندڙ	263
44.	مولانا مودودي	267
45.	اخبارون	272
46.	ون يونٽ هڪ غير قانوني قدم	275
47.	نظربنديءَ جا سبب	279
48.	اولهہ پاڪستان واسطي انتظامي ڪائونسل	281
49.	بين الصوبائي سهڪار	282
50.	ڊپلوڪ	285
51.	آپيشاهي جي مخالفت	403
52.	ون يونٽ عمل ۾	406
53.	هڪ سنڌي روينيو وزير	414
54.	ڪوٽڙي بيراج جون زمينون	414
55.	کهڙي جي برطرفي	417
56.	بيراجي زمينن جو نيلام ذريعي وڪرو	418
57.	اولہ پاڪستان حڪومت جو ردعمل	419
58.	اخذ ڪيل نتيجو	422

سهيڙيندڙ پاران

سنڌ سمجهہ آ ستل شير
ڪينڪي رهندو تنهنجو زير
سنڌ ۾ سهين سورهيہ چام
جيئي سنڌ جيئي سنڌ!
(حيدر بخش جتوئي)

اڄ پنجابي سامراج برطانوي سامراج ڪانپوءِ سنڌ کي پوري طرح پنهنجي بيئنڪ بڻائي ۽ سنڌين کي اقليت ۾ آڻي سندن وجود کي هميشہ هميشہ جي لاءِ ختم ڪرڻ جن سازشون سٽي رهيو آهي. جنهن خلاف سنڌي قوم وري پنهنجي وجود ۽ بقا جي جنگ وڙهي رهي آهي. اسان ڏسي رهيا آهيون تہ پنجابي سامراج طرفان سنڌين کي ختم ڪرڻ جي ويڙهہ ۽ سنڌين طرفان پنهنجي وجود ۽ بقا کي برقرار رکڻ جي جدوجهد روز بروز تيز ٿيندي پئي وڃي. اڄڪلهہ اسانجي ملڪ جون اخبارون، رسالا، سياسي ليڊرن جون بيان بازيون، اسيمبلين اندر بحث مباحثا، توڙي ريڊيو ٽي.وي چئنل ۽ دنيا جي پريس، اهي سڀ سنڌ جي مسئلي تي مضمونن ۽ مقالن، تبصرن ۽ تجزين سان پريون پيون آهن.

سنڌ ملڪ اندر بہ مختلف ڌريون انهيءَ مسئلي تي پنهنجي پنهنجي طريقي سان مهم هلائي رهيون آهن. ڪي ماڻهو انهيءَ خيال جا آهن تہ سنڌ جو مسئلو پاڪستان جي مسئلي کان الڳ ڪو مسئلو آهي ئي ڪونہ. پر جڏهن بہ وفاق جي سطح تي ڪا بہ جماعت نهي آهي يا ڪا تحريڪ هلائي وئي آهي تہ ان ۾ سنڌي، سرائيڪي، بلوچ ۽ پٺاڻ قومن جي خودمختياريءَ جي مسئلن کي هميشہ پاسيرو رکيو ويو آهي ۽ هر وقت بهانو اهو ڏنو ويو آهي تہ ان طرح مختلف قومن جو پاڻ ۾ جهيڙي ٿيڻ جو امڪان آهي ۽ ان طرح سندن چوڻ مطابق عوام جي جمهوري تحريڪ ڪمزور ٿي ويندي، يعني پارلياماني جمهوريت جي بحالي مظلوم ۽ غلام قومن جي قومي حق خود اختياري کان وڌيڪ اهم آهي ۽ انهي ڪري ئي قومي خودمختياريءَ جي سوال کي اسان جي نام نهاد ترقي پسند دوستن هميشہ پنهنجي پروگرام ۾ شامل ڪونہ ڪيو آهي. افسوس تہ ان ڳالهہ جو آهي تہ ڪل پاڪستان بنيادن تي هلايل انهن سيني تحريڪن ۾ انتهاپسند کان وٺي مذهبي جماعتن جهڙن جاتل سڃاتل آمريڪي ايجنٽن توڙي وڏيرن، چوڌرين ۽ نوڪرشاهيءَ جي گماشتن کي تہ شريڪ ڪيو ويو پر غلام قومن جي نمائندن ۽ سندن نقطہ نگاہ يعني قومي خودمختياريءَ جي مسئلي تي بحث ڪرڻ بہ گوارا نہ ڪيو ويو.

سنڌ جي عظيم فرزند، ترقي پسند دانشور ۽ هارين جي مڃيل اڳواڻ ۽ سنڌ جي خودمختياري بحال ڪرائڻ لاءِ پنهنجو تن، من ۽ ڌن قربان ڪندڙ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو لکيل ڪتاب "ڏوهيءَ جو بيان" پيش ڪريان ٿو. منهنجو خاص مقصد سنڌ جي ترقي پسند سياسي ڪارڪنن کي اهو سمجهائڻ آهي تہ اسان جي قومي خودمختياري جي مسئلي کي نام نهاد ترقي پسند اڳواڻ ڪيئن سٺن ۽ سهڻن لفظن ۽ انقلابي نعرن جي پردي ۾ لڪائي ڇڏين ٿا. هن ملڪ جي جاتل سڃاتل رجعت پرست قوتن جي ارادن ۽ سازشن کان اسين سڀ واقف آهيون، پر ڏک اهو آهي تہ پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندڙ تنظيمون بہ ٿلهي ليکي ساڳي ڳالهہ ڪن ٿيون، ليڪن گهمائي ڦيرائي مقدس نعرن جي آڙ ۾. اسان چڱي طرح سمجهون ٿا تہ انقلاب انقلاب چوڻ سان انقلاب نہ ايندو ڇو تہ جيستائين اسانجي سماج جو صحيح ۽ سائنسي تجزيو نہ ڪبو ۽ انقلاب آڻيندڙ قوتن

جي سڃاڻپ نہ ڪبي ۽ انهي چنڊچاڻ مطابق سياسي حڪمت عملي نہ ناهبي تيستائين سوشلسٽ انقلاب نہ ايندو ۽ نہ ئي وري قومي جمهوري تبديلي ايندي. سائنس کي مذهب سمجهي سوشلزم سان شاعراڻي محبت ڪري يا گذريل انقلاب کان اڳ واري حڪمت عملي جيئن جو تيئن اختيار ڪرڻ سان ڪو بہ مقصد حاصل نہ ڪري سگهبو.

هاڻي تہ اهي نام نهاد ترقي پسند ڌريون سنڌ ۾ صفا واڪيون ٿي پيون آهن ۽ ڏسجي ٿو تہ سندن پروگرام توڙي حڪمت عملي ناڪام ٿيڻ سبب منجهن نہ رڳو نظرياتي اختلاف ٿي پيا آهن پر ڏسجي ٿو تہ هاڻي ڪين سندن پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ اعتبار ڪونہ رهيو آهي.

اهو مسئلو پاڪستان اندر پارلياماني جمهوريت واري مقصد جو هڪ حصو آهي، تنهنڪري سندن چوڻ مطابق جڏهن بہ عام چونڊون ٿيون. اسيمبليون وجود ۾ آيون ۽ پارلياماني جمهوريت بحال ٿي تہ سنڌ جو مسئلو خودبخود حل ٿي ويندو.

ٻيا دوست وري چون ٿا تہ سنڌ جو مسئلو هن علائقي ۾ آمريڪي سامراج جي بالا دستي ۽ ملڪي سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ انقلاب دشمن قوتن جي ڦرلٽ قائم رکڻ واري پاليسيءَ جو حصو آهي، تنهنڪري اهي دوست فرمائين ٿا تہ پاڪستان ۾ رهندڙ سڀني قومن جي مظلوم طبقن جي گڏيل جدوجهد ۽ سامراج دشمن محاذ ٺهڻ سان ئي سنڌ جو مسئلو حل ٿي سگهندو.

هاڻي اُهي سڀ ڌريون پاڻ کي ترقي پسند چورائين ٿيون. ڪيترا ئي سال اڳ ڪيترا ترقي پسند دوست سنڌ جي مسئلي جي موجود هجڻ کان ئي انڪار ڪندا هئا پر اڄ هن مسئلي کان انڪار ڪري نٿا سگهن ۽ اهوئي سبب آهي جو ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان سنڌ جي مسئلي جي موجود هئڻ جو اقرار ڪن ٿا. نہ رڳو ترقي پسند، پر هن ملڪ جون ڇاٽل سڃاتل رجعت پسند قوتون بہ اڄ اهو مڃين ٿيون تہ سنڌ ۾ قومي مسئلو برابر موجود آهي پر اهو ٻاهرين قوتن جو پيدا ڪيل آهي ۽ مسئلي کي هو وري انتها پسند هندن ۽ اسلام توڙي ملڪ دشمن ماڻهن جي سازش ڄاڻائين ٿا.

پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندڙ دوستن، جن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون، انهن جي حڪمت عملي آهي تہ ڪُل پاڪستان بنيادن تي

تنظيمون ٺاهي ۽ انهن جو گڏيل محاذ جوڙي، جمهوريت جي دشمن فوجي توڙي شهري ڊڪٽيٽرن سان جنگ وڙهي پاڪستان ۾ هاري، مزدور، شاگرد انقلاب آڻڻ سان ئي سيني قوميتن جا مسئلا حل ڪري سگهبا. منهنجي چوڻ مطابق جيڪڏهن انهي رستي کي ڇڏي ٻيو ڪو طريقو اختيار ڪيو ويو تہ عوام جي طاقت ورهائجي ويندي ۽ عام ماڻهن جي پاڻ ۾ ويڙهہ شروع ٿي ويندي. پاڪستان ۾ اها پاليسي اڳ بہ اختيار ڪئي ويئي هئي ۽ مختلف وقتن تي موجود ڊڪٽيٽرن خلاف گڏيل محاذ ٺاهي، ڪانفرنسون توڙي تحريڪون هلايون ويون آهن.

ايوب خان جي ڊڪٽيٽرشپ ختم ڪرڻ لاءِ جمهوري مجلس عمل (D.A.C) وجود ۾ آئي. يحيٰ جي ڊڪٽيٽرشپ خلاف پهرين متحده جمهوري محاذ (U.D.F) ۽ پوءِ پاڪستان قومي اتحاد (P.N.A). جنرل ضياء 1973 جي آئين ۾ ترميم ڪري شريعت ڪورٽ کان اهو فيصلو ورتو تہ وڏي زميني اسلام ۾ جائز آهي ۽ پوءِ اُن کي تحفظ ڏيئي، هارين سان وڏي ناانصافي ڪئي هئي. ۽ ان کان پوءِ وري جنرل ضياءَ جي ڊڪٽيٽرشپ خلاف 1973ع جو آئين بحال ڪرائڻ ۽ انهي آئين تحت چونڊون ڪرائڻ لاءِ جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ(M.R.D) قائم ڪئي وئي، مگر صحيح معني ۾ جمهوريت بحال نہ ٿي سگهي. جمهوريت لاءِ سنڌي ماڻهن ۾ اڳواڻن وڏي قرباني ڏني . مهذب ملڪن ۾ جمهوريت ٻي آهي، هن ملڪ ۾ آمريت جمهوريت جو روپ ڌاري ڇڪي آهي. ڇو جو هن ملڪ جون واڳون وڏيرن، جاگيردارن، سردارن، پيرن، آفيسر شاهي ۽ فوج وٽ آهن. جن ملي جمهوريت جي روح کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. باباءِ سنڌ جمهوريت خاطر جيل ۾ قيد ۾ بند رهيو ۽ سندس ساٿي بہ جيل جون سختيون ڀوڳيندا رهيا ۽ قربانيون ڏيندا رهيا. هن ملڪ اندر انصاف نہ مليو ڪورٽون آزاد نہ آهن، عام ماڻهوءَ کي انصاف نٿو ملي ۽ 1940 جي قرارداد جي مطابق قومن کي برابري ۽ مساوات جا حق حاصل آهن. پر رياست طرفان مڪمل خودمختياري جا جيڪا واعده ڪيا ويا هئا، انهن جو انحراف ڪري نندين قومن کي حق نہ ڏنا ويا ۽ هن ملڪ ۾ اجان تائين جمهوريت نہ اچي سگهي آهي، هي ملڪ ترقي نہ ڪري سگهيو آهي.

ڪجھ وقت کان اسان اهو بہ ڏسون پيا تہ اهي نام نهاد ترقي پسند دوست سنڌجي انهن فرزندن جو سهارو وٺي رهيا آهن، جن سنڌ وطن جي آزاديءِ، سنڌي ماڻهن جي عزت ۽ وقار کي نہ رڳو پنهنجو نظريو پر پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻايو. انهن قومي مجاهدن ۽ سرفروش فرزندن مان سنڌ جي هڪ مجيل سپوت باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو نالو خاص طور استعمال ڪندا پيا اچن. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي جدوجهد سونهري اکرن ۾ لکي ويندي ۽ ان کي جيستائين سنڌ هوندي تيستائين ياد ڪيو ويندو. جو ڪامريڊ جي سچائي ۽ ڪامريڊ جي بهادري جي سبب سڄي سنڌ هن کي ياد ڪندي ايندي پئي آئي آهي. سنڌ جا قومپرست، قومي خودمختياري لاءِ جنگ وڙهندڙ اها ڳالهہ سمجهي نٿا سگهن.

انهيءَ ڳالهہ کي، يعني قومي خودمختياريءَ جي مسئلي کي وڌيڪ صفائي ۽ چٽائيءَ سان بيان ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي طرفان باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي لکڻين تي ٻڌل هي ڪتاب "ڏوهيءَ جو بيان" اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون تہ جيئن اسانجا ساٿي ۽ عام سياسي ڪارڪن پاڻ پڙهي اهو اندازو لڳائي سگهن تہ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي سوچ، سمجهہ ۽ علم ۽ عمل ۽ هنن نام نهاد همراهن جي قول ۽ فعل توڙي سياسي پروگرام ۽ حڪمت عمليءَ ۾ ڪيترو فرق آهي.

باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي جي شخصيت، ڪردار ۽ سندس سياسي عمل کان هر سنڌي واقف آهي. اسين سنڌ جي هن عظيم سرفروش فرزند جو نالو سنڌي قوم جي قومي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي خلاف استعمال ٿيڻ ڪڏهن بہ نہ ڏينداسون.

هن ڪتاب ۾ شامل لکڻين ۾ "سنڌ سان نا انصافي" ۽ پاڳو پهريون ۽ ٻيو "اڃو تہ پاڪستان کي بچايون". اُن باباءِ سنڌ جيڪا سنڌ سان اُن وقت تائين ناانصافي ٿي هئي، اُن کي انگن اکرن سان پيش ڪيو آهي ۽ سنڌ سان هر ظلم ۽ ناانصافي خلاف لکيو آهي. باباءِ سنڌ ڪامريڊ 63 سال اڳ جن حالتن خلاف لکيو هو سي اڄ بہ ساڳئي طرح سنڌ ۾ موجود آهن. اسانجو حقيقي نعرو "جيئي سنڌ"، "جيئي سنڌ" جام محبت پيئي سنڌ آهي. اڄ هر

سنڌي اهو محسوس ڪري ٿو تہ بقا جي جنگ وڙهڻ يا هميشہ ختم ٿي وڃڻ ڪانسواءِ ڪا ٻين راهہ اسان سنڌين لاءِ نہ آهي.

انهيءَ ڪري اچو تہ پنهنجي بقا جي جنگ وڙهون هميشہ ختم ٿي وڃڻ اسان کي هرگز قبول نہ آهي. هٿيار ڦٽا ڪرڻ يعني Capitulation يا غلامي قبول ڪرڻ واري پاليسي اسان رد ڪريون ٿا. پوءِ ڇو نہ اها ڳهڙي بہ مقدس نظريي تحت اسان جي اڳيان پيش ڪئي وڃي.

ڪي ڳالهيون باباءِ سنڌ ڪامريڊ خيرسڱاليءَ جي جذبي تحت ڪتابن ۽ پمفليٽن ۾ ڇپيون آهن. جيڪي ٽيهٽ سال اڳي ئي ڇپجي چڪو آهي، پر پاڻ سنڌ جي آزادي، خودمختياري جي سوال کي جيڪا اهميت ڏيندو هو ۽ جيڪا اهميت انهيءَ سوال کي پنهنجي پمفليٽن ۾ ڏني اٿس ۽ جهڙي ڇٽي ۽ ڪليل سوچ سنڌ متعلق سندس هئي، تنهن کي محسوس ڪندي يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ڪامريڊ قومي ۽ طبقاتي تحريڪن جو روح هو ۽ سنڌ جو قومي ادارو هو.

انقلابي تمنائن سان

ڪامريڊ اظهر جتوئي

صدر

سنڌ هاري ڪاميٽي

مهاڳ

پيار ۽ پنهنجائپ مان "باباءِ سنڌ" سڏجندڙ حيدر بخش جتوئي پختي ويساهہ ۽ نهٺائيءَ سان بين الاقواميت پسندي تي ثابت قدم رهيو. هُن آڏو بين الاقواميت پسندي جو مطلب قومپرستيءَ کان لاتعلقي نہ رهيو. هُن آڏو پنهنجي گهر ۽ ديس جو تحفظ ۽ پيار انساني معاشري ۾ سمورن اَجهن جو بچاءُ ڪرڻ هو. هُو پنهنجي آخري پساهن تائين عام ماڻهوءَ جي ڀلائي ۽ ڪمزور ۽ محروم ماڻهن جي آزادي لاءِ پتوڙيندو ۽ عذاب سهندو رهيو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، هڪ حوالي سان مذهبي ماڻهو هو جنهن سمورن مذهبن کي هڪ جيتري مڃتا تي ڏني. هُن سمورن مذهبن کي سچ کي اعليٰ قدر ڏيندڙ ۽ پاڀوهہ ۽ خدمت کي سماجي گُڻ سمجهندڙ تي ليکيو پر سمورن بنيادي جوڙجڪ رکندڙ مذهبن کي اعليٰ سماجي گڻن کي مڃاهون مان ڏيڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ کان پرڀرو ڏسندي، سندس اندر جي روشن خيال انسان هڪ سيڪيولر معاشري جي شهريءَ طور پنهنجي زندگي گهارڻ کي ترجيح ڏني، ان جي نتيجي ۾ ڪيس پاڪستان ۾ همٿائي ويندڙ ڇسي ۽ هڪ غير سيڪيولر ماحول مان سخت ۽ تلخ ردعمل جو منهن ڏسڻو پيو. انهيءَ رويي جو اظهار پاڪستان جي جمهوريت دشمن، بت پرست ۽ فرقيوارانہ سياست مان پلي پت تئي تو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي پياري ماتر ڀومي سنڌ ۾ هڪ انتهائي مختلف سياسي ۽ ثقافتي وايو منڊل پئي رهيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ اها دشمنن جي اک جو ڪنڊو ۽ سنڌن مفادن جي اڏيءَ تي قرباني جو ٻڪر بڻجي وئي. سمورين خدمتن ۽ قربانين جي باوجود ان جو مرڪزي شهر ڪراچي ان جي وجود کان ڇني ڌار ڪيو ويو. سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ نيڪالي ڏني وئي، سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي ادارن مان تڙيو ويو. سنڌ جون زرخيز زرعي زمينون ۽ شهري ملڪيت ڦري لٽي وئي، ماڻهن سان مت ڀيد اختيار ڪيو ويو. آزاديءَ کي گهٽيو ويو ۽ آئين ساز اسيمبلي برطرف

ڪئي وئي، اهو سڀ ڪجهه 23 مارچ 1940ع واري پاڪستان ٺهراءُ تحت خودمختيار ۽ آزاد ايڪن تي بدل هڪ وفاقي ملڪ جي شڪل اختيار ڪرڻ جو وعدو ڪيل ملڪ ٺهڻ جي شروعات اڌ درجن سالن اندر ئي هڪ بئي پويان پيش آيو. 1946ع ۾ ايسوسئيٽيڊ پريس آف آمريڪا کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ قائد اعظم مستقبل جي پاڪستان جو نقشو ڪجهه هن ريت چٽيو هو:

"پاڪستان جو نظريو" سندس چوڻ هو" ضمانت ٿو فراهم ڪري تہ وفاقي يونٽ کي اها سموري خودمختياري حاصل هوندي، جيڪا اوهان کي آمريڪا، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا جي آئينن ۾ ٿي نظر اچي. هر فيڊرل رياست يا صوبي جو پنهنجو قانون ساز انتظامي ۽ عدالتي سرشتو هوندو..."

پاڪستان 1947ع ۾ قائم ٿيو. آڪٽوبر 1954ع ۾ غرور هٿان انڌي ۽ تڏا ويڙهجي ويل پنهنجي اڳوڻن برطانوي آقائن جي سامراجي قوت کي پنهنجي اختيارن جو سونهون ليکيندي پاڪستان جي طالع آزما گورنر جنرل غلام محمد هڪ منصوبي تحت اولهہ پاڪستان جي رهواسين کي هڪ جاءِ تي سوگهو ڪندي، ون يونٽ جو ڳٽ متعارف ڪرايو. اهو منصوبو 29 ڊسمبر 1930ع تي آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪورم کان وانجهيل (ستر کان گهٽ عيوضين جي حاضري) ساليانى اجلاس ۾ اقبال جي صدارتي تقرير دوران ڪيل پنهنجي "سپني" جو عملي اظهار هو. انهي تقرير ۾ هن چيو هو:

"ذاتي طور تي آءٌ پنجاب، اتر اولهہ سرحدي صوبي سنڌ ۽ بلوچستان کي هڪ رياست ۾ ڏسڻ چاهيندس، برطانوي سلطنت اندر يا ان کان سواءِ سگهاري اتر اولهہ مسلمان رياست جي جوڙجڪ منهنجي آڏو مسلمانن گهٽ ۾ گهٽ اتر اولهہ هندستان جي مسلمانن جو حتمي ڀاڳ نظر ٿي اچي."

پنهنجي انهيءَ خيال جي اڳوات حمايت حاصل ڪرڻ واسطي انهيءَ اجلاس کان هڪ مهينو اڳ 23 نومبر 1930ع تي اقبال لاهور ۾ پنهنجي صدارت هيٺ مختلف 23 مسلمان اڳواڻن کي گڏ ڪري هيٺين لفظن ۾ گڏجاڻي جا مول متا بيان ڪيا:

"هاڻوڪين حالتن جي پيش نظر اهو انتهائي ضروري آهي تہ اسلامي حق حاصل ڪرڻ واسطي پنهنجو پاڻ کي منتظم ڪرڻ لاءِ اتر اولهہ سرحدي صوبي، بلوچستان سنڌ ۽ پنجاب جي عيوضين جي شرڪت کي يقيني بڻائيندي اتر (Upper) هندستان جي مسلمانن جي هڪ خاص ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي."

اقبال جي انهيءَ "سپني" سان ٺهڪندڙ هڪ برطانوي ڪرنل ٻين مهاڀاري لڙائيءَ جي پڄاڻيءَ تي زميني رستي ذريعي يورپ ويندي ڪوئيٽا ۾ پنهنجي ميزبانن آڏو ڦاٽ ڪاڏو ته هن برطانوي حڪومت کي رٿيو آهي ته سندن هندستان مان واپسي مهل اتر اولهه ۾ هڪ مسلمان رياست جوڙي وڃي ۽ ڪيس پڪ هئي ته ڪيس اهڙي رياست اولهه جي مفادن سان ٺهڪاءُ رکندي. ان کان به اڳ ولفرڊ سيون نالي هڪ برطانوي صحافي جنهن 1883-84 دوران هندستان جو دورو ڪيو ۽ اتر ۾ مسلمانن جي ۽ ڏکڻ ۾ هندن جي ٻن حڪومتن جي وڪالت ڪئي، جنهن ۾ سول انتظاميا، قانون سازي ۽ مالي مامرا ته مقامي ماڻهن وٽ هجن ها پر تعينات ٿيل فوجي طاقت برطانيا وٽ ئي هجي ها.

اتر اولهه هندستان تي برطانوي قبضي مهل موجود اهم پنجابي حڪمران مهاراجا رنجيت سنگهه نه رڳو سنڌ سميت پنهنجي پاڙيسرين تي ميري اک رکيو وينو هو. پر سنڌ جي چڙهائيءَ جي تياري به ڪئي هئائين. انهيءَ مهم جوئيءَ کان برطانوي هٿيارن جو ڊپ ئي هٽائي سگهيو هو.

برطانوي حڪمرانن هندستان ۾ پنهنجي آمد مهل هتان جي ٻن اهم مذهبي برادرين هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ معمولي نوعيت جا اختلاف پروڙيا ۽ پنهنجي جٽ ڪٽ آزمايل "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" واري فارمولي تحت ٻنهي برادرين وچ ۾ ويڇا وڌائڻ جو عمل شروع ڪيو. نتيجي طور هندستان واسين لاءِ سياست اعتدال کان وانجهيل ۽ جمهوريت انسان دشمنيءَ جو روپ اختيار ڪيو. يورپ ۾ عمل هيٺ جديد جمهوري ورثاءُ ۽ پرامن سياست جا سمورا وهنوار ڏار چونڊ سرشتي جي صورت ۾ لاڳو ڪيا ويا، جنهن تحت 1946ع وارين عام چونڊن ۾ ڪل بالغ آبادي جو ٻارهن کان تيرهن سيڪڙو ئي ووٽ ڏيڻ جي اهل ليکيو ويو. انهيءَ ورثاءَ ماڻهن لاءِ فقط هڪ ئي متبادل ٿي سامهون آندو جيڪو جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جي اصول بدران مستقل ٽڪراءُ تي ٻڌل هو . جنهن يقيني طور تي پرڏيهي آقائن، سندن چونڊيل صاحبن ۽ مقامي عملدارن کي مفادن کي هٿي ٿي ڏني. جن هندو ۽ مسلمان عوام وچ ۾ اشتعال پيريا جذبا اُڀاري پنهنجي راڄ کي دوام ٿي بخشيو.

اهڙي ماضيءَ ۽ حال جي پيش نظر ۽ پنهنجو پاڻ کي اختيار جو منبع طور ڏسندي ڪاموري کان گورنر جنرل تائين جو سفر طئي ڪندڙ غلام

محمد ون يونٽ جي منصوبي ذريعي اقبال جي تصوراتي رٿا کي عملي جامو پهرائڻ ڏانهن پهريون قدم کنيو ۽ ان منصوبي ۾ ڪنهن به قسم جي اخلاقي يا سياسي رڪاوٽ نه آڻڻ لاءِ سنڌ ۾ هڪ اهڙي ماڻهو کي تعينات ڪرڻ جو فيصلو ڪيو جيڪو سنڌ مفادن جو تحفظ ڪري. ان ڏس ۾ سندس پهرين چونڊ ڪنهن وقت سنڌ جو فولادي انسان خان بهادر محمد ايوب کهڙو هو جنهن کي پاڪستان جي اعليٰ ترين عدالتي اداري به پيرا ڪيس هلائي سزا ڏئي هئي ۽ جيڪو ان وقت تائين خود غلام محمد جي حڪم تحت ڪوبه سرڪاري عهدو ماڻڻ کان نااهل بڻيل هو. ان هوندي به همراهه کي معاف ڪري، سنواري، ليس ڪري سنڌ جو وڏو وزير بڻايو ويو. سندس نائب طور جنهن ٻئي شخص جي چونڊ ڪئي وئي، سو تيز ترار ۽ اڳتي وڌڻ جي انڌ جو شڪار پير علي محمد راشدي هو. انهن ٻنهي جو پهريون نوس عمل سيفٽي ايڪٽ آف پاڪستان تحت جي. ايم سيد جي گرفتاريءَ جي رٿابندي هو. هنن اهو چٽي پنهنجو مقدمو تيار ڪيو ته جيستائين جي. ايم سيد آزاد هوندو سنڌ جي قانون ساز اسيمبلي کان ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ حاصل ڪرڻ ممڪن نه بڻبو. احتياطي تدبيرن يا ڪنهن ٻئي حوالي سان راشدي انهيءَ ڪيس جا ڪاغذ تيار ڪيا، هن جنهن نئين نڪور ٽائيپ رائٽر تي ان ڪيس جا ڪاغذ تيار ڪيا، سو پنهنجي زندگيءَ جي اهم ترين تمغي طور سدائين پاڻ وٽ محفوظ رکيائين. اهو ڪندي هنن هڪ بي جان مشين کي هڪ تاريخي ڇهاءُ ڏنو اُهو نه ڄاڻيندي ته اهو عمل ڪندي هنن تاريخ آڏو پنهنجو پاڻ کي عوام ۾ ماتر پومي جو دروهي، ڪانئر ۽ دوکي باز ثابت ڪيو آهي.

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي نومبر ۽ ڊسمبر 1954ع وارن ٻن مهينن دوران "سنڌ سان ناانصافي" ۽ "اڇو ته پاڪستان کي بچايون" جي سري هيٺ ٻه مڪمل مضمون لکي هيٺين عنوانن تحت ٽن پمفليٽن جي صورت ۾ شايع ڪرايا:

1_سنڌ سان ناانصافي پاڱو پهريون جنوري 1955ع تي شايع ٿيل.

2_ "سنڌ سان نانصافي" پاڱو ٻيو ۽ "اڇو ته پاڪستان کي بچايون" پاڱو پهريون، 15 ڊسمبر، 1954ع تي شايع ٿيل.

انهن ٽنهي پمفليٽن تي آڏاريل سندس ڪيل ڏوهن جي حوالي سان ڪامريڊ پنهنجي "جوابدارن جو جواب "جي پيراگراف نمبر 85 کان 89 تائين مختصر طور هن ريت بچاءُ ٿو ڪري:

پمفليٽ نمبر 1:

هُو چوي ٿو تہ اهو سنڌ خلاف هڪ غلط عمل ۽ ناانصافي هئي. ڪنهن بہ عقل پرئي فرد کي اهو لفظ بہ لفظ پڙهڻ سان پتو پوندو تہ ان ۾ ڏوهاري نوعيت جي ڪابہ ڳالهہ ڪيل ناهي بلڪ اهو تہ سرڪاري حوالن تي ٻڌل دليلن سان پريل آهي. اهو گهٽي ياڳي هڪ سنڌي کهڙي کي مخاطب ڪيل آهي، جنهن ۾ پنجابي ٽولي جو ورلي ئي ذڪر ڪيل آهي. اُبتارجي ڪنهن بہ حوالي سان ان پمفليٽ کي عمومي طور تي پنجابين خلاف ليکي يا سنڌين ۽ پنجابين وچ ۾ طبقاتي منافقت پيدا ڪندڙ نٿو ليکي سگهجي.

پمفليٽ نمبر_2:

انهيءَ پمفليٽ جو هر پيراگراف ڏاهپ، انصاف، سچائي ۽ مناسب ورتاءَ جي اپيلن ۽ حقيقتن جي حوالن تي آڌاريل آهي. اهو ون يونٽ جي بانين طرفان پيش ڪيل ڪجهہ دليلن جو تجزيو ڪندي، انهن کي رد ٿو ڪري، ان ڪان سواءِ اهو پمفليٽ ڪي اهڙيون مثبت رٿون ٿو ڏئي، جنهن زرعي ون يونٽ جي اُگرن نتيجن کي ٽاري سگهجي ٿو.

پمفليٽ ۾ آئين ساز اسيمبلي جي ختم ڪرڻ واري عمل ۽ گورنر جنرل جي وڪيل طرفان ان ڏس ۾ اختيار ڪيل موقف کي جمهوريت جي مفادن ۽ پاڪستان جي آزاديءَ جو مخالف ليکيو ويو آهي.

پمفليٽ نمبر_3:

منهنجو ٽيون پمفليٽ پهرين جنوري 1955ع تي شايع ٿيو ۽ ان موضوع تي بحث جاري هو. منهنجي موقف جي تائيد 9 فيبروري 1955ع تي چيف ڪورٽ جي فل بينچ جي ڏنل فيصلي مان پڻ ٿئي ٿي، جنهن جا ڪجهہ ٽڪرا "پاڪستان لا ڊائجسٽ" سنڌ 1954ع جي حوالي سان هت ڏيان ٿو.
(اهي ٽڪرا / حوالا 23 صفحن تي پکڙيل آهن)

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سچ ۽ انصاف لاءِ ويڙهہ جو هڪ اٽل سپاهي هو. جنهن جو پختو ويساهہ هو تہ فقط استحصال جا شڪار ۽ مظلوم

ئي معاشري ۾ انصاف ۽ سچ جو منهن مٿاهون ڏسڻ چاهين ٿا. هُن پنهنجي سامهون ايندڙ غلط ڪارين جي قوتن سان مهاڏو اٽڪائڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ وڃايو. ان واسطي هُن سمورن لاڳاپيل فردن ۽ ڌرين کي پنهنجو ساٿي بنائڻ. ناانصافي ۽ ڪوڙ دولاب کي مڪمل طور واڱکو ڪرڻ لاءِ سدائين قانوني ۽ آئيني واٽ اختيار ڪئي تہ جيئن غلط عملن کي بنجو ڏيندي، انهن آڏو مستقل ۽ جٽادار بند ٻڌي سگهجي. عوامي جذبن کي اُڀاريندي، عوامي مرضيءَ کي منظم ۽ متحرڪ ڪندي کين گونجندڙ ۽ اڻ جهڪندڙ آواز فراهم ڪندي، امن ۽ قانون جي قوتن کي سندن ساٿاري بڻائيندي، هن سدائين هٿيارن بدران ڳالهايل ۾ شايع ٿيل لفظن تي انحصار ڪيو تہ جيئن معاشري جي انساني مامرن تي ذهن ۽ دليون تبديل ڪندڙ دليلن جي سگهہ سان ويڙهہ ۾ سوڀارو ٿي سگهي.

ان ڏس ۾ ڪامريڊ هٿ ۾ قلم جهلي لفظن جي هڪ شاندار الٽ ڪندڙ ۽ کين موتين وانگر پوئيندڙ ٿو نظر اچي، جيڪو ڏاهپ ۽ منطق کي اهڙي ريت استعمال ٿو ڪري جو انساني معاشرو سمورن ٻرندڙ تضادن کي جهڪو ڪندي امن، خوشحالي ۽ ڏاهپ جي واٽ تي ايڪتا ۽ سمجهہ زرعي اڳتي وڌڻ جو سعيو ڪري.

ڪامريڊ سماجي ڳڻن جي ترويج واري پنهنجي سموري عملي ڪم دوران پمفليٽ لکڻ ۽ انهن کي شايع ڪرائڻ تي انحصار ڪيو. سندس کاتي ۾ ڪتابن، شاعري، اخباري مضمونن، ناٽڪن، اختياري وارن آڏو درخواستون ڪرڻ سان گڏوگڏ 27 انگريزي ۽ 16 سنڌي پمفليٽ شامل آهن. ان ريت هو دنيا جي اهم ترين پمفليٽ لکندڙن جهڙوڪ مارٽن لوٿر ڪنگ، ٿامس پيني، والٽئرز ۽ انگرسول جي صف ۾ ٿو شامل ٿئي.

هڪ گرم جوش دل رکندڙ بزرگ دوست ايم.ايچ پنهور، جيڪو ڪامريڊ کي ويجهڙائپ کان سڃاڻيندو هو. کان جڏهن ڪامريڊ جي زندگيءَ جي اهم واقعن بابت پڇيو ويو تہ هُن هيٺين لفظن ۾ هڪ من کي ڇُهندڙ ڳالهہ ڪئي.

"1957ع ڌاري آءٌ اولهہ پاڪستان جي زرعي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اي.ايم شيخ سان گڏجي اولهہ پاڪستان حڪومت جي آبپاشي واري تڏهوڪي وزير قاضي فضل الله سان سندس لاهور واري رهائش گاهہ تي ملاقات لاءِ

پهتس. ڪا اهم شخصيت ساڻس ملاقات لاءِ آيل هئي، سو اسان کي اڱڻ ۾ ويهي شربت پاڻي پيئندي پنهنجو انتظار ڪرڻ جو نياپو موڪليائين.

سنڌس ملاقاتي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو چيف جسٽس منير هو. سنڌس موڪلائڻ کان پوءِ قاضي فضل الله اسان کي ٻڌايو تہ جسٽس منير ڪيس حيدر بخش جتوئيءَ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ چيو. ڇاڪاڻ جو هن پنهنجي پمفليٽ "جمهوريت ۽ چيف جسٽس جو انصاف" ۾ مولوي تميز الدين مخالف گورنر جنرل ڪيس جي ڏنل فيصلي بابت جسٽس منير تي چوٽ چنڊيا آهن. انهيءَ فيصلي ۾ جسٽس منير گورنر جنرل غلام محمد طرفان 1954ع واري آئين کي معطل ڪرڻ واري فيصلي کي جائز قرار ڏنو هو. حيدر بخش جتوئي انهيءَ فيصلي خلاف سگهارا دليل پيش ڪيا هئا ۽ ان پمفليٽ جي هڪ ڪاپي جسٽس منير کي اماڻي هئائين. تہ جيئن انهيءَ ڪتاب جي شايع ٿيڻ کان اڳ ئي جيڪڏهن گهربل هجي تہ سنڌس (ڪامريڊ) خلاف ڪارروائي ٿي سگهي. جسٽس منير مون کي (قاضي) حيدر بخش جتوئيءَ کي ڪنهن ڏوهاري ڪيس ۾ ملوث ڪرڻ جي درخواست ڪئي، پر مون ڪيس مشورو ڏنو تہ بهتر ٿيندو تہ هو سنڌس خلاف توهين عدالت واري ڪارروائي ڪري. ان تي جسٽس منير جو چوڻ هو تہ توهين عدالت واري ڪارروائي شروع ڪرڻ لاءِ پهرين تہ ڪيس شڪايت درج ڪرائڻي پوندي جنهن جي ٻڌڻي ڪي ٻيا جج ڪندا ۽ ان ڪارروائي دوران ڪيس پنهنجي فيصلي جو بچاءُ ڪرڻو پوندو. هو نٿو چاهي تہ ٻين ججن جو رويو ڇا هوندو. خاص طور تي عوامي رد عمل جي اظهار کان پوءِ مامري جي انهيءَ پهلو کي هڪ پاسي رکندي مقامي ۽ بين الاقوامي سُڌ سماءُ جي ذريعن ۾ ڪي هاڃيڪار رپورٽون بہ شايع ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪيترائي وڪيل فقط مزو ۽ شهرت ماڻڻ لاءِ جوابدار سان گڏجي سگهن ٿا. مون (قاضي) جسٽس منير کي ياد ڏياريو تہ حيدر بخش جتوئيءَ سان گڏريل ڏهن سالن کان سنڌس ذاتي ۽ سنڌس پارٽيءَ جا اختلاف پئي رهيا آهن پر ڪنهن بہ موقعي تي هنن حيدر بخش جتوئيءَ کي ڪنهن ڏوهاري ڪيس ۾ ڦاسائڻ جو سوچيو ئي ناهي ۽ نہ وري هاڻ اهو ڪنداسين. اسين پنهنجي وٽرن، سنڌي ساڃاهہ وندن ۽ مقامي سُڌ سماءُ جي شديد تنقيد کان بچي سگهون ٿا. حيدر بخش جتوئي پنهنجي سر هڪ پلو دانشور، بي ڊپائتو

ليڪڪ ۽ مقرر آهي، جنهن کي معاشري ۾ شاندار عزت ۽ ميڄتا حاصل آهي.
ان ڪري سندس خلاف ڪو ڏوهاري ڪيس داخل ڪرڻ چسو عمل ٿيندو ۽
ان کان پوءِ اسين سنڌ ۾ عزت سان رهي به نه سگهنداسين."

حيدر بخش جتوئيءَ جي باقراڻي ضلعي لاڙڪاڻي پرسان آبائي زمين هئي ۽ انهن ڏينهن ۾ هو اڪثر ڪنهن نه ڪنهن سرڪاري ڪم سانگي مون سان ملاقات ڪندو هو. سندس ايندڙ ملاقات دوران مون ڪيس اها ڳالهه ٻڌائي. پنهنجي طرفان ڳالهه جي تصديق ڪندي ٻڌايائين ته مون جسٽس منير کي پنهنجي پمفليٽ جي پهرين ڪاپي اُماڻي ڪيس ٻڌايو ته جيڪڏهن هُن ڪجهه هفتن اندر ئي سندس خلاف ڪو قدم نه کنيو ته هو اهو پمفليٽ جاري ڪري ڇڏيندو. وٿائنس ڪا موٽ نه ملڻ تي ڪجهه مهينن کان پوءِ اهو پمفليٽ جاري ڪري ڇڏيم. قاضي فضل الله ڏانهن به انهيءَ پمفليٽ جي هڪ ڪاپي اُماڻي هئم. وڪيل طور ڪيس پتو هو ته اهو جسٽس منير تي کهڙي ريت اثر انداز ٿي پئي سگهيو.

ڪجهه هفتن کان پوءِ حيدر بخش جتوئيءَ انهيءَ پمفليٽ جي هڪ ڪاپي مون ڏانهن پڻ اُماڻي، جيڪا اڄان تائين پمفليٽن، ڪتابچن ۽ ڪتابن جي منهنجي خانگي ذخيري ۾ موجود آهي.

پنهنجي ڳالهائڻ ۽ سوچ ۾ بي پرواهه انسان جي هڪ ٻئي گڏيل دوست حفيظ قريشي ڪامريڊ جتوئيءَ جي زندگيءَ جو هڪ واقعو هن ليکڪ سان سليو، جيڪو پڻ شاندار سبق آموز هو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ، جون 1960ع ۾ سنڌ جي ضلعن ۾ ناانصافي تي ٻڌل زرعي ٽئڪس جي سري هيٺ انگريزيءَ ۾ هڪ پمفليٽ جاري ڪيو. اهو پمفليٽ ون يونٽ دوران سنڌ جي ۽ پنجاب جي زرعي زمينن ۾ محصول جي فرق تي هڪ احتجاج هو. مارشل لا اختيارين هڪدم اهو پمفليٽ ضايع ڪري ڇڏيو ۽ ليکڪ کي گرفتار ڪري، ڏنڊا ٻيڙيون هڻي بلوچستان جي هڪ جيل ۾ بند ڪيو ويو. جيل اندر ڪيس هلائڻ لاءِ هڪ فوجي ڪورٽ قائم ڪئي وئي. بلوچستان جي هڪ نامياري وڪيل ڪنهن دور ۾ جناح جو سڄو هٿ سمجهيو ويندڙ مسلم ليگي قاضي عيسيٰ انهي "ڪيس ۾ حيدر بخش جتوئي" طرفان ڪورٽ آڏو پيش ٿيو.

حفيظ قريشي هڪ وڪيل دوست ۽ سنڌ سان تعلق رکندڙ هڪ سياسي ڪارڪن طور تقريبن سمورين پيشين تي حاضري ڀري. قاضي عيسيٰ شروعات ۾ اها صلاح ڏني ته ڪامريڊ انهيءَ پمفليٽ جي اشاعت ۾ پنهنجي شموليت کان بنهه انڪاري ٿي وڃي. جيڪا ڳالهه ڪامريڊ کي قبول نه هئي. ان ڪيس جي آخري پيشيءَ تي قاضي عيسيٰ، استغاثا جي وڪيل جي زور ڀرڻ تي رٿيو ته ڪامريڊ ان پمفليٽ ۾ استعمال ڪيل سخت ۽ طيش ڏياريندڙ ٻوليءَ جي استعمال تي معذرت ڪري ڇاڪاڻ جو اِن پمفلٽ ۾ درج ڳالهيون حقيقتن جي حوالي سان بلڪل درست هيون ۽ ان صورت ۾ حفيظ قريشي پنهنجي ساٿيءَ کي هڪ آزاد فرد طور سنڌ واپس وٺي وڃي سگهندو. ڪامريڊ جتوئي اها رٿ ٺڪرائي ڇڏي. ان موقعي تي قاضي عيسيٰ ۽ پوليس جي وڪيل واري واري سان فارسي شعر جا مصرع پڙهيا:

1: نازک مزاج، آنہا تابِ سخن ندارد

2: باغی مزاج، اِینہا طرز سخن ندارد

ان سموري ناٽڪ جو حتمي نتيجو فوجي ڪورٽ طرفان ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کي ٽن سالن لاءِ پاڪستان جي خطرناڪ ترين جيل بلوچستان جي مچ جيل ۾ نظربند ڪيو ويو. انهيءَ جيل جي سختين ڪامريڊ جي صحت تي اهڙا اُگرا اثر وڌا، جو هو مرڻ گهڙيءَ تائين چاڪ نه ٿي سگهيو.

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئيءَ کي سنڌ ۾ عوامي مڃتا جو هڪ خاص مقام حاصل هو. سندس حياتيءَ جا ڪي پل ماڻهن لاءِ ديومالائي حيثيت رکن ٿا. مقصد سندس سچائي ۽ اورچائپ ضرب المثل بڻيل هئا. نهٺائي ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد ذريعي هُن پنهنجي ماڻهن لاءِ پنهنجو پاڻ کي هڪ سچي خدمتگار طور پيش ڪيو. هُن پنهنجو پاڻ کي نوجوان لاءِ هڪ اهڙي آدرشي انسان طور پيش ڪيو جيڪو پنهنجي سمورن عملن کي هڪ رخائتو بڻائي اڳتي وڌندو رهيو.

ڪامريڊ حيدر بخش جو "جوابدار جو جواب" پهرين ته 1956ع جي شروعات ڌاري سيشن ڪورٽ حيدرآباد آڏو ريڪارڊ ڪرايو ويو. جيڪو هاڻ ڪتابي صورت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

اهو بيان 246 صفحن تي پکڙيل ٽائيپ ٿيل هو. انگريزي ڪتاب ۾ اهو 371 صفحن تي پکڙيل هو. بيان جي مواد ۾ ڪا گھٽائي واڌ نہ ڪندي ان کي جيئن جو تيئن رکيو ويو آهي. پڙهندڙن کي سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچڻ جوڳو آهي. اهو اهڙي دلچسپ انداز ۾ بيان ڪيل آهي، جو پرهندڙ اُن کي هڪ پيري ۾ مڪمل ڪرڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندا. پهرين نظر ۾ انتهائي تفصيلي نظر ايندڙ انهيءَ بيان ۾ 250 قانوني حوالي وارا پيراگراف آهن.

پڙهندڙن جي ذهن ۾ هڪ سوال ضرور اُٿي ٿو سگھي تہ "ان ۾ هڪ ڳالهہ بار وجهندڙ آهي تہ ان جي پهرين صفحي کان آخر تائين هر مامرو سنڌ تي ئي ٿو اچي دنگ ڪري. اهو ڇا جي ڪارڻ؟"

پنهنجي ورائيءَ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي شايد اهو ئي چوندو تہ "منهنجو موضوع ۽ ان ۾ مون کي رتي برابر شڪ ناهي تہ اهو نہ رڳو مون کان پر اسان سمورن کان وڏو آهي تہ آءٌ پنهنجي موضوع سنڌ جي مامري کي ڪيئن ٿو ڏسان. آءٌ شعوري ۽ اڻ موٽ طور تي پنهنجي حياتي ان موضوع ۽ مقصد کي ارپيان ٿو. هر گذرندڙ پل سان آءٌ شعوري ۽ اڻ موٽ طور تي پنهنجي حياتي ان موضوع ۽ مقصد کي ارپيا ٿو. هر گذرندڙ پل سان آءٌ سمجهان ٿو تہ اهوئي انتهائي اهم، انتهائي ضروري ۽ حقيقي موضوع آهي. ڊگهي عرصي کان ان سان واڳيل رهيو آهيان، جڏهن کان پنهنجو پاڻ بابت ويچارڻ شروع ڪيو اٿم ۽ ڄاڻان ٿو تہ انهي طئي ڪيل سفر ۾ منهنجو پيچرو ڪنهن تير وانگر سڌو آهي ۽ اهو ڪنهن تير وانگر ئي ڪارائتو آهي. اهو ٿي سگھي ٿو تہ منهنجو تير اجان تائين گھربل حد تايئن تيز گھڙيل نہ هجي، سمورن شڪن، خامين کوٽين ۽ لاهن چاڙهن هوندي بہ آءٌ پنهنجي پنڌ جو پانڌيئڙو پئي رهيو آهيان ۽ هاڻ پڄاڻي مهل (55 سالن جي ڄمار تي رسي چڪو آهيان) انهيءَ جو بنيادي خاڪو هڪ روپ اختيار ڪرڻ لڳو آهي. شايد ان جو سبب منهنجي واتان "سنڌ" لفظ جو اُچارڻ آهي.

محمد ابراهيم جويو

10 مئي 1977ع حيدرآباد سنڌ

سنڌ سان ناانصافي

اسان جي ملڪ ۾ سچ ڳالهائڻ هڪ خطرناڪ عمل آهي، جنهن جي سزا ڏکهي عرصي واري سزا کان وٺي ڪنهن قاتل جي خنجر يا فائرنگ اسڪواڊ ذريعي موت پڻ ٿي سگهي ٿي. اهو به شڪ آهي جو اسان جي "اسلامي" رياست ۾ ڪنهن فرد کي سنگسار ڪري مارڻ جو وڏيڪ رحم دل طريقو اڃان اختيار نه ڪيو ويو آهي پر ان هوندي به جيڪڏهن هتي انسانيت جا ڪا رمق اڃان باقي آهي ته پوءِ سچ هر صورت ۾ بيان ڪرڻ گهرجي. 14 آگسٽ 1952ع تي يوم پاڪستان جي موقعي تي سڄي پاڪستان ۾ هزارن جي تعداد ۾ وڏن وڏن اکرن ۾ انگريزي ۽ اردو ۾ شايع ٿيل ۽ پتين تي لڳل پنهنجي تصوير واري پيغام ۾ اسان جي گورنر جنرل غلام محمد جو چوڻ هو ته:

"اسان کي ورثي ۾ مليل اوگڻن جي خاتمي لاءِ اخلاقي ۽ روحاني ڪيتر جي بهتريءَ لاءِ پائيدار ڪاوشون ڪرڻ ۽ متحد ٿيڻ جي اڳي کان وڏيڪ ضرورت هاڻ درپيش آهي."

14 آگسٽ 1953ع تي پنهنجي يوم پاڪستان واري پيغام ۾ سندس چوڻ هو " اڄ پوتاميل جو ڏينهن آهي، قومون تيستائين عظمت نٿيون ماڻي سگهن جيستائين سندن جيون ڪردار تي آڌاريل ناهي ۽ اهي ڏکيائين کي منهن ڏيڻ ۽ انهن تي فتح پائڻ جي صلاحيت نٿيون پيدا ڪن. ساڳي ريت جيڪڏهن محب وطني، روحانيت ۽ اخلاقي قدرن کي دنياوي مال مٽڪن ۽ دولت حاصل ڪرڻ تي قربان ڪيو ٿو وڃي ته پوءِ اهڙي قوم باقي نٿي رهي سگهي. اسان جو سياسي ڪيتر ڪردار جي ڪمزوريءَ جا اهڃاڻ ظاهر ڪري رهيو آهي ۽ ڪو نقص ڳولهڻ يا ڪو الزام مڙهڻ کان سواءِ آءٌ قوم کي درخواست ٿو ڪريان ته پاڪستان ٺاهڻ وارن آدرشن يا ان جي بنيادن کي

وڏيڪ سگهارو بنائيندڙ ۽ راهه ۾ ايندڙ ڏکيائين کي منهن ڏيڻ جو اسان کي اهل ڪندڙ ذريعن کي نظرانداز نه ڪيو وڃي. ذريعا به حتمي مقصدن جيترائي اهم آهن ۽ انهن جي نوعيت ماڻهن کي جوڙي يا تباهه ڪري سگهي ٿي. حتمي مقصد ڪنهن به ذريعي لاءِ جواز نه بڻجي سگهن ٿا ۽ نه ئي انهن کي بڻايو وڃي.

ڪردار مان غلام محمد صاحب جو يقيني طور تي مطلب خانگي ۽ عوامي ٻنهي ڪيترن ۾ ڪردار جو مظاهرو هوندو. سرڪاري/عوامي مامرن سان لاڳاپيل ڪنهن فرد جو ڪردار وڌيڪ اهم ٿو ٿئي ڇاڪاڻ جو ان جا وسيع عوام تي اُگرا نتيجا پئجي سگهن ٿا.

ان جي هوندي به انهيءَ ساڳي غلام محمد صاحب هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي سنڌ جو وڏو وزير بڻايو آهي، جنهن کي هن ملڪ (دنيا جي عظيم ترين مسلم رياست) جي سڀ کان وڏي ڪورٽ ڪيس هلائي سزا ڏني ۽ جنهن کي خود گورنر جنرل جي حڪم تحت ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو!

محمد ايوب کهڙي خلاف ٻيهرين پروڊا ڪيس ۾ بعد ۾ پاڪستان جو چيف جسٽس ۽ ملڪ جو قائم مقام گورنر جنرل بڻجندڙ مسٽر جسٽس عبدالرشيد وٽ الزام ثابت ٿيڻ ۽ سندس فقط ٽيڪنيڪل بنيادن تي بري ٿيڻ (ڪيس بيگناهه نه ڄاڻايو ويو) ۽ انهن عوامي سطح تي ڦاٽ ڦاٽڻ ڪان پوءِ به ايوب کهڙي طرفان پنهنجي طور طريقن کي بهتر ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ جو ذڪر ئي نٿا ڪريون، سندس خلاف آخري ڪيس دوران هيٺيان ٽي الزام ثابت ٿيا.

الزام نمبر 2:

درخواست گذار سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي هڪ بااثر ميمبر طور ۽ ان حيثيت ۾ سنڌ حڪومت جي ڪمن ڪارين جي نگراني واسطي پنهنجي سربراهيءَ هيٺ جوڙيل هڪ ڪميٽي جوڙيندي، پنهنجي حيثيت جو غلط فائدو ورتو ۽

(i) 16 نومبر 1950ع ڌاري محمد هاشم مريءَ جو سنڌ مينٽيننس آف پبلڪ سيفٽي ايڪٽ تحت نظربنديءَ جو حڪم نامو رد ڪرائڻ واسطي،

پنجاب رليف فنڊ ۾ الوحيد اخبار جا شيئرز خريد ڪرڻ واسطي مريءَ کان ڪراچي ۾ ڏهه هزار رپيا حاصل ڪيائين.

(ii) پنجاب رليف فنڊ يا الوحيد اخبار واسطي جمع ڪرائڻ بدران ڏهن هزار رپين جي اها سموري رقم خرد برد ڪري ڇڏيائين.

(iii) تڏهوڪي وڏي وزير قاضي فضل الله تي پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪندي 16 نومبر 1950ع تي محمد هاشم مريءَ جي نظربنديءَ جا آرڊر روڪرايائين.

الزام نمبر5:

"درخواست گذار جيڪب آباد ۾ سردار عزيز الله خان ۽ سندس پٽ جي قتل واري جاچ جي سلسلي ۾ گرفتار ٿيل پنهنجي دوست سردار خان کوسو ۽ پير محمد شاهه واسطي پنهنجي سرڪاري حيثيت جو ناجائز استعمال ڪيو."

"درخواست گذار شريف خان آءِ جي پوليس کان ڪيس جي جاچ ڪرڻ جي ذميواري واپس ورتي ۽ گهرو معاملن واري وزير جي حڪمن تحت سندس جيڪب آباد روانگي کان فقط ٻه ڏينهن پوءِ نومبر 1951ع تي وائرليس ذريعي ٻه پيغام اُماڻي کيس پهرين ميسر ريل گاڏي ذريعي ڪراچي واپس موٽڻ جي هدايت ڪئي. سندس آمد تي درخواست گذار کيس ڄاڻايو تہ کيس حُرن جي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه واسطي گهرايو ويو آهي ۽ هو ڪجهه ڏينهن جي آرام کان پوءِ 14 تاريخ تي ٻيهر ساڻس ملاقات ڪري. اصل ۾ حُرن واري صورتحال تي غورويچار واسطي گڏجاڻي 23 نومبر 1951ع تي ڪوٺايل هئي."

"درخواست گذار پنهنجي هڪ پسنديده عملدار ڊي آءِ جي سنڌ پوليس رفيع الدين کي ان ڏس ۾ جاچ جاري رکڻ جا 5 نومبر 1951ع تي آرڊر جاري ڪيا."

"آخرڪار درخواست گذار ضلعي مئجسٽريٽ جيڪب آباد ۽ آءِ جي جيل سنڌ کي پيغام اماڻي سردار خان کوسو ۽ پير محمد شاهه کي حيدرآباد جيل بدلي ڪرايو جتان سردار خان کوسو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ انهيءَ آڌار کيس ضمانت تي آزاد ڪيو ويو".

الزام 7:

حڪومت پاڪستان جي سيڪريٽري جنرل ظفر خان صوبائي حڪومت کي اُماٽيل خط نمبر ڊي 27/ڪورڊ / 46 تاريخ 3 جنوري 1948ع ۾ ان جي حوالي طور پاڪستان حڪومت جي ڊپٽي سيڪريٽريءَ طرفان سنڌ حڪومت جي سياسي کاتي جي انڊر سيڪريٽريءَ جو لکيل خط نمبر 224/ڪورڊ/48 تاريخ 29 جون 1948 پڻ شامل هو جنهن ۾ واضح هدايتن جي پيڇڪڙي ڪندي درخواست گذار ڊسمبر 1951 تائين الوحيد لميٽيڊ جو هڪ ڊائريڪٽر برقرار رهيو. جيتوڻيڪ اهي سرڪاري خط درخواست گذار جي نوٽيس تي پڻ آندا ويا هئا. ٽربيونل جي ججن طرفان واضح ڪيل نتيجن مان هيٺيان حوالا هي آهي:

الزام نمبر 2:

"هيءُ موقف حقيقت سان سلهاڙيل آهي تہ هاشم مريءَ پاران ڏنل رقم کهڙي صاحب ذريعي الوحيد تائين پهتي.

"بچاءُ واري ڌر طرفان اها ڳالهہ رکڻ اڃان باقي آهي تہ جون 1951ع کان پوءِ کهڙو صاحب هاشم مريءَ کي نظربند ڏسڻ لاءِ آتو هو. جڏهن تہ قاضي فضل الله انهيءَ نظربنديءَ جي مخالفت ڪئي. هاشم مري موجب کهڙي صاحب جي انهي ڪاوڙ جو سبب اهو هو تہ خان بهادر وساڻ ۽ مريءَ وچ ۾ تڪرار هو ۽ هاشم مري ايندڙ چونڊن دوران وساڻ جو مقابلو ڪرڻ چاهيو.

"اسين سمجهون ٿا تہ معاملي جي سچائي اها آهي تہ خان بهادر وساڻ صبح ساڻ هاشم مريءَ کي کهڙي ڏانهن وٺي ويو جتي اهو طئي ڪيو ويو تہ انهيءَ ڏينهن هاشم ڏهہ هزار رپيا کهڙي کي ڏيندو ۽ وساڻ ان ڏس ۾ مريءَ کي ڏهہ هزار رپيا قرض ڏيڻ جو وعدو ڪيو. ان کان پوءِ ضلعي مسلم ليگي نائب صدر مريءَ سان قاضي فضل الله وٽ ويو ۽ نظربنديءَ وارو حڪم رد ٿيڻ کان پوءِ ساڳي ڏينهن کهڙي کي ڏهہ هزار رپيا ادا ڪيا ويا. هاشم مري طرفان کهڙي کي ڏهہ هزار رپيا ڏيڻ واري وعدي جو مقصد نظربنديءَ وارو حڪم رد

ڪرائڻ لاءِ هو سندس رضامندي حاصل ڪرڻ ۾ قاضي فضل آڏو اها ڳالهه ٿيڻ هو جنهن لاءِ ڪيس مسلم ليگي نائب صدر جو سهڪار پڻ حاصل هو.

"هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا نظربنديءَ وارو حڪم روڪرائڻ لاءِ اثر رسوخ واسطي مسلم ليگ جي صدر طور ليگي سرگرمي طور مرحوم لياقت علي خان طرفان شروع ڪيل پنجاب رليف فنڊ ۾ الوحيد جي ڊائريڪٽر ۾ حصيدار طور وڏيڪ حصيدار حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندڙ هو پر اهي ڏهہ هزار روپيا ڪيس فقط ان ڪري ڏنا ويا هئا. جو هن انهن جي نتيجي ۾ حڪومت خاص طور تي قاضي فضل الله تي اثر رسوخ استعمال ڪيو. اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ هن مسلم ليگ جي حصي طور هڪ صلاحڪاري ڪميٽي جوڙي هئي. اسان جو ان سان ڪو سروڪار ناهي تہ اها فقط پاليسي جي حوالي سان هئي يا انتظامي مامرن بابت پڻ اهو تصور ڪندي تہ ماڻهن ۾ اهو ئي تصور ويٺل هو تہ سرڪاري مامرن جي حوالي سان کهڙو هڪ طاقت هو ۽ سندس ذريعي ئي حڪومت تي اثر وجهڻ ممڪن هو. آڪٽوبر 1950ع دوران ڊان اخبار جا ايڊيٽوريل انهيءَ نقطي نظر جي پٺڀرائي ٿا ڪن.

جيتوڻيڪ قاضي فضل الله اهو اخباري بيان پڻ شايع ڪرايو تہ اها ڪميٽي حڪومت جي روزمرهہ وارن معاملن ۾ ڪابہ مداخلت نہ پئي ڪري. اهو بہ هڪ عمومي تاثر هو تہ قاضي فضل الله جنهن جنوري 1951ع ۾ پاڻ اهو بيان ڏنو هو تہ هو ڪنهن بہ وقت کهڙي لاءِ پنهنجو عهدو ڇڏڻ جي لاءِ تيار آهي. کهڙي لاءِ وڏ وزارت جي رڳو سنڀال لهي رهيو آهي پر اهو اعتراض بہ اٿاري سگهجي ٿو تہ قاضي فضل الله تي کهڙي جو حقيقي يا غير حقيقي اثررسوخ لکندس مسلم ليگي صدارت سبب هو پر ان هوندي بہ ٻيو ذريعو اسيمبلي ميمبر طور سندس حيثيت هو ڪوبہ فرد پنهنجي سياسي جيون ۾ اسيمبلي سيٽ کان پوءِ انتهائي گهٽ مستحڪم ۽ مدد يا نقصان رسائڻ جو گهٽ اهل ٿئي ٿو. جيڪڏهن وزير طور ڪيس پنهنجي حيثيت برقرار رکڻي آهي تہ پوءِ ڪيس دير سوير ڪا اسيمبلي سيٽ حاصل ڪرڻي پوندي اسيمبلي سيٽ کان سواءِ اسيمبلي جي ڪنهن بہ بحث ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ يا وزارت جو تسلسل ڏکيو امر ٿئي ٿو. جي اسين مٿس هڪ طاقتور اسيمبلي ميمبر واري الزام کي درست ليکيون ٿا.

منطق جو ٻيو نڪتو انهي سوال بابت فيصلہ ڪن ثو لڳي. اهو هر اسيمبلي ميمبر جو فرض آهي تہ ڪنهن بدانتظامي واسطي ڪنهن وزير تي پنهنجو اثر رسوخ استعمال نہ ڪري جيڪڏهن ڪو اسيمبلي ميمبر پنهنجي انهي فرض سان هٿ چراند ٿو ڪري تہ هو بدانتظاميءَ جو ڏوهاري ليکيو ويندو.

"آخر ۾ اهو تہ قاضي فضل الله جو عمل واضح طور تي بدانتظامي واري زمري ۾ ٿو اچي. قاضي فضل الله هاشم مريءَ سان گڏ نائب صدر سان نقط ملاقات ڪري پنهنجي اڳوڻي حڪم کي واسطيدار ضلعي مئجسٽريٽ سان ڪنهن مشوري کان سواءِ ئي منسوخ ڪري ڇڏيو. بچاءَ واري ڌرجو اهو موقف تہ ضلعي مئجسٽريٽ ان ضلعي ۾ نئون هو ۽ پهريون الزام مڙهڻ نامناسب آهي. خان صاحب کي سنڌ جي مختلف ضلعن اندر اسسٽنٽ ڪليڪٽر طور ڪم ڪرڻ جو تجربو حاصل هو. مٿس الزام واضح ۽ سنجيده نوعيت جو آهي. بچاءَ واري ڌر جو اهو چوڻ تہ هُن چيف سيڪريٽريءَ سان صلاح مشورو ڪيو پڻ نامناسب آهي. چيف سيڪريٽري هاشم مريءَ بابت ذاتي طور تي ڪجهہ بہ نہ ٿي ڄاتو ۽ اهو بہ نہ ڄاڻايو ويو آهي تہ ڪو هُن پنهنجي يادگيريءَ کي تازو ڪرڻ واسطي سندس فائيل نظر مان ڪڍيو هجي. گورنر بعد ۾ هاشم مريءَ طرفان ڏنل هڪ درخواست تي کهڙي صاحب کان دريافت ڪرايو تہ ڇا اها حيرت انگيز ڳالهہ ناهي تہ مسلم ليگ جو واضح حمائتي ۽ هڪ وڏو زميندار کهڙي ريت نظر بند ٿيڻ جهڙو ڪو عمل ٿو ڪري سگهي.

ان ڪري اسان جو خيال آهي تہ کهڙي صاحب بدانتظاميءَ واسطي اسيمبليءَ ميمبر طور پنهنجي حيثيت جو غلط استعمال ڪيو."

الزام نمبر5:

"ان ڪري اسين سمجهون ٿا تہ کهڙي صاحب آءِ جي پوليس کي واپس گهرائڻ جو ڪم پڪو ڪرڻ لاءِ درج ٿيل 10هين تاريخ واري Ex 446 واري گڏجاڻي. فيصلن جي تاريخ ۾ هٿ چراند ڪئي."

"انڪري اسين آءِ جي پوليس کي جاچ کان روڪڻ ۽ ڊي آءِ جي ذريعي جاچ ڪرائڻ ۾ کهڙي صاحب کي بدانتظامي ڪرڻ ۽ وڏي وزير طور پنهنجي اختيارن جي غلط استعمال جو مرتڪب سمجهيون ٿا."

الزام نمبر 7 ۽ 1 (سي):

3 جنوري 1948ع تي پاڪستان جي سيڪريٽري جنرل صوبائي گورنرن کي مطلع ڪيو تہ حڪومت پاڪستان فيصلو ڪيو آهي تہ جمهوري ملڪن ۾ تسليم ڪيل اصول تحت ڪوبہ صوبائي يا وفاقي وزير پنهنجي عهدي دوران ڪنهن بہ خانگي ڪمپنيءَ جو پگهار يا بنا پگهار جي ڊائريڪٽر نہ بڻبو ۽ اهڙا عهدا رکندڙ وزير اهڙن عهدن تان هڪدم استعيفي ڏين.

"اسين بعد ۾ ٻن شاهدن بيني ڊي سوزا ۽ نيڪ محمد پنو جي شاهدين کان متاثر نہ ٿيا آهيون ۽ سمجهون ٿا تہ کهڙي صاحب جي ترديد غلط آهي.

"پر ان ۾ بہ کهڙي صاحب جي ٻن بيانن ۾ واضح تضاد آهي. سنڌ آبزرور ۾ حصص لاءِ محمد حيات جوڻيجو کان رقم وٺڻ جي ڏس ۾ گورنر کي لکيل پنهنجي خط (Exh 312) ۾ هو ڄاڻائي ٿو تہ قاضي فضل الله پڻ سنڌ آبزرور ۾ حصص حاصل ڪيا ۽ رضا محمد پنو جيڪو سندس لاڙڪاڻي وارن ڏينهن ۾ سندس منشي هو ۽ اڄڪلهہ باڊهہ جي هڪ رائس مل ۾ سندس ڀائيوار آهي. سندس طرف سنڌ آبزرور جو هڪ ڊائريڪٽر آهي. پر جڏهن الزام نمبر (c) 1 ۽ 7 جي جاچ ڪئي سون تہ ڄاڻايائين تہ اهو غلط آهي هو تہ شيئر هولڊر هو ئي نہ ۽ نہ ئي ڊائريڪٽر ٿي پئي سگهيو. پنو سندس نامزد ڪيل ناهي.

اسين سمجهون ٿا تہ معمول واري ڪارروائي تحت اهو مامرو 1948ع ۽ 1951ع ۾ کهڙي جي نوٽيس تي آندو ويو. اسين اهو بہ سمجهون ٿا تہ کهڙو اهڙو اهم مامرو وساري نہ پئي سگهيو.

کهڙي صاحب جو معاملو اهو آهي تہ 1951ع دوران سندس هڪ مخالف ڏر جو ڪنٽرول هو. شاهہ دين محمد (جنرل مينيجر) موجب ان جي ابتڙ ايڊيٽر سيتائي اُن سال ڊسمبر ۾ پروڊا تحت نااهلي تائين کهڙي جو حمائتي رهيو ان کان سواءِ اسين سمجهون ٿا تہ کهڙي کي اڳ ۾ استعيفي ڏيڻ کپندي هئي سندس انهيءَ اڳوات استعيفي جي ڏس ۾ ڪنهن ڏکيائيءَ جو ڪوبہ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. اسين سمجهون ٿا تہ مارچ کان ڊسمبر

1951ع تائين انهيءَ اخبار جو ڊائريڪٽر رهڻ سندس طرفان پنهنجي سرڪاري حيثيت جو ناجائز استعمال آهي.

جي بي ڪنسٽنٽائن

ڪراچي،
20 نومبر 1952ع

محمد بچل

حڪومت پاڪستان
گورنر جنرل جو سيڪريٽريٽ

نوٽيفڪيشن آرڊر

ڪراچي 26 جنوري 1952ع

نمبر F - 99 GG /51 عوامي ۽ سرڪاري عهدن جي نااهليت واري ايڪٽ 1949ع تحت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مسٽر جسٽس جي بي ڪنسٽنٽائن ۽ جسٽس محمد بچل ميمڻ تي ٻڌل ٽربيونل محمد ايوب کهڙو خلاف سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبر طور سندس طرفان پنهنجي فرضن ۽ ذميوارين جي ناجائز استعمال جي جاچ دوران ڪيس انهن الزامن جي مرتڪب قرار ڏيندي ڪيس ڏوهاري لکيو آهي. آءٌ غلام محمد گورنر جنرل ڪيس/ مامري جي سمورن پهلوئن کي آڏو رکندي ۽ انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 3 ذريعي مون کي حاصل اختيارن کي استعمال ڪندي کهڙي صاحب کي ڇهن سالن لاءِ صوبائي توڙي وفاقي وزير، ڊپٽي وزير يا پارلياماني سيڪريٽري بڻجڻ، آئين ساز اسيمبلي، مملڪت جي قانون ساز اسيمبلي، وفاقي قانون ساز اسيمبلي يا ڪنهن صوبائي قانون ساز

اسيمبلي، ڪنهن مڪاني اداري جو ميمبر بڻجڻ لاءِ نااهل قرار ڏيان ٿو ۽ گڏوگڏ
ڪيس ان عرصي دوران سلطنت جي ڪنهن عهدي لاءِ پڻ نااهل پڌرو ڪريان ٿو.

ٽربيونل جي رپورٽ هن حڪم نامي سان گڏ گزٽ آف پاڪستان ۾ شامل ڪئي وڃي.

غلام محمد
گورنر جنرل پاڪستان

ڪي ايس اسلام
سيڪريٽري

فطري طور اها اُميد رکي پئي وئي ته سنڌ گهٽ ۾ گهٽ ڇهن سالن لاءِ بدعنوان شخص کان محفوظ رهندي ۽ ان کان پوءِ ماڻهو ڪيس سدائين لاءِ ووٽ ڏيڻ کان انڪار ڪندا.

آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پروڊا خاتمي بابت بحث دوران اهو واضع طور فيصلو ڪيو ويو هو ته پروڊا تحت نااهل قرار ڏنل يا ان تحت خاتمي مان ڪو لاڀ نه پرائيندا ۽ پاڪستان ڏيهاڙي تي خالص ديس (پاڪستان) خالص مقصدن جي حصول لاءِ خالص طريقا لاڳو ڪرڻ واسطي ڪردار جي تشڪيل جا سبق ڏيندڙ ساڳي گورنر جنرل نه رڳو کهڙي جي نااهليت ختم ڪري وڌي جنهن کي هڪ اٽوٽندڙ رحمدلي طور برداشت به ڪري سگهجي ٿو پر ڪيس سنڌ جو وڏو وزير به بڻائي ڇڏيو آهي. ڇا ڪائنس ڪو بهتر ماڻهو سنڌ ۾ ميسر نه هو؟

اها سنڌ جي انتهائي توهين ۽ ڏکوئيندڙ گهاءُ آهي، جيڪو هاڻوڪي گورنر جنرل وٽان ئي ممڪن هو. اهو غلام محمد طرفان پاڪستانين جي ڪردار جي تشڪيل ۾ شاندار حصيداري آهي! ڪيس درست طور تي سندس اختيارن کان محروم ڪندڙ پاڪستان جي سڀ کان وڏي آئيني ادارن يعني آئين ساز اسيمبلي جي سندس هٿان اڻ سهائيندڙ برخاستگي، دنيا جي سڀ کان وڏي مسلم رياست ۾ تاج برطانيا جي اڻ گهربل ۽ توهين آميز بالادستيءَ کي برقرار رکڻ ۾ انهيءَ اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ جو اهم ڪردار ٿو بڻجي.

وزير اعظم ۽ ٻين ڪابينا وزيرن جي سنڌس طرفان توهين ڪرڻ ملڪ کي جمهوريت کان فوجي آمريت ڏانهن ڌڪڻ واسطي سنڌس طرفان ڪابينا ۾ فوجي عنصرن کي شامل ڪرڻ، کهڙي ۽ هن جهڙن ٻين ساک وڃايل سياستدانن جي نااهليت ختم ڪرڻ، سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڪثريت جي حمايت رکندڙ پيرزادو وزارت کي برطرف ڪرڻ ۽ انتهائي غير آئيني ۽ غير جمهوري انداز ۾ کهڙو وزارت کي تعينات ڪرڻ، جڏهن ته کهڙو اسيمبلي ميمبر نه هو ۽ آئين ساز اسيمبليءَ جي واضح فيصلي جي پٺڪڙ ٿيندي هجي. جڏهن کهڙي کي سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جو پارٽي اڳواڻ به نه چونڊيو ويو هجي، جيڪو مرحلو ڪائنس اڳ ۾ عبدالرشيد، فيروز خان نون، ۽ عبدالستار پيرزادو اُڪري آيا هئا اُهي مامرا اسلامي جمهوريا پاڪستان جي سربراهه ٿي سگهندو گورنر جنرل جي قول ۽ فعل ۾ واضح تضاد جو ثبوت آهن.

غلام محمد، ايوب کهڙو ۽ سنڌس وزارت مان ڪهڙي توقع ٿو رکي؟

کهڙو اُهو ماڻهو آهي، جنهن جي اڳنڪن ڪمن لياقت علي خان حڪومت کي پروڊا جهڙن قانون آڻڻ تي مجبور ڪيو. هڪ پروڊا سزا ڪيس بهتر بنائڻ لاءِ ڪافي نه هئي؟ هڪ وڏيڪ پروڊا سزا ڪافي نه هئي.

هاڻ گورنر جنرل سمجهي ٿو ته کهڙو پروڊا واري نااهليت ذريعي مات ڏيڻ کان وڏيڪ سگهارو ۽ وڏو آهي.

نه وڏيڪ پروڊا نه وڏيڪ نااهليتون!

کهڙي کي پنهنجي مرضيءَ جي ڪرت ڪرڻ جي مڪمل اجازت ڏني وڃي! ڇا ته شاندار ڪارڪردگي آهي!

ڇا غلام محمد طرفان اولهه پاڪستان ۾ ون يونٽ کي عملي روپ ڏيڻ جي لاءِ کيل اهي سموريون غلط ڪاريون ڪيس جڳائين به ٿيون؟ ڇا اهڙو ون يونٽ درست ٿيندو؟

ڇا پنجاب پنهنجي صديون پراڻي تاريخي وجود کي برقرار رکڻ جي خواهشمند سنڌ، بلوچستان، پختونستان ۽ بنگال سان ويڙهاند ۾ باجواز آهي؟ عجب مامرو آهي ته پنجاب حڪمران ٽولا سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۽ بنگالين طرفان پنهنجي وجود جي درست ۽ سگهاري گهُر کي پنهنجي صوبائيت پرستيءَ جي اولڙي طور ڏسن ٿا.

جيڪڏهن پاڪستان کي صحتمند، جمهوري ڏگ تي هلائڻو آهي تہ پوءِ اهو سڀ ڪجهہ بند ڪرڻو پوندو.

کهڙو مرده باد!

کهڙو وزارت مرده باد!

ملڪيت ۽ ڪردار جي پيچڪڙي ڪندڙ مرده باد!

اولهہ پاڪستان ون يونٽ منصوبو مرده باد!

جيئي سنڌ!

جيئي پنجاب پشتونستان، بنگال ۽ بلوچستان ۽ سندن عوام!

پاڪستان جو جمهوري وفاق زنده باد!

پاڪستان جو عوام زنده باد!

پاڪستان زنده باد!

پاڪستان پائنده باد!

(ڪراچي 6 نومبر 1954)

دين محمد مستري، ڇٽن لاکو الوحيد اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، بيلاسس اسٽريٽ ڪراچيءَ مان ڇپيو ۽ حيدر بخش جتوئي صدر سنڌ هاري ڪميٽي حيدرآباد سنڌ شايع ڪرايو.

(قيمت، چاڻايل ناهي)

(پهرين پمفليٽ جي ڇپائي)



ماءُ

ماءُ
هڪ شاندار هستي آهي
ٻيا ماڻهو توکي ڀانئي سگهن ٿا پر
تنهنجي ماءُ توکي سمجهي ٿي.
هوءَ تنهنجي لاءِ ڪم ٿي ڪري، تنهنجي سار سنڀال ٿي لهي
توکي پيار ٿي ڪري، توکي معاف ٿي ڪري
تون ڪجهه به ڪرين، هوءَ توکي سمجهي ٿي
۽ سندس فقط هڪ ڳالهه خراب آهي
جيڪا هوءَ سدائين ٿي ڪري
جو هوءَ مريو پوي ۽ توکي ڇڏيو وڃي. (گمنام)

*

شاندار عملن ۾ ڀلوڙ جوکمن سان ڀريل زندگيءَ جو هڪ پهر انتهائي معمولي ضابطن جي پوئواريءَ ۾ گهاريل ورهين تي ٻڏل حياتيءَ کان بهتر آهي.
(والٽر اسڪاٽ)

*

سنڌ سان ناانصافي – ياڳو ٻيو

"هئڻ يا نہ هئڻ ئي سوال آهي" اڄ اسان سنڌين آڏو.

سنڌ "برطانوي تخليق جو ڪو انتظامي يونٽ ناهي". سنڌ اُن وقت بہ هڪ مهذب ملڪ هوندو هو. جڏهن برطانيہ سماجي ترقي جي وحشياڻي مرحلي ۾ هو. گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار سال آڳاٽو مهين جو دڙو سنڌ جي آدجڳادي ثقافت جو زنده مثال آهي. "سنڌو دريا" سنڌ ڪان پنهنجو نالو ته حاصل ڪري. آڳاٽي يونانين "س" جي اُچار کي تبديل ڪري"اِ" بڻايو ۽ ان کي انڊس سڏڻ شروع ڪيو ۽ ان جي ماتريءَ کي انڊس ويلي سڏيو ۽ انهيءَ انڊس لفظ مان ئي انڊيا، انڊو چائنا، انڊونيشيا، انڊين ريڊ انڊينز انڊيانا (آمريڪا) وغيره نالا سامهون آيا.

ڄاڻو لساني ماهرن ڄاڻايو تہ سنڌي ٻولي پنهنجي بناوت ۾ ٻيهڪ ۾ ويدڪ سنسڪرت ۽ پراڪرت کان بہ آڳاٽي آهي.

سنڌ ۾ بابل ونينوا، مصري، يوناني، ايراني، عربي، هندو ۽ ٻين مختلف ثقافتن جو گاڏڙ ماحول ملي ٿو جنهن ۾ ان جو ڪو ثاني ناهي. ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالهہ ناهي تہ ان جي پاڙيسرين جي دعوائن جي پيٽ ۾ ان جي هڪ شاندار ثقافت آهي.

سنڌ کي اهو اعزاز هڪ انوکي انداز ۾ حاصل آهي. پنجابي ثقافت هڪ پوءِ واري يا ڇئجي تہ بعداز ايراني ترقي واري آهي جيڪو امر اُن جي نالي پنج آب (پنج پاڻي) يا پنجن دريائن جو "ديس" (جهلم، چناب، رادي، بياس، ستلج) مان ظاهر آهي. ورهاڱي کان پوءِ اصلوڪو پنجاب پراڻي حيثيت ۾ نہ رهيو آهي، هاڻ اهو "چار آب (چار دريا) يا "سهہ آب" (ٽي دريا) رهجي ويو آهي.

پنجابي ٻوليءَ کي اڄان سندس پنهنجي ڳالهائيندڙن ئي ٻوليءَ جو مقام نہ ڏنو آهي، جيتوڻيڪ اها صدين کان ٽي ڪروڙ پنجابين جي گهريلو ٻولي پئي رهي آهي انسانن جي لساني ۽ ثقافتي تاريخ جو اهو هڪ عجيب و غريب مامرو آهي تہ ايڏي وڏي آبادي رکندڙ ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي ترويج ۾ ناڪام رهيا هجن ۽ هڪ اوپري ٻولي اردوءَ کي ترجيح ڏنائون. جيڪا شڪل 250 سال پراڻي آهي. اردو جهڙي ريت ان جي ترڪ بڻ بنياد (ارد معنيٰ فوجي ڇانوڻي) مان ظاهر ٿو ٿئي تہ زوال پذير پڇاڙڪي مغل دور جي سامراجي فوجين ۾ اُسري ۽ نسري آهي. شايد پنجابين جي منصوعي پٺي ۾ برطانوي سامراج جو ڪو هٿ هجي، جن جي مفادن کي هنن کي پوري وفاداريءَ سان جنگي ميدانن ۾ (هندستان وانگر ئي مسلم ملڪن ترڪي ۽ مصر ۾ پڻ) ۽ سرڪاري آفيسن ۾ نڀايو. پنجابي شائونسٽ ڊگهي عرصي تائين هندستان ۾ برطانيا جو ساڄو هٿ هئڻ واري خطابن تي فخر محسوس ڪندا رهيا (شايد پراڻيون وفاداريون اڄان تائين برقرار آهن)

انهيءَ پسمنظر ۾ محمد علي يا اسڪندر مرزا جو اهو چوڻ تہ سنڌ برطانوي تخليق ڪيل هڪ انتظامي يونٽ هو حقيقتن کان انڪار ۽ اٽڪلبازيءَ جو شاندار مثال آهي.

جيڪڏهن برطانيا سنڌ جي حوالي سان ڪجهہ ڪيو تہ اهو سنڌين جي مفادن کي ڇيهو رسائيندي 1844ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ سان ڳنڍڻ هو. سنڌي انهيءَ الحاق خلاف "آزاد سنڌ تحريڪ" طور اُٿي کڙا ٿيا. اِها تحريڪ 1936ع ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ ۾ ڪاميابيءَ تائين جاري رهي. جيڪڏهن برطانيا درست قدم کڻي ها تہ پوءِ ڪڇ، ملتان ۽ بلوچستان کي بہ انهن جي سنڌ سان لساني، ثقافتي، نسلي، تاريخي ۽ جاگرافيائي ڳانڍاپي جي روشنيءَ ۾ سنڌ سان شامل ڪري ها. ساڳي ڳالهہ هڪ ٻئي اهم يونٽ اتر اولهہ سرحدي صوبي جي ڏس ۾ نٽي ڇئي سگهجي، جنهن کي انگريزن پنهنجي سامراجي مفادن جي پورائيءَ لاءِ 1901ع ڌاري پنجاب جي ضلعن مان چُني ڌار حيثيت ڏني.

سنڌ کي صوبو سڏڻ لفظن جو غلط استعمال آهي. سنڌ هڪ ملڪ آهي ۽ سنڌي هڪ قوم، جهڙي ريت پنجابي ۽ بنگالي قومون آهن.

ڀارت ۾ سوويت يونين وانگر پاڪستان بہ هڪ گهڻ قومي ملڪ آهي نہ ڪي قومي رياست. دراصل برطانوي سامراج جديد سائنسي سوچ، فن ۽ صنعت، ريلوي، پرنٽنگ پريس، ٽيليگراف وغيره جي آڌار تي بنگال، گجرات، مهاراشٽر، پنجاب سنڌ وغيره جهڙن ڏورانهن ۽ هڪ ٻئي کان خودمختيار ملڪن تي قبضو ڪري انهن کي صوبا ٺاهي ڇڏيو. ڪنهن قوم جي سياسي وصف يعني گڏيل ٻولي، گڏيل ايراضي، گڏيل ثقافت ۽ ڪردار(نسل ۽ مذهب کي گهٽ اهميت حاصل رهي ٿي) تحت سنڌي هڪ ڏار قوم آهي. سنڌ پنهنجي اهم بندرگاهہ شهر ڪراچي ۽ سٺ لک جي آباديءَ ۽ پنجاهہ هزار چورس ميلن جي ايراضيءَ سان هڪ خودمختيار رياست طور پڻ رهي سگهي ٿي. جهڙي ريت گڏيل قومن طرفان تسليم ڪيل هيٺين فهرست ۾ شامل ملڪ پنهنجي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ۾ دنيا جي نقشي تي موجود آهن.

رياست جو نالو	آبادي (لکن ۾)	ايراضي (چورس ميل)
1. سنڌ	60	50000
2. عراق	47	116000
3. شام	30	171000
4. سيلون(سريلنڪا)	66	25000
5. ڊينمارڪ	40	16000
6. چلي	40	286000
7. گوئٽي مالا	37	45000
8. فلسطين	19	10000
9. نيوزيلينڊ	18	103000

10. پيراگوئي	15	61000
11. هنگري	93	35000
12. ڪوستاريڪا	8	23000
13. پناما	6	28000
14. بيلجيئم	83	12000
15. هالينڊ	97	12000
16. البانيا	10	10000
17. لڪسمبرگ	3	1000

فهرست ۾ درج آخري رياست جي آبادي ۽ ايراضي ته سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي کان به گهٽ آهي. آباديءَ جي لحاظ کان سنڌ عراق، شام، ڊينمارڪ، چلي وغيره کان وڏيڪ آهي، جڏهن ته اها ايراضيءَ ۾ سيلون، فلسطين، هنگري، بيلجيئم کان وڏي آهي.

ان ڪري 22 نومبر 1954ع تي ون يونٽ اسڪيم متعلق پنهنجي نشري خطاب ۾ وزير اعظم جو ڏنل اهو انگي حساب ته چار ڪروڙ چاليهه لک آبادي واري اوير پاڪستان جي هڪ صوبائي حڪومت هئڻ گهرجي ۽ ٽي ڪروڙ چاليهه لک واري اولهه پاڪستان جي پڻ هڪ صوبائي حڪومت هئڻ گهرجي. غير منطقي آهي. وزيراعظم جي جوڙ ڪٽ پٽاندڙ جيئن ته هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي رکندڙ لنڊن هڪ ميئر جي انتظام تحت آهي تنهن ڪري ان کان گهٽ آبادي رکندر سنڌ، بلوچستان ۽ پشتونستان جي صوبن کي هڪ ميئر جي نگرانيءَ ۾ هئڻ گهرجي.

سنڌ ۾ صوبائيت پرستي:

جيڪڏهن سنڌين تي ڇوهہ ڇنڊي سگهجن ٿا تہ فقط ٻن ڳالهين جي حوالي سان. هڪ سندن ڪشاده دلي ۽ ٻيو ڪڏهن بہ "صوبائيت پرستي" کي پنهنجي من جو روڳ نہ بنائڻ.

سنڌ پنهنجي انتهائي اعليٰ ملڪيت ڪراچيءَ کي پاڪستان جي راڄڌاني بنائڻ واسطي رضاڪاراڻي آڇ ڪئي. سنڌ ۾ هزارن جي تعداد ۾ غير سنڌي پنجابي ۽ پٺاڻ وغيره رهن ۽ سنڌين جهڙائي حق ماڻين ٿا.

اسان جي قوم کي درپيش مامرن ۾ سنڌ سدائين مرڪز سان سهڪار ڪيو آهي. مهاجرن جي بحالي جي ڏس ۾ سنڌين جو حصو سندن وسيلن ۽ پنهنجي گهرجن جي پيش نظر ڪنهن بہ ٻئي علائقي کان تمام گهڻو رهيو آهي. سنڌ جو ڪوڪراپار مهاجرن جي پاڪستان ڏانهن لڏپلاڻ جي ڏس ۾ ڪليدي حيثيت رکندڙ آهي. جڏهن تہ پنجاب واري سرحد کي مهاجرن جي آمد جي روشنيءَ ۾ بند ڪيو ويو.

عجب ڳالهہ آهي تہ هاڻ پنجابي اڳواڻ سنڌين تي صوبائيت پرستيءَ جو الزام مڙهين ٿا جڏهن هڪ جا ڪرتوت ٻئي جي ڪاتي ۾.

پنجابين سنڌ ۾ ڀڳڙن مٺ تي هزارين ايڪڙ زمين حاصل ڪئي. انهن پنجابين جيتوڻيڪ هو 1905ع کان هتي رهائش پذير آهن. پنهنجو پاڻ کي ڌار رکندي پنهنجون ڪالونيون, ادارا, پنچائتون, اسڪول وغيره ٺاهي ويٺا آهن. انهن پنجاهہ سالن دوران هنن پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن بہ سنڌين سان نہ ڳنڍيو آهي. پنجابي زميندار سنڌ ٽيننسي ايڪٽ 1950ع جي ڀڃڪڙي ڪندي عمومي طور تي سنڌي هارين کي بيدخل ڪندا رهيا آهن, تہ جيئن سنڌين جاءِ تي پنجابي هاري آڻي سگهن.

پنجاب ۾ حڪومت هڪ بہ ايڪڙ زمين ڪنهن سنڌي يا ڪنهن غير پنجابي کي الاٽ نہ ڪئي آهي. هڪ ذميوار سنڌي زرعي آفيسر مون کي ٻڌايو تہ هنن سٺي باسمتي چانورن جي ٻج لاءِ ڪيترائي ڀيرا پنجاب حڪومت کي درخواست ڪئي آهي, پر پنجاب حڪومت ان جي موٽ ۾ سنڌ کي ڏريل ٻج اُماڻيو. اناج جي چونڊ سنڌ ۾ ٿيڻ کپندي هئي تہ جيئن

واپاري مقصدن لاءِ جنس جي تياري ۾ سال لنگهي وڃن. پنجاب سنڌ کي پنهنجي چتاپيتي ڪندڙ طور ڏسڻ نٿو چاهي، ساڳي ريت، پنجاب جي فارمن مان ميون جا ٻج پڻ سنڌين کي نٿا ڏنا وڃن.

جتي ٻه ممڪن ٿو پئجي، پنجابي شائونسٽ غير پنجابين کي پنهنجي لابين کان پرپرو ٿا ڪري ڇڏين. نارٿ ويسٽرن ريلوي، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ آهي، سنڌين جو ڪو آواز ناهي. نوڪرين ۾ سنڌن نمائندگي مشڪل سان هڪ سيڪڙو آهي (ان ۾ سنڌي قلي شامل ناهن جيڪي سنڌ تائين ئي محدود آهن)

برطانوي دور ۾ اسٽيشنن جا نالا انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل هوندا هئا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لاهور سان تعلق رکندڙ اختياري وارن سنڌي لکت ميساري ڇڏي ۽ گهٽي پاڳي غلط اُچار سان نالا لکيا ويا. چاڪاڻ جو پنجابي ڪاتبن اهي سنڌي بدران انگريزي تان اُتاريا، انهن غلط اُچارن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسٽيشن جو اصلوڪو نالو	انگريزي لکت	اردو لکت
پليجاڻي	Palijani	پالي جاني
منڊو ڏاڙو	Mandodaro	مانڊوڊيرو
ڏهرڪي	Daharki	ڈاهرڪي
ڪنڊيارو	Kandiaro	ڪنڈيرو
ڪلهوڙا	Kalhora	ڪالهوره
سن	Sann	سان
سيهڙ	Sihar	سهار

ڇا اهو ڪنهن ثقافت جي سڀ کان اهم حصي يعني ٻوليءَ تي حملو ناهي؟

"قوم زنده تي رهي پر جي زبان زنده رهي"

ان کان سواءِ پنجاب جي سرزمين تي ئي احمدين کي ڪافر سڏي الله جي نالي تي سندس عورتن، ٻارن ۽ ٻي واهرو فردن کي ٻي دردي سان قتل ٿو ڪيو وڃي. فقط پنجاب جي ئي ڌرتيءَ تي مذهب جي نالي تي مسلمانن لکن جي تعداد ۾ هندن ۽ سکن جو قتلام ڪيو ۽ هندن ۽ سکن لکين مسلمانن کي قتل ڪيو ۽ اوپر تي هڪ دائمي داڳ هنيو.

جيستائين محب وطنيءَ جو تعلق آهي تہ اهي فقط پنجابي ڪرائي جا قاتل سپاهي ئي هئا. جيڪي برطانوي سامراجين طرفان عرب، ترڪ ۽ ايراني مسلمانن کي قتل ڪري پئي سگهيا. اهي پنجابي سپاهي ئي هئا، جن جلانوالہ باغ، ميرٺ ۽ ٻين هنڌن تي پنهنجي ديس واسين جو ڪوس ڪيو جنهن تي سندن ڪنڌ سدائين شرم وگهي جهڪيل هئڻ گهرجن.

محب وطن طور نماءُ ۾ هو تہ سڀ کان آخر ۾ هئڻ گهرجن. ڪين سنڌين ۽ بنگالين سان انتهائي نماڻائيءَ وارو رويو رکي پنهنجي ڪرتوتن جو ازالو ڪرڻ گهرجي.

اهي تلخ حقيقتون پنجابي ڀائرن کي ايذائي سگهن ٿيون، پر ڪين سنڌين تي پٿر اُڇلائڻ ۽ ڪين "صوبائيت پرستيءَ" جو طعنو ڏيڻ بدران انهن حقيقتن تي ويچارڻ گهرجي.

گڏيل هندستان ۾ نجات واسطي مسلمانن جي جدوجهد دوران هندو شائونسٽن مسلمانن خلاف "فرقيواريت" وارو لفظ ايجاد ڪيو ۽ مسلمانن جي منطقي ۽ تاريخي گهُر کي "فرقيوارائي" سڏي رد ڪيو ويو. اهو لفظ قوم دشمني ۽ غير محب وطني سان سلهاڙيل هو. اسان جي پنجابي اڳواڻن پڻ ساڳي روش اختيار ڪئي آهي ۽ هُنن بہ صوبائيت پرستيءَ وارو لفظ گهڙي چڏيو آهي. جڏهن سنڌي، بنگالي يا پناڻ پنهنجي حقن جي گهر ٿا ڪن تہ ڪين صوبائيت پرست سڏي رد ٿو ڪيو وڃي. هو هندن طرفان "قومپرست" جهڙي وڏي لفظن ۾ خود پنهنجي "صوبائيت پرستيءَ" کي لڪائين ٿا.

سنڌ جي ايراضي ۾ اثر رسوخ کي گهٽائڻ ۽ ان جي عوام جي گڏيل آواز خلاف سنڌ جي مهمان نوازي جي موٽ طور ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي گهر ڪندڙ عنصر ۽ اخبارون ئي هاڻ وري اڳي وانگر وسيع تر قومي مفادن ۾ اڳي جي بنهہ ابتڙ ون يونٽ جي گهر ڪرڻ ۾ مصروف آهن.

اصل حقيقت اها آهي تہ ٻنهي مامرن ۾ قومي مفاد فقط پنجابين جا ٿي هئا ۽ هو سنڌ کي هاجو رسائڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪا آهن.

ساڳيو پنجاب جيڪو اولهہ پاڪستان ۾ پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ ون يونٽ ٿو چاهي سو عوامي برتري هوندي بہ اوپر بنگال سان برابري واري بنياد تي ٿو رهڻ گهري.

سنڌ جي سرزمين، نوڪرين ۽ واپار وڻج تي قبضي جي باوجود پنهنجي هيچ جي پورائي واسطي پنجابي صوبائيت پرستي سنڌ جي وسيلن تي پنهنجو مڪمل ڪنٽرول ٿي چاهي. جيڪڏهن سنڌي ان جي مزاحمت ٿا ڪن جيڪو فطري امر ۽ سندن حق آهي تہ پوءِ کين "صوبائيت پرستيءَ" جو ذميوار ٿو ليکيو وڃي.

پاڪستان حڪومت ۽ هاري

علي محمد راشدي اهو چوندي ٿڪي نٿو تہ ون يونٽ ۾ زميندارِي راڄ جو انت ايندو. زميندارِي راڄ جي خاتمي لاءِ مرڪز سنڌ مان پروڙيا تحت نااهل سزا ڪاڏل ڇهن سالن لاءِ نااهل بڻيل ۽ انتهائي طبقاتي حساس شخص ايوب کهڙي کي چوندبيو آهي جيڪو هارين کي انتهائي معمولي حق ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. هڪ وڏي يونٽ ۾ سنڌ ۽ پنجاب جا زميندار هارين جا دوست بڻجي ويندا؟ ناممڪن.

مرڪز سڀ ڪان وڏو يونٽ آهي ۽ ان هارين لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ ڪجهہ بہ نہ!

سنڌ جي هاريءَ پاڪستان لاءِ پتوڙيو. مسلم ليگ لاءِ ووٽ ڏنائين. فقط ان اُميد تي تہ هو بہ چڱا ڏينهن ڏسي سهڪندو. هُو بہ پنهنجي پوکي هيٺ زمين جو مالڪ بڻجي سگهندو.

پر ان هاريءَ کي موٽ ۾ مليو ڇا؟ هو ورهاڱي واري دور کان بہ بدتر صورتحال جو شڪار آهي.

پاڪستان کان اڳ ٽيهہ سيڪڙو کان وڌيڪ زمين جا مالڪ هندو هئا. پر سنڌن هاري مسلمان هئا. هندن جي لڏ پلاڻ سان هارپي ۾ ڪو خلا پيدا نہ ٿيو. جڏهن مهاجر سنڌ ۾ آيا تہ هنن لڳ ڀڳ پنجاهہ سيڪڙو اصلوڪن هارين کان زمينن تان هٿ کڻايو.

الاٽمينٽ جو سمورو انتظام سنڌ حڪومت کان ڦري بحالي ڪمشنر کي سونپيو ويو جيڪو سنڌ حڪومت جو ملازم ۽ ان کان پگهار وٺڻ جي باوجود سنڌ حڪومت بدران مرڪز وٽ جوابدهہ هو. انهن سالن دوران ڪنهن نہ ڪنهن پنجابي عملدار کي ان عهدي تي مقرر ڪيو ويو. سنڌي

عملدارن کي ان عهدي تي مقرريءَ کان جڙ تہ نيڪالي مليل هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو انفرادي ڪيسن ۾ سنڌي هارين جي قانوني مفادن کي پرجي نہ سگهڻ جهڙو ڇيهو رسيو.

سنڌ حڪومت 1950ع ۾ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ منظور ڪيو جنهن تحت محدود هارين کي محدود حق مليا. ان بابت هارين جا اهم مطالبا رد ڪيا ويا.

متروڪ زمينن جي هارين جي ڏس ۾ مرڪزي حڪومت جي حڪمن تحت هارين کي ان محدود حق کان پڻ محروم ڪيو ويو. پنهنجي سرڪاري نمبر G / 51 1048_0 تاريخ 5 مئي 1951ع ۾ سنڌ جي ريونيو ڪمشنر مرڪز جو پاسو کنيو تہ پاڪستان بحالي آرڊيننس 1948ع جي سيڪشن 4 تحت متروڪ زمين جي ڏس ۾ سنڌ جي هارين کي سنڌ ٽيننسي ايڪٽ 1950ع سميت سمورن قانونن ۾ ڄاڻايل حق حاصل نہ هوندا. ڪوبہ پناهگير سنڌ ٽيننسي ايڪٽ کي پُٺ ڏيندي ڪنهن بہ تحفظ مليل هاريءَ کي بيدخل ڪري ڪو نئون هاري رکي سگهي ٿو.

هڪ ايگزيڪيوٽو آرڊر ذريعي هڪ آئيني ايڪٽ جي مقصدن تي پاڻي ڦيرڻ جو شاندار نمونو!

معمولي عقل جي استعمال سان بہ اها ڳالهہ پڌري پٽ تي ٿئي ٿي تہ آرڊيننس هندو متروڪ ملڪيت واري مفاد کي ٿي متاثر ڪري سگهي نہ ڪي ٿئين ذريعي هارين کي.

سو ان ريت سنڌ جي وڏيرن جيڪي ٿورو ڪجهہ پنهنجي هارين کي ڏنو اوترو بہ مرڪزي حڪومت ڏرتي جي هارين کي نہ ڏنو.

ان جي اُبتڙ ايم جي قادر عرفان الله، غفران جهڙن وڏن ماڻهن کي سندن هندستان ۾ ڇڏيل ملڪيت، جي پيٽ ۾ تمام گهٽي وڏيڪ لکين رپين جي ماليت جي زمين الاٽ ڪئي وئي.

هارين ۽ سندن اڳواڻن واسطيدار عملدارن خاص طور تي وزيراعظم ۽ گورنر جنرل سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ڪيون ۽ سندن آڏو ڪيترا ئي پر امن احتجاج ڪيا پر انهن صاحبلوڪن وڏيرن جون دعوتون کائيندي هارين جي ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو.

ان ريت پاڪستان هارين جي حالت بهتر بنائڻ بدران اڃائين بدتر ڪري ڇڏي آهي. اهڙي صورتحال ۾ هاري ون يونٽ مان ڪهڙي توقع رکي جڏهن مرڪزي حڪومت ساڻن ان قسم جو اڻنگو ورتاءُ رکيو هجي؟

حڪومت طرفان عام ماڻهو جن ۾ هاري انتهائي وڏي اڪثريت ٿا بڻجن جي حالت بهتر بنائڻ واري سموري دعوي هوائي ٿي لڳي.

پاڳن پريو افغانستان

افغانستان هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست ۽ افغانستان جو ميمبر ملڪ آهي ان جي. آبادي ۽ وسيلا پنجاب جي اڌ جيترا مس آهن.

افغانين جا پاڳ پلا چئبا. جو انگريزن اُن کي فتح ڪرڻ جو خيال من مان ڪڍي ڇڏيو ۽ زار شاهي واري رُوس ۽ برطانوي سلطنت وچ ۾ اُن کي هڪ بفر رياست ليکڻ شروع ڪيائون. جيڪڏهن انگريز افغانستان کي فتح ڪري وٺن ها تہ ان کي شايد برطانوي هندستان ۾ شامل ڪيو وڃي ها. ان صورت ۾ اسان جا پنجابي سياستدان هڪ الله هڪ اسلام، هڪ قرآن جي نالي تي اولهہ پاڪستان واري پنهنجي ون يونٽي منصوبي ۾ افغانستان کي بہ شامل ڪري چڪا هجن ها. او افغانو! ڏٽي در شڪرانا ادا ڪريو جو اوهان کي ان صورتحال جو منهن نہ ڏسڻو پيو!

ان کان سواءِ برطانوي اتساهہ تحت چوڌري خليق الزمان تہ دراصل افغانستان ايران، عراق، شام، سعودي عرب، مصر ۽ ٻين اسلامي ملڪن کي برطانيا دوست پاڪستان جي بالادستي هيٺ آڻڻ لاءِ "اسلامستان" جو نعرو بہ بلند ڪيو. ڇا مسلم رياست انهيءَ نعري کي مان ڏنو؟

قطعي نہ انهن اُن کي مڪمل طور تي ٺُڏي ڇڏيو.

وزيراعظم طرفان برطانوي سلطنت جي سگهہ ۾ اسڪاٽ لينڊ واري عنصر جو حوالو مڪمل طور تي غيرمناسب آهي. اسڪاٽلينڊ رضاڪاراڻي مرضي بدران طاقت ذريعي ڳنڍيو ويو هو. آئرلينڊ وانگر اسڪاٽ لينڊ تي پڻ ڦر تيلا انگريز راڄ هلائيندا رهيا آهن. اسڪاٽ لينڊ کي برطانوي تسلط کان آجو ڪرائڻ واسطي تحريڪ جيئن پوءِ تيئن زور وٺي رهي آهي ۽ ان جي ڪاميابي اٽل آهي.

وڏين سلطنتن جو دور ختم ٿي چڪو آهي، عام ماڻهوءَ جو دور اچي چڪو آهي ۽ ان دور سان گڏوگڏ هر ڪنهن لاءِ خود اراديت جو پڻ زمانو آيل آهي.

سگهاري سوويت يونين ۾ سفارتي ناتا ۽ فوجون رکڻ سميت وڏيڪ اختيار ريپبلڪن کي ڏنا ويا آهن. سوويت يونين ڪا ريپبلڪ نہ پر هڪ يونين آف سويت سوشلسٽ ريپبلڪس آهي، انهن ريپبلڪن کي علحيدگيءَ جو حق پڻ حاصل آهي ۽ انهيءَ حق سوويت يونين کي ٽوڙڻ بدران جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ سگهارو بڻايو آهي.

اسان جي پاڪستاني اڳواڻن کي هاڻوڪي تاريخ جي انهن روشن سبقن کي نہ وسارڻ گهرجي ايستائين جو وڏي شاهي برطانوي سلطنت پڻ پنهنجي اڳوڻي بينڪيتن کي آزاد ۽ خودمختيار يونين جو روپ ڏيندي تيزيءَ سان سُسي رهي آهي. ارتقائي سياسي ادارن ۽ رياستن جي واڌويجهہ جو بهترين دڳ خودمختيار ايراضين جو رضاڪاراڻو الحاق آهي.

جيتوڻيڪ پارت جو نقل ڪرڻ ضروري ناهي، پر پاڪستان ۽ پارت ۾ ڪيتريون ئي هڪجهڙايون بہ آهن. پارت هڪ وڏو ملڪ هوندي پاڪستان وانگر ئي لساني، ثقافتي مسئلن جو شڪار آهي پر ان هوندي بہ پارت ۾ ايڪتا يا هندوازم جي نالي صوبن يا رياستن کي نپوڙڻ جو ڪو قدم نہ پيو کنيو ويجي انهيءَ جي ابتڙ ماڻهن جي خواهش پٽاندڙ آندرا پرديش نالي هڪ نئين رياست قائم ڪئي وئي آهي ۽ ايندڙ عرصي دوران اهڙا بيا بہ ڪيترائي مثال سامهون اچي سگهن ٿا.

جيڪڏهن قانوني حوالي سان ڳالهائجي تہ اسان جي هاڻوڪي آئين (گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جيڪو پاڪستان اختيار ڪيو) تحت پاڪستان گورنرن جي صوبي جو هڪ وفاق آهي ۽ ڪنهن آرڊيننس يا ڪنهن ٻي ريت ڪوبہ صوبو ختم نٿو ڪري سگهجي. (البتہ نئون صوبو ٺاهي سگهجي ٿو)

ڳري خرچ جي پتوڙ

وزيراعظم جو اهو چوڻ تہ ون يونٽ ذريعي عظيم الشان معاشي معراج ماڻيا، انتهائي ڇسو دليل آهي. بهتر معاشي صورتحال لاءِ مرڪزي حڪومت هاڻوڪن صوبن کي واضح هدايتون ڏئي پئي سگهي تہ سنڌ ۾ ٽن کان وڌيڪ وزير نہ هئڻ گهرجن ۽ هر وزير جو پگهار ۽ الائونس ڪنهن بہ ريت هڪ هزار رپيا ماهوار کان نہ وڌن. اهي عهدا مزي ۽ مال کان وڌيڪ سيوا ۽ قرباني لاءِ هئڻ گهرجن.

جڏهن ڪجهہ عرصو اڳ سنڌ اسيمبلي جي 111 ميمبرن مان 60 کان وڌيڪ ميمبرن عبدالستار پيرزادي جي وزارت ڪيرائڻ چاهي تہ مرڪز سنڌ وزارت جو تعداد ڇهہ مان وڌائي ٻارهن ڪرڻ ۾ پيرزادي جي مدد ڇو ڪئي؟ اوڏي مهل معاشي ترقي جو سپنو ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو؟

جمھوريت يا آمريت

غلام محمد جمھوري وھنوار ۾ عمل سبب ئي ھڪ معمولي بينڪ مينيجر کان ترقي ڪندو ھاٿوڪي حيثيت تي پھتو آھي نہ ڪي پنھنجي ڪي قبائلي نوابي يا راجا يا اڳواڻ ھئڻ ناتي ۾ ھو ان تي فخر پڻ ڪري سگھي ٿو. جيڪڏھن ملڪ کي يقيني صحتمند ۾ جمھوري ڏسا ۾ اڳتي وڌائڻو آھي تہ پوءِ ڪيس ان وھنوار کي ميسارڻ نہ گھرجي. ڪيس اھو ھر صورت ۾ ياد رکڻ گھرجي تہ وٽس جمار سگھہ ۾ موقعا ناھن جو ھو ھٽلر ۾ مسوليني وانگر خطرناڪ تجربا ڪري اھو بہ ياد رکڻ گھرجي تہ ھنن بہ ڪو چڱو عمل نہ ڪيو فوجي آمريتين ذريعي ھنن پنھنجي ملڪن کي پيڙائن ۾ اھڙو ڌڪيو جو اھي ملڪ اڃان تائين ان جي سٽ نہ سھي سگھيا آھن. پاڪستان ۾ فوجي عنصرن کي ھمٿائيندي غلام محمد "دنيا جي عظيم ترين اسلامي ملڪ" کي مصري ماڊل، ايراني ماڊل ڏانھن ڌڪي رھيو آھي ۾ ھو ھڪ اھڙو فرينڪنسٽن راڪاس تخليق ڪري رھيو آھي، جيڪو خود ڪيس ۾ سندس ساٿين کي پڻ ڳھي سگھي ٿو. افسوس جو مقام آھي تہ اسان جي حڪمرانن پاڪستان کي ھڪ اھڙي چوواٽي تي رسائي ڇڏيو آھي، جتي عوام، عوامي راءِ جمھوريت، ترقي، پورھيو ڏاھپ ۾ دليل جھڙا املھہ ۾ مقدس لفظ ۾ خيال اڻ سھائيندڙ بڻجي ويا آھن ۾ انگريزن جا تربيت يافتہ ڪجھہ عملدار جن جي اناپرستي خطرناڪ حد تائين رسي چڪي آھي، سياسي سوچ ويچار تي پنھنجي ھڪ ھني قائم ڪري ويٺا آھن، جيتوڻيڪ ھو ساڳي وقت کان پوءِ اعلان ٿا ڪن تہ ھو فقط سپاھي ئي آھن.

اسڪندر مرزا ڪنھن سپاھي وانگر خالص ۾ سادي ريت عوام ۾ عوامي راءِ واسطي پنھنجي مڪمل توھين جو اظھار ڪيو آھي ۾ ان ريت

هُن جيتري قوم جي توهين ڪئي آهي، اوترو ئي ملڪي سطح تي پاڪستان جي ساک کي پڻ هاڃو رسايو اٿس ته پاڪستان عوام عمومي طور تي سوچڻ ۾ نقطي نظر رکڻ اهل ناهي.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اسڪندر مرزا ان مامري تي افسوس ٿو ڪري يا ان مان مزو ٿو ماڻي؟

يقيني طور تي ڪيس مزو ئي ٿو اچي نه ته هو ۾ غلام محمد عوامي راءِ ناهڻ لاءِ ڪهڙي پتوڙ ڪري رهيا آهن؟ يقيني طور تي قومي انداز سيکارڻ وارو نه هوندو آهي.

هرگز نه رسي به کعبه اے پنجابي
اين راهه که مي روي به انگلستان است!

(ڪڏهن به ڪعبي تائين نه رسندي' او بنجابي! هيءَ راهه توکي انگليند ئي پهچائيندي)

ماهرن جي هڪ ڪميٽي

وزيراعظم ماهرن جي هڪ ڪميٽيءَ کي ون يونٽ منصوبي جو مسودو تيار ڪرڻ لاءِ چيو آهي. اِهي ماهر ڪير آهن ۽ ڪين ڪنهن چونڊيو آهي؟ هر ڪنهن جو اهو رايو آهي تہ اهي ماهر پنجاب جا ڪي ملازم آهن يا وري ان سوچ جا پيروڪار.

ماهرن جي رپورٽ کي شايع ٿيڻ ۾ عوام کان اُن تي راءِ وٺڻ گهربي هئي، جهڙي ريت ڪنهن معمولي ڪم واسطي پڻ ڪيو ويندو آهي. ان واسطي چڱو موچارو وقت ۾ موقعو ڏيڻ گهرجي. هڪ مستقل نوعيت جي اهڙي انتهائي اهم ماهري تي، جنهن کي سنڌي پنهنجي زندگي ۽ موت جو مامرو ٿا ليکين تڙتڪڙ ۾ ڪو فيصلو يا ڪارروائي تلخ ترين مخالفت ۾ نندا سان گڏوگڏ سماجي بيچينيءَ جو سبب بڻبي.

تحفظ جو گورک ڌنڌو

زال مڙس يا ٻن پاڻ‍ن وچ ۾ ٿي زوري ناهه اڻونڌڙ عمل ليکيو ٿو وڃي. ڪنهن مطمئن ۽ پرامن زندگيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ جيئو ۽ جيئڻ ڏيو وارو ڏگ ٿي مناسب سمجهيو ٿو وڃي پوءِ ڀل اهو نِجي زندگيءَ جو معاملو هجي يا وري سياسي.

وزيراعظم 22 نومبر 1954 تي پنهنجي نشر ٿيل تقرير ۾ پنجاب طرفان پنهنجي 56 سيڪڙو آبادي پٽاندڙ نمائندگيءَ بدران 40 سيڪڙو نمائندگي قبول ڪرڻ جو وڏي طمطراق سان ذڪر ڪيو آهي. اعتبار ڪريو ته هو ته ٽيهه سيڪڙو يا ان کان به گهٽ تي راضي ٿي ويندا. هو نه رڳو بهاولپور ۽ سرحد پر سنڌ مان کهڙي ۽ راشديءَ جهڙن ماڻهن کي پڻ پاڙي سگهن ٿا، جيڪي پاڻ وٽائڻ لاءِ هينئر کان ئي هنيو چيون هٽي رهيا آهن.

ان کان سواءِ اهو فقط ڏهن سالن لاءِ ئي آهي ۽ ان جي ڪهڙي ضمانت آهي ته فقط هڪ سال کان پوءِ ئي اها سخاوت واپس ڪئي نه ويندي؟

هاڻي کان ئي سنڌ، بلوچستان ۽ پٺاڻستان جي انهن تحفظن خلاف لاهور جي ذميوار اخبارن ۾ آواز بلند ڪندي ان کي صوبائيت پرستي ڪوٺيو پيو وڃي.

ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪندي اصلوڪي رهواسين لاءِ تحفظ جا وعدا ڪيا ويا هئا. ڇا اهي وعدا پورا ڪيا ويا؟ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي تدريس مان سنڌي ٻولي کي نيڪالي ڏني وئي. ٻيا به اهڙا ڪيترائي عمل ڪيا ويا، نتيجي طور اصلوڪا سنڌي خود پنهنجي ديس ۾ پنهنجو پاڻ کي اوپرو ٿا سمجهن. اهي خدشا اسان کي ڏاري رهيا آهن ڪير جو سڙيل نه ته ڦوڪي پيئندو آهي.

محمد عليءَ بہ مهينا اڳ وعدو ڪيو تہ هو 25 ڊسمبر 1954ع تائين آئين تيار ڪرائي وٺندو. ان ڏينهن تي اسان کي ڇا پلئہ پوندو؟ اسان جي سياستدانن جي وعدن جي وقعت ڇا آهي؟

پنجاب جا اڳواڻ پنهنجي سخاوت ۽ تحفظ پنهنجو پاڻ تائين رکن ۽ سنڌ کي پنهنجا معاملا هلائڻ ڏين. سنڌي پنجابين جي انهيءَ سخاوت تي سنڌن ٿورائتا رهندا.

سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ ۾
سنڌ اسيمبليءَ جي نااهليت

ھہ سال اڳ جڏهن سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ جي هاڻوڪي ميمبرن پنهنجو پاڻ کي چونڊ لاءِ عوام آڏو پيش ڪيو هو تہ سنڌ جي پنجاب سان جبري الحاق واري معاملي کي سنڌ جي ووٽرن آڏو قطعي طور تي نہ رکيو ويو هو. ان ڪري سنڌ جي ميسارجڻ جهڙي ڪنهن انتهائي سنجيده ۽ ڏنڌڪار ڏيندڙ مامري تي سنڌ جي اسيمبلي ميمبرن کي ووٽ ڏيڻ جو ڪو حق ناهي.

اها ڳالهہ مدنظر رکڻ اهم آهي تہ مرڪز عمومي وهنوارن ذريعي سنڌ اسيمبلي کان حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو ۽ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ واسطي ان ٽڙ تڪڙ ۾ غير جمهوري ۽ غير اخلاقي طريقا استعمال ڪندي ايوب کهڙي جهڙي هڪ ڏوهاري ۽ سزا ڪاڏل شخص کي سنڌ جو وڏو وزير ۽ بعد ۾ سنڌ مسلم ليگ جماعت جو اڳواڻ بڻايو آهي. خالص طريقن سان هڪ خالص مقصد جو حصول بي داغ ڪردار ذريعي!

جي. ايم سيد، قاضي فيض محمد ۽ ٻيا سنڌ جا عوامي اڳواڻ جيلن ۾ واڙيا ويا آهن. سنڌ جي اهم ترين اخبار "الوحيد" ۽ هڪ ٻي اخبار "ڪاروان" تي پابندي مڙهي وئي آهي. گڏوگڏ قلم 144 ۽ ٻيا اپاءَ وٺندي سنڌ ۾ هڪ نيم فوجي حڪومت راڄ ڪري رهي آهي.

سپر سونڪ رفتار

ٻن اهم صوبن پنجاب ۽ بنگال جي قيادت ڏکھي تڪرارن ۽ جھيڙن کان پوءِ آخرڪار سنڌ ۽ ٻين ننڍين صوبن جي مال غنيمت تي هڪٻئي سان ٺهي ويئي آهي ۽ اها ون يونٽ جي پاڳ ٻڌجڻ تائين لڳي ٿو تہ اڳھور ننڊ سُتي پئي آهي. بنگالي وزيراعظم اهو سمجھي سگھي ٿو ڇاڪاڻ جو هڪ هزارن ميلن واري پرڏيهي ايراضي واري خاص صورتحال سبب سندن مفاد محفوظ آهن ۽ ان ڪري ٻہ جو نہ تہ ڪيس سنڌ جو پورو پتو آهي ۽ نہ ئي وري هو هتان جي پيڙائن کان واقف آهي، "شاهہ کان وڏيڪ شاهہ جو وفادار" ٻڻجي ويو آهي ۽ ان ڪري ون يونٽ لاءِ سندس نعرو آهي تہ سپر سونڪ رفتار اسان جو مول متو آهي.

اسلامي نظريو

اسلامي نظريو عربستان مان اُڀريو. عربستان ۾ جيڪڏهن بنو هاشم ۽ اُموين، عباسين ۽ اُموين وچ ۾ آڳاٽي تاريخي تڪرارن ۽ ويجهي ماضي ۾ ڇڏهن ترڪ سلطنت ڀڄي پئي، اسلامي نظريو سمورن عرب قومن کي متحد ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ۽ عراق، شام، اردن، يمن ۽ سعودي عرب جي شڪل ۾ آزاد ۽ خودمختيار رياستون قائم ٿيون. انهن عربي ڳالهائيندڙ ملڪن ۾ اسلامي نظرئي جي آڌار تي انهن کي ڪنهن ون يونٽ ۾ متحد ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نہ ڪئي وئي. افغانستان، ايران ۽ ترڪي جو هڪ ڌار وجود آهي ۽ ڪنهن بہ نعري(اسلامستان وغيره) تحت انهن کي متحد ڪرڻ جي ڪوشش يقيني طور تي ناڪامي ۾ جو منهن ڏسندي. پنهنجي اسلامي نظرئي هوندي بہ افغانستان جا مسلمان پاڪستان جي پيٽ ۾ "هندو" ڀارت سان ڳهاٽا ناتا آهن. نظرين جي پيٽ ۾ ڪي ٻيا مامرا قومي روين جي تعين ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. اسلامي نظرئي تحت يا ان هوندي بہ سنڌ، پنجاب پٺاڻستان پاڪستان جي خودمختيار حصن تحت رهي سگهن ٿا.

جيڪڏهن اسلامي نظريو ڪا عملي قوت آهي تہ پوءِ ان کي رڳو زباني نہ پر عملي طور تي بہ حقيقي حالتون ۽ موقعا پيدا ڪندي، مسلمانن جي حقيقي ڀائيچاري کي قائم ڪرڻ واسطي هڪ اعليٰ ترين معيار حاصل ڪرڻ گهرجي. زمينداري ۽ جاگيرداري کي ختم ڪيو وڃي ۽ ٻني کيڙيندڙ کي ان جو مالڪ بڻايو وڃي ۽ وڏي پئماني واري صنعت کي قومي ملڪيت ۾ ورتو وڃي ۽ پورهيتن کي غير انساني غلاماڻي ۽ گهٽ اجوري سان صنعتن جي مالڪن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏڻ بدران ڪين انهن صنعتن جو حصيدار بڻايو وڃي. اسلامي نظرئي جي دعويدارن ان ڏس ۾ ڇا حاصل ڪيو آهي؟ امير امير تر ۽ غريب غريب تر ٿي رهيا آهن. هارين ۽ پورهيتن جا

اڳواڻ، جيڪي ڌرتيءَ جي بهترين فرزندن ۾ شامل آهي، اٺوٽنڌڙن فردن طور جيلن ۾ واڙيل آهن ۽ سندن يونينن ۽ تنظيمن کي اپاهج بڻايو ويو آهي ۽ انهن کي انتهائي افسوسناڪ انداز واري ورتاءَ جو شڪار بڻايو ويو آهي، ان جو نتيجو ڇا نڪتو آهي؟ گهٽ پيداوار گهٽ رٿابندي، وڌيڪ غربت وڌيڪ بيچيني ۽ ان کان پوءِ پرڏيهي امداد لاءِ پينو فقيرن جيان هٿ ٽنگڻ جا منظر! ڇا پرڏيهي غلاميءَ کان سواءِ به پرڏيهي امداد حاصل ڪري سگهجي ٿي؟

اسلامي نظرئي جي نالي تي ون يونٽ وارو قدم پنهنجي مادي مفادن جي حصول لاءِ هڪ مخصوص ٽولي طرفان هڪ وڌيڪ فراڊ آهي، ڇاڪاڻ جو مفاد واپار ۽ محصول جون سموريون مراعتون برقرار رکڻ جي ڪوشش آهي. اسلامي نظرئي کي سکن ۽ هندن خلاف هڪ ڪارائتي هٿيار طور استعمال ڪري سگهجي ٿو پر پنجابي اڳواڻن کي اهو هٿيار پنهنجي ايمان وارن سنڌي ڀائرن خلاف استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

تت

جڏهن پنجاب خلاف اهوسڀ ڪجهه چيو ٿو وڃي ته انهيءَ مفاد پرست ٽولي مان مراد اُن جي آباديءَ جو هڪ ننڍڙو حصو ئي آهي. انهيءَ تنقيد کان پنجاب جي عام مردن ۽ عورتن، پورهيتن،هارين ۽ ساڃاهه وندن کي ٻاهر رکيو وڃي، جيڪي پنهنجي شاندار حاصلاتن ۽ گڻن سبب قوم جو فخر بڻيل آهن، انهن ۽ سنڌ جي عام ماڻهن وچ ۾ ايڪتا ۽ دوستي پيدا ٿيل آهي. جيڪي پنهنجي سمورين انهن گُڻن سميت ون يونٽ جهڙو ڪو قدم به ختم نٿا ڪري سگهن ۽ پنجاب جا اهي عام ماڻهو سنڌ جي ماڻهن جي مرضيءَ جي ابتڙ الحاق کي ڪڏهن به پسند نه ڪندا.

اسان جي اختيارين طرفان جاري رکيل پاليسين تحت زميندارِي ۽ جاگيرداري وارا رستا اڃان تائين مضبوطيءَ سان قائم آهن ۽ انتهائي درجي واري اڻ برابري ۽ ناانصافي رکيو پيا اچن. ڪوبه عام سنڌي ۽ ساڃاهه وند ڪڏهن به ون يونٽ کي قبول نه ڪندو.

ٽڪراءَ بدران سهڪار ئي اڄ اسان جو نعرو هئڻ گهرجي. اسان جي پاڪستان کي اڄ ڪيترن ئي پرڏيهي مسئلن جو منهن پيو ڏسڻو پوي ۽ اسان جي اڳواڻن کي انهن ۾ پنهنجا ۽ ماڻهن جا عذاب شامل نه ڪرڻ گهرجن. اچو ته پاڪستان کي سگهارو بڻايون ۽ اچو ته پاڪستان بچايون!

اڇو تہ پاڪستان کي بچايون

هاڃو اهو آهي تہ ون يونٽ لاءِ انڌ جي گھوڙي تي ويٺل انهيءَ سوار هڪ آزاد ۽ خودمختيار پاڪستان واري اسان جي من ۾ واسيل سپني کي پيچي پورا ڪري ڇڏيو آهي. "عظيم تر پنجاب" لاءِ غلط طور تي استعمال ڪيل اصطلاح. اولهہ پاڪستان ون يونٽ جي حصول لاءِ اسان جي سڀ کان وڏي خودمختيار اداري آئين ساز اسيمبليءَ کي برطرف ڪيو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ پيا بہ ڪيترائي اهڙا قدم کنيا ويا آهن، جن سان دنيا ۾ عظيم ترين مسلمان ملڪ پاڪستان کي هزيمت جو شڪار بڻائي برطانوي سلطنت جي بينڪيت وانگر بڻايو ويو آهي ۽ اهو بہ گورنر جنرل جهڙي شخص هٿان. ٿورن لفظن ۾ اهو چئجي تہ اهو اهڙو گھوٽالو آهي، جنهن ۾ پنجاب جي نامياري فرزند غلام محمد اسان جي ملڪ کي ڦاسائي ڇڏيو آهي.

پر ڪي بہ نتيجا سامهون اچن پاڪستان جو عوام انهن کي قبول نہ ڪندو. پنهنجي بلاجواز قدم جي جواز طور غلام محمد حڪومت ڪينيڊا ۽ آسٽريليا جي گورنر جنرل جا مثال ڏيندي سندن پوزيشن ٿي اختيار ڪري نہ ڪي پاڙيسري هندستان جو مثال ٿي ڏئي، جنهن اسان سان گڏ آزادي حاصل ڪئي. ان ريت اسان جو گورنر جنرل برطانيہ مخالف آزاديءَ جي جدوجهد جو اُهو سمورو ثمر ويڃائڻ جو جوکم پيو کڻي، جنهن مان پارت لاپائتو ٿيو آهي. جڏهن هڪ هندو پارت جو گورنر جنرل پوءِ پل مائونٽ بيٽن يا راجا گوپال آچاريا عبوري عرصي دوران برطانوي سلطنت کان حاصل ٿيل ٿوري گھڻن اختيارن کي استعمال ڪرڻ جي همت ئي نہ ساري سگھيا. اسان جي مسلمان پاڪستان جو گورنر جنرل فخريا طور تي برطانوي تاج جي بدترين اختيارن کي اِستعمال تو ڪري، پارت ۾ ملڪ کي

خودمختيار رياست طور هلائڻ واسطي آئين ساز اسيمبليءَ کي اڻ روڪ ۽ عدم مداخلت طور عمل پزير رکڻ لاءِ گورنر جنرل جي حيثيت کي فقط هڪ رسمي عهدي طور رکيو ۽ اصل خودمختياري اختيار هڪ ٺي ڏڪ ۾ آئين ساز اسيمبليءَ کي منتقل ڪيو ويو آهي.

جيڪڏهن غلام محمد جو موقف تسليم ڪيو وڃي ته پوءِ اُن جو مطلب اهو ٿي ٿيندو ته پاڪستان ۾ برطانوي تربيت يافتا ۽ برطانوي حمايتي پنجاب هٿيار بند فوج جي مدد سان غلام محمد جهڙي ڪنهن گورنر ذريعي تاج برطانيا هنگامي حالتن جي اعلانن واري هٿيار ذريعي پنهنجي سامراجي بالادستيءَ جي سازش سٽي سگهي ٿو.

يا تصور ڪريو ته بالغ راءِ دهيءَ جي بنياد تي ماڻهن جي طرفان چونڊيل هڪ بي آئين ساز اسيمبلي وجود ۾ ٿي اچي، جنهن ۾ به ٿي يا وڏيڪ سال لڳي سگهن ٿا. ان جي ڪهڙي ضمانت آهي ته ان اداري جي فيصلي کي حتمي ليکيو ويندو؟ جيڪڏهن غلام محمد اوستائين جيئرو آهي ته هو يا سندس ڪو جانشين تاج برطانيا ۽ برطانيا جي حمايتي فوج جي پٺڀرائي سان ان بنياد تي هڪ نئين هنگامي حالت مڙهي سگهي ٿو ته چونڊيون ڏاڍلي پريون هيون (هيل تائين هڪ ضابطي تحت اهي ڏاڍلي پريون ٿي ٿينديون رهيون آهن) ۽ اهو ته چونڊيل ميمبر عوام جا درست نمائندا ناهن ۽ انڪري آئين ٺاهڻ جا اهل ناهن! هارايل اميدوارن طرفان اليڪشن پٽيشنون داخل ڪرائجي سگهجن ٿيون ۽ اهي ڪرايون به ويندون. ڪٽيندڙن جي پيٽ ۾ هارائيندڙ اميدوارن جو تعداد ٽيڻو ٿئي ٿو جيڪڏهن مسلم ليگي اميدوارن کي شڪست ٿي اچي ته پوءِ اهي پٽيشنون هنگامي حالتن جي اعلان ۽ نئين سر چونڊون ڪرائڻ لاءِ ڪارائتو هٿيار ٿي پيون سگهن. پاڪستان جي وڏي اڌ اوڀر بنگال ۾ اهو طريقو انتهائي ڏاڍ مڙسيءَ سان استعمال ڪيو ويو. هنگامي حالتن جي اعلانن ۽ نيئن چونڊن ڪرائڻ ۽ گڏوگڏ پاڪستان تي برطانوي تسلط جي تسلسل جو ڪو انت نه ايندو. پاڪستان جي حقيقي آزادي لاءِ پاڪستانين کي نئين سر جنگ جوٽڻي پوندي.

غلام محمد جي بغاوت سبب سرونسٽن چرچل تازو لنڊن ۾ انتهائي مطمئن انداز ۾ فرمايو تہ پاڪستان پنهنجي آزاديءَ خودمختيار حيثيت تي گهڻو زور نہ ڏئي.

ڇا پاڪستان نئين سر پاڪستانين هٿان برطانيا لاءِ فتح ڪيو ويو آهي؟ ڇا ملڪہ معظمہ ايلزبيٿ ٻين پنهنجي ناماچار پيءُ بادشاهہ جارج ڇهون جي جوڳن فيصلن ڏانهن لڙي وئي آهي؟ ڇا سرونسٽن چرچل "انساني تاريخ ۾ سياسي اختيارن جي عظيم ترين رضاڪاراڻي منتقلي" واري ڪليمنٽ ايٽلي جي شاندار قدم تي ليڪو ڪڍي ڇڏيو آهي؟

ڇا پاڪستان، پاڪستانين هٿان ئي ان ريت تباهہ ٿيندوءَ پٽ ۾ ڇرو ڪائيندو؟ ڇا اسلامي نظريو برطانيا غلامي سان گڏ هلي سگهي ٿو؟ ڇا قائداعظم ڪي اها صورتحال قبول هجي ها؟ ڇا هو برطانوي سلطنت جو چاڙتو بڻجڻ لاءِ پاڪستان جو گورنر جنرل ٿيو هو؟ ڇا قائد ملت بنان ڪنهن مقصد جي قرارداد مقاصد منظور ڪرائي هئي؟ او منهنجا خدا ڇا اهو سڀ ڪجهہ اعتبار جوڳو آهي!!

منهنجا پيارا ڀاءُ غلام محمد! آءٌ انتهائي نهٺائيءَ سان توکي مخاطب آهيان. مهرباني ڪري ٻڌ آءٌ انتهائي نماڻائيءَ سان منٿ ٿو ڪريان:

(1) برطانوي سامراج جي هٿن ۾ وڏيڪ نہ ڪيڏ. اسين ان ڪي گهڻئي يوڳي چڪا آهيون. تنهنجي پهرين ۽ آخري وفاداري پاڪستان سان آهي.

(2) چئو: فوجي آمريتون مرده باد!

(3) سنڌين، بنگالين ۽ پٺاڻن ڪي بہ پنجابين جهڙو ئي پنهنجو ڀاءُ سمجهہ

(4) اعتبار ڪر تہ سنڌي پاڪستان سان پنهنجي وفاداري ۾ ان ڪي سگهاروءَ خوشحال ڏسڻ ۾ ڪو ثاني نٿا رکن.

(5) ملڪ ۾ ڪابہ هنگامي صورتحال نہ هئي پر تو ئي 24 آڪٽوبر 1954ع تي انجو اعلان ڪندي ملڪ ۾ هنگامي صورتحال پيدا ڪئي آهي.

شايد تو اهو ڪجهہ انتهائي معصوميت ۽ چڱن مقصدن واسطي نہ ڪي پنجابين ڪي نوازڻ يا راضي ڪرڻ لاءِ ڪيو آهي. توهان کان بہ وڏن ماڻهن وانگر غلطيون ٿيون آهن. هاڻ ڳالهہ اها آهي تہ ڇا غلطيءَ تي ڳنڊ

ٻڌي ٻيهجي؟ ان سان وڏيڪ غلطيون ڪٻيون يا ڪنهن غلطيءَ کي انساني ليکي ان کي بردباريءَ سان تسليم ڪندي ان کي درست ڪجي؟ اهوئي يقيني طور تي عقل پريو دڳ آهي. تو پنهنجي اعلان ۾ تسليم ڪيو آهي تہ "پاڪستان جي حاڪميت اعليٰ عوام وٽ آهي." (نہ ڪي تاج برطانيا وٽ)

عوام پنهنجي انهيءَ حاڪميت کي پنهنجي چونڊيل نمائندن ذريعي اظهار ٿو ڪري، هاڻوڪي صورتحال ۾ آئين ساز اسيمبلي ۾ عوام جا گهڻ ۾ گهڻ سٺ چونڊيل عيوضي موجود آهن (ڀل سندن چونڊ جو طريقيڪار ڪيترو ئي نقص پريو ڇو نہ رهيو هجي)

انهن سٺ ميمبرن جي موقف ۽ فيصلي کي تو اڪيلي جي موقف ۽ فيصلي ڪان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. توکي پنهنجي غلطي ڪرڻ ڪان مبرا واري دعوا ڪان پاسو ڪندي قوم جي وسيع ترمفاد ۾ سندن فيصلي آڏو سيس نمائڻ گهرجي ۽ اهو ڪندي تون برطانيہ جي اُگرن قدمن ڏانهن نهارڻ بدران عوام جي حاڪميت اعليٰ کي مان ڏيڻ جو عملي مظاهرو ڪري سگهندين

هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪڏهن بہ نہ هئڻ ڪان دير بهتر آهي.

(الف) تنهنجي نازڪ جُسي ۾ انتهائي گهڻن ذاتي اختيارن جي موجودگيءَ تنهنجي ساٿين کي واحد محب وطن نتيجي ڏانهن نيو آهي تہ جيئن تہ پاڪستان جا معاملا بد کان بدتر ڏانهن وڌي رهيا آهن، تنهنڪري هنگامي حالتن واري اعلان کي واپس ورتو وڃي ۽ اسيمبليءَ کي پنهنجي فرض جي ادائگيءَ لاءِ ڇيو وڃي. ڪجھ عرصو اڳ وزيراعظم محمد علي جي پرجوش طريقي سان ڪيل اعلان کي مان ڏيندي 25 تاريخ تي آئين منظور ڪيو وڃي (هن ويچاري ساڳي پرجوش طريقي سان تنهنجي هنگامي حالتن واري اعلان جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ ان ريت خود پنهنجي ئي اڳوڻي اعلان کي رد ڏنائين)

(ب) ون يونٽ منصوبي کي ترڪ ڪيو وڃي.

(پ) پاڪستان جا نوان وزير استعيفائون ڏئي پنهنجي اڳوڻين حيثيتن تي موٽي وڃن. پراڻن وزيرن کي معافي ڏئي کين سندن پراڻن عهدن تي بحال ڪيو وڃي.

(ت) محمد ايوب کھڙو کان سنڌ جي وڏي وزارت تان استعيفيٰ ورتي وڃي.

(ٿ) پاڪستان جي سمورين سياسي پارٽين جي اڳواڻن جو اجلاس گھرايو وڃي، جنهن ۾ گڏجي پاڪستان جي اڏاوت تي ويچاريو وڃي.

اهو ئي ڏاهپ ڀريو دڳ آهي، اهو ئي جمهوري دڳ آهي، اهو ئي درست دڳ آهي، شل ڌڻي توکي هدايت ڏئي.

پاڪستان زنده بادا

حيدر بخش جتوئي، صدر سنڌ هاري ڪميٽي هاري حقدار پرنٽنگ پريس حيدرآباد (سنڌ) مان شايع ڪرايو.

(15 ڊسمبر 1954ع ملهه: چار آنا هڪ هزار ڪاپيون)

(پمفليٽ نمبر – 2 جي پڇاڙي)

ايماندارن جا روح
خود ڏٺيءَ جي پاڪرن ۾ آهن
ڪوبہ شيطان سندن
وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهي
هو شانت ٿا رهن.

**

انهن جو بہ وجود آهي
جيڪي
گمناميءَ ۾ ميسارجي ويا
سندن قربانيءَ کي
وساريو نہ ويو آهي
۽ سندن نالا جيتوڻيڪ
اسان تہ وساري ڇڏيا آهن
پر خدائي صحيفي
۾ درج ٿيل آهن.
(ايڊنبرگ، برطانيا ۾ هڪ قبر تي اُڪريل)

**

"انسان بڻجو"
ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج ڪراچيءَ جو مول متو.

**

ڪنهن انتهائي اهم شيءَ کي محسوس ڪرڻ جي اُٿهوند انسان جو ذري گهٽ سڀ کان وڏو هاڃو آهي.

(آرٿر اي مورگن)

اڇو تہ پاڪستان بچايون
(ياڳو ڀيو)

24 آڪٽوبر 1954ع تي هنگامي حالتن جي اعلان قوم کي ڏڀ ۽ مايوسيءَ جي ڏيڻ ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي "هاڻ ڇا ٿيندو!" ئي اسان جي اکين آڏو ٿيندڙ آفتن دوران سامهون ايندڙ سڀ کان وڏي ڳڻتي آهي. اسين پنهنجي هاڻوڪن حاڪمن مان اڃان ڪهڙن عذابن جي توقع رکون.

گهٽ ۾ گهٽ 99 سيڪڙو سنڌي ۽ گهٽ ۾ گهٽ 98 سيڪڙو پٺاڻ پنهنجي ديسن جي پنجاب سان الحاق جا مخالف آهن ۽ ان مامري ۾ 97 سيڪڙو بنگالي پڻ سنڌن حمايتي آهن پر اڃا تائين پنجابي اڳواڻ پنهنجي روش برقرار رکيو اچن ۽ ان تي هنيوچيون پيا هڻن تہ ون يونٽ منصوبو رٿابندي پٽاندڙ ئي اڳتي وڌي پيو ۽ سيني جي اطمينان ۽ لاڀ جو باعث آهي. ڏڀ ۽ مايوسي سانت جي هڪ سازش کي جنم ڏنو آهي.

"اڇو تہ انتظار ڪريون ۽ ڏسون! "عقل مند" ٿا چون.

"منهنجي اهڙي ڪا اهميت ئي ناهي جو مامرن کي بدلائي سگهان! ٻين جو چوڻ آهي "هن بي واهرو ماڻهن لاءِ آئون ڇو لوڙيان! اڃائين ٻين جو خيال آهي. اڳواڻن خلاف آواز اُٿارڻ يقيني طور تي پنهنجي لاءِ عذاب کي دعوت ڏيڻ آهي.

مامرن جي اها حالت آهي جنهن لاءِ اسان جا اڳواڻ جس لهن.

ڏڀ ۽ مايوسي ڪنهن بہ صورت ۾ پاڪستان جي استحڪام ۽ ارتقا ۾ هٿ نٽا ونڊائي سگهن. اسان کي بهادريءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ دير ٿيڻ کان اڳ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري وٺون. اچو تہ پنهنجي قيادت کي هڪ وڏيڪ ڏاهپ ڀري سوچ ڏانهن لاڙيون. اسان جا ڳواڻ بہ انسان آهن ۽ ڪين اسان جي مدد جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

خليفي عمر رضہ تي هڪ اضافي ڳُڙتي يا عام ڳُڙتي کان ڪجهہ ڊگهيڙي ڳُڙتي پهرڻ سبب هڪ عام بدوءَ جي تنقيد جو سامهون ڪرڻو پيو ۽ خليفي ان تي مشتعل ٿيڻ بدران ان جي وضاحت ڪئي. اهو آهي هڪ سچي مسلمان، سچي انسان ۽ ڪهل کائيندڙ حاڪم جو ڪم.

اسان جي حڪمرانن صدين تي پکڙيل زمانن مان ڇا پرايو آهي، جڏهن انساني چاڻ ۽ انساني عظمتن جي ڏسائن ۾ شاندار ترقي حاصل ڪئي وئي آهي؟

اسان جي اڳواڻن کي پنهنجي متعلق پين جي سوچ ٻڌڻ ۽ ان تي عمل ۽ رد عمل ڪرڻ جي حس بيدار ڪرڻ گهرجي.

جڏهن اسان جي قومي آزادي ۽ عزت جو سوال هو تہ سبزي خور "ڪمزور"، "واڻيا" هندو سورهيائپ جي اعليٰ ترين بلندين تائين وچي رسيا ۽ سندن مردن ۽ عورتن چوڪرن ۽ چوڪرين سگهاري سامراج سان ٿيٽ ڪاڏي ۽ جيل پري ڇڏيا. ڦٽڪا، ڏنڊا ۽ گوليون ڪين آزاديءَ ڏانهن وڌندڙ سندن پيش قدميءَ کان روڪي نہ سگهيا. گانڌي جي چرخي، برت ۽ اهنسا ۽ اڻ سهڪار وارن پنهنجي سادن سورن طريقن ذريعي برطانوي سلطنت جي طاقت کي زير ڪري ڇڏيو. جنهن تان ڪڏهن سج نٿي اُلهيو. اهو ڪجهہ ڪندي مهاتما جيءَ نہ رڳو انڊو پاڪستان کنڊ کي آزاد ڪرائڻ ۾ مدد ڏني پر خود برطانوي عوام کي بہ انسان ذات جي پنجين حصي جي غلاميءَ واري غلط ڪاريءَ مان نجات ڏيارايائين. انهيءَ ذريعي گهٽ رضاڪاراڻي دستبرداري سان خود برطانوي عوام بہ هڪ اهڙو مثال قائم ڪيو جنهن جي پيٽ تاريخ ۾ نٿي ٿي سگهي.

اهو هندن جو ڏيکاريل هڪ معجزو هو جنهن خلاف اسان مسلمانن کي توهين آميز ورتاءُ نہ رکڻ گهرجي.

اسلام جي "روشني" ۽ الله جي هدايت سان ليس هئڻ جي باوجود بہ اسان مسلمانن گهوٽالن مهل ڪهڙي ڏاهپ ڏيکاري آهي؟

اسان جي پيغمبر انتهائي اهم جاءِ (مسجد) ۾ انتهائي اهم فرض (نماز) لاءِ مختص جاءِ کي "محراب" (ويڙهہ جو اوزار) سڏيو سندس نظر ۾ اها ويڙهہ غلط ڪارين جي خلاف هئي. اسان کي روزانو پنج پيرا ان ويڙهہ

۾ جوڙيو آهي يعني نماز پڙهڻي آهي ۽ ان هوندي بہ شيطاني قوتن سان ويڙهاند واسطي اسان ڪهڙي قوت پاڻ ۾ پيدا ڪئي آهي؟

اسان جو گورنر جنرل اُهي اختيار ميڙي، جيڪي سندس آهي ئي نہ پاڪستان کي تباهہ ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو آهي ۽ ان هوندي بہ ڪراچي جهڙي وڏي شهر يا ڪنهن ٻئي هنڌ سندس خلاف ڪو احتجاج ناهي!

سڌو سنئون چئجي تہ گورنر جنرل هٿيار بند فوجن جي مدد سان هڪ آمر جي حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي. هن مهل هُن برطانوي ملڪہ معظمہ جا اختيار استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنا آهن. جيڪا اسان جي آزاد پاڪستان ۾ ڪو "اختيار" ئي نٿي رکي. ايستائين جو خود انگلينڊ ۾ بہ اڄ ڪيس اهي اختيار حاصل ناهن. هو راڄ تہ ڪري ٿي پر حڪومت نہ. جيڪڏهن ڪورٽ سندس ۽ حڪومت خلاف ٿي ڪو فيصلو ڏئي تہ ڇا ان ڳالهہ جي ڪا ضمانت آهي تہ ان فيصلي کي مان ڏنو ويندو؟

جيڪو شخص آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽڏي ۽ ٽوڙي سگهي ٿو سو ڪنهن ماتحت اسان جي سڀ کان وڏيڪ خودمختيار ادارو ڪورٽ جي ڪنهن فيصلي کي ڪهڙو مان ڏيندو!

توهين عدالت

اهو چئي پيو سگهجي تہ جيئن تہ اهو معاملو ڪورٽ ۾ آهي، تنهنڪري تبصرو ڪري آئون ڪورٽ جي توهين جو مرتڪب ٿي پيو سگهان.

منهنجو جواب اِهو آهي تہ اهو معاملو فقط ڪو عدالتي معاملو ناهي، اهو هڪ سياسي قومي مامرو آهي، هڪ آزاد پاڪستان يا هڪ غلام پاڪستان کي هڪ آزاد ۽ جمهوري رياست واري وجود کي لاحق انتهائي خطرناڪ مامري کي توهين عدالت جي دڙڪي سبب ٽاري يا خاموش ڪري سگهجي ٿو؟

پاڪستان جو اٽارني جنرل اهو چئي اڳئي ڪورٽ جي توهين ڪري چڪو آهي تہ ڪهڙو ٿو فرق پوي جيڪڏهن هي ڪورٽ پاڪستان حڪومت خلاف ٿي ڪو خلاف فيصلو ڏئي ۽ اهو تہ پاڪستان ۾ ڪابہ ڪورٽ گورنر جنرل خلاف فيصلو نٿي ڏئي سگهي!

هڪ جج درست طور ڪيس چٽڀ ڏني، "اسين تنهنجي حڪومت کي اپاهج ڪري سگهون ٿا." اهو ظاهر ٿو ٿئي ته ڪورٽ ڪنهن ڏر طرفان عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي وسان نه گهٽائيندي. اهو مامرو ايترو ته ڳنڀير ۽ وڏو آهي، جو خود جج پڻ فطري طور تي پريشاني محسوس ڪري رهيا هوندا. ڪنهن به جج کي بدلي ڪري سگهجي ٿو يا مختلف طريقن سان هيسائي سگهجي ٿو. مرڪزي حڪومت جي تابع هوندي به ڪيس هڪ تاريخي سنگ ميل حاصل ڪرڻ جو فرض سونپيل آهي.

حالتون ايتريون ته غير يقيني آهن، جو خود ججن کي به پڪ ناهي ته جيڪڏهن گورنر جنرل خلاف فيصلو ٿو اچي ته سندن حڪمن جي پوئواري ٿيندي. عدالتي فيصلي کي عمل درآمد جي خاطريءَ واسطي راءِ عامه کي هموار ڪيو وڃي ته جيئن گورنر جنرل کي ڪنهن امڪاني اڳرائيءَ کان روڪي سگهجي. اها راءِ عامه ماڻهن آڏو ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي پهلوءَ کي سامهون آڻڻ کان سواءِ ڪنهن اچاتري انداز ۾ مٿي جوڙي سگهجي. ٻي صورت ۾ توهين عدالت ڪارروائي واري درخواست تميز الدين خان جي پٽيشن جو ست ڪڍي ان جي مقصد کي تباهه ڪري ڇڏيندي.

گورنر جنرل اهو چئي ۽ ڪري پيو سگهي ته:

"مسئلي ته ڪو به بحث مباحثو نه ڪيو ويندو. ماڻهن کي اونداهيءَ ۾ لاعلم ڇڙوڇڙ ۽ احتجاج کان پريرو رکجي، مون ڪيترائي چڱا ۽ بهتر موقعا پيدا ڪيا آهن. جيڪڏهن منهنجي حڪمن کي عدالتي فيصلي ذريعي تائيد ٿي ملي ته پلو پر جيڪڏهن ڪورٽ منهنجي خلاف فيصلو ڪرڻ جي همت ٿي ساري ته آءٌ ان فيصلي کي به ايئن دڦ ڪري ڇڏيندس. جهڙي ريت آئين ساز اسيمبليءَ کي ڪيم. انهيءَ معمولي سنڌ چيف ڪورٽ جي ڪهڙي اهميت؟ آئون ته خود سنڌ کي ئي ٿو ختم ڪريان! منهنجي طرفان ان کان سواءِ غلام محمد اهو به دليل ڏئي پيو سگهي ته ملڪ جي اختيارن جو استعمال تنقيد ۽ ناراضگيءَ جو سبب بڻجي رهيو آهي. انهن جو کلي عام اظهار برداشت نه ڪيو ويندو. آءٌ پنهنجو پاڻ کي رياست جي سربراهه طور سامهون آڻيندس. عوام جي حقن جي جهڙي تهڙي!

پنجاب جا ميجر ۽ ڪرنل ۽ برگيڊيئر زنده باد پوءِ منهنجي اختيار کي ڪير للڪاريندو؟

اهي مستقبل جا امڪان آهن. ۽ اهي ڪيترا ڀيانڪ آهن.

ڪوبہ آزادي پسند اوڏي مهل ڪيئن ٿو خاموش رهي سگهي، جڏهن ڪراچيءَ ۾ان نوعيت جا خطرناڪ ڊراما ڪيا پيا وڃن؟

جج بشمول سڄي زندگي اسان جي ملڪ جو دوست رهندڙ جي بي ڪنسٽنٽائن اسان جا پنهنجا آهن. هن طوفاني ماحول ۾ ويچارا جج پنهنجو پاڻ کي ڀونچال ۾ پسي سگهن ٿا. هو قانون جي حڪمرانيءَ جي حمايت ۾ هڪ سگهاري راءِ عامہ جي وجود کي پسند ڪري سگهن ٿا ۽ ان ڏس ۾ ڪنهن بہ قدم کي گهربل عمل ليکي سگهن ٿا. اهو ڪورٽ جي حيثيت کي سگهارو بڻائڻ جو موجب بڻبو. هيءَ ڪيس مهذب قومن جي تاريخ ۾ بيمثال آهي. غيرمعمولي مامرا غيرمعمولي رد عمل جا گهرجائو ٿين ٿا. بهرحال جيڪڏهن مون تي توهين عدالت جو الزام ٿو لڳي تہ آءٌ خوشي خوشي اُن جي سزا ڀوڳيندس. مون کي حب الوطنيءَ لاءِ ڪنهن بہ سزا تيار هئڻ گهرجي. ڪا سزا منهنجي لاءِ پريشان ڪن ناهي، منهنجي لاءِ پريشانيءَ جو سبب اهو آهي تہ ڇا پاڪستان کي هاڃو رسائجي؟

برطانوي سفارتڪاري

هاڻوڪي سياست ۾ برطانوي سفارتڪاريءَ عوامي چين، هند، چيني وغيره ڏانهن پنهنجي بهتر رويي ۾ يقيني طور تي اشارا ڏنا آهن ۽ ان واسطي اها جس لهي پر هت برطانوي سفارتڪاري ساڳي پرائي سامراجي انداز ۾ جاري آهي.

سٺين جمهوري روايتن سان برطانوي سفارتڪاري پاڪستاني قيادت تي پنهنجي اخلاقي دٻاءُ ذريعي پاڪستان جي مدد ڪري سگهي ٿي.

پر ان جي ابتڙ برطانوي سفارتڪاري اهو سوچيندي تہ ڪمزور پاڪستان ئي سندس پلي ۾ آهي، اسان جي افسوسناڪ صورتحال مان مزوماڻي رهي آهي. هڪ سگهارو پاڪستان برطانوري سامراج جا آخري نشان ۽ اهڃاڻ بہ اڪ چنبي ۾ ڦٽا ڪري ڇڏيندو. برطانوي سفارتڪاري پاڪستان کي ٻن حوالن سان ڪمزور ٿي ڪري بيروني طور تي ڪشمير، پاڻي ۽ ٻين مامرن کي تعطل جو شڪار ڪندي ۽ اندروني طور ون يونٽ منصوبي لاءِ مدد ڏيندي برطانيا جي حمايت ۾ فوج جا جذبات ۽ سندن

برطانيا دوست روايتن سان گڏوگڏ پنجاب برطانوي صنعتن لاءِ سستو مزدور پڻ فراهم ڪري ٿو ۽ هر مُند ۾ پنجابي مزدورن جا ٻيڙا ڀرجي برطانيا وڃن ٿا. ان حوالي سان برطانوي صنعتڪارن جو پنجاب سان هڪ ويجهو معاشي ڳانڍاپو موجود آهي. ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالهه نه هوندي ته برطانوي سفارتڪاري پنجاب جي قيادت کي خوش ۽ راضي رکڻ ٿي چاهي. ون يونٽ لاءِ پتوڙيندي سڄي اولهه پاڪستان جي معاملن ۽ وسيلن تي مڪمل ڪنٽرول واري پنجابيت جي خواهش پوري ٿيندي درحقيقت اقبال جو پاڪستان بابت تصور اولهه پاڪستان تي ئي ٻڌل هو ۽ ان ۾ اوڀر بنگال جو ڪو گنر نه هو. "پاڪستان" ۾ پ- پنجاب (مڪمل) ا-اٽڪ يا پٺاڻستان، ڪ-ڪشمير، س- سنڌ ۽ تان-بلوچستان شامل هئا. جيڪي وڏيءَ اڪثريت وارا مسلمان علائقا هئا. برطانوي سفارتڪاريءَ انهيءَ ناٽڪ ۾ پاڳي پائيوار ٿيندي، پنجاب جي صوبائيت پرست عنصرن کي راضي رکيو ۽ ان هڪ اندروني خلفشار پيدا ڪيو جيڪو اسان جي ملڪ کي مستقل طور تي ڪمزور ڪري رهيو آهي. غلام محمد، اسڪندر مرزا ۽ ٻين جي اعليٰ عهدن ذريعي برطانوي سفارتڪاري آمريڪا نواز وزيراعظم محمد عليءَ جو قد ڪاٽ گهٽائي ڪيس علامتي حيثيت ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

ڊالر سفارتڪاري

آءٌ پنهنجي آمريڪي دوستن کان دريافت ڪوڪريان ته اسلحي سازي، ائٽم بم ٺاهڻ ۽ انهن جي تجربا ڪرڻ واري اها بيوقوفاڻي روش ڪيستائين هلنديءَ اها ڊوڙ دنيا ۾ اڳئي موجود ڇڪتاڻ کي اجائين وڌائيندي نه ڪي گهٽائيندي ۽ جيڪڏهن ان ڊوڙ کي روڪيو نٿو وڃي ته پوءِ پڪ ڄاڻو ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڪنهن تڪرار/ ٽڪراءَ جي صورت آمريڪي ڌرتي تيپي ٽامو ٿيل هوندي ۽ اها تباهي ۽ انساني ڪوس نه رڳو آمريڪين لاءِ پيڙا هوندا پر سڀيتا جو پڻ نقصان هوندو.

ڪيڏي نه اياڳ جي ڳالهه آهي ته واشنگٽن لنڪن انگرسول ۽ ايڊيسن جهڙا آزادي انسان دوستي ۽ صنعت سازي جا املهه هيرا ڏيندڙ ملڪ هاڻ هڪ ڪارٽي ۽ ڊوليس جهڙا راڪاس آڇي رهيو آهي، جن وٽان انسان ذات جي اجتماعي تباهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه پلئه نه پوڻو آهي!

آمريڪي امداد ڪي هٿ ڪهڙي ريت ٿو ڏئي وڃي؟

آمريڪي امداد ڪميونزم دشمنيءَ جي شرط تي ئي جاري ٿي ڪئي وڃي. هن ملڪ ۾ ڪميونزم دشمنيءَ جو سڌو سنئون مطلب پورهيت ۽ هاري تنظيمن جي اڳواڻن کي بغير ڪيس هلائڻ جي جيلن ۾ واڙيو وڃي. انهن کي جيلن ۾ بند ڪرڻ جو مطلب آهي پورهيتن، هارين ۽ ڏتڙيل ماڻهن کي هيچي شاهوڪار جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو وڃي. جيڪي اسان جي نوي سيڪڙو ڪان وڌيڪ آباديءَ جي بدحالي ۽ استحصال تي پنهنجا پيٽ پري رهيا آهن.

ان ريت اها امداد حتمي تجزئي موجب ماڻهن جي اصل مفادن کي ڇهو ٿي رسائي. ٽئڪس ڀريندڙ آمريڪين جي دولت مان ايندڙ اها رقم ۽ سامان آمريڪي عوام واسطي معمولي اقليت وٽان ساراهه ۽ وشال اڪثريت وٽان ڏڪار جوڻي سبب ٿا بڻجن.

ڇا آمريڪين کي چين مان تازو ئي پرايل سبق وسري ويو آهي. جتي سندن لکين ڪروڙين ڊالر به سندن لاءِ بقا ۽ تسلسل ماڻڻ ۾ ناڪام رهيا؟

پنهنجي پوري مان سمان سان آءُ اعلان ٿو ڪريان ته آءُ آمريڪي عوام، برطانوي عوام سوويت عوام جو به اوترو ئي گهڻگهرو آهيان، جيترو پاڪستان جي پنهنجي ماڻهن جو. آءُ ان تي انتهائي فڪرمند آهيان ته روشن خيالي جي هن دور ۾ جڏهن اسان جي سائنسي عملن جي درست اطلاق سان ۽ پنهنجي قدرتي وسيلن جي مناسب سار سنڀال سان، پنهنجي ڌرتيءَ کي سموري انساني نسل لاءِ هڪ پائيدار ۽ مستقل بهشت بڻائي سگهون ٿا.

مارڪس، لينن ۽ اسٽالن شايد اوترا اُڇاترا ۽ پوائتا نه هئا، جيترو ڪين امريڪي چئين ٿا. مارڪس جي هي ڳالهه ڏسو:

"انسان ۾ پنهنجي ارد گرد جون حالتون بدلائڻ جي صلاحيت آهي ۽ حالتن کي بدلائيندي هو پنهنجو پاڻ کي پڻ تبديل ٿو ڪري". فيلسوفن دنيا جي نقط اُپٽار ڪئي آهي. اسان جو ڪم ان کي تبديل ڪرڻ آهي. شعور اسان جي وجود جوتعين نٿو ڪري پر وجود اسان جي شعور جو تعين ٿو ڪري. لاڳاپيل پورهئي ذريعي حاصل ٿيندڙ پيداوار کي انهيءَ پيداواري قوت ذريعي ئي تقويت ملڻ گهرجي. هر ڪنهن مان سندس صلاحيت پٽاندر

ڪم ۽ سندس ضرورتن آهر موٽ اچڻ وارو ئي معاشرو بهتر ليکي ٿو سگهجي وغيره.

اهي ڳالهيون هيل تائين حاصل ڪيل اعليٰ ترين انساني چڱائين ۽ ڏاهپ ۾ شامل ڪري سگهجن ٿيون.

توهان جا ڊالر پل اهي ڪيڏائي املهه ڇو نه هجن رشوتي ڪردار اختيار ڪري پيا سگهن ۽ ان صورت ۾ ڏوڙ ڪان به وڌيڪ ابتر ليکجي ٿا سگهجن پر سنا فڪر ۽ سٺيون سوچون جواهرن وانگر آهن، جيڪي سدائين لاءِ انساني دلين ۾ جر ڪندا رهندا.

ڇا آمريڪي اڳواڻن اهو ادراڪ ڪيو آهي ته سندن امداد وٺڻ لاءِ قومن کي پينو فقيرن وانگر ايلازن واريون سندن ڪوششون ڪرڻ جي باوجود دنيا ۾ سندن تمام ٿورڙا گهڻگهرا دوست آهن. ٻئي پاسي دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪانه ڪا اهڙي يونين يا تنظيم موجود آهي، جيڪا انتهائي پاپوهه مان مارڪس ۽ لينن جا نالا ٽي وٺي.

روسي عوام ۽ سندن اڳواڻ شايد اوترا خراب نه هجن جيترو ٻڌايو ٿو وڃي. ڪجهه ٿورڙن روسين سان آءُ منهن مقابل ۽ لکڻين ذريعي ملي سگهيو آهيان. ڪنهن به قوم جي بهترين ۽ اعليٰ ترين فردن سان پيٽڻ جهڙا آهن. ڪين پنهنجو دوست ٻڻايو هو توهان سان ۽ سمورن سان دوستي رکڻ لاءِ آتا آهن ۽ انساني ڏاهپ ۽ هنر وڳهي تيار ٿيل اِهي وڏيون شاهي مشينون جن ۾ آمريڪين جو وڏو ۽ شاندار حصو آهي. سيني جي خوشحاليءَ لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجن. ساڳي ريت امن پڻ اڻ ورهاڱي جوڳوئي آهي.

ان حوالي سان پرڏيهي ملڪن لاءِ پنهنجي امداد کي سياسي معاملن سان نه ڳنڍيو ۽ اها رقم واپس پنهنجي آمريڪي پورهيتن کي موٽائي ڏيو. جيڪي ان جا سڀ کان وڌيڪ حقدار آهن. آمريڪي پورهيتن کي پاڪستاني پورهيتن لاءِ نيڪ تمنائن جا جذبا اُماڻڻ ڏيو ان ريت هڪ دائمي دوستي اُسرندي.

پنهنجي سموري سفارتڪاريءَ کي ان پاسي منتقل ڪريو ۽ اسان کي آجو ۽ دوستاڻو خوش ۽ ٿورائتو بڻجڻ ڏيو!

فوجي آمريت جو پيش منظر

برطانوي تربيت يافته سپاهين، آفيسرن بابت هڪ ڪٿا ٿي ساموهون اچي ته منجهائن پنج هڪ پر امن شهريءَ تي ڪڙڪي پيا ڪيس ٿڦا ٿوپي ڪيائون ۽ ڪيس ڦرڻ واري پنهنجي ڪم کي ذري گهٽ پورو ڪري ورتائيون ته سندن شڪار جي ذهن ۾ هڪ ڳالهه آئي. زمين تي دسيل هوندي به هن زور سان رڙ ڪئي "اٽينشن" ۽ فوري موٽ طور فوجي اٽينشن ۾ بيهي رهيا. شڪار ٽيل فرد يڪدم حڪم ڏنو" اباؤٽ ٽرن! ڪوئيڪ مارچ" فوجين سندس حڪم مڃيو شهري فوجين کي حيران ۽ پريشان ڇڏي ڀڄي نڪتو.

اهو قصو اسان جي فوج جي عمومي مڪينيڪل انداز جو اظهار ٿو ڪري برطانوي سامراجين مقامي ماڻهن کي ڪڏهن به سوچڻ جي اجازت نه ڏني. ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن فوجين کي سوچڻ جي اجازت ڏجي ها يا کين ان لاءِ همٿايو وڃي ها ته پوءِ هو ڌارين حڪمرانن لاءِ پنهنجي ئي ماڻهن تي گوليون ڪيئن وسائين ها؟ اها انسانذات جي پوري تاريخ جي افسوس ناڪ ترين ڳالهه ته هندستاني سپاهين جي مدد سان ڪو ڏهه هزار کن انگريز سپاهين هندستانين تي پنهنجي ڇهه هزار ميل پري واري سلطنت لاءِ راڄ ڪيو!

اهو آپگهاتي توهين آميز ڪم گهڻي ڀاڱي پنجابي مسلمانن ۽ سکن ڪيو. سک جيڪي سمورن هندو فرقن جي پيٽ ۾ مسلمانن جي سڀ کان ويجهو هئڻ ڪپندا هئا. جهڙي ريت سندن باني گرونانڪ ويچاريو هو پر بدقسمتي سان هو ۽ مسلمان ايندڙ ڏينهن ۾ هڪ ٻئي جا رت پياڪ ويري بڻجي ويا. برطانوي تربيت يافته اهڙن فوجين مان ڪهڙي توقع ٿي رکي سگهجي؟ مارشل لا، عوامي مچتا رکندڙ اڳواڻن جي گرفتاري، شهري آزادين جو خاتمو! ڪيڏو نه ڀيانڪ پيش منظر آهي. اسان جو ملڪ سياسي طور تي صديون پوئتي ڌڪجي ويندو! هڪ آزاد ۽ خودمختيار پاڪستان بابت اسان جا سمورا سپنا ڌڦ ٿي ويندا؟

فوجي عنصرن کي ڪابينا ۾ شامل ڪندي غلام محمد شعوري يا لاشعوري طور تي اسان کي انهيءَ اوڙاهه ۾ ڌڪي رهيو آهي. مصر ۽ ايران ۾ فوجي حڪومتن جا مثال اسان سڀني کي پنهنجي آڏو رکڻ گهرجن.

جهڙي ريت افلاطون چيو هو "بادشاهن ۽ حاڪمن کي به فلسفي هئڻ گهرجي. ان صورت ۾ ئي رياستون ٺيڪ ٺاڪ طريقي سان هلي سگهنديون." اسان کي پاڪستان جي تقدير فوجي آفيسرن ۽ ڪامورن جي حوالي نه ڪرڻ گهرجي. پل هو ڪٿي ڪيڏا ئي باصلاحيت ڇو نه هجن، جيڪي خوشامدڙين جي جهرمٽ ۾ رهيا هجن. عوام کان ڪٽيل رهيا هجن، عام ماڻهن جي ڏکن ۽ اُڌمن کان قطعي بي خبر هجن تن کي وطن جون واڳون ڪيئن ٿيون سونپي سگهجن. فقط بي داغ ڪردار وارا آزمايل عوامي اڳواڻ ئي اسان جا سونهان ۽ حڪمران هئڻ گهرجن.

پاڪستاني قيادت

افسوس ناڪ حالات آهي ته سواءِ ڪجهه جي پاڪستان جا سمورا اعليٰ حاڪم عوامي اڳواڻن بدران عملدار ئي رهيا آهن. اهي حڪمران انهن مان ناهن جن برطانوي ڏکهي راڄ دروان جدوجهد ۽ قربانين ذريعي آزادي لاءِ پنهنجي اُنسيت جو اظهار ڪيو. اسان جا ڪجهه هاٺوڪا وزير ته دراصل پگهاردار ملازمن ۽ ڇاڙتن طور دشمن برطانوي سامراجي ڪئمپ ۾ شامل هئا. حقيقت ۾ اسان جي اڳواڻن کي اقتدار ايترو سولائيءَ سان ذري گهٽ نامزدگين ذريعي حاصل ٿيو آهي، جو کين آزادي ۽ خودمختياري نالي شيءِ جو ڪو قدر ئي ناهي. لينن چيو هو ته آزادي ايتري امُلهه آهي، جو ان جي راشن بندي ٿيڻ گهرجي. "دائمي نظرداري آزاديءَ جي قيمت آهي". نظرداري فقط ڪجهه ڪامورن، وزيرن ۽ سپاهين ذريعي نه پر مردن، عورتن ۽ ٻارن تي ٻڌل سڄي قوم ذريعي.

برطانوي سامراج کي انڊو پاڪ ننڍي کنڊ جي هندن مسلمانن ۽ پارسين جي گڏيل ڪاوشن زرعي ٻاهر ڌڪيو ويو. (ان جي مڪمل نيڪالي اڃان ٿيڻي باقي آهي) ۽ پنهنجي اٿاهه قربانين ۽ پيڙائن ذريعي معتبر ٻٽيل ۽ ساک واري پارٽي قيادت پنهنجي لاين کي سگهارو بنائڻ ۾ ڦڙتي ۽ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو. اسان جا اڳواڻ پاڪستان سان ذاتي ملڪيت

طور ڪيڏي رهيا آهن. ڇاڪاڻ جو ڪين آزادي انتهائي سستي اگهه تي سولائيءَ سان ملي وئي. ان ڳالهه جو انتهائي خدشو آهي ته ڪٿي اسان جا ڪارا ڪامورا اڳواڻ آزاديءَ کي تينوال نه ڪري وجهن.

اڇوته ان کان هر صورت ۾ بچون.

ون يونٽ بابت ڪوڙا نعرا

اڪثر اصل ذاتي مفادن کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙا نعرا بلند ڪيا ويندا آهن. هاٿوڪي سيٽ اپ ۾ بنگال محسوس ٿو ڪري ته صوبائي بنياد تي هڪ جي پيٽ ۾ ڇا بدران (ان جي پنجاهه سيڪڙو کان وڌيڪ آباديءَ جي باوجود) اولهه پاڪستان ۾ ون يونٽ جي صورت ۾ ان جي حيثيت ٻن مان هڪ واري هوندي. ان جي حيثيت ۾ سودي بازي واري صورت ۾ اڌو اڌ واري حيثيت. ون يونٽ جي حمايت ڪندي بنگال دراصل پنهنجي صوبائي مفادن جي پوئواري ڪري رهيو آهي.

جيستائين پنجاب جو تعلق آهي ته ان جو پنهنجي اڪثريت ۾ فوجي طاقت جي آڌار تي سڄي اولهه پاڪستان تي مڪمل ڪنٽرول هوندو. ون يونٽ جي حمايت ڪندي پنجاب به پنهنجي "صوبائي" مفادن جو تحفظ ڪري رهيو آهي.

ون يونٽ منصوبو وڏن صوبن کي انتهائي ٺهڪي ٿو اچي ۽ جڏهن اهي ان جي گهُر ڪن ته "صوبائيت پرستي" جا مرتڪب نٿا ٿين. جڏهن سنڌ جو ننڍو صوبو پنهنجي انتهائي فطري ۽ سياسي حق طور پنهنجو وجود برقرار رکڻ چاهي ٿو ته ان کي "صوبائيت پرستي" سڏي ننديو ٿو وڃي.

وڏن صوبن جي مفاد پرستي جو ڇيهه آهي ۽ پلي معصوم ۽ آڪاتي سنڌ سان ڪيڏي نه زيادتي!

اسان جا پنجابي ۽ بنگالي سنڌن قيادت پنهنجي خود غرضي ان نعري ۾ لڪائي ٿي ته "اڇوته اهو وساري ڇڏيون ته اسين پنجابي يا بنگالي يا سنڌي يا پناڻ آهيون" اسين فقط پاڪستاني آهيون!

اهو چوندي هو دراصل اثارتي پنجابي ۽ بنگالي ئي آهن. جيڪڏهن اهو نعرن جو ئي معاملو هو ته پوءِ اقبال وانگر ڇو نٿا چون ته "هندي نهين..." اهڙن نعرئي دانن جي اسان جي سماجي جيوت ۾ ڪا گهرج ناهي،

جيڪي ان ڳالهہ تي ڪُنڊ ٿا ڏين تہ پاڪستان جي رياستي ٻولي اردو بدران عربي هئڻ گهرجي. ڇا اهي نعرا عمل جوڳا ۽ حقيقت تي مبني آهن؟

اتي ئي ڇو بيهي رهجي ۽ اسين تہ اجائين اڳتي جي ڳالهہ ٿا ڪريون "اڇو تہ اهو وساريون تہ اسين مسلمان يا عيسائي يا هندو آهيون اسان کي انسانن جي عالمي ڀائيچاري واري تناظر ۾ ئي سوچڻ گهرجي ۽ سڄي انسانذات لاءِ هڪ آفاقي ٻولي Esperanto تخليق ڪرڻ گهرجي.

ڪنهن کي خبر تہ اهي نعرا سمورن جي فائدي واسطي ارتقائي عمل ذريعي حقيقت جو روپ ڌاري وٺن، پر ڪابہ قوم يا ٻولي پنهنجي پاڻ کي ٻين تي مسلط نٿي ڪري سگهي.

اسان جون هاڻوڪيون حقيقتون ڇا آهن؟ سنڌين، پنجابين، پٺاڻن، بنگالين، بظاهر ڪنهن وٽ پنهنجي ٻولي، ادب ۽ جيوت پنهنجون عادتون، ريتون رسمون، روايتون، ورثاءُ، اڏما آهن، جيڪي صدين جي پتوڙ جي نتيجي ۾ اُسريا ۽ نسريا آهن. ڪنهن بنگالي يا پنجابي کي پنهنجي بنگالي هئڻ تي فخر ڪرڻ جو حق حاصل آهي ۽ اهو ئي حق سنڌين ۽ پٺاڻن کي بہ حاصل آهي. اها فطري ڳالهہ آهي ۽ ان ۾ ڪابہ "صوبائيت پرستي" ناهي، ان کي مرڪز طرفان جاري ٿيندڙ حڪمن ۽ آرڊيننس ذريعي ميساري نٿو سگهجي. مرڪز کي جمهوري ۽ ارتقائي عمل ذريعي هڪ گڏيل ثقافت ۽ ايستائين جو هڪ گڏيل ٻولي لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي، جنهن عمل ۾ سنڌ بہ ٻين علائقن جيترو ئي ڀاڱي ڀائيوار ٿيندي، پر سنڌ ڪهڙي ۽ راشديءَ هٿان پنهنجو وجود ميسارڻ لاءِ قطعي تيار ناهي.

اصل عذاب اوڏي مهل شروع ٿيندو جڏهن ۽ جيڪڏهن ون يونٽ کي عملي روپ ڏنو ٿو وڃي. جڏهن سنڌ تي وڏي پئماني تي پنجابين ذريعي اڳرائي ٿي ٿئي، تڏهن تلخ ترين ڪاوڙ سامهون ايندي، ڇاڪاڻ تہ ٿيهہ لک بي زمين سنڌي هارين بدران زمينن تي ڌارين جو قبضو ٿيندو.

پنهنجي ماضيءَ وارن تجربن جي روشنيءَ ۾ اسان کي سنڌين کي اهي خدشا لاحق آهن. تي سگهي ٿو تہ اسين غلط هجون ۽ اهو ڪجهہ نہ ٿئي ۽ سنڌين جي حقن جي ڪابہ لتاڙ نہ ٿئي.

پر اسان جو اهو چوڻ آهي تہ پنجاب جا پائرو اسان ون يونٽ واسطي اوهان جا سمورا دليل ٻڌا آهن. اسين انهن تي سنجيدگيءَ سان ويچاري ۽ پنهنجي ماڻهن آڏو پيش ڪري رهيا آهيون.

اهو ممڪن آهي تہ اسين اوهان جي موقف سان سهمت ٿي وڃون. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اسان کي اهو ادراڪ ٿئي تہ پنجابي اڳواڻ ۽ زميندار ڪشاده دلي ۽ موقعن جي فراهميءَ سان لبريز آهن ۽ پنجاب سان الحاق ۾ اسان کي لاڀ ئي رسندو. " جڏهن اسان کي اهڙو ادراڪ ٿي ويندو تہ نہ رڳو توهان کي چونداسين پر توهان جي چائنٽ تي اچي توهان کي منتون ڪنداسين تہ مهرباني ڪري اسان کي پنجاب سان ڳنڍيو." اهڙي رضاڪاراڻي الحاق لاءِ حالتون پيدا ڪريو پر ڪوڙن نعرن ذريعي هڪ هٿلري داٻو لاڳو نہ ڪريو. هاڻ آءٌ هڪ انتهائي اهم موضوع ڏانهن تو توجهہ ڏيارڻ جيڪو آهي "ملان ازم" جو وڌندڙ طوفان ۽ جيڪو پاڪستان جي سلامتيءَ لاءِ برطانوي سامراج ۽ ون يونٽ منصوبي جيترو ئي هاڃيڪار آهي.

"مُلان ازم" جو وڌندڙ طوفان

ڪهڙو سبب آهي جو مراڪش کان مشهد تائين، ڪابل کان ڪلڪتي تائين ۽ ڍاڪا کان جڪارتا تائين هر هنڌ مسلمان پوئتي پيل آهن؟ آءٌ سمجهان ٿو تہ ملان ازم جو طوفان ئي اسان جي انهي ابتريءَ جو بنيادي سبب آهي.

آڳاٽن دورن ۾ بادشاهہ اسان جي جسمن تي مسلط هئا تہ اسان جا دماغ مُلن ۽ پوپن جي قبضي ۾ هئا ۽ اهي ٻئي پاڻ ۾ ٺهيل هئا.

جيڪڏهن ڪنهن شهري پنهنجي سماج جي آزادين يا شاهي ضابطي جي اخلاقي جواز بابت ڪو سوال ٿي اُٿاريو تہ ڪيس جيئرو دفن يا گهٽ ۾ گهٽ جيل ۾ ضرور ٿي، واڙيو ويو. عدالتون ۽ ڪيس جديد دريافتون آهن. ملان کان اڳ ڪنهن غير معمولي وجود يا تصور تي انڌو اعتماد ئي اعليٰ ترين گڻ هو ۽ ڪو معصوماڻو يا ايمانداراڻو شڪ انتهائي وڏو ڏوهہ ۽ جنهن جي سزا هن دنيا ۾ سنگساري ۽ ايندڙ دنيا ۾ دوزخ تصور ڪري سگهون ٿا تہ انهي ايندڙ ابدي دنيا جو مطلب ڇا آهي؟ هڪ هزار سال، ڏهہ

هزار سال، ڏهہ لک سال، ڪروڙين سال انهيءَ ابديت آڏو اڪ چنبڙ آهن! هڪ محدود زندگيءَ ۾ ڪيل هڪ معمولي ڏوهہ تي بي مقصد لامحدود سزا ٻاجهاري الله جي ڪيڏي نہ ڀيانڪ تصوير تي پيش ڪئي وڃي! اهڙو نظريو انسان کي ڪنهن ٻوائتي وجود يا معمولي غلام جهڙو ڪمزور نٿو بڻائي ڇڏي؟

فنون لطيفہ سنگيت، راڳ، چترڪاري، ۽ ايستائين جو ڪلڻ ۽ مرڪڻ جهڙو ڪومل ڪم پڻ ملان کي اشتعال ڏيارينڌڙ عمل ٿا لڳن ۽ اسان کي رڳو مرڪندي ڏسي ئي سندس پيڙائن ۾ اضافو ٿي ٿو وڃي.

ايستائين جو شاعري جهڙي مقدس فن واسطي پڻ ونس ڪي نرم لفظ ناهن! اها ڌار ڳالهہ آهي تہ هو ڪيڏي ڪيڏي مهل آيتن کي انهن سان ڀيٽ ڏيو ٿو وجهي. جيڪڏهن ملان جو وس هلي تہ هو حساسياتي حيثيت رکندڙ سمورين سينيمائن ۽ ٿيٽرن تي بہ پابندي هڻي ڇڏيندو پر پنهنجي لاءِ زالن جو هجوم رکڻ کان نہ مڙندو ڇاڪاڻ جو اهي هن لاءِ تفريح لُطف ۽ نج پڻي جو اظهار آهن.

هو ڀيانڪ آواز ڪيڻ جو ماهر آهي. هو بهشت (۽ ساڳي ريت جهنم پڻ) جون چابيون پنهنجي اُبداڻي سان ٻڌي ٿو رکي. بغداد جي قاضي القضائق يوسف طور هو بادشاهہ کي پنهنجي بادشاهہ پيءُ جي زال سان همبستري ڪرڻ جي اجازت ٿو ڏئي. هو عام معصوم ماڻهو لاءِ ڇهڪ پريو اختيارن آڏو نرم ۽ ٻانهائپ ڀريو آهي. جيڪڏهن مُلن جو وس پُڇي تہ هن ايندڙ دنيا ۾ امڪاني جنت جي آسري ۾ هن دنيا کي جهنم بڻائي ڇڏين.

غلامي

اسان جا ملان زور ٿا ڀرين تہ جيئن تہ ڪجهہ تحفظن سان پيغمبر غلاميءَ جي اجازت ڏني هئي، تنهنڪري ان کي جاري رهڻ گهرجي. اهو درست آهي تہ پيغمبر زنا تي پابندي وڌي ۽ نشي پتي تي بہ مرحليوار پابندي وڌي پر هو اهو حڪم ڏئي نہ سگهيو تہ پاڻ جهڙن انسانن کي غلام نہ بڻايو پر هن غلامي کي مضبوط ڪرڻ تي چاهيو يا ڪمزور؟ جڏهن 1832ع واري ٻلاري سال ۾ شاندار انگريز وليم ولبر فورس جي سڄي حياتيءَ جي پتوڙ جي نتيجي ۾ برطانوي پارليمينٽ انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو غلامي تي پابندي مڙهي ان کي هڪ ڏوهہ قرار ڏنو تہ اهو قدم ڪنهن بہ ريت محمدصہ

جي پيغام سان ٽڪراءُ وارو نہ پر سندس مقصد جي پورائي ڏانهن هڪ وڏي اُڇال هو.

گهڻين زالن سان پرڻجڻ

هاڻ اهو ئي مسئلو ڪٿو اسان جا ملان زور ڏين تہ مردن کي هڪ کان وڌيڪ شادين جي اجازت هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو پيغبر ان جي اجازت ڏني ۽ ان تي عمل ڪيو.

گهڻين عورتن سان پرڻجڻ ماضيءَ جي حالتن ۾ صورتحالن سبب تہ باجواز ٿي سگهي ٿو پر جديد مڃيل معيارن پٽاندر اهو عمل عورتن جي لاءِ غلامي آهي، ڇاهيو تہ ڪنهن بہ پڙهيل ڳڙهيل ۽ عقلمند عورت کان ان بابت پڇي سگهون ٿا ڇا عورتن جي غلامي سدائين برقرار رکي سگهجي ٿي ۽ اسان جي اڌ آبادي کي محروميءَ ۾ ڌڪي سگهجي ٿو؟

عورتن کي ملڪيت جا حق ڏيو. ڪين مال ملڪيت ۽ پئسا ڏوڪڙ ڏيو پر اهي سموريون شيون اوڏي مهل ڪابہ اهميت نٿيون رکن. جڏهن ڪيس پنهنجي سڀ کان پلي حق ڪنهن هڪ مرد کي چاهڻ ۽ ڪنهن هڪ مرد جي چاهت بڻجڻ. گهرجي اڪيلي راڻي بڻجڻ وارن سندس حق جي لتار ٿئي. هڪ کان وڌيڪ عورتن سان وهانءُ هڪ خوش ڪٽنبي زندگي ناممڪن آهن، ۽ جڏهن ڪنهن قوم جي پيڙهہ جو پهريون بنيادي پٿر يعني ڪٽنب ئي درست نہ هجي تہ پوءِ قوم ڪيئن ٿي اڳتي وڌي سگهي؟ ان کان سواءِ گهڻين عورتن سان وهانءُ جنسي ڇڙو اڳيءَ جا دڳ ٿو کولي، جيڪو ڏاهپ جي راهہ کوٽي ڪندو. منهنجو من گهڻين عورتن سان وهانءُ سندن پنهنجي شخصيت جو پاڻ مالڪ بڻجڻ خلاف ۽ آجپي جي حاصلات واري جدوجهد ۾ پاڪستان جي عورتن سان گڏ آهي، ڇاڪاڻ جو عورتن جو آجپو سمورن انسانن جي آجپي واسطي بنيادي شرط آهي.

پردو

هڪ ٻيو شيطان "پردو". ڇا ڪنهن هارياڻيءَ لاءِ برقعو پهري گوڏي جيتري پاڻي ۾ تپندڙ سج هيٺان ساريون پوکڻ ممڪن آهي؟ ڇا صنعتي

ڪارڪن عورتون برقعا پهري فيڪٽريءَ ۾ ڦرندڙ ڦيٿن ۽ مشينن ۾ ڦاسي مرڻ کان بچنديون ڪم ڪري سگهن ٿيون؟ لڪين عورتن لاءِ برقعوائين عملي طور تي ناممڪن ڳالهه آهي، اهو اڄڪلهه جي دور ۾ ملن ۽ ڪجهه پيٽ پريل ماڻهن جي عياشيءَ جوئي موجب آهي.

برقعو مردن جو هڪ وڏيڪ غرور آهي ته عورتن تي پروسو نٿو ڪري سگهجي (جيتوڻيڪ هو پنهنجي لاءِ اهو چاهي ٿو) ۽ اهو هڪ شاندار انساني جسم کي هڪ ساهه گهٽيندڙ هلندڙ ڦرندڙ تنبوءَ ۾ لڪائي کين ان تازي هوا ۽ سج جي روشنيءَ کان محروم ٿو ڪري، جيڪي قدرت هر ڪنهن تي آڇي. اهي سماجي ۽ اخلاقي ورتاءَ جا مامرا آهن. اچو ته پنهنجي ملن کي ڏاهپ جي بنياد تي پرکيون.

فلسفو

اسان جا ملان خاص طور تي سڀ کان وڏا ملان فلسفي کي رد ٿا ڪن. سمورن فلسفين جو مقصد مامرن پويان موجود اصل حقيقتن کي ڳولهي لهڻ آهي. انسان آدجڳاد کان سچ جاڻڻ لاءِ اُتاولو پئي رهيو آهي ۽ ذرو ذرو ڪري فطرت جي هنج مان ان جي انتهائي گهرن اسرارن جا ڳجهه لهڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. انسان جي حتمي سچ ڏانهن دائمي پتوڙ ۽ ڪٽ تاحال جاري آهي. سچ جي انهيءَ انساني ڳولا مان اهو واضح ٿيو آهي ته اجان تائين پورو سچ لهڻ باقي آهي. جڏهن ته ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته ڪڏهن به مڪمل سچ دريافت ڪري ئي نه سگهبو.

اسان جا ملان سمجهن ٿا ته هو اڳي ئي مڪمل سچ ماڻي چڪا آهن. ۽ کين اهو مڪمل سچ رسائيندڙ پيو ڪونه پر قادر مطلق آهي.

فلسفو مختلف حالتن ۽ دېائن بابت سوچ جون مختلف ڏارائون، روشنيءَ جا مختلف ڪرڻا، مختلف نقطي نظر ٿو اختيار ڪري ۽ ان ڪري فلسفو پنهنجي واڌ ويجهه ۽ اوسر لاءِ واحد دڳ طور بحث مباحثي کي همٿائي ٿو. ملان لاءِ بحث مباحثي جو معاملو ناقابل قبول آهي. پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ هو اڻ ڇاتل تي ايمان، ڳنڍ ٻڌي بيهندڙ ۽ انتهاپسنديءَ جي آڌار تي سوچي ٿو ۽ سمورن انساني معاملن ۾ بنيادي حيثيت رکندڙ رعايت يا سهپ جو ڪو اشارو نٿو ڏئي.

اها ڪا اچرج جي ڳالهہ ناهي تہ اسلامي دنيا ڪو عظيم فلسفي پيدا نہ ڪري سگهي آهي. ڪي مسلمان سائنسدان ۽ فلسفي جهڙوڪ ابن سينا، ابن رشد، عمر خيام ۽ ٻيا ضرور ٿيا آهن. پر سندن لکڻين ۽ انهن تي ايندڙ رد عملن تي نظر وجهڻ کان پوءِ اهو ئي چئي ٿو سگهجي تہ اهي اسلام جي ڪري نہ پر هن جي هوندي بہ فلسفي ٿيا. ڪين سندن مسلم معاشري ۾ انتهائي ڌڪار جوڳو ٿي ليکيو ويو ۽ سندن ڪتاب ڪلئي عام پڙهڻ تي پابندي هئي. جيڪڏهن وقت سر سندس حمايتي شهزادو مداخلت نہ ڪري ها تہ شايد ابن رُشد پنهنجي فلسفي جي ڪري مارجي وڃي ها.

ستاره شناسي

اچو تہ ملان کي ستاره شناسي واري کيتر ۾ جاچيون. پنهنجي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ اڄ ڏينهن تائين هو پنهنجي شاگردن کي قرآن ۽ حديث سان گڏوگڏ ستاره شناسي بہ پڙهائين، جنهن موجب اسان جي ڌرتي ساڪن آهي ۽ سج ۽ تارا، ان جي چوڌاري گردش ٿا ڪن. اهي ملان اڻ ڄاتل آئيندي دائمي دنيا ۽ ان جي ڏنگيندڙ نانگن ۽ باهہ سان ڀريل دوزخ، ڪارن نيڻن وارين حورن ۽ کير جي ندين سان ڀريل بهشت جو تہ تفصيلي ذڪر ٿا ڪن پر هن دنيا جنهن ۾ اسين گهاريون ٿا جي پيڙائن ۽ سچائين جو معمولي ذڪر بہ نٿا ڪن.

انهن مُلن جي علم ۽ عقل موجب جيڪڏهن وڻن جمعي جو ڏينهن آهي تہ هر هنڌ جمعي جو ڏينهن هوندو ۽ جيڏي مهل سج ٿو اڀري اوڏي مهل ئي باقي دنيا ۾ سج ٿو اُڀري.

ڪاپر نيڪس، نيوٽن، ڪيپلر ۽ ٻين جي شاندار دريافتن جي ٿورن سان اسين مُلن کان گهڻو ڄاڻون ٿا. اسان کي خدشو آهي تہ جهڙي ريت مُلان اسان جي هن دنيا بابت اڻڄاڻ آهن اهڙي ريت ئي هو ان دنيا بابت پڻ اڻڄاڻ هوندا، جتان ڪو ٻڌائڻ لاءِ موٽي نہ آيو آهي.

ڪنهن اهو ڄاتو آهي تہ ڪاپرنيڪس مُلان ازم کي ڪيترو ڌڪ رسايو آهي. پراڻي Ptrlemaice تصور موجب انسان وقت جي ماپن (جهڙوڪ عيسائين، يهودين ۽ مسلمانن وٽ دنيا جي ترتيبوار آچر، ڇنڇر ۽ جمعو) ۽

ماڳ جي هنڌ کي اهميت ڏيندو رهيو آهي هاڻ اسان کي خبر آهي تہ ڪو ياڳ پريو ڏينهن ڪا ياڳ پري گهڙي ڪراچيءَ جي پيٽ ۾ لنڊن پنج ڪلاڪ دير سان ٿي پهچي. اها دنيا ۾ الله جي پسنديده ترين اسلامي دنيا کان پنج ڪلاڪ اڳ ٽوڪيو تي رسي. مُلان ان ڳالهہ کي هوائي تواٽي ليکيندو تہ الاهي باجهہ (ياڳ پريل پل) ڌرتيءَ جي چوڌاري هڪ ڪلاڪ ۾ هڪ هزار ميل ۽ سج جي چوڌاري هڪ هزار ميل في منٽ ۽ ڪيرڌارائن جي وشالنا ۾ هڪ هزار ميل في سيڪنڊ جي حساب سان ڦري ٿي.

ڪن حقيقي عظيم الشان واقعن کي هڪ پاسي رکندي، جڏهن انسانن پنهنجي فرضن ۽ مقصدن سان پنهنجو پاڻ کي لاڳو ڪيو وقت يا ماڳ جي ڪنهن حصي کي مقدس ياڳ پريو نٿو ليکي سگهجي. ڪنهن ياڳ پريل پل جي ڳالهہ ڪرڻ هوائي ڳالهہ ڪرڻ جي مترادف ٿيندو. انساني عمل ۽ مقصد ذريعي ئي ڪنهن پل کي ياڳ پريو يا يادگار بڻائي سگهجي ٿو. ياڳ پري يا يادگار بابت اسان جو تصور پڻ تبديل ٿيندڙ حالتن ۽ گهرجن پٽاندر مختلف ۽ عارضي ٿين ٿا.

ملان عمومي حقيقتن تي انحصار ڪندي ۽ رڳو ريلي جي انڪشافن تي نہ پاڙيندي تہ هڪ ڏينهن جو عرصو 24ڪلاڪن بدران 48 ڪلاڪن تي ٻڌل آهي تہ 12 ڪلاڪن کان پوءِ اسان جي هاٽوڪي پوزيشن پٽاندر اسان جا مٿان بلڪل هيٺ ڏانهن ۽ پير بلڪل مٿاهين ڏانهن هوندا تہ ڪنهن تيز رفتار جهاز ذريعي اسين رمضان جي روزي يا جمعي جي ڏينهن کي ٿاري يا اڳواٽ حاصل ڪري سگهون ٿا تہ اسان جي زمين جي سج سان اهڙي ئي نسبت آهي جهڙي ڪنهن نارنگيءَ جي پيٽ ۾ سئي جي ٽوپي جي تہ فطرت آڏو "اعليٰ" ۽ "ڪمتر" خيال اڻچاتل آهن ۽ انهن جي حقيقت فقط ڪنهن مشاهدو ڪندڙ سان واسطيدار آهي؟

بايولاجي

اڇو تہ بايولاجي، انسان جي بڻ بڻياد ڏانهن وڌون. اسان جي مُلن وٽ پنهنجا اهڙا تصديق يافتا نسبي شجراه آهن، جيڪي ڪين پيغمبر جي ڪنهن نہ ڪنهن ساٿيءَ سان ڳنڍيين ٿا ۽ ان کان اڳتي آدم پهريون انسان

ڪامل تخليق ۾ پيغمبر تائين. سندن بقول ۾ جنهن جي بائيبل تصديق ٿو ڪري تہ آدم اڄ کان ڪواٽ هزار سال ايشيا جي ڪنهن ماڳ تي رهندو هو.

لازوال انگريز ۾ انتهائي وڏي ماڻهن چارلس ڊارون ٿاري نہ سگهجندڙ شاهديءَ سان اسان تي ظاهر ڪيو آهي تہ انسان پولڙي جهڙي ڪنهن ڪمتر جيوت کان اُسري، انيڪ دور پيڙا پريا عمل ۾ ٿهڪاءُ لنگهي اڄوڪي حالت تائين پهتو آهي. جديد ترين سائنسي نقطي نظر موجب انسان جديد شڪل ۾ وجود سان هن ڌرتيءَ تي ڪو پنج لک سالن کان رهائش پذير آهي!

سموري عيسائيت ڊارون کي رد ڪري ڇڏيو پر جتي اٽلي واسين پنهنجي برونو کي جيئرو ساڙيو ۽ گاليليو کي سزا ڏني، انگريز ڊارون کي جيئرو رهڻ ۾ وڌڻ ويجهڻ ڏنو هو بقا جي قابل کي جيئرو رهڻ ٿا ڏين.

سمورا ملان ڊارون کي ڪرڙي ۾ ڪاوڙ پري نظرن سان ٿا گهورين، جو سندن معتبرائپ ديوتائيت ۾ فخر گهائجي پيا آهن. جو هن انسانيت کي ڪمتر ڏيکاريندي ان جي تذليل ڪئي آهي. مُلان پٽڪن ٿا تہ ڇا اسان کي پنهنجي ڪنهن چمپينزي شهزادي ۾ باندر پولڙي شهزادي مان جمڻ تي مطمئن ٿي چپ ٿيڻ گهرجي.

دراصل ڊارون اسان کي ڪمتر نہ بڻايو آهي پر هن تہ انسان ذات کي سچائي ۾ اميد سان متاهون ڪيو آهي تہ جيڪڏهن اهڙي معمولي بڻ بنياد کان هلي اسين پنهنجي ڌرتيءَ جي احترام جوڳن نالن شيڪسپيئر، ابراهيم لنڪن ۾ لينن جهڙا انسان پيدا ڪري سگهون ٿا تہ پوءِ اسين وقت گذرڻ سان سپرمين جي اهڙي نسل تخليق ڇو نہ ڪري سگهنداسين، جيڪو بيمارين ۾ ڏقيڙ کي قابو پائي وٺندو ۾ معاشري کي ڪاملتا ۾ خوشين جي اهڙي انتها تي پهچائيندو جو منجهن ۾ اسان ۾ ايترو فرق هوندو جيترو پولڙن ۾ اسان ۾ آهي! اسان جو ايندڙ نسل اسان جا داستان پڙهي شايد لڄ وچان چوي اف! اسان جا ابا ڏاڏا بہ ڪيڏا نہ ابوجهہ هئا، جو هنن جنگين جهڙا آڏار برقرار رکيا ۾ ائٽم بمن جهڙا وڏي پئماني تي تباهي پکيڙيندڙ هٿيار تخليق ڪيا.

ملان ازم ترقي پهل ڪاري اصل پٽي وارن سمورن مامرن ۾ گٽن کي ٽڏي ۾ ڏقيڙ مونجهارا ۾ تڪرار تضاد پيدا ڪندڙ عملن کي همٿائي ٿو.

نتيجي ۾ ملان ازم طور ايترا تہ فرقا ۽ ذيلي فرقا تخليق ڪيا آهن جو اهو پتوئي نٿو لڳي تہ اسلام ڇا آهي، مسلمان ڪير آهي ۽ ڪير ناهي؟
شيعا ملن کي پڪ آهي تہ سُنين جون پڙهيل سموريون نمازون زيان آهن، جڏهن تہ سُني مُلان بہ هنن لاءِ اهو ئي ٿو چوي.

ڪجهہ نالي چڙهيا مُلان

اڇو تہ پنهنجي ملڪ جي ڪجهہ نالي چڙهيل مُلن جو ذڪر ڪريون. مولانا مودودي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي اسلامي ڏاهپ ۽ ثقافت جو بي مثال ماهر ٿو ليکي، زميننداري سرشتي جي لامحدود حد تائين حمايت ٿو ڪري.

ٿي سگهي ٿو تہ پيغمبر زميننداري سرشتي جي اجازت ڏني هجي، پر غلاميءَ وانگر ان کي بہ ختم ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو زميننداري سرشتو هارين کي غلاميءَ ۾ ٿو ڦاسائي. انڪان سواءِ ڇا مولانا کي اهو ادراڪ آهي تہ هاڻوڪي شڪل ۾ زميننداري پراڻي سرشتي کان بنهہ مختلف آهي ۽ مشينري ۽ مالياتي ناڻي ڪانپوءِ ۽ زميننداري سرشتي ۾ غير حاضر زميندار هڪ بنهہ نئون مامرو آهي. قوم جي وسيع تر مفاد ۾ جڏهن بالغ راءِ دهيءَ جي بنياد تي اختيار سلطنت کان عام ماڻهن کي منتقل ٿي چڪو آهي، نيون حالتون نوان قانون جوڙين. زميننداري سرشتي کي هر حال ۾ ختم ٿيڻ گهرجي. پنهنجي لکڻي "اسلام جي ادراڪ" ۾ مولانا مودودي سڄ ۽ چنڊ جهڙن بيجان اسمن کي بہ مسلمان ٿو ليکي، شايد ان جي مستقل بنيادن تي ظاهر ٿيڻ ۽ غائب ٿيڻ سبب ئي مولانا سڄ کي مسلمان ٿو ليکي. بهرحال کيس اهو پتو هئڻ گهرجي تہ سڄ تيزيءَ سان پنهنجي تپش ۽ پنهنجو ڪششي سگهہ وڃائي رهيو آهي ۽ ڪجهہ عرصي (ڪجهہ ڪروڙ سالن) ۾ اهو بہ اسان جي ڌرتي جهڙو اونداهو ۽ ايورسٽ جهڙو ٿڌو بڻجي ويندو ان ريت اهو پنهنجي دلچسپي ۽ مسلمان هئڻ وارو سرٽيفڪيٽ وڃائي ويهندو.

هڪ بيو وڏو ملان "علامہ" مشرقي چوي ٿو تہ قرآن پاڪ جي اپٽار لاءِ روايتن جي ضرورت ناهي ۽ اهو پنهنجي اُپٽار پاڻ آهي. ان ڪانپوءِ هڪدم پوءِ هو اسان کي ڄاڻائي ٿو تہ عرب ۽ ايراني صدين تائين قرآن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. سو هن ذهن جلدن تي ٻڌل قرآن جي اُپٽار

ڪرڻ شروع ڪئي آهي. سندس تذڪره جو فقط هڪ جلد سامهون اچي چڪو آهي، جڏهن تہ گذريل ويهن سالن دوران باقي جلدن جو ڪو پتو ئي ناهي. هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن قرآن پنهنجي سرتشريح آهي تہ پوءِ ان اپٽار لاءِ ڏهن جلدن جي ڪهڙي ضرورت؟ ٻيو اهو تہ جيڪڏهن پيغمبر جي دور ۾ ماڳ سان ويجهڙائيءَ ۾ رهندڙ عرب ۽ ايراني قرآن کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪري سگهن ٿا تہ پوءِ هو پاڻ بہ هنن کان گهٽ ۾ گهٽ ويهہ پيرا وڌيڪ غلطيون ڪيئن نٿو ڪري سگهي. مٿان وري سندس ۽ پيغمبر جي وچ ۾ تيرنهن صدين ۽ ٻولين جو فرق بہ موجود آهي.

علامہ مشرقي کي ڊارون جي ارتقائي اصولن کي وڏي اهميت ڏيندي پنهنجي "تذڪري" جا شروعاتي ويهہ صفحا ان موضوع لاءِ مختص ڪيا آهن. ان دوران هو هر هر قرآن جا حوالا بہ ٿو ڏئي.

هاڻي جيڪڏهن سندس بقول ارتقائي نظرئي کي تسليم ٿو ڪيو وڃي تہ پوءِ هو سال 632 کي انساني ارتقا جو مٿاهون ترين امڪاني مقام ڪيئن ٿو ليکي؟

هڪ ٻيو علامہ آءِ آءِ قاضي اهو ٿو موقف اختيار ڪري تہ 610 کان اڳ جڏهن پيغمبر جو ظهور ٿيو ڪوبہ ڳڻپ جوڳو سوچڻ جو عمل نہ هو ۽ سمورو يوناني فلسفو فقط لفظن جو انبار آهي ۽ اهو تہ اڄ جي دور جون سموريون ٻليون شيون عام وهنوار يا قلم کان وٺي شاندار فوٽوگرافي يا ريڊيوگرافي تائين عمليت پسنديده ڊارون ازم کان وٺي مارڪسزم ۽ انسانيت پسندي تائين سڀ ڪجهہ سڌو سنئون اسلام مان ئي ڦٽو آهي ۽ هو هر شيءِ واسطي صحيفن ۾ استعمال ٿيل تُز لفظ ٻڌائي سگهي ٿو!

هن صاحبلوڪ سان فقط هڪ معاملو آهي تہ هو هر شيءِ ڪنهن واقعي کان پوءِ ٿو دريافت ڪري هو اسلام ۾ سوشلزم 1917 واري عظيم الشان آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ ٿو ڳولهي لهي. هو پڪ سان مريخ جي جيوت کي بہ قرآن پاڪ ۾ هٿ ڪندو بس رڳو ڪو ماڻهو همت ڪري مريخ تي پهچي اتان جو حال احوال هتي آڻي.

مون حيدرآباد سنڌ ۾ يونيورسٽي هال ۾ سندس ڪجهہ ليڪچر ٻڌا آهن. هڪ ۾ سندس چوڻ هو تہ وڻ انسان کان برتر آهن. مسلمانن جي

حاصلات کي ساراهيندي صوتي لحاظ کان سندن فرمائڻ هو تہ Pomegranate (ڏاڙهون) جو مطلب آهي Pome of granda اسلامي اسپين جي اهڃاڻ۔ هاڻ ڪيس کو اهو ٻڌائي تہ غير ناڪام ڏاڙهون پنهنجي سر هئا ۽ اهو شهر بہ مسلمانن جي قبضي کان گهڻو اڳ بہ موجود هو.

شيعن بابت پنهنجي خيالن بابت هڪ ليڪچر ۾ سندس چوڻ هو تہ لنڊن ۾ ايراني سفير ۽ پنهنجي دوست کان پڇيم تہ جڏهن قرآن پاڪ ۾ لفظ شيعا غلط مفهوم ۾ استعمال ٿيو آهي پوءِ هنن پنهنجي لاءِ اهو لفظ ڇو چونڊيو آهي؟

آءُ شيعن ۽ سنين جي عمومي گڻن يا اوگڻن بابت ڪجهہ بہ نٿو چوڻ چاهيان پر مون کي ڪجهہ تاريخي نڪتا سامهون آڻڻ ڏيو.

قاضي صاحب کي شايد اهو پتو ناهي لفظ "شيعا" جو بڻ بڻياد عربستان کان آيل آهي نہ ڪي ايران مان. ان کان سواءِ لڳي ٿو تہ قاضي صاحب سچي قرآن جو مطالعو نہ ڪيو آهي نہ تہ اهو ايڏو غلط الزام نہ هڻي ها. قرآن ۾ اهو لفظ هڪ پيرو جمع (ڌرين) طور منفي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. جڏهن تہ بہ پيرا چڱي معنيٰ ۾ هڪ درست ڌر طور استعمال ٿيو آهي. ابراهيم کي نوح جو شيعو (ساٿي) سڏيو ويو آهي، جڏهن تہ موسيٰ پنهنجي ماڻهن کي پنهنجو شيعو (دشمن) ليکيو آهي.

جن هاشمي پيغمبر جي سؤٽ هاشمي علي رضہ جيڪو پيغمبر جي ساٿين ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏاهو ۽ ڀاڄهارو هو هن کي جڏهن چوٿون خليفو چونڊيو ويو تہ اُموي معاويہ ان کي مڃڻ کان انڪار ڪندي سندس خلاف بغاوت ڪئي. ان بغاوت جي نتيجي ۾ اسلامي دنيا ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي وئي. علي جي پوئواريءَ ڪندڙن کي شيعا علي (عليءَ جا حمايتي) سڏيو ويو. جڏهن تہ معاويہ جي حمايتي ڪندڙ کي (خارجي) سڏيو ويو. اهو سولائيءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ هاشمين ۽ اموين وچ ۾ انهيءَ تڪرار ۾ جنهن دوران علي جي پٽ حسين رضہ جي شهادت پڻ ٿي، علي اسلامي جذبي ۾ بہ رت جي رشتي جيترو ئي معاويہ جي پيٽ ۾ محمد کي ويجهو هو ساڳي صورتحال حسين ۽ يزيد جي پڻ هئي. ان هوندي بہ عليءَ جي هڪ حمايتيءَ جي پيٽ ۾ معاويہ جا هڪ سؤ حمايتي هئا. جڏهن تہ حسين ۽ يزيد وچ ۾ اهو انگ هڪ جي پيٽ ۾ هڪ هزار هو ان ۾ دولت ۽ داٻي جو وڏو حصو هو. سني

يزيد کي محمد جو ڇهون جانشين خليفو ليکين ٿا. اوائلي عرب مسلمانن تي اسلام ۽ ان جي نظريي جو اهو اثر هو. هاشمين جي پيروڪارن جو اهو گهڻ تعداد ايندڙ صدين تائين جاري پئي رهندو آيو آهي ۽ اڄوڪي اسلامي دنيا ۾ هر هڪ شيعي جي پيٺ ۾ گهڻ ڏهه سُني آهن.

پر ثابت قدمي علي ۽ حسين لاءِ اُڪير پيدا ڪئي آهي. جو ڪو سني به پنهنجي ٻار جو نالو معاويه يا يزيد (جيڪو لعنت جو هڪ اظهار بڻيل آهي) رکڻ کان ڪيٻائيندو جڏهن ته علي ۽ حسين جا نالا تقريبن هر مسلمان ڪٽنب ۾ رکيا ٿا وڃن.

آءٌ آءٌ قاضيءَ جو پنهنجو سچو نالو امداد علي امام علي قاضي آهي. کيس انهن معاملن ۾ گهڻ طبع آزمائي ڪرڻ گهرجي.

قاضي صاحب کي شايد اهو به پتو هجي ته اسلام ابوجهه ماڻهن ۾ زندگيءَ جو هڪ نئون روح ڦوڪيو. جو قرون وسطيٰ ۾ مسلمان سيپتا جا سونهان بڻيا. جن اسڪول ۽ ڪاليج ٽي هلايا. ايشيا ۽ يورپ ۾ سائنسي تجربا ۽ مشاهدا تي ڪيا. هيءُ انساني ڄاڻ ۽ پلاٽيءَ ۾ انتهائي وڏا ياڳي پائيوار بڻيا. هيءُ اُهي ڳالهيون آهن. جيڪي اسلام جا بدترين دشمن پڻ تسليم ڪندا پر اهو چوڻ ته مسلمانن اڳوڻن ڏاهن خاص طورتي يونانين کان ڪجهه به ورثي ۾ نه ورتو ۽ اهو ته انساني ڄاڻ ۽ ثقافت جي ڪيترن ۾ ٻين قومن جي ڪا حصيداري ناهي، پنهنجي وڏيرائپ جي دعواي ڪرڻ جهڙي ڏوهه جو مرتڪب ٿيڻ آهي.

ملان ازم تي تفصيلن سان بحث ڪيو اٿم. ڇاڪاڻ جو منهنجي خيال ۾ اهو برطانوي سامراج کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي. برطانوي ۽ آمريڪي سامراج لنڊن ۽ نيويارڪ ۾ وڏيون شاهي مسجدون جوڙائي اسان کان حاصل ٿيندڙ واڪاڻ کي اسان مان زمينداري سرشتي جي بچاءُ ڪندڙ مودودي جهڙا ايجنٽ نوازي گهڻائي سهگن ٿا. ملان ازم سامراجيت جو ساٿي آهي ۽ اهو تاريخي طورتي بادشاهه ۽ قاضين جي ڳٺ جوڙ جو تسلسل آهي. اسان ڊگهي عرصي تائين ۽ تمام گهڻو ڀوڳيو آهي. اڇوته جيترو جلد ۽ اثرائتي طور ممڪن ٿي سگهي پنهنجو پاڻ کي ملان ازم کان آجو ڪرايون.

تت

اسين دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي رياست جا شهري آهيون ۽ ڀاڳ اسان کان گهرُ ڪري سگهي ٿو تہ اسين پنهنجي حيثيت پٽاندر سچي اسلامي دنيا جي ڪم اچون. سندن ڀاڱ يا اڀاڳ ڪري باقي مسلمان ملڪن کي اهي تجربا ۽ موقعا حاصل ناهن، جيڪي اسان کي حاصل آهن، ان ڪري اسان کي پنهنجو ڪردار درست طور ادا ڪرڻو پوندو.

اسان کي پنهنجي سماجي ڍانچي ۽ ان جي اولڙي يعني رياست جي پيڙهہ عقلي بنيادن تي رکڻ گهرجي.

اسان کي اسلام جي اُپٽار هڪ جيون ڀري وڌندڙ ويجهندڙ جيوَ طور ڪرڻ گهرجي جيڪو انسانذات جي خدمت ڪري دڳ (عقيدو) مسلمانن لاءِ هئڻ گهرجي نہ ڪي مسلمان عقيدي لاءِ ملان ازم جي هٿن ۾ اسلام هڪ سگهاري قوت کان گهٽجي جامد بڻجي ويندو. جيڪو انهن ڀٽرن جي ٻتن کان بہ وڏيڪ خطرناڪ ٿيندو جيڪي اسان جي پيغمبر ڪعبي مان هٽايا ۽ ٽوڙيا.

پاڪستان جو اقتدار اعليٰ هر صورت ۾ عوام وٽ هئڻ گهرجي، حقيقي عوام جمهوريت هئڻ گهرجي. افلاطونيت يا ملائيت جا ڪابہ گنجائش نہ هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ماڻهن کي ڪنهن انتهائي چٽاڀيٽيءَ واري دنيا ۾ پنهنجو وجود برقرار رکڻو آهي تہ پوءِ کين سندن بهترين سيوا ڪندڙ پنهنجي قانون ٺاهڻ جي اجازت هئڻ گهرجي.

ون يونٽ منصوبي کي ترڪ ڪيو وڃي ۽ عوام کي ڪوڙن نعرن، منافقتن ۽ دلاسن تي ٻڌل حڪمن ۽ آرڊيننسن بدران هڪ رضاڪاراڻي ڳانڍاپي ۽ سهڪار جي بنياد تي جوڙيو وڃي.

هنگامي حالتن جو اعلان واپس ورتو وڃي ۽ آئين ساز اسيمبليءَ کي ان جي ذمي ڪم پورو ڪرڻ ڏنو وڃي.

ان ڏس ۾ سنڌ چيف ڪورٽ کي ان اٽوٽندڙ ۽ ايذائيندڙ ڪم ڪرڻ کان بہ بچائي سگهبو جيڪو مهذب نقطي نظر جي ڇٽر واسطي ان کي سونپيو ويو آهي. اهو عمل قوم کي امڪاني مونجهارن ۽ خطرن کان بچائي سگهندو.

اسان کي پنهنجون پرڏيهي پاليسيون ڏکار (هندو ازم، ڪميونزم خلاف) تي نہ پر تعمير سهڪار ۽ ادراڪ بنياد تي جوڙڻ گهرجن. ان جو اسان کي بهتر لاڀ حاصل ٿيندو.

سموري جمهوري عملن جي پوئواري ڪندي، پاڪستان جي سمورين اڪائين کي متحد رکندي ۽ ملان ازم سان ڦيٽ کائيندي ان کي مُڏو ڪندي ۽ ميساري ٿي پاڪستان سمورين مهذب قومن ۾ تنظيم ماٺي سگهندو ۽ ان سان ٿي ٻين مسلمان ملڪن کي هڪ دڳ ملندو ۽ اهي بہ انهيءَ مثال جي پوئواري ڪندا.

قوم کي پُڪار

آئون ننڍڙو ماڻهو آهيان، ايترو ننڍڙو جو ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي پڪار خواهشن ۾ اڻ ٿيڻي جو اظهار لڳي پر ڪنهن ٻئي کي اڳتي وڌندو نہ ڏسي هڪ لامرض پر اميد ڪوڙ آئون ان کي بلند ڪرڻ کان پوئتي نہ رهندس.

اچو تہ 15 جنوري 1955ع کي "آزاد پاڪستان ڏيهاڙو" ڪري ملهايون ۽ ان ڏينهن تي بيانن ۽ ادارين ذريعي اعلان ڪريون تہ:

(1) اسان جي آئين ساز اسيمبلي بحال ڪئي وڃي ۽

(2) ان جي پوئواري طور مولوي تميزالدين ۽ ايڊووڪيٽ جنرل گڏيل طور سنڌ چيف ڪورٽ مان ان ڏس وارو ڪيس واپس وٺن تہ:

(3) آئين ساز اسيمبلي ذريعي ملڪ جو جمهوري آئين جوڙيو وڃي جنهن جي مدد واسطي اهم پارٽي اڳواڻن سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهجي ٿو. برطانوي مقرر ڪيل گورنر جنرل جو عهدو ۽ ان سان گڏ سندس سلطنتي جهنڊو ختم ڪرڻ گهرجن.

قومي سطح تي اهو مظاهرو ۽ اظهار اسان جي پياري پاڪستان لاءِ انتهائي شاندار نتيجا سامهون آڻي سگهي ٿو.

آزاد پاڪستان زنده باد!

هڪ معذرت

هڪ سياجهڙي ڪارڪن طور مون پنهنجي آنڊماند ڪي اثرائتو ۽ اظهار ڀريو بنائڻ لاءِ ڪجهه نڪتن تي تي سگهي ٿو وڌيڪ زور ڏنو هجي ۽ ان ريت ڪجهه معززين کي شايد ايذائي ويو هجان. سندن احساسن کي ڇيهو رسائڻ جو ڪو ارادو نه هئم ۽ ان ڪري ان ڏس ۾ معذرت جو طلبگار آهيان. جڏهن ڪنهن امڪاني غلط فهمي يا ڪنهن غير ضروري تعريف جي ڪري اهو ڇيهو رسڻ جو احتمال آهي ته موقعو ملڻ تي آئون ان جي وضاحت ڪرڻ ۽ تعريف جي خاتمي جي ڪوشش ڪرڻ واسطي تيار آهيان.

آئون هڪ انسان آهيان ۽ انسان هئڻ ڪري ئي غلطي ڪري سگهندڙ پڻ لينن جو چوڻ آهي ته "اُهي ئي غلطيون نه ڪندا، جيڪي ڪجهه به نه ڪندا." ابراهم لنڪن جي هن ڳالهه سان پڇاڙي ٿو ڪريان ته "ڪنهن لاءِ به ڏڪار نه ۽ سمورن لاءِ خير" اهڙي ريت ئي درست عمل ڪريو جهڙي ريت خدا اوهان کي درست جو تعين ڪرڻ جو ڏانءُ ٿو ڏئي."

"اسلام عليڪم!"

"اوهان سمورن تي امن هجي!"

ڪراچي: پهرين جنوري 1955ع

حيدر بخش جتوئي
صدر
سنڌ هاري ڪميٽي
حيدرآباد (سنڌ)

(ٿلهه: اٺ آنا، سائيڪلو اسٽائل، چاپو ڏنل ناهي)
(ٽين پمفليٽ جي پڇاڙي)

جوابدار جو بيان

1ـ آءٌ بمبئي يونيورسٽيءَ جو گريجوئيٽ آهيان ۽ سال 1927ع ۾ پنهنجي بي اي (آنرس) ڪيم.

2ـ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ منهنجي شاندار ڪارڪردگي رهي ۽ 1919ع دوران پنهنجو سنڌي فائنل وارو امتحان سڄي سنڌ مان پهرين نمبر سان پاس ڪيم. اضافي ترقيون ماڻيندي ستن سالن وارو هاءِ اسڪول ڪورس ڇئن سالن ۾ مڪمل ڪيم ۽ 1923ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان مئٽرڪ جو امتحان پهرين نمبر سان پاس ڪيم.

3ـ آڪٽوبر 1927ع ۾ ريونيو کاتي ذريعي سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيس ۽ 1931ع ۾ مونکي ترقي ڏئي مختيارڪار بڻايو ويو. 1932ع ۾ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ٿيس ۽ 1941ع ۾ مونکي ترقي ڏئي گرانٽ آفيسر (ڊپٽي ڪليڪٽر) مقرر ڪيو ويو.

4ـ سرڪاري ملازمت واري پوري عرصي دوران ساک ۽ اهليت کي پنهنجي حاصلات جو مکيہ نڪتو بڻايم. اڄڪلهہ سنڌ جي صوبائي ملازمت ۾ ضلعي مئجسٽريٽ طور ڪم ڪندڙ گهٽ ۾ گهٽ پاڳي صاحبلوڪ منهنجا جونيئر هئا.

5ـ منهنجي ثقافتي سرگرمين شاعري ۽ نثر پنهنجو اظهار ماڻيو. آءٌ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي مخزن جو 1926ع ۾ ايڊيٽر رهيس. منهنجي سنڌي شاعري منهنجي خيال ۾ عوامي مڃتا ماڻيل آهي ۽ ان جو ڪُجهہ حصو سنڌ يونيورسٽيءَ جي نصاب ۾ پڻ شامل آهي. هيٺ ڄاڻايل منهنجي لکڻين جا نالا منهنجي ادبي ڪاوشن تي روشني وجهي سگهن ٿا.

1ـ تحفہ سنڌ

2ـ آزادي قوم

6ـ نوڪريءَ دوران هڪ شهريءَ طور آءٌ پنهنجي ملڪ جي جيوت جي عام مسئلن ۾ ڳوڙهي دلچسپي وٺندو رهيس ۽ ان مون کان سرڪاري نوڪري ڇڏرائي ۽ پنهنجي صلاحيتن پٽاندر هڪ ڪُل وقتي عوامي ڪارڪن بڻجي ويس.

7ـ 1945ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏئي سنڌ جي هارين جي سيوا واسطي سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيس، ڏتڙيل هارين جي سيوا ڪرڻ ۽ کين آزاد ڪرڻ مونکي اهڙو شاندار ڪم لڳي ٿو جنهن لاءِ آءٌ پنهنجي حياتي ۽ سگهه ارپي سگهان ٿو. اهو ڪم اڄ ڏينهن تائين ڪري رهيو آهيان ۽ هن مهل سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو چوٿون ڀيرو چونڊجي آيل صدر آهيان. منهنجي ڪم جي جواز طور سرڪاري لکپڙهه جا ڪجهه اقتباس ضروري ٿا بڻجن، جن ذريعي سنڌ جي هارين جي پيڙائن جو ڪجهه ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو (ايم مسعود کدر پوش) جي اختلافي نوٽ تان ورتل):ـ نمبرـ 3

سنڌ ۾ هارين جي حالت

هو انسان آهن ۽ ان ريت ساهوارا پڻ. جيتوڻيڪ کين پالتو جانورن جهڙو بڻايو ويو آهي ۽ کين انسان طور حاصل حقن کان محروم رکيو ويو آهي. اهي آهن سنڌ جا هاري، جيڪي ان جي آباديءَ جو وڏو حصو ٿا بڻجن، جيڪي زمين ٿا کيڙين ۽ سنڌ کي "پاڪستان جي ساوڪ" جو معتبر لقب ٿا ڏيارين.

"منهنجا ڀاڳ ڀلا هئا، جو آءٌ اٺن سالن تائين بمبئي پريزيڊنسي ۽ سنڌ ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر طور مختلف ضلعن ۾ غريب ماڻهن سان لاڳاپيل رهيو آهيان. جڏهن سنڌ آيس ته هتان جي هارين جي حالت ڏسي تنگ رهجي ويس ۽ مونکي ڪنهن .ور ۾ هندوستان جي اصلوڪن رهواسين ڀيلن جي حالت ياد اچي وئي، جتي بهتريءَ واسطي سالن جا سال ڪم ڪندو رهيو آهيان. سنڌ جا هاري غلامن کان بهتر حالت ۾ ناهن ۽ هو ڪنهن سماجي معاشي يا سياسي حق جي ڪنهن اداري کان سواءِ انتهائي مخدوش حالتن ۾ گهارين ٿا. زندگيءَ ۾ فقط هڪ اسم ۾ سندس دلچسپي

آهي، اهو آهي خوراڪ. جنهن ذريعي هو پنهنجي ساهه جي تند برقرار رکي ٿا سگهن. حياتيءَ جو ڪو ٻيو رنگ ڪين پاڻ ڏانهن متوجهه نٿو ڪري. ڇاڪاڻ جو سندن جيوت جا بنيادي مسئلا ئي حل ٿيل ناهن.“

”هارين جي ڪا منظم زندگي ناهي ۽ منجهن اڃان تائين اهڙو شعور به پيدا نه ٿيو آهي هر ٽڙيل پکڙيل آهن. ۽ مٽيءَ هاڻين جهُڳين ۾ هڪٻئي کان دور ٿا رهن. هر ريونيو ديهه ۾ سراسري اڌ درجن کن ٽڙيل پکڙيل ڳوٺ هوندا، جن ۾ ڪن ۾ آبادي هوندي ته ڪي اُجڙيل پر انهن ڪانسواءِ مال مٽي سان جهڳين جا درجنين جهڳٽا پڻ هوندا. سندن گهريلو سامان سڙي ۾ هڪ اڌ ڪٽ، ڪجهه ٺڪر ۽ ڌاتوءَ جا ٿانو ڪجهه قاتل هنڌ بسترا ۽ وري ڪا ڪاٺ جي پيتي شامل هوندا آهن.

”نسل درنسل ٻني ڪيڙيندڙ هاريءَ کي اهو پتوئي نه هوندو آهي ته هو ڪيستائين اها ٻني ڪيڙي سگهندو. هاري جي زندگيءَ ۾ ڊپ جو وڏو واسطو آهي،، قيد جو ڊپ، پنهنجو ٻني ٻارو، زال يا زندگيءَ وڃائڻ جو ڊپ. زميندار ڪيڏي مهل به هن کان ناراض ٿي ڪيس ٻي دخل ڪري سگهي ٿو. ڪيس پنهنجي فصل اڌ پڪل ڇڏڻو پئجي سگهي ٿو. ڪيس پنهنجي ڊورن تان هٿ ڪڍڻو پئجي سگهي ٿو ۽ مارڪٽ ڪري هو ڳوٺ مان تڙجي سگهي ٿو. هو ڪنهن چوري ڦُر يا قتل جي الزام هيٺ پنهنجو پاڻ کي پوليس تحويل ۾ ڏسي سگهي ٿو يا گهٽي پاڱي ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ جي شق 110 تحت گرفتاريءَ جا مزا ماڻي سگهي ٿو. ڪيس زميندار اڪثر پوليس ۾ ڀڌرائڻ جي ڌمڪي ڏيندو ٿو رهي. جنهن تي زميندار پنهنجي سرڪاري دوستن جي مدد سان عمل ڪرائي ٻيو سگهي. ڪيس ٻين هارين سان زميندارن جون ڪرايل ڄٽون ياد ايندڀون ٿيون رهن. جن کي ڊگهي عرصي تائين گهٽيل ۽ ٻوساٽيل سب جيلن ۾ واڙيو ويو جتي هنن مٿن لڳايل الزامن جي سزا کان وڌيڪ ڪچي قيدي طور ٽيپ ڪاڏي هوندي.

”هاريءَ کي جهنم کان وڌيڪ زميندار جي سزا جو ڊپ هوندو آهي، ڇاڪاڻ جو هو اڪثر زميندار يا سندس چاڙتن هٿان ڪنهن نه ڪنهن کي مارڪٽ جو نشانو بڻجندي ڏسندو ٿو رهي، هو ڄاڻي ٿو ته هاري طرفان ٿيندڙ ڪابه نافرماني زميندار جي عذاب کي دعوت ڏيڻ لاءِ ڪافي آهي، هڪ هاريءَ جي پاڻ هڪ عورت کي اغوا ڪيو ته ڪيس زميندار پاڻ وٽ گهرائي

اغوا ٿيل عورت بابت ڄاڻ ورتي. هاريءَ طرفان پنهنجي پاڻ جو ڏس پتو معلوم هئڻ کان معذوري ظاهر ڪرڻ تي زميندار مٿس اعتبار نہ ڪيو ۽ پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڪيائين تہ هاريءَ کي وڻ سان اُبتو ٽنگيو وڃي. مارڪٽ جي نتيجي ۾ هو غش ٿي ويو ۽ سندس ننڍو پاءُ ڪيس گهر ڪڍائي ويو. زميندار پنهنجي ڪجهہ ڇاڙتن کي زخمي هاريءَ جي گهر تي چوڪيداري ڪرڻ لاءِ لڳائي ڇڏيو تہ جيئن منجهائن ڪوبہ سرڪاري عملدارن کي دانهن ڏيڻ لاءِ وڃي نہ سگهي.

هاريءَ جي پوڙهي مان دانهيندي رهي تہ ڪيس پنهنجي گهايل پٽ کي ڊاڪٽر ڏانهن ڪڍائي وڃڻ ڏنو وڃي پر زميندار جي پهريدارن ان جي اجازت نہ ڏني. جيئن ڏينهن ڪان پوءِ اهو هاري زخمن جي سٽ نہ سهندي گذاري ويو. زميندار جا ڪمدار ڪڙا سندس لاش ڪڍائي قبرستان ۾ پوري آيا. پوڙهي ماءُ کي ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ گهران نڪرڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ هوءَ آسي پاسي وارن زميندارن وٽ شڪايت ڪڻي وئي پر ڪنهن بہ سندس داد رسي نہ ڪئي. پوليس بہ سندس ڪا واهر نہ ڪئي، آخرڪار هوءَ منهنجي هڪ هندو ماتحت سب ڊويزنل مئجسٽريٽ تائين پهتي. سندس فوتي پٽ جو لاش قبر مان کوٽي ڪيرايو ويو ۽ زميندار جا ظلم وائکا ٿيا. سندس ضمانت نہ ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري ٿيا پر ان کان هڪ ڏينهن اڳ تعلقي هيڊڪوارٽر ۾ نظر آيل زميندار پوليس موجب روپوش ٿي ويو. اهو واقعو منهنجي نوابشاهہ ضلعي ڇڏڻ کان ٿورڙا ڏينهن اڳ ڪنڊياري تعلقي ۾ پيش آيو. زميندار جي ننڍين جاگيرداراڻي سلطنتن ۾ اهڙا واقعا ڪي ورلي نٿا ٿين پر اهو ضرور آهي تہ ورلي ئي ٻاهر ڦاٽ ٿا ڪائين.

زميندار پنهنجي گهر جي اڏاوت، کوهہ جي کوٽائي يا ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ هاريءَ کان ڪيڏي مهل بہ بيگار وٺي سگهي ٿو. هاري کي پنهنجي ڏاند ۽ هر سان گڏ زميندار جي ذاتي ٻني کيڙڻ لاءِ پڻ گهرائي سگهجي ٿو يا وري ڪيس زميندار جي شڪار دوران حاضريءَ لاءِ گڏ وٺي وڃي سگهجي ٿو ان ريت هو سدائين ڪڙي ڏنيائيندو ٿو رهي، تہ ڪيڏي مهل زميندار جو ڪيس سڏ ٿئي. هو اهڙي بيگار کان انڪار ڪري زميندار کي مچرائڻ جو جوکم نٿو ڪڻي سگهي.

چونڊون غريب هاريءَ جي زندگيءَ ۾ وڏي آفت ٿيون آڻين. متحارب اميدوار ڪيس پنهنجي پاسي ڇڪين ٿا پر سندس ڪنهن به اُميدوار سان دلي لڳاءُ نه هوندو آهي. سندس زميندار ووٽ ڏيڻ لاءِ ورتل وڏي شاهي رقم يا مستقبل ۾ ڪنهن ٺيڪي، ڪنٽرول شاپ يا نوڪرين جي آسري تي غريب هارين جا ووٽ وڪڻيو ڇڏين ۽ هارين کي پنهنجي پسند جي اُميدوار کي ووٽ ڏيڻ لاءِ ڪمائڻ جو سلسلو شروع ڪريو ڏين. هاري هائوڪار ڪندي، قران تي حلف کڻي زميندار کي پڪ تو ڏياري. ووٽن کان پوءِ انهيءَ ڇنڊڇاڻ دوران جيڪڏهن مخالف اميدوار کٽي ويو ته اياڻي هاريءَ تي هڪ نئون اڻ کٽندڙ عذاب شروع ٿيو وڃي. نئين چونڊيل عيوضي جنهن جي مخالف کي زميندار جي ڌمڪائڻ ۽ هيسائڻ تي ووٽ ڏنو هئائين جا چاڙتا سندس زندگي تنگ ڪريو ڇڏين. علائقي جي ڪنٽرول شاپس تي اسيمبليءَ ميمبر جي سڌي سنئين يا اڻسڌي ڪنٽرول سبب مسڪين هاري پنهنجي ڪاتي جي کنڊ يا ڪپڙو لٽو حاصل ڪرڻ کان به محروم ٿيو وڃي، نه رڳو ايترو پر مٿس ڪوڙا ڪيس ٿا داخل ٿين يا مال متو چوري تي ٿئي يا وري مٿس حملو ڪري ڪيس زخمي ٿو ڪيو وڃي.

زميندار آڏو هاري هڪ ٻي واهرو غلام وانگر ٿو ڏيکائي ڏئي. ڪنهن زميندار جا پير ڇهندڙ هاري ڏسڻ لاءِ ڪا گهڻي محنت نٿي ڪرڻي پوي. زميندار جي ٻنين تي اچڻ مهل هاري پنهنجي ٻاري ٻچين نوڙي سندس پير ٿو ڇُهي ۽ پوءِ سندس هٿ ٿو چُمي، اهو ڪجهه هو تهذيب وچان يا روحاني لڳاءُ يا سندس ڪنهن ٻيءَ وصف ڪري نه پر ڪيس اهو باور ڪرائڻ لاءِ ٿو ڪري هو هڪ اهڙو جيو آهي، جيڪو سندس آڏو جهُڪي ڪائنس پنهنجي زندگيءَ جو جيئندان ٿو گهري. مون اهڙو ڪو هاري ناهي ڏٺو جيڪو زميندار آڏو سيس تاڻي ٻيهندو هجي ۽ ڪيس تهذيب سان سلام ڪندو هجي. انسان پاڻ جهڙي انسان سان ڪيڏي نه ويڌن ڪئي آهي، اُن جي ان کان وڏي هاجي ٻري اُپٽار سامهون نٿي اچي سگهي، جيتري هارين ۽ سندن ٻارن جي زميندار جا پير ڇهڻ ذريعي سامهون ٿي اچي.

”پير ۽ مولوي جيڪي زميندارن جا يار آهن سي هارين کي ياڳ جو درس ٿا ڏين ته هوان ڪري ڪمتر آهن جو خدائي کين اهڙو ئي ٺاهيو آهي!“

نسل در نسل ڏاڍ ڏمر هيٺ گهاريندڙ هارين هاڻ اهو سمجهڻ شروع ڪيو آهي، تہ اهو ئي سنڌن ڀاڳ آهي، جيڪو خدا سندن نصيب ۾ لکيو آهي ۽ انڪري ماٺ ميٺ ۾ ئي ان کي قبولڻ گهرجي. ان ڪري هو پنهنجي هاڃن سان ٺهڪي اچڻ جي ڪوشش ڪري پنهنجي ذات ۽ پنهنجي ڪٽنب لاءِ فقط جيئري رهڻ جيتري ثمر تي ئي اڪتفا ڪري. سندس زبردستي وارو غير حقيقي ٺهڪاءُ ائين ئي آهي جيئن ڪو قيدي ڊگهي عرصي تائين قيد ۾ رهڻ کان پوءِ ان قيد خاني سان ٺهڪي ايندو آهي. ڏاڍ کان آجپو ملڻ تي ۽ جهالت ذريعي ڪائنس کسجي ويل اظهار جي سگهہ واپس ملڻ تي هاري پنهنجي عذابن ۽ اپاڄن جو هڪ اٽڪٽ داستان ٻڌائي سگهي ٿو. صدين تي پکڙيل انهيءَ ڏاڍ ڏمر کيس انتهائي ڪمتريءَ واري احساس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو انتهائي هيٺين درجي وارن سرڪاري عملدارن جهڙوڪ ڪوٽارن، پٽيوالن، سپاهين ۽ ٽپيدارن آڏو بہ ٻڌل ٻانهو ٿو بڻجي رهي ۽ هو سندن اعليٰ عملدارن کي ڪنهن شڪايت کان بي ڊپا ٿي سندن توهين ڪندي سندن تذليل ڪندا ٿا رهن.

هاڻ اچو تہ زميندارن تي نظر وجهون. هو پنهنجي ننڍڙي جاگير ۾ جاگيردار آهي ۽ نوڪرن جو ڌڻ، پلا گهوڙا، ڍڳيون ۽ مينهون ٿو رکي، وڏي تعداد ۾ هٿيارن جو ڏٽي آهي ۽ هر سال شڪار تي هزارين رپيا ٿو خرچ ڪري. هو نماءُ جو شوقين آهي ۽ مهانگيون گاڏيون رکڻ جو ديوانو آهي ۽ عياشيءَ جي شين تي اڻ ميو خرچ ٿو ڪري، هو بود و باش جي اوائلي تصور موجب ٿو زندگي گهاري، خوراڪ ۽ ڪپڙي لٽي، جنسي اڳراين ۽ زيورن تي وڏيون رقمون خرچ ڪرڻ سندس معمول آهي ۽ انهن تي پنهنجي جسم ۽ دماغ کي کپائيندو ٿو رهي. کيس عورتن جو شوق ٿٿي ٿو ۽ اڪثر وڏيون رقمون خرچ ڪري هڪ ئي وقت ۾ ٻہ ٽي زالون ٿو رکي ان ڪانسواءِ سندس سريتون ڏار ٿيون ٿين، جن مان هڪ اڌ اڪثر ڪا مهاڻي يا ڪا سندس هارياڻي هوندي آهي. جنس جي بيجا استعمال سبب کيس اڪثر جنسي سگهہ وڌائيندڙ ڦڪين جي ضرورت پوي ٿي، جيڪي حڪيم يا ويج ٿا تيار ڪن. کيس ناچ ڳانو بہ پسند آهي، سو اڪثر ان قماش جون عورتون گهرائيندو ٿو رهي، جيڪي عام طور تي سندس ياران وڏن عملدارن کي خوش ڪرڻ ٻار جمڻ، طهر يا پٽ جي وهاڻءِ مهل يا وري آسي پاسي جي

ڪنهن زميندار کي دهمان ڪرڻ واسطي ٿيندو آهي. هو ڇُڪيءَ جو بہ شوقين آهي ۽ روزانو سندس دعوت ۾ مهانگي شراب جون انيڪ بوتلون خالي ڪيون ٿيون وڃن. پنگ ۽ گانجي جو بہ ديوانو آهي ۽ اهي اڪثر نيرن تي واپرائيندو آهي، هو انتهائي مهمان نواز آهي خاص طور تي واندن ۽ پنهنجي خوشامدڙين لاءِ سندس بورچي خانو 24 ڪلاڪ هلندو ٿو رهي جتان سندس حالي موالي پنهنجا پيٽ پريندا ٿا رهن.

سندس زيان پريون عادتون ۽ شاهاڻي طرز زندگي سندس ملڪيت تي انتهائي بار ٿي وجهي، جنهن جو پورائو هو پنهنجي جائز ڪمائي مان ڪرڻ کان قاصر آهي، سو آمدني جي غير قانوني ذريعن کي ٿو ڦلهوري ان ڪري هو پنهنجي هارين تي غير قانوني محصول ۽ ڏنڊ ٿو مڙهي، هن پاٽاريون قائم ڪري رکيون آهن، جتي چوريءَ جو مال خاص طور تي مال مويشي ٿو رکي ۽ چورن ۽ ڌاڙيلن کي پناهہ ٿو ڏئي، جيڪي سندس وهنوار جو هڪ حصو ٿا هجن. پاٽاريدارن جي پشت پناهي اڪثر زميندار ئي ٿا ڪن، جيڪي نہ رڳو وڏين جاگيرن جا مالڪ آهن پر حڪومت کان اعزاز پڻ ماڻيل آهن. جڏهن تہ خود پاٽاريدار کي پڻ اڪثر معاشري ۾ عزت ۽ احترام حاصل ٿئي ٿو. تر جي سمورن ماڻهن کي پتو هئڻ جي باوجود مٿس ڪڏهن بہ ڪيس داخل نٿو ٿئي ان جي اُبتڙ بہ رڳو پنهنجي زميندار پر اڪثر پوليس کان پڻ تحفظ ٿو ماڻي. (مال مويشيءَ جي چوري بابت رپورٽ، 1926)

بدنام زميندارن کي جيل ۾ واڙيندي ئي ان ضلعي ۾ ڏوهن خاص طور تي مال جي چوريءَ جي واقعن ۾ انتهائي لاٿ ٿي اچي، منهنجي پيشرو ڊيوس صاحب ۽ منهنجي جانشين آغا شاهي ان طريقي کي ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو جنهن جو اعتراف اڪثريتي ڪميٽي رپورٽ پڻ ڪيو آهي.

اوسي پاسي جي زميندارن سان سندس وير هلندا ٿا رهن، جيڪي پڻ پنهنجي طاقت جو مظاهرو ٿا ڪندا رهن. ان ڪري ڪيس پنهنجي طاقت جو مسلسل مظاهرو ڪندي، پنهنجي مخالف زميندارن ۽ رعايا تي دهمان ڪندو ٿو رهڻو پوي، جيڪا سندس ڪمزور هئڻ جي پٽڪ پوڻ تي سندس دابي مان نڪري سگهي ٿي. انڪري ڪيس پنهنجي ظلم ۽ زبردستيءَ جا ڪارناما هر پاسي پکيڙڻا ٿا پون. ان جو هڪ طريقو چورن ۽ ڌاڙيلن جا ٽولا

پالڻ آهي جن ذريعي هو پنهنجي ويرين جي دلين ۾ پنهنجي دهشت پکيڙي سگهي ٿو. جيترا وڏيڪ چور، ڌاڙيل ۽ ڏڦيڙ سندس ڪنٽرول ۾ هوندا، اوترو ئي مخالف ڪائنس ڇرڪندا، جڏهن ته ڪيس پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪرڻو هوندو آهي ته هو چورن جو ٽولو اُماڻي مال چورائيندو آهي يا ڌاڙيل اُماڻي هٿيارن سان حملو ڪرائيندو آهي. اڪثر مخالف ڌر جي ڪا جوان جماڻ سهڻي عورت کي اغوا ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙن واقعن ۾ اڪثر لوڙيندو وري به مخالف ڌر جو ڪو هاري ئي آهي.

ڏپ ڏاءُ ۽ دهشت جو ماحول پيدا ڪرڻ جو هڪ ٻيو طريقو پنهنجي بااعتماد پوليس عملدار خاص طور تي مقامي ٿاڻي جو انچارج سب انسپيڪٽر لڳرائڻ آهي. هو ڪيس مهانگيون سوکڙيون، کاڌ خوراڪ، شراب، پرتڪلف دعوتون ڏئي يا پنهنجي موٽر ڪار ٽانگو يا گهوڙو سندس حوالي ڪري يا سندس جنسي بُک اُجهائڻ جو بندوبست ڪري سندس اعتماد حاصل ڪري. هو پنهنجي پاٿاريءَ تي ايندڙ چوريءَ جي مال مان پڻ ڪيس حصو ڏئي پوليس سب انسپيڪٽر موٽ ۾ سندس چورن ۽ ڌاڙيلن جي ڦهري ڪارروائين تي اکيون ٻوٽي، ڪيس قانوني گرفت کان محفوظ رکي. زميندار پوليس سب انسپيڪٽر جي پنهنجي اعليٰ عملدارن سان ڪا اڻبت ٿيڻ جي صورت ۾ پڻ سندس لاءِ ٻيج ڏُڪ ڪري. اهڙي امڪاني صورتحال کي آڏو رکندي هو علائقي جي ڊي ايس پي ۽ ايس پي سان پڻ تعلقات ڳنڍي ۽ کين به مهانگين سوکڙين پاڪڙين ذريعي رشوتون آڇي ۽ ڏيندي پنهنجي راهه هموار ڪري. جڏهن به اعليٰ پوليس عملدارن سان گڏبو آهي ته پنهنجي واقف عملدار جي اهليت ۽ ايمانداريءَ جا ڳڻ ڳائي. پر جيڪڏهن تر جو عملدار ساڻس نٿو نهي ته ان جي بلڪل اُبتڙ ڳالهائڻ سندس شيوو ٿئي. ساڳي ريت روينيو پبلڪ ورڪس ۽ ٻين وسطيدار کاتن جي عملدارن کي پڻ رشوتون ڏئي، پنهنجي پاسي ڪري، پنهنجي غير قانوني سرگرمين جي خاطري ڪري. اوسي پاسي ڏاڍ ڏمر ۽ دهشت پکيڙڻ ۽ پنهنجي ساٿاري عملدارن کي گهربل پنيرائي ڏيارڻ واسطي، هو ڪنهن نه ڪنهن وزير سان به ڳنڍيجي ٿو پوي ۽ مٿس دعوتن جا دروازا کولي ڇڏي. هو هر عملدار آڏو هام هڻندو وتندو آهي ته هو جنهن کي چاهي بدلي ڪرائي ترقي يا تنزلي ڏياري سگهي ٿو. هو اڪثر وزير سان پنهنجي

تعلقات جي ذڪر ۾ وڏاءُ پڻ ڪندو آهي ۽ وزير طرفان متسَ پاڙڻ ۽ اعتبار ڪرڻ جا قصا ٻڌائيندو آهي ۽ هر ڪنهن تي اهڙو تاثر قائم ڪندو آهي تہ هو وزير جو انتهائي ويجهو ۽ با اعتماد شخص آهي ۽ ڪنهن بہ اعلىٰ يا زيردست عملدار کي هاجو رسائي سگهي ٿو. ان تي انتظاميا کي پنهنجي مُٺ ۾ ٿو رکي، عملدارن کي بدعنوان ٿو بڻائي ۽ ڪانئن پنهنجي لاءِ غير قانوني ڪم ٿو ڪرائي يا پنهنجي ڪرتوتن تي ڍڪ ٿو رکرائي.

هاري ۽ زميندار انسانذات جي ٻن انتهائن جي نمائندگي ٿا ڪن. هڪ محرومي ۽ اپاءَ جي گهراين ۾ ٿو رهي تہ ٻيو عياشي ۽ سهولتن جي انتهائن تي، هارين جي گهٽ ۾ گهٽ آبادي ويهہ لک کن آهي، جڏهن تہ 500 کان وڌيڪ ايڪڙن جي زميندارن جو ڳاڻيٽو ست هزار کن آهي. زميندارن جي ننڍڙي تعداد جي عياشي ڀري زندگي سنڌ جي آباديءَ جي هڪ وڏي حصي يعني هارين جي زندگيءَ کي عذاب بڻائي، سندن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هاري کي انتهائي هيٺين درجي تي انڪري ڌڪيو ويو آهي، جو پنهنجي وجود لاءِ هو جنهن زمين تي پاڙ ٿو ان تي زميندار جو مڪمل ڪنٽرول هجي ٿو جتان هو ڪيڏي مهل بہ بيدخل تي سگهي ٿو. هو انهي بيدخليءَ کان انهي ڪري بہ گهبرائي ٿو جو ان سان نہ رڳو سندس گذر سفر بند ٿو ٿئي پر هو پنهنجي اباڻي ڪکن، مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن کان بہ ٽڙجي ٿو وڃي. هو پنهنجي زمين ۽ ڳوٺ سان انتهائي پيار ٿو ڪري ۽ انتهائي ظالماڻي ۽ ڏمرواربن حالتن کان سواءِ ڪڏهن بہ انهن کي ڇڏڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي. جڏهن زميندار جا ظلم، ڪمدار جون ڏاڍايون ۽ ڪامورن ڪڙن طرفان غيرقانوني قدم سندس جيئڻ جنجال ٿا ڪن، وٽس اباڻا ڪک ڇڏڻ ۽ ڪنهن بهتر ورتاءُ لاءِ ڪنهن رحمدل زميندار کي ڳولهڻ کانسواءِ ڪو چارو نہ ٿو رهي. هارين ۾ پنهنجي مرضيءَ سان ٻني ٻاري تان هٽ ڪٽڻ جا واقعا ورلي ئي ٿا ٿين. بيدخليءَ جو منجهس اهڙو ڏپ واسيل هوندو آهي، جو هڪ زميندار جي غير موجودگي ۾ بہ سندس خلاف ٻڙڪ بہ نہ ٻوليندو آهي. جڏهن هڪ هاري کي، هاري ڪميٽي آڏو زباني بيان ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو تہ هو پنهنجي زميندار بابت ٻڙڪ بہ ٻولي نہ سگهيو. تمام گهٽين خاطرين کان پوءِ ئي هن ان ڏس ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڳالهيون سليون تہ سهي پر

آخر ۾ ايترو ضرور چيائين ته جيڪڏهن زميندار کي خبر پئي ته اهو سڀ ڪجهه مون ٻڌايو آهي ته هو مونکي بيدخل ڪري ڇڏيندو.

هارين جو ڪيس وڏيڪ چٽي ريت ليبرڊي (اٽلي) جي هارين طرفان سندن لڏ پلاڻ جي جوکم خلاف چِتاءُ واري هڪ وزارتي اعلان جي جواب ۾ سامهون ٿو اچي. هيٺ ان جو هڪ حوالي پيش ڪريان ٿو.

قوم مان اوهان جو مطلب ڇا آهي، وزير صاحب؟ ڇا اهو عذابن جو وڙڻ آهي؟ ته پوءِ اسين يقينن قوم آهيون. انتهائي پورهئي ۽ غيرمناسب خوراڪ سبب اسان جي بي رونق ۽ ڪومايل چهرن، بي ست جسمن ڏانهن نهار اسين ڪٽڪ پوکيون ۽ لڻون ٿا پر اسان کي ڪڏهن به صاف اٽي جي ماني نصيب نه ٿي آهي. اسين انگور پوکيون ٿا پر انهن جو شراب اسان جي ڀاڳن ۾ ناهي. اسين بيمارين ۾ پلجون ٿا. سيارن ۾ پارو ٿا ٻڌجون ۽ گرمين ۾ لکون ٿا جهليون. اطالوي ڏرتيءَ تي اسان جي واحد خوراڪ جَوَ آهن، سي به ڳاٽي ٽوڙ ٽئڪسن سان. خشڪ علائقن ۾ سُڄ جي اُلن وگهي بيمار ٿا ٿيون ته پاڻي هاڻن علائقن ۾ ڏيٽيون ٿيون اسان کي ٺاچاڪ ڪن. اسان جو انت اسپتالن يا پنهنجي جهور گهرن ۾ بي وقتائتو موت آهي ۽ ان سموري جي باوجود وزير صاحب! تون اسان کي صلاح ٿو ڏين ته اسين لڏپلاڻ نه ڪريون؟ پر ڇا جيڪا ڌرتي انتهائي پورهئي کان پوءِ به پيٽ پرڻ جيتري ماني به نه ڏئي سگهي تنهن کي ديس چئي سگهجي ٿو؟"

"ڪو به عقلمند ۽ اڻ ڏريو ساڃاهه وند اهو ئي نتيجو اخذ ڪندو ته هاڻوڪو زمينداري سرشتو ڪنهن به ملڪ لاءِ سڀ کان وڏي لعنت آهي، جيڪو ڪنهن به ريت آزاديءَ سان ميل نٿو کائي جيڪو ان ڪرت مان سڀ کان وڏي دلڪشي کسيو وجي، جيڪو غربت، ڏوهه ۽ مفلسيءَ کي ٿو جنم ڏئي ۽ سڀيتا ۽ قومي خوشحاليءَ جي سمورين ترقين تي رڪاوٽون ٿو وجهي. سڄي ملڪ ۾ زمينداري سرشتي جي "خاتمي واري گهُڙ آهي ۽ ننڍي کنڊ جي اڪثر صوبن ۾ ان جي خاتمي ڏانهن سفر شروع ٿيل ٿو نظر اچي."

8_ هارين جي اپاڳن جي بهترين علاج طور سنڌ هاري ڪميٽي زميينداري سرشتي کي آئيني طريقي سان ختم ڪرڻ جي گهُر ڪندي رهي آهي.

9_ جيئن تہ هارين کي پنهنجا عيوضي چونڊڻ جو حق حاصل آهي ۽ هو اسان جي ملڪ جي ووٽرن جو گهٽ ۾ گهٽ 75 سيڪڙو بڻجندي وڏي اڪثريت آهن. انڪري اهو هنن لاءِ عملي سياست جو معاملو آهي تہ آئيني ۽ جمهوري وهنوار سان زميينداري ختم ڪئي وڃي.

10_ زميينداريءَ جي خاتمي يا ان کي بهتر بنائڻ تائين سنڌ هاري ڪميٽي هڪ مناسب ٽيننسي ايڪٽ جي گهُر تي ڪري، جيڪو هارين کي ڪجهہ بنيادي حقن مهيا ڪرڻ جي خاطري، بٽائي واري حصي جي روڪ ادائيگي وغيره جي ضمانت ڏئي.

11_ هارين جي انهيءَ فطري باجواز ۽ معاشي جدوجهد کي ڪجهہ زميندار پنهنجي نقصان طور ٿا ڏسن ۽ هو ڪيترن ئي طريقن سان سنڌ هاري ڪميٽي ۽ ان جي ڪارڪنن کي هاجو رسائڻ لاءِ وسان نٿا گهٽائين تہ جيئن سندن زميينداري بالادستي ۽ ڦرلٽ جاري آهي.

12_ هاري ڪميٽي جي هڪ ڪارڪن طور تي مون هارين جي جدوجهد کي ڪيترن ئي حوالن سان جاري رکيو آهي، جن ۾ سندن روزمره جي مسئلن ۾ هارين کي مدد ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ، گڏجاڻين ۽ ڪانفرنس ۾ تقريرون ڪندي هارين ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ، ان سان گڏوگڏ ادب، چونڊون ورهڻ، شهري آزادين ۽ انساني حقن لاءِ ڦيٽ ڪائڻ شامل آهن. مطلب تہ هر اهو عمل ڪيو آهي، جنهن سان جمهوريت، سيپيتا ۽ سوشلزم جا مقصد اڳتي وڌن ٿا.

13_ انهيءَ انتهائي وڏي مقصد جي راهہ ۾ اَءُ لازمي طور تي ملڪ جي انتهائي سگهارن عنصرن ۽ مفاد پرستن خاص طور تي سنڌ جي جاگيردارن ۽ زميندارن سان ٽڪراءَ ۾ پئو آيو آهيان، جن ۾ محمد ايوب کهڙو سڀ کان،

اڳيرو آهي. پنهنجي ڪيل جدوجهد ۾ ان جي نتيجن تي اُچاتري نظر وجهڻ جي اجازت ٿو طلب ڪريان.

دادو- جوهي نندي چونڊ

14_1950ع ۾ جي ايم سيد طرفان داخل ڪيل هڪ اليڪشن پٽيشن جي نتيجي ۾ پير الاهي بخش جي نااهليءَ سبب سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ جي دادو جوهي سيٽ خالي ٿي پئي.

15_ محمد ايوب کهڙو تن ڏينهن ۾ سنڌ مسلم ليگ جو صدر هو ۽ پنهنجي تنظيم ۾ تڏهوڪي گهرو معاملن واري صوبائي وزير قاضي فضل الله ذريعي سنڌ جي سياسي معاملن تي سخت گرفت ٿي رکيائين.

16_ ايوب کهڙي ان سيٽ تي پنهنجي سالي عبداللطيف کي بيهاريو. سنڌ هاري ڪميٽيءَ تاج محمد صحرائي کي پنهنجو اُميدوار نامزد ڪيو ۽ سندس نامزدگيءَ وارا ڪاغذ رد ٿيڻ جي صورت ۾ سندس متبادل اُميدوار طور مونکي نامزد ڪيو ويو.

17_ کهڙي ريت قائم مقام ڪليڪٽر، ضلعي مئجسٽريٽ ۽ رٽرننگ آفسير (ٽئي عهدا هڪ شخص) مدد علي شاهه ورتاءُ رکيو ۽ کهڙي جي سالي کي مان ڏيندي، سندس سمورن مخالفن جا ڪاغذ رد ڪري ڪيس بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو. کهڙي ريت شفيع محمد آخوند بي اي، ايل ايل بيءَ کي نامزدگيءَ وارا ڪاغذ داخل ٿيڻ واري ڏينهن گرفتار ڪري ڪوٽڙي سب جيل اُماڻيو ويو. کهڙي ريت مونکي ڊي ايس پي عبدالحق دادو کان بادهه ضلعي لاڙڪاڻي هڪ پوليس ٽرڪ ذريعي پهچايو ۽ ان دوران وٽن ڪو وارنٽ يا قانوني اختيار به نه هو ۽ اهو به ان مهل جڏهن 4 سيپٽمبر 1950ع تي صبح ساڍي ڏهين وڳي آءُ پنهنجي نامزدگيءَ جا ڪاغذ داخل ڪرائڻ واسطي ڪليڪٽر جي آفيس پئي ويس. اهي سموريون حقيقتون ۽ صورتحال منهنجي سنڌ جي گورنر کي پيش ڪيل چونڊ پٽيشن مان حاصل ڪري سگهجن ٿيون، جنهن جي هڪ ڇپيل ڪاپي هت شامل ڪئي اٿم.

18_ اليڪشن پٽيشن کي مسلسل هڪ سال تائين سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ معطل رکيو ويو ۽ ان دوران ايوب کهڙو ٻيهر سنڌ جو وڏو وزير بڻجي ويو.

19_ لاڳو اليڪشن قانون جي ضابطن تحت گورنر ڪيس ۾ وڏي وزير جي مشوري جو پابند هو جيڪو ان ڪيس ۾ خود ايوب کهڙو ئي هو گورنر منهنجي پٽيشن رد ڪري ڇڏي ۽ منهنجو آواز رڻ ۾ رُلي ويو.

20_ جهڙي ريت چوٽي آهي ته قتل ڪڏهن به لڪٽو ناهي، سو به سال پوءِ اهي صاحبلوڪ ايوب کهڙو ۽ قاضي فضل الله (پروڊا جي جاچ ۾ قاتا ۽ ان ايڪٽ تحت ترتيبوار 6 ۽ 4 سالن لاءِ نااهل بڻيا. اها نااهلي سنڌ چيف ڪورٽ جي چيف جج مسٽرجسٽس جي بي ڪنسنٽائن ۽ مسٽرجسٽس محمد بچل جهڙن ناميارن ججن تي ٻڌل هڪ ٽربيونل جي فيصلي جي نتيجي ۾ ٿي. قاضي فضل الله جي حوالي سان ٽربيونل جي رپورٽ ۽ گورنر جنرل جي حڪمنامي تي ٻڌل 26 جنوري 1953ع تي جاري ٿيل گزٽ آف پاڪستان جو نقل هٿ شامل ڪيل آهي ان جا هيٺيان ٽڪرا اهم آهن (گزٽ آف پاڪستان غيرمعمولي، تاريخ 26 جنوري 1953ع).

الزام نمبر_ 3

دادو_جوهي تڪ پير الاهي بخش جي نااهليءَ سبب خالي ٿيو. سندس طرفان داخل ڪيل هڪ درخواست تعطل ۾ پيل هئي ۽ استغاثي طرفان دليل هو ته هن ڪانسواءِ باقي سمورا نامزدگي وارا ڪاغذ رد ڪرڻ واسطي غير معمولي قدم کنيا ويا ته جيئن عدالتي مداخلت جي امڪانن کي گهٽائي سگهجي. اها عام فهم ڳالهه آهي ته کهڙي جي سالي عبداللطيف کي مسلم ليگ جو ٽڪيٽ ڏنو ويو انڪري درخواست گذار چونڊن ۾ سڌو سنئون ڏر بڻيو. جيتوڻيڪ ان چاهيو ٿي ته هڪ ٻئي اُميدوار هڪ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر سولنگيءَ کي ليگي ٽڪيٽ ملي. لطيف جي ڪليل مخالفت به اميدوار پير الاهي بخش جو پٽ شاهنواز ۽ هاري ڪميٽيءَ جو اُميدوار تاج محمد صحرائي ڪري رهيا هئا. نامزدگيءَ وارا ڪاغذ 4 سيپٽمبر 1950ع تي صبح نوين وڳي کان منجهند ٻارهن وڳي تائين داخل

ٽيٽا هئا ۽ انهن جي جاچ پڙتال ڪليڪٽر مدد علي شاهہ کي رٽرننگ آفيسر طور شامر ڇئين وڳي ڪرڻي هئي.

کهڙو عبداللطيف جو ايجنٽ هو ۽ ٻين تاريخ تي پهتو جڏهن تہ درخواست گذار هڪبئي وزير ۽ محمد بخش آر ايل اي (هاڻ مسٽر جسٽس محمد بخش) سان ٽين تاريخ تي پهتو.

اهو الزام مڙهيو ويو آهي تہ آر ايل اي کي سنڌس مرضيءَ جي خلاف عبداللطيف جي مخالف خلاف رٽرننگ آفيسر تي اثر رسوخ وجهڻ لاءِ چيو ويو. سنڌس شاهدي اها آهي تہ جڏهن ايوب کهڙي کي فون ذريعي دادو وڃڻ جو حڪم ڏنو تہ هن ان کان انڪار ڪيو ۽ ويهہ منٽ پوءِ سنڌس ان احتجاج جي باوجود تہ اهو غير ضروري، ڏکيو ۽ نامناسب آهي، کيس Respondent فون تي حڪم جاري ڪيو. آر ايل اي جاچ پڙتال دوران وينو. پير الاهي بخش EX 165 ذريعي سنڌس موجودگيءَ تي اعتراض واريو پر رٽرننگ آفيسر اهو اعتراض رد ڪري ڇڏيو. اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ آر ايل اي اوڏي مهل پنهنجي موجودگيءَ کي غيرمناسب ليکڻ وارو نڪتو نہ اُٿاريو سنڌس موجودگيءَ جي جواز طور گذريل چونڊن جا حوالا ڏنا ويا. آر ايل اي پنهنجي شاهديءَ ۾ چيو تہ تڏهوڪي وڏي وزير (هارون) سان گڏجي سنڌس وڃڻ مناسب هو تہ جيئن هو کيس ڇاڻائي سگهي تہ ان ڪورٽ جو فيصلو غلط هو ۽ شايد ان ڪري بہ جو سنڌي سياستدانن جو هڪ ٽولو هارون جي مخالفت ڪري رهيو هو هن دادو جوهي مامري ۾ کيس پير الاهي بخش جهڙين اهم شخصتين جي نااهلين جا ڪيترائي فائل ڏيکارڻا هئا. سنڌس شاهدي آهي تہ سنڌس موقف فقط هڪ معاملي تي ئي ورتو ويو ۽ هن درست آئيني حوالو ڏيندي ٻنهي ڌرين کي درست ڪيو. ذاتي طور تي اسان کي ٻنهي وڏن وزيرن سان گڏ هئڻ ۾ ڪو ٿورڙو ئي فرق ٿو نظر اچي. آر ايل اي جي موجودگي بيجان آهي ان ڳالهہ ۾ واضح لاپ آهن تہ ڪنهن رٽرننگ آفيسر کي ڪنهن اهڙي عملدار وٽان اهل قانوني صلاح ملي جيڪو اڻ ڏريو آهي ۽ ڪو اعتراض سامهون اچڻ تي هو ڪيترن ئي مامرن جو بهترين ثبوت فراهم ڪرڻ لاءِ تيار هجي، پر جيڪڏهن کيس وٽي وڃڻ جو مقصد اهو هجي تہ هو غلط صلاح ڏيندو تہ پوءِ اها ڏار ڳالهہ آهي. اسان وٽ اعتبار

جوڳي شاهدي آهي تہ ڪاب غلط صلاح نہ ورتي وئي ۽ ان کي رد ڪندڙ ڪا شاهدي خود پير الاهي بخش وٽان بہ آئي، جنهن کي سندس موجودگيءَ تي اعتراض هو. جڏهن رٽرننگ آفيسر تي ڪجهہ مخصوص ڪاغذ رد ڪرڻ جي حوالي سان سخت جرح ڪئي وئي تہ هن اهو چئي پنهنجو بچاءُ نہ ڳولهيو تہ هن اهو آر ايل اي جي صلاح تي ڪيو. ان ڪري اهو ٿو نظر اچي تہ آر ايل اي کي ايوب کهڙو طرفان اٿاريل ڪجهہ درست نڪتن جي وضاحت لاءِ نيو ويو هو ۽ رٽرننگ آفيسر جي سببن ۾ اڻ منطقي ڳالهہ سندس پنهنجي سوچ هئي. اهو بہ مد نظر رکيو وڃي تہ جاچ پڙتال مهل قاضي فضل الله موجود نہ هو.

قاضي فضل الله چاٺائي ٿو تہ استغاثي جي الزام جي اُبتڙ هن آر ايل اي جي احتجاج کي ٽڏي ڇڏڻ جو ڪو حڪم نہ ڏنو هو. هو واضح ٿو ڪري تہ اسپيشل ڪورٽ آڏو آر ايل اي چاٺايو تہ ايوب کهڙي ڪيس اهو ڪرڻ لاءِ چيو. هن قاضي فضل الله جو نالو ئي نہ ورتو. ان ڏس ۾ مثالن کي مدنظر رکندي لکت ۾ احتجاج جي غير موجودگي ۽ پير الاهي بخش جي درخواست کي آر ايل اي طرفان ڪو ٽيڪو ڏيڻ ظاهر نہ ٿيڻ تي اسين سمجهون ٿا تہ اهو ليکڻ غير مناسب ٿيندو تہ Respondent آر ايل اي کي دادو وڃڻ جو حڪم ڏنو يا منجهائنس رٽرننگ آفيسر کي غلط مشورو ڏيڻ جي توقع هئي.

ان کان پوءِ انهيءَ ننڍي چونڊ جي تاريخ تي نظر ڊوڙائيندي اسين لهون ٿا تہ رٽرننگ آفيسر مدد علي شاهہ کي جيڪو اسٽيشن کان انسپيڪشن بنگلي تائين قاضي فضل الله سان گڏ هو کي سيفٽي ايڪٽ تحت شفيع محمد جي نظر بندي ۽ حيدر بخش جتوئي کي ميسارڻ /ٽارڻ جي زباني منظوري ڏني وئي هئي. قاضي فضل الله جو معاملو اهو آهي تہ سندس پاليسي امن امان بابت ڪليڪٽر جي بنيادي ذميواريءَ ۾ مداخلت نہ ڪرڻ واري هئي (جيڪو مامرو هاشم مريءَ بابت مٿس لڳل ٻئي الزام سان قطعي طور تي نٿو ٺهڪي). ان کانسواءِ وٽس ان جو سوچڻ جو ڪو سبب نہ هو تہ اهي فرد اُميدوار ٿيڻ چاهين ٿا تہ اصل انهن فردن جي اميدوار بنجڻ بابت ڪوارادو نہ هو پر جڏهن سندن خلاف حڪم جاري ڪيو ويو تہ حيدر بخش جتوئي پنهنجي تيز ڏاهپ ذريعي هڪ سياسي اُڇال آندي، جو هڪ نامزدگيءَ جو ڪاغذ ٻاهر اسمگل ڪيائين ۽ شفيع محمد 491 ڪرمنل پي

سيءَ تحت آزاديءَ لاءِ پنهنجي درخواست کي ست ڏيڻ لاءِ اها جعلسازي ڪئي ته سندس گرفتاريءَ مهل نامزدگي وارا ڪاغذ ونس هئا ۽ اهو ته سندس گرفتاري ۽ ڪوڙي منتقليءَ ڪيس نامزدگيءَ وارا ڪاغذ داخل ڪرائڻ کان روڪيو.

شفيع محمد جي حوالي سان ڪليڪٽر کي ايس ڊي ايم جي 29 آگسٽ ۽ ڊي ايس پي ۽ ميونسپلٽي جي ائڊمنسٽريٽر ٻنهي جي ٻين سيپٽمبر وارين رپورٽن تي ٽين سيپٽمبر تي عمل ڪرڻ کپندو هو. ڏيئومل دليل ٿو پيش ڪري ته ايس ڊي ايم جي رپورٽ تي غلط طور پراڻي تاريخ وڌي وئي، اها اڻ ٿئي تي لڳي پر ايس ڊي ايم اڳواٽ ئي اُتساهيل ٿي سگهي ٿو. بهرحال اهو اهم آهي ته ڊي ايس پي ۽ ايڊمنسٽريٽر ٻنهي ٻين تاريخ تي رپورٽ ڏني (کهڙو به ٻين تاريخ پهتو) ۽ ضلعي مئجسٽريٽ انتهائي ڦڙتيءَ سان ٽين تاريخ تي آرڊر جاري ڪيو.

ساڳي ريت ڊي ايس پيءَ ۽ ايس ڊي ايم ٻنهي چوٿين تاريخ حيدر بخش جتوئيءَ خلاف رپورٽ ڏني. ساڳي ڏينهن ضلعي مئجسٽريٽ هڪ غير قانوني حڪم (حڪومت کي ئي ان جو اختيار هو) جاري ڪيو جنهن تي صبح سادي ڏهين وڳي کان اڳ عمل ڪيو ويو.

Respondent جو چوڻ آهي ته ڪيس پتو نه هو ته شفيع محمد ۽ حيدربخش جتوئي اميدوار ٿيڻ تي چاهيو. ڪين بنيادي اُميدوارن پير الاهي بخش ۽ هاري ڪميٽيءَ جي ميمبر قريشي جا فارم رد ٿيڻ جي صورت ۾ متبادل اُميدوار بڻجڻو هو. قريشيءَ کي پتو نه هو ته ڪو شفيع محمد اُميدوار ٿيڻ چاهي ٿو هن اصل حيدر بخش جتوئيءَ جا نامزدگيءَ وارا ڪاغذ پيش ڪيا. متبادل اُميدوارن واري ان ڳالهه کي ان ٽيليگرام سان به هٿي ٿي ملي، جيڪو پيرالاهي بخش چوٿين تاريخ پنهنجي ناٺي ذريعي آمري کان اُماڻيو ته کهڙو ۽ به وزير رٽرننگ آفيسر کي سندس پٽ جا نامزدگيءَ وارا ڪاغذ رد ڪرڻ واسطي دٻاءُ وجهي رهيا آهن.

شفيع محمد سياسي طور تي اڳتي وڌڻ جو خواهشمند هو ۽ هن اڻ ڪامياب طور هاري ٽڪيٽ ۽ مسلم ليگي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ آزاد اُميدوار طور به چونڊون وڙهي پئي سگهيو. جنهن کان کهڙو ۽ سندس پارٽي واقف هئي. هو ڄاڻائي ٿو ته ٽين تاريخ ڪيس

انسپيڪشن بنگلي تي گهرائي چونڊون نہ وڙهڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ويو ۽ بعد ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو. قاضي فضل الله شفيع محمد جو اعزازي ايڊمنسٽريٽر واري ڪيريئر کي مختصر ڪري ڇڏيو. جيڪو جهڙي ريت شفيع محمد جي هڪ خط مان ظاهر ٿو ٿئي، هو جاري رکڻ لاءِ آتو هو ۽ ان ڪري وٽس بہ پير الاهي بخش وانگر Respondent لاءِ ڪا اُڪير نہ هئي، سندس خلاف اڳئي رپورٽون تيار ٿيل هيون. ان ڪري ڪيس گهرائڻ ڪو ضروري نہ هو پر تي سگهي ٿو تہ اهو سوچيو ويو هجي تہ زور پرڻ جو مهذب طريقو گهٽ ڏکيڙي ٻڌجي پيو سگهي. اسين شاهد جو بيان قبول ٿا ڪريون تہ ڪيس انسپيڪشن بنگلي گهرايو ويو ۽ ڪيس چونڊن ۾ حصو نہ وٺڻ جو چيو ويو.

ايوب کهڙي طرفان وڌل اهو غير مناسب دٻاءُ رٽرننگ آفيسر طرفان حيدر بخش جتوئي ۽ تاج محمد جي نامزدگيءَ وارن ڪاغذن کي رد ڪرڻ واري منطقي ڳالهہ سان ٺهڪندڙ آهي. ڏيئل مل جو مڃڻ آهي تہ هو انهن دليلن جي پٺڀرائي نٿو ڪري سگهي. قاضي فضل جي معاملي ۾ اهو آهي تہ جيڪي ڪجهہ بہ غير مناسب ٿيو سو کهڙي ڪيو ۽ قاضي کي ان جو پتو نہ هو. کهڙي جي مسلم ليگ اُميدوار جيڪو سندس سالو هو ۾ ذاتي دلچسپي هئي، جڏهن تہ قاضي جو وڌ ۾ وڌ جماعتي مفاد تي پئي سگهيو ۽ ان واسطي هو شايد سولنگي کي ترجيع ڏئي ها. نامزدگي وارا ڪاغذ رد ٿيڻ جي جنهن ۾ اسين قاضيءَ جي دليلن کي قبول ڪريون ٿا. کهڙي جو پنهنجو اثر رسوخ ئي ڪافي هو ۽ قاضي فضل الله اُتي موجود ئي نہ هو پر حيدر بخش ۽ شفيع محمد جي مامرن ۾ ڪليڪٽر قافي فضل الله جي "رضامندي" حاصل ڪئي، هڪ اهڙي رضا مندي جنهن جي بعد ۾ قاضي فضل الله سرڪاري طور تي توثيق ڪئي. اهو تہ قاضي فضل الله کي انهن ٻنهي همراهن کي ماڳ کان هٽائڻ جو سبب سمجهہ ۾ نہ آيو حيرت جوڳي ڳالهہ آهي، هو کهڙي سان گڏ ترسيل هو ۽ ساڳئي ئي اُميدوار جي حمايت ڪري رهيو هو ۽ ان وقت اُهي شديد اختلاف سامهون نہ آيل هئا، جيڪي بعد۾ سندن وچ ۾ ظاهر ٿيا. ان ڪانسواءِ اهو دليل تہ اهو محض اتفاق آهي تہ اهي ٻئي فرد اُميدوار ٿي پئي سگهيا پر ان بابت ضلعي مئجسٽريٽ قاضي فضل الله کي ڪو پتو ئي نہ هو اسان جي خيال ۾ قبولڻ جوڳو ناهي. اسين ان دليل کي پڻ رد ٿا ڪريون تہ فقط ميرٽ تي ئي همراهن کي ماڳ تان هٽائڻ ۽ نظربند ڪرڻ جو نيصلو

ڪيو ويو. مختلف ماتحت عملدارن طرفان رپورٽن جي تاريخ ۾ اتفاق ظاهر ٿو ڪري ته اهي رپورٽون بي ساختا نه هيون، پر گهرايون ويون هيون. مقصد پنهنجي عمل کي وزن ڏيڻ هو. اسان کي اهو چوڻ ۾ ڪا هٻڪ نٿي ٿئي ته انهن ڪارروائين جو وڏو مقصد انهن همراهن کي چونڊن وڙهڻ کان پر پرو رکڻ هو.

"اسين ان الزام کي قبول ٿا ڪريون ته Respondent عبداللطيف جي چونڊ کي سهارو ڏيڻ لاءِ شفيع محمد جي نظربندي ۽ حيدر بخش کي کسڪائڻ جا حڪم جاري ڪيا ۽ ان ريت هو پنهنجي سرڪاري اختيار ۽ حيثيت جي بيجا ۽ غلط استعمال جو مرتڪب ٿو بڻجي."

21_ ٽربيونل جي مٿين ڳالهه منهنجي اليڪشن پٽيشن جي تائيد ٿي ڪري، جيڪا بيرحميءَ سان روڪي وئي. اهو درست آهي ته کهڙو ۽ قاضي فضل الله پنهنجي ڏوهن سبب نااهل قرار ڏنا ويا پر مدد علي شاهه يا ڊي ايس پي يا ڊاڪٽر خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي وئي.

22_ سيپٽمبر 1954ع تي کهڙي ۽ قاضي فضل الله جي نااهلي اُن ساڳي گورنر جنرل ختم ڪري ڇڏي، جنهن کين هڪ عدالتي فيصلي ڪانپوءِ نااهل قرار ڏنو هو. پاڪستان ۾ انصاف ۽ جمهوريت کي ان ريت هلايو ٿو وڃي.

قنبر_ شهداد ڪوٽ ننڍي چونڊ

23 مارچ 1951ع ۾ سنڌ قانون ساز اسيمبلي جي مٿي ڄاڻايل ننڍي چونڊ ٿي ۽ ان ۾ احمد سلطان چونڊيو ۽ آءُ اُميدوار هٽاسين.

24_ ان ننڍي چونڊ ۾ تقريبن 17 سالن جي هن ڇوڪري (ڪنهن اُميدوار لاءِ عمر جي حد گهٽ ۾ گهٽ 25 سال آهي) احمد سلطان چانڊيئي سنڌ مسلم ليگ جي جنرل سيڪريٽري عبدالفتاح ميمڻ بي اي، ايل ايل بيءَ جي پيٽ ۾ کهڙي ريت سنڌ مسلم ليگ جي صدر ايوب کهڙي کان پارٽي ٽڪيٽ حاصل ڪيو ۽ کهڙي ريت احمد سلطان چانڊيئي کي مت پيد، دولاب، غنڊا گردي ۽ بدعنوان طريقن سان سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جو ميمبر بڻايو ويو سو منهنجي اليڪشن پٽيشن (نمبر6) ۾ درج آهي، جيڪا مون سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ تيار ڪئي، جتي سنڌ جو وڏو وزير ايوب کهڙو

مونکي سنڌ سيفٽي ايڪٽ تحت بند ڪرائڻ ويو هو. منهنجي لاءِ طئي ٿيل 14 ڏينهن اندر هڪ معمول واري اليڪشن پٽيشن داخل ڪرائڻ ممڪن نہ هو. ان عرصي دوران آءٌ حيدرآباد جيل ۾ نظربندي هيٺ يا راڌڻ اسٽيشن ضلعي دادو ۾ تحويل ۾ هئس، اهو عرصو 9 مئي 1951ع کان سال جي آخر تائين کهڙو ۽ قاضي حڪومت جي حڪمن پٽاندر جاري رهيو.

25_ جيستائين کهڙو اقتدار ۾ هو مون تي سنڌ سيفٽي ايڪٽ تحت پابنديون مڙهيل هيون.

جنوري 1952ع ۾ کهڙو وزارت جي برطرفي ۽ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن A-92 تحت سنڌ جي گورنر طرفان انتظام پنهنجي هٿن ۾ سنڀالڻ کان پوءِ ئي گورنر شيخ دين محمد ذاتي طور تي منهنجي خلاف حڪم واپس ورتا. هن 15 جنوري 1952ع تي مون کي ساڻس گڏجڻ لاءِ ڪراچي نينڊ ڏني ۽ ٻڌايو تہ "هاڻ تون آزاد آهين."

26_ ان ملاقات دوران گورنر مهرباني ڪندي هارين جي حالت ۽ سندن گهُرن بابت دريافت ڪيو مون ڪيس هارين جي اهم ۽ فوري گهُرن کان واقف ڪيو ۽ هن موٽ ۾ همدرديءَ جو اظهار ڪيو. انهيءَ ملاقات جي نتيجي ۾ گورنر پهرين فيبروري 1952ع تي هاري عيوضين جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي ۽ ان ڏينهن ڪيس حقن بابت هارين جي پٽيشن پيش ڪئي وئي. اها منهنجي تيار ڪيل هئي.

27_ اها پٽيشن گورنر طرفان ٻن آرڊيننسن ذريعي سنڌ ٽيننسي ايڪٽ ۾ ضروري ترميمن جو پيش خيمو ثابت ٿي. ترميمن کان اڳ اهو ايڪٽ هو مردو گهوڙو هو جيڪو اڳتي هلي واضح ڪيو ويندو.

28_ احمد سلطان چانڊيو جي چونڊ سان لاڳاپيل اڳراين جي سلسلي شهداد ڪوٽ سان تعلق رکندڙ هڪ هاري ڪارڪن الاهي بخش قريشي اينٽي ڪرپشن کاتي ۾ هڪ شڪايت درج ڪرائي آهي.

29_ شڪايت جي جاچ دوران اينٽي ڪرپشن عملدارن ڪجهہ دستاويز پڪڙيا، گرفتاريون ڪيون ۽ هڪ سازش ڪيس ۾ احمد سلطان چانڊئي ۽ ٻين کي چالان ڪرڻ جو دڙڪو ڏنو ويو. ايوب کهڙو خود، جنهن چانڊئي کي ليگي ٽڪيٽ ڏنو احمد سلطان چانڊئي جا نامزدگيءَ وارا

ڪاغذ منظور ڪرايا ۽ چونڊن واري ڏينهن تائين سندس اليڪشن ايجنٽ بڻيو رهيو سازش ۾ قاسط جي جوڪم ۾ هو دراصل هو تہ مرڪزي سازشي ٿي بڻيو.

30ـ سموري جاچ معطل ڪئي وئي ۽ جاچ جا ڪاغذ ڪراچي گهرايا/اُماڻيا ويا. اينٽي ڪرپشن کاتي جي اهل ۽ ايماندار عملدار MR. Budd آءِ سي ايس کان چارج ڇڏرائي ڪيس انگلينڊ روانو ڪيو ويو جيتوڻيڪ هُن هتي رهندي اها جاچ مڪمل ڪرڻ ٿي چاهي. گورنر راڄ ۾ اينٽي ڪرپشن کاتي جي ڪجهہ عملدارن جي غير معمولي صلاحيتن سبب ئي اهو ڪيس ڪورٽ آڏو اچي سگهيو. گورنر شيخ دين محمد جاچ اُٿلائي ۽ سنڌ جي نامياري وڪيل ڏيئل مل کي خاص سرڪاري وڪيل طور مقرر ڪيائين. ڏيئل مل پنهنجي نالي ۾ ساک جو مان رکندي پنهنجي وسان نہ گهٽايو.

31ـ انهيءَ جاچ ۾ مداخلت ڪرڻ قاضي فضل الله خلاف پروڊا تحت الزامن مان هڪ آهي ۽ هيٺيان ٽڪرا هت ورجائڻ جي لائق آهن.

الزام نمبرـ 2

Respondent تي هڪ تعطل ۾ پيپل ڪيس جي جاچ ۾ مداخلت ڪرڻ جو الزام آهي، ۽ ان ريت هو سرڪاري عهدي ۽ حيثيت جي ناجائز استعمال ۽ بدانتظاميءَ جو مرتڪب ٿو بڻجي.

"ايوب کهڙي صوبائي مسلم ليگ جي صدر طور شهدادڪوٽ ، قنبر نئين چونڊ لاءِ ليگي ٽڪيٽ ان تڪ مان مقتول اسيمبلي ميمبر جي پٽ ۽ نہ رڳو لاڙڪاڻي ضلعي پر سڄي صوبي جي سڀ کان وڏي زميندار نواب سرغيبي خان چانڊيو جي پوٽي احمد سلطان چانڊيو کي ڏني. احمد سلطان چانڊئي الوحيد جي حصص لاءِ ڏهہ هزار روپيا ڏنا. کهڙو پاڻ بہ لاڙڪاڻي ضلعي جو وڏو زميندار آهي، هو نامزدگي وارن ڪاغذن ۾ احمد سلطان چانڊئي جو چونڊ ايجنٽ بڻيو ۽ چونڊن جي حوالي سان ڪليڪٽر کي ڪيترين ئي درخواستون اُماڻيائين. احمد سلطان چانڊئي پنهنجي اندراج بابت فرسٽ ڪلاس سب جج کان هڪ حڪمنامو حاصل ڪيو اهو الزام مڙهيو ويو تہ چانڊيو 25 سال جي لازمي گهٽ ۾ گهٽ ڄمار کان ننڍو هو ۽ اهو

تہ فرسٽ ڪلاس سبب جج ٽُڪن واري رجسٽر، اسڪول ۽ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽن جي حوالي سان واضح ڪوڙين شاهدين تان اکيون ٻوٽيون.“

17 فيبروري 1952ع تي MR. Budd ڪليڪٽر ۽ رٽرننگ آفيسر چنا کي هڪ هدايتي حڪم نامو اُماڻيو چاڻايو تہ احمد سلطان کي نامزد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، جيتوڻيڪ سندس ڄمار 25 سالن کان گهٽ آهي ۽ ان جي جاچ 23 تاريخ تي ٿي آهي ان اياڻي عملدار چتاءُ جي باوجود پنهنجو پاڻ کي ان حوالي سان فرسٽ ڪلاس سب جج جي فيصلي پويان لڪايو تہ ان فرمان تصديق ٿي ڪئي تہ هو 25 سالن کان وڏو هو ۽ رٽرننگ آفيسر کي ان جي تائيد ڪرڻي هئي.

ٽين تاريخ تي اينٽي ڪرپشن کاتي طرفان احمد سلطان، سب جج، سول سرجن، هيڊ ماسٽر ۽ ويڪسينيٽر خلاف هڪ شڪائت درج ڪرائي وئي. 13 مارچ تي اينٽي ڪرپشن عملدار MR. Budd چوندڏ فهرست ۾ احمد سلطان چانڊيو جو نالو درج ڪرائڻ جي حوالي سان 164 ڪرمنل پي سي تحت سندس طرفان ورتل بيان جو هڪ نقل اسپيشل مئجسٽريٽ سکر کي اُماڻيو.

”چونڊون 15مارچ تي منعقدٿيو. 12 Respondent کان 15 تاريخ تائين سنڌ ۾ احمد سلطان جي حق ۾ تقريرون ڪندو رهيو.

17 تاريخ تي مابدولت کي الزامن جي تفصيلن پريو سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي صدر جو هڪ ٽيليگرام مليو ان ۾ الزام ڏريو ويو هو تہ کهڙو رڪارڊ ۾ مداخلت ۽ هٿ چراند ڪري سگهي ٿو. 18 تاريخ تي واسطيدار هيڊ ماسٽر جو اسپيشل مئجسٽريٽ کان تحويل جو ريمانڊ حاصل ڪيو ويو.

19تاريخ قاضي فضل الله MR. Budd سان گڏيو ۽ ساڻس ان ڪيس بابت بشمول ويڪسينيٽر کي MR. Budd طرفان بيان ريڪارڊ ڪرڻ کان پوءِ سندس طرفان ڏنل معافي جي قانوني گنجائش بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، (اهو بيان EX.82 ۾ داخل ٿيو) ساڳي ڏينهن MR. Budd اينٽي ڪرپشن کاتي جي ڊي ايس پي کي فون ڪري ڪاغذ آڻي H.C.M سان ڳالهائڻ جو چيو چاج بند نہ ڪئي وڃي پر ڪنهن جو بہ چالان نہ ڪيو وڃي. ان تاريخ تي انسپيڪٽر ملوڪ چاڻائي ٿو تہ رسمي نوعيت جي فقط ٻن شاهدن جي

جاچ لهڻ باقي آهي 22 تاريخ تي قاضي فضل الله جيڪو اوستائين به HCM هو ڊي ايس پي کي ڪاغذ حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو چاڪاڻ جو سمورا وزير "اهي ڏسڻ چاهيندا." لڳي ٿو ته اڌ ڪلاڪ اندر هو مطمئن ٿي ويا. قاضي فضل الله پنهنجي پرسنل اسسٽنٽ امين کي اهي ڪاغذ بي ڊي ڊيسوزا جي حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. کهڙي جي وڏي وزير ٿيڻ تي 25 تاريخ ڊيسوزا کي کهڙي وٽ تعينات ڪيو ويو.

ڊيسوزا 31 مارچ تي امين طرفان وصول ڪيل ڪاغذن جي پٺي ٿي، جنهن تي هن 4 اپريل 1951ع تي صحيح ڪئي، انهن ڪاغذن تي هدايتون حاصل ڪرڻ بابت 9 اپريل تائين سوچيو ئي نه هو. کهڙي کي حڪم ڏنو ته اهي قانون واري ڪاتي حوالي ڪيا وڃن. اي آر ايل اي اعتراض واريو ته وٽس ڪا الماري ناهي ۽ 9 تاريخ تي کهڙي سان ملاقات دوران هڪ فولادي الماريءَ جي منظوري حاصل ڪيائين. 28 تاريخ تائين هن اهي ڪاغذ حاصل نه ڪيا هئا. پهرين مئي تي هن ڊيسوزا کي هڪ هدايتي حڪم جاري ڪيو ته کهڙي جي حڪمن پٽاندر اهي ڪاغذ گڏريل ڏينهن وصول ڪيا ويا آهن ۽ اهي هاڻ آر ايل اي جي تحويل ۾ آهن. ان جو هڪ نقل Respondent جي پي اي امين کي اُماڻيو ويو. جنهن جو چوڻ آهي ته هو ان بابت Respondent کي چار ڏينهن وساري ويٺو.

"ان دوران 26 تاريخ تي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي هدايتي حڪم نامي (هٿ نه آيل) جي جواب ۾ 27 مارچ تي MR. Budd جي هدايتي حڪم نامي ۾ دريافت ڪيو ويو ته "چا HCM ٻڌايو ته هو ڪيتري وقت تائين اهي ڪاغذ رجسٽر وغيره رکڻ چاهي ٿو ۽ کهڙي ريت اهي واپس ڪندو ۽ چا هن جاچ بابت ڪا هدايت ڪئي آهي؟ چا تو! اهو واضح ڪيو ته هڪ جوابدار تحويل ۾ آهي، اهو ته ريمانڊ جي ختم ٿيڻ تي ڪو قدم کڻڻ بابت سوال اُٿندو ۽ جاچ جي ڪاغذن کانسواءِ ڪوبه قدم نٿو کڻي سگهجي."

MR. Budd جي انهيءَ لکپڙهه جو ڪوبه جواب ريڪارڊ تي ناهي پر ڊي ايس پي جي ڊائري ظاهر ٿي ڪري ته هو 31 مارچ، پهرين ۽ ٻين اپريل تي MR. Budd سان مليو هو.

"استغاثا جو ڪيس اهو آهي تہ Respondent جاچ جي معطليءَ جو حڪم ڏنو. ڊي ايس پي پنهنجي 27 تاريخ جي ڊائريءَ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ ملوڪ جي سکر اچڻ تي هن ڪيس جاچ اڳتي نہ وڌائڻ جي هدايت ڪندي، ڪاغذن جي موٽڻ جو انتظار ڪرڻ لاءِ چيو. ساڳي ڏينهن شام جو ڪيس هيڊ ماسٽر کي آزاد ڪرڻ ۽ باقي ڪاغذ ڪراچي پهچائڻ جو پوليس ذريعي هڪ فون وصول ٿيو. ڪنهن جي بہ خلاف ڪو قدم کڻڻ کان اڳ سمورا ڪاغذ Respondent کي ڏيکارڻ بابت 28 تاريخ واري وائرليس پيغام جي تصديق ٿي ٿئي. ساڳي ڏينهن ڊي ايس پيءَ ڪورٽ کي درخواست ڪئي تہ هيڊ ماسٽر کي ضمانت تي آزاد ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ جو ڪيس جا ڪاغذ HCM جي گهرائڻ سبب جاچ معطل ڪئي وئي آهي. ان کانسواءِ گذريل رات مانواري گهرو وزير Respondent جو ڊي ايس پي سکر ذريعي جوابدار کي آزاد ڪرڻ بابت فون تي پڻ حڪم آيل آهي. بين تاريخ جي ڊائريءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ گهرو وزير حڪم ڏنو آهي تہ سندس ڪاغذن جي مطالعي ڪرڻ ۽ ڪو حڪم جاري ڪرڻ تائين جاچ ملتوي ڪئي وڃي. ساڳي ڏينهن MR. Budd اهو ڄاڻڻ لاءِ ايڊووڪيٽ جنرل کي لکيو تہ ڇا ڪنهن ڪيس جي اندراج ٿيڻ ۽ جاچ شروع ڪرڻ کان پوءِ حڪومت لاءِ ان کي معطل ڪرڻ يا بند ڪرڻ مناسب عمل ٿيندو؟ ايندڙ ڏينهن تي انهيءَ اهل ۽ همت پرڻي عملدار MR. Budd کي ريٽائر ڪري انگلينڊ اُماڻيو ويو.

"هت اهو بہ پيش نظر ڪجي تہ قاضي محبتي، ڪيس جي جاچ ۾ Respondent طرفان مداخلت جي ضمن ۾ 23 مارچ 1952ع تي اسيمبليءَ ۾ هڪ التوا جي رٿ پيش ڪرڻ جي اجازت طلب ڪئي وئي. اسيمبليءَ جي سيڪريٽري ان کي ضابطي جي خلاف ليکيو ۽ قاضي محبتي، 24 تاريخ ان تان هٿ کنيو. ان جي ڪا ثابتي ناهي تہ Respondent قائد ايوان طور ان جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. درحقيقت سيڪريٽري پنهنجي موقف ۾ ڄاڻايو تہ هو نٿو سمجهي تہ واسطيدار وزير رٿ بحال ٿيڻ تي ڪو اعتراض واريندو.

محمد حسين 2 اپريل 1951ع تي اينٽي ڪرپشن آفيسر طور MR. Budd کان جاچ ورتي، هن 10 تاريخ تي حڪومت کي اهو چوڻ واسطي لکيو

تہ ڪراچيءَ جي هڪ اخبار ۾ 3 اپريل 1951ع تي شايع ٿيل ان رپورٽ ۾ ڪا صداقت ناهي تہ احمد سلطان چانڊئي جي مالي گوشواري ۾ چونڊن تي ٻن لکن جو وڏو شاهي خرچ ڄاڻايل آهي، جنهن ۾ پنجاهہ هزار رپيا سنڌ جي هڪ سياسي اڳواڻ جي کاتي ۾ درج آهن. ساڳي ڏهين تاريخ تي هن انهيءَ قانوني سوال تي حڪومت جو موقف ڄاڻڻ جي درخواست ڪئي تہ ڇا .Mr Budd سيڪشن 337 ڪرمنل بي سي ذريعي ايڊيشنل ضلعي مئجسٽريٽ طور رشوت ۽ بدعنواني جي خاتمي بابت ايڪٽ واري خاص قانون تحت داخل ڪيس جي جوابدار کي معافي ڏيڻ جو بااختيار هو. آر ايل اي ڄاڻايو تہ ڪيس ان جو اختيار نہ هو ۽ اهي ڪاغذ 24 اپريل تي Respondent کي اُماڻيا ويا، جيڪي هن طرفان 4 مئي تي صحيح ڪيا ويا.

MR. Budd جي ٻين اپريل 1951ع واري خط جي جواب ۾ ايڊووڪيٽ جنرل 14 مئي تي پنهنجو موقف ڄاڻايو تہ جاچ کي روڪندي يا ختم ڪندي حڪومت قانون جي ڀڃڪڙي جي مرتڪب ٿيندي. 16 مئي تي اينٽي ڪرپشن آفيسر ڊي ايس پي کي هڪ خط ذريعي ڪائنس وصول ڪيل سمورن ڪاغذن جا تفصيل طلب ڪيا ۽ اهو ڄاڻڻ چاهيو تہ ڇا حڪومت ڪيس ان ڪيس جي جاچ ثابت ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

23 تاريخ ڊي ايس پي ڄاڻايو تہ ڪيس حڪومت جو ڪو فيصلو اچڻ تائين جاچ جاري رکڻ جون زباني هدايتون ڪيون ويون آهن. اهي هدايتون سندس طرفان ڪاغذ حوالي ڪرڻ تي جاري ڪيون ويون. اينٽي ڪرپشن آفيسر ايڊووڪيٽ جنرل جي موقف جو نقل شامل ڪندي لکيو تہ ڪاغذ امين جي حوالي ڪيا ويا آهن. ۽ آر ايل اي جي موقف ڏانهن سندس ڌيان ڇڪرائجي ٿو. اهي 13 جون تي Respondent آڏو پيش ڪيا ويا ۽ هن 26 جون تي لکيو "ڪارروائي کي روڪڻ يا ختم ڪرڻ جو ڪو ارادو نہ هو. ڪاغذ سپرنٽينڊنٽ سي آءِ ڊي ۽ اينٽي ڪرپشن آفيسر کي موٽايا وڃن تہ جيئن ڪيس لاءِ ڪو اهل ماتحت مقرر ڪري ان جو جلد اُڪلاءُ ٿي سگهي. 20 جولاءِ تائين موٽ واري ان حڪم تي عمل نہ ڪيو ويو.

ان ڳالهہ تہ قاضي فضل الله جاچ معطل ڪرڻ جو حڪم ڏنو جو دارومدار ڊي ايس پي جي بيان تي آهي مٿس ان حوالي سان ڇُلهہ ڪئي وئي

آهي تہ هڪ مهاجر طور ڪيس کهڙي پنهنجو دوست ٻڌايو ۽ کهڙي جي زور ڀرڻ تي يا پنهنجي مرضيءَ سان 27 تاريخ ان جاچ کي معطل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيائين ۽ بعد ۾ Respondent جي زباني حڪم جو الزام عائد ڪيائين. اهو ڄاڻيندي تہ MR. Budd جي تڪڙي ٽيندڙ ريٽائرمنٽ سندس خلاف ڪنهن ڪارائتي ڪارروائي کي ٽاري ڇڏيندي اسين سمجهون ٿا تہ ان ۾ ڪو شڪ نٿو ٿي سگهي تہ هن MR. Budd کي ڄاڻايو تہ ڪيس جاچ معطل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. MR. Budd جي ڊي ايس پي ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي لکيل خطن مثان ظاهر ٿو ٿئي تہ هن ان جو اطمينان تي ڪرڻ چاهيو تہ آيا قاضي فضل الله معطليءَ جو حڪم ڏنو آهي ۽ اهو بہ تہ ڇا اهڙي معطلي قانوني بہ آهي يا نہ. قاضي فضل الله طرفان وائرليس ذريعي ڏنل حڪم تہ ڪنهن جي بہ خلاف ڪوبہ قدم نہ کنيو وڃي تسليم ڪيو ويو. هن اهو جاچڻ لاءِ ڪو قدم نہ کنيو تہ آيا جاچ جاري آهي يا اهو تہ ڪاغذ جلد ڪان جلد واپس موٽڻ گهرجن. اسين اهو نٿا مڃون تہ Respondent کي امين، کهڙي جي حڪمن کان آگاهہ رکيو هو تہ اهي آر ايل اي وٽ هئڻ گهرجن يا ڪيس ان ڪيس جي حوالي سان ٽيندڙ جاچ ڪان پرپرو رهڻ گهربو هو يا سندس ڏر نہ هئڻ جي صورت ۾ ڪيس کهڙي جي قدمن خلاف احتجاج ڪرڻ کپندو هو. 26 جون تي سندس اهو نوٽ تہ جاچ معطل ڪرڻ جو سندس ڪو ارادو ناهي ڪين ڏيئومل "رڳو ڊڪ" ٿو ليکي، ڇاڪاڻ جو اوستائين وٽس ايڊووڪيٽ جنرل جو موقف پڻ اچي چڪو هو تہ اهڙي معطلي غير قانوني هئي. اسين ليکيون ٿا تہ ڪاغذ روڪڻ ۾ کهڙي جو وڏو مفاد هو پر اسين قاضي فضل الله کي آجو قرار نٿا ڏيون، جيڪو گهرو وزير طور واسطيدار ۽ ذميوار وزير هو. ان ڪري اسين الزام جي لفظن ۾ ليکيون ٿا تہ هن هڪ جاچ هيٺ ڪيس ۾ مداخلت ڪئي اها پهرين تہ ڪاغذ گهرائي ۽ جاچ جي معطليءَ بابت زباني حڪم ڏيندي ۽ پوءِ ڪاغذ روڪڻ تي راضپو ڏيکاريندي ڪئي وئي. هُن اهو ڪجهہ يقيني طور تي مسلم ليگ لاءِ ڪيو. ان ڪري هو انتقامي ۽ سرڪاري اختيارن ۽ حيثيت جي غلط استعمال جو مرتڪب ٿو ٻڌجي.

32_ جاچ مڪمل ڪئي وئي ۽ 28 جولاءِ 1952ع تي احمد سلطان چانڊئي ۽ ڇئن ٻين جي خلاف اسپيشل سيشن جج سکر جي ڪورٽ ۾ چالان پيش ڪيا ويا.

33_ سيشن جج طرفان لڳايل الزام هن ريت هو (آل پاڪستان قانوني فيصلا سنڌ 1955ع، 181)

"آءُ فضل الاهي الله بخش انصاري اسپيشل جج، سکر اوهان تي

(1) احمد سلطان ولد مير محمد

(2) گل محمد ولد پيڙو

(3) ڏتي بخش ولد علي شير

(4) عبدالغفور ولد خوش محمد ۽

(5) ڊاڪٽر محمد مصطفيٰ آرائين

هيٺين ريت الزام ٿو عائد ڪريان:

"تہ توهين جنوري 1951ع کان مارچ 1951ع جي پڇاڙ تائين لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ان سازش ۾ ڌر هئا. جنهن تحت آئيني طور تي نااهل فرد احمد سلطان چانڊيو کي غيرقانوني طور تي سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ پهچائڻو هو جنهن ۾ رشوت ڏيڻ ۽ وٺڻ ڪوڙيون شاهديون گهڙڻ، ريڪارڊ جي غلط ڪاري، جعلسازي، ڪوڙي شاهدي ڏيڻ، ڪوڙو ثبوت استعمال ڪرڻ، غير قانوني حڪم حاصل ڪرڻ وارا قانون کان مٿيرا ۽ ان سان ٽڪراءُ ۾ ايندڙ عمل ٿيا. جيڪي پي بي سيءَ جي اليڪشن 109، 193، 197، 198، 199، 465، 471، 477 الف ۽ احمد سلطان جي شموليت اوهان جي سازش سبب ٿي، جنهن ڪري اوهان پي بي سي جي سيڪشن 120 تحت پڻ سزا جوڳو ڏوهہ ڪيو."

"۽ وڌيڪ اهو تہ تو، احمد سلطان، ڄاڻايل هنڌ ۽ ڄاڻايل تاريخ تي انهيءَ سازش واسطي ڊاڪٽر محمد مصطفيٰ آرائين جي پي بي سيءَ جي سيڪشن 193، 197، 199 تحت ڄاڻايل ڏوهہ ڪرڻ ۾ همت افزائي ڪئي.

"ب . تہ تو اسڪول جنرل رجسٽر، ٽڪن واري رجسٽر ۽ مختيار ڪار طرفان جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ ۾ غلط اندراج کي جعلسازي سان درست طور استعمال ڪيو جيڪي تو کي پتو هو تہ جعلي ۽ هٿ چراند ٿيل هئا ۽

تو ڊاڪٽر محمد مصطفيٰ آرائين طرفان جاري ڪيل ڄمار جو غلط سرٽيفڪيٽ اهو ڄاڻندي بہ استعمال ڪيو تہ اهو اندراج جي حوالي سان غلط هو.

"(پ) تہ پوءِ نظرثاني ڪندڙ اختياريءَ آڏو پنهنجي اعلان ۾ غلط بيان ڏنو. ۽ ان ريت پي بي سيءَ جي سيڪشن 198، 199، 471 ۽ پي بي سيءَ جي سيڪشن 204، 193، 447-A جنهن کي 109 سان گڏائي پڙهڻ گهرجي، تحت سزا لائق ڏوهہ ڪيا.

"۽ وڌيڪ اهو تہ تو گل محمد ڄاڻايل ماڳ ۽ تاريخ تي ڄاڻايل سازش واسطي شاهد عبدالفتاح سان گڏجي ٽُڪن واري رجسٽر ۾ درج سرڪاري ريڪارڊ ۾ جعلسازي جو ڏوهہ ڪيو ۽ ان جو هڪ حصو نظرثاني ڪندڙ اختياري آڏو پيش ڪرڻ لاءِ ان ۾ غير قانوني ڦير گهير ڪري ان کي استعمال ڪرڻ کان روڪيو ۽ هُن سرڪاري ملازم هئڻ جي حيثيت ۾ پي بي سيءَ جي سيڪشن 193، 204، 477-A، 466 تحت ڏوهہ ڪيو. تو انهن ڏوهن ۾ سندس همت افزائي ڪئي ۽ ان ريت سيڪشن 109 تحت جنهن کي پي بي سيءَ جي سيڪشن 193، 204، 477-A ۽ 466 سان گڏائي پڙهڻ گهرجي، تحت سزا لائق ڏوهہ ڪيا.

(ب) تہ عبدالفتاح کي هڪ سو رپيين جي رشوت ڄاڻايل ڏوهہ ڪرڻ لاءِ انعام طور ڏئي تو غير قانوني ڪم جي همت افزائي ڪئي ۽ ان ريت پي بي سيءَ جي سيڪشن 106 جنهن کي سيڪشن 161 سان گڏائي پڙهڻ گهرجي ۽ 1947ع واري ايڪٽ II جي سيڪشن (2)5 تحت سزا جوڳا ڏوهہ ڪيا.

"۽ وڌيڪ اهو تہ تو ڏٽي بخش ڄاڻايل وقت ۽ ماڳ تي ڄاڻايل سازش ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندي هڪ سرڪاري ملازم طور تعليم کاتي سان تعلق رکندڙ غيبي ديرو اسڪول جي جنرل رجسٽر جي هڪ حصي سان ڏوکو ڏيڻ ۽ غلط بياني ڪرڻ جي مقصد سان هٿ چراند ڪئي، جيڪو قانوني طور تي نظرثاني ڪندڙ اختياري آڏو هڪ شاهدي طور پيش ٿيڻو هو ۽ ان ريت پي بي سيءَ جي سيڪشن 204 ۽ 477-A تحت قابل گرفت ڏوهہ ڪيو آهي.

"(ب) مٿيل تاريخن تي جنرل رجسٽر ۾ ڪجهه صفحن کي هيٺ مٿي ڪندي تو هڪ ڪوڙو ثبوت گهڙيو ۽ پي بي سيءَ جي سيڪشن 193 تحت قابل سزا ڏوهه ڪيو.

"(پ) احمد سلطان جي ڄمڻ جي تاريخ بابت هڪ غلط بيان تيار ڪرڻ واسطي سندس والدين جي ڄمار واري سرٽيفڪيٽ سان هٿ چراند ڪندي ۽ جنرل رجسٽر ۾ غلط اندراج داخل ڪندي، جن جو مقصد نظر ثاني واري اختياري آڏو غلط اندراج ۽ غلط بيان پيش ڪرڻ هو ته جيئن ڄمار بابت سندس موقف تي اثر انداز ٿي سگهجي، اهو پي بي سيءَ جي سيڪشن 193 تحت ڪوڙو ثبوت گهڙڻ جي حوالي سان قابل سزا ڏوهه آهي.

"۽ اهو ته تو عبدالغفور ڄاڻايل هنڌ ۽ تاريخ تي ڄاڻايل سازش جي حوصلي افزائي ۾ اسڪول رجسٽر جي شاهدي طور پيش ٿيڻ ۾ رڪاوٽ لاءِ ان سان هٿ چراند ڪندڙ جوابدار ڏٺي بخش جي همت افزائي ڪئي، جنرل رجسٽر جي جعلسازي ۽ غلط ثبوت جي تياري دراصل تنهنجي همت افزائي جي نتيجي ۾ ٿي ٿي ۽ ان ريت تون پي بي سيءَ جي سيڪشن 109 جنهن کي سيڪشن 193، 204 ۽ A-477 سان گڏائي پڙهڻ گهرجي، تحت سزا جوڳي ڏوهه جو مرتڪب ٿو بڻجن.

"۽ وڌيڪ اهو ته تو ڊاڪٽر محمد مصطفيٰ آرائين ڄاڻايل هنڌ ۽ تاريخ تي ڄاڻايل سازش کي هٿي ڏيندي جوابدار احمد سلطان جي ڄمار بابت هڪ ڪوڙو سرٽيفڪيٽ تيار ڪيو ۽ ان سرٽيفڪيٽ جي آڌار تي هڪ ڪوڙو بيان جاري ڪيو ۽ ان تي صحيح ڪئي ته جيئن اهو نظرثاني ڪندڙ اختياري (فرسٽ ڪلاس سبب جج) آڏو ثبوت طور پيش ڪري سگهجي، تو اهو ڄاڻندي به ته اهو سرٽيفڪيٽ ڄاڻايل اندراج جي حوالي سان غلط هو ۽ قانوني بچاءَ سان قانون جي گرفت ۾ اچڻ جوڳو هو ڇاڪاڻ جو ان جي آڌار تي نظر ثاني ڪندڙ اختياري حتمي فيصلو ڏئي پئي سگهي سو ان ريت تو پي بي سيءَ جي سيڪشن 193، 197 ۽ 199 تحت سزا لائق ڏوهه ڪيو.

"۽ ڪورٽ جي گوش گذار ڪندي

"آءٌ هدايت ٿو جاري ڪريان تہ اوهان تي انهن الزامن تحت هن ڪورٽ ۾ ڪيس هلايو وڃي."

34_ سنڌ جي سڀ کان وڏي زميندار ڪيس جي ڪارروائي رد ڪرائڻ لاءِ سنڌ چيف ڪورٽ ۽ وفاقي ڪورٽ سان رجوع ڪيو پر ڪوبہ ڪڙتيل نہ نڪتو بهرحال انهن قدمن اينگهائڻ جو ڪم سو ضرور ڪيو.

35_ آخر ڪار اهو ڪيس جناب عزيز الله ميمڻ ايڊيشنل سيشن جج ايڪسٽرا اسپيشل جج سنڌ حيدرآباد آڏو پيش ٿيو ۽ هن فيبروري 1955ع ڌاري آخرڪار رڪارڊ وصول ڪيو ۽ ڪيس هلايو.

36_ فيبروري 1955ع ۾ سنڌ جي پاڪستان جي هڪ خودمختيار يونٽ طور حيثيت جي خاتمي لاءِ گورنر جنرل غلام محمد جي نامزدگي سان ايوب کهڙو سنڌ جي وڏي وزير طور پيهر اقتدار ۾ آيو. کهڙي ان ڪيس ۾ پنهنجو آخري حربو استعمال ڪيو. ڪيس جي آخري مرحلي ۾ هن ڏيئل مل کي واپس گهرائي، احمد سلطان جي خلاف خاص سرڪاري وڪيل طور پنهنجي هڪ خاص ماڻهو غلام نبي ميمڻ کي مقرر ڪيو. انهيءَ غلام نبي ميمڻ جج کي هڪ تار اُماڻي ڪيس مهمل ڪرڻ لاءِ چيو اها تار جج کي اوڏي مهل وصول ٿي، جڏهن ڪيس تقريبن مڪمل ٿي چڪو هو ۽ ڏيئل مل پنهنجا حتمي دليل پيش ڪري رهيو هو. درست طور تي جج انهيءَ تار تي عمل نہ ڪيو ۽ پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيائين.

37_ انهيءَ ساڳي غلام نبي ميمڻ کي کهڙي منهنجي خلاف بہ ان ڪيس ۾ مقرر ڪيو. کهڙي ريت غلام نبي ميمڻ اهو ڪيس ان ڪورٽ مان سٽي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ڏانهن منتقل ڪرايو (جنهن جو سربراهہ کهڙي جو هڪ پيو حربي عبدالغفار جکراڻي هو) ۽ کهڙي ريت منهنجي ضمانت رد ڪئي وئي سو هن ڪيس جي ريڪارڊ مان ظاهر آهي.

38_ انهيءَ غلام نبي ميمڻ بابت وڌيڪ چاڻ هو کهڙي جو پسنديده ماڻهو آهي ۽ هڪ سياستدان سرڪاري وڪيل آهي هن 1954ع ۾ ميرپورخاص جي سرڪاري وڪيل طور استعيفيٰ ڏئي سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊ وڙهي. کيس شڪست آئي پر سگهوئي پيهر ميرپورخاص جو سرڪاري وڪيل مقرر ٿيو. پيهر ان عهدي تان استعيفيٰ ڏنائين ۽ ون يونٽ

قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊ وڙهيو. کهڙي جي پارٽيءَ جي ماڻهو طور پيهر چونڊجڻ ۾ هارائي ويو. جيڪڏهن کهڙي جي اقتدار ۾ واپسي ٿئي ها ته هو پڪ سان غلام نبي ميمڻ کي سرڪاري وڪيل مقرر ڪري ها.

39_ الف. 21 جولاءِ 1955ع تي سانگهڙ ۾ کهڙي جي پنهنجي چونڊ دوران ۾ ون يونٽ بل واري ڏينهن غلام علي ٽالپر، قاضي فضل الله، پير الاهي بخش ۽ پين خلاف بم ۽ سازش ڪيس ۾ غلام نبي ميمڻ ۽ جڪراڻي جيڪو ڪردار ادا ڪيو سو هڪ وڏو ڊرامو آهي، جيڪو کهڙو ۽ سندس ٽولو ئي ڪري ٿا سگهن.

39 (ب). هاڻ اچون ٿا احمد سلطان ڏانهن، 2 مئي 1955ع تي جج صاحب کيس پي پي سيءَ جي سيڪشن 193، 466، 471 جن کي 120-B سان گڏائي پڙهڻ گهرجي، تحت ڪورٽ جي برخاستگيءَ تائين جي ٽيپ ۽ ٽيهه هزار رپيا ڏنڊ يا اهو ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ 18 مهينن جي ٽيپ جي سزا ٻڌائي. انهيءَ فيصلي جي تصديق ٿيل نقل هتي پيش ڪيل آهي. فيصلي (22 وڏا صفحا) جا هيٺيان ٽڪرا اهم آهن.

"17 تاريخ تي جوابدار گل محمد تڏهوڪي وڏي وزير قاضي فضل الله کي هڪ پٽيشن اُماڻي.

19تاريخ هن ڊي ايس پي غلام حسين خان ذريعي جاچ جا ڪاغذ گهرايا. ان ڪري جاچ بيهجي وئي. 12 اپريل 1951ع تي حڪومت جاچ روڪڻ جو حڪم جاري ڪيو. اپريل 1951ع ۾ MR. Budd کي وقت کان اڳ ريٽائر ڪيو ويو ۽ سندس جاءِ تي محمد حسين مقرر ٿيو. جوابدار عبدالغفور کي ڊي ايس پي غلام حسين جي درخواست تي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو. امڪاني طور تي اهڙو حڪم تڏهوڪي وڏي وزير ڏنو هوندو.

"جنوري 1952ع تائين سنڌ صوبائي اسيمبليءَ کي برخاست ڪيو ويو. سنڌ جي گورنر حڪومتي واڳون پنهنجي هٿن ۾ سنڀاليون. جون 1952ع ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته هاڻوڪي جوابدار تي سرڪاري شاهد عبدالفتاح سان گڏ ڪيس هلايو وڃي. ڪيس سرڪاري ملازمن تي ڪيس هلائڻ لاءِ گهربل اجازت حاصل ڪرڻ کانپوءِ فرسٽ ڪلاس سب جج ۽ اسپيشل مئجسٽريٽ سکر جي ڪورٽ ۾ 28 جولاءِ 1952ع تي چالان ڪيو ويو.

"سچي ڪيس ۾ اهم ترين سوال جيڪو ڏرين طرفان داخل ڪيو ويو، اهو آهي تہ جوابدار احمد سلطان ڪڏهن ڄائو. استغاثي موجب سندس ڄمڻ جي تاريخ 5 اپريل 1934ع آهي، جڏهن تہ جوابدار اها 5 نومبر 1925ع ٿو ڄاڻائي.

"اسڪول ماستر جي شاهديءَ مان واضح طور تي ظاهر ٿو ٿئي تہ جوابدار احمد سلطان جي ڄمڻ جي تاريخ 5 اپريل 1934ع آهي ۽ سندس بقول جنرل رجسٽر ۾ اها تاريخ 1948ع تائين هلندي آئي، جڏهن سندس بدلي ٿي. اهو پڻ بلڪل واقع آهي تہ جنرل رجسٽر جي اندراجن سان هٿ چراند ڪئي وئي آهي. ان جي ڪابہ وضاحت ڏنل ناهي تہ ان شاهد مٿين شاهدي ڇو ڏني.

"حقيقت تہ اها ٿي بڻجي تہ انهن شاهدن جي شاهدي ان جو پڪو ثبوت آهي تہ جوابدار احمد سلطان1934ع ۾ ڄائو هو ۽ اسڪول جي جنرل رجسٽر جي اندراج N سان هٿ چراند ڪئي وئي. پر اهو ئي سڀ ڪجهہ ناهي. الزام جي حق ۾ ريڪارڊ تي ہي شاهدي پڻ موجود آهي.

"رجسٽر جي اندراج M ۽ N جي اها حقيقي حالت آهي ۽ اها شڪ جي ڪا گنجائش نٿي ڇڏي تہ ان ۾ جوابدار احمد سلطان جي ڄمار جي ثبوت کي ڦيرائڻ لاءِ هٿ چراند ڪئي وئي آهي.

"جيڪڏهن اجان وڌيڪ ڪنهن ثابتيءَ جي ضرورت آهي تہ پوءِ اسان وٽ هڪ وڌيڪ دستاويزي ثبوت آهي.

"هڪ وڌيڪ دستاويزي ثبوت پڻ موجود آهي، جيڪو استغاثي جي موقف کي انتهائي تيڪو ٿو رسائي تہ ڄمار جي گهربل شرط پورو نہ ڪرڻ سبب احمد سلطان 1951ع ۾ سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ نامزدگيءَ وارا ڪاغذ داخل ڪرائڻ جو اهل نہ هو. استغاثي جو اهو چوڻ آهي تہ ٽڪن لڳڻ واري رجسٽر ۾ پڻ، جيڪو ڄمار واري مامري تي روشني وجهي پئي سگهيو سان پڻ هٿ چراند ڪئي وئي ۽ ان مقصد واسطي ٽڪا هٽنڊڙ عبدالفتاح جو اعتماد حاصل ڪيو ويو.

"اهو يقيني طور تي ذهن ۾ اچي سگهي ٿو تہ آءٌ پنهنجي بيان کي وعدي معاف گواهہ جي ان بيان تي نٿو منحصر ڪريان، ڇاڪاڻ جو هو هاڻ اُن تان

ڦري ڇڪو آهي پر رجسٽرن جو ڳوڙهائپ سان اپياس اهوئي تاثر ڏيندو تہ احمد سلطان ۽ شاهہ محمد جي ڄمارن جي حوالي سان ڪالم نمبر 15 ۽ 16 ۾ درج ڄمارن جي اندراج ۾ هٿ چراند ٿيل هئي. اهي جعلسازيون هن کي ڏسڻ ۾ اچي سگهن ٿيون. اهو منهنجو ڪم ناهي تہ عبدالفتاح طرفان ان رڪارڊ ۾ هٿ چراند بابت ڪو نتيجو ظاهر ڪريان ڇاڪاڻ هاڻ هو منهنجي آڏو جوابدار جي حيثيت ۾ ناهي جيتوڻيڪ سندس خلاف مضبوط دليل اٿارئي سگهجن ٿا. اهو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ جيتوڻيڪ ٽُڪن واري رڪارڊ سان هٿ چراند ڪئي وئي، پر ان هوندي بہ ان منصوبي کي ڦتائڻ جي پيش نظر جوابدار احمد سلطان جا مخالف اهو پيش ڪري پئي سگهيا.

"يقيني طور تي قاضي فضل الله انهيءَ هڪڙي مامري ۾ ثابتين جي ايڏي وڏي تعداد کي ريڪارڊ ڪرڻ جو پابند نہ هو خاص طور تي جڏهن سندس فيصلو حتمي هو پر وڏي پئماني تي جاچ شروع ڪرائڻ تي، رجسٽرن جي ڳوڙهو جائزو وٺڻ سندس فرض هو. جيڪڏهن هو اهو ڪجهہ ڪري ها تہ پوءِ اهو انتهائي مشڪوڪ هجي ها تہ هو درخواست منظور ڪري ها.

"بهرحال، جوابدار احمد سلطان ۽ جوابدار ماستر عبدالغفور ۽ ڪوڙي شاهدي تيار ڪرڻ ۽ سرڪاري ملازم طور اسڪول رجسٽر سنڀالڻ جي ذميوار جوابدار عبدالغفور طرفان ان ۾ جعلسازي ڪرڻ ۽ انهن جعلسازي وارن دستاويزن جي استعمال تي پي بي سيءَ جي سيڪشن 193، 466، 471 کي سيڪشن 120-D سان گڏائي پڙهڻ گهرجي تحت ڪيل ڏوهن سبب ڪيس هلڻ جا اهل ٿا بڻجن.

"ان موجب ڪيس پي بي سيءَ جي سيڪشن 193، 466، 471 جنهن کي سيڪشن 120-B سان گڏائي پڙهڻ گهرجي، تحت هن ڪورٽ جي برخاستگيءَ تائين ٽيپ ۽ مجموعي طور تي ڏهہ هزار رپيا ڏنڊ. جنهن جي عدم ادائيگيءَ تي 18 مهينا ٽيپ جي سزا ٻڌائجي ٿي.

"آءٌ پنهنجي فرض ۾ ناڪام ليکيو ويندس جيڪڏهن ايمانداراڻي، آزاداڻي، شفاف ۽ بي ڊپائتي جاچ ڪرڻ تي اينٽي ڪرپشن انسپيڪٽر حاجي محمد ملوڪ کي نہ ساراهيندس. اهڙي پوليس عملدار لاءِ جنهن

اهڙين اعصاب شڪن حالتن ۾ ايمانداريءَ سان پنهنجي فرض جي ادائيگي ڪئي، پٽي ترقي بہ ڪافي انعام نہ هوندو.

"فيصلي تي صحيح ڪرڻ کان اڳ هتي ڄاڻائيندو هلان تہ اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر سنڌ (غلام نبي ميمڻ) وٽان هڪ تار موصول ٿي، جنهن ۾ ان بنياد تي ڪيس ملتوي ڪرڻ جي استدعا ڪيل هئي تہ هاڻ ڪيس ان ڪيس جو انچارج بڻايو ويو آهي. اها تار صبح يارهن وڳي موصول ٿي جڏهن اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر ڊيئل مل پنهنجا دليل مڪمل ڪري رهيو هو. استغاثي ۾ انهيءَ تبديلي بابت ڪنهن نوٽيفڪيشن جي غير موجودگيءَ ۾ فقط تار تي عمل درآمد نٿو ڪري سگهجي. انڪري ڊيئل مل کي پنهنجا دليل مڪمل ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي."

تاريخ 2 مئي 1955ع

صحيح
عزيز الله ايم ميمڻ
ايڪسٽرا اسپيشل جج سنڌ.
حيدرآباد.

39_ (سي). ان ريت مون جيڪي ڪجهہ 20 اپريل 1951ع واري پنهنجي هفتيوار هاري حقدار ۾ آگسٽ 1951ع ۾ شايع ٿيل پنهنجي اليڪشن پٽيشن ۾ ڄاڻايو هو، سو عدالتي طور تي ثابت ٿيو. احمد سلطان تي سزا ۽ قاضي فضل الله خلاف ثابت ٿيل الزامن منهنجي موقف ۽ منهنجي اليڪشن پٽيشن (جيڪا گورنر کي پيش ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني وئي) جي تصديق ڪئي.

ايوب کهڙي جا ڪي اڱوٺا ڪرتوت

39_ (ڊي). 1948ع ۾ سنڌ جي گورنر طرفان ايوب کهڙي جي ڪرتوتن جي جاچ لهڻ لاءِ هڪ "سنڌ جي جاچ واسطي خاص عدالت" جوڙي هئي. ان ڪورٽ جي سربراهي جسٽس عبدالرشيد ڪئي، جيڪو بعد ۾ پاڪستان جو چيف جسٽس ۽ قائم مقام گورنر جنرل پاڪستان پڻ ٿيو. اها جاچ ڇهہ مهينا جاري رهي، جنهن ۾ ٻہ سئو شاهد گهرايا ۽ ان تي قومي خزاني جا لکين

رپيا خرچ ٿيا. ايوب کهڙي طرفان سر اقبال احمد (الہ آباد وارو)، ڊيئل مل لالواڻي ۽ اي ڪي بروهي پيش ٿيا.

جاچ واري ڪورٽ جي اخذ ڪيل نتيجن مان هيٺيان ٽڪرا ظاهر ٿا ڪن تہ ذاتي حيثيت ۾ ۽ ايڊمنسٽريٽر طور ايوب کهڙو کهڙي قسم جو ماڻهو آهي.

الزام نمبر۔ 1(1)

"آئين جي شق 154 واضح ٿي ڪري تہ ڪنهن بہ صوبي ۾ ڊسٽرڪٽ ججن کي مقرر ڪرڻ ۾ سندن مقرري ۽ ترقي صوبي جو گورنر ڪندو ۽ اهڙي ڪنهن مقرري جي سفارش گورنر کي پيش ڪرڻ کان اڳ هاءِ ڪورٽ سان صلاح ڪئي ويندي.

بچاءُ واري ڌر طرفان پيش ڪيل استدعا موجب گورنر آڏو اهي ڪيس پيش ڪرڻ ۾ ناڪامي آئين جي شق 254 ۽ وهنواري ضابطن جي موجودگيءَ ۾ درگذر ڪرڻ جوڳي ناهي. جيڪڏهن اسسٽنٽ ججن ۽ سمال ڪاز ڪورٽ جي چيف جج جا ڪيس ويچار کان هٽايا ويا آهن تڏهن بہ ڊسٽرڪٽ جج جي مقرريءَ سان واسطو رکندڙ ڪيس اهڙين مقررين کان اڳ گورنر ڏانهن اُماڻڻ ۾ ناڪاميءَ کي بدانتظامي وارو عمل ٿي ڪوٺي سگهجي ٿو.

الزام۔ 1(2)

"حڪومت جو اهو چوڻ آهي تہ چيف ڪورٽ جي موقف جي انتهائي اُبتڙ ۽ چيف سيڪريٽريءَ جي هر هر صلاح جي باوجود ظفر علي شيخ کي سمال ڪازڪورٽ، ڪراچيءَ جو چيف جج مقرر ڪيو ويو.

"چيف جج ڪراچي ڪلب ۾ ايوب کهڙي سان ملاقات ڪري ڪيس ظفر علي شيخ جي سمال ڪازڪورٽ جي چيف جج طور تقرريءَ جي لاڳيتو پنيرائي کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پر کهڙي مٿس واضح ڪيو تہ هن ان بابت حتمي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان مامري کي هاڻ بند ليکڻ گهرجي. کهڙي اُن مهل سنڌ چيف ڪورٽ جي ججن جي ان فيصلي بابت

جنهن موجب جيڪڏهن ظفر علي شيخ سمال ڪورٽ ڪاز جي چيف جج طور ڪم ڪندو رهيو تہ سول پروسيجر جي ضابطي جي سيڪشن 24 تحت سندس ڪورٽ کان سمورو ڪم واپس ورتو ويندو. انهيءَ واقعي جي روشنيءَ ۾ سنڌ ڪورٽ جي ججن جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ پاڪستان حڪومت کي سيڪشن 254 ۾ اهڙي ريت ترميم ڪرڻ جي سفارش ڪئي ويندي، جو سموريون عدالتي مقرريون ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ کي اختيار ڏنا ويندا. اهو محسوس ڪيو ويو تہ جيڪڏهن عدليہ کي مناسب طور تي ڪم ڪرڻو آهي تہ پوءِ اهو انتهائي ضروري آهي.

"فقط اها حقيقت تہ ظفر علي شيخ سيڪريٽريٽ ۾ چڱو ڪم ڪيو هو ڪنهن بہ ريت سمال ڪازڪورٽ ۾ چيف جج طور سندس مقرري خلاف سنڌ چيف ڪورٽ طرفان اُٿاريل اعتراضن کي جائي ٻُجهي نظرانداز ڪرڻ لاءِ ڪافي نہ هئي. اسان جي خيال ۾ کهڙي طرفان اختيار ڪيل موقف ايترو تہ غير مناسب هو ۽ ان مامري جي جواز کي مدنظر رکڻ کان انڪار ڪرڻ ايترو تہ هوڏ ڀريو هو جو ان کي بدانتظامي واري.معاملي طور ليکڻ گهرجي. ان کان سواءِ آئين جي سيڪشن 254 جي شقن ۾ رول آف بزنس جي شيڊول II جي پهرين حصي جي اسم II تحت اهڙوحڪم جاري ڪرڻ کان اڳ اهو گورنر آڏو پڻ پيش نہ ڪيو ويو.

الزام نمبر 1(3)

"حڪومت پاران لڳايل الزام اهو آهي تہ کهڙي چيف ڪورٽ جي هر هر ڪيل سفارشن جي باوجود سينئر فرسٽ ڪلاس سب جج غلام حيدر پير کي ڪنهن مت پيد پرئي قدم طور ڪجھ وقت تائين ترقي ڏيڻ کان نابري واري.

"اسان جو خيال آهي تہ اهو ثابت نہ ڪيو ويو آهي تہ کهڙو ڪنهن مت پيد پرئي قدم طور پير غلام حيدر کي ترقي ڏيڻ کان نابري واري، ڪيس جو پسمنظر جاڻائي ٿو تہ کهڙي طرفان اختيار ڪيل موقف غيرمناسب هو ۽ ڪيس چيف ڪورٽ جي سفارش تي هن طرح پير غلام حيدر کي ترقي ڏيڻ کپندي هئي. بهرحال، آخرڪار کهڙي آڻ مڃي ۽ ڪجھ عرصي جي

ديرڪانپوءِ ترقي ڏنائين. سو اسين اهو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون ته ان کي بدانتظامي ليکيو وڃي.

الزام نمبر- 1(4)

23 فيبروري 1948ع تي حيدرآباد جي هڪ جونيئر وڪيل علي محمد آخوند کي ڪائنس تمام گهٽي سينئر وڪيل ۽ چيف جج جي سفارش ڪيل وڪيل تي ترجيع ڏيندي سرڪاري Assignee مقرر ڪيو ويو. کهڙي جو موقف هو ته چيف جج جي سفارش رڪندڙ همراهه لکنو سان تعلق رکندڙ بئريسٽر هو ۽ ڪيس سنڌي نٿي آئي، تنهنڪري هو پنهنجو ڪم ڪنهن سنڌي جهڙي اهليت سان ڪرڻ ڪان قاصر هو. انهيءَ تقرريءَ ۾ چيف جج ۽ Respondent ۾ موقف جو هڪ ايمانداراڻو اختلاف هو ۽ ان ڪري ان کي بدانتظاميءَ جي زمري ۾ نٿو آڻي سگهجي.

الزام نمبر- 2

حڪومت پاران لڳايل الزام آهن ته کهڙي جو ڀاءُ علي گوهر ڊپٽي ڪليڪٽر طور تقرريءَ جو هڪ درخواست گذار هو. کهڙي پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ٿيندڙ چونڊ جي معاملي ۾ پنهنجي ناجائز ذاتي اثر رسوخ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪميشن جي چيئرمين هرداس مل ۽ ميمبر صديقيءَ سان اڍنگو ورتاءُ ڪيو.

"کهڙي جو بچاءُ نااُميد آهي. هو ڄاڻائي ٿو ته سندس خيال هو ته ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي لاءِ سڌي سنئين تعيناتيءَ لاءِ بنيادي اهليت اها هئي ته درخواست گذار ڪنهن خوشحال ۽ مڃي مانيءَ واري ڪٽنب سان تعلق رکندڙ هجي، ايترو شاهوڪار هئڻ گهرجي جو هرڪجي نه سگهي ۽ اعليٰ روايتون ۽ مهذب واسطا رکندڙ ڪنهن اعليٰ گهراڻي جو فرد هجي ۽ نقط تعليمي قابليت جو ان ڏس ۾ گهٽو عمل دخل نه هوندو پل ڪٽي اهو وڏي وزير جو موقف هجي، ڪيس ان صورت ۾ ڪاغذ نه اُماڻڻ ڪپندا هئا. جڏهن سندس ڀاءُ علي گوهر اُميدوار هو يا سندس ڀاءُ کي انٽرويو لاءِ نه گهرائڻ تي پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبرن سان ڪا ڏاڍائي ڪرڻ کپندي هئي. ان ڪانسواءِ پل ڪيس حسن عليءَ جي پُٽ لاءِ انتهائي احترام هو. ڪيس ان وقت

پبلڪ سروس ڪميشن جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو حق نٿي پهتو. پبلڪ سروس ڪميشن ان ڪري قائم ڪيا ويندا آهن تہ جيئن وڏا عهدا سياسي اثر رسوخ جي بنياد تي نہ پُريا وڃن ۽ انهن لاءِ چونڊ قطعي طور تي اڻ ڌري انداز ۾ ٿي سگهي. 6 مارچ 1948ع تي ڪهڙي جي لکيل نوٽ (Ex. G.228) مان واضح آهي تہ ڪميشن کي ڊپٽي ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽن جي چونڊ کان جهليو ويو جن ۾هي عهدن لاءِ سندن پاءُ پڻ هڪ اُميدوار هو. مختيار ڪارن جي تقرريءَ جي ڏس ۾ چونڊ ڪرڻ وارو عمل جاري رکڻ ڏنو ويو. ڊپٽي ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽن جي چونڊ روڪڻ لاءِ ڏنل جواز ڪنهن بہ ريت مطمئن ڪندڙ ناهن ۽ جاچڻ جوڳا ناهن. اها چونڊ فقط ان ڪري روڪي وئي جو ڪهڙي جي پاءُ کي انٽرويو لاءِ نہ گهرايو ويو هو. اسين سمجهون ٿا تہ اهو الزام مڪمل طور تي درست آهي ۽ ڪهڙو ان ڏس ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڪم ۾ مداخلت ڪندي پنهنجا فرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ انتهائي غلط ڪاريءَ جو مرتڪب بڻيو آهي.

الزام نمبر- 5(b)

اهو الزام مڙهيو ويو آهي تہ عبدالحميد شيخ کي عهدو پئدا ڪرڻ ڪانسواءِ ڊپٽي ڪليڪٽر جي گريڊ ۾ پناهگير آفيسر سڪر مقرر ڪيو ويو. پبلڪ سروس ڪميشن انهيءَ عملدار جي فرسٽ گريڊ مختيارڪار طور ترقي تي ئي راضپو نہ ڏيکاريو هو. چاڪاڻ جو سندس ريڪارڊ موجب هو بدعنوان هو. عبدالحميد شيخ مابدولت آڏو ڊپٽي ڪليڪٽر واري عهدي تي پنهنجي جونيئرن جي ترقيءَ ٿيڻ بابت هڪ عرضداشت پيش ڪئي.

"اسين ان کي اقربا پروري ليکيون ٿا. اهو واضح طور تي ڄاڻايو ويو تہ عبدالحميد بدعنوان هو.

هو سگهوئي ريٽائر ٿيڻ وارو هو ۽ هن 18 نومبر کان اڳ هڪ درخواست ذريعي تڪڙي ريٽائرمنٽ جي استدعا ڪئي هئي. انهن حالتن ۾ کيس ڊپٽي ڪليڪٽر جي گريڊ ۾ پناهگير آفيسر طور مقرر ڪرڻ جو ڪو جواز نہ پئي ٿيو. (واضح رهي تہ هيءَ عبدالحميد شيخ الزام نمبر 1(2) ۾ ڄاڻايل ظفر علي شيخ جو وڏو پاءُ آهي.)

الزام نمبر۔ 6

"حڪومت جو ڪيس اهو آهي تہ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پبلسٽي ۽ اسسٽنٽ پبلڪ رليشن آفيسر جي عهدو غير ضروري طور تي پيدا ڪيو ويو تہ جيئن مير محمد شاهہ ڪي نوازي سگهجي، جيڪو انڊين پينل ڪوڊ جي سيڪشن 409 تحت سزا ڪاٽي چڪو هو.

"ڊيٽل مل جو چورڻ هو تہ 31 آگسٽ 1947ع تي کهڙي جي لکيل نوٽ ۾ عهدو پيدا ڪرڻ بابت پر جوش انداز ۾ چيل هو ۽ جيئن تہ Respondent ناٽي وارو وزير پڻ هو تنهنڪري هو اهو عهدو پيدا ڪرڻ لاءِ پوري طرح اهل هو تہ اسان جو خيال آهي تہ جڏهن ناٽي ڪاتي ڪي ڪنهن رٽ تي ويچارٽو هجي تہ پهرين ڪاتي جا عملدار ان جو جائزو وٺن. ان ڪان پوءِ سيڪريٽري ۽ واسطيدار وزير ڪي ان تي ويچارڻ گهرجي، تہ جيئن هو ان تي آيل راءِ جي آڌار تي پنهنجو موقف جوڙي سگهن. واسطيدار وزير جو تفصيلي نوٽ ناٽي ڪاتي طرفان جاچ جو متبادل نٿو ٿي سگهي. اهو واضح آهي تہ مير محمد شاهہ حڪومت لاءِ ڪو جوڳو ڪم نہ ڪيو هو ۽ اهو عهدو غير ضروري طور تي پيدا ڪيو ويو.

"اهو الزام ثابت ٿو ٿئي ۽ اسين ان کي اقربا پروري ٿا ليکيون. اهو کهڙي طرفان پنهنجي فرضن ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ انتهائي وڏي بدانتظامي آهي.

الزام نمبر۔ 7

حڪومت جو چورڻ اهو آهي تہ سيلز ٽيڪس ايڪٽ تحت سپرنٽينڊنٽن ۽ انسپيڪٽرن جون تقررين ڪندي کهڙي پبلڪ سروس ڪميشن طرفان چونڊيل ڪيترن ئي فردن جا ڪيس رد ڪري ڇڏيا ۽ وهنوارن جي لتاڙ ڪندي ٻين فردن کي مقرر ڪيو.

کهڙي پنهنجي بچاءَ ۾ هيٺيون بيان ڏنو:

"واجد عليءَ کي مقرر نہ ڪرڻ جو بنيادي سبب اهو هو تہ گورنر جي گهر واري ليڊي هدايت الله جي خواهش هئي تہ سندس ڀاءُ يوسف خان، جيڪو انڪم ٽيڪس کاتي ۾ فقط هڪ انسپيڪٽر هو ۽ لڳ ڀڳ ٻہ سئو

رپيا مهينو پگهار تي حاصل ڪيائين. جنهن کي سنڌ حڪومت سيلز ٽيڪس جو سپرنٽينڊنٽ بڻايو هو جڏهن خود غلام حسين کي پريميئر طور ماهوار 600 ٽي مليا. کين پهرين نمبر تي رکيو ويچي. هُن ۾ گورنر انٽرويوئن دوران به ٽي پيرا مون سان ڳالهايو. کيس اها ڳڻتي هئي ته جيڪڏهن مون سندس سالي کي مٿاهين حيثيت نه ڏني ته مٿان حڪومت پاڪستان کيس نه کٽي ۾ کيس سندس اصل عهدي تي واپس اُماڻجي پئي سگهيو جتي هن سنڌ حڪومت طرفان ملندڙ پگهار جو ڪو ٽيون حصو پگهار طور تي ماڻيو. مون اهو قدم گورنر ۾ سندس گهر واريءَ جي راضپي لاءِ کنيو. کيس انڪار ڪرڻ منهنجي وس ۾ نه هو. ٻيو سبب اهو هو ته واجد علي اڳئي ڪراچيءَ ۾ انڪم ٽيڪس آفيسر هو ۽ انهيءَ چونڊ سان مٿس ڪو فرق نه پوي ها. ڪجهه به هجي، ڪجهه ڏينهن اندر ڪاتو مرڪزي حڪومت حوالي ٽيٽو هو.

"جيڪڏهن کهڙي جون اهي وضاحتون درست آهن ته کيس پنهنجي نوٽ ۾ جاٽائڻ گهربو هو ته واجد علي قابليت جي لحاظ کان بهترين آهي پر جيئن ته هو اڳئي ڪنهن پئي عهدي تي هو تنهنڪري کيس مقرر ڪرڻ جي ضرورت نه هئي. ان کي هڪ اهل اُميدوار سان زيادتيءَ جو ڪيس ليکي سگهجي ٿو. ان ڪري اهو کهڙو طرفان پنهنجي فرض ۾ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ انتهائي زيادتي جي زمري جو ليکي سگهجي ٿو.

الزام نمبر- 8

"حڪومت پاران الزام اهو آهي ته اختر شيخ کي ضابطن جي اُبتڙ ڪراچيءَ ۾ موٽر وهيڪل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ کيس آءِ جي پوليس طرفان سندس بدعنوان هئڻ جي رپورٽ جي آڌار تي بدطرف ڪيو ويو هو.

ڪابينا جي فيصلي کان ڪيس کي ٻيهر کولڻ ۾ ڪابينا جي عمومي اجلاس آڏو ڪاغذ پيش ڪرڻ کانسواءِ، ڪابينا فيصلي کي تبديل ڪرڻ بدانتظاميءَ جي زمري ۾ ٿو اچي. شيڊول II جي حصي II جي 8 اسم ۾ ضابطي 28 جي (i) ۾ (k) کي پڙهن معاملي ۾ نظرانداز ڪيو ويو.

الزام نمبر_ 9

"مٿي ڄاڻايل حقيقتن مان ذرو بہ شڪ جي گنجائش نٿي نڪري تہ غلام اڪبر ڪي زيادتيءَ جو نشانو بڻايو ويو ڇاڪاڻ جو هو 1944ع ۾ کهڙي خلاف داخل قتل جي ڪيس جو بنيادي جاچ آفيسر هو ۽ جيئن اڳتي هلي ڏيکاريو ويندو تہ سرڪاري شاهد محمد اڪبر ڀهڻ کي پڻ زيادتيءَ جو نشانو بڻايو ويو تہ جيئن هو غلام اڪبر خلاف بيان ڏئي.

"غلام اڪبر سان ٿيندڙ زيادتي کهڙي طرفان پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ انتهائي زيادتي جي زمري ۾ اچڻ وارو معاملو ثابت ٿو ٿئي.

الزام نمبر_ 12(1)

"الله بخش قتل ڪيس ۾ محمد خان ڀهڻ کهڙي خلاف هڪ شاهد هو. خان بهادر غلام اڪبر، جيئن اڳ ۾ ڄاڻايو ويو آهي، جاچ آفيسر هو. هو ڊي ايس پي هو ۽ ساڻس گڏ انسپيڪٽر محمد بخش ۽ انسپيڪٽر غلام حسين پڻ جاچ ۾ حصو ورتو. حڪومت جو اهو چوڻ آهي تہ محمد خان ڀهڻ کي پوليس ڪانسٽيبل طور اندراج ڪيو ويو ڇاڪاڻ جو الله بخش قتل ڪيس ۾ سندس وعدي معاف شاهد ٿيڻ ڪري سندس جان کي کُرن هٿان خطرو هو. پريميئر بڻجڻ کان پوءِ کهڙي محمد خان ڀهڻ کي زيادتيءَ جو نشانو بڻائيندي ڪيس ڪيترن ئي ڏينهن تائين سندس گهر ۾ نظر بند رکيو ۽ ڪائنس ان ڏس ۾ هڪ ڪوڙو بيان طلب ڪيو تہ مٿس الله بخش قتل ڪيس ۾ ڪوڙي شاهدي ڏيڻ لاءِ غلام اڪبر، غلام حسين ۽ محمد بخش تشدد ڪيو.

"جيئن تہ محمد خان ڀهڻ سان اهو ورتاءُ ٽن پوليس عملدارن کي زيادتيءَ جو نشانو بنائڻ واسطي هو ان ڪري کهڙي جو اهو عمل پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ جي ڏس ۾ انتهائي ڏاڍائي ٿو بڻجي.

الزام نمبر_ 13

"اهو الزام لڳايو ويو آهي تہ کهڙي ريلوي پوليس جي سپرنٽينڊنٽ مسٽر گالبريٿ کي سندس اعتراض باوجود ريلوي پوليس جي سب

انسپيڪٽر محمد ملوڪ کي معطل ڪرڻ جو حڪم ڏنو انهيءَ سب انسپيڪٽر هڪ پيرو چوريءَ جي هڪ ڪيس ۾ کهڙي جي ذاتي ملازم قاضي هدايت الله جي گهر جي جهڙتي ورتي هئي ۽ هدايت الله جي چُرچ تي محمد ملوڪ کي معطل ڪيو ويو. سب انسپيڪٽر جي خلاف هڪ محڪمہ جاتي جاچ ٿي ۽ کيس بحال ڪيو ويو. ڇاڪاڻ جو سندس خلاف ڪوبہ ثبوت نہ هو.

"متي ڄاڻايل تفصيل، اهو بنهہ واضح ٿا ڪن تہ محمد ملوڪ کي پنهنجي حق ۾ ڪا وضاحت پيش ڪرڻ جو موقف ڏيڻ کانسواءِ معطل ڪيو ويو. جڏهن کهڙي محمد ملوڪ کي معطل ڪيو تہ سندس آڏو ڪو حلف نامو نہ هو. ڪنهن مناسب مواد کانسواءِ شڪ ۽ واسطيدار فرد کي پنهنجي وضاحت پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ ڪارروائي بدانتظاميءَ جو هڪ عمل ليکي سگهجي ٿي ۽ اسين ان کي تسليم ٿا ڪريون.

الزام نمبر۔ 15

"حڪومت جو چوڻ آهي تہ 2 ڊسمبر 1947ع تي کهڙي جيڪب آباد جي پوليس انسپيڪٽر چوڌري فضل احمد جي تنزلي جو حڪم جاري ڪيو ۽ هدايت ڪئي تہ کيس ڪنهن ٻئي ضلعي ۾ سب انسپيڪٽر طور مقرر ڪيو وڃي.

اسين سمجهون ٿا تہ (چوڌري فضل احمد کي پنهنجي صفائيءَ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ سندس تنزليءَ جو حڪم جاري ڪرڻ ڪنهن بہ ريت باجواز نہ هو. ان ڪري اسين ان کي اختيارن جو ناجائز استعمال ليکيون ٿا.

الزام نمبر۔ 16

"جيڪڏهن کهڙي اهو ئي محسوس ڪيو تہ جاچ کي هرويرو اينگهايو ويو آهي تہ هو اها جاچ تڪڙو مڪمل ڪري ڪورٽ آڏو پيش ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري پئي سگهيو. فقط ان ڪري جو هو پنهنجي پٽيوالي جي غير حاضريءَ سبب ڪجهہ ڏکيائي پوڳي رهيو هو مٿس اهو واضح نہ ٿيو تہ هو ان ڪيس بابت پوليس آفيسرن سان ڳالهائي. اسان جي خيال ۾ کهڙي طرفان پوليس کي اهو ڪيس ختم ڪرڻ جي هدايت جاچ ۾ غيرمناسب ۽

بي جواز مداخلت هئي، تہ جيئن سندس پٽيوالي جي واهر ڪري سگهجي، اسين ان ڪي کهڙي طرفان پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جي پوراٿي ۾ انتهائي نوعيت جي بدانتظامي ليکيون ٿا.

الزام نمبر۔ 21

اهو الزام الزام نمبر 12(1) (ط) ۾ 23 سان ڳنڍيل آهي. حڪومت پاران چيو ويو آهي تہ گل محمد مصري خان، کهڙي خلاف قتل ڪيس جي جاچ ۾ غلام اڪبر سان گڏ هو. کهڙي آء جيءَ جي ڪنهن حوالي ڪانسواء ڪيس سکر مان بدلي ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو جنهن تي سکر واسين احتجاج ڪيو بعد ۾ سندس نالو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽن جي مقرريءَ لاءِ مناسب انسپيڪٽرن جي فهرست مان ڪڍيو ويو. غلام اڪبر ريڪارڊ جي صفحي نمبر 894 تي ڄاڻايو هو تہ گل محمد مصري خان ڪيس الہ بخش قتل ڪيس ۾ کهڙي جي پاڻ محمد نواز کهڙو ۽ سندس ڪمدارن جي گرفتاريءَ ۾ مدد ڪئي. غلام اڪبر کان آڏي پڇا ڪئي وئي ۽ هن چٽن لفظن ۾ ڄاڻايو تہ گل محمد ان قتل ڪيس ۾ شاهد طور پيش نہ ٿيو. بهرحال ٻن انسپيڪٽرن، چٽن سب انسپيڪٽرن ۽ ڪيترن ئي پوليس وارن تي ٻڌل مسلح ۽ غير مسلح خاص عملو سندس هٿ وس هو.

اسين ليکيون ٿا تہ گل محمد مصري خان سان زيادتي ثابت ٿئي ٿي ۽ کهڙو پنهنجي فرضن ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ بدانتظامي ڪرڻ جو مرتڪب ثابت ٿئي ٿو.

الزام نمبر۔ 22

"حڪومت جو اهو چوڻ آهي تہ اي ايم قريشي کهڙي جو ويجهو دوست هو هو ڪريسنٽ ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ ۾ کهڙي جو پائيوار هو جيتوڻيڪ ان ۾ ڏيکاءَ طور کهڙي جي پاڻ جو نالو استعمال ٿي ڪيو ويو. کهڙي ڪشمير لاءِ گهربل سامان ۽ ڏوڪڙن جي وڏي کيپ قريشيءَ جي حوالي ٿيڻ ۾ وڏي مدد ڪئي ۽ ٻين بہ طريقن ۽ حوالن سان سندس مدد ڪيائين ڄاڪاڻ جو انهيءَ ڏيتي ليتي مان ٻنهي کي لاڀ ٿي رسيو عام طور تي چيو اهو ٿو وڃي تہ کهڙي قريشيءَ کي بي ايمانيءَ سان ڏوڪڙ ڪمائڻ

جي ڪليل موڪل ڏني ۽ هو پنهنجا سمورا ڪڏا ڪم قريشيءَ سان گڏجي ڪري رهيو هو. جڏهن بہ قريشي ڪنهن ڏچي ۾ ٿي آيو تہ کهڙي پنهنجي عهدي جو ناجائز استعمال ڪندي سندس واهر ٿي ڪئي. فصيح الدين نالي هڪ شخص 7 مارچ 1948ع تي قريشيءَ جي خلاف انڊين پينل ڪوڊ جي سيڪشن 341 ۽ 426 تحت هڪ رپورٽ درج ڪرائي. ساڳي ڏينهن کهڙي فون ذريعي هڪ آرڊر ڏيندي انسپيڪٽر ٺاڪر داس کي ايندڙ حڪم تائين ڪيس کي معطل رکندي، ڪو وڌيڪ قدم کڻڻ کان روڪي ڇڏيو. 26 مارچ تي مرڪزي پوليس ان ڪيس جا ڪاغذ گهرايا ۽ ان کان پوءِ قريشيءَ کي پنهنجي بچاءَ جو شاهد پيش ڪرڻ لاءِ چيو ويو. آخر ڪار اهو ڪيس ڪورٽ اُماٽيو ويو.

کهڙو ٺاڪر داس کي فون ڪرڻ کان نابري ٿو واري، اسرار احمد (ڊي ڊبليو 18) سندس پنپرائي ٿو ڪري. اسرار احمد چاٽايو تہ هن ٺاڪر داس کي ٻڌايو تہ ڪيس شڪ هو تہ اهو فون کهڙي نہ ڪيو هو ۽ ڪيس گهرجي تہ ان بابت جاچ لهي. آڏي پڇا ڳاڇا دوران ٺاڪر داس کان اهو سوال نہ پڇيو ويو. اسين ان ڏس ۾ اسرار احمد جي بيان جي پيٽ ۾ شريف خان ۽ ٺاڪر داس جا بيان جوڳو ٿا ليکيون. ان ڪري ان عمل کي هر صورت ۾ انتهائي بدانتظامي ليکيو وڃي.

الزام نمبر۔ 23

"هن الزام جو بڻ بنياد اهو آهي تہ 24 آڪٽوبر 1947ع تي کهڙي پنهنجي پهل ۽ اچانگ پري انداز ۾ حڪم جاري ڪيو تہ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽن جي عهدن تي ترقيءَ لاءِ مناسب ليکجندڙ پوليس انسپيڪٽرن جي هڪ فهرست تيار ڪئي وڃي. اهو ڪندي هن انسپيڪٽر گل محمد مصري خان ۽ انسپيڪٽر غلام حسين سان زيادتي ڪئي، جن سندس خلاف قتل ڪيس جي جاچ ۾ حصو ورتو هو اهو سڀ ڪجهہ آءِ جي پوليس جي احتجاج باوجود ڪيو ويو.

انهيءَ الزام جي ڏس ۾ حڪومت طرفان پيش ڪيل دستاويزن تي مناسب ڌيان ڏيڻ کانپوءِ اسين ان نقطي نظر جا آهيو تہ اهو الزام تمام

سگهاري شاهديءَ سان ثابت ٿو ٿئي. الزام جا ڪي اسر بدانتظاميءَ جي زمري ۾ ٿا اچن. جڏهن ته باقي کهڙي طرفان قرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ انتهائي اڻنگي ورتاءُ ۾ ٿا اچن.

الزام نمبر- 24

"مانواري خصوصي وڪيل موجب ان الزام جو بڻ بنياد اهو آهي ته پنهنجي دوست زميندارن کي تقاوي قرضن جون وڏيون رقمون ڏيارڻ لاءِ کهڙي ان معاملي ۾ بيجا اقلت ڪئي. سندس سڏي سنئين حڪم تحت خان بهادر حاجي فضل محمد، ميمبر قانون ساز اسيمبليءَ کي 25 هزار رپين جو ۽ حاجي مولا بخش ميمبر قانون ساز اسيمبليءَ کی 50 هزار رپين جو قرض ڏنو ويو. آغا غلام نبي پٺاڻ ميمبر قانون ساز اسيمبليءَ جي پاءُ آغا محمد صديق هڪ لک رپين جو قرض ٿي چاهيو. کهڙي 17 جنوري 1948ع تي ڪليڪٽر سکر کي هڪ نيم سرڪاري ليٽر لکي آغا محمد صديق کي گهربل قرض جي تڪڙي بندوبست ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي، اهي عمل کهڙي طرفان قرض ۽ ذميوارين جي ادائيگي جي ڏس ۾ سنگين بدانتظاميءَ جي زمري ۾ ٿا اچن.

"اسين سمجهون ٿا ته انهن تنهي قرضن جي ڏس ۾ کهڙي طرفان سڌو سنئون حڪم جاري ڪرڻ ڪليڪٽرن جي صوابديدي اختيارن ۾ مداخلت آهي. معمول واري وهنوار جي چاٽي پُجهي لتاڙ ڪئي وئي، کهڙو جا حڪم ڪنهن جاچ کان سواءِ جاري ڪيا ويا ۽ انهن جو بنيادي سبب اهو ٿي هو ته درخواست گذار سندس دوست هئا. اقربا پروريءَ جا اهي عمل کهڙي طرفان قرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ جي ڏس ۾ سنگين بدانتظاميءَ جي زمري ۾ ٿا اچن.

الزام نمبر- 25

"اهو الزام هن ريت آهي ته کهڙي هدايت ڪئي ته ڪراچيءَ جي سرڪاري وڪيل کي هدايت ڪئي وڃي ته شڪارپور ڪالوني بم ڪيس جي هڪ جوابدار مند جي بدلائيءَ جي ضمانت واري درخواست جي مخالفت نه ڪئي وڃي ۽ اهڙي هدايت بدانتظاميءَ واري زمري ۾ ٿي اچي.

حالتن پٽاندر تت ۾ اهو ليکجڻ تہ کهڙي ان معاملي ۾ ناحق مداخلت ڪئي، ڪنهن بہ ريت ٺاري نٿو سگهجي. ان ڪري اسين سمجهون ٿا تہ ان معاملي ۾ کهڙي جا حڪم انتظامن جي غلط استعمال وارو هڪ عمل آهي.

الزام نمبر۔ 27

هن الزام جو بنياد اهو آهي تہ کهڙي لاڙيون پوليس ٿاڻي تي داخل ڏوهہ نمبر 1948/35 جي جاچ ۾ اها هدايت ڏيندي مداخلت ڪئي تہ اهو ڪيس ڪورٽ نہ اُماٽيو وڃي. صادق نالي هڪ شخص جي قتل واري ان ڪيس ۾ هن اها مداخلت پنهنجي دوست يوسف چانڊئي جي چوڻ تي ڪئي، جيڪو جوابدار جان محمد چانڊيو جو مائٽ هو.

حالتن مان سامهون ٿو اچي تہ کهڙو پنهنجي دوست يوسف چانڊئي جي راضپي لاءِ ان ڪيس جي ڪورٽ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ اتاولو هو ۽ ان مقصد لاءِ RLA تي جوابدار جي حق ۾ راءِ ڏيڻ لاءِ زور وڌائين. ان الزام کان ڪن ٽار نٿي ڪري سگهجي. اهڙي مداخلت کي سختيءَ سان ننڌڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ جو اهڙو عمل عملدارن ۽ عام ماڻهن ۾ اهو فطري تاثر ٿو پيدا ڪري، تہ جيڪڏهن جوابدارن جي حڪومتي سربراهہ تائين رسائي آهي تہ پوءِ هو مٿن ڪورٽ ۾ ڪيس هلڻ کان بچي سگهن ٿا.

ان ڪري اسين سمجهون ٿا تہ ان مامري تي کهڙو پنهنجي فرضن ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ ڪوتاهيءَ جو مرتڪب بڻيو آهي.

الزام نمبر۔ 28

"هن الزام تحت حڪومت جو اهو چوڻ آهي تہ هڪ پوليس سب انسپيڪٽر ۽ سندس ياءِ کي سزا آئي، جنهن جي چيف ڪورٽ پڻ تصديق ڪئي. جڏهن تہ کهڙي ان ڪيس کي گهرو کاتي ۾ جاچڻ يا فيصلي کي اک مان ڪيڻ کانسواءِ اهي سزائون ختم ڪري ڇڏيون.

"جهڙي ريت اسان پوئين الزام بابت پنهنجي موقف ۾ ڄاڻايو آهي تہ اهڙي نوعيت جي ڪا مداخلت انتهائي اڻوڻندڙ عمل آهي ۽ اسين سمجهون

ٿا تہ اهو کهڙي طرفان پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ ڪوتاهيءَ جو مرتڪب ٿيڻ جو هڪ وڏيڪ مثال آهي.

الزام نمبر 29(A)

"سندس ڪڇهہ هارين جي سب ڊويزنل مئجسٽريٽ لاڙڪاڻو (جي ڊبليو 10) آڏو ڪرمنل پينل ڪوڊ جي سيڪشن 110 تحت ريمانڊ ۾ هئڻ دوران هڪ هدايتي حڪم (Ax.G47) جنهن ۾ بہ اسمن سان گڏوگڏ هيٺيان پڻ شامل هئا. مون پڌو آهي تہ منهنجا اڏ درجن هاري جيل ۾ وڏا ويا آهن. منهنجو منشي محمد سچل يا منهنجو ڪو ٻيو ڪمدار ضمانتي ٿي سگهي ٿو ۽ تون مهرباني ڪر. منهنجي همراهن کي هڪدم آزاد ڪرڻ لاءِ ايس ڊي ايم کي هدايت ڪري منشي محمد سچل توکي سندن نالا پڌائيندو. جڏهن اُتي ايندس تہ سندن خلاف لڳل الزامن بابت ان ڏس ۾ وڏيڪ ڪارروائي بابت معلوم ڪندس

"اسين ان کي کهڙي طرفان پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ بدانتظاميءَ جو مرتڪب ٿيڻ ليکيون ٿا.

الزام نمبر (D) 29

الزام جي هن حصي ۾ حڪومت جو چوڻ آهي تہ:

"طفيل احمد ضلعي مئجسٽريٽ لاڙڪاڻو (GW 10) پنهنجي ماتحتن کي هدايت ڪئي تہ بدڪردار ماڻهن جي گرفتاري واسطيدار ڊي ايس پي ۽ ايس ڊي ايم جي گڏيل رپورٽن جي آڌار تي ڪئي وڃي جتي بہ اهڙيون گڏيل رپورٽون حاصل ڪرڻ ممڪن هو ضلعي جي زميندارن کي مسلمان هئڻ جي صورت ۾ قرآن تي ۽ هندو هئڻ جي صورت ۾ گيتا تي قسم ٿي کڻايو ويو تہ سندن علائقن ۾ ڪهڙا بدڪردار فرد موجود آهن. جڏهن ڏوٽنرو نالي هڪ شخص کي گرفتار ڪري سندس آڏو پيش ڪيو ويو ۽ هن چاتو تہ کيس نہ ڊي ايس پيءَ جي گڏيل رپورٽ جي آڌار تي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ نہ ئي وري تر جي زميندار مٿي چاڻايل طريقي آهر سندس خلاف ڪا رپورٽ ڏني آهي. ٽن ٻين فردن کي پڻ ساڳي ريت پيش ڪيو ويو ۽ طفيل احمد پڻ چاتو تہ هنن وانگر ڪُل ڀلوهن ڇڻن کي پوليس گرفتار ڪيو آهي جيڪي

انهن 18 ڄڻن واري فهرست ۾ شامل هئا، جيڪا محمد سچل تيار ڪئي ۽ گهڙي پنهنجي تصديق "اهي بدڪردار آهن ۽ سندن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي" سان ڊي ايس پي مير هزار خان جي حوالي ڪئي.

جڏهن انهن همراهن خلاف ڪيس جي جاچ پڙتال ڪئي وئي ته طفيل محمد ان نتيجي تي پهتو ته متي ڄاڻايل فهرست ۾ سندن نالا هئڻ ۽ ڪهڙي جي هدايت کانسواءِ سندن گرفتاريءَ جي جواز لاءِ ڪو مواد نه هو انڪري هُن کين آزاد ڪري ڇڏيو. سندس موجب کين جوابدار بنائڻ ۾ محمد سچل جي بدنيتي شامل هئي. خصوصي وڪيل جو موقف هو ته پنهنجي منشيءَ طرفان تيار ڪيل فهرست تي ڪهڙي جو اهو عمل انتهائي مناسب هو.

"اسين سمجهون ٿا ته پنهنجي ذاتي ملازم طرفان تيار ڪيل فهرست اهو چئي پيش ڪرڻ ته ان ۾ ڄاڻايل فرد بدڪردار آهن. ڪهڙي طرفان انتهائي غير مناسب قدم آهي، جيڪو ڪيس پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ جي ڏس ۾ نٿي ڄڃايو.

الزام نمبر_ 30

"انهيءَ صورتحال ۾ معزز خصوصي وڪيل جي استدعا ۾ جوڳو وزن آهي ته پابندي لاڳو ڪرڻ جو ڪهڙو به جواز هجي. ڪهڙي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ آغا ذريعي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ٿي رکڻ چاهيو ۽ اهو ته سرٽيفڪيٽ ميرٽ تي نه پر اثر واسطيدار سفارشن تي جاري ڪيا ويا. خصوصي وڪيل وڌيڪ استدعا ٿو ڪري ته جنهن انداز ۾ اهي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا، اهو پنهنجي سرئي انجو ميدان ٿو هموار ڪري ته ڪهڙي ان مان ڏوڪڙ ڪمايا، اسين اها استدعا مڃڻ کان قاصر آهيون. اهو درست آهي ته انهي ضابطن جي مڪمل عدم موجودگي پويان ڪي مقصد ضرور هوندا پر اسان آڏو ان ڏس ۾ پيش ڪيل ثابتي مشڪوڪ ٿي لڳي. امڪانن ۽ شڪ جي آڌار تي پوءِ پل اهي ڪيترا به سگهارا ڇو نه هجن، عدالتي فيصلو نٿو ڏئي سگهجي. ان ڪري اسين سمجهون ٿا ته ان ڏس ۾ ڪهڙو جو عمل انتهائي بدانتظامي ته آهي پر بدعنواني ناهي.

الزام نمبر_ 32

"انهن ڪيسن کي سولائيءَ لاءِ گڏ ڏسي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ جو انهن ۾ مداخلت جي نوعيت عملي طور تي هڪجهڙي آهي ٻئي ڪيس ۾ حاجي مولابخش جي ان خط تہ ان وقت سندس قبضي هيٺ گهر ننڍو هو ۽ ان کان وڏو گهر "پريم نواس" ڪيس الاٽ ڪيو وڃي، کهڙي حڪم جاري ڪيو تہ اهو گهر هڪدم مولا بخش کي الاٽ ڪيو وڃي.

"نتيجي طور اسين تاراچند کي گپتا ۽ مولابخش جي ڪيس ۾ کهڙي جو عمل انتهائي بدانتظاميءَ ۾ ريو ليکيون ٿا. ڇاڪاڻ جو هن انهن پنهي همراهن کي نوازڻ لاءِ آئيني شقن جي اُبتڙ عمل ڪيو آهي. ٻين ڪيسن نمبر 3، 4، 5 ۽ 7 ۾ سندس عمل پڻ ان زمري ۾ ٿو اچي.

الزام نمبر (A)33

اهو الزام ان بابت آهي تہ رينٽ ڪنٽرولر طرفان 190 رپيا في مهينو مسواڙ طئي، ڪرڻ جي ڏس ۾ کهڙي پريميئرواري پنهنجي حيثيت جو استعمال ڪندي ڪاغذ پاڻ وٽ گهرايا ۽ فائل تي لکيائين تہ رينٽ ڪنٽرولر جو حڪم بيوقوفي وارو آهي، ۽ (2) ايڊيشنل رينٽ ڪنٽرولر جيڪو ان حڪم خلاف کهڙي جي اپيل ٻڌي رهيو هو تي اثر رسوخ استعمال ڪرائي، پنهنجي گهرجي مسواڙ ساڍا ٽي سئو رپيا في مهينو مقرر ڪرايائين.

"پر اسان آڏو اهو سامهون ٿو اچي تہ ڪليڪٽر کي هڪ هدايتي حڪم جاري ڪرڻ کان پوءِ کهڙي پنهنجي اپيل اُماڻي ۽ سندس طرفان ريونيو ڪمشنر کي اهي ڪاغذ گهرائڻ ۽ سندس آڏو پيش ڪرڻ لاءِ چوڻ چڻ ان معاملي جو حڪومت سان ڪو تعلق هو انتهائي نامناسب ۽ بدانتظاميءَ جي زمري ۾ ايندڙ هو.

الزام نمبر_ 34

حڪومت طرفان پيش ڪيل ڪيس اهو آهي تہ ڊسمبر 1947ع ۾ کهڙي رينٽ ڪنٽرولر جي وزير جي ڪنهن حوالي ڪانسواءِ محمد عثمان

سومرو کي هڪ عمارت جي الاٽمينٽ رد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو جيڪا واسطيدار وزير پيرالاهي بخش ڪئي هئي. هُن ان گهر جي الاٽمينٽ رد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو جنهن ۾ سومرو رهيل هو. ان ڪانسواءِ هن سومري خلاف پبلڪ سيفٽي ايڪٽ تحت پڻ قدم کنيو ۽ اهو فقط ان ڪري ڪيائين جو سومرو سندس سياسي مخالف هو.

"ڪنهن به ريٽ پبلڪ سيفٽي آرڊيننس تحت سومري خلاف نوٽيس جي استعمال جو ڪو جواز نه هو ۽ اسان کي ڪو شڪ ناهي ته اهو حڪم کهڙي جي چوڻ تي ئي جاري ڪيو ويو. ان ڪري اسين سمجهون ٿا ته اهو پڻ کهڙي طرفان پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ جي ڏس ۾ انتهائي خلاف ورزي جو هڪ وڏيڪ مثال آهي.

الزام نمبر 35_A

"انهيءَ الزام تحت کهڙي صوبائي ٽرانسپورٽ اٿارٽي ۽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽيءَ جي ڪمن ۾ مداخلت ڪئي جيڪي موٽر وهيڪل ايڪٽ تحت جوڙيل آئيني ادارا آهن. الزام جو (a) حصو صوبائي اٿارٽي جي ڪمن ۾ سندس طرفان ڪيل مداخلت جا ٿي مثال ٿو سامهون آڻي، جڏهن ته (b) حصو ريجنل اٿارٽيءَ جي ڪمن ۾ مداخلت جا نو مثال ٿو سامهون آڻي.

"حڪومت جو ڪيس اهو آهي ته مداخلت واري انهيءَ الزام جي ڏس ۾ ٿيل ڪيس ۾ سامهون آندل شقن جي باوجود کهڙي کي پريميئر طور پرمٽون جاري ڪرڻ، پرمٽون رد ڪرڻ ۽ انهي ادارن طرفان جاري ڪيل حڪم معطل ڪرڻ جو صوابديدي اختيار حاصل هو.

پنهنجي تحريري بيان ۾ کهڙي جي وضاحت اها آهي ته هن اي ايم قريشي ۽ راجا سنگهه ڪمپنيءَ کي پيٽرول جي فراهمي روڪڻ وارو پهريون حڪم ان ڪري جاري ڪيو جو ڪيس ايس پيءَ وٽان شڪايتون وصول ٿيون هيون. هُن قريشي اينڊ ڪمپنيءَ کي پيٽرول جي فراهميءَ جو حڪم ان ڪري ڏنو جو هن حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن جي ايس پيز کان ذاتي خطن ذريعي جاچ ڪرائي، جن آخرڪار اها رپورٽ ڏني ته قريشي خلاف

الزام بي بنياد هئا ۽ انهن جي پٺڀرائي ۾ ڪوبہ ثبوت نہ هو. راجا سنگهہ هندوستان لڏي ويو.

اسين اها وضاحت قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون. پرمٽن جي معطلي صوبائي ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي اختياري دائري ۾ ٿي آئي. ان ڏس ۾ ڏيئل مل واضح ڪيو تہ آڪٽوبر 1947ع ۾ اٿارٽي ميمبرن جون خالي جايون پريل نہ هئڻ سبب ہي عمل هئي پر ان هوندي بہ اهو جواز نٿو بڻجي تہ کهڙي اهو قدم قانون تحت کنيو جيڪو اٿارٽيءَ جوئي اختيار هو. ڪيس وقت سر انهيءَ آئيني اداري جا ميمبر نامزد ڪرڻ کپندا هئا، تہ جيئن اهو پنهنجو ڪم ڪري سگهي ها. انهن ہنهي ڪمپنين خلاف الزام بنان ڪنهن شڪ جي سنجيدي نوعيت جا هئا پر اهڙي صورتحال ڪي مُنهن ڏيڻ لاءِ حڪومت وٽ فقط معطليءَ وارو ئي اُپاءُ نہ هو جيڪڏهن ان ڪي انتهائي نقص پريو قدم ليکجي تڏهن بہ قريشيءَ ڪي پيٽرول جي فراهميءَ جي بحالي ڪنهن بہ ريت يا جواز نٿي بڻجي

الزام نمبر 36_b

"الزام جي هن حصي ۾ ڄاڻايل مثالن مان اهم ترين اهو آهي، جيڪو ذيلي نڪتي (3) ۾ ڏنو اچي. اهو 18 مارچ 1948ع تي کهڙي طرفان منظور ڪيل حڪم G.158 سان لاڳاپيل آهي، جنهن ذريعي پرمٽون منسوخ ڪري اهي پرمٽ واسطيدار فردن ڪي نوٽ جاري ڪرڻ ڪانسواءِ اهڙين ٻين شخصيتن ڪي جاري ڪيا ويا، جن ڪان اهڙي الاٽمنٽ بابت درخواستون بہ وصول نہ ڪيون ويون هيون. حڪومتي موقف اهو آهي تہ اها صوبائي ۽ ريجنل اٿارٽين جي اختيارن ۽ فرض ۾ غير مناسب مداخلت آهي.

"کهڙو پنهنجي تحريري بيان ۾ ڄاڻائي ٿو تہ لڳ ڀڳ سمورن ڪيسن ۾ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽيءَ ئي پرمٽون جاري ڪيون. پر ان سان سندس قدم جو جواز نٿو پيدا ٿئي. ان ڪري اسين انهن قدمن ڪي بدانتظامي ليکيون ٿا.

الزام نمبر_ 39

" اهو الزام ان حوالي سان آهي تہ کھڙي وڏو وزارت سنڀالڻ کان پوءِ سنڌ پرچيزنگ بورڊ مان پنهنجي لاءِ فائدو اُماڻڻ لاءِ ان جي 19 ڄڻن واري بورڊ تي پنهنجي غريب مائٽ حاجي غلام علي کھڙي ۽ سندس زال بيگم کھڙو کي مقرر ڪرايو. بورڊ جي رڪنيت جوڳي آمدني جو باعث ٿي بڻجي ۽ بہ سيٽون حاصل ڪرڻ تي بہ مطمئن نہ ٿيندي هن پنهنجي لاڀ لاءِ بورڊ کي استعمال ڪيو جيڪو وهنوار جي اُبتڙ آهي.

"اسان کي ان بابت ڪوشڪ ناهي تہ کھڙي انهن ٻن سيٽن تي مطمئن نہ ٿيندي، جي ذريعي بہ کيس وڏو فائدو ٿي رسيو وڌيڪ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ بورڊ جي ڪمن ڪارين ۾ مداخلت ڪئي. پر اسين معزز خصوصي وڪيل جي اها استدعا قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون تہ اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ هو دراصل بورڊ سان چانورن جو واپار ڪري رهيو هو. بهرحال شاهدي واقع آهي تہ انهن واپارين لاءِ جن سان هو چانورن جو واپار ڪري رهيو هو لاءِ خاص سهولتون حاصل ڪرڻ لاءِ هُن گھٽي ولوڙ ڪئي. جيڪڏهن هو وڏو وزير نہ هجي ها تہ اهو عمل نہ ڪري ها. ڪو ذاتي لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي عهدي جو ناجائز استعمال جو هڪ ٻيو مثال آهي. ان ڪري اسين سمجهون ٿا تہ ان معاملي ۾ کھڙي پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جي ادائيگي جي ڏس ۾ بدانتظاميءَ جو مرتڪب بڻيو آهي.

الزام نمبر۔ 41

"هن الزام ۾ حڪومت جو چوڻ آهي تہ کھڙي سول سپلائيز کاتي ذريعي ڪراچيءَ جي ڪپڙي جي هڪ واپاري هوتچند هيرانند کان پرمٽ ۽ پئسن جي ادائيگيءَ کانسواءِ چالهين والن وارا ست ڪپڙي جا تاڪيا حاصل ڪيا.

"ان ڏس ۾ اسين سمجهون ٿا تہ کھڙي جو عمل بدانتظاميءَ جي زمري ۾ ٿو اچي.

الزام نمبر۔ 42

"هن الزام جا ٻہ حصا آهن، پهريون حصو الزام ٿو ڏري تہ کھڙي وٽ ڪيتريون ئي موٽر ڪارون هيون، جن مان ڪي 15 آگسٽ 1947ع کان اڳ

وڪٽي ڇڏيائين ۽ وڏي وزير ٿيڻ ڪانپوءِ هن پنهنجو سرڪاري اثر رسوخ استعمال ڪندي وڏي پئماني تي موٽر ڪارون خريد ڪيون.

"انهي شاهديءَ جي حوالي سان اسين مسٽر نارائڻ داس اينڊ ڪمپنيءَ جون موٽر ڪارون جمع ڪرڻ بابت کهڙي جي هدايت واري اُپٽار قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون. اسين ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ هن پنهنجي ذاتي استعمال لاءِ هڪ 7 ماڊل بيوئڪ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي اختيارن جو ناجائز استعمال ڪيو ۽ اهو سندس طرفان بدانتظاميءَ جو هڪ وڏيڪ مثال آهي.

الزام نمبر۔ 43

حڪومت جو ڪيس هيٺين ريت آهي:

کهڙي ڊائريڪٽرن کي سندن حصص کيس وڪرو ڪرڻ لاءِ هر ڪائڻ ۽ ڏمڪائڻ ذريعي روزاني سنڌ آبزرور جو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطن ۽ چڱ مڙسيءَ جي ابتڙ عمل ڪيا ۽ جيئن ذاتي ۽ سياسي مفاد حاصل ڪري سگهي ۽ اخبار لاءِ فنڊ حاصل ڪرڻ واسطي سرڪاري عملدارن جو استعمال ڪيائين ۽ هُن سنڌ آبزرور حاصل ڪرڻ ۾ سندس مدد ڪندڙن کي نوازيو.

الزام نمبر (a)3 جي ڏس ۾ اسان جي دريافت اها آهي تہ هڪ اهڙي اخبار جي ڊائريڪٽرن جي چيئرمين ٿيڻ ۾ جنهن ۾ سندس ذاتي مفاد هو، فرضن ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ جي ڏس ۾ بدانتظاميءَ جو عملي نمونو آهي.

هن ڪيس ۾ اسان ڄاڻو آهي تہ سنڌ آبزرور ۾ کهڙي جو هڪ ذاتي مفاد هو ۽ انهيءَ نتيجي جي روشنيءَ ۾ ان جو ڪو جواز نہ هو تہ سنڌ آبزرور لاءِ عطيا گڏ ڪرڻ يا خريدارن جو اندراج ڪرڻ لاءِ ڪليڪٽرن کي چوي، ان ڪري اسين انهن ٻنهي معاملن ۾ پڻ کهڙي کي بدانتظاميءَ جو مرتڪب ليکيون ٿا.

"انهن حالتن ۾ اهو اسان آڏو ظاهر ٿو ٿئي تہ کهڙي ڏيئو مل کي ايڊووڪيٽ جنرل بنائڻ لاءِ وسان نہ گهٽايو ان جو سبب ميرٽ نہ پر ڏيئو مل طرفان سندس خدمت ڪرڻ هو ۽ جيڪڏهن چيف جج ۽ گورنر پنهنجي موقف تي پيير نہ کوڙين ها تہ اها ڪوشش ڪامياب ٿي وڃي ها.

ان ريت اسان ان کي اختيارن ۽ ذميوارين جي ادائيگي ۾ بدانتظامي ليکيون ٿا.

الزام نمبر_ 44

"2 نومبر 1947ع تي کهڙي ٿرپارڪر جي ڪليڪٽر آغا (G.W.5) کي هڪ هدايتي حڪم (Ex.G3) لکيو جنهن جي ٻئي فقري ۾ هيٺين ريت هو.

"مون تنهنجي ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ تنهنجي ضلعي جي ڪجهه زميندارن کي الوحيد جا حصص وڪرو ڪرڻ لاءِ چيو ۽ آءُ تنهنجي ضلعي مان 15 هزار رپين جي توقع ٿو رکان ڇاڪاڻ جو هو نيوز پرنٽ جي هڪ وڏي شاهي ڪوٽا خريد ڪري رهيا آهن. اخبار کي ڏوڪڙن جي شديد ضرورت آهي. ان ڪري مهرباني ڪري ايندڙ ٻن ٽن ڏينهن اندر مناسب رقم اُماڻيو."

"کهڙو انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي هڪ مسلم اخبار الوحيد جي ڊائريڪٽرن مان هڪ هو. حڪومت جو موقف اهو آهي ته هن انهيءَ اخبار لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجي عهدي کي استعمال ڪيو. اها اخبار سندس روزگار جو هڪ ذريعو ۽ سندس سياسي مخالفن خلاف هڪ هٿيار پڻ هئي.

"انهيءَ صورتحال ۾ اها حقيقت ته هدايتي حڪم جي روشنيءَ ۾ کي به رقمون نه ميڙيون ويون، جي ڪا اهميت ناهي. جهڙي ريت اسين ليکيون ٿا ته الوحيد جي ڏس، تحريري هدايتي حڪم لکندي کهڙي پنهنجي فرض ۽ ذميوارين جو ناجائز استعمال ڪيو آهي.

الزام نمبر 46

"هن الزام تحت حڪومت جو چوڻ آهي ته پنهنجي وعدي جي باوجود کهڙي پريميئر جي پناهگير فنڊ کي بند ڪرڻ ۽ رقم قائداعظم رليف فنڊ ۾ داخل ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيو ۽ اهو ته جنهن انداز ۾ پناهگير فنڊ هلايو ويو سو غير اطمينان بخش هو. هن قائداعظم رليف فنڊ جي ڪميٽيءَ جي ڪيل لکپڙهه جو ڪو جواب نه ڏنو تان جو 22 اپريل 1948ع تي ڄاڻايائين ته پناهگير فنڊ 31 جنوريءَ تي ختم ڪيو ويو آهي ۽ اهو ته خرچن جو گوشوارو مڪمل ناهي ۽ هو اهو چوڻ کان قاصر هو ته اجان ڪا رقم خرچ ٿيڻ کان

پاڇي پيل آهي. پناهگير فنڊ واسطي ڪابه ڪميٽي نه جوڙي وئي، نه ئي وري ان ڏس ۾ ڪا پاليسي ٺاهي وئي، ڊانچي رقم کهڙي جي ذاتي هدايتن تي خرچ ڪئي وئي.

"اسان کي اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته اهو مونجهارو ختم ٿي چڪو آهي يا اڃان تائين جاري آهي، مٿي ڄاڻايل حالتن ۾ ايڏي وڏي مقدار واري فنڊ جي بي دردي سان انتظام ڪاري اسان جي خيال ۾ کهڙي طرفان انتهائي بدانتظاميءَ واري زمري ۾ ٿي اچي.

الزام نمبر 46_a

"اهو الزام پريميئر جي خصوصي فنڊ بابت آهي ۽ هت الزام اهو آهي ته کهڙي (a) خصوصي فنڊ واسطي ظفيل محمد طرفان گڏ ڪيل ڏهه هزار رپيا جيڪي هن ذاتي طور تي سندس حوالي ڪيا ۽ هٿ چراند ڪئي (b) دادو جي ڪليڪٽر طرفان خصوصي فنڊ واسطي ڪيس ٽي هزار ٽي سئو رپيا ڏنا ويا ۽ (c) هن پريميئر جي پناهگير فنڊ واسطي ٿرپارڪر جي ڪليڪٽر طرفان گڏ ڪيل ٽيهن هزار رپين مان ويهه هزار رپيا حاصل ڪيا.

"ان ڪري اسين سمجهون ٿا ته جنهن انداز ۾ هن انهيءَ فنڊ جو انتظام رکيو ۽ انهيءَ رقم جو استعمال ڪيو سو سندس طرفان فرضن ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جي زمري ۾ ٿو اچي.

الزام نمبر_ 47

"هت الزام اهو آهي ته کهڙي وڏو وزير بڻجڻ کان پوءِ پنهنجي عهدي جو اثر رسوخ استعمال ڪندي غلط طور تي زمينن تي قبضو ڪيو.

اسين ان ڏس ۾ کهڙي جو عمل نا مناسب ٿا ليکيون.

الزام نمبر_ 49

"هن الزام جو بنياد اهو آهي ته کهڙي هندو متروڪه ملڪيت ۾ شامل وڏي تعداد ۾ سائيڪلون، سلائي مشينون، موٽرسائيڪلون ۽ انجا پرزا اي ايم قريشيءَ جي حوالي ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جي ڪليڪٽر صوفيءَ کي زباني حڪم جاري ڪيا. اهو سامان ڪراچي آندو ويو ۽ موٽر سائيڪلن

جو ڪو حوالو ڏيڻ ڪانسواءِ قريشيءَ وڏي وزير کي ڄاڻايو تہ ڪيس سموري سامان لاءِ ساڍن ٽن هزار رپين جي آڇ ٽي آهي ۽ ڪيس اهو سامان وڪرو ڪرڻ ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ رقم سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائڻ جي اجازت ڏني وڃي ان تي کهڙي معاملو چيف انجنيئر ڏانهن اُماڻڻ ڪانسواءِ انڊر سيڪريٽري شيخ کي انهيءَ سامان جو سرسري جائزو وٺڻ ۽ مناسب ليڪجندڙ رقم تي اهو قريشيءَ کي ڏيڻ لاءِ چيو. محمد جعفر ان سامان جو مُلهہ ست هزار رپيا لڳايو پر کهڙي ڪيس اها رقم گهٽائي ٽي چار هزار رپين تائين ڪرڻ جو چيو. کهڙي اهو ڪجهہ پنهنجي دوست اي ايم قريشيءَ جي مدد ڪرڻ واسطي ڪيو.

"اسين سمجهون ٿا تہ محمد جعفر سچي شاهدي ڏني آهي تہ کهڙي ڪيس انهن شين جو مُلهہ ستن هزار رپين کان گهٽائي ٽي چار هزار رپين تائين ڪرڻ لاءِ چيو هو اهو ڪجهہ ڪندي کهڙي قريشيءَ کي فائدو رسائڻ ٿي چاهيو. جيڪو اڳئي ڄاڻايو ويو آهي تہ سندس دوست هو اهو اقربا پروريءَ جو هڪ مثال آهي ۽ ان ڪري اهو الزام کهڙي طرفان پنهنجي اختيارن جي ناجائز استعمال جي زمري ۾ ٿو اچي.

الزام نمبر۔ 50

"اهو الزام ان بابت آهي تہ کهڙي جي زباني حڪمت تي يارهن موٽر سائيڪلون قريشيءَ جي حوالي ڪيون ويون. انهن موٽر سائيڪلن جو ڪارج قريشيءَ جي صوابديد تي ڇڏيو ويو. انهن جو مُلهہ جو ڪاٿو لڳائڻ بہ مٿس ڇڏيو ويو ۽ پتو ناهي تہ انهن موٽر سائيڪلن جو ڇا ٿيو ڇاڪاڻ جو قريشيءِ ڪان ڪنهن رقم جي وصوليءَ جو ڪوبہ اندراج ناهي.

ان ڪري اسين ان الزام جي تحت تسليم ٿا ڪريون تہ قريشيءَ کي يارهن موٽر سائيڪلون حوالي ڪرڻ جي ڏس ۾ کهڙي بدانتظاميءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ ان ڏس ۾ ڪامناسب جاچ نہ ڪيائين.

الزام نمبر۔54

"هي الزام مانواري عبدالستار پيرزادي طرفان حاصل ڪيل آبادڪاريءَ جي هڪ ليز تي ڪٽ جي معافي بابت آهي.

"اسين سمجهون ٿا تہ اهو کهڙي طرفان پنهنجي عهدي جي ناجائز فائدي جو هڪ وڏو ثبوت آهي."

الزام نمبر- 55

"هن تي الزام اهو آهي تہ کهڙي وڏو وزير ٿيڻ کان پوءِ هارڊلي هائوس والاريو ۾ ان جي سينگهار تي ٽيٽيهہ هزار رپيا خرچ ڪيا، جڏهن تہ ضابطن پٽاندر وڏو وزير ۽ وزير في ڪس 25 هزار رپين تائين ئي خرچ ڪري پئي سگهيا. جڏهن تہ وڏي وزير جي ۽ مهمان ڪاٽي جي باغ ۾ راهداري تي هن اضافي 15 هزار چار سئو پنجويهہ رپيا ۽ بجليءَ جي تنصيب تي نو هزار ڇهہ سئو رپيا خرچ ڪيا.

اسين کهڙي طرفان رقم جي انهيءَ بيجا استعمال کي اختيارن جو ناجائز استعمال ليکيون ٿا.

الزام نمبر- 59

ان ۾ هيٺيان الزام شامل آهن:

(1) پاڪستان لاءِ بنيادي شيون محفوظ ڪرڻ جي عذر تحت کهڙي پرمٽن ڪانسواءِ ڪراچيءَ کان ٻاهر ڪيترن ئي اسمن جي روانگي يا آمدرفت تي غير قانوني نوٽيفڪيشن ذريعي پابندي مڙهي ڇڏي ۽ انهن نوٽيفڪيشن تي مرڪزي حڪومت جي مداخلت ۽ ڪنٽرول سنڀالڻ تائين عمل درآمد ٿيندو رهيو.

(2) اهڙين پرمٽن جو اجرا گهٽي ياڳي سندس هدايتن تي انڊر سيڪريٽري پي ڊبليو ڊيءَ ذريعي ڪيو ويو جنهن کي هُن سيڪريٽريءَ جي احتجاج باوجود سيڪريٽريٽ آندو. جنهن لاءِ ڪنهن بہ پاليسي يا اصول کي مدنظر نہ رکيو ويو پرمٽون سندس مرضيءَ آهر ئي جاري ڪيون ويون. نتيجي طور ڪيترن ئي ماڻهن کي هيسايو ۽ ڪيترن کي نوازيو ويو.

"ان ڪري انهيءَ معاملي ۾ کهڙي جي عمل کي انتهائي نامناسب ٿا ليکيون پر نہ ڪي بدعنواني."

31 ڊسمبر 1948ع

صحيح (عبدالرشيد)

صحيح (شهاب الدين)

39-E کھڙي خلاف بدعنوانيءَ جو ڪوبہ الزام ثابت نہ ٿيو بدعنواني رشوت وٺڻ جي حوالي سان ڪنھن بہ بااختيار فرد خلاف بدعنوانيءَ جو الزام ورلي ئي ثابت ٿيندو آھي. ڇاڪاڻ جو رشوت ورلي ئي شاھدن آڏو ورتي ويندي آھي. ڪلي عام ورتل رقمن جي وضاحت ڪئي ويندي آھي مثال جي طور تي جيڪڏھن ڪو سرڪاري ملازم 250 رپيا ماھوار پگھار ڪٽي رھيو آھي ۽ وڏي شاهي ڪٽنب ۾ پيو ڪو اُپت جو ذريعو نہ ھوندي بہ وٽس ھڪ آرام ده ڪار آھي. پنھنجي لاءِ مھانگو بنگلو ٺھرايو اٿس تہ ان کي رشوت ليکن تي شڪ ڪرڻ جي ڪاگنجائش نٿي رھي. جيڪڏھن ڪا اڻ پرٽيل ڇوڪري پار تي چڙھي تہ سبب جي آفاقي قانون تحت فقط اھو ئي ليکبو تہ ان ڇوڪريءَ شادي کان اڳ ڪنھن مرد سان جنسي لڳ لاڳاپو رکيو آھي. کھڙي معمول کان ھٽي احمد سلطان جي ھڪ سٺو ھڪ طريقن سان مدد ڪئي. احمد سلطان کھڙي جو نہ پاءُ آھي ۽ نہ وري سالو ۽ نہ ئي ڪو عوامي ڪارڪن جو کھڙو سندس واھر ڪري. ھو وڏو شاھي زميندار آھي. جيڪو ڪيس راضي ڪندڙ کي ھزارين رپين جي "سوکڙي" ڏئي ٿو سگھي.

۾ پٺسي ڏوڪڙن لاءِ کھڙي جي ھيچ ڪنھن کان بہ ڳجھي ناھي.

جسٽس عبدالرشيد ۽ جسٽس شھاب الدين طرفان کھڙن خلاف ثابت ڪيل عدالتي الزام سنجيده نوعيت وارا ھئا ۽ ڪنھن بہ عوامي شخص کي سياسي گمناميءَ ۾ ڌڪڻ لاءِ ڪافي ھئا. ڪنھن مھذب ۽ جمھوري ملڪ ۾ اھائي توقع رکي سگھجي ٿي پر اسان جي ملڪ ۾ سياست ۽ اخلاقيات جو ھڪ ڌار انداز ٿو ھلي.

سنڌ ٽيننسي ايڪٽ 1950 ۽ ان ۾ ايوب کھڙي جو ڪردار

40۔ زمينداريءَ جي خاتمي تائين ۽ انھي آدرش جي حصول ڏانھن ھڪ قدم طور، ھڪ مناسب ھاريپي بابت قانون ھئڻ تائين، ھاڻوڪي زميداري سرشتي واري ڍانچي ۾ ھارين جا سمورا مناسب مطالبا شامل ڪرڻ ملڪ جي ھڪ اشد ضرورت آھي.

41_ 1942ع ۾ جڏهن اڻ ورهايل هندستان ۾ سنڌ جي پاڙيسري صوبي بمبئي ۾ هڪ ٽيننسي ايڪٽ (بمبئي ايڪٽ 19/1940) منظور ڪيو ويو تہ سنڌ حڪومت سنڌ جي سمورن ڪليڪٽرن ڏانهن هڪ سرڪيولر جاري ڪري بمبئي ايڪٽ بابت سندن نقطي نظر معلوم ڪيو تہ جيئن هتي بہ اهڙو ڪو ايڪٽ منظور ڪري سگهجي. سنڌ ۾ ڪهڙي حڪومت طرفان اهڙي قدم جي اهو چئي مخالفت ڪئي تہ "سنڌ جون حالتون بمبئيءَ کان بنهہ مختلف آهن."

42_ جون1943ع دوران سنڌ حڪومت "سنڌ ٽيننسي قانون سازيءَ واري ڪميٽي نمبر 11" جي سري سان هارپي جي قانون بابت سفارشون مرتب ڪرڻ لاءِ تقريبن 18 ڄڻن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي، جنهن جا اڪثر ميمبر قانون ساز اسيمبليءَ جا ميمبر هئا.

43_ ان ڪميٽيءَ جا مول متان هيٺين ريت هئا.!

i. ڇا هارين کي هارپي(Tenancy) جا حق ڏيڻ ضروري يا گهربل آهن؟

ii. جيڪڏهن ها تہ پوءِ هارين جي ڪهڙن طبقن لاءِ؟

iii. اهي حق ڪهڙا هوندا؟

iv. تجويزن کي ست ڏيڻ لاءِ ڪهڙا وهنوار يا ڏنڊ ضروري هوندا؟

44_ 20 ڊسمبر 1943ع کان 3 آگسٽ 1945ع تائين ڪميٽيءَ چوڏهن گڏجاڻيون ڪيون ۽ گهڻي ڀاڱي ڪهڙي انهن جي صدارت ڪئي. ڪميٽيءَ جي اڪثريت جو موقف هو تہ حق ڏيڻ گهرجن. ڇاڪاڻ تہ هيٺيان سبب هيٺيان هئا:

"هارين جو هڪ سگهارو طبقو پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ زمين جي وڌيڪ مناسب پوکي حاصل ڪرڻ. ڪميٽي سفارش ڪئي تہ ان حق جي اهل هارين واسطي ميعاد جي مستقل هئڻ جي خاطري ڪئي وڃي، انهيءَ اهليت جا شرط واضح ڪيا ويا. ميعاد وراثتي، واپس نہ وٺڻ جوڳا ۽ غير مشروط هئا."

45_ ڪجهہ عرصي کانپوءِ ڪهڙو وڏو وزير بڻجي ويو ۽ مٿيون سفارشون رديءَ جي ٽوڪريءَ حوالي ٿيون.

46ـ 1946ع ۾ ٻه ڀيرا جنوريءَ ۽ ڊسمبر ۾ عام چونڊون ٿيون. سنڌ هاري ڪميٽيءَ پنهنجا اُميدوار بيهاريا ۽ آءٌ ڏوڪري وارهه تڪ تان اُميدوار هئس. انهن چونڊن دوران مسلم ليگي ڪارڪنن ۽ کهڙي هاري ووٽن جي قوت محسوس ڪئي ۽ مناسب ٽيننسي ايڪٽ منظور ڪرائڻ جا سمورا وعدا ڪيا. مسلم ليگ ۽ کهڙي سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت قائم ڪئي.

47ـ پنهنجي وعدي جي تڪميل ظاهر ڪرڻ واسطي ايوب کهڙي 3 مارچ 1947ع تي هڪ سيڪريٽري ۽ ٽن ميمبرن تي ٻڌل هڪ "سرڪاري هاري جاچ ڪميٽي" قائم ڪئي ان ۾ 1ـ سر راجر ٿامس سي آءِ اي چيئرمين، 2ـ ايم مسعود آءِ سي ايس ڪليڪٽر نوابشاهه ميمبر، 3ـ اين ايم اي صديقي مينيجر انڪمبرڊ ايسيٽ سنڌ ميمبر ۽ 4ـ آغا شاهي آءِ سي ايس سيڪريٽري شامل هئا.

هارين جي ڪنهن به عيوضيءَ کي ان ڪميٽيءَ تي نه کنيو ويو.

48ـ اڳتي هلي جڏهن ٿرپارڪر ضلعي جي وڏي زميندار راجر ٿامس چيو ته صديقي ۽ مسعود، هارين جا همدرد آهن ته کهڙي سندن اثر رسوخ گهٽائڻ واسطي لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ وڏي زميندار غلام رسول ڪيهر کي پڻ ان ڪميٽيءَ ۾ شامل ڪيو.

49ـ انهيءَ ڪميٽيءَ جا مول متا (سرڪاري رپورٽ نمبر 12) هن ريت هئا:

(a) هارين جي مبينا شڪايتن کي جاچڻ

(b) ڳوٺاڻي معيشت کي غير ضروري ڏڪيڙ ۾ وجهڻ کانسواءِ هارين جي معيار زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ مناسب قدم تجويز ڪرڻ.

(c) هارين کي حق ڏيڻ جي تجويز جي صورت ۾ زميندارن جي مفادن کي ڇيهو رسڻ کان تحفظ بابت صلاحون ڏيڻ (صفحو نمبر 1)

50ـ "هاريءَ جا حق" وارو اصطلاح نظرانداز ڪيو ويو ۽ هارين جون "مبينا" شڪايتون ۽ زميندارن جي تحفظ لاءِ اُپاءَ وارا لفظ اهم آهن.

51ـ تقريباً هڪ سال تائين ڪٽڙيل انهيءَ ڪميٽيءَ جي غور ويچار هارين لاءِ ڪجهه به نه ڪيو (سرڪاري هاري جاچ ڪميٽيءَ 48 – 1947ع جي رپورٽ نمبر 12) "انهن حالتن ۾ اسين صوبائي سطح تي هارين کي

هارپي جا مستقل حق ڏيڻ واري مامري ۾ هارپي جي قانون سازيءَ واري ڪميٽيءَ جون سفارشون تسليم ڪرڻ کان پاسو ٿا ڪريون." (پيراگراف 246)

"اسان جي ڪميٽيءَ جي اڪثريت ان موقف تي آهي تہ هارين کي هارپي جا مستقل حق ڏيڻ وارو مامرو اڻڄاتايل مدي تائين ملتوي ڪيو وڃي." (پيراگراف 247)

52ـ جڏهن قائداعظم کهڙي کي وزارت تان برطرف ڪيو ۽ يوسف هارون کي سنڌ جو وڏو وزير نامزد ڪيو ويو. تڏهن ئي ٽيننسي ايڪٽ وارو معاملو بحال ٿي سگهيو پنهنجو عهدو نيائيندي يوسف هارون اعلان ڪيو تہ هو پنهنجي عهدي دوران سنڌ ٽيننسي ايڪٽ بحال ڪرائيندو. هُن 3 مارچ 1949ع تي سنڌ ٽيننسي بل سنڌ حڪومت جي گزيٽ ۾ شايع ڪرايو. هُن چاهيو ٿي تہ اهو بل بجيٽ اجلاس دوران 31 مارچ 1949ع تائين منظور ٿي وڃي پر اسيمبلي ميمبرن اهو هڪ سليڪٽ ڪميٽيءَ ڏانهن اُماڻي ڇڏيو جنهن ان تي غور تي ٻارهن مهينا لڳايا.

53ـ مارچ 1950ع ۾ اهو بل اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيو. جسٽس آغا حسن عليءَ جي حڪم ۽ قائداعظم جي وفات کانپوءِ لياقت علي خان جي پٺڀرائي واري ورتاءَ سبب کهڙو ٻيهر اسيمبليءَ ۾ اچي چڪو هو.

54ـ سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ جي بحث ۾ (ڏسو سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي ڪارروائي جلد ستون، نمبر 18) (نمبر 137) کهڙي سڀ کان وڏيڪ ترميمون رٿيون، جيڪي سموريون هارين جي مفادن جي اُبتڙ هيون، انهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

a) سيڪشن 2 (14) ۾ ڪنهن بہ هاريءَ کي مشيني پوکيءَ جي صورت ۾ ڪنهن بہ وقت سندس هارپي واري حق کان محروم ڪري سگهجي ٿو.

b) سيڪشن 4 ۾ انڪمبرڊ ايسيٽ ايڪٽ يا ڪورٽ آف وارڊس ايڪٽ تحت حاصل تحفظ ذريعي ڪوبہ زميندار هاريءَ جا هارپي وارا حق ختم ڪري سگهي ٿو.

c) سيڪشن 13 ۾ ڪو زميندار ٽربيونل کي ڄاڻ ڪرڻ کانسواءِ هاريءَ کي بيدخل ڪري سگهي ٿو.

d) سيڪشن 18 ۾ اصل بل ڪانن جو ¼ حصو زميندار ۽ ¾ حصو هاري کي ٿو ڏئي جڏهن تہ کهڙي جي ترميم ان ۾ هاريءَ جو حصو گهٽائي ٿي.

e) سيڪشن 28 ترميم رٿيندي کهڙو ايجنٽ جي تشريح هن ريت ٿو متعارف ڪرائي:

i. زميندار جي صورت ۾ سندس ڪو مائٽ يا ڪمدار يا منشي.

ii. هاريءَ جي صورت ۾ سندس ڪو مائٽ يا ساڳي ديهہ جو ڪو ٻيو هاري.

ان ريت هاريءَ کي پنهنجو ساٿي/نمائندو چونڊڻ لاءِ فقط ساڳي ديهہ تائين محدود ڪيو ويو (صفحو 54)

55ـ پر پهانڪ ترين ترميم سيڪشن 35 جي ذيلي سيڪشن 3 واسطي هئي:

"هن سيڪشن تحت جوڙيل ضابطا قانون ساز اسيمبليءَ طرفان منظوري ۽ سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ٿيڻ کانپوءِ لاڳو ڪيا ويندا."

عام طور تي اهڙا ضابطا حڪومت جوڙيندي آهي.

کهڙو تن ڏينهن ۾ ڪابينا جو حصو نہ هو ۽ کيس ان ڪم واسطي ڪابينا تي ڀروسو نہ هو. يوسف هارون هارين جي حق ۾ ضابطا جوڙي پئي سگهيو ان ڪري ضابطن کي کهڙي موجب اسيمبليءَ آڏو اچڻ گهرجي.

59ـ کهڙي طرفان پيش ڪيل اها غير معمولي ترميم اسيمبلي بحث دوران ٿيل هيٺين تقريرن جو نتيجو آهي:

"حاجي محمد هاشم گذدر: سائين! آءٌ سمجهان ٿو تہ هن ترميم ۾ هڪ گوناگون وهنوار رکيو ويو آهي. آءٌ چاهيان ٿو تہ هن ترميم جا محرڪ انهيءَ شق جي وضاحت ڪن، جنهن ۾ اهو هڪ ايڪٽ آندو ويو آهي. سائين ! گهڻي ڀاڱي قانونن ۾ اهڙو شرڪ نہ هوندو آهي پر سنڌ ۾ ڪجهہ قانونن ۾ اسان زور ڏنو آهي، تہ جيڪڏهن حڪومت ضابطا جوڙي ٿي تہ پوءِ اهي اسيمبليءَ آڏو پيش ڪيا وڃن ۽ منجهن ترميم ڪري سگهجي يا انهن کي هن ايوان جي ڪنهن رٿ ذريعي آئيني شڪل ڏئي سگهجي. هاڻ جيڪڏهن هن متعلقہ ايڪٽ ۾ اهو شرڪ ٿا رکو تہ سمورن ظابطن کي هن

ايوان آڏو پيش ڪري منظور ڪرايو وڃي ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته اهو بل ڪهڙو به روپ اختيار ڪري يا صحيح هجي يا غلط ڪڏهن به لاڳو ٿي نه سگهندو. چاڪاڻ جو اوهين ورڻي پارهن مهينن ڪانپوءِ اجلاس گهرائيندو." سائين آءُ ان تي اعتراض ٿو واريان (صفحو نمبر 60)

"عزت مآب يوسف هارون! آءُ معزز ميمبر گذدر صاحب سان مڪمل طور تي سهمت آهيان. (صفحو 61)

(گذدر مسلم ليگ پارٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ يوسف هارون سنڌ جو وڏو وزير هو)

57ـ ان جو نتيجو اهو هو جو ضابطن جي غير موجودگيءَ ۾ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ هڪ مردو گهوڙو ئي رهيو. ڪهڙي يا مسلم ليگ انهن ضابطن جي منظوريءَ لاءِ ڪڏهن به ايوان جو اجلاس نه گهرايو جيتوڻيڪ هنن ٻن مهينن اندر اجلاس گهرائڻ جو وعدو ڪيو هو.

58ـ اهو سنڌ جو گورنر شيخ دين محمد هو جنهن هاري ڪارڪنن جي وفد جي درخواست تي سنڌ ٽيننسي ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي ۽ هڪ آرڊيننس ذريعي ظابطا منظور ڪيا. ڪهڙو ۽ فضل الله پروڊا تحت جاچ هيٺ آيا ۽ ڏوهاري ثابت ٿيا. جهڙي ريت پوئين پيرا گرافن ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

59ـ شيخ دين محمد هارين جا مطالبا مڃڻ واسطي ايڪٽ ۽ ضابطن ۾ وڌيڪ ترميمون ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ سندس رٿيل ترميمون سنڌ حڪومت جي گزيٽ ۾ شايع ٿيون. انهن تي تبصرا گهرايا ويا.

60ـ مون پنهنجو تبصرو لکت ۾ ڏنو جنهن جي ڪاپي هت به ڏنل آهي (نمبر 14) پر پوءِ شيخ دين محمد هليو ويو ۽ سندس جاءِ تي امين الدين سنڌ جو گورنر بڻيو.

61ـ ان ڏس ۾ ڪوبه وڌيڪ قدم نه کنيو ويو ۽ نيٺ ون يونٽ مڙهجي ويو جنهن ان کي ختم ئي ڪري ڇڏيو.

62ـ ان ريت ڪهڙي هڪ عملي سنڌ ٽيننسي ايڪٽ جي منظوريءَ جي راهه ڪوڙي ڪئي، جنهن لاءِ منهنجي قيادت ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ اڻٿڪ جدوجهد ڪئي هئي.

ون يونٽ منصوبو

63ـ جيستائين قائداعظم ۽ قائد ملت جيئرا هئا ۽ پاڪستان جو انتظام هلائي رهيا هئا، اولهه پاڪستان ۾ ون يونٽ جي ڪا بہ ڳالهہ نہ تي ڪئي وئي. پاڪستان لاءِ جدوجهد دوران سنڌ پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد جي رهواسين کي سندن لساني، ثقافتي ۽ تاريخي بنيادن تي خودمختيار وجود جون سموريون ضمانتون ڏنيون ويون هيون.

پاڪستان ٺهراءُ لاهور 1940

64ـ آل انڊيا مسلم ليگ طرفان 23 مارچ 1940ع تي لاهور ۾ بحال ڪيل تاريخي ٺهراءُ ذريعي هندوستان جي مسلمانن لاءِ هڪ ڌار ملڪ (جيتوڻيڪ ان ۾ پاڪستان جو نالو نہ هو) جي گهُر ڪندي پهريون ڀيرو پاڪستان جي رسمي طور تي ڳالهہ ڪئي وئي. انهيءَ ٺهراءُ ۾ پاڪستان لاءِ انتهائي ۽ بنيادي اهميت وارا مامرا شامل ڪيا ويا هئا. انهيءَ ٺهراءُ جي اهميت جي پيش نظر انهيءَ جي منظوريءَ واري تاريخ يعني 23 مارچ کي پاڪستان جي فوجي ڏيهاڙي طور ملهايو ٿو وڃي. اهو ٺهراءُ هيٺين ريت هو:

"آل انڊيا مسلم ليگ جو هيءُ اجلاس سمجهي ٿو تہ هن ملڪ ۾ ڪوبہ آئيني منصوبو اوستائين عمل جوڳو نہ هوندو ۽ نہ وري اهو مسلمانن کي قبول پوندو جيستائين ان ۾ هيٺين بنيادي اصولن کي شامل نٿو ڪيو وڃي، تہ جاگرافيائي طور تي هڪٻئي سان لڳ پڳ اڪائيون خطاب ڻائيون وڃن، جنهن لاءِ ضروري هجي تہ نئين سر بيهڪ پڻ ڪئي وڃي جهڙي ريت هندوستان جي اُتر – اولهہ ۽ اڀرندي زونن جي علائقن ۾ جتي مسلمان عددي اڪثريت ۾ آهن، انهن کي آزاد رياستن طور هڪ ڪيو وڃي، جنهن جا اڪائي وارا يونٽ آزاد ۽ خودمختيار هوندا.

"تہ انهن يونٽن ۾ اقليتن جي مذهبي، ثقافتي، معاشي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ ساڻن صلاح مشوري سان آئين ۾ واضح مناسب اثرائتا ۽ لازمي تحفظ مهيا ڪيا وڃن ۽ ساڳي ريت جن ايراضين ۾ مسلمان اقليت ۾ آهن اُتي پڻ سندن متعلق اهڙا قدم کنيا وڃن."

65- ٺهراءَ ۾ لفظ "زون" واضع طور تي پاڪستان جي (اپرنديءَ ۽ اُلهندي ڀاڱن) واري "ڀاڱن" کي تو مخاطب ڪري، جڏهن تہ لفظ "رياستون" 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ تحت ۾ اڳتي هلي پاڪستان ۾ لاڳو ڪيل صوبن جو حوالو آهن. اهو اهم نڪتو آهي تہ وفاقي پاڪستان کي "جنهن ۾ شامل يونٽ آزاد ۽ خودمختيار هوندا." طور ڏٺو ويو هو.

66- پاڪستان جي گهرُ مچي وئي ۽ پاڪستان ۾ لاڳو ٿيندڙ گورنمينٽ آف آنڊيا ايڪٽ 1935ع انڊين انڊپنڊنس ايڪٽ 1947ع ۾ شامل ڪئي وئي. قائداعظم جي قيادت ۾ مسلم ليگ برطانوي پارليامينٽ ذريعي مٿين ٻنهي ايڪٽن جي منظوريءَ لاءِ ڏر هئي، اهي ٻئي ايڪٽ پاڪستان جو عارضي آئين بڻيا.

67- پاڪستان جي يونٽن جي ماڻهن ۾ اعتماد پئدا ڪرڻ لاءِ فارسي لفظ "پاڪستان" کي "پ" (پنجاب) "الف" (افغان/ سرحدي علائقو) "ڪ" (ڪشمير) "س" (سنڌ) ۽ "تان" (بلوچستان) طور واضح ڪيو ويو. پاڪستان کي مٿي ڄاڻايل صوبن جو وفاق بڻجڻو هو.

68- 1951ع ۾ قائد ملت جي وفات تي خواجا ناظم الدين پاڪستان جي گورنر جنرل طور استعيفيٰ ڏئي وزيراعظم جو عهدو سنڀاليو. ناڻي وارو وزير غلام محمد گورنر جنرل بڻيو ۽ اهو پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ هو. غلام محمد سگهو وڏيڪ اختيار ماڻيا ۽ خواجا ناظم الدين يا ملڪ جي تصور ڪيل شين کان وڌيڪ جو ويچارڻ لڳو. غلام محمد، چوڌري محمد علي، ممتاز محمد دولتانا ۽ ٻين تي ٻڌل پنجابي ٽولو اقتدار تي قابض ٿي ويو.

69- پنجاب جي وڏي وزير دولتانا پنهنجي صوبي ۾ احمدي مخالف هنگامن مان همت حاصل ڪندي ۽ بدترين سازشون ڪندي خواجا ناظم الدين کي اقتدار کان هٽائڻ ۽ پنهنجو پاڻکي مرڪزي حڪومت ۾ ڪنهن اهم عهدي تي ڏسڻ لاءِ پهہ پچائڻ لڳو پر هو ناڪام رهيو ۽ هنگامي آرائي انتهائي تباهہ ڪن روپ اختيار ڪيو ۽ هو پنهنجي وزارت بہ وڃائي ويٺو.

70ـ بهر صورت، مٿيون ٽولو هلندو رهيو ۽ پين طريقن ذريعي خواجا ناظم الدين کي برطرف ڪيو ويو ۽ ان ٽولي کي ٺهڪندڙ محمد علي بوگره کي وزيراعظم بڻايو ويو.

71ـ ڪجهه عرصو اقتدار ۾ رهڻ ڪانپوءِ محمد علي بوگره حاوي ٿيڻ شروع ڪيو ۽ سيپٽمبر 1954ع ۾ هُن گورنر جنرل جي گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع تحت آئيني سربراهه طور حيثيت کي محدود ڪرڻ چاهيو. اهو گورنر جنرل غلام محمد ۽ سندس پنجابي ٽولي لاءِ برداشت جوڳو نہ هو. ان سندن ون يونٽ واري منصوبي جي راهه تي ڪوٽي ڪئي، جنهن لاءِ هو پتوڙي رهيا هئا.

72ـ وزيراعظم محمد عليءَ سيپٽمبر 1954ع ۾ اعلان ڪيو تہ بنيادي اصولي ڪميٽيءَ جي ڪاوشن سان آئين تيار ڪيو ويو هو ۽ 25 ڊسمبر 1954ع تي قائد اعظم جي سالگرهه واري ڏينهن کان لاڳو ڪيو ويندو ۽ پهرين جنوري 1955ع تي پاڪستان کي ريپبلڪ بڻايو ويندو. آئيني مسودي موجود صوبن تي ٻڌل هڪ وفاق رٿيندي ۽ ون يونٽ جو منصوبو رد ٿي ڪيو. 24 آڪٽوبر 1954ع تي کنيل قدم جو اصل سبب اهو ئي هو نہ کي آئين ساز اسيمبلي پنهنجو نمائنده ڪردار وڃائي چڪي هئي يا اها آئين ٺاهڻ ۾ ناڪام رهي يا آئيني مشينري ڊانوانڊول ٿي چڪي هئي.

73ـ هاڻ پنجابي ٽولو وڏي پٺماني تي سرگرم ٿي ويو. وزيراعظم محمد علي آمريڪا جي دوري تي اُسهيل هو. ون يونٽ ڪيئن مڙهجي؟ اهو سندن سڀ کان وڏو مسئلو هو. غلام محمد جي سوداءِ چوڌري محمد عليءَ جي چالبازي ۽ دولتانا جي سوفطائيت مسئلو حل ڪري ڇڏيو.

74ـ هنن صاحبلوڪن پروڙيو تہ سنڌ جو وڏو وزير پيرزادو عبدالستار ون يونٽ جو مخالف هو. ان ڪري کيس برطرف ٿيڻ گهرجي پر سندس جاءِ ڪير والاري؟ کين دولتانا جو دوست ۽ ڪٺ پتلي محمد ايوب کهڙو نظر آيو پر هو پروڊا تحت 1959ع تائين ڇهن سالن واسطي قانوني نااهليءَ جو شڪار بڻيل هو. خود دولتانا خلاف پڻ پروڊا جي هڪ جاچ هلندڙ هئي. سو نااهليءَ کي ختم ڪرڻ ضروري هو. ٽولي جي سربراهه گورنر جنرل لاءِ ڪجهه بہ ناممڪن نہ هو.

75ـ 20 آڪٽوبر 1954ع تي گورنر جنرل ڪهڙي جي نااهلي ختم ڪئي ۽ هاڻ هو هڪ حڪم نامي ذريعي صاف سٿرو ۽ ڪوبہ عهدو ماڻڻ لاءِ اهل بڻجي ويو.

76ـ 24 آڪٽوبر 1954ع تي گورنر جنرل فوجي ايمرجنسيءَ جي اعلان ذريعي پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪئي. اهو اعلان هيٺين ريت هو:

"گورنر جنرل ملڪي صورتحال کي مدنظر رکندي افسوس سان ان نتيجي تي پهتو آهي تہ آئيني مشينري ختم ٿي چڪي آهي، ان ڪري هُن سڄي پاڪستان ۾ ايمرجنسي مڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. آئين ساز اسيمبلي عوام جو اعتماد وڃائي ويٺي آهي ۽ وڌيڪ ڪم نٿي ڪري سگهي.

"حتمي اختيار عوام جو آهي، جيڪو آئيني مامرن سميت سمورن معاملن جو فيصلو پنهنجي نمائندن ذريعي ڪندو جن کي نئين سر چونڊيو ويندو. چونڊون جلد کان جلد ڪرايو وينديون.

"چونڊون ٿيڻ تائين ملڪ جو انتظام نئين سر جوڙيل ڪابينا هلائيندي. هُن ملڪ کي هڪ مستحڪم ۽ سگهاري انتظاميا ڏيڻ واسطي وزير اعظم کي نئين سر ڪابينا جوڙڻ لاءِ چيو آهي.

"ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام سڀ کان وڌيڪ اهم آهن. سمورن ذاتي گروهي ۽ صوبائي مفادن کي اعليٰ ترين قومي مفادن جي تابع هئڻ گهرجي."

77ـ نئين سر جوڙيل ڪابينا وڌيڪ جمهوري يا عوام جي نمائندي طور نہ پر ملڪ کي مبينا طور "هڪ مستحڪم سگهاري انتظاميا" يعني ڪامورا شاهي تحت جوڙي وئي ڪابينا آئين ساز اسيمبليءَ جي چٽن ۽ ان کان ٻاهر جي پنجن ڄڻن تي ٻڌل هئي. ايمرجنسيءَ واري اعلان لاڳو آئين جي ڪنهن بہ شق مان پنهنجو جواز سامهون نہ آندو. آخري حملو ون يونٽ منصوبي جو هلڪو اشارو ٿو ڏئي. انهيءَ اعلان پويان اصل قوت "پنجابي ٽولو" جي "ذاتي گروهي ۽ صوبائي مفادن" جي هٿي نہ ڪي "اعليٰ ترين قومي مفادن جي" جهڙي ريت ايندڙ واقعن ظاهر ڪيو.

78_ جيڪڏهن آئين ساز اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ جو بنيادي مقصد اهو هو تہ اها عوام جو اعتماد ۽ پنهنجو نمائنده ڪردار وڃائي چڪي هئي تہ پوءِ گورنر جنرل جو پهريون عمل آزاد ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ ۽ ملڪ کي هڪ حقيقي نمائنده آئين ساز اسيمبليءَ ڏيڻ هجي ها. پر هن اصل ۾ ڪيو ڇا؟

79_ 8 نومبر 1954ع تي گورنر جنرل جي حڪم تي سنڌ جي گورنر انتهائي غير جمهوري انداز ۾ "بدانتظامي" جي الزام هيٺ پيرزادي جي وزارت برخاست ڪري ڇڏي.

80_ ايندڙ ڏينهن 9 نومبر 1954ع تي کهڙي کي سمورن جمهوري روايتن جي اُبتڙ سنڌ جو وڏو وزير بڻايو ويو. ساڳيو کهڙو جيڪو عدالتي جاچن ذريعي ڪيترن ئي مامرن ۾ بدانتظامي ۽ بدعنوانن جو مرتڪب ثابت ٿيو.

81_ هت 24 سيپٽمبر 1954ع تي "هاري حقدار" ۾ پروڊا جي خاتمي بابت پنهنجو ايڊيٽوريل پيش ٿو ڪريان.

پروڊا جو خاتمو

"هر سنڌي پلي پيت واقف آهي تہ کهڙي ريت مختلف وزارتن، اقربا پروري ۽ بي ايمانيءَ ذريعي سنڌ کي تباهہ پئي ڪيو آهي.

"مرحوم قائداعظم ۽ قائد ملت لياقت علي خان کي جس هجي، جن پروڊا جي منظوريءَ ذريعي بي ايمان وزيرن تي ڪجهہ قدر ڪنٽرول رکيو.

"جيڪڏهن پروڊا لاڳو نہ ٿئي ها تہ نہ چاڻ فضل الله ۽ محمد ايوب کهڙي جون بداعماليون ڪٿي وڃي دنگ ڪن ها. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جا سمورا اڳواڻ تہ جيل ۾ واڙيا وڃن ها.

"شروعات ۾ سنڌ ۾ ٽي وزير هئا، هاڻ ٻارهن آهن، امڪان آهي تہ اهو تعداد اڃان بہ وڌندو.

"اسان کي اُميد هئي تہ غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ اي ڪي بروهي، جيڪو سنڌ سان تعلق رکندڙ مرڪزي وزير آهي، جيڪو پنهنجي پاڻ کي اسلامي نعرن ذريعي مشهور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي، اسان کي اُميد هئي تہ هو پروڊا جي خاتمي ۾ ڌر نہ بڻبو. جيستائين محمد

هاشم گذدر جو تعلق آهي تہ هر سنڌي ڄاڻي ٿو تہ بي ٻبليو ڊي جي سنڌ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر هوندي هو بي ايماني ۽ بدعنوان سرگرمين جو مرتڪب ٿيو هو. جيڪڏهن اهڙو شخص پروڊا جي مخالفت ٿو ڪري تہ اها فطري ڳالهہ آهي.

"پر اسان کي بروهي صاحب جي ورتاءَ تي افسوس آهي، جنهن ۾ اسان جون اُميدون هيون. هن نہ رڳو پروڊا جي خاتمي لاءِ ڪم ڪيو پر ان ذريعي نااهل ٿيل وزيرن لاءِ پڻ معافي ماڱڻ جي ڪوشش ڪيائين. سندس مقصد هو تہ فضل الله ۽ کهڙي تي مڙهيل پابنديون هٽن ۽ کين وزير بڻجڻ جو موقعو ملي سگهي.

"بروهيءَ کهڙي لاءِ دوستاڻو عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر افسوس! صد افسوس! جو ناڪام رهيو.

"پروڊا جي خاتمي لاءِ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ عجيب و غريب دليل ڏنا ويا. سنڌن چوڻ هو تہ دنيا ۾ ڪٿي بہ اهڙو قانون ناهي. پر ڇا دنيا ۾ ڪٿي وزيرن طرفان بي ايمانيءَ جا اهڙا عمل بہ ٿين ٿا؟

"ڇا دادو، جوهي ۽ قنبر، شهداد ڪوٽ وارين چونڊن جهڙا هاڃا ٻئي ڪٿي ٿين ٿا؟

"فضل الله جو جانشين سندس ڀائيٽو قاضي عبدالمنان ۽ غلام عليءَ جو جانشين سندس ننڍو ڀاءُ هزهائينس مير علي نواز آهن!

"ڇا دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وزارتن ۾ اهڙي ريت جانشين مقرر ٿيندا آهن؟

"ننڍڙي صوبي ۾ ٻارهن وزير، اڃا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ اهڙي ڏاڍائي ٿيندي آهي؟

پروڊا جي خاتمي لاءِ ٻيو دليل:

وزير سدائين ڊپ ۾ ٿا رهن ۽ هو معمول جيان ڪم نٿا ڪري سگهن.

"بي ايمان وزير سدائين ڊپ ۾ رهندو. ڪنهن ايماندار وزير کي ڪهڙو ڊپ؟ ايماندار کي ڪنهن بہ پڇاڻي جو ڊپ نہ هوندو آهي. چور سدائين ڊنل هوندو آهي، پوءِ ان ڪري ڇا چوريءَ خلاف سمورا قانوني اُپاءُ ختم ڪري ڇڏجن؟

"ٽيون دليل: عملدارن کي وزيرن خلاف بيان ڏيڻو ٿو پوي جيڪڏهن پروڊا جي جاچ ڪانپوءِ وزير بري ٿي ويا، ته پوءِ عملدارن کي عتاب جو شڪار بڻايو ٿو وڃي.

"جيڪڏهن عملدار درست ڳالهين بابت بيان ٿا ڏين ته پوءِ ڪين سچ ڳالهائڻ جي نتيجن لاءِ به تيار رهڻ گهرجي. جيڪڏهن هو ڪوڙا الزام ٿا مڙهين ته پوءِ غلط عملن جو غلط نتيجو ئي نڪرڻ گهرجي.

"بهر صورت ڪجهه هجي، عملدارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ وزيرن جي ڪرتوتن خلاف قانون ختم ڪرڻ ڪو چڱو دليل ناهي.

"چوٿون دليل: پروڊا جاچ تي وڏا سرڪاري خرچ ٿا ٿين.

"بي ايمان وزيرن ڪري عوام کي ڪيترو نقصان ٿو رسي، عوام جي ڳلهن تي ڪيترو بار ٿو پوي؟ رشوت عام جام ٿي وئي آهي. غريبن تي ڏاڍ ڏمر معمول بڻجي ويو آهي، ماڻهو حوصلو هاري ويٺا آهن. سندن ڪردار جو ڏينگو دير ٿي چڪو آهي، عدم استحڪام حاوي ٿيل آهي. حڪومت پوليس ۽ مئجسٽريٽن جي تعداد ۾ اضافو ڪندي ٿي رهي جنهنڪري لکين رپين جا سرڪاري خرچ وڌندا ٿا رهن.

"جيڪڏهن ڪنهن بدعنوان وزير خلاف پروڊا جاچ تي حڪومت جا ٻه ٽي لک رپيا خرچ ٿا ٿين ۽ وزير سزا ٿو کائي (جهڙي ريت قاضي فضل الله ۽ کهڙي سان ٿيو) ته سودو مهانگو ناهي، ملڪ تان وڏي آفت ٽريو وڃي. اهو خرچ دراصل سرڪاري خرچ ۾ گهٽتائي جو سبب ٿو بڻجي ۽ اهو ٻين وزيرن لاءِ دڙڪو پڻ آهي.

"پنجون دليل: وزيرن جي استعيفيٰ لاءِ راءِ عامه ڪافي ٿيندي عوام جي نظر ۾ مشڪوڪ بڻجندڙ وزير پاڻ مرادو استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندو.

"اهو ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ جي مترادف ٿيندو. اسان جا وزير ايترا معذور آهن، جو جيڪڏهن سڄي قوم مٿن لعنت ڦٽڪار ڪندي تڏهن به هو پنهنجي وزارتي ڪرسين سان چهٽيل رهندا. هنن ڪڏهن به راءِ عامه جو خيال نه ڪيو آهي. ڪجهه وزير پنهنجي دولت تي ٻاڙين ٿا ته ڪجهه وري مرڪزي وزيرن تي، ڪي وري برطانوي ۽ آمريڪي امداد تي!

"راءِ عامه تيار ٿيڻ گهرجي ته جيئن صاف شفاف چونڊن ذريعي درست نمائندا چونڊجي سگهجن "پروڊا کي ختم ڪرڻ بدران ان کي اجائين

وڏيڪ سخت ڪرڻ جي ضرورت هئي. سزا ڪانپوءِ وزيرن کي فقط ڇئن يا ڇهن سالن تائين نااهل ڪرڻ ڪافي ناهي ڪين ڊگهي سزا تي جيل اُماڻڻ گهرجي. جهڙي ريت پروڊا تحت ڪوڙي شاهدي ڏيڻ تي ٽي سال سخت پورهئي سان سزا هئي ساڳي ريت ڏوهاري ثابت ٿيندڙ وزيرن کي پڻ سخت پورهئي سان سزا ڏيڻ جي ضرورت هئي. عجب آهي جو شاهد لاءِ ته قيد جي سزا پر مکيه جوابدار لاءِ فقط عهدي کان برطرفي!

"اها اسان جي اڳڪٿي آهي ته هاڻ پاڪستان ۾ خاص طور تي سنڌ ۾ بي ايماني بدعنواني ۾ عدم استحڪام وڌندا. وزيرن کي اقتدار جو نشو چڙهندو ۽ اهو نشو سندن ماڻهن، دوستن ۽ پيروڪارن تائين پکڙبو.

"پاڪستان جي عام ماڻهن کي ٻه طرفي جدوجهد ڪرڻي پوندي، هڪ هو پروڊا جهڙاڪي وڌيڪ قانون گهُرن ته جيئن بدعنوان وزيرن خلاف ڪارروائي ٿي سگهي ان کان پوءِ ئي هو بدحالي ۽ زوال کان بچي سگهن ٿا.

"ٻيو کين راءِ عامہ هموار ڪرڻي پوندي ته جيئن ايندڙ چونڊن ۾ ڪو بي ايمان/بدعنوان شخص بيهڻ يا کٽڻ جو تصور ئي نه ڪري سگهي.

82۔ جڏهن گورنر جنرل کهڙي ۽ فضل الله جي نااهلي ختم ڪئي، مون هيٺيون اخباري بيان جاري ڪيو جيڪو منهنجي اخبار "هاري حقدار" جي پهرين صفحي تي 22 آڪٽوبر 1954ع تي شايع ٿيو (نمبر 16).

بدعنوان ۽ غدار ثابت ٿيل آجا ٿي ويا

جن ماڻهن کي خلق پنهنجي نمائندي طور چونڊي ٿي مٿن ڳري ذميواري ٿي عائد ٿئي ۽ جيڪڏهن اهي عيوضي ڪو غلط عمل يا بدعنواني ٿا ڪن ته کين ممڪن حد تائين ڳري ترين سزا ملڻ گهرجي.

سڌريل ملڪن ۾ ڪو عيوضي اهڙو ڪو عمل ڪرڻ جو سوچي به نٿو سگهي، جيڪو ماڻهن ۾ شڪ پيدا ڪري، جيڪڏهن عوام ڪنهن شڪ جو اظهار ٿو ڪري ته پوءِ اهڙي عيوضي يا وزير کي استعيفي ڏيڻ گهرجي.

"افسوس جو مقام آهي ته اسان جي پاڪستان ۾ راءِ عامہ ايتري ڪمزور آهي جو بي ڪردار ماڻهو چونڊجي وزير بڻجيو وڃن. سرمائيداري ۾

جاگيرداريءَ جي ڀيانڪ ترين تصوير شايد پاڪستان ۽ سنڌ ۾ نظر ايندي، جتي اقربا پروري رياڪاري، بدعنواني ۽ غلط ڪاري عام جام آهي.

"اهڙي ديس ۾ پروڊا هڪ آمله وٽ به هو جنهن جي ڏڙڪي سبب وزير بي روڪ اڳراين کان هٻڪيا ٿي. پروڊا جي شقن تحت کهڙو، فضل الله ۽ حميدالحق چوڌري سرڪاري عهدو ماڻڻ کان نااهل ڪيا ويا ۽ ان ريت ماڻهو عذاب کان بچي ويا. ٻين وزيرن تي پڻ ان جوڻ ميو اثر پيو.

"کهڙي ۽ فضل الله خلاف هڪ عمومي جاچ هلندڙ هئي، جنهن ۾ چيف ڪورٽ ججن ڪيترن ئي شاهدن کي ٻڌڻ کانپوءِ کين نااهل قرار ڏيڻ جي سفارش ڪئي ۽ گورنر جنرل غلام محمد کين نا اهل قرار ڏنو.

"هاڻ قلم جي هڪ ڦيري سان ساڳي گورنر جنرل غلام محمد ججن ۽ خود پنهنجو فيصلو ئي ميساري ڇڏيو آهي."

"غلام محمد جو فيصلو آئين ساز اسيمبليءَ لاءِ هڪ للڪار آهي، ڇاڪاڻ جو پروڊا جي خاتمي واري بحث دوران کهڙي ۽ فضل الله جي نااهلي ختم ڪرڻ وارو سوال پڻ بحث هيٺ آيو هو جنهن فيصلو ڪيو ته اڳ ۾ ڏنل نااهليون ۽ ضابطگيون وغيره برقرار رهنديون. غلام محمد کي آئين ساز اسيمبليءَ جو فيصلو رد ڪرڻ جو ڪو اختيار نه هو ۽ نه ئي آهي. پاڪستان جو اقتدار اعليٰ آئين ساز اسيمبليءَ وٽ آهي يا گورنر جنرل وٽ؟"

"گورنر جنرل جو فيصلو شايد آئين ساز اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ ڏانهن پهريون قدم آهي، جنهن بابت ڪيترن ئي ڏينهن کان افواهون گردش ۾ آهن."

"جيڪڏهن اهو درست آهي ته پوءِ گورنر جنرل پنهنجي ۽ پنجاب جي انا آڏو پاڪستان ٽوڙڻ تو وڃي، ان قدم جي موٽ ۾ اوير پاڪستان سدائين لاءِ پاڪستان کان ڌار ٿي ويندو."

"پاڪستان واسي ڪيڏا به ڪمزور ۽ ابوجهه ڇو نه هجن هو ڪڏهن به پاڪستان ٽوڙڻ جي اجازت نه ڏيندا."

"سنڌ جا عام رهواسي ڪڏهن به بدعنوان اڳواڻن کي اُسرڻ ۽ نِسرڻ نه ڏيندا."

"گورنر جنرل پل کهڙي ۽ فضل الله تان بي ايماني/بدعنواني جو ڪڙو هٽائي ڇڏي پر حتمي فيصلو وري به سنڌ جي عام ماڻهن جي هٿ ۾ هوندو.

جيڪي ڪڏهن بہ پنهنجي راڄ جون واڳون کهڙي ۽ فضل الله جهڙن بدعنوانن، عوام دشمنن ۽ هاري دشمنن جي هٿن ۾ نہ ڏيندا.

"گورنر جنرل جو فيصلو نہ رڳو غير مناسب آهي پر اهو غير قانوني پڻ آهي ۽ قوم ڪڏهن بہ اهو قبول نہ ڪندي.

83_ هاڻ اهو عزت مآب ڪورٽ جي ذمي آهي تہ هوءَ جانچي تہ منهنجي ڪيل مٿين ڳالهہ ڪيتري حد تائين درست آهي ۽ منهنجي چتاءَ ۽ اڳڪٿيون ڪيتري حد تائين درست هيون.

84_ 24 آڪٽوبر 1954ع واري "محلاتي انقلاب" ڪانپوءَ قوم کي دهشت زده ڪيو ويو ۽ گورنر جنرل پنهنجو پاڻ کي بادشاهہ بڻائي ڇڏيو ۽ ڪنهن کي بہ ڪيس للڪارڻ جو حق نہ ڏنو ويو. سندس سموري سگهہ ون يونٽ مڙهڻ تي لڳائي وئي ۽ ان مقصد واسطي هُن 9 نومبر 1954ع کهڙي کي سنڌ جو وڏو وزير ٿاڦيو.

85_ اهو گورنر جنرل جي عمل ۽ مٿين پيراگرافن ۾ بحث هيٺ آندل نڪتن جي خلاف هو جو مون 16 نومبر 1954 تي "سنڌ سان نا انصافي" جي سري هيٺ پنهنجو پمفليٽ لکيو ۽ شايع ڪيو. اهو سنڌ خلاف ٿيندڙ هڪ زيادتيءَ خلاف احتجاج هو. ان پمفليٽ جي جملي بہ جملي پڙهڻي ڪنهن بہ ايماندار ۽ ذهين فرد آڏو واضح ڪندي تہ ان ۾ ڪابہ شيءِ ڏوهاري نوعيت جي نہ هئي ۽ اهو سرڪاري حوالي تي آڌاريل دليل سان ڀريل هو. اهو گهڻي ڀاڱي هڪ سنڌي کهڙي خلاف مخاطب ٿيل هو جڏهن تہ ان ۾ پنجابي ٽولي جو حوالو ورلي ئي هو. ڪنهن بہ ريت ان کي عام پنجابين خلاف يا سنڌين ۽ پنجابين وچ ۾ ڏڪار پيدا ڪندڙ نٿو ليکي سگهجي.

86_ 8 نومبر 1954ع تي برطرف ڪيل آئين ساز اسيمبليءَ جي سربراهہ مولوي تميز الدين گورنر جنرل طرفان آئين ساز اسيمبليءَ برطرف ڪرڻ واري حڪم خلاف گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 223-A تحت هڪ سنڌ چيف ڪورٽ (هاءِ ڪورٽ جي حد) آڏو هڪ رٽ پٽيشن داخل ڪئي. ان پٽيشن ۾ نامزد ڪيل ۽ اڻ چونڊيل وزيرن ميجر جنرل، اسڪندر مرزا، جنرل محمد ايوب خان، ڊاڪٽر خان صاحب، ايم اي ايڇ اصفهاني ۽ مير غلام علي ٽالپر کي ڌر بڻايو ويو.

87_ جڏهن اهو ڪيس سنڌ چيف ڪورٽ ۾ هلندڙ هو ۽ جڏهن ڪورٽ اهو فيصلو ڪرڻ واري هئي تہ نئين سرجوڙيل ڪابينا قانوني ۽ اهل هئي يا نہ جڏهن اهو معاملو اجان ڪورٽ ۾ هو، گورنر جنرل 18 ڊسمبر 1954ع تي مبينا طور گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 135 تحت "اولهہ پاڪستان واسطي هڪ انتظامي ڪائونسل قائم ڪرڻ جو هڪ حڪم جاري ڪيو."

88_ مٿين حالتن ۾ 15 ڊسمبر 1954ع تي پنهنجو ٻيو پمفليٽ "سنڌ سان انصافي ياڱو" ٻيو "اڇو تہ پاڪستان بچايون" لکيم ان پمفليٽ جي هر جملي ۾ حقيقتن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي." ان ۾ عقل ۽ انصاف، سچائي ۽ ايمانداراڻي ورتاءُ جي درخواست ڪيل آهي. اهو پمفليٽ ون يونٽ جي ٻانين طرفان پيش ڪيل ڪجهہ دليل جو ڇيد ٿو ڪري ۽ ڪين رد ٿو ڪري، ان کانسواءِ اهو پمفليٽ ڪي تعميري تجويزون پڻ ٿو ڏئي تہ جيئن ون يونٽ جي ڦهري ڏمرن کان بچي سگهجي.

انهي پمفليٽ ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي برخاستگي ۽ گورنر جنرل جي وڪيل طرفان اختيار ڪيل موقف جي جمهوريت ۽ پاڪستان جي آزاديءَ جي مفادن ۾ مخالفت ڪئي وئي هئي. پنهنجو ٽيون پمفليٽ 1_ جنوري 1955ع تي شايع ٿيو ۽ مٿين موضوع تي ئي ان ۾ بحث ڪيل هو.

89_ منهنجي موقف جي 9 فيبروري 1955ع تي سنڌ چيف ڪورٽ جي فل بينچ جي يڪرائپ واري فيصلي مان پڻ تائيد ٿئي ٿي. جنهن فيصلي جا ڪجهہ حصا هيٺ ڏجن ٿا (پي ايل ڊي سنڌ 1954، 96)

چيف جسٽس جي بي ڪنسنٽائن

"اهو واضح طور تي ڏيکاءُ ٿي آيو تہ هاڻوڪي پٽيشن تائين سلطنت جي قانوني عملدارن تائيد کي ضروري نٿي ليکيو. اعتراض نئين نوعيت جو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي قبول ڪيو ويو تہ اهو عمل ۽ ادراڪ جو لاڳو وهنوار ڏونڏاڙي ڇڏيندو.

"وفاقي قانون ساز داري جي ڏس ۾ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ ۾ تائيد جي ضرورت شامل هئي، انڊپينڊنس ايڪٽ ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي حوالي سان لازمي تائيد جي شق شامل نہ ڪئي وئي.

"ان ڪري گورنمينٽ آف انڊيا (پنجين ترميم) ايڪٽ 1954ع ذريعي متبادل مليل گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جو سيڪشن 10 جوڳو آهي ۽ ان تحت اُهي متعلقين جيڪي وفاقي قانون ساز اداري جا ميمبر نہ هئا غير قانوني طور وزير بڻايا ويا.

"ان ڪري آئين ساز اسيمبليءَ جي چاٽايل برخاستگي قانون ۾ غير موجود آهي ۽ اها صدر جو عهدو اجا تائين وجود نٿا رکن."

جسٽس ويلاني:

"نتيجو اهو آهي تہ برخاستگيءَ جو عمل انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ جي سيڪشن 5 تحت چاٽايو ويو آهي ۽ اهو سيڪشن گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ جو اهل نٿو بڻائي.

"اهو چيو ويو آهي تہ انڊپينڊنس ايڪٽ جي سيڪشن 6 جي سب سيڪشن 3 آئين ساز اسيمبليءَ جي عملن کي گورنر جنرل جي لازمي رضامنديءَ جو پابند ٿو بڻائي. جڏهن ڪجهہ بہ چاٽايل نہ هجي تہ رضا منديءَ جي ضرورت پئدا ٿيڻ جو امر نٿو پئدا ٿئي. ذيلي سيڪشن (3) گورنر جنرل جي رضا منديءَ واري اختيار جي موجود آئيني حد بندين جو اظهار ٿو ڪري.

"آئين لاڳو ڪرڻ، ترميم ڪرڻ، دستبردار ڪرڻ، پيهر جاري ڪرڻ ۽ لاڳو ڪرڻ واسطي هڪ خود مختيار قوت موجود آهي، جيڪا دراصل اعليٰ ترين اختياري آهي. چاڪاڻ جو ان جي عمل سان سمورا اختيار ورهايا، ضابطي هيٺ آندا ۽ ايستائين جو واپس وٺي سگهجن ٿا ۽ اهو اختيار انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ آئين ساز اسيمبليءَ کي مڪمل ۽ حتمي طور تي ڏنو آهي، جنهن جي زندگي ڪنهن بہ ٻاهرين اداري يا عمل تي انحصار نٿي رکي تہ وقتي طور آئين ساز اسيمبلي پنهنجي سر ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ڪري.

"ان آئيني اهميت جا اهڙا بنيادي ۽ اهم سوال اُٿاريا آهن، جو ڪا رٽ پٽيشن ان ڏس ۾ فقط جوڳي، لاڀائتي، اثرائتي ۽ اطمينان جوڳي ليکي سگهجي ٿي.

"ان ڪري آءُ آئين ساز اسيمبليءَ جي صدر طور پٽيشن داخل ڪندڙ کي بحال ڪرڻ ۽ "سمورن متعلقين کي پٽيشن داخل ڪندڙ جي عهدي لائق ڪمن جي ڪرڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽ وجهڻ کان جهليان ٿو. آءُ متعلقين نمبر 4، 5، 7، 8 ۽ 10 خلاف اهو بہ فيصلو ڏيڻ چاهيندس تہ 21 سيپٽمبر 1954ع تي ترميم ٿيل گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جي سيڪشن 10 تحت هو وفاقي قانون ساز اداري جي ميمبرن هئڻ ڪري وزيرن طور مقرريءَ جا اهل ناهن."

جسٽس محمد بخش:

"آئين ساز اسيمبليءَ وقت بوقت پنهنجا ڪيترائي اجلاس ڪوٺايا، آئين جي ڏس ۾ پاڪستان لاءِ آئين ناهڻ ۽ لاڳو ڪرڻ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو هو ۽ ان ڏس ۾ حتمي اجلاس ٿيڻو هو ۽ جهڙي ريت مدعا عليہ نمبر 2 وزير اعظم پاڪستان واضح طور تي اعلان ڪيو تہ ملڪي آئين 25 ڊسمبر 1954ع تي قائداعظم جي جنم ڏينهن تائين تيار ٿي ويندو."

"24 آڪٽوبر 1954ع تي عزت مآب گورنر جنرل پاڪستان هيٺيون اعلان جاري ڪيو."

"گورنر جنرل ملڪ کي درپيش سياسي گهوٽالي کي مدنظر رکندي افسوس سان ان نتيجي تي پهتو آهي تہ آئيني مشينري اپاهج ٿي چڪي آهي، ان ڪري هُن سڄي پاڪستان تي هنگامي حالتن جي نفوذ جو اعلان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن مهل موجود آئين ساز اسيمبلي عوام جو اعتماد وڃائي چڪي آهي ۽ وڌيڪ ڪم نٿي ڪري سگهي.

"حتمي اختيار عوام جو آهي جيڪو سمورا مامرا بشمول آئيني مامرا پنهنجي عيوضين ذريعي نبيريندو جيڪي نئين سر چونڊيا ويندا. چونڊون ممڪن حد تائين جلد کان جلد ڪرايو وينديون.

"چونڊون ٿيڻ تائين ملڪ جو انتظام هڪ نئين سر جوڙيل ڪابينا سنڀاليندي، هُن وزيراعظم جي ملڪ کي هڪ ڦڙت ۽ مستحڪم انتظاميا ڏيڻ کي پيش نظر رکندي ڪابينا جي نئين سر جوڙجڪ لاءِ چيو آهي، ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام بنيادي اهميت جا حامل آهن. سمورن ذاتي، ادارتي ۽ صوبائي مفادن کي اعليٰ ترين فوجي مفادن جي تابع هئڻ گهرجي."

25 آڪٽوبر 1954ع تي آئين ساز اسيمبليءَ طرفان نامزد ڪيل آئين جو مسودو تيار ڪرڻ واري ڪميٽيءَ جو حتمي اجلاس ٿيو جنهن ۾ آئيني مسودو منظور ڪيو ۽ ڪميٽيءَ جي رپورٽ تي صحيحون ڪيون ويون. پيراگراف نمبر 11 ۾ چاڙهايل مختلف حوالن ذريعي.

مدعا عليہ پٽيشن 24 آڪٽوبر 1954ع تي گورنر جنرل جي جاري ڪيل مبينا بيان کي غير آئيني، غير قانوني، اختيارن کان مٿيرو حد کان اڳتي نڪتل، عمل نہ ٿيڻ جوڳو ۽ اڻ سهائيندڙ سڏيندي چيلنج ڪيو آهي.

"آئين ساز اسيمبليءَ طرفان پيون شقون شامل ڪرڻ تائين 1935ع وارو ايڪٽ، گورنر جنرل طرفان سيڪشن 9 تحت جاري ڪيل حڪم جي روشنيءَ ۾ سمورن لاڳوئن سميت عمل هيٺ رهڻو هو."

"سيڪشن 9 تحت گورنر کي1935ع واري ايڪٽ مان اخراج شموليت الڳ ۽ ڦير گهير ڪرڻ جو اختيار فقط هڪ محدود معياد تي 3 جون 1947ع کان 31 مارچ 1948ع تائين حاصل هو. ان ميعاد ۾ آئين ساز اسيمبليءَ 31 مارچ 1949ع تائين توسيع ڪئي هئي.

"مدعا عليہ جي فاضل وڪيل اسان آڏو اهڙن 46 ايڪٽن جي هڪ فهرست پيش ڪئي آهي، جيڪي هيل تائين آئين ساز اسيمبليءَ منظور ڪيا هئا، ۽ انهن مان ڪنهن کي بہ گورنر جنرل جي تائيد نصيب نہ ٿي سگهي. انهن مان ڪي ايڪٽ انتهائي اهم آهن، جهڙوڪ: 12 اپريل 1950ع تي منظور ٿيل ۽ 20 اپريل 1950ع تي شايع ٿيل دي پرائيوي ڪائونسل (حد جو خاتمو) ايڪٽ 1950ع، 16 اپريل 1951ع تي منظور ڪيل ۽ 28 اپريل 1951ع تي شايع ٿيل راولپنڊي سازش (خاص ٽربيونل) ايڪٽ 1951ع ۽ 2 مارچ 1948ع تي منظور ڪيل ۽ 17 مارچ 1948ع تي شايع ٿيل انڊين انڊيپنڊنس (ترميمي) ايڪٽ 1948ع آخري ايڪٽ تحت گورنر جنرل

اختيار ۾ انڊيپنڊنس ايڪٽ جي سيڪشن 9 تحت 31 مارچ 1948ع کان هڪ سال جي توسيع ڪئي وئي هئي. انهن مان هر ايڪٽ اهم هو ۽ خود گورنر جنرل پڻ انهن ايڪٽن تحت عمل ڪري رهيو هو ۽ انهن پٽاندر ڪيترائي حڪم پڻ جاري ڪيا ويا. نہ رڳو اهو پر انهن ايڪٽن تحت ڪيترن ئي فردن کي سزائون مليون ۽ ڪيئي بري پڻ ٿيا. جيڪڏهن انهن ايڪٽن تي توثيق جي شرط لاڳو ٿيندي تہ ان جو نتيجو وڏي پئماني تي ڏڦيڙ ۾ نڪرندو. اچو تہ هڪ ايڪٽ پرائيوي ڪائونسل (حد جو خاتمو) ايڪٽ 1950ع جو مثال وٺون. ان ايڪٽ کي گورنر جنرل جي توثيق نہ ملي ۽ ان هوندي بہ پرائيوي ڪائونسل پنهنجي آڏو پيل سمورين اپيلون ۽ ٻيا مامرا پاڪستان جي فيڊرل ڪورٽ آڏو اُماڻيا ۽ بعد ۾ ڪورٽ انهن ڪيسن تي پرائيوي ڪائونسل جي متبادل طور فيصلا پڻ صادر ڪندي رهي، آءُ پرائيوي ڪائونسل طرفان سمورو ريڪارڊ هيڏانهن اُماڻڻ ۽ پاڪستان جي فيڊرل ڪورٽ طرفان انهن ڪيسن کي پرائيوي ڪائونسل جي متبادل طور نبيرڻ وارن عملن کي آئين ساز اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل ايڪٽن کي گورنر جنرل جي توثيق جي ضرورت نہ هئڻ طور ليکيان ٿو. جيتوڻيڪ انتهائي ٽيڪنڪي طور تي اهو دليل اُٿي پئي سگهيو تہ انهن ڪورٽن آڏو توثيق وارو سوال خاص طور تي اُٿاريو نہ ويو هو پر ان هوندي بہ منهنجي خيال ۾ اهو ناممڪن آهي، تہ اهو نڪتو پرائيوي ڪائونسل ۽ فيڊرل ڪورٽ جهڙين اعليٰ ترين عدالتي اختيارين جي نظر کان بچي ويو هجي.

"ان کان پوءِ اسان کي نظر ٿو اچي تہ خود برطانوي پارليامينٽ اها پوزيشن قبول ڪئي تہ هن اُن انڊيا (اڳتي ايندڙ شقون) ايڪٽ 1949ع منظور ڪندي خود ان پارليامنٽ جنهن انڊيپنڊنس ايڪٽ کي پارلياماني توثيق ڏني، ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي منظور ڪيل ايڪٽن کي گورنر جرنل جي توثيق جي ضرورت ناهي.

"خود پاڪستان جي گورنر جنرل پنهنجي سر پڻ مختلف ايڪٽن تحت ڪيترائي حڪم جاري ڪيا ۽ سندس توثيق وارو سوال ڪڏهن بہ نہ اُٿاريو ويو. مثال جي طور تي هن سرڪاري ۽ عوامي عهدن (نا اهليت) واري ايڪٽ 1949ع تحت ڪيترائي حڪم جاري ڪيا. جيڪو 6 نومبر 1947ع

تي جاري ٿيو ۽ 11 نومبر 1949ع تي شايع ٿيو ۽ ان تحت ڪيترن ئي فردن کي مختلف معيادن لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو. اختيار طور اڳئي ان کي "پروڊا" سڏيندس نہ رکو اهو پر گورنر جنرل آئين ساز اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ کان فقط چار ڏينهن اڳ 21 سيپٽمبر 1954ع تي جاري ٿيل ۽ ساڳي ڏينهن شايع ٿيل ساڳي پروڊا ۽ پروڊا جي خاتمي واري ايڪٽ تحت پنهنجي اڳوڻي حڪم ۾ ترميم ڪندي ڪجهہ مخصوص ماڻهن جي نااهليت ختم ڪئي. ان حڪم ۾ جيڪو تفصيلي ۽ ڳوڙهو بحث ٿيل هو توثيق وارو نڪتو ڪڏهن بہ بحث هيٺ نہ آيو. ان جي اُبتڙ اها ڳالهہ تسليم ڪئي وئي تہ گورنر جنرل جي توثيق نہ هئڻ جي باوجود اهي ايڪٽ پلا ۽ سٺا قانون هئا.

"هاڻ آءٌ چاٽايل ڪيسن ڏانهن لڙندس. هيٺيان ڪيس تاريخن طور ترتيبوار واسطيدار آهن:

(1) ايوب کهڙو بمقابلہ وفاق پاڪستان، 20 مارچ 1950ع تي فيصلو ٿيل.

(2) افتخار حسين ممدوح بمقابلہ پنجاب صوبو 18 مئي 1950ع تي فيصلو ٿيل.

(3) سرفراز خان ۽ ٻيا بمقابلہ سلطنت 31 مئي 1950ع تي ڊويزن بينچ پاران ۽ اڳتي هلي لاهور هاءِ ڪورٽ طرفان فيصلو ڪيل

(4) سابق ميجر جنرل اڪبر خان ۽ ٻيا بمقابلہ سلطنت 5 جنوري 1953ع تي فيصلو ٿيل.

(5) لال خان ۽ ٻين 5 جو تازو سيڪشن 491 ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ، جنهن کي 1935ع واري ايڪٽ جي A– 223 سيڪشن سان گڏي پڙهڻ گهرجي، جيڪو اڃان رپورٽ تہ نہ ٿيو آهي پر روزاني ڊان 22 ڊسمبر 1954ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. فاضل وڪيل جناب پرٽ اُن ڏينهن تي پنهنجي دليل جاري رکندي ان ڪيس جو هڪ حوالي ڏنو.

"هي ڪيس سندس تاريخ ترتيب سان بحث هيٺ آڻيندس. پهرين ڪيس (1950ع ڪيس 49) ۾ فاضل وڪيل منظور قادر جيڪو هن ڪيس ۾

ڪجهہ مدعا عاليان لاءِ پيش ٿو ٿئي وفاق پاڪستان جي نمائندگي ڪري رهيو هو ۽ هُن اهو موقف اختيار ڪيو تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي عملن لاءِ ڪنهن توثيق جي ضرورت ناهي. ڪهڙي لاءِ پيش ٿيندڙ سراج انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ 1947 جي سيڪشن (3) 6 تي انحصار ڪندي پنهنجي ڳالهہ لاءِ ٽيڪ حاصل ڪندي گورنر جنرل جي توثيق کي ضروري ڄاڻايو. انهيءَ فيصلي مان لاڳاپيل پيراگراف نقل ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

"سراج صاحب جو دليل آهي تہ ملڪ جي سموري قانون سازيءَ لاءِ گورنر جنرل جي توثيق ضروري آهي. جڏهن تہ ٻئي پاسي پاڪستان جي وفاق لاءِ پيش ٿيندڙ منظور قادر سيڪشن 6 ڪلازدا ۽ (2) ۽ سيڪشن 8 ڪلاز (1) ۽ شق (6) کي پنهنجي موقف جي تائيد ۾ پيش ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ وفاقي قانون ساز اداري بدران آئين ٺاهيندڙ هڪ اداري طور آئين ساز اسيمبليءَ مان منظور ڪيل ڪنهن ايڪٽ کي گورنر جنرل جي توثيق جي ضرورت نٿي رهي.

"واسطيدار شقن تي بحث ڪانپوءِ ڪورٽ هيٺين نتيجي تي پهتي آهي."

"منهنجي ذهن ۾ ان بابت ڪو شڪ ناهي تہ آئين ٺاهيندڙ اداري طور آئين ساز اسيمبليءَ جي قانون جوڙڻ وارن اختيارن تي ڪا حد بندي ناهي رکي وئي. ان ڪري گورنر جنرل جي توثيق جي ڪا ضرورت ناهي."

"هن ڪيس ۾ ايڊووڪيٽ جنرل جي مدد ڪندڙ فاضل وڪيل عبدالحق ان موقف جي حمايت ۾ ڪجهہ فيصلن جو حوالو ڏنو آهي، تہ اسان جي هاڻوڪي ڪيس تي "گهورينڊڙ فيصلن" واري ضابطي کي لاڳو نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ جو اسين گهڻي ڀاڱي انومانن تي انحصار پيا ڪنداسين پر بي ايل ڊي 1950ع سنڌ 49 ۾ دراصل ڪهڙي جي وڪيل طرفان هڪ نڪتو اُٿاريو ويو هو تہ گورنر جرنل جي توثيق ضروري هئي ۽ وفاق پاڪستان جي نمائندگي ڪندڙ منظور قادر جو چوڻ هو تہ اهڙي توثيق ضروري نہ هئي بهرحال ڪورٽ واضح طور تي فيصلو ڪيو هو تہ توثيق ضروري نہ هئي، منظور قادر واتان هاڻ اهو ٻڌڻ انتهائي اچرج جوڳو آهي تہ 1950ع ۾ خود سندس موقف مناسب نہ هو.

"هاڻ آءِ پي ايل ڊي (1950) ايف سي 15 ۾ رپورٽ ٿيل محمدوح جي ڪيس تي ٿو اچان. ان ڪيس جو فيصلو ڪهڙي جي ڪيس جي فيصلي کان پوءِ ڪيو ويو ۽ وفاقي ڪورٽ آڏو ڪڏهن بہ توثيق وارو نڪتو نہ اٿاريو ويو. ان ڪيس ۾ پرائيوي ڪائونسل (حد جو خاتمو) ايڪٽ 1950ع تحت اپيل داخل ڪئي وئي هئي، جنهن کي آئين ساز اسيمبليءَ منظور ڪيو هو ۽ جنهن لاءِ توثيق حاصل نہ ڪئي وئي هئي. جيڪڏهن توثيق واري نڪتي ۾ ڪا جان هجي ها تہ يقيني طور تي وفاقي ڪورٽ جي فاضل ججن ۽ وڪيلن جي ڌيان تان نہ هٽي سگهي ها.

هاڻ آءِ پي ايل ڊي 1950ع لاهور384 ۾ رپورٽ ٿيل سرفراز خان واري ٽين ڪيس ڏانهن ٿو وڃان. ان جو فيصلو لاهور هاءِ ڪورٽ جي فل بينچ ڪيو ۽ فيصلو چيف جسٽس محمد منير (اڄڪلهہ پاڪستان جو چيف جسٽس) پڙهي ٻڌايو. اهو هڪ انتهائي اهم فيصلو آهي، جيڪو انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ جي منظوريءَ کان اڳ ۽ پوءِ ملڪ جي سموري آئيني حيثيت کي مدنظر ٿو رکي. ان ڪيس دوران ڪنهن بہ ڌر طرفان آئين ساز اسيمبليءَ جي عملن جي گورنر جنرل کان توثيق وارو سوال نہ اُٿاريو ويو.

"هاڻ آءِ (1954) ايف سي 87 ۾ رپورٽ ٿيل چوٿين ڪيس کي سامهون ٿو رکان. اهو اپريل 1950ع تي آئين ساز اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل راولپنڊي سازش (خاص ٽربيونل) ايڪٽ 1951ع تحت پٽيشن داخل ڪندڙن جي ڪيس بابت آهي. ان ڪيس ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي عملن جي توثيق وارو سوال ئي نہ اُٿاريو ويو هو. فيڊرل ڪورٽ کي پلي پت پتو هو تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي انهيءَ عمل واسطي گورنر جنرل جي توثيق حاصل نہ ڪئي وئي هئي ۽ ان ڪري اهو سمجهڻ گهرجي تہ فيڊرل ڪورٽ توثيق کي ضروري نہ ليکيو. اڪرم جي واري بنيادي فيصلي جي هينئين نڪتو اهم آهي.

"متين شقن مان اهو بلڪل واضح آهي تہ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي فقط ان حوالي سان رياست جو اعليٰ ترين قانون ساز ادارو ناهي تہ "رياست جي آئين پٽاندر شقون تيار ڪري" پر اهو گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع واسطي وفاقي قانون ساز اداري طور عمل ڪرڻ لاءِ با اختيار

ٻڌايو ويو آهي. ان ڪري آئين ساز اسيمبلي برطانوي پارليامينٽ وانگر ڪنهن بہ قسم جو قانون ٺاهي يا ختم ڪري سگهي ٿي ۽ ان جي متعلق اختيارن تحت ڪنهن بہ منظور ڪيل قانون سازيءَ جي حوالي سان ڪوبہ سوال نٿو اُٿاري سگهجي.

هاڻ آءٌ پنجين ڪيس جو حوالو ٿو ڏيان، جيڪو 22 ڊسمبر 1954ع تي روزاني ڊان ۾ شايع ٿيو آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي فل بينچ جو چوڻ هو تہ آئيني ايڪٽ جو سيڪشن A-223 پابندي ۽ نظر بندي آرڊيننس جي سيڪشن 10 جي شقن کي ان جي ناموافق هئڻ جي صورت ۾ بي اثر ۽ منسوخ ٿو ڪري. واسطيدار مشاهدي کي هيٺ حوالي طور پيش ٿو ڪجي:

"آرڊيننس جو سيڪشن 10 واضح طور تي آئيني ايڪٽ جي سيڪشن A-223 تحت هاءِ ڪورٽ کي حاصل هاٿوڪن اختيارن سان اڻ ٺهڪندڙ آهي ۽ ان ڪري اهو نون آئيني شقن کي بالادستي ٿو سونپي.

"لاهور هاءِ ڪورٽ جي فل بينچ پلي پٽ ڄاتو ٿي تہ سيڪشن 223 اي لاءِ گورنر جنرل جي منظوري نہ ورتي وئي هئي ۽ انڪري ان فيصلي 1935ع واري ايڪٽ جي سيڪشن 223 اي جو عدالتي/قانوني جواز تسليم ڪيو."

"اِهي سموريون حقيقتون اِهو نظريو ٿيون سامهون آڻين تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي عملن واسطي گونرجنرل جي منظوريءَ جي ڪا ضرورت نہ هوندي آهي، گورنر جنرل جي منظوريءَ وارو سوال 1935 واري ايڪٽ تحت ٿو اُڀري. ايوان آزاديءَ واري ايڪٽ ذريعي ٺاهيل هڪ خاص ايوان/چيمبر هو ۽ انکي آئين جوڙڻ جا خودمختيار اختيار ڏنا ويا. آئين جنهن ذريعي آئيندي ملڪ کي هلڻو هو ۽ پنهنجي اختيار پٽاندر اِهو خود 1935 واري سموري ايڪٽ کي پڻ ختم ڪري پئي سگهيو. انڪري انجي عملن ۾ گورنر جنرل جي منظوريءَ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. انڪري آءٌ سمجهان ٿو تہ پٽيشن آئيني ايڪٽ جي سيڪشن 223 اي تحت ٿي اچي."

"هاڻ اهو سوال جاچيندس تہ ڇا گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو اختيار حاصل هو. فاضل ايڊووڪيٽ جنرل موجب سموري ڪيس ۾ اِهو سڀ کان وڏيڪ اهم سوال آهي. پٽيشن داخل ڪندڙ

جو ڪيس يارهين پيراگراف ۾ ڄاڻايل آهي، جيڪو هيٺ جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو.

"پٽيشن داخل ڪندڙ کي صلاح ڏني وئي آهي تہ مبينا اعلان ۾ين ڪانسواءِ هيٺين بنيادن تي صوابديد ڪانسواءِ غير آئيني، غير قانوني، قانوني اختيار ڪانسواءِ آهي:

"(a) عزت مآب گورنر جنرل کي 1947ع واري انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ يا گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع (جيڪو پاڪستان لاڳو ڪيو) يا پاڪستان ۾ لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت اهڙو مبينہ اعلان جاري ڪرڻ جو ڪو اختيار نہ آهي."

"(b) ان جي ترديد ڪئي وئي آهي تہ آئيني مشينري تباهہ ٿي چڪي هئي، اِهو ڄاڻايو ويو تہ اِهو الزام مبينا اعلان جي جواز پيدا ڪرڻ لاءِ لڳايو ويو. بهرصورت ان قسم ڪو الزام بہ گورنر جنرل کي اهڙو مبينا اعلان جاري ڪرڻ جو اختيار نٿو ڏئي."

"(c) انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ 1947ع ۾ شامل شقن تحت آئين ساز اسيمبلي بہ پڙو ڪم تي سر انجام ڏئي. انکي هڪ بالاتر خودمختيار پابندي عائد نہ ٿيڻ جوڳي قانون ساز اداري سان گڏوگڏ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 (جيڪو پاڪستان لاڳو ڪيو)جي مقصد واسطي هڪ وفاقي قانون ساز اداري طور عمل ڪرڻ جو پڻ اختيار ٿو ملي."

"(d) ڄاڻايل اعلان ٻڌائي ٿو تہ آئين ساز اسيمبلي ڪم نہ پئي ڪري سگهي جيڪڏهن اِها ڳالهہ آئين ساز اسيمبليءَ جي معطيءَ واسطي جواز پيش ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي تہ ان ڏس ۾ پيٽيشن داخل ڪندڙ جو موقف آهي تہ عزت ماب گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو ڪو اختيار ئي حاصل ناهي."

"(e) ان کان انڪار ڪيو ويو آهي تہ آئين ساز اسيمبلي ڪم نہ پئي ڪيو. آئين ساز اسيمبليءَ کي خود اسيمبليءَ ڪانسواءِ گورنر جنرل يا ڪا ٻي اختياري برخاست نٿي ڪري سگهي."

"(f) آئين ساز اسيمبليءَ کي انجي وفاقي ايوان واري حيثيت ۾ بہ گورنر جنرل برخاست نٿو ڪري سگهي. 15 آگسٽ 1947ع کان اڳ وفاقي

پارليامينٽ کي برخاست ڪرڻ جو اختيار گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن (c)(2) 19 ۾ هو. بعدازان اِهو ذيلي سيڪشن پاڪستان (عارضي آئين) آرڊر 1947 ذريعي ۾ تحت خارج ڪيو ويو. انڪري گورنر جنرل کي وفاقي ايوان برخاست ڪرڻ جو ڪوبہ اختيار حاصل ناهي.

" (g) جيئن تہ آئين ساز اسيمبلي مملڪت جي قانون ساز اداري جا اختيار پڻ استعمال ڪري رهي آهي، انڪري عزت مآب گورنر جنرل کي اها برخاست ڪرڻ جو اختيار حاصل ناهي. آئين ساز اسيمبلي ڪوئاٽڻ، مهمل ڪرڻ يا برخاست ڪرڻ جون شقون آئين ساز اسيمبليءَ جي ضابطي ۾ شامل آهن. آئين ساز اسيمبليءَ جا مٿيان سمورا عمل ڪرڻ جا اختيار فقط ان جي صدر وٽ ئي آهن. جيستائين انجي برخاستگيءَ جو تعلق آهي تہ اِهو چاٽايل آهي تہ اسيمبلي ميمبرن جي ڪُل تعداد جي بہ ياڱي ٽي جي رضامندي ڪانسواءِ ان جي برخاست ڪرڻ جو ڪو بيو رستو ناهي.

"(h) انڪري اِهو چاٽايو ويو آهي تہ فقط مبينا اعلان ذريعي آئين ساز اسيمبليءَ کي برخاست نٿو ڪري سگهجي."

"(i) عزت مآب گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي (آئين) تي ڪو ڪنٽرول حاصل ناهي. درحقيقت ان حيثيت ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي منظور ڪيل عملن واسطي سندس (گورنر جنرل) جي رضامنديءَ جي ڪا ضرورت ناهي. اِهو چاٽايل آهي تہ جڏهن ڪو بل منظور ٿو ڪيو وڃي، ان جي هڪ نقل تي صدر صحيح ڪندو ۽ انکي صدر جي اختياريءَ تحت پاڪستان جي سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ٿيڻ تي قانون ليکيو ويندو."

"مدعين جي موقف موجب آئين ساز اسيمبليءَ جي برخاستگي لکت ۾ چاٽايل اعتراضن جي ٻئي حصي ۾ درج هيٺين سٽن حوالن موجب مڪمل طور تي باجواز آهي.

"(1) جيستائين انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ 1947ع تحت ٻي شق ٿي داخل ڪئي وڃي. پاڪستان برطانوي سلطنت جي عملدارين مان هڪ هوندو. انهن مان جنهن بہ عملداريءَ ۾ قانون ساز ادارو موجود آهي، سلطنت جي واليءَ کي قانون ساز ادارو برخاست ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي

۾ اهڙي اختيار کي قانون ساز اداري طرفان بالادست يا قانوني حيثيت ڏنل آهي."

"(2) پاڪستان انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ 1947 جي اعلان موجب اهڙين عملدارين مان هڪ آهي. عملداريءَ جي قانون ساز اسيمبليءَ برخاست ڪرڻ جو اختيار انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ جي سيڪشن 8 سان ٺهڪاءُ ۾ پهرين اظهار طور آئين ساز اسيمبلي آهي، سلطنت جي والي جو خاص اختيار آهي. جيڪو برطانوي پارليامنٽ جي ايڪٽ ۾ بيان ڪرڻ يا انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ جي سيڪشن 8 تحت ڪو قانون بحال ڪرڻ ڪانسواءِ واپس نٿو وٺي سگهجي. پٽيشن داخل ڪندڙ اهڙي ڪنهن ايڪٽ قانون جي منظوري جي دعوا نٿو ڪري ۽ انڪري مدعين جي دعوا درست ٿي ٻڌجي تہ اِهو اختيار پنهنجي پوري سگهہ ۽ اثر سان موجود آهي.

"(3) مدعين جي دعوا آهي تہ پاڪستان جي عملداريءَ کي آزادي ڏيڻ ۾ برطانيا جي راڻيءَ واري حڪومت کي پاڪستان حڪومت جي ڏس ۾ سمورين ذميوارين کان آجو ڪرڻ واسطي انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ جو سيڪشن 5 ڄاڻائي ٿو تہ عملداريءَ جي حڪومت جا ڪم سرانجام ڏيڻ واسطي گورنر جنرل عزت مآب راڻيءَ جي نمائندگي ڪندو ۽ ان ريت راڻيءَ کي حاصل سمورا اختيار پڻ گورنر جنرل کي تفويض ٿيندا."

"ان ڏس ۾ 1935 واري ايڪٽ جي نئين ۽ پراڻي سيڪشن 3 کي پڻ مدنظر رکڻ مناسب ٿيندو. آئيني ايڪٽ جي انهن سمورين شقن جو جائزو واضH طور تي ظاهر ٿو ڪري تہ جيڪڏهن لفظ "نمائندگي" جي لغوي معنيٰ بہ ورتي وڃي تہ بہ گورنر جنرل کي راڻيءَ کان وڌيڪ اختيار حاصل ناهن، جنهن درحقيقت پاڪستان ۾ پنهنجا سمورا اختيار تفويض ڪيا. هيلسبريءَ جي برطانوي قانون، ڇاپو ٽيون، جلد 5، صفحو۔ 46 پيراگراف۔ 1025 تي هيٺيون حوالو ٿو اچي:

"پاڪستان ۾ جتي صورتحال کي عبوري ليکي سگهجي ٿو راڻيءَ کي پاڪستان جي راڻي نہ ٻڌايو ويو آهي."

"پوءِ نطري طور تي اِهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سيڪشن 5 ۾ استعمال ڪيل لفظ نمائندگي جي اظهار واري معنيٰ ڇا ٿيندي؟ منهنجي خيال ۾

نمائندگي راڻيءَ جي فقط هڪ رسمي ۽ علامتي نمائندگي آهي" جيڪا ڪامن ويلٿ جي معزز ۽ من گهري سربراهه آهي، جيڪا راڄ ته ڪري ٿي پر حڪومت نٿي ڪري. عبوري دور ۾ اهو رسمي تعلق پنهي ملڪن ۾ ڏکهي تعلق سبب ۽ ڪيبينٽ مشن پلان ۽ HMG جي بيان ۾ اظهار ڪيل اُن اُميد سبب برقرار رکيو ويو آهي ته هيءَ ملڪ ڪامن ويلٿ ۾ پنهنجي موجودگي برقرار رکندو.

"گورنر جنرل دستور جي پيداوار آهي ۽ انڪري سندس اختيارن ۽ استحقاقن واسطي اسان کي دستور ۾ سندس مقرريءَ جي شرطن کي ڏسڻو پوندو. مقرريءَ جي شرطن ۾ 1935 واري ايڪٽ جنهن کي انڊيپنڊنس ايڪٽ سان ٺهڪايو ويو ڪانسواءِ ڪيس ڪي به اختيار ناهن. اچو ته سندس مقرريءَ وارن شرطن تي نظر ڊوڙايون. ان واسطي پيراگراف 3 اهم آهي . ان ۾ هيٺين ريت چيل آهي:

"اسين توکي پنهنجي نالي تي ۽ پنهنجي طرفان پاڪستان جي ايراضين ۾ ڪنهن به ڪورٽ طرفان پنهنجي عدالتي حدن کي استعمال ڪندي ڪنهن به سزا لڳل جوابدار کي آزاد ڪرڻ يا قانوني طور تي توکي مناسب لڳندڙ قدمن واسطي اهل ٿا بڻايون."

"اهو 1935 واري ايڪٽ جي سيڪشن 295 جو حوالو ٿو ڏئي، جنهن جو فقط ذيلي سيڪشن (2) ئي انڊيپنڊنس ايڪٽ ڪانپوءِ برقرار رکيو ويو آهي. بحال ٿيل طورِاهو هن ريت ٿو بڻجي:

"295 (2) ان ايڪٽ مان عزت مآب يا گورنر جنرل جي حق مان ڪا به ڪٽوتي نه ٿيندي، جيڪڏهن ڪيس سزا جي معافي معطلي مهلت يا ڪٽوتي ڏيڻ لاءِ هز مئجسٽي ڪيس اهڙو ڪو حق تفويض ڪيو آهي.

"معافي ۽ مهلي بادشاهه کي تقويض ٿيل دستوري اختيار آهي. فطري طور تي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن انڊيپنڊنس ايڪٽ جو سيڪشن-5 هز مئجسٽيءَ جو تفويض ٿيل اختيار آهي ته پوءِ سيڪشن (2) 295 کي ڇاڻي پُڇهي دستوري ڪتاب ۾ ڇو برقرار رکيو ويو؟ جهڙي ريت مون پوين صفحن تي واضح ڪيو آهي ته پنهنجي دليلن دوران عزت مآب ايڊووڪيٽ جنرل منظوريءَ واري سوال تي سيڪشن 5 ڪانسواءِ سيڪشن

(3) 6 تي اظهار ڪيو آهي. اِهو مڪمل طور تي باور ٿو ڪرائي تہ گورنر جنرل وٽ دستور ۾ مقرريءَ جي شرطن کان وڌيڪ ڪي بہ اختيار ناهن. آئين ساز اسيمبلي هڪ خودمختيار ادارو هو جيڪو ملڪ جي مستقبل واري آئين جي جوڙجڪ واسطي قائم ڪيو ويو هو. گورنر جنرل کي دستور يا مقرريءَ جي شرطن پٽاندر انکي برخاست ڪرڻ جا ڪي بہ اختيار نہ هئا.

"ان آرٽيڪل مان اِهو بلڪل واضح آهي تہ جيتوڻيڪ گورنر جنرل کي فوجداري ڪيسن جي حد رڪندڙ ڪورٽن طرفان ڏنل سزائون جي معافي ڏيڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي پر آرٽيڪل 3 تحت احاطو ڪيل ڪيسن جي ڏس ۾ ڪيس معافي، معطلي، مهلت يا ڪٽوتي ڏيڻ جا اختيار نہ ڏنا ويا آهن. ان ڪري پٽيشن داخل ڪندڙ طرفان داخل ڪيل اِها درخواست تہ سرڪاري ۾ چونديل عهدن (نا اهلي) واري ايڪٽ جي سيڪشن 3 تحت سندس خلاف نااهليءَ واري حڪمنامو گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 295 تحت ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، قبول نٿو ڪري سگهجي."

"اهو سمورو بحث قانوني ۽ آئيني پوزيشن کي انتهائي واضح ٿو ڪري تہ جڏهن دستور ۾ ڪنهن ريت شامل ٿيل اختيار اُتان خارج ڪيو ويو آهي تہ پوءِ انجو وجود باقي نٿو رهي. ان ڏس ۾ اسان آڏو اٽارني جنرل بمخالف ڊاڪٽر قيصر جي رائل هوٽل لميٽيڊ واري ڪيس ۾ هائوس آف لارڊز جي هڪ انتهائي اهم رولنگ آهي.

"هن ڪيس ۾ هيٺيان مشاهدا انتهائي اهم آهن:

"پوين وقتن ۾ سلطنت کي ڪنهن رعيتي خطي ۾ انجي دستور کانسواءِ انجو اڳاٽو اختيار حاصل هئڻ لازمي ناهي. اِهو اڳاٽو اختيار دليل ۾ چاڻايل جي پيٽ ۾ انتهائي محدود آهي ۽ ڪنهن نوس هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ حق آهي. هيمپڊين جو ڪيس." (صفحو 519)

"ان هوندي تہ اِهو اوتروئي خاطريءَ پريو آهي، تہ جيڪڏهن ڪنهن مامري جو مڪمل احاطو بہ ٿيل هجي، جيڪو دستور تحت اختيار استعمال ڪيل هجي، ان هوندي بہ اصل راڄ/حڪمراني دستور جي آهي.

(1) لا ريپريزينٽيٽو 1920، درخواست ap) 508

صوابديدي اختيار کي هڪ آئيني ماهر هن ريت بيان ڪيو آهي "فرمان روا جي هٿن ۾ ڪنهن به وقت قانوني طور تي سونپيل صوابديدي يا امتيازي اختيار." (صفحو 526)

"مامري کي رومال ۾ ڍڪي پيش ڪرڻ جي ماهر پنهنجي فيصلي جي هيٺين پيراگراف ۾ هڪ جواب نه ڏنل سوال پيش ڪيو آهي.

هو چوي ٿو:

"ايگزيڪيوٽو طرفان پارلياماني اختيار کانسواءِ استعمال ٿيل اختيار صوابديد جي جوڳي اصطلاح تحت ٿا اچن. بهرصورت جيڪڏهن پارليامينٽ ان ۾ مداخلت ڪندي اڳي صوابديد ۾ ايندڙ اختيارن کي دستوري حيثيت فراهم ڪئي آهي ته پوءِ انهن کي ئي لاڳو سمجهيو ويندو. ٻي صورت ۾ محدوديت لاڳو ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو جيڪڏهن فرمان روا پنهنجي مرضيءَ تحت انهن کي ڇڏي ڇڏي ۽ پيهر صوابديدي اختيارن ڏانهن رجوع ڪري؟" (صفحو 538).

"آئين جي آزادين جي واڌ ويجهه گهٽي ياڳي ايگزيڪيٽو جي صوابديدي اختيارن کي گهٽائڻ ۾ پيوند آهي. نتيجي طور جتي ڪنهن دور ۾ شاهي صوابديدي اختيارن حڪومت جي انتظامي ڪمن جي هڪ وڏي حصي کي قانوني ڍڪ ٿي فراهم ڪيو پرهاڻ انکي نسبتاً محدود حدن تائين ڪيو ويو آهي. ضرورت پريا شاهي صوابديدي اختيار آهستي آهستي گهٽايا ويا ۽ غير يقيني ۽ تڪڙن انتظامي صوابديدي اختيارن جي جاءِ جائيتي قانون جي ضابطن والاري، اهڙو ئي لاڙو اسان جي پنهنجي قانوني سرشتي جي واڌ ويجهه ۾ ڏسي سگهجي ٿو. عام قانون جا حصا پارلياماني عملن وسيلي ضابطي تحت آندا ويا ۽ ان ريت قانون ذريعي لاڳو ٿيندڙ فرض وڏيڪ اُپٽاريل ۽ وڌيڪ جوڳا بڻجي ويا." (صفحو 568)

"آءُ ان موقف جو به آهيان ته درخواست گذار جو اِهو موقف ته سمورا شاهي صوابديدي اختيار حق ڊفينس ايڪٽ 1873 – 1842 يا ڪنهن ٻئي دستور تحت ختم، معطل يا گهٽايا نه ويا آهن، پڙ ليکڻ جوڳو ناهي." (صفحو 575)

"اهو به ياد رکڻ ضروري آهي ته انگلينڊ ۾ پارليامينٽ برخاست ڪرڻ جو صوابديدي اختيار گذريل اڍائي سئو سالن کان ختم ٿيل آهي. هاڻ اهو هالسبريءَ جو دستور، ٻيو ڇاپو، جلد 17 صفحو 471 تحت هڪ دستوري فرض آهي.

....

"انڪري اِهو چٽو پٽو هوندو ته انگلينڊ ۾ برخاستگيءَ وارو صوابديدي اختيار زمانا گذريا جو ختم ٿي چڪو آهي. انڪري اِهو ليکڻ ڏکيو ٿيندو ته جيڪو صوابديدي اختيار انگلينڊ ۾ اڍائي صديون اڳ ختم ٿي ويو سو پاڪستان ۾ 1947 ۾ بحال ٿي ويو."

"انگلينڊ جو عام قانون هتي لاڳو نٿو ٿئي. عام قانون انصاف برابري ۽ چڱي فهم جي اصولن تي ٻڌل ٿئي ٿو. اِهو ناقابل فهم آهي ته ملڪ جو واحد قانون ساز ادارو جيڪو انڊيپنڊنس ايڪٽ تحت هڪ خودمختيار ادارو پڻ آهي، سو انصاف، برابري ۽ چڱي فهم جي اصولن تحت برخاست ڪري سگهجي ٿو. هتي برخاستگيءَ واري سوال تي اسان وٽ هڪ مڪمل دستوري شق موجود آهي ۽ انڪري عام قانون لاڳو نه ٿيندو.

"انهن سمورن سببن ڪري آءُ پنهنجي موقف تي اٽل آهيان ته گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو ڪو اختيار حاصل ناهي. انڊيپنڊنس ايڪٽ جي سيڪشن (1)8 سان سلهاڙيل سيڪشن (2) 6 تحت آئين ساز اسيمبلي هڪ خودمختيار ادارو هو جيڪو هڪ مخصوص مقصد واسطي قائم ڪيو ويو هو ۽ انکي پنهنجي ڪم جي تڪميل تائين تيستائين ڪم ڪرڻو هو جيستائين خود انجا پنهنجا به ياڳي ٿي ميمبر ان کي برخاست نٿا ڪن. حقيقي امتحان سدائين اصل ۾ استعمال ٿيل ٻولي هوندي آهي ۽ دستور جوڙيندڙن جي نيت جي اندازو دستور ۾ استعمال ڪيل ٻوليءَ مان ئي ڪرڻ گهرجي. ڪا به ڳالهه پاليسيءَ جي بنيادن تي يا ڪنهن مخصوص صورتحال ۾ پئدا ٿيندڙ ضرورت پٽاندر نه پڙهڻ يا پرکڻ گهرجي (ويب وي آئوٽرم جي صلاحڪار ڪائونسل وارو ڪيس) نه ئي ڪنهن امڪاني اختيار جي زيادتيءَ کي دستور جي سڌن سنون لفظن تي اثرانداز ٿيندڙ امڪان ليکڻ گهرجي. ويچر ايندسنز بمخالف لنڊن سوسائٽي آف ڪمپازيٽرس.

"۾ انتهائي اهم اعتراضن کي رد ڏيڻ کانپوءِ هاڻ آءُ پٽيشن خلاف اُٿاريل ٻين مرڪزي اعتراضن کي ٿو پيش نظر آڻيان. سڀ کان پهرين هن ڪورٽ جي ايراضي وار حدبنديءَ واري اعتراض کي ٿو سامهون آڻيان.

"اِهو دليل ڏنو ويو آهي تہ هن ڪورٽ جي حد فقط ڪراچي ۾ سنڌ صوبي تائين محدود آهي، جڏهن تہ پاڪستان جو وفاق ۾ گڏوگڏ مرڪزي وزير اهڙا حڪم جاري ڪن ٿا، جيڪي اوپر بنگال، اتر اولهہ سرحدي صوبي وغيره جي ماڻهن ۾ ملڪيتن تي بہ اثرانداز ٿين ٿا، جن تي هن ڪورٽ جي حد لاڳو نٿي ٿئي. انڪري هيءَ ڪورٽ مدعين خلاف ڪنهن بہ قسم جو ڪو حڪم جاري نٿي ڪري سگهي، سيڪشن 223 اي هيٺين ريت ٿو چاڻائي:

"223 اي – هر هاءِ ڪورٽ کي حبس بيجا ماتحت عدالتي حڪمن جي تڪميل، پابندي، حڪمنامن ۾ عدالتي ريڪارڊ پيش ڪرڻ جو حڪم جاري ڪرڻ يا انهن مان ڪنهن بہ هڪ جي ڏس ۾ سمورن علائقن تي اختيار حاصل آهي جنهن تحت اهي ڪنهن جوڳي ڪيس ۾ انهن علائقن جي حڪومتن کي حڪم پڻ جاري ڪري سگهن ٿيون."

"آءُ اعتراض ۾ ڪا وٽ نٿو ڏسان، جيڪڏهن اِهو استدلال تسليم ٿو ڪيو وڃي تہ پوءِ پاڪستان ۾ ڪا بہ هاءِ ڪورٽ وفاق پاڪستان يا مرڪزي وزيرن خلاف رٽ جا اختيار استعمال نہ ڪري سگهندي ۾ پاڪستان جي وفاقي ڪورٽ کي پارتي آئين جي آرٽيڪل (2) 32 جهڙا رٽ جاري ڪرڻ جا اختيار اجان نہ ڏنا ويا آهن. نتيجو مونجهاري جي صورت ۾ نڪرندو جيستائين مدعين جو تعلق آهي سيڪشن 223 اي جي عمل هوندو سيڪشن 223 ۾ لفظ "ڪابہ حڪومت" استعمال ٿيل آهن ۾ هن ملڪ ۾ فقط ٻن قسمن جون حڪومتون آهن. هڪ صوبائي حڪومت ۾ ٻي مرڪزي حڪومت. يا سيڪشن 79 سي پي سيءَ جي لفظن ۾ "صوبو" ۾ وفاق پاڪستان" جيڪڏهن اسين سيڪشن 223 اي ۾ آيل "ڪابہ حڪومت" جي دائري مان "پاڪستان جو وفاق" کي خارج ڪنداسين تہ پوءِ فقط "صوبو" ئي رهجي ويندو ان صورت ۾ آئين ساز اسيمبليءَ کي "ڪابہ حڪومت" وارن لفظن بدران لفظ "صوبو" استعمال ڪرڻ کپندو هو.

90 – عوام ۾ ملڪي ۽ عالمي سڌ سماءَ جي ذريعن سنڌ چيف ڪورٽ جي فيصلي جو وڏي پئماني تي آڌرياءُ ڪندي انکي "تاريخي" (روزاني جنگ) عدالتي آزاديءَ جو مظاهرو ۽ "پاڪستان جي جمهوريت لاءِ خواهش" (نيويارڪ هيرالڊ ٽريبون) قرار ڏنو.

91 – حڪومت جو پهريون رد عمل 11 فيبروري 1955ع تي ڊان اخبار ۾ شايع ٿيل ميجر جنرل اسڪندر مرزا جي هڪ بيان ذريعي هيٺين لفظن ۾ سامهون آيو (نمبر 18):

"سنڌ چيف ڪورٽ مولوي تميزالدين جي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي.. انهن واقعن سان عوام جي ذهنن ۾ اولهه پاڪستان جي ايڪتا ۽ ملڪ لاءِ تندرست آئين تيار ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪي شڪ نہ پئدا ٿيڻ گهرجن –اِهي ضروري قدم هر صورت ۾ کنيا ويندا."

92 – "هر صورت ۾" وارا لفظ اهم آهن. اصل مقصد جو اظهار ٿا ڪن، تہ "ڪورٽ جي فيصلي يا موجود آئيني قانون جي واضح نافرماني." بيان ۾ پهرين ون يونٽ ۽ پوءِ آئين جو ذڪر ڪيل آهي، دراصل گورنر جنرل طرفان آئيني قانون جي ڀڃڪڙيءَ جون ڪوششون ڪيون ويو آهن. جن کي هت واضح ڪيو ويندو.

93 – 22 ڊسمبر 1954ع تي مون سنڌ جي وڏي وزير محمد ايوب کهڙو خلاف هڪ رٽ پٽيشن داخل ڪئي ۽ منهنجي پٽيشن کي سندس خلاف پير الاهي بخش جي اُن جهڙي پٽيشن سان سلهاڙيو ويو.

"اولهہ پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ ڪراچي بينچ آڏو.

"غير معمولي خاص اختياري دائري

"رٽ پٽيشن نمبر 3 سال 1955

"حيدر بخش والد الہ داد خان جتوئي مسلمان "بالغ" هڪ عوامي سيوڪ، بکو ديرو ضلعي لاڙڪاڻي جو رهواسي، حال رهائشي سائوٿ نيپيئر روڊ ڪراچي ... پٽيشن داخل ڪندڙ

بمخالف

"محمد ايوب ولد شاهہ محمد کهڙو مسلمان، بالغ مسلم ڪالوني، بمقابل پٽيل پارڪ ڪراچيءَ جو رهواسي .. مخالف ڌر

"گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 223 اي (جهڙي ريٽ پاڪستان ۾ لاڳو ڪيو ويو) تحت پٽيشن.
"متي ڄاڻايل نالي وارو پٽيشن داخل ڪندڙ هن ريٽ تو عرض ڪري:
"1 – تہ پٽيشن داخل ڪندڙ سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ جي هڪ ٽڪ (ديهہ محرابپور، تعلقي ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو) جو ووٽر آهي ۽ هو سنڌ جو هڪ سماجي ۽ سياسي ڪارڪن (صدر سنڌ هاري ڪميٽي) آهي.
"2 – تہ 17 جنوري 1952 تي سنڌ جي تڏهوڪي عزت مآب گورنر سنڌ حڪومت جي گزيٽ ۾ 8 جنوري 1952 تي شايع ٿيل هڪ حڪم جي روشنيءَ ۾ مدعيءَ خلاف لڳايل الزامن جي جاچ واسطي پبلڪ اينڊ ريپريزينٽيٽو آفيسز (نااهلي) ايڪٽ 1949 تحت هڪ ٽربيونل جوڙڻ جو اعلان ڪيو.
"3 – 20 نومبر 1952 جي لڳ ڀڳ انهيءَ ٽربيونل پنهنجي يڪراءِ رپورٽ سنڌ جي عزت مآب گورنر کي اُماڻي ۽ ان ۾ مدعي کي سنڌ جي صوبائي حڪومت جي وڏي وزير ۽ صوبائي قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبر طور پنهنجي فرضن ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ بدانتظامي ۽ سرڪاري حيثيت جي غلط استعمال ڪرڻ تحت جي ضابطگين جو مرتڪب قرار ڏنو.
4 – 26 جنوري 1953 تي گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي ۾ شايع ٿيل، 25 جنوري 1953 جي هڪ حڪم نمبر 60/51 — 99 — F تحت گورنر جنرل مدعي کي ڇهن سالن جي عرصي لاءِ وزير ڊپٽي وزير يا پارلياماني سيڪريٽري پوءِ پل وفاقي حڪومت لاءِ هجي يا صوبائي حڪومت لاءِ، آئين ساز اسيمبليءَ مملڪت جي قانون ساز اسيمبليءَ يا ڪنهن مڪاني اداري جي ميمبر طور چونڊجڻ ۽ ان عرصي دوران سلطنت جو ڪو لاياڻتو عهدو سنڀالڻ کان نااهل قرار ڏنو.
"5 – 20 آڪٽوبر 1954 تي گزيٽ آف پاڪستان غير معمولي ۾ شايع ٿيل هڪ حڪم نمبر A — CC/54 — 42(6) — P ذريعي عزت مآب گورنر جنرل هدايت جاري ڪئي تہ 26 جنوري 1953 تي جاري ڪيل حڪم کي

اهڙي ريت ترميم ڪئي وڃي جو پٽيشن داخل ڪندڙ جي نااهليءَ وارو ميعاد حڪم جي تاريخ کان 20 آڪٽوبر 1954 تائين ليکيو وڃي.

"6 – 8 نومبر 1954 ڌاري سنڌ جي گورنر هيٺين ريت هڪ اعلان جاري ڪيو:

"گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1436 جي سيڪشن 51 جي ذيلي سيڪشن (i) ۾ اُن سيڪشن جي ذيلي سيڪشن (5) جي پورائي واسطي، کيس حاصل اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جو گورنر صوبائي معاملن ۾ بدانتظامي جي بنياد تي فوري طور سندس ڪائونسل جي وزيرن کي سندن عهدن کان برطرف ٿو ڪري."

"7 – ساڳئي ڏينهن عزت مآب گورنر مدعي کي نئين ڪابينا جوڙڻ جي دعوت ڏني ۽ هُن ايندڙ ڏينهن سنڌ جي وڏي وزير طور پنهنجي عهدي جو حلف کنيو.

"8 – ته پٽيشن داخل ڪندڙ جي گذارش آهي ته عزت مآب گورنر جنرل جو 20 آڪٽوبر 1954 تي جاري ڪيل حڪم ۽ بعدازان مدعي جي سنڌ جي وڏو وزير طور مقرري غير آئيني، غير قانوني، اختيارن جو ناجائز استعمال، اختيارن کان مٿيرو عمل نه ٿي سگهجندڙ آهن، جنهن لاءِ هيٺ دليل ڏنا وڃن.

"I_ (a) ته انهيءَ مبينا حڪم جي منظوريءَ مهل عزت مآب گورنر جنرل بي عمل هو.

"(b) ته پبلڪ اينڊ ريپريزينٽيٽو آفيسر (نااهلي) (خاتمو) ايڪٽ 1954 کي 21 سيپٽمبر 1954 منظور ڪري پروڊا ايڪٽ 1949 ختم ڪيو ويو. انهيءَ خاتمي جي ڏس ۾ عزت مآب گورنر جنرل کي اهڙو ڪو اختيار حاصل ئي نه هو.

"(c) بهرصورت، پروڊا (خاتمو) ايڪٽ 1954 جاٽائي ٿو ته اهو قدم ان ڏس ۾ اڳيئي جاري ڪيل ڪو ڏنڊ، ضبطگي، نااهلي يا سزا تي اثر انداز نه ٿيندو. اِهو عرض ٿو ڪيو وڃي ته آئين ساز اسيمبليءَ جي طرفان، هڪ خودمختيار اداري طور کنيل قدم عزت مآب گورنر جنرل جي عمل ڪرڻ تي پڻ لاڳو ٿا ٿين ۽ انڪري اِهو حڪم قانوني شقن سان ٽڪراءَ ۾ ايندڙ آهي.

(d) تہ متبادل طور اِهو عرض ٿو ڪيو وڃي تہ عزت مآب گورنر جنرل کي پروڊا جي سيڪشن 3 تحت جاري ڪيل پنهنجي ڪنهن حڪم اضافو، ترميم، تفريق يا منسوخ ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي.

"II – تہ 20 آڪٽوبر 1954 تي عزت مآب گورنر جنرل جي ڪيل ترميم ۽ جاري ڪيل حڪم جي غير قانوني هئڻ ڪري مدعي وزير طور ڪم نٿو ڪري سگهي، انڪري سنڌ جي وڏي وزير يا عام وزير طور سندس مقرري غير آئيني ۽ غير قانوني آهي.

"9 – انڪري پٽيشن داخل ڪندڙ جي موقف پٽاندر سنڌ جي وڏ وزارت تي هُن ناجائز قبضو ڪيو آهي ۽ مدعي طرفان ادا ٿيندڙ فرض، عوامي نوعيت ۽ جوڳي اهميت وارا هوندا. اِهو پڻ عرض ٿو ڪيو وڃي تہ پٽيشن داخل ڪندڙ واسطي ڪا ٻي داد رسي ممڪن ناهي. انڪري اِهو عرض ٿو ڪيو وڃي تہ عزت مآب ڪورٽ اِها جاچ لهي تہ ڪهڙي اختيار تحت مدعي سنڌ جي وڏي وزير هئڻ جي دعوا ٿو ڪري.

"10 – قدم هن ڪورٽ سڳوريءَ جي حدن اندر ڪراچيءَ ۾ کنيا ويا آهن. 20 آڪٽوبر 1954 تي واسطيدار گورنر جنرل حڪم جاري ڪيو ۽ 8 ۽ 9 آڪٽوبر 1954 تي مدعي کي سنڌ جي وڏ وزارت لاءِ دعوت ڏني ۽ حلف کڻايو ويو.

"11 – پٽيشن داخل ڪندڙ جون استدعائون:

(i) ڪورٽ سڳوري مدعي خلاف حڪم جاري ڪندي سنڌ جي وڏي وزير طور سندس مقرريءَ جي اهليت جاچي ۽ جيڪڏهن اها مقرري غير آئيني ۽ غير قانوني ثابت ٿئي ٿي تہ کيس ان حيثيت ۾ وزير طور ڪم ڪرڻ کان جهلي.

(ii) ڪيس جي ضرورت پئدا ٿيڻ تي ڪاپي جوڳي درخواست.

(iii) پٽيشن جي خرچ پکي جي ادائيگي.

صحيح

حيدر بخش جتوئي

پٽيشن داخل ڪندڙ

94 – ساڳي ڏينهن 22 ڊسمبر 1954 تي سنڌ پبلڪ آرڊر اينڊ ڊٽينشن ايڪٽ تحت سنڌ حڪومت منهنجي خلاف نظربنديءَ جو هڪ وارنٽ جاري ڪيو جنهن تي ايم.ايچ صوفيءَ جي صحيح ٿيل هئي، گهرو کاتو ايوب کهڙي جي وزارت ۾ هو.

95 – ساڳي ڏينهن 22 ڊسمبر 1954 تي ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد اي.ايچ خان پڻ ساڳي ايڪٽ تحت منهنجي خلاف نظر بنديءَ جو وارنٽ جاري ڪيو.

96 – ساڳي ڏينهن 22 ڊسمبر 1954 تي مقامي گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ انٽر آرٽس جي شاگرد منهنجي پٽ مصطفيٰ جي نظربنديءَ جا پڻ وارنٽ جاري ڪيا ويا. ايوب کهڙي خلاف منهنجي رٽ پٽيشن تي سندس حڪومت جي ڦڙتي.

97 – جيئن ته انهن ڏينهن ۾ آءٌ ڪراچي هئس، سنڌ پوليس مونکي ڪراچيءَ ۾ گرفتار نه ڪري سگهي. پر حيرت جي ڳالهه اِها آهي ته ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد جي بنگلي سان لڳو لڳ رهندڙ ۽ پنهنجي ڪاليج جي عمومي سرگرمين ۾ رڌل منهنجي پٽ مصطفيٰ کي پڻ 11 جنوري 1955 تائين هٿ به نه لاتو ويو.

98 – 11 جنوري 1955 تي آءٌ جيئن ئي ڪراچي ايڪسپريسن ذريعي ڪراچي کان حيدرآباد لاءِ روانو ٿيس ته ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي سنڌ سي آءِ ڊي پوليس مونکي گرفتار ڪري ورتو. هڪ پوليس ٽرڪ ذريعي مونکي پوليس اسٽيشن نيو ويو. جڏهن منهنجو پٽ مصطفيٰ حيدرآباد جي ٿاڻي تي مون سان ملڻ آيو ته کيس 22 ڊسمبر 1954 تي جاري ڪيل نظر بنديءَ جي وارنٽ تحت گرفتار ڪيو ويو.

99 – سي آءِ ڊي پوليس مونکي سينٽرل جيل سکر منتقل ڪيو جڏهن ته منهنجي پٽ مصطفيٰ کي سينٽر جيل حيدرآباد ۾ رکيو ويو. اسان کي هڪ جيل ۾ گڏ به نه رکيو ويو.

100 – سکر سينٽرل جيل ۾ مون سان ڪنهن عام نظربند جهڙو ورتاءُ رکيو ويو ۽ اُتي ملندڙ کاڌو منهنجي صحت تباهه ڪري ڇڏي ها پر منهنجو هڪ دوست منهنجي لاءِ خانگي کاڌو اُماڻيندو رهيو (منهنجا پاڳ پلا هئا جو

سنڌ جيل ضابطي ۾ ان جي اجازت هئي). جيل ۾ مونکي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ رکيو ويو هو ۽ ڪلئي پڌر ۾ سمهڻ جي اجازت نه هئي. اڳوڻن وزيرن قاضي فضل الله، پيرالاهي بخش، مير امام بخش جي منهنجي وارڊ ۾ قيديءَ طور اچڻ ڪانپوءِ ئي مونکي تارن ڀري آسمان هيٺ ڪلئي پڌر ۾ سمهڻ جي اجازت ڏني وئي. جڏهن به مون کي منهنجي جس بيجا واري پٽيشن جي ٻڌڻيءَ لاءِ سنڌ چيف ڪورٽ نيو ٿي ويو ته مونکي هٿڪڙي ۽ ڏنڊا بيڙي لڳائي، پوليس پهري ۾ ريل ذريعي وٺي ٿي ويا جڻ ته آءُ ڪو خطرناڪ ڌاڙيل هئس، جيڪو فرار ٿي وڃي ها. ڪراچي پوليس لاڪپ دوزخ کان گهٽ نه هو. جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ 25 قيدين کي واڙيو ٿي ويو. جنهن جي هڪ ڪُنڊ ۾ ئي پتين ڪانسواءِ ڪاڪوس هو.

101 – آءُ 5 اپريل 1955ع تائين نظربند رهيس، جڏهن سنڌ چيف ڪورٽ منهنجي حبس بيجا واري پٽيشن تي مونکي ضمانت تي آزاد ڪيو.

101(a) – مارچ 1955ع ۾ سنڌ چيف ڪورٽ پيرالاهي بخش ۽ منهنجي داخل ڪيل پٽيشن تي پنهنجو فيصلو ڏيندي، ايوب کهڙي کي سنڌ جو وڏو وزير بڻجڻ کان نااهل ۽ گورنر جنرل پاران کهڙي جي نااهليءَ وارو معياد گهٽائڻ واري حڪم کي بي ضابطو قرار ڏنو.

102 – هاڻ کهڙي کي احساس ٿيو ته آءُ نظر بنديءَ مان آزاد پيو ٿيان ۽ خود سندس پنهنجي وڏ وزارت ختم ٿيڻ واري آهي، سو هن 13 مارچ 1955 تي ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ سيڪشن 153 اي پي پي سيءَ تحت منهنجي خلاف ڪيس هلائڻ جي منظوري ڏني، 4 اپريل 1955ع تي ضلعي مئجسٽريٽ شڪايت وصول ڪئي ۽ منهنجي خلاف ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

103 – ان ڪانپوءِ آءُ ضمانت تي ڪراچيءَ ۾ هئس، جتي سنڌ چيف ڪورٽ منهنجي اچ وڃ کي ڪراچيءَ جي ميونسپل ۽ ڪنٽونمينٽ حدن تائين محدود ڪري ڇڏيو هو. سنڌ پوليس سنڌ چيف ڪورٽ جي توهين کان ڊڄندي ڪراچيءَ ۾ منهنجي گرفتاري ٿي ڪرڻ چاهي، کهڙي نظربنديءَ وارا حڪم واپس ورتا ۽ حبس بيجا واري پٽيشن تحت سنڌ چيف ڪورٽ

جي احاطي واري پٽيشن بي جواز ٿي وئي. هاڻ سنڌ پوليس يا ڪراچي پوليس مونکي گرفتار ڪري پئي سگهي.

104 – ڪراچيءَ ۾ مقدمي جو پتو لڳم ۽ 15 جون 1955 تي ڪيس کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ مرادو ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد آڏو پيش ٿيس. ضلعي مئجسٽريٽ کي ضمانت واسطي هيٺين درخواست پيش ڪيم:

"ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد (آڏو) کي درخواست

سلطنت بمخالف حيدر بخش جتوئي

"سيڪشن 497 سي پي سيءَ تحت ضمانت جي درخواست

"آءُ جوابدار حيدربخش جتوئي هيٺين ريت درخواست گذار آهيان:

"1 – آءُ سمجهان ٿو تہ منهنجي لکٽي" سنڌ سان بي انصافيءَ جي بنياد تي منهنجي خلاف سيڪشن 153 اي پي سيءَ تحت هڪ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

"2 – آءُ انهيءَ ساڳي الزام تحت 11 جنوري 1955 کان سنڌ پبلڪ آرڊر ان ڊيٽنشن ايڪٽ 1952 تحت نظر بند ڪيو ويو هئس تانجو 15 اپريل 1955 تي سنڌ چيف ڪورٽ جي حڪمت تحت ضمانت تي آزاد نہ ڪيو ويس.

"3 – سنڌ چيف ڪورٽ جي حڪمن تحت مونکي ڪراچيءَ جي ميونسپل حدن اندر ئي رهڻو هو.

"4 – 11 مئي 195 تي مون تي سنڌ حڪومت جو هڪ حڪم تعميل ڪرايو ويو جنهن تحت منهنجي نظر بنديءَ جا حڪم ختم ڪيا ويا هئا.

"5 – آءُ ڪراچيءَ ۾ هئس ۽ مونکي حيدرآباد ۾ پنهنجي خلاف ڪيسن کي منهن ڏيڻو هو.

"6 – اِهو ڪورٽ سڳوريءَ تي انحصار ٿو ڪري تہ مونکي تحويل ۾ تي ڏئي يا مونکي ضمانت تي آزاد ٿي رکي."

"7 – آءُ هن ڪورٽ سڳوريءَ کي گذارش ڪندس تہ هيٺين بنيادن تي مونکي ضمانت تي آجو رکي.

"i. آءُ ڪنهن بہ پوئين ڏوهہ تحت سزا کاڏل ناهيان، ۽ ڪنهن بہ ريت مقرر نہ رهندس.

"ii، ڪجهه عرصو منهنجو قيدي هئڻ دوران منهنجي صحت خراب ٿي چڪي آهي ۽ مونکي علاج ۽ ڪاڏي پيٽي ۾ رَک جي ضرورت آهي منهنجو جيل ۾ وڏيڪ رهڻ منهنجي صحت لاءِ هاڃيڪار ٿيندو. آءٌ هاڻ 54 سالن جو ٿي ويو آهيان ۽ اهي جسماني تڪليفون برداشت نٿو ڪري سگهان.

"iii، آءٌ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو صدر آهيان ۽ تنظيم ۽ هارين کي منهنجي ڪم جي ضرورت آهي. پنهنجي خراب صحت جي باوجود آءٌ پنهنجي خراب صحت جي باوجود ڏتڙيل ماڻهن جي سيوا جاري رکندس، جيڪو منهنجي جيل ۾ هئڻ جي صورت ۾ ممڪن نہ هوندو.

"iv، منهنجون لکڻيون سيڪشن 153 اي تحت اچڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ جو انهن ۾ "ملڪئہ معظمہ جي رعيت" ۾ ڪنهن قسم جي ڇڙواڳي پئدا ڪرڻ جي ڪا ڪوشش ڪيل ناهي. منهنجي لکڻين ۾ مکيہ نڪتو ون يونٽ جي مخالفت ۽ پاڪستان جي آزاديءَ وارو آهي. وفاقي ڪورٽ تسليم ڪيو هجي، تہ ون يونٽ جو مامرو آئين ساز اداري ذريعي ئي نبيري سگهجي ٿو گورنر جنرل کي ڪنهن ايگزيڪيٽو حڪم ذريعي اِهو لاڳو ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي. ان ريت منهنجي موقف جي تائيد ٿي ٿئي. مونکي اُميد هئي تہ منهنجي موقف جي اهڙي تائيد ڪانپوءِ مونکي بري ڪيو ويندو نہ ڪي سزا جو حقدار.

"v، هاءِ ڪورٽن عمومي طور تي اهڙن ڪيسن ۾ ضمانتون ڏيڻ جو حڪم ڪيو آهي.

"vi، جيڪڏهن مونکي تحويل ۾ ڏنو ويجي تہ پوءِ پنهنجو مناسب طور تي بچاءُ نہ ڪري سگهندس، ڇاڪاڻ جو پنهنجي انتهائي غربت جي ڪري ڪو قابل وڪيل ڪرڻ کان قاصر ٿي سگهان ٿو.

"vii، ڪنهن آزاد ۽ جمهوري ملڪ ۾ مونکي اُميد آهي، تہ اسان جو پاڪستان بہ انهن مان هڪ آهي، تڪراري مامرن تي آزادائي تنقيد ضروري آهي تہ جيئن آپيشاهائي ۽ فاشي لاڙن کي روڪي سگهجي.

"viii، آءٌ هن ڪورٽ سڳوريءَ کي اطمينان جوڳي ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

حيدرآباد سنڌ — حيدر بخش جتوئي

تاريخ: 15 جون 1955 — درخواست گذار

105 – ضلعي مئجسٽريٽ مونکي ويهه هزار رپين جي عبوري ضمانت جاري ڪئي، جيڪا پوءِ بہ جاري رهي. ساڳي ڏينهن ضلعي مئجسٽريٽ منهنجو ڪيس، ڪنهن ٻي ڪورٽ ڏانهن اُماڻڻ تي چاهيو.

106 – شڪايت ڪندڙ اهو ڪيس ڪنهن ريونيو مئجسٽريٽ ڏانهن منتقل ڪرائڻ تي چاهيو پر مون درخواست ڪئي تہ ڪيس ڪنهن مئجسٽريٽ جج ڏانهن اُماڻيو وڃي. ضلعي مئجسٽريٽ 4 جون 1955 تي اِهو ڪيس سڀ کان وڌيڪ سينئر مئجسٽريٽ جج احمد خان بارڪزئي کي منتقل ڪيو.

107 – جيئن تہ ايوب کهڙو سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جو ميمبر نہ هو تنهنڪري پنهنجو عهدو ماڻڻ لاءِ ڪيس چونبراٿو هو. شهدادپور – ٽنڊوآدم وارو تڪ خالي هئو سو کهڙي اُتان پنهنجو پاڻ کي چونبرائڻ جو فيصلو ڪيو. کهڙي ريت کهڙي 21 جولاءِ 1955 تي پنهنجو پاڻ کي "بنا مقابلي" چونبرايو سو سندس طرفان ٿيندڙ ڏاڍاين جو هڪ مثال آهي. 28_ جولاءِ 1955 تي مون عبدالمجيد ۽ محمد محمود سان گڏجي هڪ اخباري بيان جاري ڪيو. اهو بيان منهنجي لکٽي "پاڪستان ۾ جمهوريت يا آمريت" ۾ شامل آهي، جيڪا 7 آگسٽ 1955 تي شايع ٿي – (نمبر 19) انهيءَ بيان جا هيٺيان حصا ورجائڻ ضروري آهن.

"اوچتو ئي اوچتو اسان جي ڪجهه ماڻهوڪن حاڪمن جي ذهنن ۾ ون يونٽ جو خيال آيو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ ايوب کهڙو پڻ موٽي آيو.

"گورنر جنرل طرفان" ڪردار ذريعي ئي اسان جي قوم باقي رهي سگهي ٿي، جهڙا جملا دُڦ ڪندي نہ رڳو ايوب کهڙي جي نااهلي ختم ڪئي وئي پر کيس سنڌ جو وڏو وزير پڻ بڻايو ويو تہ جيئن ون يونٽ وارن سپني کي ساپيان ملي سگهي.

"ڇا کهڙي پنهنجي ماضيءَ جي تجربن، سبقن ۽ سزائن مان ڪجهه پرايو آهي؟ قطعي نہ سندس خباثيون پنهنجي خوراڪ مان ريج ماڻينديون رهيون. هو اڳوٽي جهڙو ئي آمر هو بلڪ اجائين ڪجهه وڌيڪ سخت. ووٽ ماڻڻ لاءِ پنهنجي مخالفن تي نفسياتي وار ڪرڻ سندس من گهريو طريقو آهي. پنهنجي مفادن کي ترجيح ڏيڻ واسطي عملدارن کي ترقي يا تنزلي ڏيڻ

يا بدلي ڪري ڪامورن کي بددل ڪرڻ سندس وهنوار آهي. قتل جون سازشون گهڙڻ کهڙي راڄ ۾ تيار ڪيل نئون هٿيار آهي.

"جيستائين انتخابي بدعنوانين جو تعلق آهي تہ کهڙو ارتقائي نظرئي کي مڃڻ نٿو چاهي، جو ان ڏس ۾ هو تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو آهي. پاڪستان ٺهڻ مهل 1946ع وارين چونڊن دوران هو فقط معمولي معاملن ۾ مداخلت ڪري پئي سگهيو جهڙوڪ: مسلم ليگي ٽڪيٽن جي ورهاست، ووٽر لسٽن ۾ غير مناسب نالن جو اندراج، ووٽرن کي ذاتي ڌمڪيون وغيره.

"ٻيو مرحلو: ڪليڪٽرن ۽ رٽرننگ آفيسرن تي اثر انداز ٿيندي هُن نامزدگيءَ وارا ڪاغذ رد ڪرايا.

"ٽيون مرحلو: نامزدگيءَ وارا ڪاغذ جمع ڪرائڻ واري ڏينهن تي اميدوارن کي رٽرننگ آفيسر جي آفيس ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ ۽ مخالف اُميدوارن کي نامزدگيءَ وارا ڪاغذ جاري نہ ڪرڻ.

"کهڙو چوٿون مرحلو پڻ سکي سگهي ٿو. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي ماٺهو جمهوري حقن ۽ ووٽ ڏيڻ جهڙي فضوليات سان ٺهڪاءُ نٿا رکن، چونڊن ۽ چونڊ ٽربيونل جو خاتمو.

"کهڙي جو تازو ڪارنامو:

"ڪجهہ ئي مهينا اڳ پنهنجي ڀاءُ علي گوهر کهڙو کي ضلعي لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جو صدر چونڊرائڻ لاءِ کهڙي چاليهن اُميدوارن جا نامزدگيءَ وارا ڪاغذ رد ڪرايا. جيڪو سنڌ ۾ مڪاني ادارن جي تاريخ ۾ هڪ مثال آهي. هُن پنهنجي سياسي مخالفن کي سيڪٽ ڏيڻ واسطي سنڌ جي گهٽي ڀاڱي ضلعي لوڪلبورڊن ۽ ميونسپالٽين کي معطل ڪيو ۽ ساڳي وقت رٽ ڏنائين تہ ون يونٽ واري سرشتي ۾ مڪاني ادارن کي ممڪن حد تائين گهٽي کان گهٽا اختيار ڏنا وڃن. هو ون يونٽ جي امڪاني فائدن جي ڪڙتال وڃائيندو رهيو چاڪاڻ جو هُن مرڪزي پاليسي سازن وٽ پاڻ وڃائڻ جو اِهوئي رستو ٿي ڀانيو — ساگهڙ ضلعي جي شهداد پور — ٽنڊوآدم تڪ تان پنهنجو پاڻ کي چونڊرائڻ کهڙي جي سياسي ڏوهن جي فهرست ۾ تازو اضافو آهي.

"شهدادپور – ٽنڊوآدم چونڊ چونڊ:

"21 جولاءِ 1955 تي نامزدگيءَ وارا ڪاغذ وصول ڪرڻ واري ڏينهن تي سانگهڙ سنڌ جو خاموش شهر نہ پر سرگرم نازي ڪئمپ بڻيل هو جتي پوليس، ريزرو پوليس، مئجسٽريٽي، وزيرن، سياستدانن جا هشام لڳل هئا. ۽ ڪهڙي مقصد واسطي؟ ان جي خاطري ڪرڻ تي ڪوبہ ڪهڙي خلاف نامزدگيءَ وارا ڪاغذ داخل نہ ڪرائي تہ جيئن هو "بنا مقابلي" چونڊجي اچي.

"صبح لڳ ڀڳ اٺين وڳي ٽي خواهشمند اُميدوار قاضي فيض محمد وڪيل ۽ جنرل سيڪريٽري سنڌ عوامي محاذ. سيد عارف علي شاهہ. وڪيل فتح محمد رائو ۽ ڊاڪٽر مجيد نظاماڻي (پويان ٽئي سنڌ عوامي ليگ جا ميمبر) پنهنجي حمايتن (تجويز ۽ تائيد ڪندڙ) سان گڏ نوابشاهہ کان سانگهڙ پهتا تہ ڏٺائون تہ سمورين گهٽين ۽ رستن تي پوليس جي چوڪسي آهي. قاضي فيض محمد جي موٽر ڪار ڏسندي ئي هڪ پوليس واري دانهن ڪئي "بيهي رهو."

"ڪنهن بہ ريت هيسجڻ کانسواءِ هن ڦڙتيءَ سان ڪليڪٽر جي آفيس پهچي عملدارن ڪلرڪن ۽ دفتردار محمد خان سومرو سان ملاقات ڪئي. اوڏي مهل صبح جا اٺ ٿيا هئا.

"رسمي حال احوال کانپوءِ قاضي فيض محمد دفتردار کي چيو تہ "اسان کي نامزدگيءَ وارا ڪاغذ گهرجن، سو مهرباني ڪري عنايت ڪريو" دفتردار چٽي ريت چيو تہ اِهي ڪليڪٽر سچيڏني قاضيءَ وٽ آهن.

"عمومي طور تي اِهي ڪاغذ ڪليڪٽر جي ڪلرڪ وٽ هوندا آهن، جيڪو گهرڻ تي اُميدوارن کي مفت ڏيندو آهي.

"انکانپوءِ قاضي فيض محمد، عارف علي شاهہ ۽ مجيد نظاماڻي ڪليڪٽر جي بنگلي لاءِ روانا ٿيا. تہ جيئن ڪاغذ حاصل ڪري، پري مقرر ڪيل وقت ٻارهن وڳي کان اڳ ڪليڪٽر ۽ رٽرننگ آفيسر وٽ جمع ڪرائي سگهن. فتح محمد رائو حمايتين سان گڏ آفيس تي رهيو.

"سڀ کان وڏو مسئلو اِهو درپيش هو تہ ڪليڪٽر جي گهر تائين پهچي سائس رابطو ڪيئن ڪجي، جو سندس بنگلي جي چوڌاري سانگهڙ حيدرآباد ۽ نوابشاهہ جي ايس پين ڊي آءِ جي سنڌ پوليس، غلام نبي ميمڻ، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ۽ سازش ڪيسن لاءِ مشهور عبدالغفار جکراڻي سٽي مئجسٽريٽ حيدرآباد سميت پوليس ۽ عملدارن جا هشام بيٺا هئا. (جکراڻي ڪراچيءَ ۾ رينٽ ڪنٽرول آفيسر طور ڪيل گهوٻين جي الزامن تحت ٻن سالن کان معطل هو. ڪيس نہ رڳو سٽي مئجسٽريٽ حيدرآباد بڻايو ويو پر ڪيس سڄي سنڌ لاءِ ايڊيشنل ضلعي مئجسٽريٽ طور پر مقرر ڪري، ڪيس ڪرمنل پينل ڪوڊ سيڪشن 30 تحت اختيار ڏنا ويا، جنهن ذريعي هو موت جي سزا تہ نہ پر سنڌ جي ڪنهن بہ رهواسيءَ کي ستن سالن لاءِ جيل اُماڻي پئي سگهيو)

"ڪليڪٽر جي بنگلي جي دروازي ٻاهران هڪ ڊي ايس پي ٽنهي اُميدوارن سان مليو ۽ کين بنگلي اندر پير نہ رکڻ جي هدائت جاري ڪيائين هُن هيٺيان سوال ڪيا:

ڊي ايس پي — ڇو آيا آهيو؟

قاضي فيض محمد: پنهنجا نامزدگيءَ وارا ڪاغذ داخل ڪرائڻ آيا آهيون ۽ اِهي ڪليڪٽر کان حاصل ڪرڻا اٿئون، ڇاڪاڻ جو دفتردار جو چوڻ آهي تہ اِهي ڪليڪٽر کان ئي ملي سگهن ٿا.

ڊي ايس پي: ڪاغذ تي لکي ڏيو تہ توهانکي ڇا گهرجي؟

قاضي فيض محمد ڪاغذ تي ٽنهي اُميدوارن جي نالن سان گڏوگڏ اِهو بہ لکي ڏنو تہ کين نامزدگيءَ وارو ڪاغذ گهرجن.

"ڊي ايس پي اُميدوارن کي ٻاهر انتظار ڪرڻ جو چئي، اهو ڪاغذ بنگلي اندر ڪليڪٽر لاڏانهن کڻي ويو. ڊي آءِ جي پوليس جي. اي عيساڻي ڪليڪٽر جي بنگلي جي ورانڊي ۾ کهڙي سان پسار ڪندي نظر آيو. ڪليڪٽر پڻ ساڻن گڏ هو.

هڪدم ڊي آءِ جي اُميدوارن ڏانهن آيو ۽ هڪ موٽر ڪار نمبر ايس اين ايم 500 دروازي تي بيهاري وئي.

ڊي آءِ جي قاضي فيض محمد سان حال احوال ڪرڻ شروع ڪيا ۽ ان دوران ريوالور هنيل هڪ سي آءِ ڊي آفيسر پوليس جي جٿي سان سندن پرسان اچي بيٺو.

ڊي آءِ جي قاضي فيض محمد ۽ سندس سائين کي چيو تہ "توهان کي هن ڪار ۾ ويهڻو پوندو."

قاضي فيض محمد: "اسين هن ڪار ۾ ڇو ويهون؟ توهان وٽ اسان جا وارنٽ آهن؟"

ڊي آءِ جي: "پوليس وارنٽ کانسواءِ بہ گرفتاري ڪري سگهي ٿي."

قاضي فيض محمد: "جيڪڏهن گرفتار ڪرڻو اٿو تہ لکت ۾ ڏيو. اسين تنهنجي ڪار ۾ ويهڻ کان انڪاري آهيون." ان مرحلي تي کهڙي رڙ ڪندي پوليس وارن کي چيو "وٺي وڃوس!"

انڪانپوءِ هڪ ڊي ايس پيءَ ۽ هڪ سي آءِ ڊي آفيسر قاضي فيض محمد کي ٻانهن کان گهلي موٽر ڪار ۾ وڌو. باقي ٻنهي اميدوارن سان پڻ ساڳيو ئي ورتاءُ ڪيو ويو. هٿياربند پوليس وارا اِهو سڀ ڪجهہ ڏسندا رهيا.

"اُن ئي وقت، فتح محمد رائو ٽنڊي تي پهتو ۽ ڪار تائين وڃي پنهنجي دوستن سان ڳالهائڻ چاهيائين تہ هڪ پوليس عملدار چڙٻيندي چيو تہ "هنن سان نٿو ڳالهائي سگهين." فتح محمد جي زور پرڻ تي پوليس آفيسر مڇرجي پيو ۽ ڪيس چماٽ هڻي، ڌڪو ڏنائين.

ان کان پوءِ بہ پوليس عملدار ۽ هڪ سي آءِ ڊي آفيسر موٽر ڪار ۾ وينا ۽ ڊرائيور کي گاڏي هلائڻ لاءِ چيائون.

گاڏي جمڙائو ڪينال سان لڳ ڀڳ ڪو ويهہ ميل هلڻ کان پوءِ بيهي رهي. اُميدوارن کي گاڏيءَ مان لهي وڻ جي ڇانو ۾ ويهڻ لاءِ چيو ويو. موٽر ڪار واپس سانگهڙ رواني ٿي وئي. اُن مهل صبح جا ڏهہ کن ٿيا هئا ۽ پوليس اُميدوارن جي سر تي بيهي چوڪسي ڪندي رهي.

منجهند جو ساڍي ٻارهين ڏاري هڪ اسٽيشن ويگن نمبر ايس اين پي 2160 آئي ۽ سمورن اُميدوارن کي پوليس ٽرڪ ذريعي سانگهڙ ڏانهن روانو ڪيو ويو. گاڏي اڃان سانگهڙ کان ڪو ٽي ميل پري هئي، جو اُميدوارن کي لهڻ لاءِ چيو ويو. اُميدوار گاڏي مان لٿا ۽ اِها سانگهڙ ڏانهن رواني ٿي وئي. اوڏي مهل منجهند جو هڪ ٿيو هو.

ان ڪانپوءِ اُميدوار پيرين پنڌ سانگهڙ اُن هنڌ لاءِ روانا ٿيا، جتي پنهنجي گاڏي بيهاري هئائون. اُميدوارن جا حمايتي عبدالسلام رائو محمد يعقوب ۽ ٻيا منجهند جو هڪ وڳي تائين ڪليڪٽر جي آفيس ۾ ويٺا رهيا.

فتح محمد رائو ڪنهن ريت پوسٽ ۽ ٽيليگراف آفيس پهتو ۽ صبح ساڍي ڏهين ڏاري قانون جي وزير حسين شهيد سهرورديءَ، سنڌ جي گورنر ۽ ڪراچيءَ جي اخبارن ڊان، جنگ، انجام ۽ امروز کي صورتحال بابت ٽيليگراف اُماڻيائين.

ايوب کهڙي کي "بنا مقابلي" چونڊيل قرار ڏنو ويو.

هن بيان جاري ڪيو تہ "قاضي فيض محمد ۽ سندس ساٿي اُتي هُل هنگامو ڪرڻ آيا هئا ۽ هو سنجيده اُميدوار نہ هئا. نہ ڪو سندن اثر رسوخ هو نہ ضمانت لاءِ پئسا هئا ۽ نہ ئي وٽن چونڊ لسٽن جي ڪا تصديق ٿيل ڪاپي ئي هئي."

اِهي غير قانوني عمل ڇو؟

قاضي فيض محمد ۽ سندس ساٿين کهڙو هنگامو ڪيو ڇا جو ارادو ٿي رکيائون، سو نہ ڄاڻايو ويو آهي.

جيڪڏهن خواهشمند اُميدوارن وٽ ضمانت جي رقم يا ووٽر لسٽون يا ٻيا ضروري ڪاغذ نہ هئا پوءِ جاچ ڪانپوءِ سندن نامزدگيءَ وارا ڪاغذ رد ڪرڻ رٽرننگ آفيسر جو ڪم هو.

قانون پٽاندڙ نامزدگيءَ وارا ڪاغذ ڇو فراهم نہ ڪيا ويا؟

ڇو پُرامن شهرين، معزز صاحبلوڪن، وڪيلن ۽ ڊاڪٽرن کي سمورن قانونن ۽ اخلاقيات جي پيچڪڙي ڪندي غلط طور تي روڪيو ۽ اغوا ڪيو ويو؟

جڏهن وڏو ۽ گهرو وزير ۽ ڊي آءِ جي پاڻ اهڙا ڏوهہ ڪن، عوامي سيوا کي نيوڙين ۽ بدعنوان ڪن تہ پوءِ ملڪ ۾ کهڙي ريت امن امان ۽ تحفظ برقرار رکي سگهجي ٿو؟ اهڙي انداز ۾ چونڊجي آيل ميمبرن واري اسانجي ايوان جو انداز ڇا هوندو ۽ اهڙي ايوان طرفان لاڳو ٿيندڙ اُپائن جي اخلاقي اهميت ڪهڙي هوندي؟

سنڌ ۽ سنڌين جو گناهه کهڙو آهي، جو هُنن کهڙي کي سياست مان نيڪالي ڏيڻ لاءِ به آئيني رستو اختيار ڪيو. عظيم سنڌ چيف ڪورٽ دير سان ئي سهي کهڙي جي سنڌ جي وڏي وزير طور مقرريءَ کي اختيارن جو ناجائز استعمال، غير عملي ۽ بنا اختيارن جي قرار ڏنو.

اسان جي مرڪزي ڪابينا کهڙي کي سنڌ واسين جي مفادن ۽ خواهشن جي اُبتڙ بيهر اقتدار ۾ آندو آهي.

کهڙي جي ڪيل هر ڏوهه لاءِ مرڪز ذميوار ليکيو ويندو ۽ سنڌين کي درپيش گهٽي ياگي پيڙائون مرڪز کان ئي نازل ٿيل آهن. (1) کهڙي جو انداز حڪمراني، (2) مرڪزي ڪابينا جي رضا مندي (3) رٿيل ون يونٽ سپئي هڪ ئي سڪي جا مختلف پاسا آهن. ان پسمنظر سان ڇا سنڌين کي ون يونٽ قبولڻ لاءِ هرڪائي سگهجي ٿو؟

پڇاڻي:

سنڌ هڪ ننڍو صوبو ته آهي پر انجي وڏي شاهي تاريخ، ثقافت ۽ اهميت آهي. پاڪستان جي راڄڌاني به انجو حصو آهي. مرڪزي ڪابينا جي نظرن آڏو جيڪي ڪجهه به سنڌ سان وهي واپري ٿو انکي ڪابينا جي ڪجهه عنصرن جي دڪايل دونهين ليکڻ گهرجي. انهيءَ ماپي ذريعي جائزو وٺندي کهڙي جي ڏوهن کي فقط سنڌ واسين تائين ئي محدود نه ليکيو وڃي اِهي اڳئي پاڪستان جي ٻين حصن تائين پکڙجي چڪا آهن. پاڪستان اهڙين حالتن ۾ صحت ۽ جوش جذبو نٿو ماڻي سگهي. جيستائين کهڙي جون اِهي بيوقوفيون نٿيون روڪيون وڃن ۽ اِهي به بيرحميءَ سان، تيستائين پاڪستان جي جمهوري ملڪ طور ساک جوکم تي ئي رهندي. جيستائين مرڪزي ڪابينا ڪي تڪڙيون ترميمون تي ڪري،ماٺهو انهيءَ ڏکوئيندڙ ادراڪ تي پهچندا رهندا ته اسانجي گهٽي ياگي وزير ۽ عملدارن هن ملڪ تي راڄ ڪرڻ واري پنهنجي دعوا تي اڳئي پڪا ڪوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن.

اسين پنهنجي اختيارين کان انصاف جي نالي تي، رحمدليءَ جي نالي تي ۽ اسان جي مقدس اعتماد پاڪستان جي رياست جي نالي گهُر ٿا ڪريون ته:

"(1) کھڙي کي سندس ڪيل ڏاڍاين ڪري هڪدم عهدي تان هٽايو وڃي، اهوئي عمل کهڙي جي ڪاتي ۾ آيل ڏاڍاين کان مرڪزي ڪابينا جي اڻ ڏريو هئڻ کي ثابت ڪري سگهي ٿو.

"(2) هاءِ ڪورٽ ججن تي ٻڌل هڪ ٽربيونل جوڙيو وڃي جيڪو شهدادپور – ٽنڊو آدم ننڍي چونڊ ۽ ٻين انيڪ مامرن ۾ کهڙي جي ڪيل ڏاڍاين جي جاچ لهي.

(3) هڪدم چونڊ ضابطا جوڙيا وڃن ته جيئن آزاد ۽ شفاف چونڊون يقيني بڻائي سگهجن. هاڻوڪن ضابطن تحت کهڙي خلاف چونڊ پٽيشن جو فيصلو هو پاڻ ڪندو. خود گورنر کي به ان ڏس ۾ معمولي صوابديد حاصل آهي جهڙي ريت کهڙي جي سالي عبداللطيف خلاف داخل ڪيل چونڊ پٽيشنن جي ڏس ۾ سنڌ جي اڳوڻي گورنر دين محمد جو بيان رڪارڊ تي آهي.

اسين پاڪستان جي سمورن رهواسين جي شعور ۽ حب الوطنيءَ کي اسانجي مطالبن تي ساٿ ڏيڻ جي گذارش ٿا ڪريون. اسين پنهنجي ملڪ کي هن ڀوائتي صورتحال مان ڪڍڻ لاءِ سڀ سماءِ کي پڻ سهڪار ڪرڻ جي اپيل ٿا ڪريون.

پاڪستان زنده باد

عبدالمجيد سنڌي	حيدر بخش جتوئي	محمد محمود
صدر	صدر	صدر
سنڌ عوامي محاذ	سنڌ هاري ڪميٽي	سنڌ جناح عوامي ليگ

ڪراچي

28 جولاءِ 1955.

107 – بيان ۾ اسان ايوب کهڙي، غلام نبي ميمڻ ۽ عبدالغفار جکراڻي سٽي مئجسٽريٽ حيدرآباد خلاف سترنهن نوان الزام عائد ڪيا. مٿين صاحبلوڪن سازش ڪئي، ته هن ڪورٽ سڳوري آڏو پيل منهنجي خلاف ڪيس، جکراڻيءَ جي ڪورٽ ۾ منتقل ڪيو وڃي.

108 – 20 آگسٽ 1955ع تي غلام نبي، جيڪو هاڻ منهنجي خلاف ڪيس ۾ اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ٿي چڪو هو ڪيس جي منتقليءَ لاءِ ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد آڏو هڪ درخواست جمع ڪرائي. اي ايڇ خان جي جاءِ تي غلام مصطفيٰ شرف الدين قاضيءَ کي ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. غلام نبيءَ جي درخواست هت پيش ڪريان ٿو.

"ضلعي مئجسٽريٽ، حيدرآباد سنڌ جي ڪورٽ ۾

بمخالف حيدر بخش جتوئي پي پي سيءَ جي سيڪشن 53 اي تحت

درخواست سي پي سيءَ جي سيڪشن 428 تحت

"اِهو عرض ٿو ڪجي تہ چالان ٿيل ڪيس ايڪسٽرا جج 3 ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ حيدرآباد (بارڪزئي) جي ڪورٽ ۾ آهي ۽ ان ڪيس جي ٻڌڻي 3 سيپٽمبر 1955 تي رکيل آهي.

اِهو ڪيس سرڪاري حڪمن تحت ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ داخل ڪيو ويو هو. ضلعي مئجسٽريٽ اِهو ڪيس چالان ٿيل سب جج ڏانهن منتقل ڪيو آهي.

اِهو عرض ٿو ڪيو وڃي تہ هيٺين بنيادن تي اِهو ڪيس حيدرآباد ۾ ڪنهن بہ سب ڊويزنل مئجسٽريٽ ڏانهن منتقل ڪيو وڃي.

"1 – تہ هن ڪيس ۾ جوابدار هڪ اهم سياسي اڳواڻ آهي ۽ مناسب اِهو ٿيندو تہ مٿس گهٽ ۾ گهٽ ڪو سبب ڊويزنل مئجسٽريٽ ڪيس هلائي.

"2 – تہ اِهو ڪيس اڃان هلڻ شروع نہ ٿيو آهي ۽ انڪري انجي نئين سر هلائڻ جو سوال نٿو اُٿي.

حيدرآباد سنڌ	صحيح
20 آگسٽ 1955	غلام نبي ميمڻ

سلطنت جو خاص وڪيل"

109 – غلام مصطفيٰ قاضي پنهنجي سر فيصلو ڪرڻ کان لنوائيندي اِها درخواست اي ڊي ايم ان کي نبيريندو. غلام مصطفيٰ 31 آگسٽ 1955 واري نوٽ سان پنهنجي ايڊيشنل ضلعي مئجسٽريٽ (ايم اي عالماڻي) ڏانهن اُماڻي.

110 – اي ڊي ايم خاص فرد ذريعي ان ڪيس جو رڪارڊ ۽ وهنوار تڪڙو سندس آڏو پيش ڪرڻ جو چيو.

عام طور تي منتقليءَ جي درخواستن ۾، پرزائيڊنگ جج جو موقف ورتو ويندو آهي، ته ڪيس جي منتقليءَ تي ڪي اعتراض ته ناهن. هن ڪيس ۾ اي ڊي ايم طرفان اهڙي ڀاڄهه جو به مظاهرو نه ڪيو ويو.

بيگم کهڙي جي چونڊ:

111 – هنن ڏينهن ۾ سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ ۾ اتر جي مسلم عورتن واري هڪ سيٽ خالي ٿي. ايوب کهڙو ۽ سندس ڀاءُ علي گوهر اڳ ئي قانون ساز اسيمبليءَ جا ميمبر هئا ۽ هاڻ بيگم کهڙي جي ميمبر بڻجڻ جو وارو هو. درحقيقت هوءَ انهيءَ سيٽ لاءِ اهل ئي نه هئي.

112 – 5 آگسٽ 1955 تي بيگم فاطمه کهڙو رٽرننگ آفيسر سڪر (نصرت حسن سي ايس پي) آڏو پنهنجا نامزدگيءَ وارا ڪاغذ جمع ڪرايا ۽ 6 آگسٽ 1955 تي ڪيس "بنا مقابلي" چونڊيل قرار ڏنو ويو. نامزدگيءَ وارن ڪاغذن جو نقل هيٺ ڏجي ٿو (انهن جي تصديق ٿيل ڪاپي شامل آهي) (نمبر 20:)

نامزدگيءَ وارا ڪاغذ:

تڪ جو نالو:	سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جو اُترئين عورتن جو تڪ
اُميدوار جو نالو:	بيگم فاطمه
مڙس جو نالو:	محمد ايوب کهڙو
ڄمار:	40 سال
پتو:	لاڙڪاڻو (سنڌ)
عقيدو (ڄاڻايو ته محمدي يا عمومي):	محمدي
ووٽر لسٽ جنهن ۾ نالو درج آهي:	سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي اترئين عورتن جو تڪ
تڪ جي ووٽر لسٽ ۾ درج اُميدوار جو ووٽر نمبر:	17، وارڊ نمبر 2 اضافي فهرست، مسلم عورت، لاڙڪاڻو شهر

تجويز ڪندڙ جو نالو: حاجران زال امتياز احمد شيخ
تڪ جي ووٽر لسٽ ۾
تجويز ڪندڙ جو نمبر: 330، وارڊ نمبر 1، مسلم عورت، سکر ميونسپلٽي
تجويز ڪندڙ جي صحيح: صحيح حاجران
تائيد ڪندڙ جو نالو: جميلا زال فريدالدين شيخ
تڪ جي ووٽر لسٽ ۾
تائيد ڪندڙ جو نمبر: 452، وارڊ نمبر 6، مسلم عورت، سکر ميونسپلٽي
تائيد ڪندڙ جي صحيح: صحيح جميلا

اُميدوار جو بيان:

اعلان ٿي ڪريان تہ هن نامزدگيءَ سان سهمت آهيان.

تاريخ 5 آگسٽ 1955 صحيح (اُميدوار جي)

ٻيو حصو:

(رٽرننگ آفيسر يا ڪنهن ٻئي بااختيار فرد هٿان درج ٿيندڙ)

وصوليءَ جو سرٽيفڪيٽ

نمبر۔ 1

نامزدگيءَ وارو هيءُ ڪاغذ منهنجي آفيس ۾ مونکي 5 آگسٽ 1955 تي صبح ساڍي يارهين وڳي وصول ٿيو.

5 آگسٽ 1955 صحيح نصرت حسن

رٽرننگ آفيسر

جانچ پڙتال جو سرٽيفڪيٽ

مون اُميدوار تجويز ڪندڙ ۽ تائيد ڪندڙ جي اهليت جاچي آهي ۽ جاتو اٿم تہ اهي ترتيبوار چونڊبن ۾ بيهڻ، تجويز ڪرڻ ۽ تائيد ڪرڻ جي واسطي اهل آهن.

صبح جا نوَ 6 آگسٽ 1955 صحيح نصرت حسن
رٽرننگ آفيسر

هت اعلان ٿي ڪريان تہ مون علي گوهر کهڙو بي اي، ايل ايل ميمبر قانون ساز اسيمبليءَ (مڪمل پتو) لاڙڪاڻو (سنڌ) کي پنهنجي چونڊ لاءِ ايجنٽ مقرر ڪيو آهي.

صحيح بيگم فاطمہ
اُميدوار جي صحيح

ڪوبہ ٻيو اُميدوار ناهي، نتيجي طور بيگم فاطمہ بنا مقابلي چونڊجي وئي آهي. روڪ ضمانت واري رقم موٽائي وڃي.

تاريخ 6 آگسٽ 1955 صحيح نصرت حسن
رٽرننگ آفيسر، سکر

113 — بيگم کهڙو طرفان پهرين سيپٽمبر 1955 تي چونڊن جي خرچ جو گوشوارو سکر ۾ جمع ڪرايو ويو ۽ ان بابت نوٽيفڪيشن سنڌ حڪومت جي گزيٽ ساڳي ڏينهن ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. هت نوٽيفڪيشن جو نقل ڏجي ٿو (نمبر 21):

"سنڌ حڪومت

رجسٽرڊ نمبر ايس 463

"سنڌ حڪومت گزيٽ

غير معمولي

اختياريءَ طرفان شايع ڪيل
ڪراچي، خميس، پهرين سيپٽمبر 1955
ياڳو پهريون
سنڌ حڪومت
ڪليڪٽر ۽ رٽرننگ آفيسر جي نوٽيس ذريعي

نمبر جي بي (a) – اي _ 40/12784 – سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊ (چونڊ ۽ چونڊ پٽيشنون) ضابطا 1952 جي ضابطي (5) 49 تحت ڄاڻايو ٿو وڃي تہ هيٺين اُميدوار پهرين سيپٽمبر 1955 تي پنهنجي چونڊ خرچن جو گوشوارو ۽ ٻيا پڌرناما جمع ڪرايا آهن. اِهي ڪليڪٽر جي آفيس (اليڪشن برانچ) ۾ ڪنهن بہ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ڄاڻايل هڪ رپيو فيءَ جي ادائيگيءَ کانپوءِ صبح ائين کان منجهند ٻارهين وڳي تائين جاچي سگهجن ٿا.

"1 – بيگم فاطمہ زال محمد ايوب کهڙو
اُترئين مسلم عورتن جو تڪ
نصرت حسن
ڪليڪٽر ۽ رٽرننگ آفيسر
سکر | پهرين سيپٽمبر 1955

114 – مون هيٺين لفظن ۾ بيگم کهڙي جي چونڊ تي "پاڪستان ۾ جمهوريت يا آمريت؟ ياڳو ٽيون" جي سري هيٺ پمفليٽ ۾ احتجاج ڪيو:

"هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي عورت غلامن جي بہ غلام آهي، جتي 'پردو' چڱي موچاري انسان کي هلندڙ ڦرندڙ تنبو بڻايو ڇڏي، جتي ڪثير زوجيت ۽ ٻين مدي خارج رواجن مسلمان عورت کي مستقل طور تي ڪمتر حيثيت ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي، اهڙي ملڪ ۾ ڪنهن خاتون کي سياسي تڪرار ۾ آڻڻ شائستگيءَ جي خلاف ۽ پيڙا ڀريو عمل آهي...."

"لاڳو ضابطن تحت بيگم کهڙو کي عورتن جي تڪ تي اترئين سيٽ لاءِ نامزد نٿو ڪري سگهجي.

ان هوندي بہ ڪليڪٽر ۽ رٽرننگ آفيسر سڪر سندس نامزدگيءَ وارا ڪاغذ قبول ڪندي ڪيس 'بنا مقابلي' چونڊيل قرار ڏنوا!"

"کهڙي طرفان پنهنجي مخالفن کي چونڊن دوران اغوا ڪرڻ واري مامري تي نظر وجهڻ سان (دادو ۽ لاڙڪاڻي وانگر تازوئي سانگهڙ ۾ ڪين اغوا ۽ گرفتار ڪيو ويو) اِهو ڪيئن ٿو ممڪن بڻجي سگهي، تہ ڪو سندس گهرواريءَ جي مخالفت ڪري ڪهڙي معزز خاتون کهڙي هٿان پنهنجي توهين ڪرائڻ چاهيندي، جڏهن هو اِهو ڪجهہ مرڪز جي آشيرواد سان سدائين ڪاميابيءَ سان ڪندو رهيو هجي؟"

"بيگم کهڙي جي انهيءَ غيرقانوني چونڊ خلاف ڪو ڪيس بہ نٿو ڪري سگهجي، (هاءِ ڪورٽن کي انهن ڏينهن ۾ رٽ پٽيشن ٻڌڻ کان محروم ڪيو ويو) دادرسيءَ جو واحد ذريعو اليڪشن پٽيشن آهي ۽ هاڻوڪن ضابطن پٽاندڙ کهڙو وڏي وزير طور ان ڏس ۾ حتمي فيصلو ڪندو. کهڙو اهي پنهنجي ذات ۽ پنهنجي دوستن لاءِ اِهي اختيار بيدرديءَ سان استعمال ڪندي مخالف اميدوارن جون پٽيشنون رد ڪندو رهيو آهي، جيڪو سرڪاري رڪارڊ مان پڻ پروڙي سگهجي ٿو."

"سو ان ريت بيگم کهڙو قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبر بڻيل آهي!"

"سنڌ قانون ساز اسيمبلي چونڊ (چونڊ ۽ پٽيشنون) ضابطا 1952ع جو ضابطو نمبر 7 "مرد" ميمبرن جي ڏس ۾ ڄاڻائي ٿو:

7 – نامزدگيءَ واسطي اهل فرد:

"ڪوبہ فرد جيڪو جاري ڪيل ايڪٽ يا ڪنهن حڪم يا ضابطي تحت يا صوبائي قانون ساز اداري جي ڪنهن ايڪٽ تحت سيٽ لاءِ چونڊجڻ جو اهل هوندو، سو چونڊ لاءِ اميدوار طور نامزد ٿي پيو سگهي. (صفحو 3)"

"پر عورتن جي ڏس ۾ جتي سيٽن جو تعداد فقط ٽي آهي، گورنمينٽ آف انڊيا (صوبائي قانون ساز اسيمبلي) آرڊر، 1936ع ياڱو ٻارهون، سنڌ، ضابطو 1 – اي ڄاڻائي ٿو:

"1" – اي: عورتن جون سيٽون: ڪا عورت ان صورت ۾ عورتن لاءِ مخصوص ڪنهن سيٽ لاءِ چونڊجڻ جي اهل نہ هوندي، جڏهن هوءَ اُن سيٽ لاءِ ڪنهن ميمبر جي چونڊ لاءِ ووٽ ڏيڻ جي اهل نہ هجي."

"سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊ (چونڊ فهرستن جي تياري، نظرثاني ۽ اشاعت) ضابطن، 1951ع ضابطو 2 (ايف) شيڊول ڊي تحت سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ ۾ عورتن لاءِ ٽي مخصوص سيٽون آهن. جنهن سيٽ تي بيگم کهڙو چونڊجي آئي آهي، سا سنڌ حڪومت جي گزيٽ غير معمولي ڀاڱو پهريون تاريخ 27 نومبر 1951ع صفحو 777 تي هن ريت بيان ٿيل آهي:

تڪ جو نالو	تڪ جي حد بندي	رٽرننگ آفيسر	سيٽن جو تعداد
II_ مسلم	عورتن جا تڪ		
1–اُتر	سکر، شڪارپور ۽ جيڪب آباد شهرن جون ميونسپل ايراضيون	ڪليڪٽر سکر	1
2_ حيدرآباد	حيدرآباد ضلعي جي ميونسپل ۽ ڪينٽونمنٽ ايراضي	ڪليڪٽر حيدرآباد	1
3_ وچولو	ٺٽو ميرپورخاص، لاڙڪاڻو دادو ۽ نوابشاهہ شهرن طرفان ميونسپل ايراضيون	ڪليڪٽر لاڙڪاڻو	1

115 – اِهو ظاهر ٿيندو تہ ضابطو_1 تحت، جيئن مٿي ڄاڻايل آهي تہ سکر يا جيڪب آباد شهرن جي ميونسپل ايراضين سان تعلق رکندڙ عورت ووٽر ئي "اتر سيٽ" لاءِ ميمبر طور چونڊجي سگهجي ٿي، بيگم کهڙو جي داخل ڪرايل نامزدگي ڪاغذن موجب هوءَ لاڙڪاڻي مان ووٽر آهي، جيڪو شهر "وچولي تڪ" ۾ شامل آهي.

116 – مٿين چونڊ خلاف اليڪشن پٽيشن داخل ڪرائڻ واسطي آءٌ 13 سيپٽمبر 1955ع تي سکر ويس ۽ نامزدگيءَ وارن ڪاغذن سميت ٻين

دستاويزن جون تصديق ٿيل ڪاپيون حاصل ڪرڻ لاءِ رٽرننگ آفيسر سان لهه وچڙ ۾ آيس. رٽرننگ آفيسر طرفان منهنجي درخواست رد ڪرڻ جا تفصيل 18 سيپٽمبر جي مارننگ نيوز ۾ 19 سيپٽمبر جي ڊان اخبار ۾ شايع ٿيل منهنجي اخباري بيان ۾ ڏنا ويا آهن، جن جا نقل هت ڏنل آهن. مارننگ نيوز اخبار ۾ منهنجو بيان هيٺين ريت شامل ٿيو:

"بيگم کهڙو جي چونڊ
عملدار خلاف هاري اڳواڻ جو الزام"

"سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي صدر حيدر بخش جتوئي گذريل ڏينهن هڪ اخباري بيان ذريعي سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ بيگم ايوب کهڙو جي بنا مقابلي چونڊ خلاف رٽ پٽيشن داخل ڪرڻ کان سکر ڪليڪٽر طرفان "روڪڻ" جا تفصيل بيان ڪيا آهن.

پنهنجي بيان ۾ سندس چوڻ هو ته:

بيگم کهڙو جي سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ واسطي هاٽوڪي چونڊ غير مناسب آهي، ڇاڪاڻ جو لاڳو ضابطن تحت فقط سکر، شڪارپور يا جيڪب آباد ميونسپلٽيءَ جي حدن ۾ رهندڙ عورت ووٽر ئي چونڊ وڙهي پئي سگهي (جيڪا بيگم کهڙو ناهي) مونکي پنهنجي سر سکر جو دورو ڪرڻ ۽ پاڻ معاملا ڏسڻ جو موقعو مليو. مونکي ماڻهو انتهائي ڊنل لڳا، ڇاڪاڻ جو ڪيترن ئي ماڻهن کي غنڊا ايڪٽ يا سيڪشن 110 سي پي سيءَ تحت گرفتار ڪيو ويو آهي، جنهن واسطي ضلعي مئجسٽريٽ کي انيڪ اختيار حاصل آهن ۽ ايستائين جو هاءِ ڪورٽ به ان ڏس ۾ تڪڙي دادرسي نٿي ڪري سگهي.

"مونکي نظر آيو ته بيگم کهڙو جي غير قانوني چونڊ خلاف ڪا به اليڪشن پٽيشن ممڪن نه هئي ڇاڪاڻ جو ڪليڪٽر کان گهربل ڪاغذ حاصل ڪرڻ ناممڪن نه ته به ڏکيو ڪم ضرور هئا. رڳو گهربل ڪاغذن جا نقل حاصل ڪرڻ تي ئي عورتن ۽ مردن کي تڪڙي ذمر جو خدشو هو."

"اِهو ماحول ڏسندي ۽ انتي اعتبار نه ڪندي، مون پنهنجي سر انهن عورتن لاءِ گهربل دستاويزن جا تصديق ٿيل نقل حاصل ڪرڻ جو ذمو کنيو جن اليڪشن پٽيشنون داخل ڪرڻ تي چاهيون."

"13 سيپٽمبر جي صبح ڏهين وڳي ۽ ٻہ رپيا في درخواست جي فيءَ سوڊو ٻہ درخواستون کڻي ڪليڪٽر نصرت حسن سي ايس پيءَ وٽ پهتس."

"ڪليڪٽر ان وقت ڪنهن گڏجاڻي ۾ مصروف هو ۽ پنهنجي پٽيوالي ذريعي مونکي ڄاڻ ڪيائين تہ اڌ ڪلاڪ ۾ مون سان گڏبو."

"ٻن ڪلاڪن تائين انتظار ڪيم. جيتوڻيڪ گڏجاڻي ختم ٿي چڪي هئي پر ڪليڪٽر مونکي ملڻ لاءِ نہ سڏيو."

"ان ڪانپوءِ هُن تقريباً ويهن ملاقاتين کي گڏيل طور تي سڏرايو ۽ آءٌ بہ انهن ۾ شامل هئس."

"نقل واسطي ٻہ درخواستون ذاتي طور تي سندس هٿ ۾ ڏنم ۽ چيو مانس تہ اِهي نقل سڀاڻي يعني 14 سيپٽمبر تي سنڌ جي گورنر آڏو پيش ڪرڻ لاءِ گهربل آهن. ڇاڪاڻ جو اِهو اليڪشن پٽيشن جو آخري ڏينهن هو. هُن منهنجي درخواست مونکي واپس ڪندي دفتري نوٽ لاءِ سندس دفتردار سان ملڻ لاءِ چيو."

"جيئن تہ سنڌ قانون ساز اسيمبلي جي صابطي 68(2) مجريہ 1952ع (چونڊون ۽ پٽيشنون) تحت عوام مان ڪوبہ فرد فيءَ جي ادائيگيءَ تي اِهي نقل حاصل ڪري پئي سگهيو سو اڌ ڪلاڪ اندر آفيس نوٽ تيار ڪري ڪليڪٽر کي پيش ڪيو ويو."

"پيهر ڪليڪٽر سان مليو، ڪيس نقل جاري ڪرڻ جو حڪم صادر ڪرڻ لاءِ درخواست ڪيم. چيائين تہ "منجهند جي مانيءَ ڪانپوءِ اهڙو حڪم جاري ڪندو."

"شام پنجين وڳي تائين ڪليڪٽر آفيس جي ورانڊي ۾ ويٺو رهيس پر ڪوبہ جواب نہ مليم. ڪليڪٽر منجهند جي مانيءَ ڪانپوءِ آفيس موٽي آيو مون لاڳاپيل ڪلرڪ کي اڳواٽ رقم ڏيڻ جي پيشڪش ڪئي پر هُن پئسا وٺڻ کان انڪار ڪيو."

"سڀاڻي اچجان"

"ڪو سادي پنجين ڏاري ڪليڪٽر مونکي گهرائڻ جو ٽورو ڪيو ۽ چيو تہ "هاڻ وڃي سگهين ٿو" سڀاڻي آفيس ٽائيم دوران اچجان."

"ان ريت پروڙيمر تہ ڪا عورت ڪيئن تي اِهي نقل حاصل ڪري سگهي، جڏهن ڪليڪٽر، جيڪو مونکي عوامي سيوڪ طور سڃاڻي، ئي انڪار ڪري ويٺو."

"ڪليڪٽر انڪري نقل جاري نہ ڪيا، جو بيگم کهڙو جي نامزدگيءَ وارا ڪاغذ غيرقانوني طور تي قبولڻ ۾ هو پاڻ بہ ملوث هو ۽ سندس مفاد/دلچسپي ان ۾ هئي، تہ سندس حڪم خلاف ڪابہ اليڪشن پٽيشن داخل نہ ٿئي، هن پنهنجي صاحب ايوب کهڙي کي خوش ڪرڻ تي چاهيو تہ کهڙي ريت هن وقت سر نقل جاري ڪرڻ کان انڪار ڪندي، اليڪشن پٽيشن داخل ڪرڻ کي ناممڪن بڻايو."

"ڪليڪٽر لاءِ پنهنجي آفيس ۽ عملدارن طرفان واضح ڪيل واسطيدار ضابطا جاچڻ پنجن منٽن ۽ سندس آفيس لاءِ اهو اڌ ڪلاڪ جو ڪم هو، پر اٺن ڪلاڪن تائين ڪليڪٽر آفيس ۾ اوسيئڙو ڪرڻ جي باوجود آءٌ ضروري ڪاغذ حاصل نہ ڪري سگهيس."

"تضاد تہ ڏسو! ٻارهن ڏينهن اڳ، ٻهرين سيپٽمبر 1955ع تي بيگم کهڙو طرفان چونڊ خرچ جو گوشوارو ڪليڪٽر آفيس ۾ ئي جمع ڪرايو ويو هو."

"ساڳي ڏينهن ٻهرين سيپٽمبر تي، ڪليڪٽر آفيس سنڌ گزيٽ ۾ اشاعت لاءِ ضروري نوٽيفڪيشن تيار ڪيو ۽ ڪليڪٽر ان تي ساڳي ڏينهن صحيح بہ ڪئي."

"ساڳي ڏينهن ڪليڪٽر آفيس اِهو نوٽيفڪيشن سنڌ سرڪار جي قانون واري کاتي ڏانهن ڪراچي روانو ڪيو."

"ساڳي ڏينهن اِهو نوٽيفڪيشن سکر کان ٽي سو ملين جي فاصلي تي ڪراچي پهچي ويو (ڇا ان مقصد لاءِ ڪو خاص جهاز ياڙي تي حاصل ڪيو ويو هو؟)"

"ساڳي ڏينهن سنڌ سرڪار جي قانون واري کاتي اِهو نوٽيفڪيشن وصول پڻ ڪيو."

"ساڳي ڏينهن تي قانون واري کاتي اِهو نوٽيفڪيشن سنڌ گورنمينٽ پرنٽنگ پريس ڪراچي بہ اُماڻي ڇڏيو."

"ساڳي ڏينهن پريس اِهو مواد ڪمپوز ڪيو غلطيون درست ڪيون ۽ ڇپرائي پڻ ڇڏيو."
ساڳي ڏينهن پهرين سيپٽمبر تي اِهو نوٽيفڪيشن سنڌ حڪومت جي گزيٽ ۾ شايع بہ ٿي ويو."
"ڇا اِهو سڀ ڪجهہ اعتبار جوڳو بہ آهي؟ اِهو آهي ايوب کهڙي جو ڪارناموا!"

نوٽيفڪيشن

"پر غير معمولي شيءِ سنڌ سرڪار جي گزيٽ جي غير معمولي اشاعت آهي، جنهن ۾ 01 سيپٽمبر 1951ع تي عوام ۽ عملدارن آڏو ظاهر ٿيندڙ نوٽيفڪيشن شامل هو.
"اِهو انتظام ڇا جي لاءِ؟
"تہ جيئن مٿين کي بيگم کهڙي خلاف اليڪشن پٽيشن داخل ڪرڻ جو ڪو گهڻو وقت نہ ملي سگهي، جيڪو سنڌ قانون ساز اسيمبلي (چونڊ ۽ اليڪشن پٽيشن) ضابطا 1952ع جي ضابطي نمبر 54(1)(a) تحت پهرين کان 14 سيپٽمبر 1955 تائين هو."
"انڪري ئي ڪليڪٽر سکر 13 سيپٽمبر 1955ع تي نقل جاري ڪرڻ کان انڪار ڪيو."
"ڇا اهڙين حالتن ۾ جمهوريت وڌي ويجهي سگهي ٿي؟ اسان جا اڳواڻ ۽ حڪومت سنڀاليندڙ پوءِ جمهوريت جون دعوائون ڇو ٿا ڪن؟ ڇا کهڙو اقتداري ٽولو ون يونٽ ڏانهن ضروري رستو آهي؟
"آءُ انهيءَ سڄي مامري جي مڪمل جاچ ڪرائڻ جي گهُر ٿو ڪريان."
"آءُ گهر ٿو ڪريان تہ ڪليڪٽر سکر طرفان کهڙي لاءِ غير قانوني قدم کڻڻ ۽ هڪ سرڪاري عملدار طور پنهنجي فرضن کان اک ٻوٽ ڪرڻ تي ڪارروائي ڪئي وڃي. جيستائين اسان جا عملدار سمورن ننڍن ۽ وڏن ڏانهن هڪجهڙو ورتاءُ نہ رکندا، تيستائين اسان جو ملڪ خوشحال ۽ ترقي يافتہ نٿو ٿي سگهي."

117 – منهنجو مٿيون بيان، جيڪو حقيقتن ۽ قانون تي ٻڌل هو ايوب کهڙي کي انتهائي حد تائين مچرائي وڌو ۽ غلام نبي ميمڻ کي هدايت ڪيائين تہ منهنجو ڪيس هر صورت ۾ سٽي مئجسٽريٽ جڪراڻي جي ڪورٽ ۾ منتقل ڪيو وڃي. منتقليءَ واري معاملي جي درخواست ايڊيشنل ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد آڏو 20ـ سيپٽمبر 1955ع لاءِ طئي ٿي. مونکي چاڻ ملي آهي تہ جڏهن غلام نبي ميمڻ، کهڙي کي ٻڌايو تہ اي ڊي ايم ناچاڪ آهي ۽ شايد ويهين تاريخ حڪم جاري نہ ٿي سگهي تہ کهڙي ڪيس حڪم ڏنو تہ "جيڪڏهن هو سڪرات ۾ بہ آهي تہ بہ ڪيس اهڙو حڪم جاري ڪرڻ گهرجي."

118 – 20 سيپٽمبر تي پنهنجي ڪيس جي منتقليءَ خلاف اي ڊي ايم آڏو هيٺين درخواست دائر ڪيم:

"ايڊيشنل ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد (سنڌ) جي ڪورٽ آڏو

سلطنت

بخلاف

حيدر بخش جتوئي

سيڪشن 153 — A، پاڪستان پينل ڪوڊ

"آءٌ عرض ٿو ڪريان تہ مونکي پنهنجي خلاف سيڪشن 153 — A، پاڪستان پينل ڪوڊ خلاف داخل ڪيس جوائنٽ سب جج اينڊ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ حيدرآباد (سنڌ) جي ڪورٽ کان سٽي ڊويزنل مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ڏانهن منتقل ڪرڻ تي پنهنجا اعتراض داخل ڪرڻ لاءِ 20 سيپٽمبر 1955ع تي انهيءَ ڪورٽ آڏو پيش ٿيڻ جو نوٽيس موصول ٿيو آهي.

"2 – انهيءَ ڪيس جي منتقليءَ خلاف اعتراض واضح آهن. اِها عام طور تي چاتل سڃاتل حقيقت آهي تہ عمومي سب جج فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ٻاهرين اثر رسوخن کان آجو هوندو آهي، ۽ ڪو ريونيو مئجسٽريٽ ان نوعيت جي ڪيس ۾ جوابدار خلاف وڏيڪ ڏُر ٿي سگهي ٿو.

"3 – مونکي ۽ اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر غلام نبي ميمڻ کي ٻڌڻ کانپوءِ اي ڊي ايم پنهنجو فيصلو ايندڙ ڏينهن تائين محفوظ رکيو. ايندڙ

ڏينهن 21 سيپٽمبر تي آءِ اي ڊي ايم جي ڪورٽ ويس، هُن مونکي ٻڌايو تہ اهو ڪيس سٽي مئجسٽريٽ حيدرآباد جي ڪورٽ ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو اٿس. مون تصديق ٿيل نقل لاءِ درخواست ڏني، جيڪا هيٺين ريت هئي:

"ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ تاريخ 20 سيپٽمبر 1955ع بمقام حيدرآباد.

سيڪشن 528 ڪرمنل پينل ڪوڊ تحت حڪم

"هيءَ درخواست هن مهل سب جج اينڊ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ حيدرآباد آڏو سيڪشن 153 – اي پاڪستان پينل ڪوڊ تحت سلطنت بخلاف حيدر بخش جتوئي ڪيس جي اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر طرفان منتقليءَ بابت آهي."

"حيدر بخش جتوئي ذاتي طور تي موجود آهي، جڏهن تہ اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر سرڪاري ڌر جي نمائندگي ڪري رهيو آهي."

"اِهو ڪيس اصل ۾ ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ دائر ڪيو هو جنهن ڪنهن بہ شاهد جي جاچ لهڻ کانسواءِ 4 جون 1955ع تي اهو ڪيس جوائنٽ سب جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ حيدرآباد ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو."

جيتوڻيڪ ضلعي مئجسٽريٽ ڪيس جي منتقليءَ جو ڪوبہ سبب نہ ڄاڻايو آهي پر امڪاني طور تي هُن اِهو وٿس ڪم جي گهٽائي ڪري ڪيو آهي، جنهن سبب هو ان ڪيس هلائڻ کان قاصر هو. هن مرحلي تي ڏهوڪي ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد اي ايڇ خان کي گهرائي کائنس ان بابت دريافت ڪرڻ ضروري ناهي، جهڙي ريت حيدر بخش جتوئي استدعا ڪئي آهي.

"حيدر بخش جتوئي جي استدعا آهي تہ هن ڪورٽ کي سيڪشن 528 سي پي سيءَ تحت استعمال ڪرڻ جو اختيار ناهي، ڇاڪاڻ جو ان سان ضلعي مئجسٽريٽ، ڪوآرڊينٽ ۽ اختياري حد رکندڙ مئجسٽريٽ جو حڪم ڦيرائڻ جو راڳ ڪلندو. اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر جو دليل آهي،

تہ هيءَ درخواست ضلعي مئجسٽريٽ جي حڪم خلاف اپيل يا نظرثانيءَ طور دائر نہ ڪئي وئي آهي پر هڪ نئين درخواست طور دائر ٿيل آهي، جيڪا سدائين سيڪشن 528 سي پي سيءَ تحت ئي اچي ٿي ۽ ان ريت هن ڪورٽ جي حد/اختيار کي خارج نہ ليکيو وڃي. ان مامري تي آءٌ اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر سان سهمت ٿو ٿيان.

"اِهو چاتايو ويو آهي تہ حيدر بخش جتوئي هڪ سياسي اڳواڻ ۽ ڪجهہ معتبرائپ رکندڙ شخص آهي، اِهو ئي مناسب ٿيندو تہ مٿس ڪيس کو سينئر مئجسٽريٽ هلائي، جيڪو ڪنهن سب ڊويزنل مئجسٽريٽ جا اختيار حاصل ڪري رهيو هجي. اِهو ڪيس اڃان نہ هليو آهي. ڪا بہ شاهدي رڪارڊ نہ ڪئي وئي آهي، نئين سر شروعات جو سوال نٿو پيدا ٿئي. سب ڊويزنل مئجسٽريٽ ٽنڊو جو هيڊڪوارٽر ٽنڊو محمد خان ۾ آهي، سب ڊويزنل مئجسٽريٽ هالا پنهنجي علائقي ۾ ٻوڏ سهائتا ۾ رڌل آهي، جنهن ۾ جوڳو وقت لڳندو.

"انڪري مونکي اِهو ڪيس سٽي اينڊ ايس ڊي ايم حيدرآباد ڏانهن منتقل ڪرڻ وارو قدم مناسب ۽ درست ٿو لڳي. ان سان جوابدار واسطي ڪا مت پيد نہ ٿيندي، هُن کي آر ۽ پي اُماڻي سگهجن ٿا ۽ ڪيس صلاح تي ڏني وڃي تہ ان ڪيس جو تڪڙو اُڪلاءُ ڪري.

صحيح
ايم.اي عالماڻي
ايڊيشنل ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد
تاريخ 20 سيپٽمبر 1955ع

120 — مونکي اڃان تصديق ٿيل نقل نہ مليو هو ۽ جيئن ئي سنڌ هاري ڪميٽيءَ واري پنهنجي آفيس پهتس تہ ضمانت نہ ٿيڻ جوڳي وارنٽ سوڌو هڪ سي آءِ ڊي انسپيڪٽر کي پنهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺل ڏٺم. ٿيو ائين جو اي ڊي ايم ڪيس جو رڪارڊ ۽ ڪارروائي سٽي مئجسٽريٽ ڏانهن اُماڻيا ۽ غلام نبي ميمڻ ضمانت رد ڪرڻ واسطي سٽي مئجسٽريٽ آڏو درخواست دائر ڪئي.

121 – اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر غلام نبي ميمڻ جي داخل ڪيل درخواست ۾ ڏيان ڏيڻ جوڳو هڪ نڪتو آهي. منهنجي ڄاڻ موجب درخواست لکڻ مهل هو سٽي مئجسٽريٽ جکراڻيءَ وٽ ويٺل هو. درخواست لکندي ميمڻ جي پين ۾ مس کُٽي وئي ۽ جکراڻيءَ کيس پنهنجي سائي مس ڏني. جکراڻي سدائين سائي مس استعمال ڪندو آهي، جيڪو حڪمن، وارنٽن وغيره واري سندس رڪارڊ مان پروڙي سگهجي ٿو. اِهو ضمانت رد ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيل ڀڙتيءَ کي ظاهر ٿو ڪري، ته جيئن آءٌ حيدرآباد کان ٻاهر نه هليو وڃان ۽ ضمانت لاءِ اعليٰ اختيارين سان لهه وچڙ ۾ اچان.

122 – ان بعد سٽي مئجسٽريٽ مونکي ڪو نوٽيس جاري ڪرڻ کانسواءِ منهنجي ضمانت رد ڪري وارنٽ جاري ڪيو ۽ سي آءِ ڊي سب انسپيڪٽر اطهر حسين کي ان جي تعميل جو ذمو ڏنو (اهو ساڳيو اطهر حسين منهنجي خلاف استغاثي جو گواهه پڻ آهي).

123 – اِهو ڄاڻائيندو هلان ته جکراڻي ڊگهي عرصي تائين ريونيو کاتي ۾ ڪلرڪ طور منهنجو زيردست رهيو آهي ۽ مون کان ڀلي ڀت واقف آهي.

124 – جيئن ئي سي آءِ ڊيءَ واري مونکي گرفتار ڪري سٽي مئجسٽريٽ آڏو پيش ڪيو. وٽس پنهنجي ضمانت جي درخواست داخل ڪيم. جيڪا هن ڌڏي تي رد ڪري ڇڏي ۽ مونکي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ واڙيو ويو.

125 – 26 سيپٽمبر تي جيل ڪيل هڪ فون ذريعي مونکي ڪيس ۾ پيش ٿيڻ لاءِ چيو ويو. مون مئجسٽريٽ کي ڪيس ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي، ته جيئن منتقليءَ لاءِ سيڪشن 426 سي پي سي تحت هاءِ ڪورٽ سان لهه وچڙ ۾ اچان. جيئن ته مئجسٽريٽ وٽ انڪار ڪرڻ جو اختيار نه هو ان ڪري ڪيس ملتوي ڪيو ويو.

126 – سيشن جج حيدرآباد غلام رسول آڏو منهنجي پاران ضمانت جي هڪ درخواست داخل ڪئي وئي، جيڪا پهرين آڪٽوبر 1955ع تي منظور ڪئي وئي. اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر جي درخواست تي ضمانت

جي رقم ويھن هزارن مان وڌائي پنجاھہ هزار رپيا ڪئي وئي. اُن ڏينهن کان آءٌ ضمانت تي آزاد آهيان.

127 – 13 آڪٽوبر 1955ع تي سنڌ چيف ڪورٽ ۾ منتقليءَ جي درخواست داخل ڪيم جيڪو ان جو سنڌ چيف ڪورٽ ۾ آخري ڏينهن هو هاءِ ڪورٽ اِهو ڪيس سٽي اينڊ سب ڊويزنل مئجسٽريٽ جي ڪورٽ کان هن عزت مآب ڪورٽ ڏانهن منتقل ڪيو. جيڪو پنهنجي سر عدليہ جو مان آهي.

اِهو آهي کهڙي راڄ طرفان منهنجي خلاف ڪيل ڪارروائي ڪيسن جو داستان!

پنجابين خلاف اظهار:

128 – مٿي ڄاڻايل چڪو آهيان تہ غلام محمد، چوڌري محمد علي ۽ دولتانا جي اڳواڻي ۾ پنجابي ٽولي ون يونٽ مڙهڻ لاءِ سازش سٽڻ جي سمورن حوالن سان حالتون تيار ڪيون آهن. حسين شهيد سهرورديءَ کي پاڪستان جو وزير اعظم بنائڻ جو وعدو ڪيو ويو تہ جيئن هو 7 آگسٽ 1955ع تي شايع ٿيل ون يونٽ بل جو مسودو تيار ڪري. سهرورديءَ سان ويساھہ گهاتي ڪئي وئي.

129 – اتر اولهہ سرحدي صوبي جي وڏي وزير عبدالرشيد سان پڻ هر قسم جا وعدا ڪيا ويا، خاص طور تي اهو تہ سندس صوبي جي شهر ايبٽ آباد کي ون يونٽ جو هيڊڪوارٽر بڻايو ويندو ۽ سنڌ جون زمينون پٺاڻن کي ڏنيون وينديون. ساڻس بہ ويساھہ گهاتي ڪئي وئي.

130 – محمد ايوب کهڙو کي نااهليءَ مان آجو ڪيو ويو ۽ کيس رٿيل ون يونٽ حڪومت جو وڏو وزير بنائڻ جو وعدو ڪيو ويو. هُن ون يونٽ لاءِ وسان نہ گهٽايو.

131 – انهيءَ پنجابي ٽولي "ون يونٽ واسطي هڪ ماسٽر پلان" جي سري هيٺ هڪ ڳجهو سرڪيولر جاري ڪيو جنهن بابت عبدالرشيد نئين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ بحث دوران چرڪائيندڙ ڦاٽ ڪاڏا ۽ انهيءَ پنجابي ٽولي غيرمعمولي طور تي ان ڳالهہ جو خيال رکيو تہ اِهو "ماسٽر پلان" اِهو

پنجابين جو ”Mien kampf“ گهڻو واڪو نہ ٿئي. انڪري آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ان تي بحث جي اجازت نہ ڏني وئي.

چوڌري محمد عليءَ انهيءَ دستاويز جي هئڻ کان انڪار ناهي ڪيو بلڪ هُن تہ اتر اولهہ سرحدي صوبي جي وڏي وزير عبدالرشيد کي ان جي ڪجهہ صفحن کان واقف ڪرڻ جو اعتراض ڪيو آهي. هيٺ اِهو دستاويز مڪمل صورت ۾ پيش ٿو ڪريان (نمبر 25):

ون يونٽ لاءِ ماسٽر پلان:

هڪ انتهائي اهم پنجابي سياستدان طرفان ون يونٽ واسطي موقف

1 – پاڪستان جي قيام پويان اهم تحرڪ اسلامي نظرئي جي ايڪتا ۽ يڪجهتي هو جنهن مسلمانن کي اڻ ٽٽ انداز ۾ متحد ٿي ڪيو ۽ کين قبائلي، مقامي يا تنگ نظر مفادن جي نيچ پڻي کان متاهون ٿي، آدرش ۽ تصور جي هڪ گڏيل ايڪتا ۾ ڳنڍڻ لاءِ ٿي ڪم ڪيو. پاڪستان واسين جي ڏار ٿيڻ سبب سندن ايڪتا هئي، چاڪاڻ جو هو هڪ هئا. (جيڪڏهن هو هڪ ناهن تہ پوءِ ورهاڱي وارو عمل بي جواز آهي) پر اسان جي اصل وجود جي حالتن ۾ ستن سالن جي تجربي دوران پرايو اٿئون تہ اسان ڏڦيڙ جي ہي انتها جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ ان کي بنان ڪنهن چڪاسڻ ۽ روڪڻ ڪانسواءِ پورا پورا ڪرڻ نٿو ڏئي سگهجي. انهيءَ لاڙي اسان جي عوام جي حوصلي، اعتقاد ۽ مستقل مزاجيءَ تي اڳئي هاڃيڪار اثر وجهي ڇڏيا آهن ۽ ان آئيندي حڪومت جي انداز جي جوڙجڪ جو رستو اختيار ڪرڻ ۾ ئي رڪاوٽون وجهي ڇڏيون آهن. اِهو قومي هاڃي جو مامرو آهي، چاڪاڻ جو مذهبي روايتون ۽ نظريو پنهنجي جاءِ تي پر اسان جي صورتحال، معاشي بدحالي، اڻ ترقي يافتا هئڻ، هڪ سگهاري دشمن طرفان مستقل خطري جي حقيقتن جي آڏو ايڪتا نہ رڳو ڏورانهين ۽ گهربل آدرش طور ئي نہ پر اسان جي وجود جي گهٽ کان گهٽ تحفظ لاءِ بہ ضروري آهي. انڪري اسلام ۽ قومپرستي، ايمان ۽ حب الوطني اسان جي مامري ۾ هڪ ئي ڏسا جا سونهان آهن. (اسان جي حيثيت جي ناخوشگوارين تي زور ڏيڻ واسطي انڊيا سان پيٽ ڪئي وئي آهي، جنهن نظرئي ۽ حقيقتن ٻنهي مان حاصل ٿيندڙ گهڻ

تنوع ۽ ڏار مان پرائيندي، ايڪتا ڏانهن پير پريا آهن. جڏهن تہ اسين ايڪتا کان ڏڦيڙ ڏانهن وڌيا آهيون) جيڪڏهن ابتريءَ تي قابو پاڻو آهي تہ پوءِ پاڪستان کي ايڪتا تي هڪ خاص نظرياتي زور پرڻ ڏانهن وڌڻو پوندو. پاڪستان جي اُپرندي ۽ اُلهندي ڀاڱن وچ ۾ اثرائتي ۽ لايائتي ايڪتا، جاگرافيائي ۽ انتظامي سببن ڪري ناممڪن حاصلات آهي. انهيءَ بنيادي ڪمزوريءَ تي ٻنهي ڀاڱن وچ ۾ مڪمل اثرائتي ايڪتا حاصل ڪري ئي قابو پائي سگهجي ٿو. پاڪستان لاءِ ڀاڱ پرو آهي تہ اِهو ڪجهہ اپرندي ڀاڱي ۾ اڳئي حاصل ڪيو ويو آهي. سلهٽ، چٽا گانگ جا جابلو علائقا تاريخي طور تي اوپر بنگال کان ڌار پئي رهيا آهن پر ننڍڙن مفادن کان متاهون ٿيندي ۽ حالت جي جوکم جو درست اندازو ڪندي، انهن الحاق ڪري ورتو آهي. اُلهندي ڀاڱي کي پڻ اپرندي ڀاڱي جي انهيءَ مثال جي پوئواري ڪندي هنن وانگر ون يونٽ ٿيڻ گهرجي.

"2 – پاڪستان جي اوپر ۽ اولهہ ۾ ورهاست پاڪستاني مدبرائپ واسطي انتهائي ڳنڀيرتا وارو مسئلو ٿو پئدا ڪري. هڪ وسيع جاگرافيائي فاصلي جنهن وچ ۾ ويريءَ جو ڪنٽرول هجي، ۾ موجود ڏکيائيون، ٻوليءَ ۾ فرق، معاشي وسيلن جي ورهاست جي اُبتڙ ڏس ۾ وڌندڙ آبادي (هت ضروري انگن اکرن جو هئڻ ضروري هوندو) انتظامي ۽ معاشي مسئلن ۾ فرق ۽ سندن مطالبي جو ٻنهہ مختلف اظهار ڳنڀير ۽ حقيقي مسئلا ٿا پئدا ڪن. جيڪي شڪ واري ماحول لاءِ چاروٽا بڻجن. ان هوندي بہ اهو ڪنهن بحث مباحثي جو محتاج ناهي تہ جيڪڏهن اوپر ۽ اولهہ ڀاڱن کي برقرار رهڻو آهي تہ انهن کي گڏجڻو پوندو ۽ پنهنجي انيڪ ۽ گڏيل مفادن ۾ برابري وارو حلف پنهنجائپ جو اعليٰ معيار پئدا ڪرڻو پوندو. انهي عمومي دعوا جو حقيقي حصول ڪيترو ڏکيو آهي، سو گذريل ٽن سالن جي آئيني گهوٽالن مان واضح آهي، جنهن اسان جي ملڪ ۾ جمهوريت جي عمل کي ئي ڏوڏي چڏيو آهي. سمورن تعلقن جي بنياد ۾ هڪ ڀاڱي هٿان ٻئي تي بالادستي جي ڊپ جو شڪ پئي رهيو آهي. جيستائين بالادستيءَ جي اهڙن خطرن کي دفن نٿو ڪيو وڃي، جيستائين هڪ هٿان ٻئي جي استحصال جي امڪانن کي نٿو ميسارجي، جيستائين تعلق هڪٻئي تي آڌاريل نٿو بڻجي، ڳالهيون ۽ مذاڪرات، ٺهڪاءَ جا سمورا اُپ ڏاريندڙ بيان عليحدگيءَ ڏانهن لاڙي کي ئي

هئي ڏيندا. انهن شڪن ۽ خطرن کي ميسارڻ جو فقط هڪ ئي دڳ آهي، تہ اولهہ ۽ اوڀر ٻئي هڪجيترا سگهارا هجن. هو هڪجيترا پائيوار هجن. ٻئي جي استحصال ۾ روڪ واسطي ڪنهن وٽ بہ ڪي وهنوار نہ هجن. انڪري اولهہ پاڪستان ۾ هر صورت ۾ ون يونٽ هئڻ گهرجي، جيڪو اوڀر پاڪستان جي ون يونٽ جي سهڪار ۽ هڪٻئي تي انحصار سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهي ٿو. آئيني ڏقيڙ جو ڪو ٻيو حل ممڪن ناهي. ان ڪانسواءِ ڪوبہ طريقو لاپائتي جمهوريت جي راهہ هموار نٿو ڪري سگهي.

"3 – اولهہ جي انتظامي ايڪتا ئي بنيادي ايڪتائين کي پيدا ڪري، اظهار ڪري ۽ ادارتي شڪل ڏئي سگهي ٿي.

"(a) وسيع تناظر ۾ بنيادي حقيقت طور پاڪستان جا اُلهندا صوبا ثقافتي طور تي هڪ آهن. اسلام ذريعي مليل امارت ۽ ڳانڍاپي، پراڻي ايڪتا واري انداز تاريخ جي ساڳين مرحلن ذريعي وهنوارڪ هئڻ جي صورت ۾ سنواريل ذريعي گهڻ هڪجهڙي معروضي حالتن، ساڳي نسلي بڻ بنياد سان تعلق هڪجهڙي ثقافتي اثرن جي تابع، هڪجهڙن دٻائن ۽ خطرن جي جوکم ۾ هوندي، اولهہ جي بيهڪ ٻاهرين ڍانچي کان وڌيڪ پنهنجي بنياد ۾ هڪجهڙائي رکندڙ آهي. اِهو اوڏي مهل بنهہ واضح ٿيو وڃي، جڏهن اولهہ پاڪستان جي ماڻهن کي هڪٻئي سان گڏجندي ٿو ڏسجي، پوءِ ڀل ڪو انجي اوڀر کان اولهہ وڃي يا ڏکڻ يا اُتر. معمولي نوعيت جا فرق موجود صوبن تائين محدود ناهن، ۽ ڀل انتظامي حدبنديون ڪجهہ بہ هجن، هزاره واسي راولپنڊي ڊويزن وارن جي ويجهو آهن. ميانوالي ۽ ڊيرا غازي خان جا رهواسي پنهنجي اُپرندي پاڙيسرين جي ڀيٽ ۾ پنهنجي اولهہ وارن پاڙيسرين جهڙا آهن، بهاولپور ۽ ملتان ذري گهٽ هڪ آهن ۽ گجرات ۽ گوجرانوالا کان واضح طور تي تفاوت رکندڙ آهن. خانپور ۾ سنڌ جو ثقافتي انداز ٿو پروڙجي، جهڙي ريت بلوچستان جي وڏي حصي ۾ ٿو نظر اچي، جنهن جو اڌ حصو پٺاڻن تي ٻڌل آهي. اهڙا فرق لازمي طور تي هر ملڪ ۾ ٿين ٿا ۽ اولهہ پاڪستان کان وڌيڪ واضح تہ برطانيا ۽ فرانس، سوئيزرليند ۽ اِٽليءَ ۾ ڏسي سگهجن ٿا پر اسان جي خطن ڪو بہ اهڙو فرق ڪنهن ڏار قوميت جو پيش خيمو نٿو ليکجي. ٻولين ۾ يقيني طور فرق آهي اِهو بہ رڳو پاڪستان جو ئي مامرو ناهي دنيا جو ڪوبہ اڪائين واري طرز حڪومت وارو ملڪ ان

کان وانجهيل ناهي. (انگلينڊ، فرانس ۽ اٽلي ان ڏس ۾ اهم مثال آهن) ايستائين جو ٻوليءَ واري معاملي ۾ ٻه حدبنديون ڪنهن به ريت ثقافتي انداز جو مظهر ناهن ۽ جيڪڏهن صوبي کي ٻوليءَ جي بنياد تي ٺاهيو وڃي ته پوءِ اولهه پاڪستان جي لڳ ڀڳ سمورن ضلعن کي صوبو بڻائڻو پوندو. جيتوڻيڪ ٻوليوار صفت اهم ۽ ضروري آهي پر انکي انتظامي حوالن سان پڻ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ماضيءَ ۾ ٻه ٻيا عنصر فيصلي ڪُن مامرن ۾ اثرانداز ٿيندا رهيا آهن. هر ٻوليوار خطي کي پوءِ ڀل اِهو هاڻوڪي ڪنهن انتظامي حدبنديءَ سا ڪو تعلق رکندو هجي يا نه، پنهنجي مخصوص ٻولي ۽ ثقافت کي ترقي ڏيڻ ۽ محفوظ رکڻ جو مڪمل حق، تحفظ ۽ خودمختياري هئڻ گهرجي.

"(b) اجائين وڏيڪ طور اولهه پاڪستان معاشي طور تي هڪ يونٽ آهي. اولهندي صوبي ۾ هر هنڌ ترقيءَ جا انداز گهرجون، وسيلا ۽ مطالبا، اتان جي رهواسين جي روزگار جو انداز مختلف طبقن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ هڪجهڙو آهي. انڪانسواءِ اِهو زرعي معشيت وارو خطو آهي، جنهن کي ساڳي دريا مان ريج ٿو ملي، ساڳيا فصل ٿو اُپائي، جيڪي ساڳين منڊين ۾ ٿا وڃن ۽ مستقبل ۾ صنعتي ترقيءَ جو ساڳيو انداز حاصل ٿيڻ ان لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو بشرطيڪ انکي گڏيل لاڀ مان وڌ کان وڌ فائدو پرائڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي. چاڪاڻ جو معدني ۽ آبي وسيلا هڪ هنڌ آهن ته انهن مان لاڀ پرائيندڙ ٻئي هنڌ. هتان جو آمدرفتي سرشتو ساڳي گڏيل بندرگاهه تي اچي پڄاڻي تي ٿو رسي هر هنڌ اسان جي معيشت ساڳيا مقامي مسئلا ٿي پيش ڪري جيڪي فقط ان صورت ۾ ئي حل ٿي سگهندا جڏهن انهن کي سڄي خطي جي مجموعي مفاد ۾ نبيريو ويندو. سرحد جا بجليءَ وارا وسيلا هر صورت ۾ پنجاب جي صنعت کي هٿي ڏين. پنجاب جو نالي جو ارتڪار هر صورت ۾ بلوچستان ۽ قبائلي علائقن ۾ ترقيءَ ذريعي خوشحاليءَ جا دروازا کولي، سنڌ ۽ بهاولپور جا وسيلا اُتر جي جنگجوئن کي سنڀالڻ ڪتب آندا وڃن. رڪاوٽن ۽ اختلافن جي باوجود اِهو ڪجهه هن مهل به ٿي رهيو آهي، پر ان جي بي روڪ ٽوڪ عملي صورت فقط هڪ ۽ واحد انتظامي يونٽ ئي آڻي سگهي ٿو.

"4 – هن مهل قائم صوبا ڪيترن ئي مامرن ۾ انتهائي اڻ برابريءَ، وارن وسيلن ڀريا آهن. جيڪي اهل انتظاميا، وڏ ڪان وڏ ترقي ماڻڻ ۽ ست /وسيلن جي مڪمل استعمال جي راهہ ٽا ڪوٺي ڪن. (هت اسان ڪي مالي صورتحال ۽ وسيلن جي ٿيندڙ استعمال جا انگ اڪر ڏيڻ گهرجن) جيڪڏهن ٻئي متبادل طور اسين وڏيڪ خودمختياريءَ ذريعي صوبائي عليحدگيءَ ڏانهن وياسين، تہ اسين صوبن ڪي مقروض حيثيتن ڏانهن ڌڪڻ جا مرتڪب ٿينداسين، جنهن جو نتيجو سياسي مايوسي، حسد ۽ دشمنيءَ جي صورت ۾ نظر ندو ۽اِهو وسيلن جي بدحالي ۽ ترقيءَ جي رڪاوٽ جو پيش خيمو ثابت ٿيندو.

"ون يونٽ جو انتهائي واضح لاڀ غريب صوبن کي ٿيندو. هن وقت اهي محتاجي ۽ نتيجي طور بنيادي سياسي اطاعت جو شڪار آهن. ون يونٽ ۾ سندن مطالبا سندن حق طور ليکيا ويندا ۽ سڄي خطي جي دولت ۽ وسيلن تي سندن بہ ٻين جيترو ئي حق ۽ حصو هوندو. آهستي آهستي اِهي فرق وقت گذرڻ سان ميسارجي ويندا. جهڙي ريت اسان جي اکين آڏو پنجاب جي ضلعن ۾ ٿي رهيو آهي. بهرصورت، شروعات ڪان ئي، لاڀائتي خدمتن جي ورهاست لازمي طور تي هڪ عمومي انداز واري هئڻ گهرجي، تہ جيئن غريب خطن کي وڏي پئماني تي اڳتي وڌڻ جو موقعو ملي سگهي.

"ساڳي نوعيت جو لاڀ انهن گهٽ ترقي يافتا علائقن کي پڻ ٿيندو جن کي جيڪڏهن سندن پنهنجي حال تي ڇڏيو ويو تہ شايد پنهنجي وسيلن جو ڀرپور استعمال نہ ڪري سگهن. شاهوڪار علائقن جا هاڻوڪا اضافي وسيلا فطري طور تي غريب علائقن جي مستقبل وارن وسيلن جي واڌ ويجهہ لاءِ ڪتب آندا ويندا، جيڪو ون يونٽ واري حڪومت ۾ هڪ خود ڪار عمل هوندو. ان ريت ون يونٽ جا معاشي سبب شاندار آهن.

"اِهو ڄاڻڻ لاءِ ڪا گهڻي محنت درڪار ناهي تہ پاڪستان هن مهل هڪ انتهائي غريب ملڪ آهي. ان هوندي بہ اسان جو هاڻوڪو انتظامي سرشتو ڪثير اڪائيون ۽ حڪومتن جا ادارا ۽ اسيمبليون ۽ سرڪاري عهدا دنيا جي انتهائي گهڻي خرچ ڪندڙن مان هڪ آهن. اسان جي پاليسين جو اولين مقصد پنهنجي وسيلن جي زيان کي روڪڻ ۽ سمورا وسيلا وڏ ڪان وڏ لاڀ لاءِ ڪتب آڻڻ هئڻ گهرجي. اسان کي اهو ادراڪ

ڪرڻ گهرجي تہ سڄي دنيا ۾ اولھہ پاڪستان جھڙا وڏا خطا ون يونٽ واري حڪومتن تحت آهن ۽ ورهاڱي کان اڳ واري هندستان ۾ انڪان وڌيڪ عددي آباديءَ وارو خطو پنجاب جي هڪ واحد صوبي ۾ شامل هو (ون يونٽ ذريعي ٿيندڙ بچت جا گوشوارا سامهون اچڻ گهرجن).

"5 – ون يونٽ جا سياسي، قومي ۽ نظرياتي لاڀ واضح آهن."

"(a) ان ذريعي ايڪتا جي اُنهيءَ جذبي کي اسين ٻيهر ماڻيون ٿا، جيڪو اسين ورهاڱي کانپوءِ وڃائي ويٺا آهيون.

"(b) اِهو سياسي قيادت ۾ هڪ جوڳي بهتري هوندو ان سان ڇسي سازشن، معمولي مفادن ۽ هڪبئي جون، تنگون ڇڪڻ کي منهن ڏئي سگهبو جنهن هر صوبي ۾ سياست کي ضلعي بورڊ جي سطح تي آڻي ڇڏيو آهي. هڪ اهڙي ملڪ ۾ جيڪو اجان تائين حڪومت هلائڻ جي جوڳي فن ۾ مناسب طور تي تربيت پرايل ناهي اِهو مناسب عمل ٿيندو تہ غير معمولي نوعيت جي صلاحيتن مان لاڀ پرائڻ واسطي انهن کي هر هنڌ استعمال جوڳو بڻائجي نہ ڪي انهن کي ڪنهن ميونسپلٽيءَ جي حدن تائين محدود ڪري ڇڏجي.

"(c) هڪ وڏي ڪينوس تي سياست هڪ اجائين وڏي تصور جي سونهون بڻبي. ننڍا يونٽ مقامي ڏاڍ جو موجب ٿا بڻجن. هاري، پورهيت ۽ ڪمي عذاب ٿا سهن. پر ون يونٽ حڪومت ۾، سڀ کان گهٽ ترقي يافتا خطي جي حالت سڌارن ذريعي فوري طور تي انتهائي ترقي يافتا خطي جهڙي ٿي سگهي ٿي ۽ ترقيءَ جون قوتون وڌيڪ آزاديءَ سان عمل ڪنديون. ڏٽڙيل ۽ محروم ماڻهن لاءِ ون يونٽ هڪ تڪڙي اُميد ٿو پيش ڪري.

"6 – اِهو بحث ڪري پيو سگهجي تہ اسانجي هاڻوڪي صورتحال جي پيش نظر ون يونٽ نہ رڳو مثالي آهي پر اِهو ئي اڳتي وڌڻ جو واحد رستو آهي. بنگال اڳئي مڪمل صوبائي خودمختياريءَ جو اعلان ڪري چڪو آهي جنهن ۾ مرڪز کي ٽن ڪاتن تائين محدود ڪيو ويو آهي، سمورا اهڃاڻ ڄاڻائين ٿا تہ بنگال طرفان انهيءَ فيصلي تان دستبرداري عملي سياست کان مٿڀري آهي. نتيجي طور، باقي ڪاتا بشمول سمورا ترقياتي سمورا سماجي ۽ معاشي وهنوار، حڪومت جا سمورا ادارا جن سان عام ماڻهو جو واسطو ٿو

پوي صوبن جي حوالي ٿي ويندا. مامرن جي عملي صورت کي مدنظر رکندي چئي سگهجي ٿو ته ننڍا صوبا انهن نين ذميوارين کي عملي طور تي نڀائڻ کان قاصر هوندا، جيڪي کين ملي سگهن ٿيون. اڪيلي سر پنجاب، سنڌ ۽ سرحد صوبي جهڙا يونٽ پڻ اهڙي صوبائي خود مختياري کي ڏڦيڙ، زيان ۽ بدانتظاميءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا. اهڙي خودمختياريءَ کي ون يونٽ حڪومت جي سگهه، استحڪام ۽ وسيلن ذريعي ئي ماٺي سگهجي ٿو.

"زونل فيڊريشن وارو حل خيالي آهي. اِهو هاڻوڪي صورت کان به وڌيڪ زيان پريو آهي. اِهو آئيني مسئلي جي بنيادي ڏڦيڙ جو ڪو حل نٿو ڄاڻائي. اِهو مٿين نڪتي جي سچي دليل جو ڪو جواب نٿو ڏئي (زونل فيڊريشن خلاف دليل بابت تفصيلي طور هڪ ڌار يونٽ جي ضرورت آهي).

"7 -- ننڍا صوبا ڪٽڪي پريا آهن، ڇاڪاڻ جو اختيارن/اقتدار ۾ سندن اثرائتو حصو گهٽجي ويندو. هر خطي لاءِ گهٽ وزارتون، گهٽ سرڪاري عهدا هوندا. اِهو درست آهي، پر اِهو عوام جي وسيع اڪثريت کي متاثر نه ڪندو ۽ هُنن لاءِ اهو شايد انتهائي مطمئن ڪندڙ وهنوار هوندو.

"اصل حقيقت ۾، ون يونٽ اولهه پاڪستان واسين لاءِ هاڻوڪي سرشتي جي پيٽ ۾ وڌيڪ اثرائتن اختيارن جو سبب بڻبو. هاڻوڪي صورت اِها آهي ته سمورا حقيقي اختيار مرڪزي حڪومت وٽ آهن جنهن ۾ بنگال جو پڻ حصو آهي. پر ون يونٽ اسڪيم، حقيقي اختيار اولهه پاڪستان ۽ اوپر پاڪستان وارن ٻن يونٽن ڏانهن منتقل ٿيندا، جنهن ۾ هر هڪ اثرائتو اختيار بيان ڪنهن روڪ جي مڪمل طور تي اولهندي پاڱي ڏانهن ويندو ان ريت ننڍا يونٽ اُهو وڏو حصو ماٺي سگهندا، جيڪو ڪنهن به ٻئي سرشتي ۾ سندن رسائي ۾ نٿو ٿي سگهي. ون يونٽ واري قانون ساز اداري ۾ سندن مناسب نمائندگي پاڪستان جي ڪنهن به قانون ساز اداري کان جوڳي حد تائين وڌي هوندي به معاشي ڪيتر ۾، خاص طور تي غريبن ۽ گهٽ ترقي يافتائن جي حيثيت وڌيڪ مناسب هوندي. هن مهل، بنگال کي مرڪزي خرچ ۾ سندس حصي کان وڌيڪ حصو ٿو ملي. وفاق کي ٻن يونٽن جي خودمختياريءَ ۾ آڻڻ سان اهو بار وڏي حد تائين گهٽجي ويندو ۽ بچتن جو وڏو حصو اولهه پاڪستان جي ننڍين يونٽن جي ترقي ۽ بهتريءَ لاءِ ميسر هوندو.

"ننڍين يونٽن جي مڪمل اطمينان جي خاطري ۾ ڪنهن بہ جوڳي خطي جي نظرانداز ٿيڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ، منهنجي خيال ۾ سوئيزرلينڊ واري حڪومت جي سرشتي جو اپياس ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ آئيني شقن تحت سمورن مرڪزي صوبن کي حصيداري حاصل آهي.

"B – ون يونٽ لاءِ سياسي مهم

"1 – جيڪڏهن ون يونٽ منصوبي کي ان جي لاڳو ڪندڙ حڪومت ڪانپوءِ بہ برقرار رکڻو آهي تہ پوءِ انکي هر صورت ۾ ماڻهن جي رضاڪاراڻي حمايت تي بدّل هئڻ گهرجي. اهو فقط هڪ سياسي مُهم ذريعي ئي ممڪن آهي. جنهن جو هدف دلين کي مائل ڪرڻ ذهنن کي مطمئن ڪرڻ ۽ عوام جو جوش ۽ جذبو اُڀارڻ هوندو. مونکي يقين آهي تہ جيڪڏهن ان کي درست طريقي سان منظم ڪيو ويو تہ انکي حاصل ڪري سگهجي ٿو چاڪاڻ جو آءُ سمجهان ٿو تہ هيٺيان تصور درست حقيقت تي بدّل آهن:

"a، ون يونٽ جو منصوبو اولهہ پاڪستان جي هر حصي خاص طور تي ننڍين يونٽن لاءِ انتهائي لاڀائتو آهي.

"(b) عام ماڻهن ۾ ان جي ڪا مخالفت ناهي.

"(c) جيڪڏهن عام شهرين کي مناسب طريقي سان چاڻ ڏني وڃي تہ هو ايترا ذهين ۽ ادراڪ رکندڙ ضرور آهن، جو ڏڦيڙين جي ننڍين مفادن رکندڙ ٽولي جي ننڍي گروهہ بندي ۾ معمولي نوعيت جي خود غرضين کي پلي پت سمجهي ويندا.

"2 – انڪري اسان کي صورتحال جو هڪ حقيقي ادراڪ ڪرڻ گهرجي. اسان کي هڪ ڳنڀير گهوٽالي کي غيرروائتي طريقن سان حل ڪرڻ ڪان شروعات ڪرڻ گهرجي. اسان کي هڪ سياسي اداري ڪانسواءِ عمل ڪرڻو پوندو. وقت انتهائي اَملهہ آهي ۽ وقت انتهائي گهٽ آهي اسانکي تجربيڪار ڏڦيڙين جي مچيل صلاحيتن کي منهن ڏيڻو آهي.

"انڪري هاڻوڪي تناظر جي اولين اهميت/ضرورت اِها آهي تہ اسانکي پنهنجي سياسي مهم شروع ڪرڻ کان اڳ ميدان صاف ڪرڻ گهرجي 'ٻين لفظن ۾' اسانکي سموري مخالفت کي خاموش ۽ بي عمل بنائڻ

گهرجي، جنهن متعلق اسين عمومي طور تي متفق آهيون تہ اِها شيطان جي اُتساهيل آهي. اسان کي پنهنجو آواز ٻڌو وڃڻ جو موقعو پيدا ڪرڻ لاءِ اختيارن جي مڪمل ۽ جوڳي هئڻ جو لاپ پرائڻ گهرجي. اِهو چتاءُ ڏيڻ چاهيندس تہ منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن اسان مخالفن کي هڪ عرصي تائين خاموش ڪرائڻ دوران پنهنجو آواز بلند نہ ڪيو تہ پوءِ اسين سُر پاڻن ۾ بہ پنهنجو آواز جهيڙو ڪري وڃائي ويهنداسين. (منهنجي خيال ۾ اسين پنهنجي تاريخ جي فقط ٻن مرحلن تي ئي ون يونٽ حاصل ڪري پئي سگهياسين (a) پاڪستان قائم ٿيڻ وارن اسان جي شروعاتي جوش خروش وارن ڏينهن دوران، جڏهن جدوجهد اسان جي ايڪتا ۽ يڪجهتيءَ کي مثاهون ٻڌايو هو ۽ قائد جي قيادت هيٺ سمورن معمولي افواهن تي ايمان حاوي هو هاڻ، جڏهن جوش خروش پنهنجي انتهائي هيٺانهين سطح تي آهي، جڏهن تجربي پويان تجربا ناڪام ٿي چڪا آهن، جڏهن هڪ تلخ مايوسي اسان جي عوام تي ڇانيل آهي ۽ جڏهن هو بي واهرو ۽ اتاولو ٻڻجي فرمان قبولڻ لاءِ تيار آهي ۽ ڪين جيڏانهن چاهي هلايو بس شرط اِهو آهي تہ مضبوطيءَ سان سندن قيادت ڪريو جيڪڏهن هينئر ان ۾ ناڪام رهيا تہ پوءِ مونکي ڊپ آهي تہ سدائين ناڪام رهندو).

"آءٌ غير مستقل مزاجيءَ واري الزام جو مخالف آهيان. آءٌ ٺوس ريت سمجهان ٿو تہ ون يونٽ رضامندي/ يڪراءِ سان ئي حاصل ڪري ۽ برقرار رکي سگهجي ٿو پيو تہ منهنجي گهُر آهي تہ مخالفت کي سانت ڪيو وڃي اهي ٻئي هڪٻئي جي اُبتڙ ناهن. اولا، اسان کي پنهنجي ڳالهہ ميرائڻ لاءِ طاقت ذريعي اڳتي وڌڻ گهرجي. پر اسان جي موقف ڄاڻڻ کانپوءِ، اسان کي ماڻهن جي آزاداڻي منظوريءَ ذريعي جاچيو برقرار رکيو يا رد ڪيو وڃي. ان بابت ڪو شڪ نہ اٿم تہ هڪ شاندار ۽ منصفاڻو مقصد ئي سوڀارو ٿيندو.

"3– اسان جي سياسي مهم لازمي طور تي، ان جي رٿابندي ۽ شروعات ۾ خبرداريءَ سان منظم ڪيل ۽ مڪمل طور تي باقيادت هئڻ گهرجي. اڄ کان شروعات ڪندي، اسانکي ان واسطي هڪ انتهائي منظم، ڳتيل هدف رکندڙ تنظيم فراهم ڪرڻ گهرجي. آءٌ هڪ عملي پارٽي، هڪ عمل بابت ڪميٽي، هڪ حڪمت عمليءَ جي هيڊ ڪوارٽر جي تجويز ڏيندس، جنهن

ڪي جوڳو اختيار ڳھڻ رکي صلاحيت ۽ سموري صوبائي قيادت جي مڪمل اثرائتي قيادت حاصل هئڻ گهرجي. نظرئي کي روپ ڏيڻ، مهم جي رهنمائي ڪرڻ، سياسي ڪاوش جي سمورن پهلوئن کي ربط ۾ ڳانڍاپو ڏيڻ واسطي اِها حتمي اختياري هئڻ گهرجي.

"4 – مهم جو پهريون مرحلو صوبائي اسيمبلين، صوبائي ليگن وغيره ذريعي بحال ڪيل ٺهرائن ذريعي سمورن صوبن ۾ عوام جي هاٺوڪن عيوضين جي پٺڀرائي حاصل ڪرڻ آهي. انکي پارلياماني پهلو پڻ چئي سگهون ٿا.

"ان واسطي فقط هڪ اَمر درڪار آهي. هر صوبي ۾ پنهنجي قيادت چونڊيو ۽ کين مضبوطيءَ سان سندن عهدن تي لڳايو. کين پنهنجو مڪمل اعتماد ڏيو. کين پنهنجي مڪمل ۽ بي حساب حمايت جي خاطري ڪرايو. کين هر صورتحال جي ضرورتن ۾ گهرجن جو ڪاٿو لڳائڻ ڏيو. سندن سياسي انتظام ڪاريءَ ۾ پنهنجي مداخلت ذريعي کين بد دل يا مونجهاري جو شڪار نہ ڪريو. جيڪو عمل منجهن ڪنهن ڳجهي سازش جو شڪ پئدا ڪندو. اوهان کين هڪ ڏکيو ڪم سونپيو آهي، جنهن ۾ هو تباهہ بہ ٿي سگهن ٿا. گوٺناٺ ڪرڻ، هٻڪڻ، پوئتي نهارڻ غداريءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو.

(هڪ رهنمائي ضروري آهي. اسيمبلين ۾ بحال ٿيندڙ ٺهراءُ سندن صلاح مشوري سان تيار ڪريو. خيرپور طرفان پئدا ڪيل گڙٻڙ مد نظر رکڻ گهرجي).

"اِهو ڪم پورو ڪرڻ لاءِ هڪ ميعاد مقرر ڪرڻ گهرجي.

"5 – مهم جو ٻيو حصو يعني عوامي تشهير جديد انداز ۾ هئڻ گهرجي جوڳي تائيد حاصل ڪرڻ يا تحرڪ حاصل ڪرڻ لاءِ جوڳو وقت گهربل هوندو پر جيڪڏهن (a) قانون ساز اسيمبلين جي چونڊيل عيوضين جي رضامندي حال ٿيل هجي، ۽ (b) ڪنهن بہ ذهن ۾ ڪو شڪ باقي نہ رهيل هجي تہ ڏڦيڙين کي ڪنهن کي بہ هر ڪائڻ واري عمل ۾ رخنو وجهڻ ڏنو ويندو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انهيءَ منصوبي جو بنيادي منطق ۾ اهليت مڪمل ۾

پرجوش حتمي حمايت حاصل ڪري وٺندا. ”حتمي“ کي هفتن ۽ مهينن جي تناظر ۾ سمجهڻ گهرجي.

”مهم جي خود ڪار تنظيم ڪاري ماهر انتظاميا جي گهرجائو آهي، ۽ ڪين ڪم جي هر درجي جي انچارج ماهر سب ڪميٽيءَ ذريعي ڪم ڪندڙ ورڪ پارٽيءَ جي اعتماد مائل هئڻ گهرجي، ڪم جا اهم درجا هيٺين ريت آهن:

”(a) اهم شخصيتن جا بيان آهستي آهستي تحرڪ حاصل ڪرڻ کي مدنظر رکندي.

”(b)هڪ ربط پري اخباري مهم، جيڪا نظرياتي طور تي ڪنٽرول هيٺ هجي ۽ جيڪا تحريڪ جي درجي وار پهلوئن تي ساڳي ريت زور پري.

”(c) پمفليٽ ۽ مقالا

”(d) هيٺ ڄاڻايل خاص گروپن بابت خاص حوالي سان تيار ڪيل جوڳو سياسي ڪم.

”(i) ساڄاهہ وند جهڙوڪ: وڪيل، پروفيسر، ڊاڪٽر وغيره. (ii) ڏتڙيل جهڙوڪ: پورهيت، هاري ننڍا مالڪ. منهنجي خيالي موجب، اسان لاءِ سنڌن حمايت سگهاري ۽ انتهائي لاياڻتي هوندي، انهيءَ حمائت کي هاڻوڪي حڪومت (بشمول صوبائي) طرفان ترقي ڏانهن تڪڙن ۽ مناسب قدمن خاص طور تي زرعي سڌارن ۽ اڳهن کي جوڳي سطح تائين گهٽائڻ واري مهم سان سلهاڙيل هئڻ گهرجي، جنهن ذريعي ان ڳالهہ تي بہ زور ايندو تہ ون يونٽ جي حمايتي قيادت انصاف ۽ ترقي چاهيندڙ قيادت پڻ آهي. پين وانگر هيءَ معاملو بہ سنڌ کان شروع ڪري سگهجي ٿو.

”(iii) مُلن کي بہ انتهائي احتياط رکندي استعمال ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي بحاليءَ حاصل ڪرڻ وارين بدزبان مهمن ۽ بعد ۾ پين جا پليٽفارم پنهنجي مقصدن واسطي استعمال ڪرڻ جا ماهر آهن. جيڪڏهن هنن کي شامل ڪيو بہ وڃي، تڏهن بہ هيٺين سطح وارن کي چونڊيندي اهم مولوين کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

”(e) سڄي ملڪ ۾ عوامي اجتماعن ذريعي، عوام سان سڌو سنئون رابطو جنهن کي مناسب ريت پڙهايل ماڻهو ئي خطاب ڪن. جيئن تہ جلسا

اسان جي سياست جو روايتي هٿيار آهن. انڪري اِهي اسان جي مهم جي پڄاڻي تي ٿيڻ گهرجن ۽ انهن لاءِ انتهائي اورچائي سان ڪيل انتظام گهربل هوندو.

"پنجاب جي ڪردار بابت حتمي ته اکر. هن مهل اسان کي پنجاب ۾ گهٽي گوڙ گهمسان جي ضرورت ناهي. اِهو باقي ماڻهن کي خبردار ۽ شڪ جو شڪار ئي ڪندو. درحقيقت اسان جي اڳواڻن کي بيان جاري ڪرڻ يا پنهنجي سر ڏر ٿيڻ ۾ انتهائي محتاط هئڻ گهرجي، پر ته شيون هر صورت ذهن ۾ رکڻ گهرجن. (a) اسان جا بهترين ۽ انتهائي پرجوش سياسي ڪارڪن پنجاب ۾ آهن. ڪين منظم ڪرڻ، ضرورت پٽاندر استعمال ڪرڻ لاءِ تيار رکڻ گهرجي. (b) ان کي موقف جي وايو منڊل کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪرڻ سان سلهاڙيل نه هئڻ گهرجي. اِهو هر صورت ادراڪ ڪرڻ گهرجي ته وقت پورڻ تي پنجاب کي ڪيتريون ئي رضا ڪاراڻيون رعائتون ڏيڻيون پونديون، جيڪي آءُ نٿو سمجهان ته سولائي سان ممڪن هوندو. ساڳي وقت، سموري حقيقي ڏقيڙي قيادت جيڪا بلاشڪ سمورن ٻين صوبن ۾ مخالفت پئدا ۽ برقرار رکڻ جي سازش ڪندي، جي مرڪزي ۽ اُتساهيل قوت جو هيڊ ڪوارٽر پڻ پنجاب ۾ آهي. انڪري پنجاب جي قيادت وٽ يڪجهتي ۽ اهليت وارو ادا ڪندڙ ڪردار هئڻ گهرجي، جيڪو وقت اچڻ تي ادا ڪري ۽ هاڻ کان انکي موقف جي وايو منڊل تي پنهنجي سگهاري گرفت رکڻ گهرجي.

(اهم: پنجاب ۾ بحال ٿيندڙ سمورا ٺهراءُ ڪراچيءَ ۾ تيار ڪيا ويجن).

"c– ون يونٽ تي اعتراض:

I – صوبائي حڪومت جو انداز اسان جي سياسي شعور ۾ پهچي ويل آهي. اهو انداز بدلائڻ يا ختم ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش انتهائي سخت مخالفت جو سبب بڻبي، خاص طور تي پنجاب کي ڇڏي، باقي سمورن صوبن ۾ اسان کي پنجاب طرفان چاڻنجي ويڄڻ وارن ننڍن يونٽن جي ڏبڻ ۽ شرطن ۽ پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ يا غير واجبي اختيار/ اقتدار برقرار رکڻ لاءِ ننڍن شهرن جي سياست واري بناوٽ جي رٿابندي ڪندڙ ڏقيڙين جي پر

جوش سازش ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. پوئين کي سختيءَ سان منهن ڏئي سگهجي ٿو. پر پهرين کي مخاطب ٿيڻ ۾ مانءُ ڪرڻو پوندو. منهنجو ويساهه آهي، تہ ون يونٽ جي وڪالت ۾ ترويج ڪرڻ اسان جو حق آهي تاوقتيڪ اسين پنهنجي سر اخلاقي طور تي ان بابت يڪراءِ ناهيون، ۽ ننڍين صوبن جي پنهنجي ڀائرن کي ان بابت مطمئن نٿا ڪريون تہ اسان جي منصوبي مان پهريون لاڀ سڀ کان وڌيڪ ننڍو ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪمزور ئي پرائيندو. انڪري اسان کي هر صورت ٻين صوبن جي اڳواڻن جي سهڪار سان ون يونٽ منصوبي جي ٺُز توضيح ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ان جي خلاف سمورا اعتراض دور ٿي سگهن.

"2 – گهٽي ڀاڱي سامهون ايندڙ ڪجهہ اعتراض هيٺين ريت آهن:

"(i) پنجاب جي بالادستيءَ جو ڊپ: ون يونٽ ۾ پنجاب جي ضلعن جي آبادي 56 سيڪڙو جڏهن تہ باقين جي گڏيل طور تي 44 سيڪڙو بڻبي.

"هڪ فرد هڪ ووٽ تي ٻڌل اڪائين واري حڪومتي انداز ۾ اِهو چيو ٿو وڃي تہ پنجاب سمورن تي ڇانئجي ويندو. ان کي رد ڏيڻ لاءِ ڪيترائي شاندار دليل موجود آهن، پر اهي ڪنهن کي بہ جذباتي طور تي مطمئن نہ ڪندا، جهڙي ريت اِهي بنگال جي حوالي سان پنجاب کي نٿا ڪن، انهيءَ ڏکيائي، جيڪا گهڻن حوالن سان ڳنڀير ترين آهي، جو هڪ حل ون يونٽ جي غير پنجابي ضلعن کي اسيمبليءَ ۾ پنجاهہ سيڪڙو کان وڌيڪ جي اڪثريت ڏيارينهڙ تڪن ۾ چونڊ سرشتي تي ٻڌل هڪ ناقص جمهوريت جي لاڳو ڪرڻ ۾ آهي، اِهو انتظام هڪ جوڳي عرصي تائين رهڻ گهرجي"

(ii) خدمتون (services): ننڍين يونٽن کي ڊپ آهي تہ پنجاب ۾ بهتر تعليم ۽ معيار جي هاٺوڪي صورتحال سبب گڏيل خدمتن/ سروسز جي اداري جي سرڪاري ملازمتن ۾ سندن ئي ماٺهو پرتي ٿيندا. گهڻن حوالن سان، انهيءَ اعتراض تي سڀ کان وڌيڪ جذباتي اپيل حاصل آهي، ڇاڪاڻ جو اِهو هر صورت واضح طور تي ڄاڻڻ گهرجي، تہ هر هنڌ صوبائي خدمتون آباديءَ جو انتهائي جوڳو ۽ اثر رسوخ وارو حصو آهن. ڇاڪاڻ جو اِهي ساڄاهہ وند وايو منڊل تي ڇانيل هونديون آهن ۽ اِهي پردي پويان واري

سياست جو اصل مرڪز هونديون آهن. بهرِ صورت سندن مستقل مزاج سازشي مخالفت ون يونٽ حڪومت کي ڏاري وجهندو پوءِ پل اِها عملي طور تي قائم ٿي چوڻ ٿي وڃي. انڪري انهيءَ اعتراض کي جوڳي ريت منهن ڏيڻ گهرجي.

"ڪيترائي حل ٿي پيا سگهن. هاٽوڪين خدمتن/ نوڪرين کي بهرصورت برقرار رکيو ويندو. ماتحت نوڪرين لاءِ مقامي طور تي پرکيءَ جو عمل جاري رهي سگهي ٿو. اصل مسئلو صوبائي سطح جي نوڪرين جي ايندڙ ڏينهن ۾ پرتين جو آهي. منهنجي ذهن ۾ هڪ حل اچي ٿو ته ڪوٽا ۽ خاص نمائندگيءَ ذريعي هر ننڍي يونٽ جي نوڪرين جي هاٽوڪي حصي جو هڪ گهٽ ۾ گهٽ حصو مخصوص ڪيو وڃي. اِهو عمل گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سال يا اوستائين تعليم ۽ سهولتن جي هڪجهڙي نه هئڻ جي صورت ۾ انجي ميعاد کي وڌائي به سگهجي ٿو.

"(iii) انتظامي ڳنڀيرتا ۽ ڏورانهان علائقا: "هڪ دليل جيڪو عام ماڻهوءَ کي انتهائي هرڪائيندو سو آهي ته سڄي اولهه پاڪستان لاءِ هڪ يونٽي حڪومت سندس عام گهرجن، سندس روز مرهه وارين درخواستن، پرمٽن، انتظاميا جي ڏاڍاين جي شڪايتن ۽ انهن جي ازالي، سندس قانوني دادرسين کي انتهائي ڏولائوءِ انتهائي مهانگو ڪندي، سندس واسطي حاصل نه ڪري سگهجندڙ بڻائيندي. اِهو هڪ سنجيده ۽ حقيقي اعتراض آهي. اولهه پاڪستان لاءِ هڪ مرڪزيت واري حڪومت اثرائتي، لاياڻتي حڪومت جي اٿهوند پڻ ٿي سگهي ٿي. ون يونٽ جي عملي طور تي ڪم ڪرڻ کان اڳ وڏي پئماني تي اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي خاص طور تي قانوني دادرسي ۽ لاپ ڏيندڙ ڪاتن جي عمليت ۾ اِهو عمل بنيادي شرط هوندو. درحقيقت اسان جي اُٺيندي واري پاليسيءَ جو بنيادي نقطو انتظاميا جي لاين ۽ ڪمن ڪارين کي عام ماڻهوءَ جي وڏيڪ ويجهو آڻڻ هجي نه ڪي ان کي وڌيڪ ڏورانهون ڪرڻ هجي.

"مٿين اعتراضن جي وضاحت ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو بيو ڪم نه هجي ته پوءِ ون يونٽ منصوبي تي ڪجهه تفصيل سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان بابت مطمئن ڪرڻ کان اڳ ان جي انتظامي لاڳوئن جو پتو هئڻ

گهرجي. قانوني ڪورٽن جي هاڻوڪي سرشتي جي ڪهڙي حيثيت هوندي؟ يا انتظاميا جا اصل مرڪز انتهائي سينئر ذميوار عملدارن جي نگرانيءَ هيٺ وڏيڪ ڏاهپ سان نئين سرجوڙيل ڏهه ٻارهن ڊويزنون هونديون. جتي هو اڄڪلهه صوبائي سطح تي حل ٿيندڙ سمورن مامرن جي اُڪلاءَ جا اهل ۽ بااختيار هوندا يا وڏيڪ سخت مرڪزيت پيش نظر آهي؟ شروعات ڪان ئي، غير رسمي ورڪنگ پارٽي انهن نڪتن بابت هاڻوڪي قيادت جا تصور واضح ڪري، ته جيئن اسان کي پتو هجي، ته ماڻهن کي ڪهڙين ڳالهين بابت مطمئن ڪرڻو آهي.

"(iv) زمينون: سنڌ ۾ نيون زمينون سنواريون ويون آهن ۽ ون يونٽ منصوبي ذريعي انهن جي قبضي ۽ اُڪلاءُ وارو مامرو سنڌي ذهن کي سڀ کان وڏيڪ ٽڪراءُ ۾ آڻڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. جتيوٽيڪ ٿوس بنيادن تي محب وطن يا فوجي نه هوندي به اِهو هڪ فطري خدشو آهي، ڇاڪاڻ جو ان حوالي سان ون يونٽ جا امڪان هڪ ڊگهي ميعاد تائين اڻ لاڀائتا ٿيندا.

"ان مسئلي جا به پهلو آهن ڇا سنڌ جي قيادت سنڌي عوام لاءِ ڳڻتي رکي ٿي؟ ان ڏس ۾ هڪ منصفاڻو حل لهي سگهي ٿو. اِهي زمينون غريبن ۽ ڏتڙيلن واسطي هڪ وٺ آهن، اڇو ته انهن جي استعمال ڪندڙن لاءِ هڪ ترجيع طئي ڪريون. سڀ کان پهرين ان جو هر يونٽ سنڌ جي بي زمين آبادگار هاري کي ڏنو ويندو جيستائين اِهو هدف مڪمل طور تي حاصل نٿو ٿئي، هڪ ايڪڙ به ڪنهن غير سنڌيءَ کي نه ڏنو ويندو. اِهو مرحلو طئي ڪرڻ کانپوءِ زمين سنڌ کان ٻاهر وارن علائقن جي بين بي زمين آبادگارن لاءِ ميسر هوندي ڪنهن به صورت ۾ قوم جي انهيءَ نئين وسيلي کي انهن جي دولت ۾ اضافي لاءِ ڪتب نه آندو ويجي، جن وٽ اڳيئي دولت جا انبار آهن. انجو ٻيو پهلو اِهو آهي ته سنڌ جا ڪجهه اڳواڻ انهيءَ زمين کي سنڌ جي اڳيئي مالدار زميندارن واسطي حق پرپو انعام ليکي سگهن ٿا. اِهو ڪنهن به ريت صوبائي معاملو ناهي. اِهو اخلاقي ۽ سماجي پاليسيءَ جو سوال آهي، جيڪو پاڪستان جي نظرئي ۽ بناوٽ جي مستقبل تي اثرانداز ٿو ٿئي. آءٌ سمجهان ٿو ته ان جو جواب واضح آهي. ون يونٽ لاڳو ٿئي ٿو يا نه، پاڪستان ۾ ڪابه محب وطن حڪومت اهڙي مدي خارج پاليسيءَ جي

اجازت نٿي ڏئي سگهي، جنهن تحت آگرين تي ڪُٽڻ جيترن اڳيئي دولتمندن جي اثاثن ۾ تہ اضافو ٿئي پر لکين بي زمين پورهيت محرومين ۾ مري وڃن.

"(v) <u>ثقافتي اعتراض پڻ سامهون ٿا اچن</u>: جيڪڏهن انتظامي صوبائي يونٽ، هڪ يونٽ ۾ ضم ٿا ڪيا وڃن، تہ صوبائي سنڌي، بلوچ، پٺاڻ ثقافتون پوئتي ڌڪيون يا دٻايون وينديون. اِهو هڪ وسيع دليل آهي. اِهو اڳيئي واضح ڪيو ويو آهي تہ ثقافتي پاسي وارو اسان جو هاڻوڪو انداز صوبائي حدبندين جي پوئواري نٿو ڪري، هر صوبي ۾ ٻولي ۽ ثقافت جو وڏيون ۽ جوڳيون صفتون موجود آهن ۽ اِهي ٻين صوبن تائين پڻ ڦهليل هجن ٿيون. اِهو بہ پڇڻ گهرجي تہ گذريل ستن سالن دوران امتيازي ثقافتن جي ترقي ۽ واڌ ويجهہ واري معاملي ۾ ڪنهن صوبي ڪيتري پيش قدمي ڪئي آهي؟ هڪ غير مستقل احتجاج وارو آدرش من جي ويجهو نٿو رهي سگهي.

"ان هوندي بہ ثقافتي گوناگونيت موجود آهي. اِها اسان جي جيون کي رنگ ۽ ڍنگ ٿي ڏي، ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن پنهنجي فطري ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ واسطي ڪجهہ نہ ڪيو هجي، ان هوندي بہ اِهو ڪجهہ ڪرڻ لاءِ اسان جي ماڻهن ۾ جيون جو سگهوئي جوش ڦوڪڻو پوندو. ون يونٽ واري حڪومت کي انجو اعلان ڪرڻ گهرجي. موجود ٻوليوار سهوليتن ۽ مراعتن کي لازمي طور تي برقرار رکيو وڃي ۽ ثقافتي اظهار جي هر امتيازي صفت کي واڌ ويجهہ لاءِ خودمختياري ڏيندي همٿايو وڃي."

"D – فوري مقصد :

"1 – اڄ اسان آڏو سياسي پاليسيءَ جا فوري مقصد هيءُ آهن:

"(a) جمهوريت جي عمومي اڻ روڪ عمل جي بحالي.

"(b) پاڪستان واسطي آئيني انداز جو هڪ يڪر ائيپ ۽ لاڀائتو نبيرو

"2 – مقصدن جي نسبتاً ترجيح واضح طور تي طئي ٿي چڪي آهي. ملڪ ۾ هاڻوڪيون هنگامي حالتون آئيني تعطل سبب ئي لڳل آهن، جنهن جمهوريت کي اقتداري سياست جو اوزار ۽ آئيني بحث مباحثن کي سياسي سازشن جو رستو بڻائي ڇڏيو هو. واسطيدار ڌرين وچ ۾ اڳواٽ آئيني ٺاهہ واري وڏي قدم کانسواءِ نيون چونڊون حل نہ ٿيڻ جوڳي تعطل جو سبب بڻجي

سگهن ٿيون، جنهن سان نہ رڳو ماڻهن ۾ مايوسي وڌندي پر اقتداري سياست جو ساڳيو ئي ڍنگ برقرار رهندو. انڪري آئيني انداز تي ٺاهہ جمهوريت جي بحاليءَ کان پوءِ نہ پر اڳ ۾ ٿيڻ گهرجي. بشرطيڪہ آئيني بحث مباحثا ذميوار ۽ جمهوريت لاپاڻتي هجي.

"3 – آئين ٺاهڻ جو بنيادي مسئلو وفاقي ڍانچي جي ٺُڙ وصف آهي. جيڪا اثرائتي طور تي اوڀر پاڪستان ۽ اولهہ پاڪستان جي صوبن وچ ۾ ناتن جي نبيري ڏانهن سونهون بڻبي.

"اسين اولهہ پاڪستان طرفان هڪ وجود طور ڳالهائڻ تائين اهڙي بحث ۾ پئجي نٿا سگهون، جيڪڏهن فقط هڪبئي تي انحصار ۽ بالادستيءَ جي ڪنهن امڪان کان آجپو آهي تہ پوءِ اوڀر ۽ اولهہ ڳالهين ۾ هڪبئي سان ٻن ٻائيوارن طور مڪاميل ٿين. حصن ٽڪرن ۾ ورهايل اولهہ پاڪستان اوڀر پاڪستان کان ڪجهہ بہ گهري نہ سگهندو. ڇاڪاڻ جو ڪنهن بہ لاڳو آئيني انداز واري صورتحال جي حقيقت اوڀر پاڪستان کي ڪنهن بہ شڪ شبهي کان مٿيري بالادستي ڏيندي.

"انڪري عمومي آئيني نبيري ڏانهن پهريون قدم سڄي اولهندي پاڱي لاءِ هڪ انتظامي صوبي جي قيام ذريعي اولهہ پاڪستان جي صوبن ۾ ايڪتا جو حصو آهي.

"4 – اڄ سمجهان ٿو تہ اولهہ پاڪستان لاءِ ون يونٽ جي تشڪيل حاصل ڪرڻ ممڪن آهي، ڇاڪاڻ جو اڄ سمجهان ٿو تہ ڪجهہ بنيادي تصور درحقيقت عمل پذير ٿين ٿا. اِهي هيءُ آهن.

"(a) عام ماڻهو انجا ويري ناهن. جيڪڏهن منصوبي جي واضح ۽ ٻي داغ اهليت يعني انتظامي لاپ، معاشي بچت، سياسي قيادت جي معيار ۾ بهتري، ترقي ڏانهن گڏيل پيش قدميءَ ۾ وڌيڪ ربط جنهن سان گهٽ اُسريل ۽ گهٽ شاهوڪار علائقن کي فائدو رسندو اوڀر – اولهہ ناتن ۾ خودڪار توازن جنهن ذريعي هن مهل جاري حل نہ ٿيندڙ تاءُ کي حل ڪري سگهبو، کان ڪين واقف ڪيو ويو تہ عام ماڻهو هر هنڌ ان جي حمايت ڪندا.

"(b) مصنوعي دشمنين واري استحصال تي ٻڌل هاٺوڪو وير انفرادي طور تي سياستدانن جو پيدا ڪيل آهي، جنهن جي فوري حيثيت جوڪم جو

شڪار ٿي سگهي ٿي. حقيقي عوام جذبن تي ٻڌل نہ هوندي، اُهي سياستدان جن کي هن مهل سندن قبضي هيٺ آيل هاڻوڪي حيثيت سبب ئي اهميت حاصل آهي، هاڻوڪي حيثيت وڃائڻ جي نتيجي ۾ ڏتڙجي ۾ خاموش ٿي ويندا.

"(c) اصل خطرو اِهو آهي تہ جي ڪجهہ سياستدانن کي مت پيد ۾ 'اسان جو صوبو خطري ۾ آهي' وارن جذبن کي استعمال ڪرڻ واري پوزيشن ۾ چڙهيو ويو آهي، اِهو امر ننڍن صوبن ۾ انجي حمايتين ۾ مايوسيءَ جو سبب بڻبو ۾ ان جي مخالفن کي ماڻهن ۾ هڪ جذباتي، 'خطرناڪ ڳنڀيرتا' کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ جوڳو وقت ملي ويندو جنهن صورت ۾ ماڻهو ٻي ڏُر جو موقف ٻڌڻ کان محروم هوندا. مثال جي طور تي، راشدي ۾ کهڙي لاءِ تازي رنڊ روڪ سرخپوشن ۾ پيرزادي جي وضاحت نہ ٿيڻ جوڳي تاثراترن مامري کي مونجهائي ۾ امڪان کي اُن حد تائين اونداهو ڪيو آهي جن کي مٿئين سطح تي ون يونٽ ۾ اعتقاد جو ڪوبہ خانگي اظهار ميساري نٿو سگهي، يقيني طور تي حمايت جو بنيادي موقف جي اظهار کان وڌيڪ اهم آهي. بهرحال انهيءَ عمل کي پوئتي ورائڻ لاءِ اجان گنجائش موجود آهي.

"(d) ون يونٽ خلاف بنيادي ۾ ساراهہ جوڳو واحد دليل ڊپ ۾ پنجاب جي بالادستيءَ وارو آهي، جنهن جي اثرن کي گهٽائي نٿو سگهجي، انهيءَ ڊپ کي ڏٺي چڙهڻ گهرجي جيئن تہ ان ڏس ۾ اثرائتيون آئيني رڪاوٽون موجود آهن ۾ جيئن تہ پنجاب انهيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ نٿو بڻجي، ان صورت ۾ انهيءَ ڏکيائي تي سولائي سان قابو پائي سگهجي ٿو. فقط اِهو احتياط ضروري آهي، تہ هاڻوڪي اهم عرصي دوران، مستقبل جي آئين سان واسطو رکندڙ ڪوبہ منصوبو پنجاب جي قيادت طرفان عوامي سطح تي پيش نہ ڪيو وڃي. اِهو وري يڪجهتيءَ کي هر ڪائيندڙ هدف ثابت ٿيندو. شايد ملڪ نون تي هڪ خود ترديدي آرڊيننس لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

"5 – آپيشاهيءَ واري وايو منڊل ۾، وقت حاصلات جو بنياد ٿو بڻجي جيڪڏهن ڪا آمريت مڪمل آپيشاهيءَ ڏانهن ٿي مُڙي يا مامرن جي لاپائتي طور حل ٿيڻ کان اڳ رخني جو شڪار ٿي بڻجي، سياسي مامرا پنهنجي افاديت وڃايو ويهن يا ڏڦيڙ ۾ دُڦ تي ويندا آهن.

جنهن ريت عوامي جوش خروش اڃان باقي آهي ۽ کهرو انداز سامهون اچڻ کان اڳ جوڙجڪ هر صورت جوڙي وڃي. جيڪي عوامي پذيرائي کانسواءِ راڄ ٿا ڪن، تن کي عوامي جوش خروش سان ئي راڄ ڪرڻ گهرجي.

انڪري، جيڪڏهن "ون يونٽ" حاصل ڪرڻو آهي ته پوءِ اهو يڪسوئي سان ئي حاصل ڪرڻ گهرجي. اهو ڪهڙي ريت ڪري پيو سگهجي؟

"6 – هڪ طريقو شروعات ۾ ئي تياڳڻ گهرجي، ته فقط طاقت ڪجهه نه ڪندي. اهو عمل ننڍين صوبن جي رضامندي ۽ قبوليت کي تباهه ڪري سگهي ٿو جيڪو واحد موقف جو وايو منڊل آهي، جنهن تي مستقبل جي قوم اُسري سگهي ٿي. ان کان سواءِ ون يونٽ سان گڏوگڏ ان کي لاڳو ڪندڙ حڪومت به طاقت ذريعي گهڻو هلي نه سگهندي، ان جي برطرفي ايندڙ چونڊن جو مرڪزي نعرو بڻجي ويندو. اِهو عمل اوپر بنگال جي سياستدانن کي اولهه واري ڏڦيڙ جي ننڍي پاءُ جي وڏي پاءُ واري ڪردار ڏانهن متوجهه ڪرڻ جو اڻ روڪ موقعو فراهم ڪندو. اِهو اڃان تائين بنياد نه رکيل عارضي ون يونٽ حڪومت جا بنياد ڏونڊاڙي ڇڏيندو جنهن کي پنهنجون پاڙون پختيون ڪرڻ لاءِ پنهنجائپ واري روڪ ۽ سهپ گهربل هوندي، سڀ کان وڌيڪ اهو پنجاب کي ولن طور پيش ڪندي سڀ کان وڌيڪ ويڳاڻپ ۾ ڌڪيندو.

"جيڪڏهن ون يونٽ طاقت ذريعي حاصل ڪيو ويو ته پوءِ انکي طاقت ذريعي ئي برقرار رکڻو پوندو. ان ريت آپيشاهيءَ کي اسان جي صورتحال لاءِ هڪ ضرورت بنائڻو پوندو. هڪ نج انتظامي ماهري کي غير سياسي انداز ۾ اُڪلائڻ تباهه ڪُن ٿيندو. انڪري اسانکي ون يونٽ سياسي طريقن ذريعي ئي حاصل ڪرڻ گهرجي. آءُ هيٺيان مرحلا رٿيان ٿو.

"7 – پهريون مرحلو تڪڙو آهي. اِهو منفي آهي. اِهو ميدان صاف ڪرڻ تي ٻڌل آهي. ون يونٽ جي راهه ۾ حائل سمورين رڪاوٽون دور ڪرڻيون پونديون. سياسي حوالي سان اسان جو ملڪ جوڳو ترقي ڪيل ناهي. ان ماحول ۾ هوا گهُلڻ جي رُخ جي واضح ۽ تڙ نشاندهي دراصل هوا کي اُن پاسي گهُلڻ ۾ مدد ڏي فراهم ڪري، هيٺيان قدم کڻڻ گهرجي.

"(a) ون يونٽ واري مقصد واسطي مرڪزي حڪومت جي همدردي واضح ڪرڻ گهرجي ٽالپر جي بيان جهڙن رد – اهڃاڻن تي پابندي هئڻ

گهرجي. بنگال وارن جي امڪاني ڪردار جيڪي هاڻوڪي سيٽ اپ کي برخاست ڪرائڻ ٿا چاهين، تي ڪرڙي اک رکڻ گهرجي.

"(b) صوبي ۾ ويري عنصرن کي ميسارڻ گهرجي، خاص طور تي جڏهن سندن قوت جو اظهار مرڪزي پشت پناهيءَ تي هجي. مرڪز کي فيصلي لاءِ هاڻوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ گهرجي، نہ ڪي ڪانن گاهہ وانگر هر پاسي ڪنڌ لوڏڻ گهرجي.

"(i) سنڌ وٽ ڳپ آهي، پيرزادو مخالفت جي سرواٽي ٿو ڪري، سندس ماضي ان جي علامت آهي، ڪيس غير معمولي ترقي بہ حاصل آهي، جيڪا ڪنهن پشت پناهيءَ ڪانسواءِ وڏي ويجهي ٿي. هاڻوڪا اهڃاڻ ڄاڻائين ٿا تہ هو طاقت جي مظاهري جون تياريون ڪري رهيو آهي، جيڪو سندس حمايت ۽ ون يونٽ جي مخالفت جو اظهار هوندو جيڪو هڪ تڪڙي حل جي راهہ هموار ڪندو. ڪٿي بہ بحال ٿيندڙ ڪنهن مخالف ٽهراءِ کي بدلائڻ ۾ مهينا لڳي ويندا ۽ اسان وٽ فقط ڪجهہ هفتا ئي آهن.

"انڪري پيرزادي کي وڃڻ ئي گهرجي، سندس جاءِ ڪو اهڙو شخص والاري جيڪو ون يونٽ لاءِ سنڌ جي قبوليت لاءِ ميدان هموار ڪرڻ جي سگهہ ۽ ڪردار جو مالڪ هجي.

"اِها پڌري ننڊا ڪلاڪن ۾ نہ تہ ڏينهن ۾ ضرور ٿيڻ گهرجي.

"(ii) اُتر اولهہ سرحدي صوبي سان زيادتي ٿي آهي – راشدي ۽ پراڻن مسلم ليگين کي ان ڏس ۾ حمايتي طور ڪڙو ٿيڻ کپندو هو. قيوم جي اخراج سندن رستو صاف ڪيو آهي، جنهن ذريعي ڪين انتهائي مشتهر رڪاوٽ واري هڪ بي ايمان کي هٽائڻ ذريعي وڏي ساک حاصل ٿي آهي. پر قيوم جي جاءِ هڪ وڏيڪ پوائنٽي قوت يعني سرخپرش والاري آهي، جنهن کي هروڀرو نوازيو ويو آهي، جيڪڏهن اِها نوازش تز شرطن تي هجي ها، تہ ان جو ڪو فائدو بہ هو جيتوڻيڪ خان غفار خان تي ڪڏهن بہ ڀروسو نٿو ڪري سگهجي، تہ پوءِ ڪنهن دوست کي ڀنجو ڏيڻ مان ڇا حاصل، ۽ جيڪي خان صاحب کي خان غفار خان آزاد سياسي شخصيت ليکين ٿا، تن کي سگهوئي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿي ويندو. ايڪتا ۾ ئي هو ماٺيندا، ورهائجڻ ۾ فقط خان صاحب زوال جو شڪار ٿيندو.

"پوزيشن واپس حاصل ڪرڻ گهرجي، پهرين راشديءَ ڪي سندس شڪ شبهن کي دور ڪندي، سندس حواسن کي مضبوط ڪندي، سرخپوشن کي نظر انداز ڪرڻ لاءِ ڪيس همٿائيندي ۽ ڏورانهن ڳوٺن تائين پکڙيل پراڻن ليگين کي سگهارو ڪندي، ڪيس بي هبڪ حمايت فراهم ڪرڻ گهرجي. بيو تہ خان غفار خان کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪرڻ گهرجي. ڪي بہ ڳالهيون پوليون نہ ڪجن، ڪا داءُ بازي نہ ڪجي چاڪاڻ جو انهن سان هو پنهنجو پاڻ کي سياسي طور تي سگهارو ڪندو ۽ انڪان پوءِ پنهنجي سگهہ جي ڀرپور مظاهري سان اسان جا تڏاويڙهي ڇڏيندو. ان بابت ڪوشڪ شبهو نہ هئڻ گهرجي تہ سياسي طور تي اسين سندس جوڙ جا ناهيون ۽ اسان جي نظرياتي بالادستيءَ کي اسان پنهنجي هٿن سان مڏو ڪري ڇڏيو آهي.

"(iii) پنجاب کي لازمي طور تي چُپ رکيو وڃي. اسان جي دوستن جي بيوقوفي تي ڪرڙي اک رکڻ گهرج. ڪنهن پوئين مرحلي تي پنجاب کي سرواٽي ڪرڻي پوندي، اُن وقت مونکي اُميد آهي تہ مرڪز ۾ لاهور ۽ انهي سلطنت تي هڪ اثرائتي ذهين پنجاب قيادت سامهون آيل هوندي.

"(iv) رياستن کي پنهنجي شرطن تي اختياريءَ آڏو جُهڪڻ ئي گهرجي. بهاولپور کي وزارت جي برخاستگيءَ کان اڳ تائيد ۽ ٺهراءُ ذريعي نبيري سگهجي ٿو. يقيني طور تي انتظامي مامرن تي سياسي مامرن کي ترجيح هئڻ گهرجي. هاڻ بهترين متبادل مسلم ليگ ذريعي توثيق حاصل ڪرڻ آهي، مخدوم الملڪ اِهو ڪجهہ خوشيءَ سان ڪندو.

"جيڪڏهن هاٽوڪي اقتدار ۾ تسلسل ون يونٽ جي قبوليت سان مشروط هوندو تہ سموريون رياستون ان لاءِ راضي ٿي وينديون.

"(v) هلڪي حيلو حجت بلوچستان جي ليگي اڳواڻن کي سهمت ڪري سگهي ٿي. جرگو ڪڏهن بہ اختياريءَ کي انڪار نہ ڪندو آهي.

"(c) اولهہ ۾ تيزيءَ سان ميدان صاف ڪرڻ تي سهروورديءَ سان ون يونٽ جي ڪلئي عام حمايت ڪرڻ يا ان ڏس ۾ اڻ ڏريو رويو اختيار ڪرڻ بابت ڳالهيون ڪرڻ ممڪن ٿيندو.

"ميدان هموار ٿيندي ئي، اڳئين سمورن صوبن ۾ مناسب جاين تي لڳايل قيادت ذريعي مثبت سياسي ڪم شروع ڪيو ويجي. ان واسطي هڪ ميعاد مقرر ڪيو ويجي، آءُ ان لاءِ چار هفتا تجويز ٿو ڪريان. ان کي هيٺين مرحلن ۾ ورهايو ويجي:

"(a) ون يونٽ جي حمايتي صوبائي اڳواڻن (هر هنڌ اقتدار ۾) جي هڪ خانگي تشهير نہ ٿيل گڏجاڻي جنهن ۾ پروگرام ۽ ميعاد تي سهمت ٿيڻ گهرجي.

"(b) اثر رسوخ رکندڙ ڇاتل سڃاتل رابطن، پرڏيهي ذميوارين سميت سرپرستي جي اظهار (ون يونٽ ذريعي نوڪريون وڃائڻ جي خوشيءَ کي زائل ڪرڻ لاءِ کين نوڪريون ماڻڻ ڏيو)، ذريعي سنڌ ۾ اتر اولهندي سرحدي صوبي ۾ سياسي ڪم، جنهن ڪانپوءِ مسلم ليگ ۽ اسيمبلين ۾ ون يونٽ جي حمائت ۾ ٺهراءُ پيش ڪيا وڃن.

کهڙو ۽ راشدي يقيني طور تي ڪامياب ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن اوهين کين بنان هٻڪ حمايت فراهم ڪريو ۽ هن مهل ۾ اڳتي بہ سندن پويان وفاداريءَ سان بيهي رهيو.

"(c) بلوچستان، بهاولپور ۽ رياستون ساڳي مرحلي دوران گهٽ ڏکيائي رسائي هيٺ آڻي سگهجن ٿيون. اُتي ڪجهہ سياسي ماڻهن جي پٺڀرائي رکو ڊپٽي ڪمشنرن تي منحصر ناهي.

"(d) ننڍين صوبن ۾ ون يونٽ جي حمايت جي پهرين اهڃاڻ تي پنجاب کي بالادستيءَ وارن خدشن کي پاسيرو ڪندي ايمانداري ۽ اثرائتي طور جوڳين رعائتن سان اڳتي اچڻ گهرجي. اِهي رعائتون وقتي طور تي هر ڪائيندڙ نہ پر هڪ اهڙي آدرش لاءِ رضا خوشيءَ سان حصي طور هجن، جنهن جي حمايت ٻين بہ ڪئي هئي.

(e) ان مرحلي تي سهرورديءَ جي واضح حمايت ۽ ايستائين جو سندس حقيقي حوصلي افزائي حاصل ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو.

"8 – هڪ متبادل کي پڻ مدنظر رکيو ويجي. اِهو رٿيو ويو آهي تہ ون يونٽ مهم جي جاءِ تي اسان کي هڪ ابتدائي 'انضمام' مهم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ننڍيا يونٽ ۽ رياستون پهرين وڏن يونٽن سان ايڪتا تي ڪم ڪن.

ڪراچي ۽ بلوچستان جا حصا سنڌ سان گڏجن. بلوچستان جا ڪجهه بيا حصا سرحد سان ۽ بهاولپور پنجاب سان گڏجي. ۽ انڪان پوءِ جڏهن گهٽائي ٽڪندي ۾ محدود ٿي وڃي تہ پوءِ سنڌ ۽ پنجاب جي ايڪتا ڪندي اتر اولهہ سرحدي صوبي سان هڪ گهٽي بند ڪندي مُڪاميل ٿجي. ان جي وڪالت شايد انڪري ڪئي وئي آهي جوإهو عمل سولو ليکيو ويو آهي. آءُ نٿو سمجهان تہ بهاولپور يا بلوچستان کي اولهہ پاڪستان ۾ شموليت تي راضي ڪرڻ جي پيٽ ۾ هڪ وڏي صوبي ۾ شامل ٿيڻ تي راضي ڪرڻ ڪو سولو ڪم هوندو. ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن اسين انهيءَ عمل ڪان شروعات ٿا ڪريون تہ اسين ٽڪنڊي تي ئي بيهجي سگهون ٿا. ان سان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. ٽي يا بہ يونٽ ڪو حل ناهن. اِهي ڪي ساراهہ جوڳيون پيش قدميون بہ ناهن. پاڪستان جي آئيني انداز جو اصل مسئلو هميشہ جيان گهُگهي جهڙو ۽ ڦاسائڻ جوڳو ئي رهندو. بهرصورت سڀ ڪان وڏو خطرو إهو آهي تہ اسين نہ چاهيندي بہ پنهنجي هٿن سان پختونستان جي حصول ۾ پاڱي پائيوار بڻباسين.

'انڪري آءُ اِهو متبادل رد ٿو ڪريان.

"9 – مٿي پيراگراف نمبر 7 ۾ ڄاڻايل عمل واسطي اسين ڇٺن هفتن کان وڌيڪ جو عرصو ڏيڻ جا متحمل نٿا ٿي سگهون ڇاڪاڻ جو ون يونٽ جو حصول عمومي آئيني نبيري جو هڪ بنيادي جُز آهي جيڪو جمهوريت جي بحاليءَ جو اولين شرط آهي.

"الهندي پاڱي جي قيادت، جنهن کي حاصل ڪيل لاڀن جي استحڪام لاءِ اقتدار ۾ رکڻ گهرجي، طرفان ون يونٽ جي قبوليت ٿيندي ئي ان کي بنگال جي اصل اڳواڻن خاص طور تي سهرورديءَ سان ٽڪرّيون ۽ ڊرامائي ڳالهيون شروع ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ جو وٽس موٽ ڏيڻ جو عقل ۽ عزم آهي، اِهي ڳالهيون ٻن صوبن واري ڇٺن ڪاتن تي ٻڌل مرڪز وفاقي برابري، مڪمل صوبائي ۽ ثقافتي خودمختياري جي بنياد تي ٿيڻ گهرجن. آءُ سمجهان ٿو تہ سندس اِها حمايت سندس ڪراچي پهچندي ئي ۽ اوير پاڪستان اُسهڻ کان اڳ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

"10 – جيڪڏهن ون يونٽ ۾ آئيني انداز تي يڪرائپ ٿي وڃي ٿي، ته ان جو اعلان اوپر ۾ اولهه واري قيادت جي هڪ گڏيل پليٽفارم تان ڪيو وڃي، جنهن ذريعي هو پنهنجي ووٽرن سان مُڪاميل ٿيڻ لاءِ تيار هجن.

"11 – اِن مرحلي تي ٻه تڪڙا قدم کڻڻ گهرجن (اُميد ٿو ڪريان ته جنوريءَ ۾):

"(a) تڪڙو آئين ۾ صوبائي قانون ساز اسيمبلين ذريعي الستڏي هڪ آئين ساز اسيمبليءَ جو انعقاد جيڪا هڪ متعين ميعاد، بهتر ٿيندو ته ٽن مهينن اندر هڪ آئين تيار ڪري، آئين ساز اسيمبليءَ جي ذمي آئين تيار ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا ذميواري نه هجي ۾ ان کي عمومي اسيمبليءَ طور نه هئڻ گهرجي. جيئن ته اڳئي آئيني سهمتي اڳواڻ حاصل ڪيل هوندي ۾ اِها نون چونڊيل آئين ساز اسيمبليءَ ميمبرن جي هڪ وسيع اڪثريت لاءِ مينڊيٽ جو ڪم ڏيندي، سو ان ڏس ۾ مونکي ڪنهن ڪان ٻه ڪو خدشو ناهي. جن ماڻهن وٽ ڪو اختيار نه هوندو سي آئين جي تياريءَ ۾ دير نه ڪندا. جيڪي اڳواڻ عوام جي حقيقي نمائندگي ڪن ٿا ۾ جيڪي شهرت جي چاڙهه تي انحصار ڪندي ٿاهه تي پهتا هوندا، سي چونڊبن ڪان نه ڊچندا.

"12 – نئين آئين تحت عام چونڊون آڪٽوبر 1955ع ۾ ڪرائي سگهجن ٿيون. ڪنهن ٻئي عمل ذريعي تڪڙو حصول نه ٿي سگهندو.

"13 – اِن ۾ مونکي ڪا ڏکيائي نٿي ٿئي ته ملڪ نون طرفان رٿيل تازو نهراءَ وزن نٿو رکي، آرڊيننس ذريعي آئين ٺاهڻ جو ڪو واضح فائدو ناهي. اِهو ون يونٽ حاصل نٿو ڪري اِهو سياسي ٺاهه نٿو ڪرائي. درحقيقت هاٿوڪي حڪومت جو هڪ حقيقي وزن آهي ته اِها سياسي ۾ آئيني ٺاهه حاصل ڪرڻ جو پستول جهلي ٿي. جيڪڏهن اِهو پستول ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ استعمال ڪيو ويو ته اِها پاڪستان جي پاڳ سان ويساهه گهاتي ٿيندي."

132 – پنجابي اڳواڻن ان جي ڦات ڦاٽڻ ۾ مخالفت جي باوجود ان کي حسابن واري ڪاملتا سان مٿين "ماسٽر پلان" کي مٿاهين ترين سطح يعني آئين ساز اسيمبليءَ تائين پيش ڪيو.

133 – "ماسٽر پلان موجب ون يونٽ جي مخالفت ڪندڙ سمورن اهم سياستدانن جهڙوڪ: سنڌ مان جي ايم سيد، قاضي فيض محمد، پير الاهي بخش، قاضي فضل الله ۽ مون سميت انيڪ ٻين کي گرفتار ڪري راهه هموار ڪئي وئي.

134 – ماسٽر پلان موجب گهرجائوئن کي "نوڪريون" فراهم ڪيون ويون (جهڙي ريت سنڌ ۾ کهڙي ۽ راشديءَ کي نوازيو ويو)، نوڪرين جا وعدا ڪيا ويا. (جهڙي ريت سهروردي سان ڪيو ويو) ۽ ون يونٽ لاءِ سندن حمايت جو اندراج ڪيو ويو.

135 – ماسٽر پلان موجب روزاني سنڌي اخبار الوحيد ڪراچي، روزاني ڪاروان حيدرآباد ۽ ون يونٽ مخالف پمفليٽن تي پابندي عائد ڪندي مخالف آوازن کي نهوڙيو ويو.

136 – ماسٽر پلان موجب لاهور مان پمفليٽن جو هڪ اٽڪ سلسلو شايع ڪيو ويو جن مان ڪجهه جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

1 – پهريون پمفلٽ – "اولهه پاڪستان، ان جو سياسي ۽ انتظامي انضمام" ليکڪ ميان ڪفايت علي، ڇپيندڙ سول اينڊ ملٽري گزيٽ لميٽيڊ لاهور 1955ع (نمبر 26)

2 – ٻيو پمفليٽ – "ون يونٽ منصوبو آزاديءَ جي بچاءَ جي تدبير" ليکڪ ميان ڪفايت علي، ڇپيندڙ ربن پرنٽنگ پريس، لاهور 1955ع (نمبر 27)

3 – ٽيون پمفليٽ – "پاڪستان: پس بينيءَ ۽ پيش بينيءَ ۾" ليکڪ ميان ڪفايت علي، ڇپيندڙ ربن پرنٽنگ پريس لاهور 1955ع (نمبر 28)

4 – چوٿون پمفليٽ – "اولهه پاڪستان جو استحڪام وڌ کان وڌ صوبائي خودمختياريءَ جي هڪ تمهيد" ليکڪ ميان ڪفايت علي، ڇپيندڙ ربن پرنٽنگ پريس، لاهور 1955ع (نمبر 29)

5 – پنجون پمفليٽ – "ون يونٽ جا مالي فائدا" ليکڪ ميان ڪفايت علي، ڇپيندڙ سپرنٽينڊنٽ گورنمنٽ پرنٽنگ پريس پنجاب، لاهور 1955 – 8 – 6 (نمبر 30)

6 – ڇهون پمفليٽ – "ون يونٽ – ڪيترائي موقف" ڇپيندڙ سپريٽنبڊنٽ، گورنمنٽ پرنٽنگ پريس پنجاب، لاهور 1955 – 7 – 30 (نمبر 31)

7 – ستون پمفليٽ – "ون يونٽ – تاريخي، آئيني ۽ انتظامي پيش منظر" ليڪڪ احمد همايون محقق ۽ عبدالڪريم، ڇپيندڙ سپرنٽينڊنٽ، گورنمنٽ پرنٽنگ پريس لاهور، 1955 _7 _30 (نمبر 32)

8 – اٺون پمفليٽ – "ون يونٽ ۽ ڪابل جو روڄ پٽڪو" ڇپيندڙ جو نالو ۽ تاريخ درج ناهي. (نمبر 33)

9 – نائون پمفليٽ – "اولهه پاڪستان ۾ سرڪاري ملازم" ميان مشتاق احمد گرمانيءَ جون تقريرون. ڇپيندڙ سپرنٽينڊنٽ گورنمنٽ پرنٽنگ پريس پنجاب، 1955 – 7 – 30 (نمبر 34)

10 – ڏهون پمفليٽ –"ون يونٽ جو مطلب" ليڪڪ آفتاب احمد، ڇپيندڙ سپريٽنبڊنٽ گورنمنٽ پرنٽنگ پريس پنجاب، لاهور 1955 – 7 – 30 (نمبر 35)

11 – يارهون پمفلٽ – "ون يونٽ واحد رستو" ليڪڪ گمنام، ڇپيندڙ سپرنٽينڊنٽ گورنمنٽ پرنٽنگ پريس پنجاب، لاهور 1955– 8 –1 (نمبر 36)

12 – ٻارهون پمفليٽ "جامع بيان (ون يونٽ بابت)" (نمبر 37)

13 – تيرهون پمفليٽ "اولهه پاڪستان جو انضمام، نظرياتي بنياد" ليڪڪ خليفو عبدالحڪيم، تاريخ ۽ ناشر جي نالي کانسواءِ (نمبر38)

14 – چوڏهون پمفليٽ "اوير پاڪستان نالي هڪ ڪليل خط" ليڪڪ نسيم حجازي، راولپنڊي (نمبر 39) وغيره وغيره

137 – پهرين پمفليٽ ۾، لاهور جي هڪ اهم اخبار "نواءِ وقت" جو ايڊيٽر حميد نظامي پمفليٽن جي ليڪڪ ميان ڪفايت عليءَ کي هيٺين لفظن ۾ متعارف ڪرائي:

"هُن پاڪستان بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي ۽ ڪيترن ئي ليڪڪن ان موضوع بابت سندس لکڻين جا حوالا پڻ ڏنا آهن. "هڪ پنجابي" جي قلمي نالي سان "هندستان ۽ ملت" جي سري هيٺ پنهنجو ڪتاب پڻ شايع ڪرايو اٿس. جيستائين پمفليٽن جي انهيءَ سلسلي جي تعلق آهي، ته سندس قلمي نالو سندس اصليت کي واضح ڪري جيتوڻيڪ هاڻ هو "هڪ اولهه پاڪستاني" واري قلمي نالي کي ترجيع ڏئي.

138 – پيو ليڪ آفتاب احمد جڙتو نالو آهي. جڙتو نالن يا گمنام طور لکيون (بشمول ماسٽر پلان) عمومي طور تي دولتانا سان منسوب ليکيون ٿيون وڃن. چاڪاڻ جو انهن جو اسلوب، جوش ۽ مواد آئين ساز اسيمبليءَ ۾ دولتانا جي ڪيل تقريرن سان ميل ٿو کائي. دولتانا جي تقرير، ان جي ادائيگيءَ جي ڪجهه ڪلاڪن اندر ئي هڪ شاندار انداز ۾ شايع ڪيل پمفليٽ ذريعي عوام آڏو ويش ڪئي وئي هئي.

139 – ون يونٽ جي ايجان پاليسي معاملو هئڻ دوران، هڪ جماعتي مامِلو هئڻ دوران، سرڪاري خرچ تي ون يونٽ جي حق ۾ مٿيون اشاعتون اختيارن کان مٿيرو دور انديشيءَ کان وانجهيل ۽ ٿرش عمل آهي ۽ اِها حيرت جوڳي ڳالهه آهي تہ آڊٽ اينڊ اڪائونٽس ڊپارٽمنٽ لاهور ان جي اجازت ڪيئن ڏني.

140 – مون ون يونٽ جي مخالفت ۾ ٻي پمفليٽ جاري ڪيا، جن ۾ ون يونٽ جي بانيڪارن جي دليلن کي شاناٽتي انداز ۾ رد ڏنم. انهن ٽنهي پمفليٽن تي پابندي مڙهي وئي، جيڪا ايجان تائين برقرار آهي. انهيءَ ڏوهه هيٺ ڪيس هلائڻ کانسواءِ جيل ۾ پڻ واڙيو ويس.

141 – ٽنهي پمفليٽن ۾ چاٽايو اٿم تہ ون يونٽ سنڌ واسين جي فطري ۽ قانوني حقن ۽ مفادن خلاف آهي. آءٌ ثابت ڪندس، جهڙي ريت ون يونٽ ۾ تي رهيو آهي، تہ منهنجا خدشا درست هئا. ڇا ڪنهن جمهوري ملڪ ۾ ذميوار پنجابي عنصرن جي مخالفت ڪرڻ ۽ لفظ "پنجابي" کي تبصري ۽ تنقيد کان مٿيرو رکڻ، هڪ ڏوهه ٿي سگهي ٿو؟

142 – مون هيٺين ڏس ۾ پنجابي مخالف اظهار استمعال ڪيا آهن ۽ مون وٽ انهن واسطي چڱا موچارا سبب آهن:

(A) پنجابي ٻولي:

143 – هرڪو ڄاڻي ٿو تہ پنجابي ٻولي اردوءَ کان هڪ ٻنهہ مختلف ٻولي آهي. جڏهن 1926ع ۾ ڊاڪٽر اقبال سان لاهور ۾ مليس تہ پنهنجي نوڪرن ۽ دوستن سان اردو بدران پنجابيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو. گهٽي ياگي پنجابي اڳواڻ پنهنجي گهر ۾ پنجابي ٿا ڳالهائين. پنجابي اڳواڻن سان گڏوگڏ عام ماڻهن جي بہ مادري ٻولي آهي. ڪيترائي عام ماڻهو هاري ۽

پورهيت، اردو بنهه نتا چاڻن. لاهور جي اردو ايستائين جو اقبال جي اردو لکنو ۽ دهليءَ جي ادبي حلقن ۾ "سٺي" اردو نٿي ليکي وڃي، جيڪي پنهنجو پاڻکي ڪلاسيڪل ۽ معياري اردوءَ جا مهندار ٿا سمجهن.

144 – جديد تعليم جا سمورا ماهر زور ٿا ڀرين تہ تعليم ۽ تربيت اوڏي مهل ئي بهترين نتيجا ڏئي سگهن ٿيون جڏهن اِهي مادري ٻوليءَ ۾ هجن. ان ڪانسواءِ بہ پنهنجي مادري ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج ۾ اسان لاءِ ڪيترائي فائدا موجود آهن.

145 – ڪو ڇهہ يا ست صديون اڳ انگريز حڪمران طبقن انگريزي ٻوليءَ کي زبردست ڪردار سونپيو. سرڪاري ۽ علمي اظهار لاءِ لاطيني ٻوليءَ کي مناسب ليکيو ويو. برطانيا جي عام ماڻهن طرفان ٿوس موقف اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ ۽ انگريزيءَ کي پنهنجي اظهار ۽ ترتيب جو ذريعو بنائڻ ڪانپوءِ ئي انگريزي اجوڪي مقام تي رسي سگهي.

146 – پنجابي اڳواڻن گذريل 150 سالن دوران پنهنجي ٻارن کي پنجابي ٻوليءَ جي فائدن کان محروم پئي رکيو آهي. پنجاب جي عام ماڻهن جي حقن کان محروميءَ لاءِ پنجاب جا حڪمران طبقا ۽ ٽولا ئي ذميوار ليکي سگهجن ٿا.

147 – مٿين صورتحال جي پسمنظر، سنڌين جو اِهو خدشو فطري آهي، تہ ون يونٽ ۾، جنهن ۾ حتمي طور تي پنجابين جي بالادستي هوندي (جيڪي ون يونٽ ۾ آباديءَ جو 56 سيڪڙو هوندا)، اُهي صاحبلوڪ جيڪي پنهنجي مادري ٻولي پنجابيءَ کي يتيمن وانگر ليکي انکي ٻوليءَ جو فقط هڪ لهجو ٿا سمجهن، سي سنڌي ٻوليءَ سان پڻ ساڳيو ورتاءُ رکندا. ملڪ جي نقشي تان "سنڌ" لفظ ميسارڻ کي مدنظر رکندي سمجهي سگهجي ٿو تہ اهي پنجابي ون يونٽ ۾ پاڪستان جي نقشي تان لفظ "پنجاب" ميسارڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا. پر جتي اسان سنڌي پنهنجي "سنڌ" اسان جي سڃاڻپ اسان جي قوميت وڃائي ويناسون اُتي پنجابي حڪمران ٽولي لاهور ۾ هڪ مرڪزيت واري حڪومت ذريعي اسان جي علائقي جو مڪمل ست ۽ ڪنٽرول پنهنجي تسلط ۾ آڻي ڇڏيو.

148 – منهنجا تبصرا معروضي حقيقتن ۽ منطقي خدشن تي ٻڌل آهن ۽ ڪوبہ ايماندار پنجابي ان ڏس ۾ منهنجي اظهار تي ڏڪوئجڻ نہ گهرجي. ان جي اُبتڙ هاڻ پنجاب ۾ پنجابي ٻوليءَ کي معياري ۽ تحريري ٻوليءَ طور ترويج ڏيڻ جي تحريڪ وڌي رهي آهي. هت ماهوار رسالي "پنجابي" جلد پنجون، نمبر 4، ڊسمبر 1955ع مان ڪجهہ پيش ڪري رهيو آهيان تہ جيئن پنجاب واسين جا تازا فطري لاڙا ظاهر ٿي سگهن.

A – 148 ان رسالي ۾ هن ريت ڄاڻايو ويو آهي:

"اسان جي مادري ٻولي پنجابيءَ لاءِ پاڪستاني پنجاب ۾ پهرين ڪاوش" (صفحو 2)

رسالي جا مول متا پنجابيءَ ۾ هيٺين ريت ڄاڻايا ويا آهن:

"جيڪڏهن ڪو انهن کي ڏسڻ ٿو چاهي، جيڪي پرڏيهي ٻولي ڄاڻن ٿا ۽ پرڏيهي ٻولين ذريعي سکيا جي دعوا ٿا ڪن تہ ڪين ڪنهن انگريز کي اردو ڳالهائيندي يا ڪنهن ديسيءَ کي انگريزي ڳالهائيندي ڏسڻ گهرجي. اسان ان جو مشاهدو ڪيو آهي، تہ انڪري پنهنجي مادري ٻولي پنجابيءَ کي سائنسي ترقيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ جو ٺئي ڪيو اٿئون." (صفحو 2)

رسالي جي اشاعت بابت هيٺين ريت ڄاڻايو ويو آهي:

"رسالو "پنجابي" هر مهيني جي پهرين تاريخ، پنجاب جي دل لاهور مان شايع ٿيندو. ان جي ساليانې خريداري فيءَ پنج رپيا آهي... (صفحو 2)

هيٺين ريت ڪجهہ مول متا ۽ پنجابين کي درخواستون آهن!"

"ڪنهن قومي ٻوليءَ واسطي تعظيم اُن قوم لاءِ تعظيم آهي:

او پنجابيو!

پنجابيءَ جي تعظيم ڪريو!" (صفحو 5)

"پنجاب جو صوبو

"مصنوعي سرحدن ڪان پنهنجو پاڻ کي آجو ڪنديِ اِهو هاڻ هڪ صوبي تائين محدود نہ رهيو آهي،

"پر

"پنجاب جي سرزمين

"اڳي جيان جرڪي ٿي ۽ ان جي سپوتن جي مادري ٻولي پنجابي آهي.

"انڪري

"اِهو هر پنجابيءَ جو فرض آهي تہ پنجابي مادري ٻولي پنجابيءَ جي سيوا ڪريءَ" (صفحو 31)

B — 148 ون يونٽ جي جوڙجڪ مهل "پنجابي" جو خوشيءَ وارو اظهار واضح ۽ فطري آهي، ۽ ان دعوا ۾ تہ پنجاب جون "مصنوعي سرحدون ميساريون ويون آهن، پنجاب جون سرحدون وسيع ڪري انهن کي سڄي اولهہ پاڪستان تي محيط ڪيو ويو آهي،" عظيم تر پنجاب واري تصور جو اظهار آهي.

(B) ڪجهہ پنجابي ياڙيتو فوجي:

149_تاريخ هڪ قوم هٿان ٻئي جي فتح جي داستانن سان ڀريل آهي. جيتوڻيڪ مان مريادا وارين مفتوح قومن فاتحن جي دهمان آڏو آڻ تہ پئي مڃي آهي پر انهن ڪڏهن بہ حوصلو نہ هاريو آهي ۽ مزاحمت ڪري ٻيهر پنهنجي آزادي ماڻي اٿن. پرڏيهين جي بالادستي ۽ استعمال واري غلامي انسان جي سڀ کان وڏي توهين آهي. آزاديءَ لاءِ اهي ويڙهون قومن جي تاريخ جو شاندار باب آهن.

150_ڪيڏي نہ چِسي ڳالهہ آهي، جو مفتوح قوم جا ڪي فرد نہ رڳو پرڏيهي فتح سان ٺهڪي ٿا بيهن، جنهن پر پنهنجي غلاميءَ تي فخر پڻ ٿا ڪن. ٻين قومن کي غلام بنائڻ ۾ فاتحن جا ياڙيتو قاتل بڻجن ۾ پنهنجو شان ٿا سمجهن

151_اهوئي ڪجهہ هند_پاڪستان جي ڌرتيءَ تي برطانوي سامراج جي ڏينهن ۾ ٿيو. ان ۾ اسان جي پنجابي ياڙن اهم ڪردار ادا ڪيو. هيٺ ون يونٽ جي حمايت ۾ جاري ڪيل هڪ پمفلٽ جو حوالو ٿو پيش ڪريان.

152_ پنجاب جو خليفو عبدالحڪيم پنهنجي "پمفليٽ اولهہ پاڪستان جو انضمام نظرياتي بنياد" ۾ چوي ٿو:

"اولهہ پاڪستان هڪ جامع آباديءَ وارو خطو آهي. ڪامياب توڙي ناڪام حملي آور مڪمل يا جزوي طور تي هن خطي ۾ ٹانيڪو ٿيا. انهن

مان ڪيترائي وقت گذرڻ تي پنهنجي ڌار شناخت وڃائي اصلوڪي رهواسين ۾ شامل ٿي ويا ۽ ڪائنن اڳ آيل انهيءَ حياتياتي ميلاپ سبب پيدا ٿيل جسماني بناوٽ ۽ صفتن ۽ پنهنجي اصل بنياد واري بنيادي سپاهياڻي جذبي کي برقرار رکندي آيا. جيڪا حقيقت برطانوي سامراج تسليم ڪئي ۽ هندستاني فوج جو ڪو پنجهتر سيڪڙو حصو هن خطي پنجاب مان ڀرتي ڪيائون" (صفحو1)

153_اسان جو "پنجابي" ميان ڪفايت علي پنهنجي پنجين پمفليٽ ۾ ڳالهه ڪئي:

"انگريز پنهنجي سامراجي ۽ واپاري مفادن جي تحفظ لاءِ انتهائي اُتاولا هئا. نتيجي طور هُنن هندستان کي پنهنجي پيداوار لاءِ منڊي ۽ هڪ اهڙي بينڪيت ليکيو جيڪا برطانيا ۾ سندن فيڪٽرين لاءِ ڪچو مال پيدا ڪري، گڏوگڏ سندن سامراجي جنگيون وڙهڻ لاءِ افرادي قوت حاصل ڪرڻ جو خطو پڻ" (صفحو1)

154_ميان ڪفايت علي پنهنجي چوٿين پمفليٽ ۾ برطانوي سامراج واسطي پنهنجي ابن ڏاڏن جي ڪردار جو فخر يا انداز ۾ حوالو ڏئي ٿو:

"اولهه پاڪستان اوڀر پاڪستان کان وڌيڪ محفوظ آهي. اوڀر پاڪستان جي ڪمزور دفاعي حيثيت ان جي آباديءَ سبب ناهي. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ طرفان هندستان ۾ وڙهيل هڪ اهم لڙائي پلاسيءَ واري جنگ هئي. سيد احمد بريلويءَ طرفان سکن خلاف شروع ڪيل جهاد جيڪو اڳتي هلي انگريزن خلاف ويڙهه ۾ تبديل ٿيو لاءِ ماڻهن جو وڏو تعداد اوڀر بنگال ئي فراهم ڪيو هو. مسلم بنگال 1857ع واري اُٿار ۾ پڻ حصو ورتو هو. انڪري بنگال ۾ ٿيندڙ تلخ تجربي سبب انگريزن بنگالي مسلمانن کي بيرحميءَ سان ڪچليو ۽ شعوري طور تي سندن ويڙهاڪ جذبي کي ماري ڇڏيائون. پر اُتر اولهه جي مسلمانن سان انگريزن هڪ ڌار ورتاءُ اختيار ڪيو. لارنس ۽ ايبورڊ جي سرواڻيءَ ۾ هنن انگريزن سان مڪمل سهڪار ڪيو ۽ 1857ع واري اُٿار کي ڪچلڻ ۾ سندن مدد ڪيائون. انڪري انگريزن اسان کي وفادار ۽ پروسي جوڳو ليکيو ۽ اسان کي فوجي جذبي کي برقرار رکندي انکي مستقبل ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ همٿايو" (صفحو4)

155_مٿين ٽڪري ۾ اظهار واضح آهن. "انڪري انگريزن اسان (يعني پنجابي) کي وفادار ۽ پروسي جوڳو ليکيو ۽ اسان جي فوجي جذبي کي برقرار رکندي انکي مستقبل ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ همٿايو." پنجابين کي ايشيا مصر ڏور اوڀر ۽ ٻين هنڌن تي سامراجي مفادن لاءِ استعمال ڪيو ويو.

156_هڪ ٻيو ناميارو پنجابي جسٽس محمد منير، پنجاب جي ڏڌيڙ تي پنهنجي رپورٽ ۾ پنجابين جي ڪردار کي هن ريت ٿو واضح ڪري:

"اسين سمجهون ٿا تہ ٻلي آخرڪار ٿيلهيءَ مان نڪري آئي آهي، پنجاب انتظاميا کي اُميد هئي تہ رضاڪارن جو رُخ ڪراچيءَ ڏانهن هوندو ۽ اڳي هندستان ۾ هاڻي پاڪستان واسطي ويڙهہ فراهم ڪندڙ خطي طور پنجاب جوانن جي ڀرتي ڪندو" (359)

157- مون پنهنجي پمفليٽ ۾ معزز پنجابي صاحبن جي پنهنجي متعلق ڪيل دعوا کي ٿي ورجايو آهي. اسان جي ملڪ ۾ برطانوي راڄ دوران پنجابي پاڙيتو سپاهين جي انهيءَ ڪردار بابت ڪجهہ اظهار ڪرڻ کان قاصر هئس، چاڪاڻ جو انکي بغاوت ٿي ليکيو ويو. پر اسان کي نظرداري ڪرڻ گهرجي تہ اسان جا ديس واسي اهڙن ڏوهن جو ورجاءُ نہ ڪن. هر محب وطن ۽ خود عزتيءَ جو طالب پاڪستاني منهنجي بيان ڪيل اظهار سان سهمت ٿيندو ۽ فقط اهڙن اظهارن ذريعي ئي اسين پنهنجي عوام واسطي قومي تعظيم ۽ مان جو هڪ نئون ضابطو جوڙي سگهون ٿا. پنهنجي سياسي آزاديءَ کي بچائڻ جو اهو ئي ڏڳ آهي.

(C) ڪجهہ پنجابين جي جنونيت:

158_هر مذهب يا مذهبي سرشتي جا پنهنجا فرقا ۽ ذيلي فرقا آهن، جن جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو ٿو رهي. هر مذهب يا ان جو فرقو دعويدار آهي تہ وٽس ئي الهامي رضا ۽ پيغام جو حقيقي مظهر آهي.

159 _پراڻن وقتن ۾ جڏهن ماڻهو فطري جاگرافيائي حدن اندر ئي محدود هئا ۽ عمومي ثقافت نہ هئڻ جوڳي هئي، انتها پسندي ۽ جنونيت عام جام هئا، جن انساني ترقيءَ تي تباهہ ڪُن اثر ٿي وڌا. مذهبي جنگيون ۽ ڏمر ڪليسائن هٿان قتل انهن وقتن جا ڏکدائڪ اولڙا آهن. پر جيئن انساني

جاڻ وڏي پتوڙ ۾ ظهور ۾ عقليت جا جذبا انساني ساڃاهه واري زندگيءَ جو حصو بڻيا. انسان زندگيءَ بابت وسيع تر نظريو جوڙيو ۽ پاڻ جهڙن انسانن واسطي وسيع تر همدردي پيدا ڪيائين. هاڻ اسان آڏو انسانن جي آفاقي ڀائيچاري ۽ انسانذات جي مذهب جا آدرش سائنسن خاص طور تي سماجي سائنسن جي واڌ ويجهه سان اڳتي پيشقدمي ڪري رهيا آهن. ٻين ماڻهن جو نقطي نظر، ادراڪ ۽ قبوليت وڏي ويجهي رهيا آهن. گڏوگڏ ٻين ماڻهن جي عقيدن لاءِ سهپ پڻ وڌي رهي آهي. اِهي انسانذات جي پرامن ارتقا جا بنيادي شرط آهن. سمورن ايماندار ۽ ساڃاهه وند عورتن ۽ مردن کي انهيءَ جذبي کي همٿائڻ گهرجي ۽ اِهو ڪجهه ڪرڻ جو هڪ ڏڳ ڪنهن به هنڌان اُڀندڙ جنونيت ۽ انتهاپسندي کي ڌڪارڻ آهي.

160_مون پنجاب ۾ پيش آيل ڪجهه ڏکوئيندڙ واقعن جو حوالو ڏيندي ان کان وڌيڪ ڪجهه نه ڪيو آهي، اسان جي پنجابي حڪمران ٽولن گڏريل هڪ ڏهاڪي دوران انهيءَ جنونيت جو ڏکوئيندڙ مظاهرو پڻ ڪيو آهي.

161_پاڪستان قائم ٿيڻ مهل هندن ۽ سکن مسلمان مردن، عورتن ۽ ٻارن سان جيڪي ڏاڍايون ڪيون ۽ مسلمانن جيڪي ڪجهه هندو ۽ سک مردن، عورتن ۽ ٻارن سان ڪيو سو ڪنهن کان به ڳجهو ناهي ۽ هاڻ ٻئي ڌريون اِهو مڃي به رهيون آهن.

162_پر سڀ کان وڏو اياڳ اِهو ته مسلمانن هڪٻئي کي اسلام ۽ الله جي نالي تي قتل ڪيو! ان مامري ۾ محمد ممتاز دولتانا ۽ سندس پنجابي ساٿارين جي ادا ڪيل ڪردار بابت لاهور هاءِ ڪورٽ جي ٽڏهوڪن ججن جسٽس محمد منير ۽ جسٽس ايم آر ڪياني چند لفظن ۾ ڄاڻايو آهي. هت "1953ع وارن پنجاب وڳوڙن جي جاچ واسطي 1954ع جي پنجاب ايڪٽ II تحت قائم ڪيل عدالتي جاچ رپورٽ" جا ڪجهه ٽڪرا درج ٿو ڪريان (نمبر41):

"مارچ 1953ع جي شروعات ۾ پنجاب ۾ وڏي پئماني تي وڳوڙ شروع ٿيا، جيڪي ڪجهه جاين تي اپريل 1953ع جي وچ ڌاري تائين جاري رهيا. انهن ايترو ته ڳنڀير رُخ اختيار ڪيو جو ڪيترين ئي جاين تي فوج کي

گهرايو ويو جڏهن تہ لاهور ۾ مارشل لاءِ مڙهي وئي، جيڪا مئي 1953ع جي وچ ڌاري تائين جاري رهي. مارشل لاڳو ڪرڻ کان اڳ پوليس کي ڪيترين ئي جاين تي فائرنگ ڪرڻي پئي ۽ ان جي نتيجي ۾ چار مارچ واري رات ۽ 5 مارچ تي 10 ڄڻا اجل جو شڪار بڻيا. گهٽ ۾ گهٽ 66 ڄڻا زخمي ٿيا جن کي گولين جا زخم اچڻ سبب لاهور جي اسپتالن ۾ داخل ڪرايو ويو. فوج طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب لاهور ۾ يارهن ڄڻا مارجي ويا جڏهن تہ 49 زخمي ٿيا. ٻين شهرن ۾ پڻ پوليس يا فوج جي فائرنگ سبب ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا.

"اِهي وڳوڙ ڪراچيءَ ۾ آل پاڪستان مسلم پارٽيز ڪنوينشن ۾ جوڙيل مجلس عمل جي عيوضي عالمن جي هڪ وفد جي 21 جنوري 1953ع تي ڪراچيءَ ۾ وزيراعظم خواجا ناظم الدين سان ملاقات دوران پيش ڪيل مطالبن کي نہ مڃڻ جو سڌو سنئون نتيجو هئا. اِهو چتاءُ/مطالبو اِهو هو تہ جيڪڏهن هڪ مهيني اندر قادياني احمدين کي غير مسلم اقليت قرار نہ ڏنو ويو ۽ پرڏيهي وزير چوڌري ظفرالله خان سميت اهم سرڪاري عهدن تي فائز احمدين کي برطرف نہ ڪيو ويو تہ مجلس عمل "راست قدم" کڻندي. 27 فيبروريءَ جي صبح مرڪزي وزيرن ۽ اولهہ پاڪستان جي عيوضين جي ڪوٺايل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ اِهو چتاءُ رد ڪرڻ ۽ ڪراچيءَ ۽ پنجاب سان تعلق رکندڙ مجلس عمل جي ڪجهہ اهم اڳواڻن جي گرفتاريءَ جو فيصلو ڪيو ويو. اِهي وڳوڙ انهن گرفتارين جو سڌو سنئون نتيجو هئا. (صفحو1)

"ناميارن عالمن جي اسان آڏو پيش ڪيل موقف موجب اسلام ۾ مُرتد جي سزا موت آهي.

"اعتماد حاصل ڪيندي ئي" سر ظفرالله خان تي حملا ڪندي کيس غدار ليکيو ويو. احرار دفاعي بدران اڳرائي واري پوزيشن اختيار ڪري ويا. حالتون ايترو اڳتي نڪري ويون جو تهذيب ۽ سياسي اخلاقيات کي ڇيهو رسائڻ لڳيون. (صفحو20)

"5_هڪ مرحلي تي احرار اڳواڻ ڄاڻائڻ لڳا تہ هو مسلم ليگ جي وڏن اڳواڻن سان لهہ وچڙ ۾ آهن ۽ سندن تقريرن جي قانون جي ڇڪتاڻ ڪرڻ واري زمري ۾ اچڻ جي باوجود بہ کين ڪو ڊپ داءُ نہ هو. (صفحو56)

"جڏهن ضلعي مئجسٽريٽن انهيءَ هدايت نامي پٽاندر اُپاءَ ورتا تہ احرارن هڪ دولابي حرفت اختيار ڪئي. هُنن پنهنجي اجتماعن جا ماڳ عوامي جاين کان مسجدن ڏانهن منتقل ڪيا. جيڪي خاص طور تي جمعي نماز مهل ماڻهن جي وڏي تعداد کي پاڻ ڏانهن متوجهہ تي ڪيائون. (صفحو60)

"بلاشڪ هيءَ صوبو احرار جو مضبوط ڳڙهہ آهي ۽ پاڪستان جي ڪنهن بہ صوبي جي ڀيٽ ۾ هتي ئي احمدين جو سڀ کان گهٽ تعداد آهي پر احرار طرفان پنهنجي سياسي لاڀ لاءِ مذهب جي آڙ ۾ جنونيت ۽ ڏڪار جي انهيءَ فلسفي کي جيڪڏهن ٽڪڙو ڀنجو نہ ڏنو ويو تہ پوءِ اهو مامرو فقط هن صوبي يا فقط احرار ۽ احمدين تائين محدود نہ رهندو. (صفحو 70)

"آل پاڪستان مسلم پارٽيز ڪنوينشن" ڪراچي

"18 مئي تي جهانگير پارڪ ڪراچيءَ ۾ چوڌري ظفرالله خان جي تقرير کانپوءِ مولانا لعل حسين اختر ٿيوسافيڪل هال ڪراچيءَ ۾ آل پاڪستان مسلم پارٽيز جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي. انهيءَ ڪانفرنس جي جاري ڪيل دعوت نامن تي مولانا احتشام الحق ٿانويءَ، مولانا عبدالحميد بدايوني، مولانا مجفر حسين مجتهد، مولانا محمد يوسف ۽ مولانا لعل حسين اختر جون صحيحون هيون. جنهن جو فيصلو 2 جون تي لعل حسين اختر جي گهر ڪوٺايل اهم مسلمان جماعتن جي هڪ نمائندي اجتماع ۾ ڪيو ويو. جيتوڻيڪ ان گڏجاڻيءَ جا تفصيل جاري نہ ڪيا ويا آهن پر مولانا احتشام الحق ٿانويءَ جي جمع ڪرايل ڪاغذن مان اِهو واضح ٿو ٿئي تہ ان ۾ هيٺيان مطالبا پيش ڪيا ويا:

(1) احمدين کي غير مسلم اقليت قرار ڏنو وڃي.

(2) چوڌري ظفرالله خان کي پرڏيهي وزير جي عهدي تان برطرف ڪيو وڃي.

(3) احمدين کي سمورن اهم عهدن تان برطرف ڪيو وڃي. ۽

(4) ڄاڻايل مقصد حاصل ڪرڻ واسطي هڪ آل پاڪستان مسلم پارٽيز ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو.

اخبارون:

"لاهور جي اهم اخبارن ۾ پاڪستان ٽائيمس، دي سول اينڊ ملٽري گزيٽ، نواءِ وقت" امروز، زميندار، احسان، مغربي پاڪستان، آفاق، جماعت اسلاميءَ جي اخبار تسنيم ۽ احرار جي آزاد شامل آهن. انهن مان شروعاتي چار احمدي_غير احمدي تڪرار ۾ نه وچڙيون جڏهن ته تسنيم ان بابت ورلي ئي تي لکيو. باقي اخبارن 1952ع جي پهرين اڌ دوران خاص طور مغربي پاڪستان ان موضوع جو ٿي پيرا حوالو ڏنو پر آزاد ۽ زميندار ان تڪرار پويان هٿ ڌوئي پئجي ويون ۽ احمدين، سندن عقيدن، سندن اڳواڻن ۽ چوڌري محمد ظفرالله خان خلاف هڪ مهم جاري ڪيائون. آفاق خاص طور تي دولتانا جي اخبار هئي جڏهن ته زميندار، احسان ۽ مغربي پاڪستان حڪومتي پنيرائي واريون اخبارون هيون. انهيءَ پنيرائپ جي تاريخ ۽ تفصيل پنهنجي سر انتهائي دلچسپ آهي، جيڪا هتي ڏيون ٿا:

صوبائي حڪومت 1947ع ۾ تعليم بابت پاڪستان صلاحڪاري بورڊ جي ڪيل سفارشن جي روشنيءَ ۾ صوبي ۾ بالغن جي تعليم جو هڪ سرشتو متعارف ڪرايو جنهن جو مقصد صوبي ۾ اڻپڙهيلن جو تعداد گهٽائڻ هو. انهيءَ جا هيٺيان مقصد هئا:

(1) ڳوٺن ۾ لائبريريون قائم ڪرڻ

(2) ريڊيو ۽ فلمن جو استعمال

(3) لکت واري مواد جا مناسب اسم فراهم ڪرڻ

(4) ڪُل وقتي ۽ جُز وقتي استادن ۽ سماجي ڪارڪنن ذريعي هلندڙ تعليمي مرڪزاِهي سرشتو تعليم کاتي جي انتظام هيٺ هو ۽ ان واسطي 1949_50ع ۾ سوا ٻه لک رپيا، 1950_51ع ۾ ڏهه لک رپيا ۽ 1951_52ع ۾ ڇهه لک رپيا تفويض ڪيا ويا.

18 مئي 1951ع تي ڊائريڪٽر پبلڪ رليشنز مير نورمحمد چيف سيڪريٽريءَ آڏو اسپتالن، جيلن، اسڪولن ۽ ڪاليجن جهڙن ادارن لاءِ مناسب اخبارون خريد ڪرڻ جي هڪ رٿ پيش ڪندي ان واسطي پنجاهه هزار رپيا گهريا. انهيءَ تجويز ۾ سندس چوڻ هو ته:

"جيڪڏهن چيف سيڪريٽري ۽ تعليم جو وزير پنجاب جي جيلن، تعليم کاتي ۽ بالغن جي تعليمي مرڪزن وغيره ۾ بالغن جي تعليم واري مهم ۾ مددگار ٿيندڙ پڙهڻ وارو مواد فراهم ڪرڻ واري انهيءَ منصوبي لاءِ امداد جاري ڪرڻ سان سهمت ٿا ٿين، تہ پوءِ اها رقم خرچ ڪرڻ منهنجي جوابديد تي هئڻ گهرجي

"هُن ڪويہ سبب ڄاڻائڻ کانسواءِ ئي چيو تہ ان منصوبي جا وڌيڪ تفصيل ڳجها رهندا. چيف سيڪريٽري اهو منصوبو منظور ڪيو ۽ تعليم واري وزير سان صلاح مشوري لاءِ وڏي وزير ڏانهن اُماڻيائين پر تعليم کاتي ان بنياد تي انهيءَ جي شديد مخالفت ڪئي تہ اخبارون فقط پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جي ئي ڪم اچي سگهن ٿيون. اِهي اڻپڙهيلن لاءِ ڪارائتيون نہ ٿينديون. ان منصوبي تي نوٽ لکندڙ تعليم کاتي جي عملدار جو وڌيڪ خيال هو تہ رٿيل خرچ کي بالغن جي تعليم پروگرام ۾ شامل ڪرڻ مناسب نہ ٿيندو. تعليم کاتي جي انهيءَ احتجاج باوجود پنهي وزيرن 26 مئي 1951ع تي انهيءَ رقم جي منظوري ڏيندي ان کي ڊائريڪٽر پبلڪ رليشنز جي جوابديد تي ڇڏيو. ڊائريڪٽر پبلڪ رليشنز 52_1951ع ۽53_1952ع واسطي تعليم کاتي کان وڌيڪ رقم حاصل ڪئي، جيڪا ڪُل ويهہ لک ٽي هزار رپيا ٿي بڻجي (صفحو 82)

اِها رقم هيٺين انداز ۾ خرچ ڪئي وئي:

1_جون 1951ع ۾ پنجاهہ هزار رپيا وصول ڪيا ويا.

"آفاق" کي	42 هزار رپيا
زميندار کي	4 هزار رپيا
پيهر زميندار کي	4 هزار رپيا
ڪُل	50 هزار رپيا

2_ڊسمبر 1951ع ۾ 50 هزار رپيا وصول ڪيا ويا.

احسان کي	18 هزار رپيا
آفاق کي	18 هزار رپيا

زميندار کي	5 هزار رپيا
مغربي پاڪستان کي	7 هزار رپيا
ڪُل	48 هزار رپيا

3_جون 1952ع ۾ هڪ لک رپيا وصول ڪيا ويا.

زميندار کي	10 هزار رپيا
آفاق کي	40 هزار رپيا
احسان کي	40 هزار رپيا
مغربي پاڪستان کي	4 هزار رپيا
زميندار کي	7 هزار رپيا
مغربي پاڪستان کي	1 هزار رپيا
ڪُل	هڪ لک ٻہ هزار رپيا

4_ڊسمبر 1952ع ۾ ٽي هزار رپيا وصول ڪيا ويا

مغربي پاڪستان کي	ٽي هزار رپيا

"ان ريت ظاهر ٿو ٿئي تہ آفاق کي هڪ لک، احسان کي 58 هزار، مغربي پاڪستان کي 15 هزار ۽ زميندار کي 30 هزار رپين جي وڏي رقم ڏني وئي. انهن اخبارن، جن مان ہن جي سرڪيوليشن انتهائي گهٽ هئي، لاءِ اِهي اداڪيون نعمت کان گهٽ نہ هيون ۽ جيڪڏهن حڪومت نہ چاهي ها تہ اِهي اهڙي پاليسي اختيار نہ ڪن ها. انهن اخبارن جا تراشا ظاهر ٿا ڪن تہ اِهي سموريون انهيءَ تڪرار ۾ سرگرم هيون ۽ حڪومت کان رقم ملڻ دوران ٻہ وڳوڙن کي ڀڙڪائي رهيون هيون. سندن اِها حرڪت تعليم کاتي پروڙي ۽ عوامي هدايت کاتي ۾ خاص ڊيوٽيءَ تي مامور عملدار ثناالله خان کي اِهو نوٽ لکڻو پيو تہ اِهي اخبارون چڱائي بدران ڏڦيڙ پکيڙي رهيون آهن ۽ فرقيواريت ۽ سياسي تڪرارن ۾ رڌل اخبارن کي ملندڙ سرڪاري رقمون زيان پيون ٿين. آفاق اخبار جو مامرو خاص طور تي ڌيان جوڳو آهي، ڇاڪاڻ جو اُن اخبار تي مير نور محمد جي ڪنٽرول کي دستاويزي ثبوتن ذريعي

ثابت ڪيو ويو آهي (صفحو 83) اِها عملي طور تي سندس اخبار آهي ۽ جيڪڏهن اخبار جي ايڊيٽر پروفيسر محمد سرور جي شاهديءَ تي اعتبار ڪجي تہ پوءِ اِها دولتانا جي پنهنجي اخبار آهي. انهيءَ اخبار کي شروعاتي ادائيگي 42 هزار رپيا هئي جڏهن اِها روزاني اخبار بڻي. مير نور محمد جو پٽ مير اقبال احمد ان اخبار جو ايڊورٽائزنگ مينيجر هو جيڪو اڄڪلهہ اخبار جو مينيجنگ ڊائريڪٽر آهي. خود دولتانا لائلپور جي مختلف مسلم ليگين کان گڏ ڪيل پنج هزار رپيا ان اخبار کي ڏنا ۽ انهيءَ رقم جي نتيجي ۾ اڳتي هلي مير اقبال احمد اخبار جا ڪجهہ حصص خريد ڪيا. انهن اخبارن کي سندن حيثيت جي اُبتڙ ملندڙ مالي پٺڀرائين 1952 واري گرم مُند ۾ صحافتي دنيا ۾ اسڪينڊل جو روپ اختيار ڪيو جو حڪومي پٺڀرائي رکندي انهن اخبارن جو اهڙن تڪرارن ۾ سرگرم ٿيڻ تي ماڻهن اِهو سمجهڻ شروع ڪيو تہ فرقيوار ڏڪار پکيڙڻ ۾ انهن اخبارن کي حڪومتي آشيرواد حاصل آهي. جيتوڻيڪ پهرين جون 1952ع واري شماري ۾ آفاق اعلان ڪيو تہ ان جي پاليسي فرقيواريت جي خلاف آهي پر سرڪاري سهائتا جي پهرين قسط ملڻ کانپوءِ 4 جولاءِ 1952ع واري پنهنجي شماري ۾ ان اعلان ڪيو تہ قادياني مامري تي خاص ڌيان ڏريو ويندو ۽ ان ۾ قاديانين جي پاڪستان جي يڪجهتيءَ واسطي خطرناڪ هئڻ بابت خاص مضمون لکجڻ شروع ٿي ويا. ان ڏس ۾ 5 جولاءِ 1952ع تي پهريون مضمون لکيو ويو ۽ انهيءَ شماري سان ڳنڍيل هڪ ڪاغذ جي ٽڪري موجب، جمعي نماز جي اجتماعن ۾ اخبار جون ڪاپيون مفت ورهايون ويون. ان مضمون ۾ اِهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ قاديانين ۽ مسلمانن ۾ بنيادي نوعيت جا فرق آهن، اِهو تہ قادياني اسلام جو فرقو ناهن. مرزا غلام احمد جي نبوت تي ايمان سندن عقيدي جو بنيادي جُز آهي، سو هو ڀنهہ ڌار برادري آهن. اِهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي تہ قادياني هڪ ڌار برادري آهن، مضمون شايع ٿيو تہ سموريون مسلمان جماعتون ان مامري تي متحد ٿين ۽ انهيءَ برادريءَ کي غير مسلم قرار ڏيڻ واسطي هڪ عملي پروگرام جوڙين. ان مضمون ۾ ان ڳالهہ تي خاص زور ڏنو ويو تہ اِهو مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش دوران ڏکيڙ هنگامي، حملن، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، منهن ڪارا ڪرڻ يا اسيمبليون ٽوڙڻ تي

زور نہ ڏنو ويجي، پاڪستان جو اهڙا قدم مقصد جي راهہ کوٽي ڪندا ۽ ان ڏس ۾ سموريون سرگرميون آئيني حدن منجهہ رکيو ويجن.

"جولاءِ جي مهيني دوران ئي ان موضوع تي آفاق ۾ چوڏهن مضمون شايع ٿيا. انهن سمورن مضمونن ۾ اِها ئي ڳنڍ پڌي وئي تہ قادياني هڪ ڌار برادري آهن ۽ کين اقليت قرار ڏيڻ واسطي هڪ مُهم منظم ڪئي وجي پر ان ڏس ۾ سموريون سرگرميون آئيني انداز ۾ ڪيون وڃن، جنهن ۾ طاقت جي مظاهري يا قانون جي ڀڃڪڙي کان پاسو ڪيو وڃي. (صفحو 84)

10 جولاءِ 1952ع تي مغربي پاڪستان اخبار "ختم نبوت ۽ مرزا ئي تحريڪ" جي سري هيٺ مبصر جو لکيل هڪ مضمون شايع ڪيو جنهن ۾اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ قادياني ڪافر آهن ۽ سندن سماجي بائيڪاٽ ڪيو وڃي (صفحو 86)

قلم۔ 144 حڪم جي واپسي

"قلم 144 تحت حڪمن جي ڀڃڪڙيءَ جي سرگوڌا وارن ڪيسن کي جوش خروش سان وڙهيو ويو ۽ جهڙي ريت اسين اڳيئي ڄاڻائي چڪا آهيون، تہ انهن مان هڪ ۾ سزا پڻ ڏنائي وئي. گوجرانوالا ۾ تعطل ۾ پيل ڪيس ۽ سرگوڌا ۾ تعطل ۾ پيل هڪ ٻئي ڪيس کان اڳتي هلي هٿ کنيو ويو ۽ سرگوڌا ۾ سزا ڪاڏل همراهہ کي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو. (صفحو 89)

"جيتوڻيڪ دولتانا اِهو تسليم نٿو ڪري تہ ڪيس تان هٿ کڻڻ وارو فيصلو سندس هو پر آفيسرن جي هڪ گڏجاڻي جنهن ۾ هو پاڻ موجود هو ۽ اهڙي دستبرداريءَ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ اهڙي فيصلي بابت ضلعي مئجسٽريٽ کي باخبر ڪيو ويو ان حقيقت کي مدِنظر رکڻ گهرجي، تہ ڪو بہ آفيسر اهڙو اهم فيصلو پنهنجي سر نہ ڪندو. فائل ظاهر ٿو ڪري تہ 15 جولاءِ 1952ع تي گهرو سيڪريٽري وائرليس ذريعي ضلعي مئجسٽريٽ گوجرانوالا کي ايندڙ ڏينهن تي گهرو سيڪريٽريءَ سان ملاقات ڪرڻ لاءِ چيو ۽ 16 جولاءِ تي ڊپٽي ڪمشنر گهرو سيڪريٽريءَ سان ملاقات ڪئي جتي کيس ڪيس تان هٿ کڻڻ واري سرڪاري فيصلي کان آگاهہ ڪيو

ويو. انهيءَ سموريءَ ڳالهه مان اِهو واقع ٿو ٿئي ته وڏي وزير جي حڪمن تحت ئي ڪيس تان هٿ ڪنيو ويو. (صفحو 89)

"سڄي مسلم ليگ ڪاهونڪيءَ پڻ ان ڏس ۾ هڪ ٺهراءُ بحال ڪيو ته جيئن ته پنجاب جي عالمن يڪراءِ سان احمدين کي اسلام جي دائري کان خارج ليکيو آهي، تنهنڪري هو مسلم ليگ جا ميمبر بڻجڻ جا اهل ناهن، سو مسلم ليگ جي احمدي ميمبرن کي خارج ڪيو وڃي ۽ ڪنهن به احمديءَ کي مستقبل ۾ ليگ جي ميمبريءَ جو اهل نه سمجهيو وڃي. (صفحو94)

"هاڻ دولتانا 27 جولاءِ تي صوبائي مسلم ليگ جي بحال ڪيل ٺهراءُ جي اُپٽار ۾ رڌل آهي. 30 آگسٽ 1952ع تي حضوري باغ ۾ تقرير ڪندي سندس چوڻ هو ته:

"اڄ پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي، جيڪو اسلامي حڪومت هئڻ جو دعويدار آهي. سڄي دنيا اسان جي انهيءَ تجربي کي ڏسي رهي آهي ۽ جيڪڏهن اسين پنهنجي انهيءَ ذميواريءَ جي پورائي ۾ ناڪام ٿا ٿيون ته دنيا کي اِهو چوڻ جو موقعو ملندو ته دنيا ۾ اسلامي طرز واري حڪومت جي ڪا گنجائش ناهي. ختم نبوتؐ جي ڏس ۾ منهنجو به اُهو ئي عقيدو آهي، جيڪو باقي مسلمانن جو ٿي پيو سگهي. آءُ سمجهان ٿو ته جيڪو به پيغمبر کي آخري پيغمبر نٿو سمجهي، سو اسلام جي دائري کان خارج آهي. آءُ ته اجائين اڳتي ٿو وڌان ۽ چوان ٿو ته ختم نبوت بابت ڪا دليل بازي ئي ڪفر جي مترادف آهي، ڇاڪاڻ جو دليل ته اُتي ڏنو ويندو آهي، جتي ڪو شڪ شبهو هجي. ختم نبوت تي ايمان اسان جي عقيدي جو حصو آهي ۽ اِهو سمورن دليلن ۽ منطقن کان مٿيرو آهي. مرزائي پنهنجي سر ئي سندن خلاف پئدا ٿيل ڌڪار لاءِ ذميوار آهن. هو زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اسان کان ڌار آهن ۽ پنهنجي ذاتي، سياسي ۽ سماجي سرگرمين کي پنهنجو پاڻ تائين ئي محدود رکيو اٿن. قادياني آفيسر پنهنجي برادريءَ وارن ڏانهن جانبدار آهن، جو هُنن قائم ڪيٽيون الاٽمنٽون فقط ڪنهن جي مرزائي هئڻ جي بنياد تي پئي ڪيون آهن. اِها سندن سرڪاري حيثيت سان ڪيل زيادتي آهي. (صفحو 98)

"ايم بي هاءِ اسڪول وزير آباد جي شاگردن جلوس ۾ ڪٽ تي چوڌري ظفرالله طور هڪ ڪتي کي ٻڌي جلوس ڪڍيو".

"25 جون 1952ع تي جمعي نماز کانپوءِ قصور جي گهٽين ۾ ڪڍيل هڪ ٻيو جلوس ايڊيشنل ايس پي قصور جي 26 جون 1952ع واري ڊائري ذريعي وڏي وزير جي نوٽيس تي آيو. ان جلوس ۾ چوڌري ظفرالله خان ڪتوءِ ظفرالله سوئر جا نعرا هنيا ويا. بعد ۾ جلوس ۾ شامل ماڻهن هڪ گڏهه تي بيگم ظفرالله لکي انجو سرگس ڪڍيو. مٿي تي ٽوپي ۽ گلي ۾ جوتن جو هار پاتل همراهه تي مرزا غلام احمد جو نالي لکي انهيءَ گڏهه تي سوار ڪيو ويو. انهيءَ واقعي جي رپورٽ ملڻ تي قربان علي خان جو چوڻ هو تہ اِهو واقعو قانون جي پيڪڙيءَ جي جاري ڏٺيڙ جو فطري نتيجو هو جو قانون جي هڪ پيڪڙي ٻئيءَ کي جنم ڏئي رهي هئي ۽ اِهو تاريخ جو هڪ سبق هو جيڪو اينگهائڻ تہ ممڪن هو پر ٽارڻ ناممڪن. ان مامري تي وڏي وزير نظر تہ وڌي پر ان تي ڌيان نہ ڏنائين. (صفحو 100)

"نظاميءَ سيپٽمبر 1952ع ان موضوع تي دولتانا سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. دولتانا جو چوڻ هو تہ مير نورمحمد حڪومت هلائي رهيو هو ۽ هُن کيس ڪجهہ ڏينهن اندر هٽائڻ جو ارادو ٿي رکيو پر نظاميءَ جي وراڻي هئي تہ اِهو سڀڪجهہ ڪوڙ هو ۽ هُن دولتانا تي اعتبار ٿي ڪيو. ڇاڪاڻ جو مير نورمحمد سمورا عمل دولتانا جي چرچ تي ئي ڪري رهيو هو. (صفحو107)

"جڏهن ڊاڪٽر قريشي ڪراچي موٽي آيو تہ هُن ان واقعي جو وزيراعظم سان ذڪر ڪيو ۽ پنهنجي ان موقف جو اظهار ڪيو تہ پنجاب ۾ ٿيندڙ وڳوڙن کي پبلڪ رليشنز ڊائريڪٽوريٽ هوا ڏئي رهيو آهي. هُن دولتانا سان پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ جو پڻ ذڪر ڪيو ۽ پنهنجي اچرج جو اظهار ڪيائين تہ صوبائي حڪومت جو هڪ کاتو اهڙي اهم مامري تي مرڪزي حڪومت جي حڪمن کانسواءِ ڪهڙي ريت ڪا پاليسي جوڙي سگهي ٿو. ڊاڪٽر قريشيءَ انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪابينا جي ميمبرن آڏو پڻ ڪيو. (صفحو108)

"خواجا ناظم الدين" دولتانا تي واضح ڪيو تہ پاڪستان ٽائيمس، امروز نواءِ وقت ۽ سول اينڊ ملٽري گزيٽ جهڙيون مخالف ڌر جون اخبارون

ان مامري تي خاموش هيون، جڏهن تہ حڪومت ۾ خود دولتانا جي اثر رسوخ وارين اخبارن وڳوڙن کي پڙڪايو. ان ڏس ۾ سڀ کان وڏي ڏوهاري زميندار اخبار هئي، جنهن کي جيڪڏهن چاهي ها تہ دولتانا يقيني طور ڪنٽرول ڪري پئي سگهيو. (صفحو109)

"پنهنجي واپسيءَ تي هُنن 19 آگسٽ تي ملتان ۾ ۽ 23 آگسٽ تي لاهور ۾ عوامي اجتماع ڪيا، جنهن ۾ ڦاٿ ڪاڏائون تہ وزيراعظم جو ڪين ڇوڙ هو تہ احمدي مخالف وڳوڙ فقط پنجاب تائين ئي محدود هئا، جڏهن تہ باقي صوبا ان کان آجا هئا. (صفحو110)

16_لاهور جي آل مسلم پارٽيز جي مجلس عمل جي سڏ تي 13 آڪٽوبر 1952ع تي سڄي پنجاب ۾ احتجاج جو ڏينهن ملهايو ويو ۽ اهم مسجدن جي خطيبن جمعي واري خطبي ۾اِها ڳالهہ ورجائي تہ مرزائين کي اقليت قرار ڏنو وڃي، ظفرالله خان کي سندس هاٺوڪي عهدي تان هٽايو وڃي ۽ اعتراض جوڳو مرزائي ادب ضبط ڪيو وڃي. (صفحو 114)

"(6) ملائيت ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ گهٽي ياڳي ملان تعليم کان وانجهيل طبقي سان تعلق رکندڙ آهن ۽ هو انتهائي تنگ نظر پيشمنظر رکن ٿا. مُلن کي خود سياستدانن ٺاهيو آهي ۽ هو پنهنجي تخليقڪارن جا حمايتي ٿيڻ بدران سندن ئي خلاف ڪات ڪهاڙا کڻي چڪا آهن. هو پنهنجي لاءِ اقتدار حاصل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ترقيءَ جا ويري آهن. مُلن جو هڪ ذهين ۽ پڙهيل ڳڙهيل طبقو پئدا ڪرڻ گهرجي ۽ اڳواڻ تقريرون ڪرڻ دوران ڪي بہ اهڙا مذهبي واعدا نہ ڪن، جيڪي پورا ڪري نہ سگهجن. (صفحو117)

"محمد علي جالنڌريءَ جو ڇوڙ هو تہ مرزا غلام احمد ۽ سندس سمورا پيروڪار زنديق آهن ۽ پيغمبريءَ جي ڪوڙي دعوا ڪندڙ کي قتل ڪندڙ کي روحاني طور تي هڪ سئو شهيدن جي برابر درجو حاصل ٿيندو. (صفحو123)

"مولانا مودوديءَ جي لکت ۾ بيان موجب احرار مئي 1952ع ۾ قادياني مامري تي وڳوڙ شروع ڪيا. اُن وقت جماعت اسلاميءَ جو موقف اِهو هو تہ قاديانين کي اقليت قرار ڏيڻ واري گُهر درست هئي پر جيئن تہ اُن وقت آئين نهي رهيو هو تنهنڪري اِهو مسلمانن لاءِ غير آئيني وڳوڙن ڏانهن ڏيان ڏرڻ

جو مناسب وقت نہ هو ۽ سمورو ڌيان هڪ سچي پچي اسلامي آئين جي منظوري تي لڳائڻ گهرجي ها ۽ قاديانين وارو مامرو خود آئين ۾ ئي نبيريو وڃي ها. (صفحو134)

"مُلن جي جماعت جو اندراج ڪيو ويو ۽ احمدين خلاف تمام گهڻو زهر اوڳاڇيو ويو آهي، گوجرانوالا ۾ ڇپيل پمفليٽن ذريعي واضح ڪيو ويو تہ احمدين سان اڇوتن وارو ورتاءُ ڪيو وڃي ۽ ڪاڏي پيتي جي هنڌن تي هنن لاءِ ڌار ٿانوَ فراهم ڪيا وڃن (صفحو140)

"منجهند واري گڏجاڻيءَ ۾ گورنر ۽ وڏي وزير آءِ جي پوليس کان صورتحال بابت هڪ تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي. ڪائنس پوءِ بين وڏيڪ مقررن مولانا مودودي ۽ قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبر احمد سعيد ڪرمانيءَ تقريرون ڪيون. مولانا صورتحال کي عوام ۽ حڪومت وچ ۾ گهرو لڙائي سان ڀيٽ ڏني ۽ واضح ڪيو تہ جيستائين حڪومت عوام جون گهرون نٿي مڃي، هو ڪنهن بہ قسم جي اپيل ۾ ڀاڱي ڀائيوار نہ بڻيو. (صفحو160)

"7 مارچ تي پروفيسر خالد محمود ۽ فضل حق تقريرون ڪندي پوليس ۽ فوج کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ بين سرڪاري ملازمن کي هڙتال ڪرڻ ۽ تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جو سڏ ڏنو. (صفحو173)

"سيد عطاءالله شاهہ بخاريءَ ان ڪانفرنس ۾ تقرير ڪئي ۽ اطلاعن موجب پنهنجي موقف جو اِهو اظهار ڪيائين تہ احمدين کي قتل ڪرڻ ۽ سندن ملڪيتون ساڙڻ نيڪيءَ جو ڪم آهي (صفحو174)

"جولاءِ 1952 ۾ هڪ بي ڪانفرنس دوران صاحبزادي فيض الحسن اطلاعن موجب اعلان ڪيو تہ ڪنهن احمديءَ کي قتل ڪرڻ الله جي رضا ماڻڻ آهي.

"جڏهن فوج پهتي تہ انجي آڏرياءَ ۾ نعرا بلند ڪيا ويا تہ "پاڪستاني فوج جنهن سيالڪوٽ ۾ گولي هلائڻ کان انڪار ڪيو زنده باد. پاڪ فوج زنده باد" ان سڄي عرصي دوران وڳوڙي اعلان ڪندا رهيا تہ هو جهاد پيا ڪن ۽ پوليس ۽ فوج کي گولي هلائڻ بدران جهاد ۾ شامل ٿيڻ جي اپيل وارا پوسٽر جتي ڪٿي چنبڙايا ويا. (صفحو-176)

"وڳوڙن جي نوعيت سبب پوليس ۽ فوج جي هيٺين عهدن وارن عملدارن جي وفاداري ۽ حوصلي تي فرق پوڻ شروع ٿي ويو ۽ گهڻي ڀاڱي مسلم ليگي اڳواڻ ۽ مقامي اسيمبلي ميمبر لڪي ويا ۽ عوام آڏو اچڻ کان انڪار ڪيائون. درحقيقت هُنن ٻٽو ڪردار ادا ڪيو ٻاهرين طور تي انتظاميا سان گڏ هئا، جڏهن تہ اندروني طور وڳوڙين جا حمايتي هئا. (صفحو178)

"انسانن جا وڏا هجوم (صفحو183) جيڪي عام طور تي معتدل، عقل ڀريا شهري هئا، بي روڪ مست هجوم بڻجي ويا، جن جو واحد مقصد قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ ۽ آئيني اختياريءَ کي گوڏن ڀر جهڪائڻ هو جڏهن تہ معاشري جي سگهاري عنصرن بدانتظاميءَ جو فائدو وٺندي وحشين وارو ورتاءُ اختيار ڪندي مزو ماڻڻ يا هٿ ٺوڪيو دشمن پيدا ڪندي، ماڻهو مارڻ ۽ سندن ملڪيتون ڦرڻ ۽ ساڙڻ جو عمل ڪيو. معاشري کي ٺيڪو ڏيندڙ سموري مشينري اچي ڦهڪو ڪيو ۽ پاڳل پڻي جو شڪار ٿيل ماڻهن عقل ٺڪاڻي آڻڻ ۽ بي واهرو شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ واسطي ڪجهہ جوڳا اُپاءَ وٺڻ کي ضروري بڻائي ڇڏيو. ان ريت اِهي وڳوڙ ئي مارشل لا لاڳو ٿيڻ جا سڌو سنئون ذميوار هئا. (184)

"1918ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي دوران جنهن ۾ ترڪيءَ کي شڪست آئي، بغداد تي برطانوي قبضي تي قاديان ۾ ٿيل جشن مسلمانن ۾ ناراضگي پيدا ڪئي ۽ احمديت کي انگريزن جو ڪڙو ڪيل تماشو ليکيو ويو. (صفحو_196)

"انڪري تڪڙو سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي تہ اسلام ڇا آهي ۽ مسلمان يا مومن ڪير آهي؟ اسان اِهو سوال عالمن آڏو رکيو ۽ هٿ انهيءَ سوال جي سندن جواب کي ئي آڏو رکنداسين. پر اِهو چوڻ کان رهي نٿا سگهون تہ اسان لاءِ اِهو انتهائي افسوس جو معاملو هو تہ عالم جن جو بنيادي ڪم انهيءَ مامري تي يڪرائپ ڀريو موقف هئڻ کپندو هو سي پاڻ ۾ انتهائي ڏڦيڙ/ اختلاف جو شڪار هئا. هُنن پلي ڇا بہ چيو هجي اسين اسلام کي هڪ نظام ٿا سمجهيون جيڪو ٻين سمورن مذهبن جيان، هيٺين پنجن موضوعن جو احاطو ٿو ڪري:

(1) سڌانت، عقيدي جا بنياد

(2) عقيدتمندي، مذهبي رسمون يا بجا آوري جيڪا ميجيندڙ ڪي لازمي طور تي ڪرڻي آهي

(3) اخلاقيات، اخلاقي وهنوار جا ضابطا

(4) سماجي، معاشي ۽ سياسي ادارا

(5) مخصوص قانون

انهن سمورن موضوعن تي ضابطن جو اصل بنياد منطق بدران ظهور آهي، جيتوڻيڪ اِهي ٻئي گڏ پڻ ٿي سگهن ٿا. بهرصورت اِهو اتفاق حادثاتي آهي ڇاڪاڻ جو منطق نقص پيو ٿي سگهي ٿو. جتي منطق جي خبر فقط خدا کي آهي، جيڪو ماڻهن جي سرواڻي ۽ هدايت لاءِ پنهنجي چونڊيل پيغمبرن ذريعي پنهنجي هدايت ٿو اُماڻي. انڪري انسان کي عقيدو قبولڻ، مذهبي رسمن جي 'بجا آوري' اخلاقيات جي پوئواري، قانون جي پيروي ۽ خدا جي جاڻايل ادارن جي تشڪيل ڪرڻ گهرجي پلي انهن واسطي ڪو واضح منطق نظر نہ بہ اچي يا اچائين اِهو تہ اِهي پلي انساني منطق سان ٽڪراءُ ۾ ايندڙ ئي ڇو نہ هجن. جيئن تہ خدا طرفان ڪا غلطي ڪرڻ ناممڪن آهي، انهيءَ ڪري خدا جي جاڻايل هر شئي پوءِ پلي اِها عقيدو تاريخ، ماليات، قانون، عبادت يا ڪا اهڙي شئي جيڪا انساني، عقل ۽ موجود سائنسي وهنوار گُهرندي هجي جهڙوڪ انسان جي پيدائش، ارتقا، ستاره شناسي يا قسمت شناسي، مطلب تہ سموري ڪجهہ کي حتمي سچائي طور ميڄڻو پوندو. سبب جي جاچ تيزاب جي جاچ لهڻ ناهي ۽ ان کان انڪار الله جي اعليٰ ترين ڏاهپ ۽ انداز کان انڪار يعني ڪفر آهي. (صفحو206)

اسلامي رياست ۾ اختيار ۽ جمهوريت:

عالمن موجب پاڪستان ۾ حڪومتي انداز جيڪڏهن اسلام جي اصولن پٽاندر رکڻو آهي تہ پوءِ اهو جمهوري نٿو ٿي سگهي. قرآن ۽ سُنت جي اختيار بابت نظرئي جي اڳ ۾ ئي اُپٽار ڪري چڪا آهيون. قرارداد مقاصد ان موقف جي درست ميڃتا ڏئي ٿو جڏهن اِها واضح ٿي ڪري سمورو اختيار الله وٽ ئي آهي پر انهيءَ نهراءُ جي ليڪن 'اختيار' ۽ 'جمهوريت' جي لفظن جو غلط استعمال ڪيو آهي، جڏهن سندن چوڻ هو تہ هڪ بااختيار رياست جي

جُڙندڙ آئين ۾ اسلام طرفان جمهوريت جي ڄاڻايل اصولن کي آڏو رکيو ويندو. اِهو چئي سگهجي ٿو تہ جنهن حوالي سان اهي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن سي اسلامي اصولن جي وسيع ڄاڻ رکندڙ تہ غلط ريت نہ سمجهندا جو اِهي ٻئي لفظ اولهہ جي سياسي فلسفي مان ورتا ويا آهن ۽ اِهو چوڻ تہ ڪو ملڪ بااختيار آهي مان مُراد اها آهي تہ ان ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهو يا سندن ڪو گروهہ ان ملڪ جا ماميرا جنهن ريت چاهين هلائي سگهن ٿا. بهرصورت ڪا، اسلامي رياست ان ڏس ۾ خودمختيار نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ جو اِها قرآن ۽ سُنت ۾ ڄاڻايل ڪنهن قانون کي معطل، تبديل يا ختم ڪرڻ جي اهل نٿي ٿي سگهي. ڪنهن رياست جي قانون سازيءَ واري اختيار تي حتمي روڪ اُن رياست جي عوام جي اختيار تي روڪ آهي ۽ انهيءَ روڪ جو بنياد عوام جي منشا بدران ڪنهن ٻئي هنڌ آهي تہ پوءِ ان روڪ جي حد تائين رياست ۽ انهيءَ عوام جي اختيار تي روڪ کي هٽائڻ گهرجي. ڪنهن اسلامي رياست ۾ انهيءَ بنيادي قانون سازيءَ واري زمري ۾ اختيار فقط خدا وٽ ئي ٿي سگهي ٿو. ساڳي ريت، جمهوريت جو مطلب آهي لوڪ جي حڪومت، اڳاٽي يونان ۽ روم وانگر سڌو سنئون سندن يا جديد جمهوريت پٽاندر سندن طرفان اڻسڌي ريت سندن چونڊيل عيوضين ذريعي جيڪڏهن آئين ٺاهڻا يا قانون جوڙڻ يا ڪي انتظامي اُپاءَ وٺڻ واسطي عوام جو اعتبار ڪجهہ اڻ مٽ ضابطن سان لاڳاپيل آهي تہ اِهو نٿو چئي سگهجي تہ هو جيڪو قانون چاهين جوڙي ڇڏين يا انتظامي ڪم ڪندي جيڪو وڻين سو ڪن. ان جي اُبتڙ جيڪڏهن سمورين اسلامي رياستن ۾ قانون سازي اجماع جي تابع آهي تہ پوءِ عوام ان ۾ شامل ٿيڻ کان نااهل ٿو بڻجي، ڇاڪاڻ جو اسلامي قانون ۾ اجماع اُمت ڄاڻ رکندڙ عالمن ۽ مجتهدن تي ئي آڌاريل آهي ۽ سمورن حوالن سان آباديءَ تائين پکڙيل آهي، جهڙي ريت جمهوريت ۾ آهي. (صفحو210)

عالمن پٽاندر اسلامي رياست جا بيا مثال:

پوئين حڪمن تي اسان پنهنجي سر اِهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تہ جيڪڏهن ڪنهن کي اسلامي رياست ٿو سڏجي تہ پوءِ اِها

ڪهڙن اصولن تي آڌاريل هئڻ گهرجي. هاڻ اسين اهڙي رياست جا ڪي مثال ٿا ڏيون، خاص طور تي عالمن جي ان بابت تصور جي حوالي سان:

قانون سازي ۽ قانون جوڙيندڙ:

پنهنجي هاڻوڪي انداز ۾ قانون ساز اسلامي سرشتي واسطي اڻچاتل آهي. دين اسلام سڄڻندڙ مذهبي سياسي سرشتو پنهنجي اندر ۾ ڪنهن بہ صورتحال سان مُڪاميل تي سگهندڙ قانون واسطي هڪ وهنوار ٿو آڇي. اسلامي ريپبلڪ دوران ان جي جديد وصف پٽاندر ڪو قانون ساز ادارو نہ هو ۽ ڪنهن بہ صورتحال يا هنگامي حالت جي پئدا ٿيڻ تي عالمن ذريعي ڪو قانون ٺاهيو ۽ لاڳوڪيو ٿي ويو.اِهي سمورا ڪنهن مخصوص صورتحال کي منهن ڏيڻ واسطي ئي هئا. جيتوڻيڪ جوڙڻ ۽ لاڳو ٿيڻ جي صورت ۾اِهي پيروي ڪرڻ واسطي هئا. اِهو مڪمل طور تي اڻ درست آهي. جهڙي ريت ڪجھ ملڪن جو چوڻ آهي تہ پاڪستان جهڙي ڪنهن ملڪ ۾ جنهن ۾ مختلف برادريون جهڙوڪ مسلمان ۽ غيرمسلم ٿانيڪو آهن ۽ جتي غير مسلمانن کي پئدا ٿيندڙ هر مامري تي ووٽ ڏيڻ جو حق حاصل آهي، قانون سازي اجماع يا اجتهاد جي شڪل آهي. ان جو سبب اِهو آهي تہ اجتهاد اجتماعيت بدران انفراديت تي ٻڌل آهي ۽ جيتوڻيڪ اجماع اجتماعيت آهي پر ان ۾ انهن جو ڪو مقام ناهي، جيڪي قانون جي ڄاڻ رکندڙ ناهن. اِهو اصول ڪفار کي هڪ ڌڪ سان نيڪالي ٿو ڏئي پوءِ ڀلي هو اهل ڪتاب هجن يا مشرڪ.

"جيئن تہ اسلام سموري انساني وهنوار تي محيط اجتماع يا اجتهاد مان حاصل ٿيندڙ يا اظهار ٿيندڙ قانونن ڀريو هڪ جامع مذهب آهي، تنهنڪري ان ۾ جديد انداز جيءَ قانون سازيءَ جي گنجائش نٿي ٿئي. ان نڪتي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ جمعيت العلماء پاڪستان جي صدر مولانا ابوالحسنات جو چوڻ هو:

سوال: ڇا قانون جي اُپٽار واسطي ڪنهن فرد يا فردن تي ٻڌل اداري کان ڌار قانون سازيءَ وارو ادارو ڪنهن اسلامي رياست جو اڻ ٽٽ حصو ٿئي ٿو؟

جواب: نہ۔ اسان جو قانون حتمي آهي ۽ ان جي ماهرن کان ورلي ئي اُپٽار لهڻي ٿو. منهنجي عقيدي موجب قانون جي ڏس ۾ ڪو اهڙو مامرو يا سوال، ناهي جنهن جو قرآن يا حديث مان حل يا جواب نہ ملي.

سوال: صاحب الحال والعقد ڪير آهن؟

جواب: اِهي پنهنجي دور جا ناميارا عالم هئا. هنن قانون جي ڄاڻ ماڻڻ ذريعي اِهو مقام ماڻيو. اِهي ڪنهن بہ ريت جديد جمهوريت ۾ قانون ساز فردن جهڙا نہ هئا.

ساڳيو ئي موقف 22 اپريل 1947ع تي آزاد اخبار ۾ رپورٽ ٿيل پنهنجي تقرير ۾ امير شريعت سيد عطاءالله شاهہ بخاريءَ جو هو جنهن دوران سندس چوڻ هو تہ اسان جو دين مڪمل ۽ جامع آهي ۽ وڌيڪ قانون ٺاهڻ ڪفر جي مترادف آهي. (صفحو211)

"چوڌري ظفرالله خان ۽ رياست جي اهم عهدن تي موجود ٻين احمدين جي برطرفين جو بنياد اهو ٿو ڄاڻايو وڃي، تہ جيئن تہ احمدي غير مسلم آهن ۽ ان ڪري ڪنهن اسلامي رياست ۾ زميءَ وانگر رياست جي اهم عهدن تي مقرريءَ جا اهل ناهن. مطالبن جي انهي پهلوءَ ملڪ ۾ اسلامي آئين هئڻ جي صورت ۾ پاڪستان ۾ غير مسلمانن جي حيثيت بابت هڪ سڌو سنئون سوال اٿاري ڇڏيو آهي. سرواڻ عالمن موجب پاڪستان جي اسلامي رياست ۾ غير مسلمانن جي حيثيت زميءَ واري هوندي ۽ هو پاڪستان جا مڪمل شهري نہ هوندا. ڇاڪاڻ جو ڪين مسلمانن جهڙا حق حاصل نہ هوندا. کين قانون سازيءَ بابت راءِ ڏيڻ، قانون لاڳو ڪرڻ ۽ سرڪاري عهدا ماڻڻ جو حق حاصل نہ هوندو. (صفحو212)

"عالمن جي ڏنل انيڪ اپٽارن کي آڏو رکندي اسان کي ان ڪانسواءِ ڪو ٻيو تبصرو ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي ٿئي تہ ڪي بہ ٻہ جيؤَ بنيادن تي سهمت نہ هئا. جيڪڏهن هنن وانگر اسين پنهنجون اُپٽارون ٿا پيش ڪريون ۽ جيڪڏهن اِهي ٻين جي ڏنل اُپٽارن کان مختلف آهن تہ پوءِ اسين يڪرائپ سان اسلام جي دائري کان خارج ٿا ٿيون. ۽ جيڪڏهن اسين انهن عالمن مان ڪنهن هڪ جي ڏنل اُپٽار سان سهمت ٿا ٿيون تہ پوءِ

اُن عالم جي موقف پٽاندر تہ مسلمان رهون ٿا پر ٻين سمورن جي اُپٽار موجب ڪافر ٿا بڻجون. (صفحو218)

"ديوبندين جي فتوا جنهن موجب اثنا عشري شيعا ڪافر ۽ مرتد آهن، جي درستگيءَ بابت جاچ دوران سوال ڪيوسين، پر مولانا محمد شفيع ان بابت ديوبند کان جاچ ڪرائي ۽ اداري جي رڪارڊ مان هڪ فتوا جي نقل حاصل ڪيائين، جنهن تي خود مولانا محمد شفيع سميت دارالعلوم جي سمورن اُستادن جون صحيحون ٿيل هيون، جنهن موجب حضرت صديق اڪبر جي صحابيت تي عقيدو نہ رکندڙ ۽ حضرت عائشا صديقا جا قاذف ۽ قرآن جي تحريف جا مرتڪب ڪافر آهن. انهيءَ موضوع تي پڙهيل ۽ ڄاڻ رکندڙ ابراهيم علي چشتي پڻ انهيءَ موقف جي پٺڀرائي ٿو ڪري. هو سمجهي ٿو تہ شيعا ڪافر آهن، ڇاڪاڻ جو سندن عقيدو آهي تہ حضرت علي اسان جي پيغمبر سان پيغمبريءَ ۾ ڀائيوار آهي. هُن ان سوال جو جواب ڏيڻ کان انڪار ڪيو، تہ جيڪڏهن ڪو فرد سُني هوندي پنهنجو نقطي نظر تبديل ٿو ڪري ۽ شيعا موقف سان سهمت ٿو ٿئي سو بہ ارتداد جو مرتڪب بڻجندي موت جي سزا جو حقدار بڻبو. شيعن موجب سمورا سُني ڪافر آهن ۽ حديث کي اعتبار جوڳو نہ ليکيندي انهن جي پوئواري لازمي نہ سمجهندڙ اهل القرآن يڪرائپ سان ڪافر آهن ۽ ساڳي ئي حيثيت سمورن آزاد منش ساچاهہ وندن جي پڻ آهي.

انهيءَ سموري جو حتمي نتيجو اِهو آهي تہ نہ شيعا، نہ سُني، نہ ديوبندي، نہ اهل حديث، نہ بريلوي مسلمان آهن ۽ جيڪڏهن رياست جي حڪومت اهڙن هٿن ۾ آهي، جيڪي ٻئي جماعت کي ڪافر ٿا ليکين تہ پوءِ هڪ موقف کان هٽي ٻيو موقف اختيار ڪرڻ کي اسلامي رياست ۾ موت جي سزا سان نبيريو ويجي. ۽ انهيءَ عقيدي جي نتيجن جو اندازو لڳائڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. جڏهن ڪي بہ بہ عالم اسان آڏو ان تي سهمت نہ ٿيا تہ مسلمان جي وصف ڇا آهي. جيڪڏهن عالمن جي ڏنل وصفن جي عنصرن کي آڏو رکبو ۽ گاڏڙ ۽ ترتيب واري ضابطي جي تابع رکبو ۽ گاليليو تي لڳايل الزام جي عدالتي جاچ واري انداز کي مثال طور آڏو رکبو تہ پوءِ ڪنهن فرد کي ترڪ دين جو مرتڪب ليکڻ جا تمام گهڻا اهڃاڻ پيدا ٿي پوندا.

"هن رپورٽ جي هڪ شروعاتي حصي ۾ اسان مولانا شبير احمد عثماني، جيڪو اڳتي هلي شيخ الاسلام پاڪستان بڻيو جي الشهاب" واري سري هيٺ لکيل هڪ پمفليٽ جو حوالو ڏنو آهي. انهيءَ پمفليٽ ۾ مولانا صفحي 22 تي قرآن، سنت، اجماع ۽ قياس مان اِهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسلام ۾ ارتداد جي سزا موت آهي. نظرياتي توجيه پيش ڪرڻ کانپوءِ مولانا انهيءَ دستاويز ۾ ڄاڻائي ٿو ته خليفي صديق اڪبر ۽ ڪائنس پوءِ ايندڙ خليفن جي دور ۾ عربستان جون وسيع ايراضيون ترڪ دين ڪندڙن جي رت سان ڳاڙهيون ٿي ويون. اسان کي انهيءَ موقف جي درستگي بابت ڪو اظهار ڪرڻ لاءِ ته نه چيو ويو پر اِهو ضرور ڄاڻون ٿا ته پنجاب حڪومت ڪي اِهو پمفليٽ رد ڪرڻ جي رٽ گهرو معاملن واري وزير وٽان آئڻ گهرجي. اسان پنهنجي سر حڪومت جي انهيءَ قدم جا سبب لهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن بابت مولانا قرآن ۽ سُنت جو حوالو ٿو ڏئي. ارتداد ۽ موت جي سزا جا ڏورس اثر پوڻا آهن ۽ ان جي صورت ۾ اسلام انتها پسندن جو مذهب ليکيو ويندو جيڪو هر آزاد سوچ کي نپوڙي ۽ سزا ٿو ڏئي. قرآن هر هر سبب ۽ ڏاهپ تي زور ٿو ڏئي، سهپ جي صلاح ٿو ڏئي ۽ مذهبي معاملن جي جبر جي خلاف ٿو ڏس ڏئي پر انهيءَ پمفليٽ ۾ ڄاڻايل ارتداد وارو عقيدو آزاد سوچ جي بڻ بڻياد تي وار ٿو ڪري. انهيءَ جي اطلاق سان اسلام ڏاهپ جي مڪمل اڻرنگ جو سبب ٿو بڻجي، ۽ جيڪڏهن انهيءَ پمفليٽ ۾ بيان ڪيل اِها ڳالهه درست آهي ته عربستان جون وسيع ايراضيون ترڪ دين ڪندڙن جي رت سان ڳاڙهيون ٿي ويون ته اِها ان جي نشاندهي ٿي ڪري ته خود اسلام جي عروج مهل به عربستان ۾ ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد اسلام جي سرشتي ۾ ٿي رهڻ بدران مذهب کان پري ٿيڻ ۽ ايستائين جو مرڻ لاءِ به تيار هئو. گهرو معاملن جي وزير جي ذهن ۾ انهيءَ پمفليٽ جو اِهو پهلو ضرور هوندو، جنهن ڪيس اِهو پمفليٽ رد ڪرڻ لاءِ پنجاب حڪومت کي مشورو ڏيڻ ڏانهن لاڙيو. (صفحو220)

"اسان اميرشريعت سيد عطاالله شاهه بخاري" کان معلوم ڪيو ته ڇا ڪو مسلمان ڪنهن غير مسلم رياست جو وفادار شهري به ٿي سگهي ٿو ان بابت سندس جواب هيٺ ڏجن ٿا:

سوال: توهان جي خيال ۾ ڇا ڪو مسلمان ڪنهن ڪافر حڪومت جا حڪم مڃڻ جو پابندي آهي؟

جواب: ڪنهن مسلمان لاءِ ڪنهن غير مسلم حڪومت جو وفادار شهري بڻجڻ ممڪن ناهي (صفحو227)

ان نڪتي بابت اسان ٻن ٻين عالمن کان پڻ سوال ڪيا. مولانا ابوالحسنات سيد محمد احمد قادري، صدر جمعيت العلماءِ پاڪستان.

سوال: پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جنگ لڳڻ جي صورت ۾ ڀارتي مسلمانن جو ڇا فرض هوندو؟

جواب: فرض واضح آهي يعني اسان جو ساٿ ڏين ۽ ڀارت طرفان اسان جي خلاف نہ وڙهڻ.

مولانا مودودي:

سوال: پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جنگ لڳڻ جي صورت ۾ ڀارتي مسلمانن جو ڇا فرض هوندو؟

جواب: سندن فرض واضح آهي ۽ اِهو آهي پاڪستان جي خلاف نہ وڙهڻ يا پاڪستان جي سلامتيءَ لاءِ هاڃيڪار ڪو عمل نہ ڪرڻ.

ٻيا مثال:

ڪنهن اسلامي رياست جا ٻيا مثال اِهي آهن تہ ان ۾ مجسمي سازي، تاش کيڏڻ، انساني شڪل جي چترڪاري ڪرڻ، انسانن جي تصويرن ڇڪڻ، موسيقي، ناچ، گڏيل عملن، سينيمائن ۽ ٿيٽرن کي بند ڪيو ويندو. ان ڏس ۾ جمعيت العلماءِ پاڪستان جي عيوضي مولانا عبدالحليم قاسميءَ جو چوڻ آهي:

سوال: اوهان جو تشبيهہ ۽ تمثيل بابت ڇا چوڻ آهي؟

جواب: مون کان نئوس سوال ڪريو.

سوال: لهب الب بابت اوهان جو ڇا چوڻ آهي؟

جواب: منهنجو ساڳيو ئي جواب آهي.

سوال: انساني شبيهہ جي چترڪاريءَ بابت اوهان جو ڇا موقف آهي؟

جواب: جيڪڏهن اهڙي چترڪاري ضروري ٿي بڻجي ته پوءِ ان ۾ ڪا قباحت ناهي.

سوال: فوٽوگرافيءَ بابت ڇا چوندا؟

جواب: منهنجو چترڪاريءَ بابت ڏنل جواب ئي ان بابت هوندو.

سوال: فن طور مجسمي سازيءَ بابت ڇا چوندا؟

جواب: اسان جي مذهب طرفان ان تي جهل پيل آهي.

سوال: ڇا تاش کيڏڻ کي لهب لب ۾ شامل ڪندا؟

جواب: ها، اِهو لهب لب ۾ شامل آهي.

سوال: موسيقي ۽ ناچ بابت ڇا چوڻ آهي؟

جواب: اِهي اسان جي مذهب طرفان منع ڪيل آهن.

سوال: ناٽڪ ۽ اداڪاري بابت؟

جواب: ان جو انحصار ان تي آهي ته اداڪاريءَ مان اوهان جو ڇا مطلب آهي. جيڪڏهن ان ۾ بدتهذيبي ۽ جنسن/صنفن جو گڏ ٿيڻ شامل آهي ته پوءِ اسلامي قانون ان جي خلاف آهي.

سوال: جيڪڏهن اوهان جي آدرشن پٽاندر رياست قائم ٿي ڪئي وڃي، ته ڇا اوهين انساني شبيهه جي چترڪاري، انسانن جي تصويرن ڇڪڻ، مجسمي سازي، تاش کيڏڻ، سنگيت، ناچ، اداڪاري ۽ سينيمائن ۽ ٿيٽرن کي بند ڪرڻ بابت قانون ٺاهيندا؟

جواب: انهن سرگرمين جي هاٺوڪي انداز کي آڏو رکندي منهنجو جواب هاڻوڪار ۾ هوندو.

مولانا عبدالحميد بدايوني شاگردن کي انساني جسم سمجهائڻ واسطي اناٽوميءَ جي پروفيسرن هٿان مسلمانن جي لاشن جي وڍ ٽُڪ ڪرڻ کي گناهه (مدعيت) ٺو ليکي.

"جيڪڏهن انهيءَ جاچ ۾ ڪا هڪ شئي جامع طور سامهون آئي آهي، اُها آهي ته جيڪڏهن عوام کي ڪنهن ڳالهه تي راضي ڪرڻ لاءِ اِهو موقف ٺو اختيار ڪجي تہ اِها ڳالهه مذهبي لحاظ کان درست آهي تہ پوءِ ڪين ضابطي، وفاداري، تهذيب، اخلاقيات يا شهري شعور کان هٽي ڪري ڪنهن بہ عمل تي لڳائي سگهجي ٿو (صفحو231)

"چوڌري ظفرالله خان ۾ رياست جي اهم سرڪاري عهدن تي فائز ٿيڻ احمدين کي برطرف ڪرڻ بابت گهر اچائين وڏيڪ ڳنڀير مسئلو ٿي سامهون آئي. چوڌري ظفرالله خان ڏيهان ڏيهه ڄاتل سڃاتل ۽ تعظيم ماڻيل آهي. سندس برطرفيءَ کي پڪ سان گهٽي شهرت ملٽي هئي ۽ عالمي تبصرا ماٺي ها ۽ عالمي راءِ عامه کي مطمئن ڪندڙ وضاحت ڏکيو مامرو هجي ها. آئيني ايڪٽ تحت چوڌري ظفرالله خان يا ڪنهن ٻئي احمديءَ کي سندن مذهبي عقيدي جي بنياد تي سرڪاري عهدي تان برطرف نٿو ڪري سگهجي ۽ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ 6 آڪٽوبر 1950ع تي ئي پاڪستان جي شهرين جي بنيادي حقن بابت هڪ عبوري رپورٽ بحال ڪئي هئي، جنهن تحت هر شهري سندس مذهب، نسل، ذات، صنف، نک يا ڄم جي هنڌ تحت ڪنهن مت ڀيدَ کانسواءِ رياست جي خدمت واسطي مقرريءَ جو اهل آهي ۽ شهرين کي ضمير ۽ مذهب اختيار ڪرڻ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي تشهير ڪرڻ واري حق جي ضمانت ڏني وئي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي، جنهن جو پاڪستان ميمبر آهي، طرفان مقرر ڪيل انساني حقن واري ڪميشن جي تيار ڪيل انساني حقن بابت عالمي پڌرنامي جي مسودي جي شق نمبر1 تحت هر شخص کي سوچ، ضمير ۽ مذهب، بشمول مذهب يا عقيدو تبديل ڪرڻ ۽ اهڙي مذهب يا عقيدي جي سکيا، مشق، پوڄا ۽ عمل جي آزادي حاصل هوندي. مقامي مطالبن جي قبوليت عالمي وايو منڊل ۾ ڦرقوٽ پئدا ڪري ڇڏيندي ۽ پاڪستان ۾ پيش ايندڙ مامرا ڪنهن نه ڪنهن ريت عالمي ڏيان جو مرڪز بڻجي ويندا. ته پاڪستان جو پنهنجي شهرين سان اختيار ڪندڙ ورتاءُ باقي ملڪن جي اختيار ڪيل ملڪن کان مختلف آهي ۽ پاڪستان ۾ غير مسلمانن کي سندن عقيدي سبب سرڪاري عهدا ماڻڻ کان محروم ٿو ڪيو وڃي. ڀارت پاڪستان کي هيٺانهين ڏيکارڻ جو ڪوبه موقعو نٿو ڇڏي ۽ يقيني طور تي اهڙو سونهري موقعو هٿان نه وڃائيندو. ان کي پنهنجي ملڪ ۾ به فرقيوارانه مسئلي کي منهن ٿو ڏيڻو پوي ۽ اِهو يقيني طور تي پاڪستان تي 8 اپريل 1950ع تي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٿيل ناهه سان ويساهه گهاتي ڪرڻ جو الزام ڏريندو، جنهن موجب ٻنهي رياستن کي اقليتي ميمبرن کي به اڪثريتي

شهرين جيترائي حق ڏيڻا هئا ۽ گڏوگڏ ڪين پنهي ملڪن جي سويلين ۽ هٿياربند فورسز ۾ اڪثريت سان تعلق رکندڙ شهرين وانگر ئي موقعا فراهم ڪرڻا هئا. پاڪستان جي وزيراعظم انهيءَ ناهه ٿيڻ مهل پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ طرفان بحال ڪيل قرارداد مقاصد جو حوالو ڏنو هو جنهن ۾ اقليتن سان تعلق رکندڙن لاءِ سول ۽ هٿياربند فوجن ۾ عهدا ماڻڻ جي ضمانت ڏنل هئي پر هاڻ انهيءَ ساڳي قرارداد مقاصد کي عالم پنهنجي انهيءَ دعوا جي حق ۾ استعمال ڪري رهيا آهن تہ قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ اسلامي رياست ۾ مسلمان ۽ غير مسلم شهرين ۾ فرق بنيادي ڳالهہ آهي ۽ قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ احمدين جن کي مبينا طور تي غير مسلم ٿو ليکيو وڃي، کي ڪو اهم عهدو سنڀالڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. پارٽ جي احمدي مذهب يا احمدين ۾ يا اهڙي ڪنهن مذهبي تڪرار ۾ ڪا دلچسپي ناهي. پر انهيءَ گهر قبولڻ جا اثر هڪدم پروڙي ورتا ۽ درست طور تي موقف اختيار ڪيائين، تہ جيڪڏهن رياست جي سرڪاري عهدن تي احمدين کي فائز ٿيڻ جي اجازت نہ هوندي تہ اِها ساڳي ويڌن هندن سان پڻ ٿي سگهي ٿي، جن ۾ پارٽ جي پڪ سان دلچسپي آهي. اِهي اثر پريا نتيجا يقيني طور تي خواجا ناظم الدين جي ذهن ۾ آيا هوندا ۽ هُن خود پنهنجي مذهبي عقيدن ۽ مطالبن جي ميچتا جي صورت ۾ سامهون ايندڙ نتيجن ۾ وچ ۾ ٿيندڙ ايذا ٿيندڙ تڪراءَ کي محسوس ڪيو هوندو. (صفحو234)

"مولانا امين احسان اصلاحيءَ موجب جيڪا حڪومت جماعت جي تصور تي ٻڌل ناهي، جهڙوڪ قوم واري تصور تي ٻڌل آهي، سا شيطاني حڪومت آهي. ۽ مولانا مودوديءَ موجب اها ڪفر تي ٻڌل آهي ۽ ان ۾ انتظاميا يا ڪنهن ٻئي حوالي سان ڪم ڪندڙ يا اهڙي سرشتي جي رضا خوشيءَ سان پوئواري ڪندڙ سمورا فرد گناهگار آهن. (صفحو243)

"ٺهراءَ پيش ايندڙ واقعن تي جماعت اسلاميءَ جي موقف جو پڻ اظهار ڪيو تہ مبينا طور تي راست قدم. واري ٺهراءَ کان وٺي جماعت اسلاميءَ جي امير اِها تحريڪ هلائيندڙن جو ڌيان ٻن ڳالهين ڏانهن ڇڪرائيندو پئي رهيو آهي هڪ تہ اِهو مامرو فقط پنجاب تائين محدود آهي ۽ ٻيو تہ خود پنجاب جا پڙهيل ڳڙهيل طبقا بہ ان مامري جي مذهبي، سماجي ۽ سياسي اثرن جو ادراڪ نہ ڪري سگهيا آهن ۽ مجلس عمل جي ميمبرن انهن ٻنهي

نڪتن تي جوڳو ڌيان ڌرڻ ڪانسواءِ 'راست قدم' شروع ڪري ڏنو جنهن واقعن ۾ بدنظميءَ جو روپ اختيار ڪيو ۽ ان هڪ مقدس مقصد کي داڳي بڻائي ڇڏيو. (صفحو251)

"پر هو (احرار) اِهو ادراڪ ڪرڻ واسطي تيز فهم هئا، تہ مسلمانن جي جذبات کي ڀڙڪائڻ لاءِ پيغمبر جي حقيقي يا گهڙيل توهين ڪرڻ وارو مامرو اُٿارڻ سڀ کان سولو ۽ حساس ثابت ٿيندو. (صفحو 257)

"ٺهراءُ ۽ تقريرون بنهہ واضح ٿا ڪن تہ مسلم ليگ ۽ دولتانا ذاتي طور تي قاديانين کي غير مسلم تي ليکيو چاڪاڻ جو حضوري باغ ۾ ڪيل سندس تقرير مان ڪو بہ نتيجو اخذ نٿو ڪري سگهجي، جڏهن هُن چيو تہ ختم نبوت واري عقيدي تي ڪا دليل بازي ٿي ڪفر برابر آهي، چاڪاڻ جو ختم نبوت اسان جي ايمان جو جُز آهي، جيڪو سمورن دليلن ۽ منطقن کان مٿيرو آهي ۽ قادياني، پنهنجي ڏار لاڙن جي ڪري، سندن خلاف اُبريل جذبات لاءِ پاڻ ذميوار آهن. راولپنڊيءَ ۾ ڪيل سندس تقرير مان پڻ اهڙو ئي نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو (صفحو_264)

"انڪري اسان جو موقف آهي تہ اسان جا اڳواڻ پنهنجي فرضن جي ادائيگيءَ ۾ ناڪام رهيا آهن ۽ هو پنهنجو پاڻ کي دوراندیشي، ڏاهپ ۽ حقيقي قيادت جي اهل ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن.

"ان سڄي عرصي دوران ڪوبہ عوامي اڳواڻ شهرين جي عمومي وهنوار واري درخواست ڪرڻ جي همت نہ ساري سگهيو . جڏهن تباهي آڻيندڙ ماحول پنهنجي عروج تي هو منجهائن ڪوبہ عوام سان ڳالهائڻ ۽ وضاحت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو تہ ڪين گمراهہ ڪيو پيو وڃي ۽ ان مامري جو فوري نتيجو ملڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو. (صفحو276)

"انهيءَ ساڳي سڏ دولتانا کي 6 مارچ 1953ع تي بيان جاري ڪرڻ تي هرڪايو اِهو بيان ان حوالي سان بي ايمانيءَ تي ٻڌل هو تہ اِهو ڪنهن بہ ريت مارشل لا مڙهڻ کان بچڻ جي اتاولي ڪوشش کان وڌيڪ نہ هو. اڳتي هلي 10 مارچ تي خود دولتانا طرفان اِهو بيان واپس وٺڻ مان پڻ اِهو ئي نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو. اِهو بيان جاري ٿي چو ڪيو ويو ۽ اُهو بہ اُن وقت جڏهن

دولتانا ڄاتو ٿي تہ مارشل لا لاڳو ڪرڻ جو فيصلو اڳئي ٿي چڪو هو يا ٿيڻ وارو هو؟ ان جو واحد جواب اِهو ٿي پيو سگهي تہ اِها ماڻهن ۾ مقبول ڪرڻ جي تمنا هئي، جنهن اهو قدم کڻايو. دولتانا پنهنجي بيان جي امڪاني اثرن کي مرڪزي حڪومت لاءِ انتهائي شرمندگيءَ واري امڪان تي هڪ پل لاءِ بہ نہ ويچاريو. شايد دولتانا اِهو ٿي ڏٺو تہ مرڪزي حڪومت پلي ڪجهہ بہ پوڳي پر هو اهڙو ڪجهہ ڪري، جيڪو کيس مقبول بڻائي.

اخبارون:

"انڪري هو مطالبن جي رد ٿيڻ ۽ انهيءَ نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ وڳوڙي صورتحال لاءِ ذميوار هئا. (صفحو 281)

"جيڪڏهن مطالبا مڃيا وڃن ها تہ پاڪستان عالمي برادريءَ کان ويڳاڻو ٿي وڃي ها. (صفحو282)

عالمن ۽ حڪومتي ادارن وچ ۾ سڌي سنئين ٽڪراءُ کان بچڻ واسطي خواجا ناظم الدين وٽ باقي بچيل واحد دڳ عالمن کي رحم جي درخواست ڪرڻ وارو هو. ملڪ جي نالي تي درخواست، ماڻهن جي نالي تي درخواست جيڪي شديد خوراڪي کوٽ جو شڪار بڻجي ويا هئا. پر اهڙي ڪنهن ملڪ، عوام ۽ بک خلاف کهڙي سفارش ٿي پئي سگهي جتي الله جي خواهش ۽ حڪم مقدم هجي ۽ اها ئي خواهش جيڪا عالمن خواجہ ناظم الدين آڏو پيش ڪئي، انڪري هو هنيلا ۽ ڪنور بڻيا رهيا. (صفحو282)

"اسان آڏو تحريري بيانن، زباني شاهدين ۽ دليلن ۾ دولتانا خلاف الزام اِهو تہ هُن سياسي مفادن لاءِ وڳوڙ ڪرايا. ايستائين جو فضل الاهي هڪ مرحلي تي اِهو رٿيندو نظر ٿو اچي تہ دولتانا نہ رڳو ملڪي پر عالمي سياست ۾ اِها راند فقط ان لاءِ کيڏي تہ جيئن خواجا ناظم الدين جي تڏا ويڙهہ ڪري، دولتانا جي پنهنجي سربراهيءَ ۾ مرڪزي حڪومت قائم ڪئي وڃي. (صفحو289)

"مولانا دائود غزنويءَ پڻ هڪ فوجي عملدار آڏو ڏنل پنهنجي بيان ۾ ساڳي نوعيت جا الزام عائد ڪيا آهن. سندس چوڻ هو تہ هڪ پيرو مولانا اختر علي خان کيس ٻڌايو تہ دولتانا تحريڪ لاءِ رقم ڏيڻ جو وعدو ڪيو

آهي ۽ هڪ ٻئي موقعي تي مولانا ابوالحسنات ۽ ماسٽر تاج الدين انصاريءَ سميت ڪجھ اڳواڻن ڪيس ڇاڻايو تہ هوراها تحريڪ ڪراچيءَ کان شروع ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا ۽ ان جو سبب پڇڻ تي هُنن مبينا طور تي ٻڌايو تہ وڏي وزير سان صلاح ڪرڻ ڪانسواءِ هوراها لاهور ۾ شروع نٿا ڪري سگھن. مولانا دائود غزنويءَ پنهنجي اُنهيءَ بيان ۾ وڌيڪ ڇاڻايو آهي تہ مولانا ابوالحسنات ۾ ماسٽر تاج الدين جي بيان ڪيل موقف جي اڳتي هلي مولانا اختر علي خان مجلس عمل جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ پٺڀرائي ڪئي. هُن هڪ ٻي گڏجاڻيءَ ۾ واضح ڪيو تہ دولتانا وعدو ڪيو آهي تہ احمدي مخالف تحريڪ ۾ حصو وٺڻ تي پنجاب ۾ ڪنهن کي بہ گرفتار نہ ڪيو ويندو. (صفحو 284)

"خواجا ناظم الدين اظهار ڪيو تہ دولتانا مرڪزي حڪومت ۾ پنجاب عيوضيءَ جي مقرريءَ ۾ مرڪز تي پنهنجو ڪنٽرول ٿي چاهيو. خواجا ناظم الدين اِهو تاثر بنيادي اصول ڪميٽيءَ طرفان رٿيل برابري واري سفارش جي ڏس ۾ سندس ۽ دولتانا وچ ۾ پيدا ٿيل اختلافن کانپوءِ قائم ڪيو. انهيءَ ڪميٽيءَ جي رپورٽ ڊسمبر ڌاري پڌري ڪئي وئي ۽ انڪري اِهو واضح آهي تہ انهيءَ رپورٽ جي پڌري ٿيڻ کان اڳ اِن مقصد جو دولتانا جي نظر ۾ هئڻ ممڪن نہ هو. انهيءَ رپورٽ جي پڌري ٿيڻ کانپوءِ برابريءَ واري معاملي ۾ پنجاب ۽ بنگال ۾ ڳنڀير صورت وارو اختلاف پئدا ٿيو جنهن ۾ دولتانا پنجاب جي موقف جي، جڏهن تہ خواجا ناظم الدين بنگال جي موقف جي نمائندگي ٿي ڪئي. اِهو مامرو ٻنهي صاحبن ۾ ذري گھٽ ذاتي تڪرار جو روپ اختيار ڪري ويو هو. خواجا ناظم الدين جو چوڻ آهي تہ دولتانا برابري رٿيندڙ بنيادي اصول ڪميٽيءَ جي رپورٽ تي صحيح ڪئي هئي، جڏهن تہ دولتانا جو چوڻ آهي تہ هُن انهيءَ رٿ تي پنهنجي غير مشروط رضامندي نہ ڏني هئي ۽ هڪ اختلافي نوٽ لکڻ کانپوءِ ئي رپورٽ تي صحيح ڪئي هئي. انهن مان ڪابہ ڳالھ درست ٿي سگھي ٿي ۽ جيتوڻيڪ اِهو دستاويز اسان آڏو ناهي جو اصل ڳالھ ڄاڻي سگھون پر انهيءَ رپورٽ جي پڌري ٿيڻ کانپوءِ دولتانا پنجاب موقف جي حق ۾ هڪ سخت موقف اختيار ڪيو ۽ انهيءَ جماعت ۾ راءِ عامہ هموار ڪيائين. خواجا ناظم الدين جو ان ڏس ۾ چوڻ آهي تہ جڏهن هُن مامري کي راءِ عامہ ڄاڻڻ لاءِ

پنجاب جو دورو ڪيو ته سائنس ملاقات ڪندڙ ڪيترن ئي وفدن جا خود دولتانا ڪن پريا ۾ سندس آڏو مختلف وفدن جا پيش ڪيل دليل لفظ به لفظ ساڳيائي هئا. هو الزام ٿو ڏري ته مختلف وفدن کي لکت ۾ اِهي دليل خود دولتانا ئي فراهم ڪيا هئا. انڪري اِهو واضح آهي ته ان مامري تي خواجا ناظم الدين ۽ دولتانا وچ ۾ اُڀٽت هئي ۽ اِهو ممڪن آهي ته دولتانا سوچيو هجي، ته جيڪڏهن هو خواجا ناظم الدين جي جاءِ والارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته پوءِ برابريءَ واري رٿ مان پنجاب کي وڏيڪ ڪجهه حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ اِهو مقصد آڏو رکندي، هُن پنهنجي ضمير کي مُڏو ڪندي خواجا ناظم الدين خلاف محاذ کڙو ڪيو هجي. پر جهڙي ريت اسين اڳيئي واضح ڪري چڪا آهيون ته اِها تحريڪ ڪراچيءَ ڏانهن لاڙڻ واري پاليسي دولتانا بنيادي اصول ڪميٽيءَ جي رپورٽ پڌري ٿيڻ کان گهڻو اڳي اختيار ڪري چڪو هو ۽ اسان آڏو ڪا اهڙي شاهدي ناهي ته ڪو رپورٽ پڌري ٿيڻ ڪانسواءِ ئي هُن ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ڪيو هو. (صفحو185)

"27 جولاءِ تي مسلم ليگي ٺهراءُ ڪانپوءِ دولتانا جي پاليسي مستقل مزاجيءَ سان اها تحريڪ ڪراچيءَ ڏانهن لاڙڻ واري رهي، ته جيئن پنجاب کي انهيءَ بربادي‌ءَ کان بچائي سگهجي. (صفحو286)

"عالمن اسان کي وڏي اک چنيڻ ڪانسواءِ ڄاڻايو ته ٻين ملڪن ۾ مسلمانن سان پيش ايندڙ ورتاءُ جو ڪين ڪو فڪر ناهي، بس هتي سندن مرضيءَ وارو اسلام لاڳو ٿيڻ گهرجي. (صفحو299)

"ٻين لفظن ۾ اِهي مطالبا جوڳي ريت عوام آڏو نه رکيا ويا هئا. مولانا مودوديءَ هن ڪورٽ بدران ڪنهن ٻئي هنڌ ڄاڻايو ته اِها تحريڪ فقط پنجاب ۽ بهاولپور ۾ ئي هئي، جنهن کي ساڄاهه وند حلقن جي پڄ حمايت حاصل نه هئي ۽ عوامي سهائتا لاءِ جوڳي تشهير ضروري هئي. (صفحو 299)

"I" سيڪشن 92_هڪ ضابطو:

"ان عرصي کي دولتانا پيروڪاريءَ واسطي پنهنجي لاءِ مثالي ليکيو آهي." (صفحو301)

163ـ مٿين تفصيلي حوالن مان اِهو واضح ٿيندو تہ مون پنهنجي پمفليٽن ۾ ڪجھ پنجابين ۽ "ملان ازم" بابت جيڪي ڪجھ ڄاڻايو آهي، تنهن جو مٿين سرڪاري رپورٽ مان جواز ٿو پيش ٿئي.

164ـ ساڳي پنهنجي پمفليٽن ۾ سنڌين جي پنجابي حڪمران ٽولي ۽ خود غرض عنصرن خلاف جيڪي ڪجھ چيو آهي مثال جي طور تي سنڌين سان اتر اولھ ريلوي جي آفيسرن جو غير مناسب ورتاءُ، سنڌ ۾ پنجابي زميندارن هٿان سنڌي هارين جي بيدخلي، متروڪ زمينن ۽ گهرن جي الاٽمينٽ واري معاملي ۾ سنڌي هارين سان غير مناسب ورتاءُ وغيره، تصديق ٿيل دستاويزن ۽ منهنجي ذاتي مشاهدن تي ٻڌل آهي. اِهي بيان سئو سيڪڙو درست آهن. آءٌ سمجهان ٿو تہ سنڌين جي حقيقي اهنجن کي پيش ڪرڻ لاءِ حقيقي انگ اکريش ڪرڻ ڪو هرويرو ضروري ناهي. هيءَ معزز عدالت واضح حقيقتن جو عدالتي نوٽيس وٺي سگهي ٿي.

165ـ حادثاتي طور تي ٺي پمفليٽن ۾ پنجابين جو حوالو آيل آهي. اصل موضوع، مواد جي تحت دراصل هيءُ ٻہ موضوع آهن: (A) ون يونٽ جي مخالفت (B) پاڪستان ۾ آمريت جي مخالفت ۽ جمهوريت جو دفاع.

(A) ون يونٽ، هڪ غير قانوني قدم:

166ـ پوين پيراگرافن ۾ ڄاڻائي چڪو آهيان، تہ لاهور ٺهراءُ ۽ پاڪستان لاءِ ڪيل جدوجهد دوران ڪيل ٻين وعدن جي روشنيءَ ۾ ون يونٽ غير اخلاقي ۽ غير سياسي آهي. هاڻ اِهو ڏيکاريندس تہ 1954ع ۾ موجود پاڪستان جي آئين پٽاندر گورنر جنرل طرفان ڪنيل سمورا قدم ۽ جاري ڪيل فيصلا غير آئيني، آئين کان مٿيرا، لاڳو نہ ٿيڻ جوڳا ۽ غير عملي هئا.

167ـ ڊسمبر 1955ع تائين پاڪستان جو آئين پلي ڪيترو ئي نقص پريو ۽ عارضي چو نہ هجي، ان ۾ هيٺيان اسم شامل هئا (نمبر42۽43):

(a) گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جيڪو پاڪستان ۾ آرڊر (عارضي آئين) 1947ع تحت لاڳو ڪيو ويو ۽ هيل تائين ترميم ڪيو ويو.

(b) هندستان جي آزاديءَ وارو ايڪٽ 1947ع، هيل تائين ترميمن سميت، پاڪستان جو گورنر جنرل ۽ مقرري ۽ پنهنجا اختيار مٿين ايڪٽن مان ماڻي ٿو.

168_ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي چوٿين شيڊول موجب، قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن، ججن ۽ گورنرن (ساڳي ريت گورنر جنرل پڻ) لاءِ طئي ڪيل وفاداريءَ واري حلف ۾ هيٺيان اهم لفظ شامل آهن:

"آءٌ.... حلف (يا تصديق) ٿو کڻان تہ آءٌ قانون ذريعي قائم ڪيل پاڪستان جي آئين جو حقيقي اعتماد سان وفادار رهندس."

169_ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 5 تحت پاڪستان ڇئن گورنري صوبن ۽ ٻين علائقن تي ٻڌل هڪ وفاق هوندو:

سيڪشن (1) 5_آگسٽ 1947ع جي پندرهين ڏينهن کان پاڪستان جي نالي سان هڪ وفاق ۾ شامل هوندا.

(a) صوبن کي هاڻ گورنرن جا صوبا سڏيو ويندو.

(b) صوبن کي هاڻ چيف ڪمشنرن جا صوبا سڏيو ويندو.

(b) ٻيا علائقا جيڪي وفاق جي رضامنديءَ سان وفاق ۾ شامل ڪيا ويندا.

(c) وفاق جي راڄڌاني ۽

(d) اهڙيون هندستاني رياستون، جيڪي فراهم ڪيل انداز ۾ فيڊريشن سان الحاق ڪنديون.

170_ مٿين ايڪٽ جي سيڪشن 46 تحت:

"سيڪشن (1) 46 هيٺيان گورنرن جا صوبا هوندا. اوڀر بنگال، پنجاب، اتر اولهہ سرحدي صوبو سنڌ ۽ اهڙا ٻيا گورنر جا صوبا جيڪي ان ايڪٽ تحت قائم ڪيا ويندا.

(3) ان ايڪٽ ۾ "صوبي" واري اصطلاح جو مطلب، تاوقتيڪ ڪو ٻيو حوالو نہ هجي، گورنر جو صوبو آهي ۽ "صوبائي" جي بہ ان ريت ئي تشريح ڪئي ويندي.

اِهو ايڪٽ نوان صوبا (جهڙوڪ بلوچستان) ٺاهڻ جي گنجائش تہ ڏئي ٿو پر ڪو صوبو ختم ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي.

171_ سيڪشن 290 تحت گورنر جنرل صوبن ۾ ڪي تبديليون ڪري پئي سگهيو:

"سيڪشن 290 (1)، هن سيڪشن جي شقن تحت گورنر جنرل هيٺين واسطي حڪم جاري ڪري ٿو سگهي."

(a) نئون صوبو قائم ڪرڻ

(b) ڪنهن صوبي جي ايراضي وڌائڻ

(c) ڪنهن صوبي جي ايراضي گهٽائڻ

(d) ڪنهن صوبي جي حدن ۾ ڦير گهير ڪرڻ.

هت بہ اِهو واضح آهي تہ ڪو بہ صوبو ختم يا ٻئي ۾ ضم نٿو ڪري سگهجي.

172_ پاڪستان قائم ڪندڙ ايڪٽ انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ 1947ع جي سيڪشن 8 (2) تحت

"سيڪشن B_ (2) سمورين نين عملدارين ۽ سمورن صوبن ۽ ٻين حصن کي هر ممڪن حد تائين گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع سان ٺهڪاءُ ۾ هلايو ويندو".

173_ ان ڪري ڪنهن صوبي جي مرڪز سان حيثيت ڪنهن ملازم ۽ مالڪ واري نہ پر هڪ جونيئر ۽ هڪ سينئر ڀائيوار واري هئي، جنهن ۾ صوبن کي پنهنجي انفراديت ۽ ڪيترن ئي حوالن سان خودمختياري حاصل هئي. گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 100 (3) تحت:

"پوين ٻن ذيلي سيڪشنن سان لاڳاپيل سيڪشن 100 (3) تحت ڪنهن صوبي لاءِ قانون ٺاهڻ يا انهيءَ شيڊول جي لسٽ II ۾ شامل معاملن مان ڪنهن جي حوالي سان (جنهن کي ان بعد 'صوبائي قانون سازيءَ واري فهرست' سڏيو ويندو) اختيار صوبائي قانون ساز اسيمبليءَ کي هو نہ ڪي وفاقي قانون ساز اداري کي.

174_ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 8 (1) تحت

"سيڪشن 8 (1) ايڪٽ جي شقن سان لاڳو طور، وفاق جو ايگزيڪيٽو اختيار انهن معاملن واسطي محيط هوندو، جن واسطي وفاقي قانون ساز اداري

ڪي قانون ٺاهڻ جو اختيار هوندو بشمول پاڪستان اندر يا انڪان ٻاهر وارين ايراضين جي حوالي سان حقن، اختيار ۽ حد جي عملي شڪل.

"پر

(1) ان ايڪٽ ۾ فراهم ڪيل اِهو اختيار ڪنهن صوبي جي انهن معاملن جو احاطو نہ ڪندو جن بابت قانون ٺاهڻ جو صوبائي قانون ساز اداري کي اختيار حاصل آهي.

175_ انڪانسواءِ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جو سيڪشن 122 (3) وفاقي اختياريءَ تي قرض ٿو عائد ڪري:

"سيڪشن 122 (3) ان ايڪٽ جي هن حصي جي ٻين شقن سان ڪنهن بہ قسم جو امتياز رکڻ کانسواءِ، ڪنهن صوبي يا وفاقي اڪائي جي مفادن جي ڏس ۾ وفاق جي ايگزيڪيٽو اختياري اُن صوبي يا رياست اڪائي جي مفادن کي متاثر و رکندي"

176_ صوبن کي تہ ڇا آئين انفرادي آفيسرن، ڪامورن کي بہ ضروري تحفظ ٿو فراهم ڪري. گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جو سيڪشن 240 ڇاڻائي ٿو:

"سيڪشن 240 (3): ڪنهن بہ فرد کي سندس خلاف کڄندڙ قدمن خلاف شوڪاز نوٽيس ذريعي جواب جو مناسب موقعو فراهم ڪرڻ کانسواءِ برطرف يا تنزل نہ ڪيو ويندو."

ون يونٽ ذريعي سڀني صوبائي ڍانچي انجي قانون ساز اداري، انجي ادارن وغيره کي ماڻهن جي رضامندي ماڻڻ کانسواءِ ميسارڻ غرور ۾ قانون ٽوڙڻ جي انتها هئي.

177_ لفظ "وفاق" جي تُز معني رياستن يا صوبن جي يونين آهي مطلب تہ "متحد پر اندروني معاملن ۾ آزاد/خودمختيار". هڪ رضاڪاراڻي تعلق ۾ ٺاهہ ذريعي متحد ڪيل. پاڪستان واسطي تصور گهڙُ، جدوجهد ۾ انجو حصول ڇئن اهم گورنري صوبن جي وفاق طور هو.

178_ مارچ 1955ع تائين اِها قانوني ۾ آئيني پوزيشن هئي. گورنر خود پنهنجي رضاڪاراڻي عمل ذريعي 24 آڪٽوبر 1954ع تي پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪري ڇڏي ۾ ان ريت هُن هڪ آئيني خلا

پئدا ڪيو. تنهنڪري مٿيان ٻئي ايڪٽ ملڪي آئين جي نمائندگي ڪرڻ لڳا ۽ انهن کي تبديل ڪرڻ يا بدلائڻ جو ڪنهن کي به اختيار حاصل نه هو. ون يونٽ پنجاب مفادن جو فقط هڪ خيال ۽ هڪ سپنو ئي رهيو. انهن حالتن ۾ ون يونٽ جي مخالفت ڪو ڏوهه نه هو انجي اُبتڙ آئين جي پيچڪڙي ڪندي ان جو نفاذ ئي ڏوهه هو. پر ان هوندي به ون يونٽ جي مخالف ڪرڻ کي اهم ۽ واضح الزام ليکيندي مونکي سنڌ پبلڪ آرڊر اينڊ نظربندي ايڪٽ 1952ع تحت 11 جنوري 1955ع تي نظربند ڪيو ويو.

179_ 22 جنوري 1955ع تي سکر جيل ۾ مونکي ڄاڻايل نظربنديءَ جا سبب هيٺيان هئا:

نظربنديءَ جا سبب:

"تون مسلسل حڪومت مخالف ۽ ڏکيڙي پروپيگينڊا ۾ مصروف هئين."

"تازو ئي تو "سنڌ سان ناانصافي" جي سري هيٺ هڪ پمفليٽ جاري ڪيو جيڪو اعتراض جوڳو آهي ۽ جنهن جو بنيادي مقصد حڪومتي قدمن کي داڳي بنائڻ ۽ طبقاتي منافرت پکيڙڻ آهي.

"انهيءَ پمفليٽ ۾ تو ون يونٽ واري فيصلي کي شديد ننديو آهي ۽ مرڪزي حڪومت تي الزام ڌريو اٿئي ته اُن اهو قدم فقط "عظيم تر پنجاب" قائم ڪرڻ واسطي ئي کنيو آهي. "انهيءَ پمفليٽ ۾ تو پنجاب واسين خلاف زهر اوڳاڇيو آهي. سندن حقيقي يا گهڙيل ڪمزورين کي اهڙي شعوري نموني پيش ڪيو اٿئي، جنهن سان سنڌين ۽ پنجابين ۾ تلخي ۽ غلط فهمي پيدا ٿي سگهي ٿي، ان ريت تو امن امان برقرار رکڻ خلاف انداز ۾ ورتاءُ رکيو آهي.

"سنڌ هاري ڪميٽيءَ طرفان ون يونٽ مخالف ورتاءُ اختيار ڪرڻ ۽ پهرين جنوري 1955 کي "آزاد سنڌ ڏيهاڙو" ملهائڻ جهڙين رٿن ذريعي ڏکيڙ واري راهه اختيار ڪرڻ جو تون ئي ذميوار آهين."

180_ ون يونٽ جي منهنجي طرفان آئيني انداز ۾ مخالفت کي حڪومت ڏکيڙي، حڪومت مخالف، پنجابين خلاف زهر اوڳاڇيندڙ ليکيو آهي.

181ـ دراصل اهي هڪ بدران ڪيترائي پمفليٽ هئڻ گهربا هئا. حڪومت طرفان ون يونٽ وارو فيصلو حڪومت طرفان اهڙو فيصلو ڪرڻ جي اختيارن کان مٿڀرو هو جهڙي ريت صوبن جي انضمام جهڙي آئيني مامري تي مٿي ڄاڻايل آهي. پاڪستان جهڙي جمهوري ملڪ هئڻ جي دعويدار ملڪ ۾ ان جي مخالفت ڪرڻ يا انکي ٽٽڻ ڪو ڏوهہ ناهي. ون يونٽ وارو قدم دراصل نالو ڏيڻ ڪانسواءِ عظيم تر پنجاب قائم ڪرڻ واسطي ئي کنيو ويو هو. اِها مون سميت انيڪ ماڻهن جي ايمانداراڻي سوچ آهي، جيڪا ايندڙ پيراگرافن ۾ ڄاڻائيندس.

182ـ "پنجاب واسين خلاف زهر اوڳاڇڻ". هيءُ معزز ڪورٽ انهن ڪو پمفليٽن ۾ پنجاب واسين خلاف زهر اوڳاڇڻ جي پنهنجي سر ڪٽ لڳائي سگهي ٿي. هاڻوڪي صورتحال ۾ جڏهن پنجابي اڪواڻ پنهنجي حيثيت ۾ ڳوري اڪثريت جو فائدو وٺندي ون يونٽ تي زور ڀري رهيا آهن. سنڌي، بمبئي پريزيڊنسيءَ سان پنهنجي اطلاق جو تلخ تجربو رکندي ۽ اقليت ۾ هئڻ ڪري ون يونٽ جا مخالف آهن. اِها اقليت واري حيثيت ئي هئي، جنهن مسلمانن کان اڻ ورهايل هندستان ۾ پاڪستان جو مطالبو ڪرايو هندن طرفان "اکنڊ ڀارت" تي زور ڀرڻ اهڙي ريت ئي مسلمانن لاءِ زهر ڀريو هو جهڙي ريت هندن لاءِ "پاڪستان" جي گهرُ. پر ان هوندي بہ هندن ۽ مسلمانن مان ڪنهن ڪي بہ آئيني انداز ۾ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي، پاڪستان جي حمايت يا مخالفت ڪرڻ تي جيل واڙڻ ممڪن نہ هو. ڪجهہ پنجابين خلاف منهنجي اظهار کي نقط انتها پسند، عقل دشمن پنجابي ئي "زهريلو" ليکي سگهن ٿا پر پاڪستان جا عام ۽ عقل ڀريا شهري اِهو نہ ڪندا.

183ـ "سنڌ هاري ڪميٽيءَ طرفان ون يونٽ مخالف ورتاءُ اختيار ڪرڻ ۽ پهرين جنوري 1955ع تي "آزاد سنڌ ڏيهاڙو" ملهائڻ جهڙين رٿن ذريعي ڏڦيڙ واري راهہ اختيار ڪرڻ جو تون ئي ذميوار آهين". ون يونٽ مخالف ورتاءُ اختيار ڪرڻ اجان تائين قانون پٽاندر ڪو جوڳو ڏوهہ نہ هو. سنڌ هاري ڪميٽي ڪا سرڪاري يا نيم سرڪاري تنظيم ناهي، نہ ئي اِها سرڪار کان ڪا امداد ٿي حاصل ڪري، جو اِها زميندارن جي بالادستيءَ

رکندڙ حڪومت جي خواهشن پٽاندر ورتاءُ اختيار ڪري. سنڌ هاري ڪميٽي سنڌي هارين جي تنظيم هئڻ ڪري هارين جي زندگين تي اثرانداز ٿيندڙ مسئلن بابت موقف اختيار ڪرڻ جي مڪمل طور تي اهل آهي. ون يونٽ واري قدم جا هارين تي جوڳا اثر پوڻا هئا. جهڙي ريت ايندڙ واقعن ظاهر ڪيو ۽ ان ريت ون يونٽ جي مخالفت واسطي جواز تي پئدا ٿيو.

184ـ پيرزادي جي وڏ وزارت دوران سنڌ حڪومت ڪوٽڙي بئراج ذريعي حاصل ٿيندڙ ڇهه لک ايڪڙ زمين هارين کي سولي قسطن تي ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو جڏهن تہ وڏي وزير طور کهڙي پڻ تي لک ايڪڙ زمين ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو پر ون يونٽ حڪومت دوران اهڙو ڪوبہ وعدو نہ ڪيو ويو آهي. تقريباً هڪ لک ايڪڙ زمين جنهن لاءِ گذريل ٻارهن مهينن کان آبپاشيءَ وارو پاڻي ميسر آهي، پنجابين لاءِ مختص ڪئي وئي آهي، (ڪارپوريشنن ۽ فوجي آبادين جي نالي تي) جڏهن تہ سنڌ جي ٻي زمين هارين لاءِ هڪ ايڪڙ بہ مختص نہ ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ دولتانا، مشتاق احمد گُرماڻي ۽ ٻين اهم پنجابي اڳواڻن وڏي واڪي وعدا تي ڪيا. 'زمين موجود هئي' زمين حاصل ڪرڻ لاءِ هارين هزارن جي تعداد ۾ درخواستون ڏنيون، آبپاشيءَ وارو پاڻي بہ موجود هو پر آبڪلاڻيءَ واري گذريل مُند دوران ان ڏس ۾ ڪو قدم نہ کنيو ويو. بيراجي ڪينالن ۾ پاڻيءَ جي چاڙهہ کي ڦاٽ ڏئي ضايع ڪيو ويو. اِها آهي اولهہ پاڪستان حڪومت جي انتظام ڪاري!

185ـ سنڌ هاري ڪميٽيءَ انهيءَ ڪائونسل گڏجاڻيءَ ۾ سمورن ميمبرن وانگر مون بہ صدر طور پنهنجو موقف رکيو ۽ ٻن ڏينهن جي بحث کانپوءِ ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ وارو ٺهراءُ يڪراءِ طور تي بحال ڪيو ويو. اسان جا پاڳ پلا هئا، جو سڄي ڪائونسل (سٺ ڄڻن تي ٻڌل) بدران فقط صدر کي ٺي جيل اُماڻيو ويو.

اولهہ پاڪستان واسطي انتظامي ڪائونسل

186ـ جهڙي ريت رپورٽون سامهون آيون تہ 24 آڪٽوبر 1954ع کان هڪدم پوءِ گورنر جنرل پهرين جنوري 1955ع جي حتمي تاريخ طئي ڪندي ايگزيڪيٽو حڪم ذريعي ون يونٽ مڙهڻ جي ڌمڪي ڏني. دهشت ۽ آپيشاهيءَ واريون حالتون پئدا ڪيون ويون ۽ پنجابي حڪمران عنصر

شادمان هئا تہ هو بہ ڪجھہ ڪري پئي سگھيا. "ماسٽر پلان" پوري قوت سان عمل پذير هو.

187ـ اجان مولوي تميزالدين جي حڪومت پاڪستان خلاف رٽ پٽيشن سنڌ هاءِ ڪورٽ آڏو پيل هئي ۽ اعليٰ سطح تي دليل بازي جاري هئي، اجان اهو معاملو ڪورٽ آڏو هو تہ هڪ آرڊيننس ذريعي گورنر جنرل طرفان نئين ڪابينا جي تشڪيل درست عمل آهي يا نہ. گورنر جنرل 18 ڊسمبر 1954ع تي هڪ حڪم (1954ع جو نمبر8) جاري ڪندي گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ جي سيڪشن 135 تحت اولهہ پاڪستان جي انتظاميا واسطي هڪ ڪائونسل قائم ڪئي. هيٺ سيڪشن 135 تو پيش ڪريان.

بين الصوبائي سهڪار:

"سيڪشن 135. جيڪڏهن ڪنهن مهل گورنر جنرل تي واضح ٿو ٿئي تہ هيٺين فرضن جي سپردگيءَ سان، هڪ بين الصوبائي ڪائونسل جي قيام سان عوامي مفادن جو خيال رکي سگھجي ٿو.

(a) صوبن وچ ۾ پيدا ٿيل تڪرارن جي جاچ لهڻ ۽ صلاح حاصل ڪرڻ.

(b) انهن مامرن تي بحث مباحثو ڪرڻ يا جاچ لهڻ جن ۾ سمورن يا ڪجھہ صوبن يا وفاق جي ڪا گڏيل دلچسپي هجي يا

"(c) ڪنهن اهڙي مامري بابت سفارشون مرتب ڪرڻ ۽ خاص طور تي اهڙي ڪنهن مامري جي ڏس ۾ بهتر پاليسي ۽ عمل لاءِ سفارشن تي گورنر جنرل واسطي قانوني فرض هوندو تہ اهڙي ڪا ڪائونسل جوڙي ۽ ان جي فرضن ۽ جوڙجڪ جي نوعيت واضح ڪري.

"اهڙي ڪنهن ڪائونسل جي قيام وارو حڪم ڪائونسل جي ڪمن ڪارين ۾ رياستن جي عيوضين جي شرڪت واسطي شق وجهي سگھي ٿو.

188ـ مٿين شق مان حاصل ٿيل اختيار سان ٺهڪاءُ ۾ گورنر جنرل جو حڪم نامو هيٺ ڏجي ٿو (نمبر 44):

"پاڪستان گزيٽ

غير معمولي

اختياريءَ طرفان شايع ڪيل

"حڪومت پاڪستان
ڪيبينٽ سيڪريٽريٽ نوٽيفڪيشن
ڪراچي، 17 ڊسمبر 1954

"نمبر 2/W.P//54-ESP- گورنر جنرل طرفان انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 135 تحت جاري ڪيل حڪم هيٺ عمومي ڄاڻ لاءِ شايع ٿو ڪجي:

گورنر جنرل جو 1954 جو حڪم نمبر_8
"پاڪستان (اولهه پاڪستان جي انتظام ڪاريءَ واسطي ڪائونسل جو قيام) حڪم 1954.
"گورنر جنرل تي اِهو واضح ٿيو آهي تہ اولهہ پاڪستان کي هڪ انتظامي يونٽ طور قائم ڪرڻ بابت معاملن جي جاچ لهڻ، بحث مباحثو ڪرڻ ۽ سفارشون مرتب ڪرڻ واسطي مختلف رياستن جي عيوضين جي گڏيل هڪ بين الصوبائي ڪائونسل جوڙڻ ذريعي عوامي مفادن کي مدنظر رکي سگهجي ٿو.
"هاڻ" انڪري گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 (Geo 5,26 باب جو (جي سيڪشن 135) تحت حاصل اختيارن پٽاندر گورنر جنرل هيٺيون حڪم جاري ٿو ڪري.
"1_ (1) هن حڪم کي پاڪستان (اولهہ پاڪستان جي انتظام ڪاريءَ واسطي ڪائونسل جو قيام) آرڊر 1954 سڏي سگهجي ٿو.
(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.
"2_(1) اولهہ پاڪستان جي انتظام ڪاريءَ واسطي هڪ ڪائونسل (جنهن کي هاڻ ڪائونسل" سڏيو ويندو) قائم ڪئي ويندي، جيڪا سنڌ 'اتر اولهہ سرحدي صوبي ۽ پنجاب جي صوبن جي گورنرن' سنڌ، اتر اولهہ سرحدي صوبو ۽ پنجاب جي وڏن وزيرن ۽ گورنر جنرل جي بلوچستان واسطي ايجنٽ تي ٻڌل هوندي.
"(2) خيرپور جي وڏي وزير، بهاولپور رياست جي صلاحڪار ۽ قلات رياست جي وزيراعظم کي سنڌن واسطيدار رياستن اندر ايراضين بابت

معاملن جي ڏس ۾ ڪائونسل جي ڪم ڪارين واسطي سنڌن واسطيدار رياستن جي عيوضين طور ڪائونسل جي ڪم ڪارين ۾ شامل ڪيو ويندو.

3ـ اولهه پاڪستان جي هڪ واحد انتظامي يونٽ طور آئين سان واسطيدار معاملن ۾ خاص طور تي اولهه پاڪستان واسطي هڪ گڏيل سيڪريٽريٽ جي جوڙجڪ انهيءَ سيڪريٽريٽ تحت ڪم ڪندڙ مختلف کاتن جي جوڙجڪ، موجود صوبائي ۽ رياستي ملازمن جي شموليت، ۽ هڪ واحد انتظامي يونٽ طور اولهه پاڪستان جي آئين بابت پئدا ٿيندڙ اتفاقي مامرن ۽ انتظامي پاليسيءَ جي ڳانڍاپي ۾ ان ڏس ۾ عمل بابت سفارشون مرتب ڪرڻ ۽ ان بابت بحث مباحثو ڪرڻ ڪائونسل جو فرض هوندو.

"4ـ پنهنجي فرضن ۽ ڪمن ڪارين جي سرانجام ڏيڻ لاءِ ڪائونسل مرڪزي، صوبائي ۽ رياستي سرڪاري ملازمن تي ٻڌل ان جي نظر ۾ مناسب ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي.

5ـ ڪائونسل اهڙو طريقيڪار اختيار ڪندي، جيڪو ان کي مناسب لڳندو.

6ـ ڪائونسل پنهنجو سفارشون جلد کان جلد مرڪزي حڪومت کي پيش ڪندي.

غلام محمد

گورنر جنرل

عزيز احمد

ڪيبينٽ سيڪريٽري

ڪوبه عقل پريو فرد، جنهن کي قانون جي ٿوري گهڻي ڄاڻ هوندي، پروڙي سگهي ٿو ته گورنر جنرل جي حڪم ۾ شامل "ڳانڍاپو/ رابطو" ۽ "سهڪار" جو سيڪشن 135 سان ڪو تعلق ئي ناهي. اهو حڪم صوبن، صوبائي حڪومتن ۽ قانون ساز ادارن جي خاتمي جو اعلان ٿو ڪري، اِهو جهڙي پڙهو ۽ اينگهه ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي.

189ـ سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان رٽ پٽيشن جي منظوري گورنر جنرل غلام محمد کي سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڏو صدمو رسايو ۽ هو ان

صدمي مان ڪڍهن به چڙهي نه سگهيو. عدليه جي طاقت ۽ شان بالاتر نظر آئي ۽ ملڪ ۾ هڪ عمومي شادماني هئي.

190ـ اپيل ۾ پاڪستان جي وفاقي ڪورٽ لاهور مان ۽ جسٽس محمد منير (پنجاب ڏقيڙ جي سلسلي ۾ اڳيئي حوالو ڏنل) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو ۽ وستوري ضابطن جي پنهنجي ڪيل اُپٽار ذريعي گورنر جنرل کي پاڪستان جو عملي مالڪ بڻائي ڇڏيو. ان مرحلي تي وفاقي ڪورٽ ٻين مامرن جهڙوڪ، ڇا گورنر جنرل قانوني طور تي پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ کي برخاست ڪري سگهي ٿو جيتوڻيڪ ان بابت پڻ سنڌ هاءِ ڪورٽ پنهنجو فيصلو صادر ڪري ڇڏيو هئو ۽ ان خلاف پاڪستان جي وفاق جي اپيل پڻ دائر ٿيل هئي، تي پنهنجو فيصلو صادر ڪرڻ ضروري نه ليکيو.

191ـ وفاقي ڪورٽ ۾ دليل هلڻ دوران هڪ مرحلي تي پاڪستان جي وفاق هڪ جهيڙي ۽ سباجهي سياءُ ۾ تي نظر آيو. جو فيڊريشن جي سينيئر وڪيل ڊپلوڪ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ بابت جسٽس منير جي سوالن جي جواب ۾ هينيون خاطريون ڪرايون:

ڊپلوڪ:

ماءِ لارڊ! اِهو مدنظر رکڻ ضروري آهي، ته پنهنجي اعلان ۾ گورنر جنرل چيو آهي، ته چونڊون جلد کان جلد ڪرايون وينديون. هاڻوڪي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جي نتيجي ۾ پيش ايندڙ ڪنهن هاجي کان بچڻ واسطي چونڊون ممڪن حد تائين جلد کان جلد ڪرايون وينديون. اِهو سندس ارادو هو ۽ مونکي اِها هدايت ڪئي وئي آهي، ته اوهان صاحبن جي گوش گذار ڪريان ته اجان تائين سندس اهو ئي ارادو آهي ته صوبائي قانون ساز اسيمبليءَ جي نون عيوضين جي تڪڙي چونڊ ڪرائي وڃي، جهڙي ريت اوهان کي ڄاڻ آهي ته آئين ساز اسيمبليءَ جي اصل ميمبرن کي چونڊيو ويو هو. اُميد ڪري سگهجي ٿي ته اِهو عمل سڌي سنئين چونڊن لاءِ جلد کان جلد ڏگ تيار ڪندو پر هاڻوڪي آئين ساز اسيمبليءَ سڌي نئين چونڊن جي ڏس ۾ ڪجهه به نه ڪيو آهي. جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن مهينا لڳي سگهن ٿا.

"چيف جسٽس: ڇ اڻ سڌي چونڊن لاءِ؟

"ڊپلوڪ: اڻسڌي چوندون هفتي ٻن ۾ ٿي سگهن ٿيون. صوبائي اسيمبليون موجود آهن. انهن کي گڏيل طور تي سڌرائي پنهنجا عيوضي چونڊڻ لاءِ چوٽو پوندو. جيستائين سڌي سنئين چونڊن ڪرائڻ ۾ عملي ڏکيائين جو تعلق آهي، ان ڪري معاملو تاخير جو شڪار ٿي سگهي ٿو.

"سڌي سنئين چونڊن ۾ دير ٿيڻ جي پيش نظر گورنر جنرل اسيمبليءَ جي قيام واسطي تڪڙا ترين قدم کڻڻ لاءِ آتو آهي، جنهن لاءِ هن وقت اڻسڌي چونڊن وارو دڳ ئي اختيار ڪري پيو سگهجي.

چيف جسٽس! ان ريت تون ان ڳالهه سان سهمت آهين تہ اسيمبليءَ جي ترت ضرورت آهي.

ڊپلوڪ: ڇاڪاڻ جو گورنر جنرل اعلان ذريعي عمل ڪري ٿو سگهي. هو پنهنجي وزيرن جي صلاح پر عوامي عيوضين جي صلاح مصلحت کانسواءِ ڪم ڪار هلائي رهيو آهي.

"چيف جسٽس: ڇا اعلان کي قانوني پٺڀرائي حاصل هوندي؟

ڊپلوڪ: گورنر جنرل چاهي ٿو تہ جلد کان جلد هڪ اسيمبلي عمل پذير ٿئي، جيڪا عوامي خواهشن پٽاندر سندن عيوضين واسطي جلد قائم ٿئي. اِهو مامرو گورنر جنرل جي صوابديد تحت ئي آهي.

جسٽس رحمان: ڇا توکي ان ڏس ۾ اسان کي رسمي طور تي چارڻ ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي؟

ڊپلوڪ: جي ماءِ لارڊ۔ اوهان صاحبن کي چارڻ ڏيڻ لاءِ مون کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ اِهو گورنر جنرل جو حڪم/اعلان جاري ڪرڻ مهل ارادو هو ۽ اجان تائين آهي، تہ نئين جونديل اسيمبلي ڪوٺائي وڃي، جنهن لاءِ صوبن جون اجان تائين قانون ساز اسيمبليون موجود آهن.

"جهڙي ريت اوهان صاحبن کي چارڻ ڏئي چڪو آهيان تہ اِهو حڪم جاري ڪرڻ مهل گورنر جنرل جو ارادو هو تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي وڃي. اُن مرحلي تي اِهو ٿي سگهي ٿو تہ هُن انهيءَ صلاح کي مدنظر رکيو هجي تہ آئين تحت ڪيس اُهي اختيار حاصل آهن

جيڪي هُن انهيءَ حڪم ذريعي ڪنيا. آءٌ فقط اِهو ٿو چوان تہ اِهو فقط اسان تي منحصر نٿو ڪري تہ اسين درست آهيون. انهن حالتن ۾ هُن ان کي درست ليکيو. سنڌ چيف ڪورٽ ۾ هڪ تڪڙي درخواست وڌي وئي، تہ جيئن ڪورٽ طرفان سندس آئيني اُپٽار کي درست يا غلط ليکڻ بابت ڪو فيصلو ڏيڻ تائين انتظار ڪجي. جناب اعليٰ! هُن موقف ورتو ۽ آءٌ سمجهان ٿو ۽ جيڪو بہ موقف درست هجي تہ آئيني طور تي ڪيس اِهو عمل ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي يا نہ هُن هيل تائين ممڪن اِهو موقف اختيار ڪيو. جيتوڻيڪ ڪورٽ جي فيصلي جي سندس انتظار دوران نمائنده ادارا ضروري هئڻ ڪري برخاست ڪيا ويا اِهو اڻ گهربل هو تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي غير نمائنده ٿيڻ تي نمائنده ادارن جي برخاستگيءَ سان گڏ، جمهوري آئين جي بنيادي عنصرن جي برخاستگي اڻ گهربل هئي. جناب اعليٰ! انهن حالتن ۾ سندس طرفان اِهڙو قدم کڻڻ "هن مهل مامرا اتي بيٺل آهن، جو گذريل سال آڪٽوبر ۾ سندس ارادو نئين آئين ساز اسيمبلي قائم ڪرڻ جو هو. اِهو ٿي اُپاءُ هو جيڪو هو 24 آڪٽوبر کانپوءِ تڪڙو کڻي ها، جيڪڏهن هيءَ قانوني معاملو شروع نہ ٿئي ها ۽ اجان تائين بہ سندس اِهو ئي ارادو آهي. اُميد اٿم تہ اوهين صاحب مونکي انهيءَ معاملي تي مونکي ضروري لڳندڙ کان وڌيڪ چوڻ تي مجبور نہ ڪندا.

192۔ ڊپلوڪ جي خاطرين موجب نئين آئين ساز اسيمبلي هڪ هفتي اندر چونڊجي پئي سگهي. پر گورنر جنرل اصل ۾ ڪيو ڇا؟ وفاقي ڪورٽ جي فيصلي جي هڪ هفتي اندر پر ان فيصلي جي لکجڻ ۽ شايع ٿيڻ (جيڪو 4 اپريل 1955تي ٿيو) کان اڳيئي گورنر جنرل هڪ حڪم ۽ آرڊيننس ذريعي 27 مارچ 1955ع تي ون يونٽ قائم ڪري ڇڏيو. اهو حڪم ناموءِ آرڊيننس هيٺ ڏجن ٿا (نمبر 45):

پاڪستان گزيٽ

غير معمولي

اختيارين طرفان شايع ڪيل

ڪراچي آچر 27 مارچ 1955ع

"پاڪستان حڪومت"
گهرو معاملن واري وزارت
هنگامي حالتن جو اعلان
ڪراچي 27 مارچ 1955ع

"پاڪستان جي سلامتيءَ کي اندروني ڏڪيڙن کان لاحق خطري سبب گورنر جنرل گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 102 تحت اعلان ٿو ڪري، تہ هڪ انتهائي هنگامي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي ۽ جيڪا ڄاڻايل سيڪشن تحت ٿي اچي.

غلام محمد
گورنر جنرل

"اين.اي فاروقي"
سيڪريٽري
"قانون واري وزارت"
آرڊيننس نمبر IX آف 1955ع
(ڪراچي 27 مارچ 1955)

"ڪن قانونن جي جواز ۽ ڪن هنگامي اختيارن واسطي آرڊيننس.

"جيئن تہ پاڪستان جي وفاقي ڪورٽ اعلان ڪري چڪي آهي، تہ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل اُهي سمورا قانون، جن کي گورنر جنرل جي توثيق مليل ناهي، سي عمل جوڳا ناهن ۽ جيئن تہ پاڪستان جي امن، ضابطي ۽ بهتر حڪومت لاءِ انهن قانونن مان ڪن جو عمل جوڳو هئڻ ضروري آهي. (صفحو 661)

"۽ جتي اهڙا قانون جوڙيا ويجن، جن جو نتيجو واسطيدار آئين ساز اسيمبلي ۽ صوبن جي اسيمبلين جي جوڙجڪ ۽ اختيارن ۾ تبديلي آڻڻ جي صورت ۾ نڪري ۽ واسطيدار اسيمبلي ۽ قانون ساز ادارا ان ريت غير آئيني بڻجي ٿا وڃن، انڪري آئيني ڍانچو ڍهي چڪو هو.

"جت آئين ساز اسيمبليءَ جي ذمي فرض هو تہ اها پاڪستان جو آئين ٺاهي پر اها ان ۾ ناڪام رهي"

"۽ جڏهن تہ آئين ساز اسيمبليءَ کي 24 آڪٽوبر 1954 تي حڪم نامي ذريعي برخاست ڪيو ويو ۽ ماڻهن جي آڌار تي هڪ آئين تيار ڪرڻ لاءِ ڏگ اختيار ڪرڻ ضروري ٿي پيو.

"۽ جڏهن تہ هنگامي حالتن جو اعلان گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 102 تحت" جنهن کي انڊيا (هنگامي حالتن جو اعلان) ايڪٽ 1946 ذريعيءَ ترميم ڪيو ويو کي مدنظر رکي ڪيو ويو ۽ گورنر جنرل کي محسوس ٿيو تہ هنگامي حالتن جي نوعيت کي مدنظر رکندي ڪنيل اُپاءَ درست آهن.

"هاڻ" ان ڪري گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 42 جي سب سيڪشن (1) تحت حاصل اختيارن جي اطلاق ۾ انهيءَ جي آڌار تي کيس حاصل ٻين سمورن اختيارن جي پيش نظر گورنر جنرل هيٺيون آرڊيننس جاري ٿو ڪري:

"باب پهريون۔ مُنڍ

1۔ مختصر سرو" دائرو ۽ اطلاق۔ (1) هن آرڊيننس کي هنگامي اختيارن وارو آرڊيننس 1955 سڏيو وڃي.

(2) ان جو اطلاق سڄي پاڪستان تي ٿيندو.

(3) اِهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2۔ ڪجهہ قانونن جي افاديت۔ (1) جيتوڻيڪ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ طرفان انڊيا انڊپنڊنس ايڪٽ 1947 جي سيڪشن 8 جي سب سيڪشن (1) تحت منظور ڪيل ڪو بہ قانون، توثيق لاءِ گورنر جنرل کي نہ اماڻيو ويو. جيڪو عمل انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 6 جي سب سيڪشن (3) سان ٺهڪندڙ هو. هت اِهو اعلان ۽ قانوني طور تي پابند ڪيو ٿو وڃي، تہ هن آرڊيننس جي شيڊول جي ڪالم 1 ۾ واضح ڪيل هر قانون موصول ٿيل ليکيو ويندو ۽ سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ٿيڻ واري تاريخ تي گورنر جنرل جي توثيق ڪيل ليکيو ويندو ۽ ان کي اُنهيءَ تاريخ کان قانوني حيثيت جو حامل ليکيو ويندو.

(2) اِهو تہ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جي جوڙجڪ اُنهيءَ اسيمبليءَ جي منظور ڪيل قانون ذريعي تبديل ٿي وئي هئي ۽ جن کي

انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشنن جي سب سيڪشن (3) سان ٺهڪاءَ ۾ گورنر جنرل جي توثيق حاصل نہ هئي ۽ جيستوڻيڪ انهيءَ اسيمبليءَ طرفان اختيار ڪيل وهنوار واري ضابطن مان ڪي يا سمورا قانون سان ٽڪراءَ ۾ ٿي آيا.

(a) انهيءَ سيڪشن جي سب سيڪشن (1) لاڳو ٿيندڙ ڪنهن بہ قانون جي قانوني حيثيت بابت ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ سوال نہ اُٿاريو ويندو.

"(b) انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 8 جي سب سيڪشن (2) تحت انهيءَ اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل يا منظور ڪرڻ جي لاءِ ارادي هيٺ آيل ڪنهن قانون کي جنهن کي گورنر جنرل وٽان توثيق ٿيل هوندي" ان بنياد تي ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ سوال هيٺ نہ آندو ويندو تہ اِها اسيمبلي غير مناسب جوڙجڪ واري هئي يا اِها وهنوار جي اهڙن ضابطن تحت ڪم ڪري رهي هئي، جيڪي جوڙڻ جو ان کي اختيار نہ هو.

"(c) ان اسيمبليءَ طرفان بحال ڪيل ڪوبہ ٺهراءُ جاري ليکيو ويندو" ڪنهن بہ عارضي قانون کي ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ سوال هيٺ نہ آندو ويندو.

(d) گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 33 کان 37 تائين ذريعي حاصل اختيارن تحت انهيءَ اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل زر مطالبن جي منظوري، جنهن کي گورنر جنرل طرفان توثيق حاصل هوندي، کي ڪنهن بہ ڪورٽ آڏو سوال هيٺ نہ آندو ويندو.

(e) ڪنهن بہ قانون يا ٺهراءُ جنهن تي اِهو سيڪشن لاڳو ٿيندو هوندو جي اطلاق جي ڏس ۾ منظور ڪيل ڪنهن حڪم، جوڙيل ضابطي، جاري ڪيل نوٽيفڪيشن، کنيل قدم يا اُپاءُ يا مرڪزي حڪومت يا ڪنهن صوبائي حڪومت يا سلطنت جي ڪنهن ملازم خلاف ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ ڪا درخواست يا ٻي قانوني چاره جوئي نہ ڪئي ويندي.

(3) هن آرڊيننس واسطي هن سيڪشن ڪانسواءِ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 ۾ برطانيا جي پارليامنٽ طرفان ڪيل ترميم يا ايڪٽ يا ڪو قانون جنهن تي هن سيڪشن جو سب سيڪشن (1) لاڳو ٿيندو هجي.

"باب II - گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 ۾ ترميمون"

"3- وفاقي قانون ساز اسيمبليءَ سان لاڳاپيل شقن جو عارضي اخراج"

"جيستائين ڪو بيو انتظام ٿئي، گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جا سيڪشن 19 کان 22، 28 کان 30، 32، 34، 35، 37، 38، 40، 41 خارج رهندا.

"4- ساليانو مالياتي گوشوارو انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 33 ۾":-

(a) سب سيڪشن (1) لاءِ هيٺيون متبادل طور ايندو:-

"(1) واسطيدار سال واسطي وفاق جي ڪاٿو لڳايل حاصلاتن ۽ خرچن جو هڪ گوشوارو گورنر جنرل تيار ڪندو جنهن کي هن ايڪٽ جي هن حصي ۾ "ساليانو مالياتي گوشوارو" سڏيو ويندو.

(b) سب سيڪشن 4، طور هيٺيان جزا شامل ڪيا ويندا:

(4) ساليانو مالياتي گوشوارو جڏهن گورنر جنرل جي صحيح سان تصديق ٿيل ٻڌبو تہ پوءِ ان ۾ ڄاڻايل ڪيترن ئي حسابن جي خرچ واسطي بااختيار هوندو:

(5) خرچن جا اضافي گوشوارا-انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 36 ۾ "وفاقي قانون ساز اداري آڏو پيش ڪيو ويو" بدران "تيار ڪيو ويو" ۽ "پوين سيڪشنن" ۾ان "سيڪشن 33" جا متبادل ڪتب آندا ويندا.

"6- صوبا- انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 46 لاءِ هيٺيون سيڪشن شامل ڪيو ويندو:

46- (1) گورنر جنرل کي اختيار هوندو تہ هو ڪنهن عوامي نوٽيفڪيشن ذريعي انهيءَ نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل تاريخ کان پڌرو ڪري تہ اوڀر بنگال واري صوبي کي اوڀر پاڪستان جو نالو ڏنو ويندو ۽ نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل ايراضين کي اولهہ پاڪستان صوبي ۾ شامل ڪيو ويندو.

(2) ڄاڻايل تاريخ کان ڪنهن بہ ايڪٽ، ضابطي، حڪم نامي مول تي يا عوامي نوٽيفڪيشن ۾ ڪتب آيل اوڀر بنگال صوبي واري حوالي کي اوڀر پاڪستان صوبي طور ليکيو ويندو.

(3) گورنر جنرل ڪيس ضروري لڳندڙ هيٺين اسمن بابت ڪو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو!

(a) اولهہ پاڪستان صوبو تشڪيل ڏيڻ.

(b) ڪنهن گورنر جي صوبي، چيف ڪمشنر جي صوبي، وفاق جي راڄڌاني يا ڪنهن وفاقي انتظام هيٺ رياست تي لاڳو ٿيندڙ ڪنهن

ايڪٽ، ضابطي قاعدي، حڪم نامي، مول متي يا عوامي نوٽيفڪيشن ۾ اضافي اطلاق ۾ ڦير گهير جو اخراج

(c) هن آرڊيننس جي تاريخ ۾ ڄاڻايل تاريخ وچ ۾ ڪنهن به گورنر جي صوبي، چيف ڪمشنر جي صوبي، وفاق جي راڄڌاني يا ڪنهن به وفاقي انتظام هيٺ رياست ۾ سرڪاري ڪم ڪار لاءِ ڪنهن فرد يا اختياريءَ کي اختيار تفويض ڪرڻ.

(4) هن سيڪشن تحت گورنر جنرل جي جاري ڪيل ڪنهن حڪم يا عوامي نوٽيفڪيشن جي قانوني حيثيت بابت ڪنهن به ڪورٽ ۾ ڪو سوال نه اُٿاريو ويندو.

(5) هن ايڪٽ، جيستائين تت ۾ ٻيو ڪو مفهوم نه هجي، "صوبي" يا "گورنر صوبي" جو مفهوم:

(a) ڪنهن مقرر ڏينهن تائين اوڀر بنگال پنجاب اتر اولهه سرحد ۽ سنڌ جا صوبا ۽.

(b) مقرر ڏينهن کان اوڀر پاڪستان جو صوبو يا اولهه پاڪستان جو صوبو ۽ "صوبائي" قائم ڪيا ويندا.

(7) رياستن واسطي قانون سازي: ڄاڻايل ايڪٽ مان سيڪشن 101۽ 134 خارج ڪيا ويندا.

(2) الحاق يا ٺاهه جي ڪنهن به عنصر ۾ ڪجهه به هئڻ جي باوجود، ڄاڻايل ايڪٽ جي سيڪشن 46 جي پورائي واسطي مقرر ڪيل ڏينهن تائين، وفاقي قانوني ساز اداري کي هڪ وفاقي رياست واسطي قانون ٺاهڻ جو مڪمل اختيار حاصل هوندو.

(8) ـ قانوني مامرا ۽ ڪاروايون: انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 176 جي سب سيڪشن (1) جي پڇاڙيءَ ۾ هيٺيون ٽڪرو شامل ٿيندو:

بهر صورت:

(a) 24 آڪٽوبر 1954 تي گورنر جنرل جي جاري ڪيل حڪم نامي جي روشنيءَ ۾ گورنر جنرل يا ڪنهن ٻي حڪومت يا فرد طرفان ڪيل ڪنهن اُپاءَ يا اخراج جي ڏس ۾ پاڪستان جي وفاق ڪنهن صوبائي

حڪومت يا وفاقي يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن وزير يا عملدار خلاف ڪو بہ قانوني مامرو يا ڪارروائي وارو سوال ڪہ اُٿاريو ويندو.

(b) "جيڪڏهن هنگامي حالتن جي اختيارن واري آرڊيننس 1955 جي لاڳو ٿيڻ مهل ڪو اهڙو قانوني مامرو يا ڪارروائي عمل پذير هوندي، تہ ان کي بہ خارج ليکيو ويندو."

(9) هاءِ ڪورٽون: (1) انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 219 جي سب سيڪشن (1) جي پيراگراف (b) جي پرووزو ۾ لفظ "يا" آخر ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين ريت نئون پيراگراف (c) شامل ڪيو ويندو.

(1) گورنر جنرل جي حڪم سان انهيءَ سب سيڪشن ۾ ڄاڻايل ڪنهن بہ ڪورٽ يا ڪورٽن جي جاءِ تي اولهہ پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ يا اولهہ پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ جو قيام عمل ۾ ايندو.

(2) انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 219 جو سب سيڪشن (3) گورنر جنرل طرفان جڪم ذريعي متعين ڪيل تاريخ کان عمل پذير نہ رهندو.

(3) انهيءَ ايڪٽ جي سيڪشن 220 جي سب سيڪشن (2) واري پرويزو ۾ پيراگراف (c) ۾ "يا هاءِ ڪورٽ قائم ڪئي ويندي، جيڪا اهڙي ڪورٽ جي جاءِ والاريندي، جنهن جو ڪو جج ميمبر هوندو" وارا لفظ پڇاڙيءَ ۾ شامل ڪيا ويندا.

باب ٽيون: مستقبل ۾ آئين واسطي بندوست

10ـ مستقبل جي آئين لاءِ بندوبست: گورنر جنرل پاڪستان جي آئين جي تياري واسطي ڪيس ضروري لڳندڙ بندوبست لاءِ حڪم ذريعي اهڙو بندوبست يا ان لاءِ ڪنهن ڪوشش کي تيز ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي ڪنهن حڪم ۾ اهڙا هنگامي يا مرحليوار بندوبست ٿي سگهن ٿا جيڪي کيس ضروري لڳن.

"شيڊول

(ڏسو سيڪشن 2(1))

قانون جن کي گورنر جنرل جي توثيق گهربل هوندي.

مختصر سرو (1)	سرڪاري گزيٽ ۾ شموليت جي تاريخ (2)
هندستان جي آزادي (ترميمي) ايڪٽ 1948	19 مارچ 1948
گورنمنٽ آف انڊيا (ترميمي) ايڪٽ 1948	19 مارچ 1948
گورنمنٽ آف انڊيا (ٻيو ترميمي) ايڪٽ 1948	16 جولاءِ 1948
هندستان جي آزادي (ٻيو ترميمي) ايڪٽ 1948	16 جولاءِ 1948
گورنمنٽ آف انڊيا (ترميمي) ايڪٽ 1949	14 جنوري 1949
گورنمنٽ آف انڊيا (ترميمي) ايڪٽ 1950	27 جنوري 1950
هندستان جي آزادي (ترميمي) ايڪٽ 1950	27 جنوري 1950
گورنمنٽ آف انڊيا (ٻيو ترميمي) ايڪٽ 1950	ڀرين فيبروري 1950
گورنمنٽ آف انڊيا (ٽيون ترميمي) ايڪٽ 1950	ڀرين فيبروري 1950
گورنمنٽ آف انڊيا (چوٿون ترميمي) ايڪٽ 1950	27 مارچ 1950
پرائيويسي ڪائونسل (حدبنديءَ جو خاتمو) ايڪٽ 1950	22 اپريل 1950
گورنمنٽ آف انڊيا (پنجون ترميمي) ايڪٽ 1950	15 اپريل 1950
گورنمنٽ آف انڊيا (ڇهون ترميمي) ايڪٽ 1950	15 اپريل 1950
پاڪستان (عبوري آئين) آرڊر (ترميمي) ايڪٽ 1950	9 آڪٽوبر 1950
گورنمنٽ آف انڊيا (ستون ترميمي) ايڪٽ 1950	9 آڪٽوبر 1950
گورنمنٽ آف انڊيا (اٺون ترميمي) ايڪٽ 1950	18 آڪٽوبر 1950
آئين (ترميمي) ايڪٽ 1950	18 آڪٽوبر 1950
گورنمنٽ آف انڊيا (نائون ترميمي) ايڪٽ 1950	22 نومبر 1950
آئين (ترميمي) ايڪٽ 1951	19 مارچ 1951
گورنمنٽ آف انڊيا (ترميمي) ايڪٽ 1951	28 اپريل 1951
گورنمنٽ آف انڊيا (ترميمي) ايڪٽ 1951	19 اپريل 1951
تڪن جي حدبندي بالغ راءِ دهي ايڪٽ 1951	21 اپريل 1951
راولپنڊي سازش (خاص ٽربيونل) ايڪٽ 1951	29 اپريل 1951
آئين (ٻيهر ترميمي) ايڪٽ 1951	21 نومبر 1951
تڪن جي حدبندي (بالغ راءِ دهي) (ترميمي) ايڪٽ 1951	21 نومبر 1951
گورنمنٽ آف انڊيا (ترميمي) ايڪٽ 1952	25 مارچ 1952

گورنمنٽ آف انڊيا (ترميمي) ايڪٽ 1952	15 اپريل 1952
گورنمنٽ آف انڊيا (ٻيون ترميمي) ايڪٽ 1952	26 اپريل 1952
راولپنڊي سازش (خاص ٽريبونل) (ترميمي) ايڪٽ 1952	27 نومبر 1952
گورنمنٽ آف انڊيا (ترميمي) ايڪٽ 1953	9 مارچ 1953
گورنمنٽ آف انڊيا (ٻيون ترميمي) ايڪٽ 1953	9 مارچ 1953
اوڀر بنگال قانون ساز اسيمبلي تسلسل ايڪٽ 1953	9 مارچ 1953
آئين (ترميمي) ايڪٽ 1953	27 مارچ 1953
گورنمنٽ آف انڊيا (ٻيون ترميمي) ايڪٽ 1954	17 جولاءِ 1954
آئين (ترميمي) 1954	5 آگسٽ 1954

غلام محمد

گورنر جنرل

ي اي اي سنيلسن

سيڪريٽري

"قانون واري وزارت

"ڪراچي، 27 مارچ 1955

گورنر جنرل آرڊر نمبر 4 آف 1955

گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 46 تحت حاصل اختيار استعمال ڪندي، گورنر جنرل هيٺيون حڪم جاري ڪري ٿو:

1۔ (1) هن حڪم کي اولهه پاڪستان (قيام) آرڊر 1955 سڏيو ويندو.

(2) اِهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2۔ (1) اولهه پاڪستان وارو صوبو (جنهن کي اڳتي هن حڪم ۾ "اولهه پاڪستان" سڏيو ويندو) پنجاب، اتر اولهه سرحدي صوبي، سنڌ ۽ بلوچستان جي صوبن ڪراچي، بهاولپور ۽ خيرپور جي رياستن، بلوچستان جي رياستن جي يونين ۽ قبائلي علائقن تي ٻڌل هوندو پر انهيءَ سب سيڪشن ۾ ڪوبه امر قبائلي علائقن جي اندروني انتظاميا ۾ ڪا تبديلي جو اختيار نه ڏيندو.

(2) هن سيڪشن واسطي ڪراچي انهيءَ ايراضيءَ ۾ شامل نہ هوندي، جيڪا گورنر جنرل جي حڪم ذريعي وفاقي ايراضي جاٽايل هوندي.

3ـ اولھ پاڪستان جي انتظام واسطي ڪائونسل کي ڪنهن طئي ٿيل تاريخ تي اولھ پاڪستان جو صوبو قائم ڪرڻ واسطي ضروري لڳندڙ قدم کڻڻ يا انهن کي تيز ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو ۽ ان واسطي اِها ڪنهن صوبي جي گورنر جي حڪومت يا اولھ پاڪستان ۾ وفاق جي ڪنٽرول هيٺ رياست يا ڪنهن عملدار يا اختياريءَ کي مناسب ٿيندڙ هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي ۽ اهي اُن مهل لاڳو ڪنهن قانون سان ٽڪراءَ ۾ ايندڙ نہ هونديون. اهڙين هدايتن جي اهڙي ڪا حڪومت عملدار يا اختياري پوئواري ڪندي.

4ـ مرڪزي حڪومت انهيءَ ڪائونسل جي درخواست تي اولھ پاڪستان جي ايراضيءَ جي ڪنهن بہ حصي ڪنهن اهڙي عملدار يا اختياريءَ کي، جيڪو ڪنهن گورنر جي صوبي يا وفاقي انتظام هيٺ رياست جي ايراضيءَ ۾ نہ هجي، اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي تہ جيئن سيڪشن 3 ۾ جاٽايل مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجي ۽ ان ڏس ۾ لاڳو ڪنهن قانون سان ٽڪراءَ ۾ ايندڙ ڪو قدم نہ کنيو ويندو.

5ـ هن حڪم ۾ شامل ڪو بہ امر ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي حد يا جوڙجڪ کي متاثر نہ ڪندو.

غلام محمد
گورنر جنرل
اي اي اي منيلسن
سيڪريٽري

193ـ اِهو واضح ٿيندو تہ گورنر جنرل آئيني ايڪٽن، پاڪستان جي بنيادي قانون کي هڪ آرڊيننس ذريعي ترميم ڪرڻ جي راهہ ورتي. اهڙو اختيار جيڪو برطانوي سلطنت (جنهن کان اسان جي گورنر جنرل اختيار ماڻيا) کي نہ حاصل هو نہ ئي ان جي استعمال جي سگهہ ٿيس. اِهو اهم آهي، تہ گورنر جنرل سيڪشن 223 اي کي نئين سر قانوني حيثيت نہ ڏني، جيڪو

هاءِ ڪورٽن جي رٽ واري حد بابت هو ان بدران هاءِ ڪورٽن جي حد کي واضح طور تي آرڊيننس جي سيڪشن 8 کان مٿاهون رکيو ويو.

194ـ 30 مارچ 1955 تي گورنر جنرل پنهنجي آرڊر نمبر 5 ذريعي ڊاڪٽر خان صاحب کي "اولهه پاڪستان واسطي انتظام جي ڪائونسل" جي اضافي ميمبر طور ڪنيو.

195ـ 4 اپريل 1955ع تي گورنر جنرل پنهنجي آرڊر نمبر 6 ذريعي اولهه پاڪستان صوبي جي حڪومت واسطي گورنر ۽ وڏي وزير جا عهدا پئدا ڪيا.

196ـ 12 اپريل 1955 تي وفاقي ڪورٽ گورنر جنرل جو اختيار چئلنج ڪيو. سنڌ جي لاڙڪاڻو ۽ سکر سان تعلق رکندڙ يوسف پٽيل ۽ ٻن ٻين جون اپيلون وفاقي ڪورٽ ۾ 1954 جي مُنڍ کان مهمليءَ ۾ پيل هيون ۽ انهن کي نئين اهميت ملي وئي. انهن اپيلن ۾ وفاقي ڪورٽ جي ججن يڪراءِ ليکيو ته "گورنر جنرل ڪنهن آئيني مامري تي ڪو آرڊيننس جاري نٿو ڪري سگهي." چيف جسٽس محمد منير طرفان لکيل انهيءَ فيصلي (پي ايل ڊي 1955, ايف سي 387) جا ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

"ليکيو ته گورنر جنرل ڪنهن آئيني مامري تي ڪو آرڊيننس جاري نٿو ڪري سگهي.

"جيڪڏهن آئيني حيثيت ان جي برعڪس هجي ها, ته پوءِ گورنر جنرل ڪنهن آرڊيننس ذريعي انڊين انڊپنڊنس ايڪٽ ۽ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ ختم ڪري, قانون سازيءَ جا سمورا اختيار پنهنجي سر حاصل ڪري پئي سگهيو. ڪنهن جمهوري آئين ۾ ان کان وڌيڪ غير موافق صورت حاصل ڪرڻ ڏکي ٿيندي (صفحو 396). بي

"ڪنهن به آئيني معاملي سان تعلق رکندڙ قانونُ سازيءَ جو ڪو به نڪتو فقط آئين ساز اسيمبليءَ جي اختيارن ۾ ٿو اچي ۽ گورنر جنرل کي آئيني ايڪٽن تحت انهن اختيارن جي استعمال کان جهليو ويو آهي. (صفحو 396) سي

"هنگامي اختيارن وارو آرڊيننس (IX آف 1955) جنهن هيل تائين آئيني نوعيت جي ڪن قانونن کي قانوني شڪل ڏني آهي, جيڪي گورنر

جنرل جي توثيق نہ ٿيڻ سبب قانوني حيثيت حاصل نہ ڪري سگھيا هئا، خود قانوني جواز کان وانجھيل هو

"ڪوبہ قانون ساز ادارو ڪنهن قانوني حيثيت کان وانجھيل ڪنهن قانون کي قانوني حيثيت نٿو ڏئي سگھي. جيڪڏهن ان کي قانوني حيثيت کان وانجھيل موضوع جي حوالي سان قانون سازيءَ جو اختيار حاصل ناهي. قانوني حيثيت ڏيندڙ اصول اِهو ئي آهي، تہ جيڪا قانون سازي توهين نٿا ڪري سگھو ان کي قانوني حيثيت بہ نٿا ڏئي سگھو. ان ڪري جيڪڏهن وفاقي قانون ساز ادارو ان کي اختيار ڏيندڙ ڪنهن شق جي غيرموجودگيءَ ۾ اِها انڊين انڊپنڊنس ايڪٽ يا گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ کي ڇيڙڻ جي اهل نہ هئي تہ پوءِ وفاقي قانون ساز اداري کان وڌيڪ اختيار نہ رکندڙ گورنر جنرل بہ انهن ايڪٽن ۾ ڪنهن آرڊيننس ذريعي ترميم ڪرڻ جو اهل نہ هو. انڊپنڊنس ايڪٽ تحت آئيني مامرن تي قانون سازيءَ جو اختيار فقط آئين ساز اسيمبليءَ کي حاصل آهي، اِها اسيمبلي ئي انهن ايڪٽن ۾ ڪا ترميم ڪري پئي سگھي. (صفحو 392) اِي

"ان کانسواءِ اِهو تہ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 42 جو دائرو ان ايڪٽ جي سيڪشن 102 تحت هنگامي حالتن جي اعلان ذريعي وڌائڻ ممڪن ناهي.

"اِهو ليکڻ تہ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ جي سيڪشن 102 جا فقرا آئيني مامرن تي قانون سازيءَ جو اختيار وفاقي قانون ساز اداري کي ٿا سونپين، آئيني ايڪٽن ۽ ڪنهن وفاقي آئين جي بنيادي اصولن جي وسيع تر رٿائن کي نظر انداز ڪرڻ آهي. وفاقي قانون ساز اداري جو بڻ بڻياد اِهو آهي، تہ اِهو ڪو خودمختيار قانون ساز ادارو ناهي، جيڪو سمورن مامرن تي قانون ٺاهڻ جو اهل هجي. خاص طور تي اِهو آئين ذريعي ٻين ادارن کي سونپيل مامرن تي قانون سازيءَ خاص طور تي آئين ذريعي مليل اختيار کانسواءِ نٿو ڪري سگھي نہ ئي اِهو ان جي قانون سازيءَ واري اختيار تي آئين طرفان مڙهيل حدبندين کي هٽائڻ جو اهل آهي. (صفحو 395) ڊي پاڪستان جو وفاق مخالف مولوي تميزالدين خان پي آءِ ڊي 1955 ايف سي 240 حوالو.

(b) انڊين انڊيپنڊنس (ترميمي) ايڪٽ 1948 جيڪو گورنر جنرل جي توثيق نہ هئڻ سبب قانوني حيثيت کان وانجهيل هو کي هنگامي اختيارن واري آرڊيننس (IX آف 1955) جي سيڪشن 2 ذريعي 27 مارچ 1955 تي توثيق ڏيڻ ليکيو ويو عمل پذير ٿئو ٿي سگهي.

"آئين ساز اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل انڊين انڊيپنڊنس (ترميمي) ايڪٽ 1948 کي گورنر جنرل جي توثيق حاصل نہ هئي ۽ ان ڪري فيڊريشن آف پاڪستان مخالف مولوي تميز الدين خان پي ايل ڊي 1955، ايف سي 225 جي اختيار تحت غير عملي هو. گورنر جنرل ليکيو تہ ان ايڪٽ کي ان جي سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ٿيڻ واري تاريخ تي سنڌس توثيق ٿيل ليکڻ گهرجي. جيڪو اعلان هُن 27 مارچ 1955 تي هنگامي اختيارن واري آرڊيننس 1955 جي سيڪشن 2 تحت ڪيو.

"ليکيو ويو تہ ايڪٽ ضابطي وار وهنوار وارو نہ هو جنهن تاريخ تي ان کي توثيق ملي، تنهن کان اِهو عمل هيٺ آيو ۽ ان ريت اِهو عمل پذير ٿئو ليکي سگهجي. توثيق کان اڳ انهيءَ ايڪٽ تحت ڪيل سمورا عمل تيستائين رد ليکيا، جيستائين جو آزاد قانون ساز اداري ذريعي ان کي قانوني حيثيت نہ ٿي ڏني وڃي.

(c) سنڌ غلن تي ڪنٽرول وارو ايڪٽ (XXVIII آف 1952) گورنر جي قانوني اختيار واري دائري کان ٻاهر.

ليکيو ويو تہ سنڌ غلن تي ڪنٽرول وارو ايڪٽ (XXVIII آف 1952) قانوني اختيار کان ٻاهر هو جيڪو گورنر گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 92 اي تحت لاڳو ڪيو هو سو پنهنجو سر قانوني حيثيت کان متاهون هو ڇاڪاڻ جو اهو گورنر جنرل جي حڪم XXVIII آف 1948 ذريعي گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ ۾ شامل ڪيو ويو هو ۽ خود گورنر جنرل کي انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ 1948 جي سيڪشن 9 تحت 31 مارچ 1948 تائين واري اختيار جي ختمي تاريخ کانپوءِ جاري ٿيڻ جي ڪري قانوني حيثيت کان وانجهيل هو جنهن ۾ 31 مارچ 1948 کان 31 مارچ 1948 تائين ميعاد ۾ واڌ ڪئي وئي هئي پر اِهو پويون ايڪٽ توثيق نہ ٿيڻ سبب قانوني حيثيت رکندڙ نہ هو (صفحا 398 ۽ 399).

"ڪورٽ مولوي تميزالدين ڪيس ۾ ليکيو ته آئين ساز اسيمبلي هڪ خودمختيار ادارو نه هئي پر ان جو مطلب اِهو قطعي ناهي ته جيڪڏهن اسيمبلي خودمختيار ادارو نه هئي ته پوءِ گورنر جنرل اِهو ٿي پيو. اسان هن ڪيس ۾اِهو تفصيل سان واضح ڪرڻ جو بيڙو کنيو ته پاڪستان ۾ گورنر جنرل جي حيثيت رياست جي آئيني سربراهه واري آهي، جهڙي ريت برطانيا ۾ بادشاهه جي آهي. اُها حيثيت جنهن کي جناب ڊپلوڪ به مڃيو جنهن تان هاڻ سڄاڻ وڪيل هٽ ڪٽي ويو آهي ۽ هنگامي حالتن جي بنياد تي سمورا اختيار رياست جي سربراهه وٽ هئڻ جي دعوا تي ڪٽي ويو. اسين اِهو واضح طور تي چئون ٿا جيڪي پوين ڪيس ۾ چوڻ کان رهجي ويا آهيون ته آئيني ايڪٽن تحت گورنر جنرل کي انهن ايڪٽن ذريعي ڪيس حاصل اختيارن کان وڌيڪ ڪجهه حاصل ناهي. انهن اختيارن ۾ هنگامي حالتن دوران آرڊيننس جاري ڪرڻ جو اختيار پڻ شامل آهي پر انهن جي حد ۽ ڇڪاس جو خود سيڪشن 42 ۾ واضح طور تي اظهار ٿيل آهي. اصولي طور تي گورنر جنرل وٽ آرڊيننس ذريعي قانون سازيءَ جو اختيار سدائين وفاقي قانون ساز اداري جي ڪنٽرول سان لاڳاپيل رهيو آهي. ۽ هو اهي ڪنٽرول فقط ان بنياد تي هٽائي نٿو سگهي ته قانوني يا عملي طور تي وفاقي قانون ساز ادارو موجود ناهي. اِنڊين انڊپينڊنس ايڪٽ يا گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 اهڙي ڪنهن صورت جي تشريح نٿا ڪن. ڪو به آئيني نڪتو جيڪو ڪنهن آئيني ماهري سان لاڳاپيل آهي، سو ڳلي طور تي آئين ساز اسيمبليءَ جي اختيار ۾ ٿو اچي ۽ گورنر جنرل کي آئيني ايڪٽن ذريعي اهي اختيار استعمال ڪرڻ کان جهليو ويو آهي. جيترو جلد ان تي عمل ڪيو ويندو بهتر ٿيندو. ۽ جيڪڏهن ڪنهن هن ڪورٽ جي اڳوڻي فيصلي ۾ ان جي اُبتڙ ڪجهه پڙهيو آهي ته آءٌ اِهو ئي چوندس ته اسان کي بنهه غلط سمجهيو ويو آهي. جيڪڏهن هاڻوڪي ڪيس ۾ اختيار ڪيل پوزيشن اِها آهي ته اڳوڻي آئيني قانون سازيءَ جي گورنر جنرل بدران نقط قانون ساز اداري ذريعي ئي توثيق ٿي سگهي ٿي ته پوءِ اِها حڪومت جي قانون واري ڪاتي جي ذميواري آهي ته اِهو ان صورتحال بابت حڪومت کي ڪو درست شورو ڏئي. پوئين ڪيس ۾ اسان جي فيصلي جي اطلاق جي

سنجيدگيءَ جو تڪڙو ادراڪ ڪيو ويجي ۽ قانوني حيثيت کان وانجهيل قانون سازيءَ کي قانوني حيثيت ڏيڻ واسطي تڪڙا قدم کنيا وڃن.

"اِها توقع رکي وئي هوندي تہ سلطنت لاءِ ذميوار وڪيل ذريعي اسان آڏو سولائيءَ سان اختيار ڪيل ورتاءَ مان 'ظاهر ٿئي ٿو تہ حڪومت آڏو پهريون ڪم آئين ساز اسيمبليءَ جا اختيار استعمال ڪندڙ هڪ وڏيڪ نمائنده ادارو وجود ۾ آڻڻ هوندو تہ جيئن قانوني حيثيت نہ رکندڙ سموري قانون سازيءَ کي نئين اداري ذريعي تڪڙي قانوني حيثيت ڏياري وڃي. اهڙي صورتحال پئدا ٿيڻ جي صورت ۾اِهو مارو آئيني عمل سان ٺهڪي اچي پئي سگهيو. بهرحال واقعا چاٽائين ٿا تہ ٻين وڪيلن جي ڳالهہ صادق رهي آهي. آرڊيننس ۾ چوندن جو ڪو بہ حوالو ناهي ۽ ايڊووڪيٽ جنرل اهو ئي چئي سگهيو تہ هواِهي ڪرائڻ چاهين ٿا.

اپيلون منظور ڪجن ٿيون

197_ وفاقي ڪورٽ جي مٿين فيصلي پاڪستان ۾ هڪ پسنديدگيءَ وارو عمومي تاثر پئدا ڪيو ۽اِها اُميد ڪئي وئي تہ هاڻ ملڪ ۾ گورنر جنرل جي هڪ فرد واري آپيشاهي راڄ بدران جمهوريت کي ٻيهر قائم ڪيو ويندو.

198_ گورنر جنرل شديد رد عمل ڏيکاريو ۽ 5 اپريل 1955 تي هڪ اعلان جاري ڪري 10 مئي 1955 تي مريءَ ۾ گڏجڻ واسطي هڪ آئين ساز ڪنوينشن طلب ڪيائين هڪ عمومي اُپار پيدا ٿي پيو تہ "قانون ساز اداري جي گڏجاڻين واسطي عمومي ماڳ راڄڌاني ڪراچيءَ بدران مريءَ ۾ ڪنوينشن گهرائڻ جو ڇا مقصد آهي" گورنر جنرل ۽ سندس صلاحڪارن ڪراچيءَ ۾ عالمي پريس، سفارتخانن ۾ سگهاري راءِ عامہ جي گهور کان بچڻ لاءِ هڪ واٽ کان هٽيل ماڳ جي چونڊ ڪئي.

199_ پر آئين ساز "ڪنوينشن" گهرائڻ واسطي گورنر جنرل جي حڪم نمبر 10 تي سنجيده اعتراض اُٿاريا ويا!

(1) تہاِهو آئين ساز ڪنوينشن هِون ڪي "آئين ساز اسيمبليءَ" جو اجلاس

(2) ڇ ان جا اختيار فقط آئين سازيءَ تائين محدود هئا تہ اِها وفاقي قانون ساز ادارو بہ نہ هو اختيارن جي انهيءَ محدوديت آرڊيننسن ۽ حڪمن ذريعي گورنر راڄ کي برقرار رکيو.

200۔ رٽيل ڪنوينشن خلاف عمومي ڪاوڙ وڌي وڃ ٿو. فضل حق جي سرواڻي واري بنگالي يونائيٽيڊ فرنٽ انهيءَ ڪنوينشن جي مخالفت ڪندي، ان جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو. بلاشڪ هاٺوڪي قانون واري وزير حسين شهيد سهروردي ڪنوينشن ۽ ون يونٽ وغيره جهڙن سمورن اهم اُپائن ۾ گورنر جنرل جي پوئواري ڪئي.

201۔ حالتن جي دٻاءَ تي گورنر جنرل مجبوريءَ ۾ اِهو معاملو گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ جي سيڪشن 213 تحت وفاقي ڪورٽ اُماڻيو. تہ صورتحال کي منهن ڏيڻ واسطي گورنر جنرل کي ڪهڙا اختيار حاصل هئا. وفاقي ڪورٽ پنهنجي آڏو گورنر جنرل وٽان ڪجهہ وڌيڪ سوال اُٿارڻ جي رٿ ڏني، جيڪا هُن قبولي.

202۔ وفاقي ڪورٽ ان ريفرنس تي اڪثريتي موقف سان وراڻي ڏني، چيف جسٽس منير، جسٽس اڪرم ۽ جسٽس ايس اي رحمان اڪثريتي ڌر هئا. جڏهن تہ جسٽس ڪارنيلس ۽ جسٽس محمد شريف اقليتي ڌر.

اڪثريتي موقف، يا ڪورٽ جو موقف (اي ايل ڊي 1955، وفاقي ڪورٽ):

"سوال نمبر1: نئين آئين ساز ڪنوينشن طرفان ضروري قانون سازي ڪرڻ کان اڳ ملڪ جي حڪومت جي حوالي سان گورنر جنرل جا اختيار ۽ ذميواريون ڇا آهن؟

جواب: اِهو سوال عمومي نوعيت جو آهي ۽ ان جي جواب ڏيڻ جي ضرورت ناهي.

سوال نمبر2: وفاقي ڪورٽ يوسف پٽيل ڪيس ۾ ڄاڻايو آهي تہ هنگامي اختيارن واري آرڊيننس واري شيڊول ۾ درج قانون گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935 جي سيڪشن 42 تحت قانوني حيثيت نٿا رکي سگهن، جو انهن کي نہ اطلاق جي اهميت ڏني وئي ۽ نہ ئي انهن قانونن کي لاڳو ڪرڻ واسطي قانون ساز اهليت ڏني وئي. ڇا آئين يا ڪنهن بہ قانون ۾ اهڙي ڪا شق آهي، جيڪا اُن صورتحال تي لاڳو ٿئي، جنهن ذريعي گورنر

جنرل حڪم يا ڪنهن ٻئي ريت اعلان ڪري، ته جاري ڪيل سمورن حڪمن، ڪيل فيصلن ۽ ٻين عملن جيڪي انهن قانونن تحت ٿيا هجن، کي قانوني حيثيت حاصل هوندي ۽ اهي لاڳو ٿيندا ۽ اُهي قانون جيڪي هاڻوڪي قانوني سرشتي کان ڌار ڪرڻ رياست لاءِ جوکم خان خالي نه هوندا، کي اوستائين ملڪي قانون ليکيو ويندو جيستائين سندن قانوني حيثيت وارو سوال نئين آئين ساز ڪنوينشن ذريعي طئي نٿو ڪيو وڃي؟

جواب: ته ريفرنس ۾ پيش ڪيل صورتحال ۾ گورنر جنرل کي هنگامي اختيارن واري آرڊيننس 1955 واري شيڊول ۾ ڄاڻايل قانونن جي، قانوني حيثيت ڏيڻ جي سول يا رياست جي ضرورت واسطي عمومي قانون تحت عبوري عرصي دوران اختيار حاصل هئا ۽ اهي سمورا قانون، انهن جي قانوني حيثيت بابت آئين ساز اسيمبلي جي فيصلي تائين ان ريت ئي قانوني حيثيت وارا ليکيا ويندا، جهڙي ريت انهن جي قانوني حيثيت ڏيڻ واري تاريخ کان ليکيا وڃن ها.

سوال نمبر: 3 ڇا آئين ساز اسيمبليءَ کي گورنر جنرل درست طور برخاست ڪيو؟

جواب: ريفرنس ۾ ڄاڻايل حقائق جهڙوڪ (1) ته آئين ساز اسيمبلي ستن سالن کان به وڌيڪ عرصو ڪم ڪرڻ جي باوجود انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ 1947 طرفان ڏنل عبوري آئين جي جاءِ والارينڊڙ پاڪستان واسطي هڪ آئين ٺاهڻ واري پنهنجي فرض جي پورائي ۾ ناڪام رهي (2) ته سڄي ملڪ جي نمائنده ادارن جي انيڪ مطالبن ۽ بحال ٺهرائن جي پيش نظر گورنر جنرل جي نقطي نظر ۾ آئين ساز اسيمبلي وقت جي پيش نظر پاڪستان جي عوام جي مڪمل طور تي غير نمائنده هئي ۽ سندن نمائندگي ڪرڻ جي ذميواري وڃائي چڪي، (3) ته عملي طور تي آئين ساز اسيمبليءَ هڪ دائمي قانون ساز اداريءَ جو روپ ماڻي ورتو هو ۽ (4) ته پنهنجي وجود جي سموري عرصي دوران آئين ساز اسيمبليءَ باور ڪرايو ته ان جي طرفان سلطنت جي آئين واسطي ان جي طرفان جوڙيل شقون انڊين انڊيپنڊنس ايڪٽ جي سيڪشن 8 جي سب سيڪشن (1) تحت قانوني حيثيت رکندڙ قانون هيون، توڙي جو انهن کي گورنر جنرل جي توثيق مليل نه

هئي، سو انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ جي سيڪشن 5 تحت گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو قانوني اختيار حاصل هو.

سوال نمبر4: ڇا گورنر جنرل طرفان رٿيل آئين ساز ڪنوينشن، آئين ساز اسيمبليءَ بابت انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ 1947 جي سيڪشن 8 جي سب سيڪشن (1) تحت حاصل اختيارن جي اُڪلاءَ واسطي اهل آهي؟

جواب: ان جو جواب هيٺين سان لاڳاپيل آهي:

(1) تہ آئين ساز ڪنوينشن جو درست نالو آئين ساز اسيمبلي آهي.

(2) تہ اسيمبليءَ کي برخاست ڪرڻ وارو گورنر جنرل جو حق فقط انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ مان ئي ماٿي سگهجي ٿو.

(3) تہ انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ جي سيڪشن 17 جي سب سيڪشن (3) تحت رياستن ۽ قبائلي علائقن جي نمائندگي جو انتظام فقط آئين ساز اسيمبلي ئي ڪري سگهي ٿي نہ ڪي گورنر جنرل.

(4) تہ هڪ نمائنده قانون ساز اسيمبليءَ جي قيام جي سلسلي ۾ گورنر جنرل جو ڪم فقط چونڊ ڪندڙن کي نامزد ڪرڻ آهي نہ ڪي آئين ساز اسيمبليءَ ميمبرن جي نامزدگي.

آئين ساز ڪنوينشن آرڊر 1955 تحت قائم ڪيل نئين اسيمبلي انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ 1947 بشمول انهيءَ جي سيڪشن 8 تحت حاصل سمورا اختيار استعمال ڪرڻ جي اهل هوندي

(ڪورٽ جو اڻ ڏريو صلاحڪار جناب پرٽ کي تميزالدين خان ڪيس ۾ نمائندگي ڪرڻ واسطي حڪومت ڏهہ هزار روپيا ڏيندي)

ريفرنس جي وراڻي ڏني وئي:

"جسٽس ڪارنيلس: منهنجي نقطي نظر ۾ اهو مڪمل طور تي واضح آهي تہ لاڳو آئيني اسمن کان مٿانهان سياسي پهل ڪارين جي استعمال جي ڏس ۾ ورهاڱي کان وٺي آئين ساز اسيمبليءَ کي ئي سمورا اختيار حاصل هئڻ واري صورت برقرار آهي ۽ گورنر جنرل اهي اختيار استعمال ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪا دعويٰ نٿو ڪري سگهي."

جسٽس محمد شريف: ان ڪري سوال نمبر 2 جي ڏس ۾ منهنجو جواب اِهو آهي تہ آئيني ۽ عمومي قانون ٻنهي تحت، آئين ساز اسيمبليءَ جا ڪم مختصرُ مدي لاءِ ٿي سهي، ڪرڻ گورنر جنرل جي دائري کان ٻاهر آهي."

203_ جسٽس محمد مُنير جي اُپٽار موجب گورنر جنرل پاڪستان کي آئين ساز اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل، ڪنهن بہ قانون جي توثيق معطل رکڻ جو اختيار آهي ۽ وڌيڪ اِهو تہ کيس آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جا اختيار حاصل آهن. مهذب دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾، ڪنهن بہ رياستي سربراهہ کي ان کان وڌيڪ اختيار حاصل ناهن. انهيءَ حقيقت کان اڻواقف نہ هوندي، جسٽس منير آخري پيراگراف ۾ پنهنجي نقطي نظر جي هن ريت اُپٽار ٿو ڪري، "ان کان اڳ جو آءٌ پڄاڻي تي اِهو تاثر ختم ڪرڻ چاهيندس، جيڪو عام ماڻهن جي ذهنن ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو تہ پاڪستان ۾ عمل پذير حدبنديءَ جو بڻ بنياد عمومي قانون ۾ ڦلهوريندي مون هن ملڪ جي گورنر جنرل کي اُها حيثيت ڏئي ڇڏي آهي، جيڪا وچولي دور ۾ برطانوي بادشاهن کي حاصل هئي."

"دراين چي شڪ! (ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي؟) اِهو بشمول منهنجي عام ماڻهن جو ردعمل آهي. پر اِهو هڪ جهوني سياستدان پاڪستان جي هڪ سچي گهڙيءَ جو موقف پڻ ٿي پيو سگهي.

204_ پر پاڪستان جا ڀاڳ ڀلا هئا، جو گورنر جنرل غلام محمد گهڻو وقت اِهي اختيار ماڻي نہ سگهيو. اختيار جيڪي سندس ڪمزور بُت ۽ ذهن کان گهڻو ڳرا هئا. انهن اختيارن جي استعمال ۾ هُن پنهنجو آئين ٽوڙيو ۽ آگسٽ 1955ع جي شروعات ۾ موڪلن تي هليو ويو ۽ ٻيهر گورنر جنرل جو عهدو نہ سنڀاليائين. جيڪڏهن جسٽس منير کيس بچائڻ جي ڪوشش ڪئي بہ پر قدرت کيس نہ بچايو ۽ اِهو پاڪستان لاءِ چڱو ٿيو. اِهو ٻين جي سمجهاڻي ۽ ڏاهپ واسطي چڱو سبق ٿي سگهي ٿو.

205_ غلام محمد تہ منظر تان کسڪي ويو پر سندس مقصد جاري رهيو هاڻ اڳي واري ڳجهہ ڳوهہ ۽ سازش بدران سنڌو سنئون چوڌري محمد عليءَ جي قيادت ۾ تہ پهرين ون يونٽ پوءِ آئين.

206_ ڪنهن سياسي جماعت جي حمايت کان وانجهيل ۽ حڪم تحت ون يونٽ کي "سپر سانڪ" رفتار سان لاڳو ڪرڻ چاهيندڙ وزيراعظم ۽ سياستدان محمد علي بوگره جا ڏينهن ڳڻجي چڪا هئا ۽ واڳ ڏٽين جي چونڊ واري اک وڃي بنگالي جي نمائندي حسين شهيد سهرورديءَ تي پئي. 7 آگسٽ 1955ع تي شايع ٿيل ون يونٽ بل دراصل حسين شهيد سهرورديءَ ئي تيار ڪيو هو.

207_ پر ايماندارانه ورتاءُ (پل جيڪي بہ بي ايمان مقصد هئا) بدران انگي حسابن واري ضابطي مداخلت ڪئي. سهرورديءَ کي نئين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ عوامي ليگ جي ٻارهن ميمبرن جي حمايت حاصل هئي پر فضل حق سرواڻي واري يونائيٽيڊ فرنٽ جا 22 کان وڌيڪ ميمبر هئا. سهرورديءَ مان هٿ ڪڍيا ويا ۽ يونائيٽيڊ فرنٽ جي بنگالين طرفان وزيراعظم واري عهدي تي پنهنجي پراڻي دعوا تان هٿ کڻڻ کي فضل حق کي ڪابينا ۾ ڪنيو ويو ۽ ان ريت 11 آگسٽ 1955ع تي چوڌري محمد علي پاڪستان جو وزيراعظم چونڊجي ويو.

208_ هاڻ جو نئين آئين ساز اسيمبليءَ ڪم ڪار شروع ڪري ڏنو هو سو انجو پهريون ڪم تہ انهن قانونن کي نئين سر قانوني حيثيت ڏيڻ هئڻ کپندو هو جن خود ان جي آئين ساز اسيمبلي هئڻ واري حيثيت خلاف عمل ڪيو هو. آئين ساز اسيمبليءَ جي نئين سر سامهون اچڻ تي گورنر جنرل جا آرڊيننس حڪم تيستائين پنهنجي اطلاقي حيثيت وڃائي چڪا هئا. جيستائين انهن کي آئين ساز اسيمبلي طرفان نئين سر قانوني حيثيت نہ ٿي ملي. ان ڏس ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي ناڪامي آئيني ۽ انتظامي مشينريءَ جي حقيقي ڍهي ڍير ٿيڻ هجي ها. مثال جي طور تي تڪن جي حد بندي (بالغ راءِ دهي) ايڪٽ 1951ع جنهن اڳوڻي محدود پئماني تي ووٽ ڏيڻ جي جاءِ تي بالغ راءِ دهيءَ کي لاڳو ڪيو هو کي گورنر جنرل جي توثيق حاصل نہ هئي. مٿين ايڪٽ تحت اوير بنگال، سنڌ ۽ پنجاب ۾ چونڊون ٿيون هيون. انهن صوبن ۾ ٿيل انهن چونڊن جي نتيجي ۾ اتي قانون ساز ادارا ۽ وزارتون قائم ٿي چڪا هئا ۽ انهن قانون ساز ادارن هاڻ نئين آئين ساز اسيمبليءَ لاءِ اسي عيوضي چونڊيا هئا. اِنڪري نئين آئين ساز اسيمبليءَ

جو پهريون ۾ اهم ترين ڪم اهڙن اهم ايڪٽن جي قانوني حيثيت جو يقين ڪرڻ هو. دراصل نئين آئين ساز اسيمبلي تشڪيل ڏيندڙ 28 مئي 1955ع واري گورنر جنرل جي حڪم نمبر 12 ان ڏس ۾ حڪم جاري ٿي ڪيا (پاڪستان گزيٽ 1955، غير معمولي) صفحو 1088 (نمبر 26).

"شق 11: رياستن وغيره جي نمائندگيءَ واسطي بندوبست. گورنر جنرل طرفان آئين ساز اسيمبليءَ جو اجلاس گهرائڻ شرط آرٽيڪل 8 جي بندوبست جي لاڳاپيل مامرن ڪانسواءِ ڪنهن بئي اسم ڪي اُڪلائڻ ڪان اڳ اِها بهاولپور رياست، بلوچستان رياست جي يونين، خيرپور رياست، سرحد رياستن ۾ قبائلي علائقن جي نمائندگيءَ واسطي انتظامن جو بندوبست ڪندي ۾ ان ڪانپوءِ ايندڙ آرٽيڪل پٽاندر صدر چونڊڻ ڪانسواءِ ڪو بيو اسم نہ اُڪلائيندي.

سگهاري گورنر جنرل جي مٿين واضح حڪم جي باوجود نئين وزيراعظم چوڌري محمد عليءَ اسيمبليءَ جي ايجنڊا تي سڀ کان پهريون اسم ون يونٽ بل وارو رکيو.

209۔ ون يونٽ بل يعني اولهہ پاڪستان صوبو ٺاهڻ وارو بل 23 آگسٽ 1955ع تي ڪراچيءَ ۾ آئين ساز اسيمبليءَ آڏو متعارف ڪرايو ويو ۾ گهٽ وا اڳي ٿيندڙ ايڪٽن جي قانوني حيثيت تعين وارو ڪم ساڳي ڏينهن تي ملتوي ڪيو ويو. اسان کي اِهي سمورا قانون ڪنهن استثنيٰ ڪانسواءِ نئين سر قانوني حيثيت وارا بنائڻ گهرجن. اوهان آڏو بنهہ واضح آهي سائين جڏهن ماڻهو هتي اُٿي پيا ۾ اسيمبليءَ جي خودمختيار حيثيت جا گُڻ ڳائڻ لڳا "سائين منهنجا! ان يا ان کان اڳين اسيمبليءَ جي ان کان وڌيڪ توهين نٿي ٿي سگهي. ڪجهہ بہ هجي اسان پوئين اسيمبليءَ جي جُتيءَ ۾ پير پاتو آهي. انهيءَ حقيقت کان وڌيڪ ڪا توهين ٿي نٿي سگهي تہ دنيا جي ڪابہ اختياري اسان جي قانونن مان ڪن کي قبولي تہ ڪن کي رد ڪري سگهي ٿي، هن ايوان کي اِها توهين برداشت نہ ڪرڻ کپي. پنهنجي حقن تي اِهو راتا هو ان کي برداشت نہ ڪرڻ گهرجي. ان ڪري آءٌ گوش گذار ٿو ڪريان ۾ اِهو ون يونٽ ۾ ايمان رکندڙن لاءِ سولي ترين شئي آهي تہ منهنجي پنهنجي سيٽ سنڀالڻ ڪانپوءِ ون يونٽ آڻڻ ڏهن منٽن جو ڪم

هوندو جيڪڏهن اسين پوئين اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل سمورا 43 يا 44 قانون بحال ڪري ڇڏيون. اِهو سولو ترين دڳ آهي. اِهو ميجان ٿو تہ منظور ڪيل انهن 43 قانونن ڪافي انتهائي اعتراض جوڳا پڻ هئا. جن تحت ماڻهن خلاف قدم کنيا ويا ۽ انهن ماڻهن جي آزاديءَ واسطي وڏيڪ اُپاءُ ورتا ويڃن. پر جيستائين ايوان جي حقن جو تعلق آهي تہ اسان سمورن کي بشمول اوهان جي انهن جي اورچائپ سان سنڀال لهڻ گهرجي. آءٌ ميجان ٿو تہ اسين وفاقي ڪورٽ جي تفصيلي فيصلي تحت، حڪم نمبر XII تحت ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهون. اسين ڪو بہ اسم اُڪلائڻ ڪانسواءِ تک ۾ وڌڻ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهون. هاڻ آءٌ پوئين بحث جو حوالو نہ پيو ڏيان پر آءٌ شق ii جي ٽين سٽ پڙهندس، ڇاڪاڻ جو شق ii اڃان وجود نٿي رکي ۽ اِها هن ايوان ۾ اڄ کان ڏهہ سال پوءِ تائين ورجائي سگهجي ٿي. ان ۾ لکيل آهي تہ "ڪو بہ اسم اُڪلائڻ ڪانسواءِ"

"اسپيڪر: فاضل ميمبر اُهوئي ڪجهہ چئي رهيو آهي، جيڪو ان مامري تي اڳيئي ڳالهائجي چڪو آهي.

"ميان محمد افتخار الدين: هاڻ آءٌ ٻيهر دتا صاحب جي پيش ڪيل تحريڪ ڏانهن موٽ ٿو ڪاوان تہ اسان کي اِها سليڪٽ ڪميٽي ڏانهن اُماڻڻ گهرجي. آءٌ اِهو چوندس تہ انهن سمورن قانونن کي قانوني حيثيت ڏيڻ جو اِهو انتهائي سولو دڳ آهي تہ جيئن انهن سمورين ڏکيائين تي قابو پائي سگهجي، ڇاڪاڻ جو سڀ کان وڏي شئي، جيڪا اوهان لاءِ انتهائي اهم آهي ۽ آءٌ انتهائي نوڙت ۽ احترام سان تسليم ٿو ڪريان ۽ اُميد اٿم تہ ان کي غلط نہ سمجهندؤ تہ اوهين ۽ آءٌ گورنر جنرل جي حڪم پٽاندڙ ايڊووڪيٽ جنرل جي پٽيشن تي وفاقي ڪورٽ جي حڪم موجب غير قانوني حالتن ۾ رهي رهيا آهيون.

سائين! اڄ صورتحال اِها آهي تہ وفاقي ڪورٽ اِهو واضح ڪيو آهي، تہ قانون فيصلي ڪانپوءِ فقط هڪ هفتي لاءِ قانوني حيثيت رکندڙ آهن، جيڪا انهن جي عارضي حيثيت آهي، سائين! اِهو فيصلي ۾ بنهہ واضح آهي پر ڪوبہ مونکي اِهو پڙهڻ نٿو ڏئي. فيصلي ۾ اِهو واضح طور تي ڄاڻايل آهي، تہ جيڪڏهن اسيمبلي پنهنجي پهرين اجلاس ۾ ايستائين جو رياستن

جي عيوضين جي چونڊ ڪان بہ اڳ، انهيءَ جي نئين سر قانوني حيثيت جو يقين نٿي ڪري تہ اِها حيثيت ختم ٿي ويندي اڄ ملڪ غير قانوني حالتن تحت هلي رهيو آهي. وفاقي ڪورٽ جي حڪم پٽاندر اسان کي اِهي حالتون برقرار رهڻ جي اجازت نہ ڏيڻ گهرجي پر ڏاڍ مٿرسي ۽ ڪابينا ۾ موجود ماهرائي صلاح سان هو شايد عوام تي غير قانوني قانون برقرار رکن. پر آءٌ عاجزيءَ سان عرض ٿو ڪريان تہ هڪ صورتحال اُبري سگهي ٿي ۽ اُها هيءَ تہ جيڪڏهن مامرن جو اهو انداز برقرار رهيو تہ پوءِ خود ون يونٽ ڪنيو ويو آهي. هاڻ هت ويٺل منهنجا دوست ان بابت ڇا ٿا چون. ون يونٽ وارو بل بہ غير قانوني قرار ڏئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ جو اهو گورنر جنرل ٹڙ حڪم تي عمل درآمد ڪان اڳي بل تي بن مهينن ڪانپوءِ سوال اُٿاري سگهجن ٿا. ڇاڪاڻ جو اِهو اُن اسيمبليءَ ڪنيو آهي، جنهن جو وفاقي ڪورٽ طرفان ڏنل حڪم تحت اِهو ڪم ئي ناهي.

اسپيڪر: معزز ميمبر لاڳاپيل نڪتي ڪان هٽي پيو ڳالهائي.

ميان محمد افتخار الدين: سائين انتهائي احترام سان عرض ٿو ڪريان تہ مون ڪان وڌيڪ ڪنهن بہ بحث هيٺ نڪتي تي نہ ڳالهايو آهي توهان پنهنجي پيشرو گرمانيءَ کي اُتڻ ۽ حڪومتي ذميوارين بابت ڳالهائڻ جي اجازت ڏني. آءٌ يقيني طور تي ٹڙ نڪتي تي پيو ڳالهايان، جڏهن اِهو ٿو چوان تہ جيستائين اسين گورنر جنرل جي حڪم نمبر XII جي پوئواري نٿا ڪريون ۽ جنهن جو شرط آهي تہ سمورن قانونن جي قانوني حيثيت وارو مامرو ڪنيو وڃي، تيستائين هت جيڪو بہ مامرو ڪٹنداسين سو غيرقانوني ٿيندو. اِهو منهنجو عرض آهي. منهنجو عرض ڪنهن شئي کي ٹارڻ واسطي ناهي. ان جي اُبتڙ آءٌ اوهانکي اُهو ڏڳ ڄاڻائي چڪو آهيان، تہ ڏهن منٽن اندر اسين سمورن قانونن کي قانوني حيثيت ڏئي پيا سگهون ۽ ڏهن منٽن اندر اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ گذريل هڪ سال دوران مختلف سرڪاري ادارن ۽ حڪمن جي غيرقانوني حيثيت جي ڏس واري غير يقينيت سبب اسين گهٹو ڪجهہ ڀوڳي چڪا آهيون. منهنجو عرض اِهو آهي تہ اسين اِهو ڪجهہ جاري رهڻ جي اجازت نہ ڏيون. ملڪ اُميد لڳائي تہ هن اسيمبليءَ جي قيام ۽ عمل ۾ اچڻ ڪانپوءِ اِها غيرقانوني يا غيريقيني واري حالت ختم ٿي ويندي ۽ ملڪ انهن قانونن تي ويساهہ ڪندو پنهنجي

عيوضين، سندن آئيني ۽ قانوني سوالن ۽ سندن فيصلن تي ويساهه ڪندو. قانوني حيثيت جي يقين ڪان اڳ پيا اسم ڪٺي اسين انهيءَ غيريقينيءَ ڪي وڌائي ۽ جاري رکي رهيا آهيون. هن ايوان جي تعظيم. ايوان کي هڪ قانوني فيصلو اختيار ڪرڻ جو اهل بنائڻ جي ڏس ۾، اهڙو فيصلو آهي ته اسين قانونن جي قانوني حيثيت وارو اسم هينئر جو هينئر ڪٺون. سائين انتهائي احترام سان عرض ڪندس ته هن ايوان ۾ اِها غير قانوني بيهڪ جاري رکڻ جي اجازت انهيءَ ڪري ڏني وئي آهي، جو مختلف پارٽين ۾ ڏي وٺ هلي رهي آهي. ڪيترين ئي پارٽيون ان تي ڏيتي ليتي ڪري رهيون آهن. حڪومت پهرين ون يونٽ تي ڪو فيصلو چاهي ٿي، ان کان اڳ جو اُها پين فردن يا پين جماعتن کي 223 اي ۽ 92 اي جهڙن تڪراري قدمن تي حتمي/ ٺُز موقف (ان تي زور ڏيندس) اختيار ڪرڻ لاءِ چوي، ڇاڪاڻ جو حڪومت پنهنجي حمائتين يا مخالفن جي ڪجهه حصن کي غيريقيني واري صورتحال ڏانهن وٺي وڃڻ چاهي ٿي، جو اِها قانوني حيثيت وارو سوال سامهون نه پئي آڻي. اسان جي پنهنجي حيثيت جي ڏس ۾ سمورن 43 قانونن جي قانوني حيثيت وارو سادو سوال جو اسان جي قانونن ۽ ملڪ جي انهيءَ سڌ ته اسين پنهنجو پاڻ کي هِڪ خودمختيار اداري طور ليکيون. بابت ڪوبه سوال نه اُٿاري سگهي. ان ڪري عرض ٿو رکان ته اسين پوءِ ڪجندڙ ڪنهن به بل يا قدم کي هاجو رسائيندااسين، جيڪڏهن بهترين وفاقي ڪورٽ جي فيصلي جي روشنيءَ تحت گورنر جنرل جي حڪم پٽاندر انهن قانونن جي قانوني حيثيت جو يقين نٽا ڪريون." (صفحا 242 کان 244)

عبدالمنصور احمد (اوڀر بنگال-مسلمان): جهڙي ريت ميان افتخار الدين اڳيئي ڄاڻائي چڪو آهي، ته اسين غير قانوني قانونن تحت ٽڱي رهيا آهيون، اسين غير قانوني قانونن تحت ڪم ڪري رهيا آهيون. معزز ميمبر جيڪي وزيرن طور ڪم ڪري رهيا آهن ۽ پگهار ڪٺي رهيا آهن يا سهائتا لاءِ رقمون جاري ڪري رهيا آهن، سمورا اوستائين غير قانوني طور ڪم ڪري رهيا آهن، جيستائين اسين انهن قانونن کي قانوني حيثيت نٽا ڏيون، جن تحت هو ڪم ڪار ڪري رهيا آهن. انتهائي عجب جي ڳالهه آهي. جو اُهي معزز ميمبر، جيڪي اهڙين غيريقينين هيٺ حڪومت هلائڻ جا ذميوار آهن، سي پاڻ هن ايوان آڏو ميعاد جي توسيع لاءِ اچي رهيا آهن، ڇاڪاڻ جو

جهڙي ريت منهنجي دوست ملڪ فيروز خان نون اشارو ڏنو آهي، تہ حڪومتي اتحاد اندر سياسي ڏيتي ليتي هلي رهي آهي، تہ انهيءَ قانوني حيثيت جي يقين ڪان اڳ ڪجھہ ٻيو يقيني طور تي ڪيو وڃي. ان ڪري سائين! اِهو هن معزز ايوان هڪ خودمختيار اداري سان ٺيندڙ فرادي عمل آهي. مريءَ ۾ اسان جي آڏو رکيل پوزيشن 15 سيپٽمبر 1955 واري هئي.

210_ ان بل جي تمام گهڻي مخالفت هئي ۽ ان تي زور ڏنو ويو تہ ڏور رس نتيجا رکندڙ اهڙي اهم بل کي ماڻهن ۾ ورهايو ۽ ان بابت سنڌن فيصلو ورتو وڃي. مخالفت جي انداز ۽ تت کي آئين ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن جي تقريرن مان پروڙي سگهجي ٿو. "پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جي بحثن جون سرڪاري رپورٽون: جلد پهريون" مان کنيل ڪجھہ تقريرن جا ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا ڪتاب نمبر 9 کان 30 (جلد 47 کان 68).

ملڪ محمد فيروز خان نون: ان کان اڳ جو اوهين ميان افتخارالدين جي اُتاريل نڪتي تي پنهنجي رولنگ ڏيو آءٌ هڪ لفظ چوڻ چاهيان ٿو. اِهو هيءَ آهي تہ تو هين ۽ گڏوگڏ عوام انهيءَ اچرج ۾ هوندا تہ فضل الرحمان بل جهڙي ننيڙي مامري تي ٻين سمورن بلن کان وڌيڪ ايڏو بحث ۽ هُل چو آهي. آءٌ اوهان کي اعتماد ۾ وٺڻ ۽ انهيءَ ڏچي جو اصل راز ٻڌائڻ چاهيان ٿو. اِهو هيءَ آهي. هن ايوان جي ميمبرن جو هڪ وڏو تعداد انهيءَ نقطي نظر جو آهي تہ ايوان جا ڪي حصا بشمول منهنجي، جيڪي ون يونٽ بل اڳتي وڌائڻ چاهين ٿا، سي اهو بل منظور ٿيندي ئي سيڪشن 192 اي ۽ 223 اي سان لاڳاپيل رٿون گڏي ڇڏيندا. هڪ هاريءَ جو واقعو ٻڌائيندس جنهن جو ڍڳو هڪ کوهہ ۾ ڪري پيو هو. ويچارو هاري پنهنجي هڪ دوست وٽ ويو ۽ هُن چيس تہ ڏٽيءَ واسطي هاڻ ان جا سنگ ڪپي ڇڏ ڇو تہ هاڻ هو ٿونا نٿو هٽي سگهي، ۽ اِهو ئي ڪجھہ ميمبر حڪومت سان معاف ڪجو حڪومت سان نہ پر انهن ميمبر سان ڪرڻ گهرن ٿا، جيڪي ان ڳالهہ جا حمايتي آهن تہ ون يونٽ بل پهرين بحال ڪيو وڃي. آءٌ ڪنهن جي بہ ايمانداريءَ تي آڱر کڻڻ نٿو چاهيان پر عوام ۽ گڏوگڏ ايوان جي هڪ وڏي حصي تي اهڙ وڏو شاهي تاثر پئجي ويو آهي، تہ جيئن ئي ون يونٽ بل ايوان مان منظور ٿيو آءٌ پڻ ان بل جي منظوري چاهيان ٿو. اڪثريت انهن قانونن جي قانوني حيثيت

جي يقين ڪرڻ واري معاملي جي پڻ شديد مخالفت ڪندي، جن جي حيثيت جو يقين سندن اولين فرض آهي. آءٌ چتاءُ ٿو ڏيان دُعا ڪريو تہ منهنجي اڳڪٿي غلط ثابت ٿئي، تہ اُهي ماڻهو جيڪي هن مهل ايجنڊا واري سوال تي جهيڙي رهيا آهن، سي اُن مهل قانوني حيثيت ڏيڻ واري بل جي بحث دوران پڙڪ بہ نہ ٻوليندا." (صفحو نمبر 235)

ڪامني ڪمار دتا (اوڀر پاڪستان: عام سيٽ): جناب اسپيڪر، آءٌ رٿيان ٿو:

"تہ قانونن جي قانوني حيثيت فراهم ڪرڻ واسطي بل تي سليڪٽ ڪميٽيءَ جي رپورٽ جي پيش ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل وقت ۾ 15 سيپٽمبر 1955 تائين واڌ ڪئي وڃي."

"انهيءَ رٿ جي ڏس ۾ آءٌ هڪ بيان ڏيڻ چاهيان ٿو. ڇا اِهو بهتر ٿيندو تہ اِهو هينئر ڏيان؟"

"اسپيڪر: جي ها". (صفحو 237)

"ميان افتخار الدين: سائين! آءٌ عرض ڪندس تہ اِها واڌ نہ ڏني وڃي ڇاڪاڻ جو اِها ان اسم جي روح جي خلاف آهي، جنهن تحت اسين وجود ۾ آيا آهيون. اسان کي اِهو ڄاڻڻ گهرجي تہ خود پاڪستان جي وجود جو دارومدار قانونن کي قانوني حيثيت ڏيڻ تي آهي. پر هاڻ اسين خود انهيءَ قانوني حيثيت سان ٺٺ ڪيڏي رهيا آهيون. عوام کي آئين نہ ڏيندي اسان ست سال ساڻن راند ڪيڏندا آيا آهيون. هاڻ ٻيهر اسين پاڪستان جي قسمت سان جوا کيڏڻ شروع ڪري رهيا آهيون. قسمت هڪ اڌنہ پر درجنين قانونن جي. اِهي اسان طرفان قانوني حيثيت ڏيڻ تائين غير قانوني رهندا. ڇا قانون سازي يا آئين ٺاهڻ سان اِهو وهنوار ايمانداراڻو دڳ آهي؟ ڀرپور احترام سان آءٌ سمجهان ٿو تہ ائين ناهي. ان ڪري آءٌ ايوان کي درخواست ڪندس تہ محترم دتا طرفان پيش ڪيل رٿ کي رد ڪيو وڃي." (صفحو 246)

"فضل الرحمان (اوڀر بنگال-مسلمان): .....هاڻ، 27 مارچ تي گورنر جنرل هڪ حڪم جاري ڪيو جنهن تحت هُن ڪجهہ اختيار ماڻيا ۽ ڪجهہ قانونن کي قانوني حيثيت هئڻ جو اعلان ڪيائين. يوسف پٽيل

ڪيس ۾ وفاقي ڪورٽ گورنر جنرل اِهو ڪجهه ڪرڻ کي قانون کان مٿڀرو ليکيو ۽ نتيجي طور ملڪ ۾ مونجهارو پيدا ٿيو. پوئين آئين ساز اسيمبليءَ طرفان انهن آئيني شقن تحت سوين قانون بحال ڪيا ويا هئا. مريءَ ۾ بحث دوران سهرورديءَ چاتايو هو ته شهري ضرورت پٽاندر قانون ناهي سگهي ٿو. سول ضرورت جي ڪري قانون کي قانوني حيثيت ڏئي سگهي ٿو. ۽ اِها ضرورت ان ڪري سامهون ٿي آئي جو آئين ساز اسيمبلي نه هئي. هاڻ جڏهن هيءَ آئين ساز اسيمبلي وجود ۾ اچي چڪي آهي، اُها سول ضرورت ختم ٿي چڪي آهي. پر عملي طور تي ڪورٽون امڪاني طور تي اِهو موقف اختيار ڪنديون، ته قانونن جي قانوني حيثيت جي يقين واسطي آئين ساز اسيمبليءَ کي هڪ مناسب وقت ڏنو وڃي، پر تصور ڪريو ته انتهائي معاملي ۾ هيءَ آئين ساز اسيمبلي ٻن سالن تائين ان مامري کي نٽي اُڪلائي ۽ جيڪڏهن اهڙو ڪيس وفاقي ڪورٽ آڏو ٿو آندو وڃي ۽ اِهو ٿو ليکيو وڃي ته آئين ساز اسيمبلي قانونن جي قانوني حيثيت يقين، ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي، هو اِهو موقف اختيار ڪندا، جنهن بابت مون کي ڪوشڪ ناهي، ته سول ضرورت نه رهي آهي ۽ ان صورت ۾ سڄو ملڪ مونجهاري جو شڪار ٿي ويندو ۽ ان تي غير قانوني قانونن جو راڄ هوندو." (صفحو 252)

"ميان جعفر شاهه (اتر اولهه سرحدي صوبو): سائين، آءٌ رٿ ٿو پيش ڪريان:

"ته بل تي موقف اختيار ڪرڻ واسطي اِهو پهرين اپريل 1956 تائين ورهايو وڃي."

"هن ذميوار ايوان کي اِهو ٻڌائڻ پنهنجو فرض ٿو ليکيان، جنهن سان لکين ماڻهن جون اُميدون وابستا آهن خاص طور تي جڏهن هو اهڙي اهم سوال تي ويچاريندي پنهنجي عوام جي سچي عيوضي هئڻ جي دعوا ٿا ڪن. هن ملڪ ۾ جيڪو به قانون ٺاهيو وڃي، جيڪا به تبديلي ڪئي وڃي پوءِ ان ۾ ڪو آئيني سوال هجي يا علائقائي جوڙجڪ، موقف ظاهر ڪرڻ کان اڳ ماڻهن سان مشورو ضرور ڪيو وڃي."

"جنهن سازش ڏانهن پهرين اوهان جو ڌيان ڇڪرائي چڪو آهيان، اُها هيءَ آهي ته ڪجهه "اڳوڻن عملدارن" پنهنجو هڪ ٽولو ٺاهي ورتو آهي. هنن اِهو موقف اختيار ڪيو آهي ته سياستدان اعتبار جوڳا ناهن ۽ ان ڪري هو هر هنڌ کين اڻنگو ٿا ڳالهائين. آءٌ انهن سياستدانن جي حمايت

نٿو ڪريان، جو اِهي ان جا حقدار آهن بلڪ ان ڪان به وڌيڪ جو اِهي سياستدان جيڪڏهن پاڻ ۾ جهيڙو نه ڪن ته اقتدار انهن "اڳوڻن عملدارن" جي هٿن ۾ نه ويندو جن جو ڪم خدمت ڪرڻ آهي نه ڪي ملڪ تي راڄ ڪرڻ" نوڪري ڪندڙن جو ڪم سيوا ڪرڻ آهي." پر اسان جي نااهليت ۽ چسي پٽي سبب سندن بالادستي هاڻ هڪ حقيقت بڻيل آهي ۽ ان ڪري هو پنهنجون حرفتون ۽ رٿائون پيش ڪندي ٿا نظر اچن. پر سوال اِهو آهي ته ڇا اسين انهيءَ سازش آڏو گوڏا کوڙيندا سين؟ منهنجو ويساهه آهي ته ضمير رکندڙ ڪو به شخص جيڪو عوام جي نمائندگي ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جيڪو ملڪ ۾ جمهوريت قائم ڪرڻ جو پهه ڪري چڪو آهي، ڪڏهن به اهڙي سازش آڏو گوڏا کوڙي نٿو سگهي. انهيءَ سازش جو اصل محرڪ ڇا آهي؟ انهيءَ سازش پويان اُهي ئي ماڻهو هٿا، جن جي گولين آزاديءَ جي سپاهين جون ڇاتيون پرڻ ڪيون. انهن جا ئي هٿ هٿا، جن آزاديءَ جي جدوجهد ۾ رڌل سورمن جي ڇاتين ۾ برطانوي سنگينون ٽنبيون. انگريزن بدران انهن ماڻهن آزاديءَ جي ويڙهاڪن جي رت سان پنهنجي هٿ رڱيا ۽ جيڪي هاڻ پنهنجي برطانوي آقائن جي جُتي ۾ پير وجهڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن.

"تنهنڪري سائين! اِهي سازشون آهن، جن سان اسان کي جهيڙڻو آهي. هُنن سازشن جو چار وچائي ڇڏيو آهي. هو چون ٿا ته ماڻهن سان صلاح ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي جو هو اڳيئي پنهنجي ليکي منصوبي جي حمايت ڪري چڪا آهن. جيڪڏهن سندن آڏو راءِ عامه مان مطلب ليکڪن کي پگهارن تي حاصل ڪرڻ آهي ته جيئن قصيدا لکن، پريس کي رشوتن ذريعي وات بند ڪرائڻ آهي ته اِهو ڪجهه اسان کي مڪمل طور تي قبول نه آهي. جيڪڏهن اوهين سچ پچ سمجهو ٿا ته راءِ عامه اوهان سان گڏ آهي پوءِ ريفرنڊم ڪرائڻ کان ڇو ٿا لنوايو؟

سائين! اڄ ايوان ۾ سردار امير اعظيم خان کي اِهو چوندي ٻڌو اٿم ته انگريزن پنهنجي مفادن جي پورائي لاءِ اِهي صوبا جوڙيا. انگريزن کي ان جو جوابدار ليکيو ويو آهي. سائين! آءٌ ڪيس اِهو ياد ڏيارڻ چاهيندس ته انگريز اِهو چئي وڃي چڪا آهن ته هيءُ اٿوَ اوهان جو ملڪ. هاڻ ان کي ٺاهيو يا ڊاهيو اوهان جي مرضي. اسين سمورين ذميوارين کان آجا ٿا ٿيون." اِهو ٻڌي

حيرت ٿي اٿم تہ سندن سڀ ڪان پلوڙ تابعدار هاڻ مٿن سڀ ڪان وڌيڪ تنقيد ڪندي چوهہ چنبي رهيا آهن.

"سائين! هيءُ ملڪ ڇڏيندي انگريزن ۽ سندن ڪيبنيٽ مشن چيو هو تہ اسين هيءُ ملڪ اوهان جي حوالي ٿا ڪريون ۽ ان کي نيڪ طريقي سان هلائڻ واسطي اوهان جي پلن پاڳن لاءِ دعاڳو آهيون." هنن رضاڪاراڻي طور تي هٿ کڻيا. هاڻ کين گهڻ وڌ ڳالهائيندي اوهين پنهنجي ئي ظرف جو مظاهرو ڪري رهيا آهيو. انهن ئي ماڻهن سندن وڃڻ تي ڳوڙها ڳاڙيا هئا. سندن اڪثريت کين خط لکيا ۽ سندن اعزاز ۾ دعوتون جهليون تہ "خدا جي واسطي هن ملڪ کي ڇڏي نہ وڃو."

"اڄ هو انگريزن کي گهڻ وڌ ڳالهائي رهيا آهن."

"سائين اڄ کان ڪو 20 يا 25 سال اڳ ساڳي نوعيت جو هڪ سوال اُٿيو هو تہ سرحد ۾ راءِ عامہ ڄاڻڻ لاءِ بردي ڪميٽي جوڙي وئي هئي. انهيءَ ڪميٽيءَ ماڻهن جي خواهش ڄاڻڻ کانپوءِ هندستاني حڪومت آڏو رپوٽ پيش ڪئي هئي تہ سرحد واسي پنجاب سان ڪنهن اتحاد جا مخالف آهن.

"سائين! قائداعظم حمايت ڏني هئي تہ صوبي کي ان جي وجود کان محروم نہ ڪيو ويندو. پر هاڻ اِها خبر هُلي رهي آهي تہ اُتر اولهہ سرحدي صوبي جا رهواسي ون يونٽ ناهڻ جي گهُر ڪري رهيا آهن ۽ ان کي گهُر کي هڪ سگهاري راءِ عامہ جي پٺڀرائي حاصل آهي. ان ڏس ۾ اوهان جو ڏيان اُن ماڻهوءَ جي هڪ بيان ڏانهن ڇڪرائڻ گهران ٿو جنهن کي وفاقي حڪومت سندس پنهنجي خواهشن جي اُبتڙ اسان جي صوبي جو انتهائي طاقتور حڪمران بڻايو آهي هت سندس لفظ ورجايان ٿو. "آءٌ هت پنهنجي خواهش پٽاندر نہ آيو آهيان، مون کي تہ پين هت آندو آهي."

"صوبن جو انضمام منهنجي لاءِ ايمان جو هڪ جُز هو. هو پهرين 1948 ۾ حڪومت جي ايڪائي واري انداز جي رٿ کٽي قائداعظم وٽ ويو پر جيڪڏهن اِهو ممڪن نہ هو تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ هجي."

سائين! هاڻ اوهان جو ڏيان 1948 ۾ ڪيل سندس هڪ تقرير ڏانهن ڇڪرايان ٿو. اِها اسان جي اسيمبليءَ جي ڪارروائي ۾ تاريخ 20 مارچ

1948 تي صفحو نمبر 165 جلد XV نمبر 4 تي رپورٽ ٿيل آهي، جنهن ۾ سردار بهادر خان چوي ٿو:

"اهڙيون ڪجهه رپورٽون گذريل مهيني دوران اردو پريس ۾ پڻ شايع ٿيون آهن. اِهي سندن ذاتي نقطي نظر جي اظهار کان وڌيڪ ڪجهه به ناهن. هن صوبي جي ڊار حيثيت جي خاتمي وارو سوال ڪڏهن به صوبائي مسلم ليگ ۾ بحث هيٺ نه آيو آهي. ڊانهن اُماٽيل ٺهراءَ تي وراڻي ڏيندي وزيراعظم پاڪستان چيو هو ته اتر اولهه سرحدي صوبي جي صوبائي حيثيت برقرار رکي ويندي ۽ دنيا جي ڪابه طاقت عوام جي مرضيءَ کانسواءِ ان جو انضمام نٿي ڪري سگهي. جيستائين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ منهنجي نمائنده حيثيت جو تعلق آهي ان حوالي سان ڪا به رٿ نه آيل هئي. هاڻ آءٌ اخبارن ڊانهن لڙان ٿو ۽ انهن کي هدايت ٿو ڪريان ته اهڙن نازڪ مرحلن تي اُهي اهڙا سوال نه اُٿارين، جن سان ملڪ ۾ غلط فهميون پئدا ٿين. آءٌ سمجهان ٿو ته اخبارن مان هڪ اها رٿ پڻ اڳتي وڌائي آهي. بهرصورت، اوهان جي چاڻ واسطي اِهو چوان ته اِهو مامرو ختم ٿيو؟

"خان يحيٰ خان: سائين! اوهان جي توسط سان اِهو چوڻ چاهيندس ته هڪ سال اڳ سردار بهادر خان پنجاب سان اسان جي صوبي جي انضمام جي ڳالهه ڪئي هئي."

"خان سردار بهادر خان: اِها حقيقت آهي ته مون پويون چونڊون انهيءَ خواهش سان وڙهيون ته پنهنجي پوئتي پيل صوبي جي هڪ سچي پچي عيوضيءَ طور سيوا ڪريان پر اِهو ادراڪ ٿيم ته هت منهنجي ياءَ کي منهنجي موجودگي نٿي وڻي. توهين پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪري موٽيا. اسان جي ڏکوئيندڙ زندگين کان تنگ ايندي هڪ مرحلي جي سوچڻ شروع ڪيم ته اسين پنجاب ۾ ضم ٿي وڃون ۽ اُن صوبي جو حصو بڻجي وڃون. پر هاڻ آءٌ سمجهان ٿو ته اهڙو ڪو انضمام اسان زندگين کي اجائين وڌيڪ بدتر بڻائي ڇڏيندو. اڳي مون هونئن پئي سوچيو پر هاڻ پنهنجو موقف بدلايو اٿم. اِهو انهن ڏينهن ۾ حاصل ڪيل حقائق جي روشنيءَ ۾ جوڙيو هئم.

"ايستائين جو انگريزن بہ جن کي اڄ روئي رهيا آهيو اٺ سال اڳ ريفرنڊم ڪرايو پر ساڳين حالتن تحت اوهان طرفان اِهو ڏگ اختيار ڪرڻ کان ڪيپائڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي، خاص طور تي جڏهن اوهان جو خيال آهي تہ راءِ عامہ اوهان جي پاسي آهي. پر سچائي اها آهي تہ اوهين ماڻهن کي ڌمڪين ۽ دهمانن ذريعي قبوليت ڏانهن ڌڪڻ چاهيو ٿا. سائين منهنجا! مون کي ڊپ آهي تہ اِهو گهڻي وقت تائين هلي نہ سگهندو. آءٌ اوهان کي خاطري ٿو ڪرايان، ۽ اُميد اٿم تہ مقرر ميمبر اِهو چوڻ تي مون کي معاف ڪندا، تہ جڏهن ماڻهن کي طاقت جي ٻل تي پنهنجي حمايت لاءِ مجبور ڪندا تہ پوءِ هو اوهان جي وجود کان پري ڀڄندا ۽ اوهان جي رٿا ٽڏي ڇڏيندا. اڄ ون يونٽ وارو سوال سياسي سوديبازي ۽ ڏيتي ليتيءَ جو معاملو بڻجي ويو آهي پر اِهو ورتاءُ اسان کي ڪاميابيءَ ڏانهن نہ وٺي ويندو. آءٌ تہ اِهو ٿي چوندس تہ اهڙي سوديبازي اسان کي ٺهہ پهہ نقصان ڪانسواءِ ڪيڏانهن بہ نہ وٺي ويندي، ان ماضيءَ ۾ ملڪ لاءِ هاڃا آندا آهن، تہ مستقبل ۾ بہ ان سان اِهو ئي ڪجهہ ورڻو سرڻو آهي.

......"فوجي راڄ جو خطرو آهي، جيڪڏهن ون يونٽ رٿا تي عمل واسطي حڪومت سان مڪمل سهڪار نہ ڪيو ويو.

"جيڪڏهن ملڪ جي سيوا ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ اِها جمهوري انداز ۾ ڪريو. جمهوري اصولن کي پُٺ ڏيڻ آپيشاهي طريقن کي اختيار ڪرڻ سان ملڪي مفادن کي ڇيهو ئي رسندو.

"عوام جي، عوام ذريعي ۽ عوام لاءِ حڪومت ئي اسان جو مول مت هئڻ گهرجي.

"......بل متعارف ڪرائيندي هُن آمريڪا جو مثال ڏنو ۽ ليکيو تہ آمريڪا واسي پنهنجو پاڻ کي هڪ قوم ليکين ٿا. هو هڪ ئوس قوم آهن ۽ منجهن پنهنجو پاڻ ۾ ڪي بہ اختلاف ناهن. درست ڪو بہ ان کان انڪاري نہ پيو ٿي سگهي. پر ان ملڪ جي رياستن جي انگ تي چو نٿا ڌيان ڏيو؟ اُن ملڪ ۾ گهڻيون رياستون آهن، جنهن جو منهنجي فاضل دوست حوالو ڏنو آهي، جيڪو اڄڪلهہ اسان لاءِ سڀ کان وڌيڪ لاپائتو آهي ۽ جنهن جي اسين پوئواري ڪري رهيا آهيون؟ اِهو ملڪ "ماڻهن جي، ماڻهن ذريعي ۽ ماڻهن لاءِ حڪومت" تي ويساهہ ٿو رکي. جيڪڏهن اسان کي سندن مثال

جي پوئواري ڪرٽي آهي، تہ پوءِ ايڪتا ۾ عوام جي حڪومت واري سندس سچي جمهوري مثال جي پوئواري ڪرٽي پوندي ڇا آمريڪا وانگر پاڪستان ۾ بہ هڪ قوم آهي؟ ڇا آمريڪا ۾ 47 رياستون ناهن؟ ڇا آمريڪا جي هر رياست وٽ پنهنجو ڌار آئين ناهي؟ ڇا اِهو ڄاڻي سگهان ٿو تہ 47 رياستون ڪرڻ سان آمريڪا تي ڪهڙي ڇپ ڪري آهي؟

"آءٌ فقط اِهو ئي ٿو چوان تہ جيڪي ڪجهہ ڪريو سو عوام جي مرضي ڄاڻڻ کانپوءِ ڪريو پر مٿن ڪنهن دٻاءُ، دڙڪي داٻ ذريعي مٿن ڪا شئي نہ مڙهيو آءٌ اوهان تي منهنجا مقصد نہ پيو مڙهيان. بس ايترو ئي عرض ڪندس تہ جيڪو وٺي، سو ڪريو پر ماڻهن جي رضا معلوم ڪرڻ کانپوءِ. اِهو جمهوريت جو بنيادي اصول آهي، جيڪو هر قيمت تي مقدم هئڻ گهرجي. نتيجو ڀل ڪهڙو بہ نڪري آءٌ انهيءَ اصول تي قائم رهندس. منهنجو ويساهہ آهي تہ ماڻهوءَ کي پنهنجي ضمير جي حڪم تي عمل ڪرڻ گهرجي آءٌ جيڪي ڪجهہ ڪندس، سو پنهنجي ضمير تحت اِهو سوچي ڪندس تہ رب سڳورو منهنجي نيت کان واقف آهي. انهن لفظن سان پنهنجي سيٽ تي واري ويان." (صفحو 273)

"فضل الرحمان: سائين! آءٌ پيش ٿو ڪريان:

"تہ موقف ڄاڻڻ واسطي بل 30 نومبر 1955 تائين ورهايو ويجي.

"غيرجمهوري طريقن سان ملڪ ۾ جمهوريت قائم نٿي ڪري سگهجي. اوهان پوئين مقرر کي ٻڌو آهي ۽ اوهين ڏسي ۽ پروڙي چڪا آهيو تہ ون يونٽ بل جي حمايت حاصل ڪرڻ واسطي ڪهڙي نوعيت جا طريقا اختيار ڪيا ويا آهن، اِهي طريقا وزارتن جي برطرفين، اسيمبلين جي برخاستگين ۽ ماڻهن کي جيلن ۾ واڙڻ وارا آهن. ايستائين جو هاءِ ڪورٽ جي ججن کي فوجداري ڪيسن جو دڙڪو ڏنو ويو آهي. ڇا هن ملڪ ۾ جمهوريت قائم ڪرڻ جو اِهو ئي ڍگ آهي؟ اوڏي مهل مون کي سچي پچي حيرت تي لڳي جڏهن اِهو بل متعارف ڪرائيندڙ جمهوريت جي ڳالهہ تا ڪن.

"ان تي ڪو شڪ نہ اٿم تہ اولهہ پاڪستان جي عوام جي آباديءَ جو ڳپل حصو ان بل جي اثرن بابت ڄاڻ ملڻ تي ان جي مخالفت ڪندو.

هيستائين جيڪي ڪجھ ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي، سو هڪ طرفي پروپيگنڊا آهي، اولھ پاڪستان ۾ بل جي حمايت ۾. منهنجي خيال ۾ هن اسيمبليءَ جي هر ميمبر کي سرڪاري خرچ تي اولھ پاڪستان انتظامي ڪائونسل طرفان لکيل ڪيترائي ڪتاب ۽ پمفليٽ اُماڻيا ويا آهن. هو پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن. هو عوام جي پئسن سان هلندڙ سرڪاري ريڊيو استعمال ڪري رهيا آهن پر انهيءَ ون يونٽ منصوبي خلاف ڳالهائڻ لاءِ مخالفن کي موقعو ئي نہ پيا ڏين. ٻئي پاسي، ان بل جي مخالفت ڪرڻ جي سگھہ سارينڌڙ اِهو چوڻ جي همت ٿو ڪري تہ سندس صوبي جا گھڻي ڀاڱي ماڻھو ان جي حمايت ۾ ناهن. سردار عبدالرشيد جي بدطرفيءَ ڪانپوءِ سندس جاءِ تي سرحد صوبي جو وڏو وزير محترم سردار بهادر خان اجان ڪالھ ئي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ڌمڪي ڏئي چڪو آهي، تہ ون يونٽ بل جي مخالفت ڪندڙن کي ڏقيڙي ليکيو ويندو ۽ سندن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي. ماڻهن جي مرضي ڄاڻڻ ۽ اِهو چوڻ تہ راءِ عامہ هن بل جي حمايت تي ڪري جو اِهو ڪو طريقو ناهي......

"هيءَ اُها آئين ساز اسيمبلي آهي، جنهن بابت ايوانن ۾ اِها پروپيگنڊا هلي رهي آهي تہ "صاحبلوڪو! جيڪڏهن سڌري نہ هليا تہ پوءِ اسيمبلي برخاست ٿي سگھي ٿي."

"هو چون ٿا: "صاحبلو ڪو! جيڪڏهن پنهنجو رويو ٺيڪ نہ ڪيو تہ پوءِ توثيق روڪي ويندي." سائين! ڇا هيءَ آزاد ايوان آهي، ڇا ميمبر پنهنجي مرضيءَ آهر آئين تيار ڪرڻ واسطي آزاد آهن؟ پهريون شرط ئي اِهو هئڻ کپي تہ هي ايوان هڪ خودمختيار ادارو هوندو ۽ ان واسطي ئي مون هڪ بل پيش ڪندي هن ايوان جي خودمختياريءَ تي لڳل پابنديون ختم ڪرڻ واسطي چيو آهي. نتيجو ڇا نڪتو. ڪنهن نہ ڪنهن حرفت ذريعي اِهو بل ايجنڊا تي نہ آندو ويو يا وري ايجنڊا ۾ هيٺين اسمن ۾ شامل ڪيو ويو. سائين اوهين هن ايوان جي استحقاق جا نگهبان آهيو. اوهان تي آئين جي تياريءَ واسطي هڪ فرض ٿو عائد ٿئي. توهان کي خبر آهي تہ اوهان کي انهن صاحبلوڪن آڏو پنهنجي حق کان دستبردار نہ ٿيڻ گھرجي. هن ايوان جي چيف ايگزيڪيٽو طور آئين جي تياريءَ وارو ذمو اوهان کي کڻڻو پوندو ۽ ان ڏس ۾ ميمبرن کان راءِ طلب ڪريو.

”......ڪالهوڪي بحث دوران وزيراعظم اسان کي ڪي خاطريون ڪرايون. اِهي ڪهڙيون خاطريون آهن تہ هُن هڪ انديشي جو حوالو ڏنو تہ ون يونٽ بل منظور ٿيڻ کانپوءِ ايوان جو اجلاس برخاست ٿي سگهي ٿو. ان قسم جو ڪو بہ انديشو نہ هئڻ گهرجي نہ رڳو ايترو تہ هو چا ٿو ڪري سگهي. تہ هو ٽڪڙيون چونڊون پڻ ڪرائي سگهي ٿو هو آئين جوڙي سگهي ٿو هو قانونن کي قانوني حيثيت ڏئي سگهي ٿو هو 223 اي بحال ڪري سگهي ٿو پر هو سڀ ڪجهہ بعد ۾ ڪندو. ان کان پوءِ هُن آزاد ۽ انصاف پرين چونڊن جو وعدو ڪيو. اول تہ اهي خاطريون بي معنيٰ آهن. هن ملڪ ۾ ڪو بہ اهي خاطريون قبول نہ ڪندو. چاڪاڻ جو سندس پيشرو ۽ اڳواڻ اڳوڻو وزيراعظم محمد علي هڪ نہ پر ڪيئي ڀيرا اهڙيون خاطريون ڪرائي چڪو هو. هاڻوڪو وزيراعظم چوڌري محمد سندس ڪابينا جو سڀ کان وڌيڪ بااثر رُڪن هو ۽ محمد علي پنهنجي بااثر ڪابينائي ساٿين سان صلاح مشوري ڪانسواءِ ڪي بہ خاطريون نہ پئي ڪرائي سگهيو.

”هاڻ جهڙي ريت عرض ڪيم، انهن خاطرين کي سنجيدگيءَ سان نہ ليکڻ جو هڪ ٻيو سبب پڻ آهي، جهڙي ريت واضح ڪري چڪو آهيان تہ هن ملڪ ۾ ڪي صاحبلوڪ عام چونڊن کان انتهائي ڊنل آهن ۽ هو ڪنهن نہ ڪنهن ريت پنهنجو پاڻ کي اقتدار ۾ رکڻ چاهين ٿا. اِهي طور طريقا عوام جا طور طريقا نٿا ٿي سگهن پر فقط ڪي غير معمولي طور طريقا، جيڪي جمهوريت جا مخالف ٿا ٿين. ان ڪري، اسان جو انهن خاطرين ۾ ڪو اعتبار ناهي، جو انهن صاحبلوڪن کي پلي پت سڃاڻون ٿا، جيڪي اڄ پاڪستان کي هلائي رهيا آهن.

”ميان محمد افتخارالدين: هو پڪ سان چونڊن جي مخالفت نہ ڪندا جيڪي اِهي ’ڪهڙو چونڊون‘ هونديون.“

”فضل الرحمان! اِهي انتظام هلائيندڙ ئي آهن، جن گذريل ٻن سالن دوران دنيا جي ڪاٽي ۾ ملڪ کي گوڏن ڀر ڪيو آهي ۽ ان واسطي سندن معاشي ۽ پرڏيهي پاليسيون ئي ذميوار آهن.

”..... اِهو پاڪستان جي هر خطي جو مسئلو آهي. پر تاريخ کي اِهو چوڻ نہ ڏيو تہ آئين ساز اسيمبليءَ جي بنگالي ميمبر ون يونٽ قبولڻ لاءِ پنهنجي مرضيءَ کي اولهہ پاڪستان واسين تي مڙهيو. مون کي پڪو

ويساهہ آهي تہ جيڪڏهن آئين ساز اسيمبليءَ جا بنگالي ميمبر ان بل لاءِ پنهنجي حمايت نہ ڏين تہ مسلم ليگ پارلياماني پارٽي ۽ سندن حمايتي هوند اهو بل ڪڏهن بہ منظور ڪرائي نہ سگهن. ان ڪري، ان ڪان اڳ جو آئين ساز اسيمبليءَ جا بنگالي ميمبر ان بل جي حمايت ڪن، اولهہ پاڪستان واسين جي مرضي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ ماڻهن جي مرضي ڄاڻڻ جو هڪ ئي دڳ آهي ۽ اُهو آهي ريفرينڊم. ان کان پوءِ ئي، جيڪڏهن اوهين مطمئن هجو تہ هو ون يونٽ چاهين ٿا، انهيءَ بل لاءِ پنهنجي حمايت ڪريو پر جيڪڏهن اوهين مطمئن نہ ٿيو ۽ جيڪڏهن اهڙي ذهني ڪيفيت ۾ آهيون جو ان بل بابت اولهہ پاڪستان جي بل بابت حمايت بابت يقين نہ هجيو تہ پوءِ ان لاءِ پنهنجي حمايت ڪندي توهين پنهنجو پاڻ سان سچا ناهيو پنهنجي صوبي سان سچا ناهيو مجموعي طور تي پنهنجي ملڪ سان سچا ناهيو ۽ اوهان کي ايندڙ نسل ان لاءِ معاف نہ ڪندا.

"سردار فضل ڪريم (اوير بنگال: مسلمان):

"......ايستائين جو جيڪڏهن آئين ساز اسيمبلي صوبائي اسيمبلين کي برخاست ڪرڻ چاهي ها تہ ان کي بـِراهِ اختيار حاصل نہ هو. ان نڪتي بابت اسان کي عوام ڏانهن وڃڻو پوندو ۽ عوام جي راءِ حاصل ڪرڻ کانپوءِ ئي هت اچي ان ڏس ۾ ٺهراءُ بحال ٿي پيو سگهي.

توهين جمهوريت جي ڳالهہ ٿا ڪريو، خاطريون ٿا ڪرايو تہ مستقبل ۾ صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرائيندا. اسان کي ان جو امتحان وٺڻ ڏيو. توهان جي اعلانن جي پرک ڪرڻ ڏيو. جيڪڏهن پاڪستان ۾ جمهوريت قائم ڪرڻ واري پنهنجي خواهش سان سچا آهيو تہ پوءِ عوام سان رجوع ڪريو. ريفرينڊم جي رٿ قبوليو. ون يونٽ وارو مامرو عوام آڏو رکو ۽ سندن راءِ حاصل ڪريو. سائين! اقتدار ۾ رهندڙ اڪثر چوندا آهن، تہ هو سدائين عوام جي مرضيءَ آڏو سر جهڪائيندا، تہ پوءِ اوهين ريفرينڊم کان ڊنل ڇو آهيو؟ هيءَ بل پيش ڪندڙ حاضر ميمبر ۽ ٽڙ تڪڙ ۾ ان کي منظور ڪرڻ جي خواهشمند سائين کي مِنٿ ڪندس، تہ جيڪڏهن اوهين جمهوريت جا

طالب آهيو ۽ پاڪستان ۾ آڻڻ چاهيو ٿا. تہ پوءِ عوام جي فيصلي کي مان ڏيو. هن مرحلي تي پيش ڪيل بل جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت نٿو پائيان. پر ان هوندي بہ اهو واضح آهي تہ ان جو مقصد سنڌ ۽ اتر اولهہ سرحدي صوبن وارن جو خاتمو آهي. ان بل ۾ رٿيو ويو آهي تہ سنڌ جو نالو ميساريو وڃي. اتر اولهہ سرحدي صوبي جو نالو ختم ڪيو وڃي ۽ پنجاب جي جاءِ تي اولهہ پاڪستان آندو وڃي. سائين! ان ڏس ۾ آءٌ پاڪستان جي تحريڪ جي بنيادي اصولن جو حوالو ڏيندس. هر ڪنهن کي پاڪستان جي تحريڪ جي بنيادي اصولن جي پلي پت ڄاڻ آهي. فاضل ميمبرن کي مشهور لاهور ٺهراءَ جو حوالو ڏيڻ چاهيندس. جنهن جي بنياد تي پاڪستان تحريڪ هلي ۽ نتيجي طور پاڪستان قائم ٿيو.

آءٌ سمجهي سگهان ٿو ۽ انتي پڪو ويساهہ اٿم تہ سنڌ واسي انهڪري پاڪستان جي تحريڪ ۽ انجي قيام واري جدوجهد ۾ شامل نہ ٿيا هئا جو پاڪستان ٺهڻ جي ستن سالن اندر ئي سندن حيثيت برطانوي راڄ دوران واري حالت کان بہ ابتر ٿي وڃي. ڪي ماڻهو اهو عجيب وغريب منطق پيش ڪري رهيا آهن. تہ پنهنجي پسنديدگيءَ ۽ پهل ڪاريءَ سان ئي برطانوي حڪومت سنڌ صوبو قائم ڪيو هو. بدقسمتيءَ سان اسان جي ملڪ جي رهواسين جي وڏي اڪثريت اڻپڙهيل آهي. سو مٿن ون يونٽ تہ ڇا تاريخ بہ مڙهي سگهو ٿا. تاريخ کي اوهين پنهنجي پسند وارين نظرين سان پڙهي، ماڻهن کي اهو پڌائي سگهو ٿا تہ سنڌ صوبو عوام جي مرضي جي ابتڙ برطانوي حڪومت پنهنجي خواهش پٽاندر قائم ڪيو هو. اهو ئي سبب آهي جو اوهين اهو دليل اڳتي وڌائي رهيا آهيو تہ برطانوي حڪومت وحداني طرز حڪومت جي مخالف هئي. برطانوي حڪومت وفاقي طرز حڪومت جي حمايتي هئي ان ڪري ئي اهي سمورا صوبا قائم ڪيائين. اوهان کان ايمانداريءَ جو گهُرجائو آهيان. اوهان کان پنهنجي ڄاڻ ۽ ايمانداريءَ جي درست استعمال جو طالب آهيان. تاريخ جي تشريح غلط نہ ڪريو عوام آڏو تاريخ جو درست رخ پيش ڪريو. ايستائين جو اسڪولي ٻار بہ ڄاڻي ٿو تہ سنڌ بمبئي کان آزاديءَ جي جدوجهد ڪئي ۽ اهو ڪو برطانوي ٿورو يا قدم نہ هو جنهن تحت سنڌ کي 1936ع ۾ هڪ ڌار حيثيت

ڏني وئي ۽ اها اسان جي اميد ۽ مستقبل هو تہ پاڪستان ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي ثقافت هوندي، پنهنجي ٻولي هوندي ۽ پنهنجي مخصوص ۽ نرالي قومي خاصيتن سان هر ڪنهن کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو حاصل هوندو. پر هاڻ اسين ڇا ٿا پيا ڏسون. ماڻهن کي ڇتاءَ ڏنو ويو آهي تہ سنڌن صوبن جون حدون ميساريون وينديون. سنڌ هڪ ڌار حيثيت نہ رکندي، ان کي ختم ڪيو ويندو. هاڻ ڪان اوهين نئين سر تاريخ لکندو جنهن سنڌ جي ٻولي ۽ ثقافت واري هزارين سالن جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ وجود نہ رکيو آهي. ان جو موهن جو دڙو جيڪو هو دنيا کي فخر سان ڏيکاريندا آهن. توهين ختم ڪرڻ پيا وڃو. توهين موهن جي دڙي کي سنڌ جي وجود تان ميسارڻ ٿا چاهيو. مهرباني ڪري اهو نہ ڪريو

"توهان عوام وچ ۾ شڪ، دشمني ۽ ڌڪار وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي.. توهين ٿا چئو تہ اهو ختم ڪري ڇڏيندوا صوبائيت کي هڪ وڏي صوبائيت ذريعي ختم نٿو ڪري سگهجي.

شيخ مجيب الرحمان (اوڀر بنگال_ مسلم):

جناب اسپيڪر سائين! آءٌ نيوڙت سان صدر جي ڏنل رولنگ تسليم ٿو ڪريان، جنهن تحت پنهنجي رٿ جو پهريو حصو پيش ٿو ڪريان. آءٌ پيش ٿو ڪريان :

"تہ بل کي 30 نومبر 1955ع تائين راءِ عامہ حاصل ڪرڻ واسطي ورهايو وڃي."

"جناب اسپيڪر صاحب! محترم سردار امير اعظم اهو اعلان ڪري چڪو آهي، تہ ون يونٽ بل جي حمايت ۾ راءِ عامہ اڳيئي حاصل ٿي چڪي آهي. مونکي پتو ناهي تہ سردار امير اعظم ضلعي مئجسٽريٽن سان صلاح مشورو ڪيو آهي يا وري مسلم ليگي حڪمران ٽولي جي حمايت حاصل ڪئي اٿس؟ اهو سمجهڻ کان قاصر آهيان تہ هو ڪهڙي ريت هن ون يونٽ جي بل جي حق ۾ پاڪستان جي عوام جي حمايت هئڻ جي دعوا ٿو ڪري، در حقيقت اهو مامرو نہ ڪنيو ويو هو، پر اهو مامرو هاڻ آئين ساز اسيمبليءَ آڏو آندو ويو آهي ۽ راءِ عامہ سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪانسواءِ سمورن صوبن کي

ون يونٽ ۾ شامل ڪرڻ جو رٿيو پيو وڃي. ڪهڙي ريت سردار امير اعظم چئي ٿو سگهي تہ عوام ون يونٽ جي حق ۾ آهي؟ سائين! اوهين ڏسي چڪا آهيو تہ سنڌ صوبي ۾ ڇا پيش آيو آهي. ڪهڙي ڪان اڳ اتي پيرزادو وزارت قائم هئي، جڏهن اهو محسوس ڪيو ويو تہ پيرزادو وزارت ون يونٽ جي حق ۾ ناهي، تہ ان کي برطرف ڪري کهڙو وزارت مڙهي ڇڏيائون ۽ سائين منهنجا! ان مهل کهڙو اسيمبليءَ جو ميمبر بہ نہ هو. هتي اهو ڪجهہ پيو ٿئي. وزارتون برطرف ڪيون ٿيون وڃن ۽ وزارتون قائم ڪيون ٿيون وڃن ۽ ايستائين جو بدلايون بہ ٿيون وڃن. جهڙي ريت اوڀر بنگال ۾ ٿيو. مرڪزي حڪومت ابو حسين سرڪار اوڏي مهل اوڀر بنگال جو وڏو وزير مقرر ڪيو جڏهن هو مرڪز ۾ وزير هو. انهيءَ دوران هِز ايڪسيلنسي گورنر جنرل هڪ آرڊيننس ذريعي ئي ڊاڪٽر خان صاحب کي اولهہ پاڪستان جو وڏو وزير نامزد ڪيو. سائين! اهو ڪجهہ ٿيڻ پاڪستان ۾ ئي ممڪن آهي. توهين مشاهدو ڪري سگهو ٿا تہ اهو ڪجهہ پاڪستان کانسواءِ دنيا ۾ ٿيو ڪٿي بہ نٿو ٿئي. سنڌ ۾ توهان کي نظر ايندو تہ ون يونٽ جي مخالف اسيمبليءَ جي معزز ميمبرن کي کهڙو حڪومت طرفان هيسايو پيو وڃي.

"...سنڌ ۾ اهو ڪجهہ ٿيندي پروڙيو اٿئون. جيڪڏهن ڪين ان جي خاطري آهي تہ عوام عمومي طور تي ون يونٽ جي حق ۾ آهي تہ پوءِ ان سوال تي ريفرينڊم ڪرائڻ گهرجي ۽ ان کانپوءِ ئي اسين حقيقي راءِ عامہ ڄاڻي سگهنداسين. جيستائين اسان جو تعلق آهي تہ اسين ڄاڻون ٿا تہ سنڌ واسي انهيءَ ون يونٽ جي خلاف آهن. کهڙو ۽ سندس ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ حمايتي ئي ون يونٽ جي حق ۾ آهن ۽ هو فقط مرڪز ۾ حڪمران ٽولي جي ديده دليري کي پاڻي ڏئي رهيا آهن. اها آهي سنڌ جي صورتحال.

"هاڻ پنجاب کي ڏسو. مونکي يقيني طور تي پتو آهي تہ فيروز خان نون جو ون يونٽ واري سوال تي هڪ ڌار موقف آهي. مرڪزي حڪمران ٽولي ۽ فيروز خان نون وچ ۾ ڪي اختلاف ضرور هئا. جو هڪ ڏينهن اڳ تائين فرشتو ۽ پاڪستان جو بهترين ماڻهو ليڪجنڊڙ فيروز خان نون اوچتوئي اوچتو وڏ وزارت تان هٽايو ويو. ڪيس برطرف ڪرڻ کانپوءِ پاڪستان دشمن يا رياست دشمن سڏيو ويو ڇاڪاڻ جو مرڪز ۾ حڪمران ٽولو هاڻ سائنس ڪو وهنوار نٿو رکڻ چاهي. سرحد صوبي ۾ ڇا

پيا پروڙيون؟ سردار عبدالرشيد، جيڪو پڻ فيروز خان نون جيئن فرشتو هو، جنهن سرحد اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ بل پيش ڪيو ۽ جنهن کي به حڪمران ٽولي پاڪستان جو بهترين ماڻهو تي ليکيو ۽ جنهن کي اتر اولهه سرحدي صوبي ۾ ون يونٽ جي حق ۾ راءِ عامه تيار ڪرڻ جو چيو ويو. جنهن عوام کان انهيءَ رٿا بابت فيصلو گهريو ۽ جڏهن ڏٺائين ته عوام ون يونٽ جي خلاف آهي ته ان جي مخالفت تي لهي آيو ته هڪدم ڪيس برطرف ڪري، هڪ اهڙي شخص کي صوبي جو وڏو وزير بڻايو ويو جيڪو اُتان جي اسيمبليءَ جو ميمبر به نه هو. سائين منهنجا! هاڻ ڪير هن ملڪ جي حال ۽ آئيندي جو ڪاٿو لڳائيندو؟ حڪمران ٽولو يا پاڪستان جو عوام ملڪ جي مستقبل جو فيصلو ڪندو؟ سائين! اڇو ته اسان جي ساٿي سردار اميراعظم خان جو موقف تسليم ڪريون. هُن ٻڌايو ته اسين مسلمان آهيون. هاڻ آءٌ ميجان ٿو ته اسين مسلمان آهيون، ته پوءِ ساڳي بنياد تي چار ڪروڙ هندستاني مسلمانن کي ڇو نه چئجي ته هو پاڪستان هليا اچن، ڇو ته هو به مسلمان آهن. ساڳي ريت اسين ايرانين ۽ عربن کي پڻ پاڪستان اچڻ جو چئي سگهون ٿا. پر ون يونٽ هيٺ جو واحد مقصد اهو ناهي، ته ڪو اسين سڀ مسلمان آهيون. پوءِ سائين منهنجا! اسان سمورن جي مسلمان هوندي به اسان جون ڏارڏار ٻوليون ڇو آهن؟ سنڌي پنهنجي ٻولي ٿا ڳالهائين، بلوچستان ۽ سرحد ۾ پشتو تي ڳالهائي وڃي ۽ پنجاب ۾ پنجابي تي ڳالهائيجي. ان ريت پنجاب واسين ۽ سرحد واسين ۾ فرق آهي. پنجاب واسي پشتو نٿا ڳالهائي سگهن، جڏهن ته سرحد واسين کي پنجابي نٿي اچي. انهن فرقن جي مدنظر، آءٌ چاهيندس ته هن بل تي عوام کان ڄاتو وڃي ته هو ان جي حق ۾ آهن يا نه. ڇا هو پنهنجو پاڻ تي هٽلر وانگر اوهان جو نفاذ به چاهين ٿا يا نه. اهو ٻڌائي ڇڏيان ته عوام جي حمايت کان سواءِ حاصل اقتدار جي ڪا به وقعت ناهي. توهين قبضو ڪري پنهنجي مرضيءَ جو هر اختيار ماڻي سگهو ٿا پر عوام ان کي گهڻي دير تائين برداشت نه ڪندو. ڇا اها آئين ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن جيڪي عوام جا چونڊيل آهن، جي توهين ناهي ته هن وقت سمورا اختيار گورنر جنرل وٽ آهن؟ هو جيڪي وڻيس سو ڪري . هو پاڪستان ۾ با اختيار ترين شخص آهي. اهو طئي ڪرڻ کان سواءِ ته عوام چاهي به ٿو يا نه اوهان ڪيس ايڏا اختيار ڇو ڏنا آهن.

ڪيس ايڏا تہ وسيع اختيار حاصل آهن، جو جنهن کي وٽيس مقرر ڪري، جنهن کي وٽيس برطرف ڪري. هو اسيمبلي اجلاس جي تاريخن ۾ توسيع ڪري سگهي ٿو، خود ايوان کي برخاست پڻ ڪري سگهي ٿو. ڪراچي متعلق ڇا ٿا چئو؟ ڇا اوهان ماڻهن جو موقف ڇاتو آهي؟ سمورا ان جي خلاف آهن. پر اسان ڇا ٿا پروڙيون؟ گذريل ڏينهن گورنر جنرل هڪ حڪم نامي ذريعي وفاقي راڄڌانيءَ جون حدون مقرر ڪيون آهن. سائين منهنجا! گورنر جنرل هر مئجسٽي برطانوي راڻيءَ جو مقرر ڪيل هو ۽ هو پاڪستان واسين جو نمائندو ناهي. اسين عوام جا حقيقي عيوضي آهيون ۽ اسان کي فيصلو ڪرڻ گهرجي، تہ ڪراچيءَ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي يا نہ. جيستائين ڪراچيءَ جو تعلق آهي هو وفاقي راڄڌانيءَ جو حدون طئي نٿو ڪري سگهي. اها ڪراچي هر ڪنهن جي آهي، اها هر ڪنهن جي ملڪيت آهي. اها اوڀر بنگال جي ملڪيت آهي؟ اها سنڌ جي ملڪيت آهي، اها پنجاب جي ملڪيت آهي، اها سرحد صوبي جي ملڪيت آهي. منهنجي دوست ايوب کهڙي کي ياد هوندو تہ جڏهن هن ڪراچيءَ جي سنڌ کان عليحدگيءَ جي مخالفت ڪئي هئي تڏهن قائداعظم چيو هو تہ اها هر ڪنهن جي وفاقي راڄڌاني هوندي. هاڻ اسين ڏسون ٿا تہ اسان جو حڪمران ٽولو سڄي دنيا آڏو دعوا ٿو ڪري تہ هو پاڪستان جا گهڻگهرا آهن ۽ هو قائداعظم جا پرستار آهن، سنڌس ساٿي آهن، سنڌس پيرو ڪار آهن. پر منهنجا دوستو! اسان اوهان کي ڪڏهن بہ پاڪستان لاءِ جدوجهد ۾ شريڪ نہ ڏٺو آهي ۽ اڄ "سرڪاري" بينچن تي ويٺا آهيو.

"...هو چون ٿا تہ سرحد، سنڌ ۽ ٻين صوبن جا رهواسي ون يونٽ چاهين ٿا. ڪين سنڌن مرضيءَ بابت کهڙي ريت پتو لڳو آهي؟ شايد ڪين اُن بابت سنڌن انٽيليجنس برانچ مان پتو لڳو آهي. ماڻهن کي پنهنجي مرضيءَ جي تابع بنائڻ لاءِ هُنن سيفٽي ايڪٽ متعارف ڪرايو آهي، تہ جيئن ڪو ڪيس هلائڻ ڪانسواءِ ماڻهن کي جيل اُماڻي سگهن. اوڀر بنگال ۾ ڇا ٿيو آهي ؟ اوهان کي پتو آهي تہ اُتي 92 اي نافذ ٿيل آهي. اُتي راءِ عامہ ڇا هئي؟ گورنر جي 92 اي جي ساراهہ ۾ بيان جاري ڪيا ويا آهن . اوهان کي پتو آهي تہ 1500 ڪارڪنن کي گرفتار ڪري بنان ڪيس هلائڻ جي نظربند ڪيو

ويو هو. اجان تائين 250 کن ڪارڪن جيلن ۾ آهن. بنگال مسلم ليگ دعوا ڪئي تہ بنگال مسلم ليگ انتهائي سگهاري آهي ۽ عوامي ليگ ۽ يونائيٽيڊ فرنٽ اُن آڏو ڪجهہ بہ ناهن. چونڊن ۾ هنن دعوا ڪئي تہ کين عوامي حمايت حاصل آهي ۽ اولهہ پاڪستان واسين اعلان ڪيو تہ بنگال جي مسلم ليگ تمام گهڻي سگهاري آهي پر پوين چونڊن ۾ اوهين پروڙي چڪا آهيو. اوهان جو اڳوڻو وزيراعظم محمد علي اوڏانهن ويو اولهہ پاڪستان جا وڏا اڳواڻ اوڏانهن ويا، سمورا پاڙيتا مسلمان اوڏانهن ويا ۽ چيائون تہ "اسلام خطري ۾ هئي"، "پاڪستان برباد هو جائيگا"، "پاڪستان ختم هو رها هي". پر ان هوندي بہ کين پلئہ ڇا پيو. کين ٽي سيڪڙو ووٽ مليا. 97 سيڪڙو ماڻهن يونائيٽيڊ فرنٽ ۽ عوامي ليگ کي ووٽ ڏنو. اها آهي عوام جي راءِ ستن سالن تائين هو راڄ ڪندا رهيا ۽ چوندا رهيا تہ ماڻهو ساڻن گڏ آهن. جهڙي ريت اوهين اولهہ پاڪستان بابت پيا چئو. عوامي راءِ وٺڻ تي اعتراض ڇو ٿا ڪريو؟ اوهان کي تہ پڪ هئڻ گهرجي. آزاد ۽ شفاف چونڊون ٿيڻ گهرجن." پنجاب جهڙيون چونڊون نہ يا وري سنڌ ۾ کهڙي جهڙيون چونڊون نہ. جتي چونڊون ٿيڻ کان اڳ انهن ۾ حصو وٺندڙن جو ارادو رکندڙن کي نامزدگيءَ وارا ڪاغذ داخل ڪرائڻ کان اڳيئي گرفتار ڪيو ويجي.

"معزز رڪن محمد ايوب کهڙو: اِهو غلط آهي

"شيخ مجيب الرحمان: ايستائين جو قائداعظم کي بمبئي ۾ چونڊ وڙهڻي پئي، جڏهن تہ ايوب کهڙو بنان مقابلي چونڊجي آيو. ايستائين جو فضل حق کي افضل آڏو چونڊ وڙهڻي پئي ۽ افضل پنج هزار ووٽ کنيا. خدا جي واسطي عوام جي جذبن جو چٽر نہ اُڏايو سائين! هڪ ئي سيٽ، بيگم کهڙو والاري ورتي آهي. اسين پاڪيري ملڪ جا اپاڳا شهري آهيون. بيگم کهڙو بنان مقابلي چونڊجي وئي. جيستائين کهڙو اُتي موجود آهي هر ڪو بنان مقابلي چونڊ جي ايندو. اهو ڪجهہ نہ ڪريو آءٌ اوهان کي درخواست ٿو ڪريان ماڻهن تي مڙهيو نہ. ان جا نتيجا انتهائي خراب نڪرندا. برطانوي حڪومت اهو ڏگ اختيار ڪيو ۽ کين هتان وڃڻو پيو. اهو نہ سمجهو تہ اوهان کي راڄ ڪرڻ جو ڪو الاهي اختيار مليل آهي. اسين کهڙو ڏسي

چڪا آهيون. اسان دولتانا ڏٺو آهي، اسين نورالامين ڏسي چڪا آهيون ۽ ٻيا
ٻہ ڪيترائي اسان جا دوست، هو برطرف ڪيا ويا. مٿن ڏٺيڙي سرگرميءَ جا
الزام عائد ڪيا ويا ۽ پوءِ وري هو ايماندار ماڻهن خلاف مرڪزي حڪمران
ٽولي جا ساٿاري بڻيا. تہ ڪين پاڪستان جو گهٽگهرو سڏيندي ملڪ جي
ايماندار ترين ماڻهن ۾ سڏيو ويو. توهين ماڻهن جي راءِ معلوم ڪريو. اوهان
ڪي پاڪستان جي نالي ۾، قائداعظم جي نالي ۾ جمهوريت جي نالي ۾، مِنٿ
ٿو ڪريان تہ پاڪستان کي تباهہ نہ ڪريو پنهنجي ذاتي يا حڪمران ٽولي
جي مفادن لاءِ پاڪستان کي تباهہ نہ ڪريو. پنهنجي مرضي سرحد واسين
تي نہ مڙهيو. اوهين سمجهو ٿا تہ هو ان کي برداشت ڪندا؟ يونائيٽيڊ فرنٽ
کي اوهان جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ ڏيو تہ ڪراچي ون يونٽ جي تابع هوندي. هو
واپس اوڀر بنگال نہ وڃي سگهندا. جيڪڏهن يونائيٽيڊ فرنٽ جي اڳواڻن
ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو تہ اهو اوڀر بنگال جا رهواسي برداشت نہ
ڪندا. هو اوڀر بنگال ۾ پنهنجو چهرو بہ نہ ڏيکاري سگهندا. ۽ سندن حشر
پڻ 1954ع ۾ مسلم ليگ جي ٽيل حشر جهڙو ٿيندو. (صفحو 295)

"محمد عبدالخالق (اوڀر بنگال-مسلمان)

"...اوهين ۽ هن معزز ايوان جا ٻيا ميمبر ڄاڻن ٿا تہ 1936ع ۾ ئي سنڌ
واسين کي بمبئي صوبي کان ڌار ڪيل پنهنجو صوبو حاصل ٿيو. تمام گهٽي
هُل هنگامي کان پوءِ ئي هو پنهنجو صوبو حاصل ڪري سگهيا. سندن ڌار
ثقافت ۽ ڌار روايتون آهن. سندن ڌار ٻولي ۽ هڪ ڌار وهنوار آهي ۽
ايستائين جو انگريزن کي پڻ سندن گهُر مڃڻي پئي ۽ نتيجي طور 1936ع ۾
کين بمبئيءَ کان ڌار صوبي جي حيثيت حاصل ٿي. هنن جيڪي ڪجهہ
1936ع ۾ حاصل ڪيو سو 1955ع هيءَ مسلم ليگي ٽولو لوڙهڻ ٿو چاهي.
ڇو؟ ان جو سبب ڇا آهي؟ سبب اهو آهي تہ هن مهل اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو
اوڀر بنگال ۾ پنهنجي ساٿين جي ٽيل حشر کان ڇرڪيل آهن. ان ڪري
ئي هو هيءُ بل کڻي آيا آهن. کهڙي جو چوڻ هو تہ سنڌ اسيمبليءَ جي سمورن
104 ميمبرن ون يونٽ لاءِ ووٽ ڪيو ان بابت ڪو سوال اُٿارڻ کان سواءِ بہ تہ
سنڌ ۾ پوڻيون چونڊون ڪيتريون تہ صاف ۽ شفاف هيون. سنڌ اسيمبليءَ

جي هاڻوڪن ميمبرن کي ون يونٽ واري منصوبي تي ڳالهائڻ يا ان بابت ڪو فيصلو ڪرڻ جو ڪو اختيار ئي ناهي، ڇاڪاڻ جو پوين عام چونڊن مهل انهن ميمبرن پنهنجي ووٽرن کان ان ڏس ۾ ڪو مينڊيٽ حاصل نہ ڪيو هو. اِهو انتهائي اهميت وارو مامرو آهي ۽ ان مامري کي عوامي پنيرائي حاصل هئڻ گهرجي. پر سائين هو ماڻهن کان ڇو ڏنل آهن؟ ڇاڪاڻ جو هو پلي پت ڄاڻن ٿا تہ ماڻهو ساڻن گڏ ناهن. سردار امير اعظم چيو آهي تہ ان مامري تي عوام ڳوڙهائپ سان بحث مباحثو ڪيو آهي ۽ سڌ سماءُ جي ذريعن ۾ بہ ڀرپور پيش ٿيو آهي. جيستائين سڌ سماءُ جو تعلق آهي ۽ پڪ سان هن ايوان ۾ ويٺل منهنجا معزز دوست مون سان سهمت ٿيندا تہ ملڪ ۾ سڌ سماءُ جي اهڙن ذريعن جو عملي طور تي ڪو وجود ئي ناهي، جن جو ڪو آزادانو موقف هجي، سموريون اخبارون حڪومتي ڪنٽرول ۾ آهن ۽ اخبارون پنهنجو موقف آزاداڻي طور تي بنان ڪنهن ڏپ ڏاءُ جي پيش ڪرڻ کان قاصر آهن.(صفحو 299)

"کهڙو جي نااهليءَ کي رات وچ ۾ ختم ڪيو ويو ۽ ديوتائن جي ڪنهن ڪرم نوازيءَ وانگر گورنر جنرل وٽان هڪ حڪم نامو جاري ٿيو تہ سندس نااهلي ختم ڪئي ٿي وڃي.(صفحو 300)

"عبدالرحمان خان (اوڀر بنگال ـ مسلمان)

"....جيستائين اسان اوڀر بنگال سان تعلق رکندڙ ميمبرن جو تعلق آهي، اسان کي ون يونٽ بابت ڪو گهڻو پتو ناهي، درحقيقت اسان کي پتو ئي نہ هو تہ اهو ون يونٽ ڇا هو. دراصل، اسان آڏو اهڙو ڪو موقعو ئي نہ آيو جو ون يونٽ بابت ڪجهہ ڄاڻي سگهون، تہ ان جو مطلب ڇا آهي. هاڻ سائين! ميمبرن ۾ ورهايل بل تي نظر وجهڻ کانپوءِ اسين هڪ اهڙي سازش پروڙيون ٿا، جيڪا عوامي عيوضين طرفان نہ پر ڪامورن ۽ حڪمران ٽولي جي ميمبرن طرفان تيار ڪئي وئي آهي ۽ جنهن جو ڪو بہ نمائنده ڪردار ناهي. اها اهڙي سازش آهي، جيڪا اقتدار تي مسلط ماڻهن جمهوريت ۽ اسلامي تصور خلاف سٽي آهي. آءُ پڇان ٿو سائين منهنجاا ڇا اوهين ان کي جمهوريت ليکي سگهون ٿا، جو ماڻهن جي مرضي ڄاڻڻ کان سواءِ اوهين

ملڪ جي هن حصي تي ون يونٽ مڙهي رهيا آهيو. اِهو سمورن اسلامي تصورن جي خلاف آهي. اسلام جو ڪو اختيار ڪندڙ اهڙا عمل چوڻا ڪريو جيڪي غير اسلامي آهن. اسان کي پنهنجي قدمن تي شرمسار هئڻ گهرجي.

"ان کان سواءِ سائين، هت هڪ ٻيو نڪتو پڻ بحث هيٺ آندو ويو آهي ۽ اهو پنهنجي سر راڄ ڪرڻ جو آدرشي تصور آهي. حقيقت ته اها آهي، سائين! اسان کي اهو ٻڌايو ويو آهي ته پنجاب اولهه پاڪستان جي ننڍين حصن تي راڄ ڪرڻ ٿو چاهي. اها پنجابي حڪمران ٽولي جي سازش آهي جيڪو پنهنجي مفادن جي حصول لاءِ ون يونٽ قائم ڪرڻ ٿو چاهي ۽ هو ٻين ماڻهن جا حق ۽ مداعتون ڦٻائڻ ٿا چاهين. جنهن تان هو ڪڏهن به دستبردار نه ٿيندا.(صفحو 304)

"عبدالرحمان خان: اسين چاهيون ٿا ته زمين کيڙيندڙ پنهنجي راءِ ڏين ۽ نه ڪي وڏا زميندار. اصل پوکيندڙن کي هن بل بابت پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي.(صفحو 312)

"ملڪ محمد فيروز خان نون: هن مرحلي تي اسان جي نئين وزير اعظم محمد علي جي هن بل بابت پوزيشن جو حوالو ڏيڻ چاهيندس. سائين! آءٌ ذاتي طور تي سندس انتهائي احترام ٿو ڪريان. هو انتهائي شاندار ڪردار ۽ فرض جي ادائگيءَ جو جذبو رکندڙ شخص آهي. منهنجي خيال ۾ قائداعظم جي ڏينهن کان وٺي محمد علي هن ملڪ تي راڄ ڪندو پيو اچي ۽ ڪيترن جي خيال موجب، پردي جي پويان کان ، ماضيءَ ۾ سندس حيثيت انتهائي پلي هئي، ڇاڪاڻ جو هن جڏهن به چڱا نتيجا ٿي ڏنا ته فطري طور تي حڪومت ان مان لاڀ اٺي پئي ٿي ۽ سندس ساک پڻ بهتر پئي ٿي پر جڏهن سندس مشورو غلط ٿي ٿيو ۽ حڪومت ان تي عمل ٿي ڪيو ته ان جي ذميواري مٿس نه پئي آئي، ڇاڪاڻ جو هُن اِهو ڪجهه ڍڪ ۾ رهي ٿي ڪيو. سائين منهنجا! هو ملڪ آڏو پنهنجي سياسي اکاڙپ ۾ بيٺل آهي ۽ جيڪي ڪجهه به هن ڪيو آهي، يا ڪرڻ پيو وڃي...(صفحو 315)

"...اوهان کي ٻڌايان ته گرماڻي ۽ محمد علي سان گڏ آءٌ ون يونٽ منصوبي جو سڀ کان وڏو حمايتي هئس پر جيستائين اوهين اڪثريتي ووٽ کي واحد تبديل ٿيندڙ ووٽ نٿا ڪريو ته جيئن ون يونٽ واري قانون

ساز ايوان ۾ ڪا مخالف ڌر پڻ وجود ۾ اچي. هن بل جي مخالفت ڪندڙ آءُ پهريون شخص هوندس، پوءِ پل هن ايوان ۾ منهنجو ساٿ ڏيندڙ ٻيو ڪو ٻـ چو نـ هجي. (صفحو 319)

"ميان محمد خان دولتانا:

"... ان ڪري سائين ! هيءُ پنجاب جنهن کان اڪثر چڙڪجي ٿو تـ دراصل ڪنهن جي بـ نمائندگي نٿو ڪري، درحقيقت جيڪي پنجابين کي ڌڪارين ٿا، جيڪي اِهو ٿا پروڙين تـ پنجابي ڪنهن اهڙي شيءِ جي نمائندگي ٿا ڪن، جيڪا قوم جي حياتيءَ لاءِ اُگري آهي. تن واسطي حقيقي حل ان ۾ آهي تـ پنجاب جون حدون ختم ڪري ڇڏجن ۽ پوءِ پنجاب هوندو ئي نـ پوءِ ڪو اهڙو وجود ئي نـ هوندو جنهن کان چڙڪجي. درحقيقت مونکي چوڻ ڏيو تـ پنجاب وارو اصطلاح اڪثر ڌڪار جي اظهار سان نهڪاءُ طور استعمال ڪيو ويو آهي. جيستائين مونکي پتو آهي تـ بنگال ۾ ڪنهن بـ اوپري ۽ ڪين الوٽندڙ فرد کي سواءِ (جنهن جو تعلق بهار سان نـ هجي)، پنجابي چئي مخاطب ٿو ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪو پٺاڻ لاڙڪاڻي ٿو اچي تـ هو پنجابي آهي. جيڪڏهن ڪو سکر واسي هزاري ٿو وڃي تـ پنجابي ٿيو پوي. اتيئي چو ڳالهـ ڪُنائجي؟ اسان جي پنهنجي صوبي ۾ سائين ان علائقي جو مثال وٺو جنهن جي آءُ هتي نمائندگي ٿو ڪريان. يعني ملتان جو علائقو (جيڪو بهاولپور جي ويجهو آهي). ۾ جڏهن اسان کي ڪو شخص پسند نـ ايندو آهي تـ کيس پنجابي سڏيندا آهيون. (صفحو 356)

"ان ڏس ۾ خاص طور تي سنڌ جي زمينن واري سوال کي اوهان آڏو رکڻ جو مثال ڏيندس. سائين! سنڌ هڪ انتهائي شاهوڪار صوبو آهي. موجود زمين جي پيٽ ۾ گهڻ انساني آبادي وارو ۽ ماضيءَ وارين سنڌ جي حڪومتن جي بهتر انتظام سبب اسڪيمون مڪمل ٿي رهيون آهن. جيڪي سنڌ جي پوکيءَ لائق ايراضين کي انتهائي وڌائي ڇڏينديون. نئون بيراجن جي ڪيترين ئي اسڪيمن ذريعي وسيع نيون ايراضيون سامهون اينديون ۽ سائين انهن نئين زمينن بابت سنڌين جي ذهنن ۾ خدشا آهن. تـ اهي زمينون جيڪي حقيقتا، سنڌين جون ئي آهن. اولهـ پاڪستان جي

قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ۾ گھڻ خوش قسمت صوبن جي هٿان استعمال جو نشانو بڻبيون. سائين! هاڻ اوهان کي هڪ مثال ڏيڻ ٿو چاهيان تہ انهن پراڻن صوبن جون حدبنديون ختم ٿيڻ جي صورت ۾ ماڻهن ڪهڙي ريت مختلف انداز ۾ سوچڻ شروع ڪيو آهي ۾ سياسي سوچ کي هڪ نئون انداز ڏئي ڇڏيو اٿن.

"سائين! سنڌ جي نئين زمينن جي نيڪاليءَ جو ڪهڙو حل ڪيو ويو آهي؟ جيستائين مونکي پتو آهي تہ انهن زمينن واسطي اِهو حل ڪيو ويو آهي، تہ اهي ترجيحي طور تي انهن ماڻهن کي ئي ڏنيون وينديون، جيڪي هن مهل قائم سنڌ صوبي سان واسطو رکندڙ سنڌين کي ڏنيون وينديون بس رڳو هڪ شرط تي تہ هو ٻي زمين هاري هجن. اهي نيون زمينون ترجيحي طور تي ۾ مڪمل طور تي جيڪڏهن ضروري ٿيون تہ سنڌي آبادگارن جي ٿاڪ واسطي، (جن وٽ پنهنجي زمين ناهي) لاءِ هونديون. پر اهڙن سمورن سنڌين کي ٿانيڪو ڪرڻ ڪانپوءِ بہ جيڪڏهن اهڙي زمين بچي پئي تہ پوءِ اِها ٻين صوبن جي شهرين لاءِ مُيسر هوندي، پر سي بہ اُهي جن وٽ اڄ تائين پنهنجي ڪا زمين نہ هوندي. ان ريت سائين منهنجا! سنڌ جي مسئلي کي پهرين ترجيح ڏني ويندي، انهن جو مسئلو جيڪي بلاشڪ واهر جا گهرجائو آهن، انهن جو مسئلو جن جون حقيقي طور تي اهي زمينون آهن. نہ ڪي بدنام وڏيرن جو مسئلو. اِهي زمينون آبادگارن کي پوکيءَ لاءِ ڏنيون وينديون. زمين پهرين منجهن ورهائي ويندي ۾ سندن مڪمل اطمينان ڪانپوءِ اِها انهن ڏانهن ويندي، جيڪي سنڌ جي غريبن جا سندن علائقي جي اميرن کان وڌيڪ ويجها عزيز آهن. اهي زمينون ان کان پوءِ ئي سرحد ۾ قبائلي علائقن جي رهواسين کي ملنديون. انهن ٻي زمين ماڻهن جو سائين مون تي ويساهہ رکو سنڌ واسي پنهنجي وڏيرن کان وڌيڪ گرم جوشي سان آڏرياءَ ڪندا ۾ سائين اِهو هڪ ٻيو مثال آهي تہ اولهہ پاڪستان جي الحاق کان پوءِ اوهين ڪهڙي ريت ترقي جي قوتن کي سگهارو ڪري سگهندؤ؟ اوهين اسان جي ملڪ جي سمورين سياسي ترجيحن کي نئين سر جوڙڻ لائق ٿي ويندؤ. (صفحو 360)

"عبدالغفور احمد (اوڀر بنگال-مسلمان): سائين! اوهان پروڙيو هوندو تہ سائنس ۽ آرٽس جي هن وسيع ميدان کي قلهوريندي، اسان جي دوست انيڪ شين کي ڇُهيو آهي پر ايوان آڏو بل بابت هڪ اکر بہ نہ ڳالهايو اٿس. پنهنجي دوست جي ادائي ڪلاڪن جي تقرير اکيون پوري ٻڌي اٿم. چاڪاڻ جو سندس ڏاهپ پريا اظهار هضم ڪرڻ مون لاءِ انتهائي ڏکيو هو. اها تقرير هن ايوان ۾ ويٺل ٻين ڪيترن لاءِ ئي اوتري ئي ڏکي ثابت ٿي پئي سگهي. اها بلاشڪ ڏاهپ پري تقرير هئي. ان ڪري انهيءَ تقرير جو تت هضم ڪرڻ لاءِ پنهنجيون اکيون پوري ڇڏيون هئم. اهو ڪندي سائين! سوچيم پئي تہ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ اسان جي دوست ممتاز محمد خان دولتانا جي تقرير پيو ٻڌان يا مدر انڊيا جي اڻ ورهاڱي جوڳي هئڻ واري نظرئي سان ليس دهليءَ ۾ ڪوٺايل ڪانگريس اجلاس دوران ڊاڪٽر راجندرا پرشاد جي تقرير. ٻنهي جاين تي دليل ساڳيا آهن، ٻولي ۽ انداز پڻ ساڳيا. اهو بہ چوندس تہ اِهو ٿي ويچاريم تہ ڇا هڪ دنيا بابت وينڊل ولڪيءَ جي تقرير تہ نہ پيو ٻڌان! سائين! سندس چوڻ موجب ڪو بہ جاگرافيائي فرق آڏو ناهي، جيئن تہ اسين سمورا مسلمان آهيون. تنهنڪري ڪو بہ ثقافتي فرق نہ هئڻ گهرجي. انڪري سڄو اولهہ پاڪستان هڪ آهي. ساڳي ريت ڪراچيءَ کان مراڪش تائين، استنبول کان عدن تائين ۽ ايران کان فلپائن تائين سموري مسلمان دنيا هڪ آهي. درحقيقت اِها هڪ ئي آهي، هڪ لحاظ کان اسين سڀ هڪ ئي آهيون. ان ريت اوهين اِهو نٿا چوڻ چاهيون تہ توهين انهن فرقن کي قبول ڪرڻ نٿا چاهيو جيڪي خالق جي تخليق آهن. هُن رنگ، نسل ۽ ٻوليوار فرق تخليق ڪيا آهن. ڏورانهن ۽ ويجهي ماضيءَ جي سامراجين سڀيتا سڏجندڙ پنهنجي مڪاري پري سامراجيت واسطي انهن فرقن کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي.

"سائين! تاريخ اِهو ٻڌائيندي تہ سامراجين مان وڏيڪ سگهارن وحدانيت ۽ هڪجهڙائپ مڙهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، پر خودارا دين واري حق ۽ حصول بہ پنهنجي پاڻ کي ظاهر ڪندو پئي رکيو آهي. خُودِاراديت وارو حق ۽ حصول بہ پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪندو پئي رهيو آهي. خوداِراديت وارو اِهو حق ئي هو جنهن پاڪستان کي جنم ڏنو. جيڪڏهن برطانوي ماڻهو دولتانا صاحب جي دليلن کي قبول ڪري وٺن ها،

تہ پوءِ پاڪستان ٺهڻ ممڪن نہ هجي ها. جيڪڏهن ڊاڪٽر راجندراپرشاد هن معزز ميمبر کي هندستان جي ايڪتا واسطي پروپيگنڊا لاءِ وقت سرگرم لهي ها، جيڪڏهن سندس دليل مڃيا وڃن ها، تہ پوءِ مونکي ڊپ آهي تہ اسين پاڪستان حاصل نہ ڪري سگهون ها. اسان جي انتهائي جاٺو دوست ميان ممتاز دولتانا طرفان پيش ڪيل ٻولي ۽ دليلن جي حتمي تجزئي پٽاندر سڄي ايشيا جي آبادي تہ ڇا ، سڄي دنيا جي سموري آبادي هڪ آهي، ڇاڪاڻ جو اسين سڀئي ڏاڏي آدم جي اولاد مان آهيون. رڳو اولهہ پاڪستان جي انضمام جي ڳالهہ ڇو؟ سڄي مسلم دنيا جي ايڪتا جي ڳالهہ ڇو نہ ڪجي، ڇاڪاڻ جو اسين جاگرافيائي، ثقافتي ڪپڙي لٽي، رواجن ۽ مذهب جي حوالي سان هڪ آهيون...(صفحو 368)

"...مون کي اِهو چوڻ گهرجي تہ خير جو ڪم گهر کان شروع ٿيندو آهي، ساڳي ريت اوهان جي حب الوطني پڻ گهر کان شروع ٿيڻ گهرجي، تہ جيڪڏهن دولتانا پنجاب واسين کي نٿو ڀانئي تہ پوءِ هو دنيا ۾ ٻئي ڪنهن کي نٿو ڀانئي سگهي. اهو حب الوطني جو بنياد آهي. جڏهن اسين پاڪستان لاءِ وڙهي رهيا هئاسين تہ 25 سالن تائين اسان جا ساٿي رهندڙ اسان جا ڪانگريسي دوست اڪثر چوندا هئا تہ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ رات وچ ۾ فرقيوار بڻجي ويا آهيو. توهين قوم بدران برادريءَ واري اصطلاح ۾ پيا ڳالهايو" هاڻ ساڳيو لهجو منهنجي دوست دولتانا اختيار ڪيو آهي، جيڪو اڳي ڪانگريسين جو هوندو هو. هُن موقعو تہ وساري ڇڏيو آهي پر ڳالهہ جو تت نہ وساريو اٿس. هو ساڳيا نعرا استعمال ڪري رهيو آهي جيڪي اسان جا ڪانگريسي دوست استعمال ڪندا هئا. هاڻ هو چوي ٿو تہ "توهين صوبائي آهيو: توهين صوبائيت پکيڙي رهيا آهيو" جيڪڏهن آءٌ بنگال واسين سان پيار ٿو ڪريان تہ اِها صوبائيت آهي ۽ ان ڪري ڏوهہ؟ جيڪڏهن آءٌ پنهنجو پاڻ جيترو يا ان کان بہ وڌيڪ بنگال واسين سان پيار ٿو ڪريان تہ ڏوهاري بڻجي ويس. ساڳي ريت آءٌ توقع ٿو رکان تہ ممتاز دولتانا سنڌ واسين سان پيار ڪرڻ کان اڳ پنجاب جي پنهنجي ماڻهن سان پنهنجي اُڪير ظاهر ڪندو، ڇاڪاڻ جو پنهنجي ماڻهن سان پيار نہ ڪندي اِهو چوڻ فقط مفاد پرستي ئي ليکبي تہ هو يورپ ۽ ايشيا جي رهواسين سان اُڪير ٿو رکي. جيڪڏهن ڪنهن ڏورانهن ملڪ جي زلزلي

جي متاثر ماڻهن جي ڏکيائين کي منهن ڏيڻ لاءِ دولتانا هڪ لک رپين جو چيڪ ٿو جمع ڪرائي ۽ پنهنجي پنجاب ۾ پنهنجي هارين، نارين کي جاهليت، اڻڄاڻائي، غربت ۽ توهمات ۾ غرق ٿيڻ ٿو ڏئي ته هو محب وطن يا مسلمان هئڻ جي دعوا نٿو ڪري سگهي.....(صفحو 377)

"...سائين ! اوهان پڪ سان اِهو انهن اخبارن ۾ پڙهيو هوندو جيڪي حڪومت جون سرڪاري ترجمان ٿيون سمجهيون وڃن. چاڪاڻ جو ڪراچيءَ جون سموريون اخبارون سرڪاري ترجمان آهن. مخالف ڌر کي پنهنجو موقف بيان ڪرڻ جو ڪو موقعو نه ڏنو ويو. هت ڪيل مخالف ڌر جي تقريرن مان ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ جملا شايع ڪيا ويا. جڏهن ته ميان ممتاز خان دولتانا ۽ سردار امير اعظم خان جون سڀيون ساريون تقريرون اڳواٽ شايع ڪيون ويون، جنهن مان اڌ تقرير ته هن ايوان ۾ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته باقي اڌ اجان ڪرڻ باقي آهي، پر اخبارن ۾ سڀيون تقريرون شايع ڪيون ويون آهن. ويچاري نيوز ايڊيٽر کي پتو ئي نه هو ته سڄي تقرير ڪئي نه وئي آهي پر هن ڪيس فراهم ڪيل سڄي تقرير شايع ڪري ڇڏي اهو ڪل جهڙو مقام آهي. حڪومت ڪندڙ انتهائي سگهارا ماڻهو آهن. سنڌ سماءَ جي ذريعن کي سندن حڪم جي پوئواري ڪرڻي ئي پوندي آءٌ پاڻ ٽيهن سالن تائين اخبارن ۾ ڪم ڪندو رهيو آهيان ۽ انهيءَ شاندار ڪرت سان پنهنجي تعلق جو دعويدار آهيان.. (صفحو 384)

"هاڻ سائين! انتي ڳالهائڻ جو ڪو فائدو نه ٿيندو ته لاهور راڄڌاني پيو ٿئي. اهو ڏيکارڻ لاءِ هن ايوان آڏو اهو بيان ڪندو پئي رهيو آهي ته هيءَ خودمختيار ادارو جنهن کي پاڪستان جي آئيندي جو تعين ڪرڻو آهي، جنهن کي پاڪستان جي آئين وارو سوال طئي ڪرڻو آهي، نظرانداز ٿيندو پئي رهيو آهي. آءٌ اوهان جو ڌيان اِهو جاچڻ ڏانهن ڇڪرائڻ ٿو چاهيان ته ڪٿي هن ايوان جي هيڏي ساري توهين اقتداري ڌر ته نه پئي ڪري. آءٌ مناسب وقت اندر ايوان جي سربراهه کان ان بابت رولنگ ٿو چاهيا ته اِها هن معزز ايوان جي شعوري توهين آهي... (صفحو 385)

"انڪري سائين! اوهين پروڙيندا ته اِهو انضمام نه رڳو اولهه پاڪستان جي رهواسين جي مفادن خلاف هڪ سازش آهي پر اِهو هڪ

اهڙو خطرناڪ قدم آهي، جيڪو سچو ڪشمير اسان جي هٿن مان وڃائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. (صفحو391)

"سائين! اهو انضمام بابت بل اولهه پاڪستان جي رهواسين طرفان اظهار ڪيل مخالفت جي خلاف ٺڪ ٺڪر ۾ پيش ڪيو ويو آهي. انڪي اولهه پاڪستان جي رهواسين خلاف سندن مرضيءَ جي اُبتڙ مڙهيو ويو آهي. ان جي مڙهجڻ کان پوءِ عام شعور اهو ٿو چاهي ته سمورا اختيار گورنر جنرل ۽ اولهه پاڪستان لاءِ سندس نامزد ڪيل گورنر حوالي ڪيا ويندا. سمورا آپيشاهي اختيار، غيرمعمولي اختيار گورنر جنرل جي حوالي ڪرڻا پوندا چاڪاڻ ته عوام جي مرضي ۽ خواهش جي اُبتڙ انهيءَ منصوبي تي عمل به ته ڪرڻو پوندو. انڪري هو اڻچاٺايل مدي تائين غير معمولي اختياري ڏئي رهيا آهن، جيستائين اولهه پاڪستان جا رهواسي انضمام واري انهيءَ منصوبي کي قبول نٿا ڪن."(صفحو 392)

"بوپيندرا ڪمار دتا:

"..... پنجاب جا اڳواڻ پنهنجي ڳلهن تي وڏي ذميواري کڻي رهيا آهن ۽ ڪين پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي مفادن کان مٿيرو ٿيڻ گهرجي ۽ هو اهو پروڙين ته ننڍين علائقن جي رهواسين سان سندن وهنوار عام رواجي آهي. ماڻهن جي اسلامي ايڪتا جو ورجاءُ اسان کي مطمئن نٿو ڪري ڇا اسين روزانو دنيا جي مسلمان ملڪن وچ ۾ تڪرار نه پيا پروڙيون؟ اسين روزانو پنهنجي ملڪ اندر به مسلمانن وچ ۾ جهيڙا، حسد ۽ شڪ نه پيا ڏسون؟ سائين! هيءَ وڏيڪ گنل پيئل اعلانن جا ڏينهن آهن..." (صفحو 425)

"محمد علي: پر جيڪڏهن راءِ عامه جي ڳالهه ڪبي، ماڻهن جي عمومي راءِ جنهن جو هت ذڪر ٿو ڪيو وڃي ته پوءِ مون کي يقين آهي ته اولهه ۽ اوير پاڪستان بنهي ۾ راءِ عامه پڪ سان ون يونٽ جي خلاف آهي. (صفحو 427)

ان ڪري، هن بل جي محرڪ تي زور پريندس ته ان تان هٿ کڻي ۽ جيڪڏهن هو منهنجي درخواست نٿو مڃي ته پوءِ پيو واحد متبادل ان سوال کي مڪمل طور تي عوام آڏو رکڻ ۽ سندس مرضي معلوم ڪرڻ آهي، ته

جيئن اسان سمورن کي تمام گهڻو عزيز پاڪستان ۽ ان جي آزاديءَ کي بچائي سگهجي. (صفحو 428)

"**نور رحمان (اوڀر بنگال-مسلمان)**

"...سائين! آءُ سمجهان ٿو تہ انضمام ٿيڻ تي ترقي ٿيندي پر اِها ترقي غير ترقي ڪيل علائقن جي قيمت تي هوندي ۽ اِهي هاڻوڪي حالت ۾ ئي رهندا ۽ اِهي ترقي يافتہ ماڻهن هٿان استعمال جو ڏڳ بڻيا... (صفحو 428)

"**نور رحمان:**... هُن ڊر جي ڪيترن ئي مقررن مختلف اسيمبلين ۾ بحال ٿيل ٺهرائن جو حوالو ڏنو آهي. انهن اسيمبلين جي نمائنده حيثيت کي نٿو لِلڪاريان. انهن ٺهرائن لاءِ ڪيترين ئي وزارتون برطرف ڪيون ويون آهن، ڪيترن ئي اخبارن تي پابندي مڙهي وئي آهي ۽ ڌمڪيون ۽ وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن ۽ ان ڪان پوءِ ئي اِهي ٺهراءُ بحال ٿيا آهن. انتهائي سولائيءَ سان اِهو چئي سگهجي ٿو تہ اهي ٺهراءُ دٻاءُ هيٺ بحال ڪيا ويا آهن. منهنجي انهيءَ دليل تہ اهي دٻاءُ هيٺ بحال ڪيا ويا آهن، کي هڪ پاسي رکو آءُ چوان ٿو سائين! تہ ان صورت ۾ بہ انهن نمائندن وٽ عوام جي مرضي منشا ناهي، ڇاڪاڻ جو سندن چونڊ مهل، اِهو سوال سندن ووٽرن آڏو نہ رکيو ويو هو ۽ هُنن ان سوال تي ڪڏهن بہ ماڻهن جو موقف نہ ڄاتو آهي. سائين! ٽيڪنيڪي طور تي اهي بحال ڪيل ٺهراءُ غير قانوني آهن. پنجاب اسيمبليءَ جو ئي مثال وٺو. هو مون کي پڪ آهي پنهنجي برخاستگيءَ جو ٺهراءُ بہ بحال ڪري سگهن ٿا. پر سائين! رڳو بحال ڪرڻ سان ايوان کي برخاست نٿو ڪري سگهجي. اِهو آئيني مامرو آهي. هو اهڙو ٺهراءُ بحال نٿا ڪري سگهن جيڪڏهن اهڙو ڪو بحال ڪيو اٿن، تہ پوءِ پنهنجي اختيارن کي اورانگهيو اٿن... (صفحو 430)

"**بي ڪي داس (اوڀر بنگال- عام):**

اِهو ٿي سگهي ٿو تہ آئين تيار ڪرڻ دوران اسين ٻيهر ان سوال کي ڦلهوريون ۽ جڏهن اسين آئين تيار ڪري رهيا هونداسين، تہ اولهہ پاڪستان ون يونٽ تحت عمل پذير هوندو. اُن مهل اسين جاچي سگهون ٿا.

تہ پنجاب جي اسان جن دوستن جي ڪيل وعدن تي ڪيترو عمل ٿيو آهي.
جيڪڏهن انهن وعدن جي پيڇڪڙي هجي تہ اسين ڪين انهيءَ منصوبي تي
نئين سر ويچارڻ لاءِ زور ڀري سگهون ٿا. (صفحو 467)

"اي ايڇ دلدار احمد(اوير بنگال:مسلم):

جناب اسپيڪر! سائين! آءٌ ڪا گهڻي تفصيلي تقرير ڪرڻ نٿو چاهيان. شايد معزز ميمبر ۽ مهمان پنهنجو صبر ۽ جوش خروش وڃائي ويٺا آهن. جيڪو ايوان ۾ موجود ميمبرن ۽ مهمانن جي گئلرين ۾ ويٺلن مان پلي پت پروڙي سگهجي ٿو. هن ون يونٽ بل کي انتهائي اهم بلن مان هڪ ڄاڻايو ويو آهي ۽ محرڪ ان کي پاڪستان جي قيام کان پوءِ هڪ "اهم قدم" ليکيو آهي. آءٌ پڻ سائنس سهمت آهيان تہ اِهو اهم قدم آهي پر ڪيڏانهن؟ آءٌ چئي نٿو سگهان تہ اهو لازمي طور تي هڪ اهم قدم هوندو. يقيني طور تي بل تي اسان جو ڳالهائڻ فضول آهي، ڇاڪاڻ جو اسين ڄاڻون ٿا تہ اڪثريتي پارٽي ورلي ئي مخالف ڌر جون تقريرون ٻڌي ٿي ۽ هو پوين ڪجهہ ڏينهن دوران ڪيل تقريرن ۾ ورلي ئي ڪا ڌاهپ ڀري ڳالهہ قلهورين ٿا ۽ اهو ٻي ڌر جي ڪيل تقريرن ۾ ورتاءَ مان واضح آهي. هينئر ئي داس صاحب چيو آهي تہ جيڪي ڪجهہ بہ چيو ويو آهي سو بل جي حمايت ۾ ئي چيو ويو آهي. هو جيڪڏهن اسان جي تقريرن کي ان روشنيءَ ۾ ٿا ڏسن تہ پوءِ بل تي اسان جي وڌيڪ تقريرن جو فائدو ناهي.. ايستائين جو تاريخ بہ اسان کي اِهو ئي ٿي سيکاري تہ مخالف ڌر کي ڪڏهن بہ ٻڌو نہ ويندو آهي. جڏهن برطانوي پارليامينٽ ۾ آمريڪي بينڪيتن واري سوال تي بحث پئي ڪيو ويو تہ ترڪي جي ڪنهن بہ ڳالهہ نٿي ٻڌي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ اقتدار واسي سبق سکن تہ ٿا پر وقت گذرڻ کان پوءِ هو اِهي ڏکوئيندڙ وقت مهل تہ سکن ٿا پر ان کان اڳ نہ. ان هوندي بہ اسين ان بل بابت پنهنجون سفارشون پيش ڪنداسين، جيڪو اسان جي خيال ۾ انتهائي اهم ۽ هڪ اهم قدم آهي. اِهو اهم قدم پاڪستان جي بانين جي ذهن ۾ نہ هو ۽ اسان جي مرحوم مان واري قائداعظم ان بابت سوچيو ئي نہ هو. پر مسلم ليگ جا وارث هاڻ سمجهن ٿا تہ مٿن اِهو خيال نازل ٿيو آهي ۽ اهو هڪ اهم قدم

آهي. هت موجود ڪيترن ئي دوستن بشمول دتا، امير اعظم خان ۽ وزيراعظم چوڌري محمد علي هن ايوان کي گذريل ستن سالن دوران پنهنجي تشريف سان نوازيو آهي پر سندن ذهنن ۾ ڪڏهن بہ اها شاندار ڏاهپ نہ آئي. اهو شايد مٿن انڪشاف آهي تہ هيءُ اهڙو اهم قدم آهي، جيڪو پاڪستان لاءِ پيو ڪجهہ ڪرڻ کان اڳ ۾ کڻڻ گهرجي. آءٌ ڪنهن ترديد جي ڊپ کان سواءِ چئي سگهان ٿو تہ مسلم ليگ جماعت طور ملڪ اندر ۽ پرڏيهہ ۾ هن ملڪ جي ساک خراب ڪرڻ جي مرتڪب ٿي آهي. گذريل ڪجهہ سالن دوران پنهنجي سياست ۽ عملن ذريعي هو ڪو آئين ڏيڻ ۾ ناڪام رهيا آهن ۽ مختلف ايڪٽ بحال ڪندي ملڪ هلائڻ دوران هيءُ وڏو قدم اهڙي انداز ۾ کڻي رهيا آهن، جنهن سان ڏيهي ۽ پرڏيهي سطح تي هر ڪنهن جي نظرن ۾ چٽراڏڻ کان سواءِ پيو ڪجهہ بہ نہ ورندو. شايد ان واسطي ئي هيءُ اهم قدم کنيو ويو آهي.

"ان جو مطلب هوندو اولهہ پاڪستان جي پين صوبن جو خاتمو ۽ سنڌ، اتر اولهہ سرحدي صوبي، بلوچستان جي صوبن ۽ بهاولپور ۽ خيرپور جهڙين رياستن کي ختم ڪندي، انهن کي هڪ عظيم تر پنجاب ۾ شامل ڪرڻ. جيڪو ان اهم قدم ذريعي ممڪن بڻايو ويندو..."

"هاڻ اڪثريتي پارٽيءَ جي سياسي ڏاهپ ذريعي هنن ڄاتو آهي تہ اهو وڏو قدم هت ۽ هاڻ کنيو وڃي. پر گذريل ستن سالن دوران جڏهن پوئين اسيمبليءَ ۾ بنيادي اصولن تي بحث ٿي ڪيو ويو ڪنهن بہ ميمبر وٽان اهو نہ ٻڌو ويو تہ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اهو هڪ انتهائي اهم قدم آهي، جيڪو کنيو وڃي ۽ ان جي انتهائي شديد ضرورت آهي. اهو گذريل سال ئي ڳولهي لڌو ويو ۽ سندن عقل ۽ فهم ۾ تازو ئي آيو آهي، تہ ڪين ون يونٽ قائم ڪرڻ گهرجي. (صفحو 473)

"...پيو نڪتو جنهن تي هن زور ڏنو هو تہ ڪيترن ئي ننڍن صوبن ۽ رياستن کي ون يونٽ ۾ ختم ڪرڻ سان وڏي پئماني تي بچت ٿي سگهندي. پر آءٌ اِهو سمجهڻ کان قاصر آهيان تہ اِها بچت ڪهڙي ريت ڪارائتي بڻبي. ٽن گورنرن بدران يارهن ڪمشنر هوندا، جيڪي عملي طور تي ملڪ تي راج ڪندا..." (صفحو 474)

”...بل ۾ ان جو ڪو اشارو ناهي، تہ ڪا بچت ٿيندي يا ون يونٽ معاشي طور تي لاڀائتو ٿيندو. ان هوندي بہ جيڪڏهن اوهين سمجهو ٿا تہ عوام جي جمهوري حقن ۾ مراعتن کي نهوڙي اوهين ڪا بچت ڪري سگهو ٿا تڏهن بہ ان جو ڪو جواز نٿو پيدا ٿئي. جمهوري حق برقرار رکڻ لاءِ هوندا آهن، ساڳي ريت، اوهين گورنر جنرل جي جاري ڪيل هڪ آرڊيننس ذريعي آئين جوڙي سگهو ٿا ۽ ان ريت هن آئين ساز اسيمبليءَ تي خرچ ٿيندڙ رقم بچائي سگهو ٿا. ڪنهن دير ۽ خرچ کان سواءِ آئين منظور ڪري سگهو ٿا، اِهو اوهان لاءِ سولو پڻ ٿيندو. جيڪڏهن معيشت کي ضابطي ۾ آڻڻ چاهيو ٿا، تہ پوءِ انيڪ ضلعي بورڊ، مڪاني ادارا ۽ ٻيا ڪاٽا ڇو. جيڪڏهن اسان آڏو واحد مقصد معيشت ئي آهي تہ پوءِ ملڪ ۾ قائم جمهوري نظام ۽ جمهوري ادارا رکڻ جو ڪهڙو فائدو؟ ڪنهن اسيمبلي يا ڪاٽي کان سواءِ ملڪ کي آمر ذريعي هلائڻ بهتر ٿيندو جيڪو انيڪ معاملن کي هڪ مخصوص انداز ۾ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪندو ۽ ماڻهو ان جي پوئيواري ڪندا. سائين! ون يونٽ وارو اِهو خيال محرڪ تي الهام طور آيو آهي ۽ ڪيترن ئي معزز ميمبرن چيو آهي تہ اِهو سندن ايمان جو جُز آهي. متن اِهو ايمان تازو ئي ظاهر ٿيو آهي پر اِهو تڏهن نہ هو جڏهن پاڪستان قائم پئي ڪيو ويو. اِهو ڪنهن الهام وانگر متن نازل ٿيو آهي ۽ هاڻ هو سمجهن ٿا تہ ون يونٽ ضرور قائم ٿيڻ گهرجي ۽ جيستائين اِهو هوندو سندن ايمان طور قائم هوندو. هو سمجهن ٿا تہ ون يونٽ خلاف ڳالهائڻ ڏوهہ ئي نہ پر گناهہ آهي. ڪجهہ معزز ميمبرن سنڌ صوبي ۾ پيش ايندڙ ڪجهہ مامرن جا مثال ڏنا آهن جتي اِهو ايتري سختيءَ سان باور ڪرايو ويو آهي، تہ ون يونٽ خلاف ڳالهائيندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. ان کي پبلڪ سيفٽي ايڪٽ جو مامرو بڻايو ويو آهي. آءٌ فقط حيدر بخش الهہ داد خان جتوئي خلاف سنڌ حڪومت جو جاري ڪيل حڪم پڙهي ٿو ٻڌايان! ”تون، حيدر بخش الهہ داد خان جتوئي سنڌ هاري ڪميٽيءَ طرفان ون يونٽ مخالف ورتاءَ اختيار ڪرڻ ۽ انجي ڏڦيڙ جو حصو بڻجڻ ۾ ون يونٽ واري فيصلي کي سختيءَ سان رد ڪرڻ واسطي ئي اهم ذميوار آهين ۽ توکي پبلڪ سيفٽي ايڪٽ تحت قيد ڪيو ٿو وڃي.“ اِن حڪم تي سنڌ حڪومت جي سيڪريٽري آفتاب احمد خان جي صحيح آهي. سائين! اِهو

آهي طريقو جنهن ذريعي اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو هن ملڪ جي ماڻهن تي شيون مسلط ڪري رهيا آهن. ڇا اِهو مامرن ڪي جمهوري انداز ۾ اُڪلائڻ وارو طريقو آهي؟ ايستائين جو پيغمبر پڻ عقيدو لاڳو ڪرڻ لاءِ زور زبردستي اختيار نہ ڪئي، ايستائين جو عظيم مسلمان بادشاهن بہ پنهنجي عوام تي پنهنجو عقيدو مڙهڻ لاءِ اهڙي زور زبردستي کان ڪم نہ ورتو پر اسين سنڌ ۾ ڏسون ٿا تہ معاملا اُڪلائڻ لاءِ انتهائي ڏاڍ ڏمر کان ڪم پيو ورتو وڃي. مون کي پتو ناهي تہ ٻين صوبن ۾ ڪهڙا طريقا اختيار ڪيا پيا وڃن. پڪ اٿم تہ اُتي بہ ون يونٽ خلاف ڳالهائيندڙن کي هيسائڻ جو عمل جاري هوندو. عجيب شيون پيون ٿين. پوءِ بہ اوهين جمهوريت جي هام ٿا هڻو؟ جمهوري اصولن بابت ڳالهائيندي سندن زبان نٿي ٿڪي. هو سهپ جي تمام گهڻي ڳالهہ ٿا ڪن، هو قياس جو ذڪر ٿا ڪن، پر ڏسو تہ هو پنهنجي اقتدار ۾ هئڻ دوران ڪهڙي ريت معاملن کي اُڪلائين پيا. سائين! آءٌ انتهائي نِوڙت سان هُن پاسي ويٺل پنهنجي دوستن کي عرض ڪندس تہ هو جيڪي ڪجهہ چون ٿا. اُن تي عمل بہ ڪن ڇاڪاڻ جو ڳالهہ ۽ عمل ۾ تضاد ڪو چڱو سنوڻ ناهي. هت آءٌ ميان عبدالباريءَ کي ياد ڏيارڻ چاهيندس جنهن صحيفن جو حوالو ڏنو آهي تہ جيڪي نہ ڪري سگهو انهن بابت نہ ڳالهايو. آءٌ بہ ساڳئي صحيفي مان حوالو ڏيندس. صحيفن جو حوالو ڏيڻ کان اڳ ڪيس پتو هئڻ گهربو هو تہ :

"سو ماڻهن کي جيڪو حڪم ٿا ڪريو سو ڪجهہ پنهنجي سر ڪرڻ وساريو ڇڏيو ان هوندي بہ صحيفن جا ورد ٿا ڪريو.

"انڪري، آءٌ باري صاحب کي درخواست ڪندس تہ صحيفن يا اسلامي تعليم جو حوالو ڏيڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ بہ ٻيرا سوچي."

"سائين! هڪ ٻيو پهلو جيڪو سردار امير اعظم ايوان آڏو رکيو آهي، سو آهي صوبائيت ختم ڪرڻ بابت. سائين! آءٌ انتهائي نِوڙت سان ايوان کي درخواست ٿو ڪريان تہ اِهو جاچي تہ پيش ڪيل بل ۽ ان جي پيش ڪرڻ واري انداز سان صوبائيت ختم ٿيندي يا صوبائيت واري وٿي اجائين وڌندي اسين ڏسون ٿا تہ اِهو بل بحال ٿيڻ کان اڳيئي هنن هڪ انتظامي ڪائونسل قائم ڪري ڇڏي آهي، هنن رٿيل ون يونٽ واسطي گورنر ۽ وڏو وزير پڻ نامزد ڪري ڇڏيا آهن. سڄو سارو سيڪريٽريٽ موجود آهي، پروپيگنڊا جاري

آهي. ريڊيو پنهنجي پوري قوت سان رنيپي رهيو آهي. هو ون يونٽ قائم ٿيڻ کان اڳيئي اِها سموري پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن ۽ ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺڻ کانسواءِ پيو ڪيو وڃي. ڪنهن جي لاءِ متعارف ڪرايو ويو آهي؟ اِهو چيو ويو آهي تہ اِهو عوام جي اڪثريت جي لاءِ متعارف ڪرايو ويو آهي. ان پهلوءَ تي بعد ۾ ڳالهائيندس.

"سائين! هاڻ آءٌ بل ۾ ڄاڻايل چوٿين نڪتي تي ايندس، جيڪو مونکي انتهائي ڪِلِ جوڳو ٿو لڳي. سائين! اِهو ڄاڻايو ويو آهي تہ بل ضرورت پٽاندر ۽ عمل جوڳو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ اِهو سڄي بل جو تت آهي. مون کي اِهو چوڻ ڏيو تہ اِهو گهربل آهي ڇاڪاڻ جو اوهين بااختيار آهيو اوهين اقتدار ۾ آهيو ۽ اِهو عمل جوڳو آهي طاقت، دٻ دٻي يا ڪنهن ٻئي اهڙي طريقي ذريعي. توهين اقتدار ۾ آهيو توهين اِهو ڪري سگهو ٿا. ان ريت اِهو ضرورت پٽاندر ۽ عمل جوڳو آهي ۽ اسان کي اِهو ميڃڻ گهرجي..." (صفحو 476)

"...ساڳي ريت، گذريل ڏهاڪي دوران آسٽريا ۽ جرمنيءَ کي هڪ ڪرڻ جهڙا مثال موجود آهن، جڏهن هٽلر دعوا ڪئي تہ آسٽريا ۽ جرمنيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ سائين! اُن مهل اسان هٽلر ۽ گوئبلز جا انيڪ واعظ ٻڌا تہ آسٽريا ۽ جرمنيءَ جا ماڻهو ساڳيا آهن ۽ اهي جاگرافيائي طور پڻ هڪ آهن. جرمنيءَ آسٽريا کي قبائڻ ٿي چاهيو. پر نتيجو ڇا نڪتو. اسان ٻيهر ڏٺو تہ تاريخ پنهنجو پاڻ کي ورجايو. سائين! چيڪو سلواڪيا جو پڻ مثال سامهون آهي. سائين! ان ڪري هو منهنجو مطلب آهي تہ اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو جيڪو چاهين ڪري سگهن ٿا. هو نسلن کي لڏائي سگهن ٿا، ٻولين کي ختم ڪري سگهن ٿا، جاگرافيءَ کي بہ ختم ڪري سگهن ٿا، ۽ پنهنجي قومن جي حق ۾ اوهين پل ڪجهہ نہ چئو اوهان کي خاطري ٿو ڪريان تہ اوهين ماڻهن جي روايتن کي تہ ختم ڪري سگهو ٿا پر سندن اُڏمن کي قتل نٿا ڪري سگهو جيڪي نسل پويان نسل هلندا ٿا رهن..." (صفحو 476)

"...سائين! امير اعظم خان ڄاڻايو آهي تہ مختلف صوبائي حدبنديون ختم ڪرڻ سان ملڪ ۾ خوشحالي ايندي، اِها انتهائي عجيب ڳالهہ آهي. ائين ٿو لڳي تہ ايگزيڪيوٽو سربراهہ طرفان حڪم جاري ٿيندي ئي حدون ختم ٿي وينديون ۽ ڇڻ تہ ڪا سنڌ، ڪو سرحد صوبو ڪو پنجاب نہ هوندا.

منهنجي اڪابر دوست دولتانا چيو آهي تہ پنجاب کي دنيا جي نقشي تان ميساريو ويندو. پنجاب جو وجود ئي نہ هوندو. يقيني طور تي، بلوچ، سنڌي ۽ پٺاڻ تہ هوندا پر پنجابي نہ هوندا. سائين! مون کي پڪ آهي تہ اوهين مون سان سهمت ٿيندا تہ پنجاب جو تہ ڪو وجود نہ هوندو پر ان جي جاءِ تي عظيم تر پنجاب ضرور هوندو.

"سائين! دولتانا پنجاب طرفان قرباني ڏيڻ بابت ڪيترين ئي ڳالهيون ڪيون آهن. هن پنجاب جي ڪشادي دليءَ جو ذڪر ڪيو آهي تہ هو نمائندگيءَ جي حوالي سان ڪيترين ئي سيٽون وڃائي رهيا آهن، هو ڪيترائي لاڀ وڃائي رهيا آهن. هو پنهنجون زرخيز زمينون ٻين صوبن جي بي زمين هارين کي ڏيندا. ٻين صوبن جا غريب پنجاب جي ڪيترن ئي صدين دوران حاصل ڪيل ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا. هو سڀ ڪجھہ حاصل ڪندا. گورنر جنرل ۽ وزيراعظم جا عهدا حاصل ڪرڻ مهل ڪشادي دليءَ جي ڳالھہ ڀلي لڳندي آهي. ون يونٽ منصوبي ۾ اوهين ڪجھہ وڏا عهدا پڻ ماڻيندا. پر ان هوندي بہ ماڻهن کي پنهنجي ڪشادي دلي ڏيکاري رهيا آهيو. ڇا اِها اوهان جي ڪشادي دلي آهي؟انتظامي ڍانچي ۾ پڻ ڪجھہ اعليٰ عهدا انهن کي ڏنا ويندا، جيڪي پنجابي ناهن، پر هو چوندا" انتي اُرها نہ ٿيو." دولتانا چوي ٿو تہ اسين جو آهيون تہ انتي آرها ڇو ٿا ٿيو تہ اسان گورنر جنرل جو عهدو ڦباڻي ورتو آهي، اسان وزيراعظم جو عهدو ماڻي ورتو آهي، اولھہ پاڪستان جي گورنري حاصل ڪئي اٿئون. سائين! اوهين ڇا ٿا سمجھو تہ اِها سندن ڪشادي دلي آهي؟ ماڻهن کي انهيءَ وسيع تر ڪشادي دليءَ جو مُلھہ سمجھڻ ڏيو. ٻي صورت، سائين! آءُ دولتانا جي ڪشادي دلي سمجھڻ کان قاصر آهيان. اِهو ئي سبب آهي جو ماڻهو اهڙي ڪشادي دليءَ جو قدر ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن.

"يوسف عبدالله هارون: هو پنجابي ناهي."

"حسين شهيد سهروردي: (اوڀر بنگال ـ مسلم): هو پٺاڻ آهي.

"... انهيءَ دليل جو بڻ بڻياد اِهو آهي تہ تمام گهڻن اسيمبلي ميمبرن ون يونٽ جي حمايت ڪندڙ ٺهراءُ بحال ڪيا آهن ۽ ان ريت اولھہ پاڪستان جو عوام انهيءَ بل جو حمايتي آهي..."(صفحو 480)

"...عبداللطيف سيواس: سهرورديءَ اِهو دليل قبوليو آهي.

"اي ايچ دلدار احمد: سائين! انهيءَ دليل کي رد ڏيڻ واسطي آءٌ چوندس تہ ڇا صوبائي اسيمبلي ميمبرن کي اهڙو ڪو ٺهراءُ بحال ڪرڻ جو اختيار بہ هو. سندن اختيار ۾ مراعتون گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع تحت آهن. هو ان کان اڳتي نٿا وڃي سگهن. آءٌ سندن نمائنده ڪردار تي آگر نٿو کڻان، ڇاڪاڻ جو ان بابت گهڻو ڪجهہ ڳالهايو ويو آهي، پر آءٌ چئي سگهان ٿو تہ ڪين ان قسم جو ٺهراءُ بحال ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي.

"هڪ معزز ميمبر: اِهو مناسب فورم آهي.

"اي ايچ دلدار احمد: سائين! اسين آئين ٺاهڻ لاءِ هن ايوان واسطي چوندجي آيا آهيون. پر سائين! آءٌ اِهو چوندس تہ ان جي بنهہ اُبتڙ ڳالهائي رهيا آهيون.اوهين هڪ خودمختيار ادارو آهيو پر اِها خودمختياري آئين تيار ڪرڻ بابت آهي. اسان کي گهڻين ۾ هلڻ جي آزادي آهي پر ان جو مطلب اِهو قطعي ناهي تہ گهٽيءَ ۾ هلندڙ ڪنهن بئي شخص کي ڌڪ هڻي ڪڍون. اسين خودمختيار آهيون. پر انهيءَ خودمختياريءَ جي آڌار تي اسين پاڪستان کي وڪرو نٿا ڪري سگهون ۽ عوام ڪڏهن بہ ان کي قبول نہ ڪندو. سائين ! آءٌ اِهو چوندس تہ انهن صوبائي قانون ساز ادارن کي اهڙو ڪو ٺهراءُ بحال ڪرڻ جو قطعي طور تي ڪو اختيار ناهي. اِهي غير قانوني آهن. ماڻهن ان حوالي سان ڪين ڪو بہ مينڊيٽ نہ ڏنو آهي. قانون سازيءَ وارو ڪم ڪرڻ جي نالي تي هنن پنهنجي حدن کي اورانگهيو آهي ۽ مرڪزي حڪومت جي ڇُرچ تي هنن ان انداز ۾ اِهو ٺهراءُ بحال ڪيو آهي جو ان دوران ڪيترن ئي وڏن وزيرن کي برطرف ڪيو ويو . سائين! اِهو سامهون آڻڻ اجايو نہ ٿيندو تہ ڪين ماڻهن ان قسم جو موقف بيان ڪرڻ واسطي ڪو مينڊيٽ نہ ڏنو آهي ۽ انڪري اِهو چوڻ درست نہ ٿيندو تہ ماڻهو اِهو ڪجهہ چاهين ٿا. بهرحال، جيڪڏهن اسين اِهو بہ ليکيون تہ اِها ماڻهن جي مرضي آهي تڏهن بہ انتي جيئن جو تيئن عمل نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ 1946ع ۾ اتر اولهہ سرحدي صوبي جي اسيمبلي ميمبرن جو موقف بہ مڃيو وڃي ها. ان صورت ۾ ڇا ٿئي ها جيڪڏهن اُن وقت اسيمبلي ميمبرن جي موقف کي عوامي موقف ليکيو

وجي ها؟ تہ پوءِ اُن وقت ريفرينڊم جي ڪھڙي ضرورت هئي؟ جيڪڏهن اسين ان وقت اسيمبليءَ جي موقف کي تسليم ڪريون ها تہ پوءِ اِهو اڄ پاڪستان جي حصي طور نہ هجي ها ۽ اِهو ڪجھ ٻيو هجي ها.

"هڪ معزز ميمبر: اهو مڪمل طور تي ڏار مامرو هو."

"اي ايڇ دلدار احمد: ۽ هيءُ بہ بنھہ مختلف مامرو آهي. توهين مختلف صوبن کي ون يونٽ ۾ ضم ڪري رهيا آهيو. جڏهن پاڪستان جو ٺهراءُ تيار ڪيو ويو هو تہ اِهو سڄي ملڪ لاءِ هو ۽ اهو اسان جي عظيم اڳواڻن انتهائي ڳوڙهائيپ واري سوچ ويچار کانپوءِ سڪون سان تيار ڪيو هو. منهنجي چوڻ جو اِهو مطلب ناهي تہ ڪين پاڪستان ٺاهڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن معاملي جو ادراڪ نہ هو پر هاڻوڪا حڪمران ٿا چون تہ فقط هو ئي ڏاها آهن ۽ باقين جو ڪو آدرش ناهي. پاڪستان جي قيام پويان يقيني طور تي ڪجھ نظريو ۽ فلسفو بہ هو. پنهنجي دوستن کي انتهائي نِوڙت سان ياد ڏياريندس تہ قائداعظم سميت هندستاني مسلمانن جي ٻين عظيم اڳواڻن اِهو ٺهراءُ انتهائي اورچائيپ سان تيار ڪيو هو نہ ڪي تڙ تڪڙ ۾. اِهو هن بل وانگر نہ هو جو هڪ ڏينهن نند مان اٿندي ماڻهن پاڪستان جو تصور ماڻيو. قائداعظم پاڪستان جو تصور تڙتڪڙ ۾ متعارف نہ ڪرايو. انڊو۔ پاڪ جا ماڻهو سندس پويان هئا. ماڻهن ان جي گهُر ڪئي ۽ ان گهُر جي آڌار تي پاڪستان قائم ڪيو ويو. ان جو پنهنجو نظريو ۽ فلسفو هو. جيڪڏهن ٻئي سياسي ويڙل منهنجا دوست سمجهن ٿا تہ هنن اِهو هٺ ڪيو آهي تہ آءٌ بہ سڄي ملڪ وانگر ساڻن اختلاف ڪندس. سائين! اِهو سدائين ليکي نٿو سگهجي تہ ڪنهن ايوان طرفان بحال ڪيل ٺهراءُ درست بہ هجي.

"اسپيڪر: اِهو مونکي خدشو آهي تہ ورجاءُ ٿيندو."

"اي ايڇ دلدار احمد: سائين! هاڻ آءٌ راشدي صاحب جي تقرير جا ڪجھ ٽڪرا پڙهندس، جيڪو بدقسمتيءَ سان ايوان ۾ موجود ناهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ ٺهراءُ دوران هُن هيءُ ڪجھ چيو."

"صفحي 488 تي معزز اسپيڪر جي حڪم تحت خارج ڪيل."

"اِها آهي سندس ڪيل تقرير. هاڻ هو مواصلات جو وزير آهي ۽ هر ڪو سهمت ٿيندو تہ هُن سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ ۾ پنهنجي دوستن سان

رابطي جو اِهو پلوڙ حصو انتهائي اثرائتي انداز ۾ سليو آهي ۽ انهيءَ پلي اظهار جي عيوض کيس مرڪزي مواصلاتي وزير بڻايو ويو آهي ۽ آءٌ کيس سندس انهيءَ ترقيءَ تي کيس مبارڪباد ٿو ڏيان. سندس تقرير مان ڪجهه وڏيڪ ٽڪرا ٿو پيش ڪريان.

"صفحي نمبر 488 تي معزز اسپيڪر جي حڪم تحت خارج ڪيل."

اِهو آهي جيڪو هُن چيو. هُن اِهو انتهائي طاقتور مرڪزي حڪومت بابت ڪيو. سائين ! آءٌ وڏيڪ ٿو پڙهان!

"صفحي نمبر 488 معزز اسپيڪر جي حڪم تي خارج ڪيل."

"يقيناً هو هڪ شاندار ٽوپ ٿو پهري نہ ڪي پٽڪو. پر سندس وڃڻ بدران هو پنهنجي چمڪندڙ ٽوپ سان اڳتي وڌيو ۽ کيس مواصلات جي وزير واري عهدي تي فائز ڪيو ويو. سنڌ اسيمبليءَ جي بين ميمبرن کي پنهنجن پٽڪن ڇنڻ جي زحمت کان بچايو ويو. آءٌ کهڙي جي انداز جو ذڪر ڪندس، شايد اُن وقت هو منظر تي نہ هو. بهر حال، اهو آهي طريقو جنهن سان اوهان راءِ عامہ حاصل ڪئي آهي ۽ ان بابت اجان تائين دعوا ٿا ڪريو تہ اِهو پسنديده موقف آهي ۽ اِها بہ دعوا ٿا ڪريو تہ عوامي عيوضين سان صلاح مشورو ڪيو ويو آهي.

"سائين! اوپر بنگال ۾ پوين عام چونڊن دوران اڳوڻي وزيراعظم سميت هِن پاسي وارا هوڏانهن ويا. ايستائين! جو اسان جو دوست خان جلال دين بہ ويو ۽ بنگال ۾ شاندار تقريرون ڪيائين. ڪراچي بندر تي لهندڙ ماڻهن سان سرزمين تي ڳالهائڻ کان پوءِ چيائون، "اسان جيڪي ڪجهہ اوپر بنگال جي سرزمين تي ڏٺو آهي ان جي آڌار تي چئي سگهون ٿا تہ سڄو اوپر بنگال مسلم ليگ سان آهي. اسان سڄي صورتحال جو جائزو ورتو آهي. اوپر بنگال جا رهواسي اسان سان گڏ آهن." ايستائين جو اسان جو اڳوڻو وزيراعظم بہ جڏهن هتي آيو تہ چيائين، تہ جيڪي ڪجهہ هُن ڏٺو آهي، تنهن مان شاندار پوزيشن جو ڪاٿو لڳي ٿو ۽ ماڻهو مسلم ليگ کي ووٽ پيا ڏين. کين مليو ڇا؟ کين "گلو"(ڏنڊو) مليو. سردار امير اعظم خان چاهي ٿو تہ اسين مسلم ليگي اڳواڻن تي اعتماد ڪريون، ڇاڪاڻ جو هو معزز آهن ۽ سندن ڪيل عملن کي درست ليکيون. چونڊن کانپوءِ ڇا ٿيو؟ هنن جمهوريت بابت گهڻو ڪجهہ چيو ۽ جيئن ئي جمهوريت سندن خلاف ٿي،

هنن ڪنٽرول هيٺ جمهوريت ۽ منفي ووٽن جي ڳالھ ڪرڻ شروع ڪئي.
اسان اِهو پروڙيو آهي. اوهان جي ڪاتن ۾ اِهو ڪجھ ئي آهي. آخرڪار ڇا
ٽيوسيڪشن 92 اي! اِهو آهي اوهان جو مقبول راءِ عامہ سان وهنوارا اوپر
بنگال جا 97 سيڪڙو ماڻهو هڪ ڳالھ تا سوچين ۽ واڳ ڏٽي ان جي ابتڙ
اِهو آهي طريقو جنهن ذريعي اوهين راءِ عامہ حاصل ٿا ڪريو. ڏنڊو هٿ ۾
کڻي ٿا چئو تہ "اسين جيڪي ڪجھ چئي رهيا آهيون سو درست آهي."

"اِهو چيو ويو آهي تہ اِهي ننڍا صوبائي آهن. جيڪي صوبائيت ۽
نسل پرستيءَ کي جنم ٿا ڏين. اِها ڪا نئين ڳالھ ناهي ۽ معزز ميمبرن
طرفان گهٽو ڪجھ چيو ويو آهي. اِهو چيو ويو آهي تہ صوبائيت برطانوي
راڄ جي پيدا ڪيل آهي. سائين! اِها تاريخ سان ناانصافي ٿيندي، جوان کي
برطانوي راڄ جي تخليق سڏبو. منهنجي معزز دوست يوسف هارون جو
ناميارو والد مرحوم سر عبدالله هارون سنڌ جي ڌار صوبي طور وجود لاءِ اولين
وڙهندڙن ۾ شامل هو. جيڪو والد ڪيو، تنهن کي پٽ ختم ڪري رهيو
آهي. جيڪو والد ڪمايو سو پٽ وڃائي رهيو آهي. ان جي ساک برطانوي
سامراج کي نہ پر سر عبدالله هارون ۽ سنڌ واسين کي ڏيڻ گهرجي جن
جمهوريت لاءِ پتوڙيندي پنهنجي لاءِ ڌار صوبي جي جدوجهد ڪئي، جنهن
تي پاڻ راڄ ڪري سگهن."

"اِها ڪنهن بہ ريت برطانوي سامراج جي حڪومت جي تخليق نہ
هئي. ان گهُر کي قائداعظم ۽ سر عبدالله هارون سميت سنڌ جي سمورن اهم
اڳواڻن جي پٺڀرائي حاصل هئي ۽ هنن ئي سنڌ صوبي حاصل ڪرڻ واسطي
ويڙھ ڪئي."

"سائين! ان ڏس ۾ اوهان جو ڌيان هڪ ٻئي قدم طرف ڇڪرائڻ
چاهيندس. برطانوي سامراجي دور ۾ بنگال جو صوبو اوپر بنگال، اولھ
بنگال، آسام، اڙيسا، بهار ۽ يوپيءَ جي ڪجھ حصن تي ٻڌل هو. اِهو
محسوس ڪيو ويو تہ انتظامي سبب ڪري اِهو هلائي نٿو سگهجي ۽ نام
نهاد سامراجي يا انگريز انتظامي حوالي سان ان کان وڏيڪ پڙ هئا. جيترو
اسين پنهنجي متعلق دعويدار آهيون. اسين اِهو نٿا چئي سگهون تہ سمورا
انگريز بيوقوف هئا ۽ هُنن اهڙيون شيون تخليق ڪيون. جن مونجهارا پيدا
ڪيا يا هنن اهڙيون شيون ڪيون جيڪي ملڪ جي انتظامي استحڪام

لاءِ هاچيڪار هيون. هنن انتظامي ڏکيائون پيدا ٿيڻ تي انهن صوبن کي هڪ ٻئي پويان ڊار ڪيو. سائين! سنڌ جو ننڍو صوبو هڪ ڌار وجود طور رهڻ لاءِ ڪافي آهي. آءٌ فقط سنڌ جي ڳالهه ٿو ڪريان. سنڌ کي دنيا جي ڪيترن ئي آزاد ملڪن سان پيٽي پيو سگهجي. هُن پاسي وارن منهنجي دوستن آمريڪا جو مثال ڏنو آهي. آءٌ ڪولمبيا رياست جو مثال ڏيڻ چاهيندس. ڪولمبيا رياست جي ايراضي ڪيتري آهي؟ اِها فقط 62 چورس ميل آهي. آءٌ سردارِ اعظم جو ڌيان اوڏانهن ڇڪرائڻ گهران ٿو جو هُن آمريڪا جو مثال ڏنو آهي. 62 چورس ميل هوندي بہ اِها هڪ ڌار رياست آهي. ڇا توهين اِهو چوڻ چاهيندؤ تہ آمريڪا واسي بيوقوف آهن، جو 62 چورس ميلن جي ايراضيءَ کي هڪ ڌار رياست طور برقرار رکيو اٿن؟ ڇا اِهو عمل حڪومت جي استحڪام يا اجائين رياست جي استحڪام جي خلاف آهي؟ اِهو مامرو ناهي. انڪانسواءِ ٿي لک چورس ميلن تي ٻڌل ٽيڪساس جو صوبو آهي، جيڪو فقط 62 چورس ميلن واري ڪولمبيا سان لڳولڳ ئي آهي. ان ڪري اوهان کي ياد رکڻ گهرجي تہ سياسي مقصدن ۽ انتظامي ضابطن لاءِ آمريڪين پنهنجون ننڍيون رياستون ختم نہ ڪيون آهن. هنن انهن کي ون يونٽ نہ بڻايو آهي. هاڻ اوهان کي اِهو ٻڌائڻ گهرندس، تہ جيڪڏهن اوهين ماڻهن کي ڪنهن اهڙي ڳالهہ تي راضي ٿا ڪريو جيڪا چڱي آهي، پر آءٌ اِهو چوان تہ شئي چڱي آهي تہ پوءِ دتا صاحب چوندو "واهہ! واهہ! هو ون يونٽ جي حق ۾ پيو ڳالهائي" پر آءٌ اِهو نہ پيو ڪريان. اِهو فقط دليل واسطي آهي تہ آءٌ تصور ٿو ڪريان تہ اِهو چڱو ٿي سگهي ٿو سو جيڪڏهن اوهين سمجهو ٿا تہ اِها انتهائي ڀلي شئي آهي پر ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺڻ کان سواءِ مٿن زور بار ٿا ڪريو تہ پوءِ سائين منهنجا! ماڻهو ان کي قبول نہ ڪندا پر ان جي خلاف بغاوت ڪندا. آءٌ معزز محرڪ ۽ هُن پاسي ويٺل پنهنجي معزز دوستن جو ڌيان آمريڪي آزاديءَ واري مثال ڏانهن ڇڪرائڻ چاهيندس. آمريڪي ساڳيا ماڻهو هئا، ساڳي انگريزي ڳالهائيندڙ نسل سان واسطو رکندڙ ۽ هو ساڳي ملڪ مان بيٺڪيتي فردن طور آيا هئا ۽ سندن ماتر ٻومي پڻ ساڳي ئي هئي.

"ميان عبدالباري: ساڳيو ملڪ نہ پر سندن تعلق سڄي يورپ سان هو.

"**اي ايچ دلدار احمد:** آءُ پنهنجي تقرير ۾ ڪو رخنو نٿو چاهيان. ماتر يومي ساڳي هئي، ٻولي ساڳي هئي.

"**ميان عبدالباري :** تو کي قرآن پسند ناهي (اردو جملي جو انگريزي ترجمو)

"**هڪ معزز ميمبر:** مهرباني ڪري رخنو نہ وجهو.

"**اي ايچ دلدار احمد:** سائين! اوهان کي پتو آهي تہ اِها آمريڪا جي آزاديءَ واري جنگ ڪيئن شروع ٿي. ان جو بڻ بنياد فقط ڪجهہ آنا ٽئڪس مڙهڻ هو ۽ نتيجي طور انگريز سامراج پنهنجي سلطنت وڃائي ويٺا. هُنن برڪي جي تقريرن تي ڌيان نہ ڏريو. هُنن تن ڏينهن ۾ مخالف ڌر جي تقريرن تي نہ ويچاريو. جيڪڏهن هو انهن تي ويچارين ها تہ شايد پنهنجي سلطنت نہ وڃائين ها. ان ڪري جيڪڏهن ماڻهن تي دٻاءُ وجهندا ۽ ڪين اعتماد ۾ وٺڻ کان سواءِ پاڻ سان گڏ ڪندا تہ پوءِ مون کي يقين آهي تہ اُهو مقصد حاصل نہ ٿيندو جنهن تحت هن ايوان آڏو اِهو پيش ڪيو ويو آهي. توهين ڏنڊي جي زور تي ماڻهن کي اعتماد ۾ نٿا وٺي سگهو. پنهنجي ڏاهپ پري تقرير ۾ دولتانا اِهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي برقرار رهندا، بلوچ برقرار رهندا، پٺاڻ برقرار رهندا فقط پنجابي ئي نہ رهندا، اها هُن لاءِ معمولي شئي آهي. اهو پنجابين واسطي مٿن راڄ ڪرڻ لاءِ اقتدار جي ڪجهہ اعليٰ سطحي عهدن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو گهري اها سولي ۽ معمولي شئي آهي . هو چاهين ڇا ٿا؟ هو انهن ماڻهن تي راڄ ڪرڻ ٿا چاهين ۽ سندن وجود برقرا رهندو جڏهن تہ پنجابين جو وجود نہ رهندو. پٺاڻ ۽ بلوچ وجود برقرار رکندا ۽ پنجابين جو وجود برقرار نہ رهندو پر هو سڄي علائقي تي راڄ ضرور ڪندا. بنا ڪنهن شڪ جي اِهو ئي سندن منصوبو ٿو لڳي، پر اِهو ڪرڻ لاءِ ڪين ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺڻ گهرجي. اُهو ڪجهہ قبول ڪرائڻ لاءِ زور نہ ڀريو جيڪي هو نٿا چاهين، پوءِ ڀل اوهان جي خيال ۾ ان ۾ سندن ڀلو ٿيندو. ڪجهہ پمفليٽ جاري ڪرڻ ۽ ريڊيو ذريعي پروپيگنڊا ڪرڻ ڪافي نہ ٿيندو. سرڪاري ڌر جا ميمبر ماڻهن تائين نہ ويا آهن ۽ نہ ئي جلسا ڪيا اٿن. ڪين عوام وٽ وڃڻ ڏيو ۽ پنهنجي منصوبي بابت ٻڌائڻ ڏيو ۽ پوءِ جيڪڏهن ماڻهو ان کي پنهنجي لاءِ نيڪ سمجهن ٿا

تہ پوءِ ان کي اڳتي وڌائڻ جي پر اها گهُر ماڻهن وٽان اچڻ گهرجي. هن مهلِ اهو ٿو لڳي تہ اِها گهُر مٿان پئي اچي، جڏهن تہ ان کي هيٺان کان اچڻ گهرجي. جيستائين ان طريقيڪار کي تبديل نٿو ڪيو وڃي، مون کي نظر ٿو اچي تہ زور زبردستيءَ وارو ڪو بہ قدم ماڻهن کي مطمئن نہ ڪري سگهندو. جيڪو هتي ويٺل همراهن اختيار ڪيو آهي.

"اسپيڪر: مون کي خدشو آهي تہ معزز ميمبر ورجاءُ ڪري رهيو آهي.

"اي ايڇ دلدار احمد: آءٌ ورجاءُ نہ پيو ڪريان. انتهائي نِوڙت سان چوندس، سائين ! تہ ون يونٽ خلاف ڳالهائڻ هتي قبولڻ جوڳو نہ پيو لڳي. انهيءَ بل خلاف ڳالهائڻ جڻ تہ ڪو ڏوهہ هجي.

"اسپيڪر: ورجاءُ نہ ڪريو.

"اي ايڇ دلدار احمد: اِهو ورجاءُ ناهي سائين! درحقيقت نظر اِهو ٿو اچي تہ انهيءَ بل جو محرڪ ۽ اقتدار واري پارٽي ماڻهن کي فقط طاقت جي زور تي پاڻ سان ڪرڻ گهري ٿي، پر جيڪڏهن هنن اِهو ڪرڻ چاهيو تہ هو ان جي بلڪل اُبتڙ نتيجا ماڻيندا. جيڪي هو چاهين ٿا. ماڻهن کي هيسائڻ ۽ زور ضبردستيءَ جو نشانو بڻائڻ ڏوهہ آهي. اِهو جمهوريت جي مڃيل اصولن خلاف آهي. اِهو اسلام جي مڃيل اصولن جي خلاف آهي، اِهو آزاديءَ خلاف ڏوهہ آهي، اِهو انسانيت خلاف ڏوهہ آهي، اِهو خدا جي خلاف ڏوهہ آهي..... (صفحو 485)

"... ڪين سوچڻ ڏيو ڪين مامري کي ولوڙڻ ڏيو ڪين ماڻهن وچ ۾ ڏڦيڙ پيدا نہ ڪرڻ گهرجي، ڪين پاڪستان جو بنياد تباهہ ڪرڻ نہ گهرجي، ڪين صوبا ختم ڪرڻ نہ گهرجن. جن کي لاهور ٺهراءُ ۾ ضمانت ڏني وئي هئي تہ يونٽن کي خومختيار حق حاصل هوندا ۽ انهن جي مڪمل آزاديءَ کي مان ڏنو ويندو. انهيءَ خاطريءَ تي ماڻهن حمايت ڪئي ۽ پاڪستان قائم ٿيو. اسان کي پاڪستان جي انهن بنيادي اصولن کان پرپرو نہ ٿيڻ گهرجي، جيڪي اُن وقت اختيار ڪيا ويا هئا. پاڪستان تخليق ڪندڙ اصولن کي تاراج نہ ڪرڻ گهرجي...(صفحو 486)

"سردار عبدالرشيد خان : ٺيڪ

"سو سائين! جيستائين مونکي ياد ٿو پوي تہ 14 ۽ 15 تاريخ تي اِهو بحث مباحثو ٿيو ۽ آخر ۾ جڏهن چوڌري محمد علي کان پڇيم تہ ڇا آءٌ بحث جو موضوع يادداشت نامي جي صورت ۾ آڻي تصديق لاءِ کيس اُماڻيان. ڇاڪاڻ جو وڃڻ کان اڳ مون وٽ ڪا شئي لکت ۾ هجي تہ وراڻيائين تہ مون کي فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي. هُن چيو "آءٌ توکي هڪ نوٽ ڏيندس، تہ جيڪو پوءِ مون کي اُماڻيو ويو ۽ اڃان تائين مون وٽ آهي(اهو ماسٽر پلان هو)...(صفحو 492)

"اي ايڇ دلدار احمد (اوڀر بنگال۔ مسلم):

سائين! هڪ ذاتي وضاحت جي نڪتي تي آهيان. ڪالهہ تقرير دوران سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ ۾ محترم پير راشديءَ جي مبينا طور تي ڪيل تقريرن مان ڪي حوالا ڏنم. ٻين سان گڏوگڏ ڪهڙو ۽ پير راشدي پڻ ذاتي وضاحت جي نڪتي تي اُٿي بيٺا تہ سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارروائيءَ ۾ اهڙي ڪا شئي ناهي. سائين! مون زور ڏنو تہ اِهو ڪجهہ سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارروائيءَ ۾ شامل هو ۽ ان ڪري آءٌ سرڪاري طور تي رپورٽ ڪيل سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي بحث جي صفحن 55، 56، ۽ 57 جو حوالو ڏيندس. اِهو بحث 11 ڊسمبر 1954ع تي ٿيو ۽ ان ۾ اُهو جيئن جو تيئن شامل آهي، جيڪي مون ڄاڻايو هو.

"هڪ معزز ميمبر: ڪهڙي تاريخ؟ 11 ڊسمبر 1954ع؟

"اي ايڇ دلدار احمد: 11 ڊسمبر 1954. (مداخلت)

"اي ايڇ دلدار احمد: خاموش رهو اسين اوهان کي حوالو ڏينداسين.

"اسپيڪر: مهرباني ڪري پاڻ ۾ نہ ڳالهايو خاموش رهو اسپيڪر کي چوڻ گهرجي نہ ڪي ٻئي ڪنهن معزز ميمبر کي.

"شيخ مجيب الرحمان (اوڀر بنگال: مسلم): هو بہ اسان کي اِهو ئي ڪجهہ چوندا آهن.

"اسپيڪر: آءٌ ٻنهي ڌرين کي درخواست ڪندس تہ هڪ ٻئي جي ڳالهين ۾ مداخلت نہ ڪن.

"**اي ايچ دلدار احمد:** سنڌ ۽ ٻيا صوبا مرڪز سان مهاڏو اٽڪائڻ جيترا سگهارا ناهن. جيڪڏهن مرڪزي حڪومت اسان کي سنڌ ۾ اسان جون زمينون ڇڏڻ لاءِ چوي ها تہ اسين انهن تان هٿ کڻي وڃون ها.

"**يوسف هارون (ڪراچي):** آءٌ ٻيهر پڙهندس پر پهرين اوهان کي اِهو ٻڌايان تہ مون ايوان ۾ ڇا چيو هو.

"**اسپيڪر:** مهرباني ڪري فقط صفحن جو حوالو ڏيو.

"**اي ايچ دلدار احمد:** اِهو اسم نمبر 54 تاريخ 11 ڊسمبر 1954ع سنڌ قانون ساز اسيمبلي بحث جي صفحي نمبر 55، 56، ۽ 57 تي آهي، جيڪو سنڌ گورنمينٽ پريس ڪراچي 1955ع ۾ شايع ڪيو.

"**اسپيڪر:** مهرباني ڪري پنهنجي سيٽ والاريو.

"**اي ايچ دلدار احمد:** اوهان جي اجازت سان ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائڻ چاهيان ٿو.

"**اسپيڪر:** معزز ميمبر سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارروائيءَ جو حوالو ڏنو آهي ۽ جيئن تہ محترم راشدي موجود ناهي...

"**اسپيڪر:** مهرباني ڪري پنهنجي سيٽ والاريو. اسپيڪر ڳالهائي پيو ڪارروائي جو جائزو وٺڻ ۽ ان نڪتي بابت پير علي محمد راشديءَ کي ٻڌڻ کان پوءِ معزز ميمبرن کي ٻڌائيندس تہ ايوان جي ڪالهوڪي ڪارروائي جو ڇا ٿو ڪري سگهجي.

"**ظهيرالدين (اوڀر بنگال: مسلم):**

هڪ نڪتو واضح ڪرڻ گهرجي. سائين! ڪالهہ هتي هڪ ڇاٽي واٽي سازش سٽي وئي. محترم راشديءَ جي تقريرن جو حوالو ڏيندڙ مقرر زور ڀري رهيو هو تہ هو سنڌ اسيمبليءَ جي رپورٽن مان حوالو ڏئي رهيو آهي ۽ هُنن صاحبلوڪن وٽ دنيا ۾ هن ايوان جي اڪين ۾ ڪنن آڏو اِهو ڪجهہ چوڻ جي صلاحيت آهي جيڪو بنهہ ڪوڙ آهي. يوسف هارون چيو تہ اِهو ڪوڙ هو ۽ اسين ڪوڙ ڳالهائي رهيا هئاسين. اسان سرڪاري رپورٽ جي ڪاپي آندي آهي ۽ هُنن صاحبلوڪن کي هٿ کڻڻ ۽ ايوان ۾ معذرت ڪرڻ لاءِ چيو وڃي.

"هڪ ٻي ڳالهه، ڪالهه سٽيل سازش سبب اسين انتهائي صدمي ۾ ورتل آهيون. آءٌ هڪدم اسيمبلي لائبريريءَ ۾ ويس ۽ منهنجو دوست سرڪاري رپورٽ جي ڪاپي حاصل ڪرڻ لاءِ لائبريري ڏانهن ڀڳو. اسان کهڙي کي ڪاپي اسان حوالي ڪرڻ لاءِ چيو جيڪا هُن ايوان ۾ اُلاري هئي. هُن چيو تہ هُن اِها ڪنهن کي ڏني آهي ۽ رات جو ان جي ڪاپي اُسان کي اُماڻڻ جو وعدو ڪيائين پر اِهو وعدو پورو نہ ڪيائين. اسين رپورٽ ٽا ڪريون، تہ جن ماڻهن وٽ ان جي ڪاپي هئي، سي انتهائي ڊنل هئا. جو هنن پنهنجي سرڪاري رپورٽ واري ڪاپي اسان کي نہ ڏيکاري بس رڳو هڪ صاحبلوڪ. رب ڪان ڊچندڙ صاحبلوڪ اسان کي ڪاپي ڏني ۽ اڄ اِها ڪاپي پيش ڪئي اٿئون. سائين! دلدار احمد جو هن ايوان ۾ چيل هر لفظ انهيءَ سرڪاري رپورٽ ۾ شامل آهي پر ان هوندي بہ هو اِهو چوڻ جو ست ساري رهيا آهن تہ دلدار احمد ڪوڙ پيو ڳالهائي. اڄ ڪين هر صورت ۾ ايوان آڏو معافي گهرڻ گهرجي، هُنن اسپيڪر کي گمراهہ ڪيو آهي، هنن عوام ۽ دنيا آڏو هن ايوان جو مان گهٽايو آهي. توهان کي گمراهہ ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ اوهان اِها ڪارروائي خارج ڪرڻ لاءِ چيو. اِها اسپيڪر جي عهدي جي توهين آهي، اِها ايوان جي توهين آهي ۽ سائين! اوهان جو ماڻهن ۽ دنيا جي نظرن ۾ غلط تاثر قائم ڪيو ويو... (صفحو 494)

"سردار عبدالرشيد خان:

اسان جي ماڻهن جي ذهنن ۾ خدشا جنم وٺي رهيا آهن ۽ هُنن سوچيو تہ هڪ عظيم تر پنجاب تخليق ڪيو پيو وڃي. ڪجهہ ماڻهن چيو تہ ننڍين صوبن کي پنجاب وٽ وڪرو ڪيو ويو آهي ۽ ٻين جي راءِ مختلف هئي. اهڙا افواهہ پکيڙيا ويا ۽ انتهائي بدقسمتيءَ سان انهن کي ڪجهہ سرڪاري عملدارن ۽ پنجاب جي ڪجهہ سياستدانن جي ڳالهين ذريعي هٿي ڏني وئي.(صفحو504)

"ان بابت اِهو سامهون ايندو رهيو تہ ون يونٽ ۾ پنجابي راڄ نہ هوندو تہ پنجاب جي ننڍين صوبن تي ڪا هڪ هٿي نہ هوندي.

"پر سائين! آءٌ اِهو عرض ڪندس تہ ون يونٽ منصوبي بابت ۽ ان جي رٿابندي ۽ اطلاق بابت هڪ ڏکهو قصو آهي. ان واسطي هڪ مهم منظور ڪئي وئي ۽ مون کي ان جو پتو آهي، جو مون وٽ اهڙا دستاويز آهن، جن ۾ انهيءَ مهم جا تفصيل ڇاٽايل آهن. انهن ڪاغذن ۾ گذريل نومبر ٽيندڙ مامرن جو واضح نقشو ڏنل آهي، ڪنهن ريت اِهي منهنجي هٿ چڙهي ويا آهن.

"حسين شهيد سهروردي: ڪيس دستاويز ڇاٽايل مامري جو حوالو ڏيڻ گهرجي.

"سردار عبدالرشيد خان: اهو انتهائي ڏکهو نوٽ آهي ۽ منهنجي خيال ۾ انتهائي دلچسپ دستاويز پڻ . جنهن بابت هر ڪنهن کي ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪجهہ دماغ ڪهڙي ريت ڪم ڪري رهيا آهن. انهن ۾ ڪيترين ئي شين ڪانپوءِ صاحبلوڪ پنجاب جي ڪردار بابت پڻ ڪجهہ ڳالهائي ٿو.

پنجاب جي ڪردار بابت هڪ حتمي ڳالهہ هن مهل پنجاب اندر اسان کي هر صورت ۾ خاموشي اختيار ڪرڻ گهرجي. اسان جي دوستن جي پوڪپائي تي نظر رکڻ گهرجي."

"مون کي پتو ناهي تہ اِهي دوست ڪير آهن."

"سردار عبدالرشيد خان: وڌيڪ ڇاٽايو ويو تہ "ايندڙ مرحلي ۾ پنجاب کي اڳواٽي ڪرڻي پوندي. اُن وقت آءٌ اُميد ٿو ڪريان تہ هڪ اثرائتي پنجاب قيادت کي مرڪز ۽ لاهور ۾ بنهي جاين تي لڳايو ويندو. ان جو مطلب ڇا آهي؟

"چوڌري عزيزالدين (پنجاب ـ مسلم): اِهو ڪنهن چيو؟

"سردار عبدالرشيد خان: آءٌ وضاحت ڪندس. انهن مان هڪ نوٽ گذريل سال 15 نومبر تي تڏهوڪي محترم نائي واري وزير اوڏي مهل مون کي ڏنو جڏهن ڪائنس ون يونٽ بابت ڪي نڪتا گهريم. ان جو پهريون حصو تہ دليلن تي ٻڌل آهي پر پويون حصو ان جي مهم جي انداز جي اُپٽار ٿو ڪري..."(صفحو 509)

"چوڌري عزيز الدين: ذريعو ٻڌائي.

"سردار عبدالرشيد خان: گهبرايو چوتا پتو لڳي ويندو"

"پهريون سوال اِهو هو تہ هو گذريل سال جي پچاڙ تائين ون يونٽ بابت هڪ سياسي مهم شروع ڪرڻ لاءِ اُتاولو هئا ۽ هنن چيو تہ پهرين شئي خاموشيءَ سان ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي سموري مخالفت کي ٻنجو ڏجي. اسان کي پنهنجو آواز ٻڌجڻ لاءِ موقعو پيدا ڪرڻ لاءِ اختيار جي استعمال جو لاپ پرائڻ گهرجي. (صفحو 513)

"عطاءُالرحمان خان(اوڀر بنگال، مسلم):

"هن ايوان ۾ ويٺل سمورن جي ذهنن ۾ اهو واضح آهي تہ اولهہ پاڪستان جي صوبن کي ون يونٽ ۾ ضم ڪرڻ وارو سڄو منصوبو هڪ شديد ۽ خطرناڪ سازش جو نتيجو آهي. سائين! هن ايوان ۾ اڄ اسين ان بنياد تي شروع ٿا ڪريون ۽ جيڪڏهن اسان کي سازش ڪان شروعات ڪرڻي آهي تہ بهتر اهو ٿيندو تہ اسين ان کي شروع ئي نہ ڪريون. چاڪاڻ جو اسين هت موجود هئاسين، اسين هت موجود آهيون ۽ هت موجود هونداسين. پنهنجي ذمي لڳل ڪم يعني آئين تيار ڪرڻ لاءِ، جيڪو اسان کي سموري ايمانداري، اورچائپ، انصاف، ۽ درست رويي سان ڪرڻ گهرجي. اسان جو سازش سان ڪو واسطو نہ هئڻ گهرجي، ڪنهن خانگي منصوبي يا ڪنهن مقصد سان تعلق نہ گهرجي، ڪنهن هڪ ڌر جي ٻئي تي بالادستي واري تصور سان ڪو واسطو نہ هئڻ گهرجي، نہ ئي طاقت جي آڏار تي وزيرن جي برطرفيءَ سان ئي ڪو سروڪار هئڻ گهرجي. ان ڪري سائين! آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان کي پنهنجو موقف تبديل ڪرڻ گهرجي ۽ اسين ڪنداسين. سردار رشيد کي ٻڌڻ کانپوءِ هر ميمبر کي سئو پيرا ويچارڻ گهرجي تہ ڪيس اولهہ پاڪستان جي صوبن جي ون يونٽ ۾ انضمام ڏانهن قدم کڻڻ گهرجي يا نہ؟ اِهو سازش جو نتيجو آهي، مخصوص مفادن جي تڪميل لاءِ جوڙيل هڪ منصوبو آهي، انهيءَ ٽولي جي لاپ وارو جيڪو گذريل اٺن سالن کان هن ملڪ تي راڄ يا بدراج ڪري رهيو آهي...." (صفحو 516)

....

"…. هن ايوان ۾ هر هر چيو ويو آهي، تہ ان جي اولهہ پاڪستان جي اڳواڻن هڪ مختلف انداز ۾ سوچڻ شروع ڪيو آهي تہ اولهہ پاڪستان جي صوبن جي انضمام وارو منصوبو انتهائي شاندار ۽ انتهائي يادگار ۽ پاڪستان جي رهواسين جي ڀلائي واسطي انتهائي لاڀائتو آهي. سائين! اوهان کي پتو آهي تہ قائداعظم جي شاندار دماغ ۾اهو خيال نہ آيو نہ ڪي پاڪستان جي لاءِ هلندڙ تحريڪ دوران ۽ نہ ئي پاڪستان حاصل ٿيڻ کانپوءِ ۽ جيڪڏهن اِهو ايڏو ئي ڀلو هجي ها تہ سندس دماغ کان بچي نہ سگهي ها. ان کانپوءِ هڪبئي پويان ايندڙ ٽن وزيراعظمن جي نالي تي قائم ٽن بنيادي اصولن بابت ڪميٽين ۾پڻ ان نوعيت جو ڪو منصوبو ناهي. پوءِ سائين! اِهو آيو ڪٿان؟ سائين! آءٌ اوهان کي ايمانداريءَ سان ٻڌائي سگهان ٿو تہ اوڀر پاڪستان ۾ مسلم ليگ جي ڀرپور شڪست کانپوءِ جيتوڻيڪ فيروز خان نون انهيءَ تحريڪ جي محرڪ يا گڏيل محرڪ هئڻ جو دعويدار آهي پراِهو هڪ عملدار جي زرخيز ذهن جي پيداوار آهي ۽ اوهين سرڪاري عملدارن جي رويي کان ڀلي ڀت واقف آهيو. سندن رويي جو ڀرپور نڪتو راءِ عامہ جي توهين ڪرڻ آهي ۽اهي عملدار ڪنهن بہ اهڙي ڳالهہ سان سهمت نہ ٿيندا آهن، جيڪا عوام ڪندو آهي. سوان صاحبلوڪ اهو منصوبو گهڙيو ۽ فيروز خان نون، گرماڻي ۽ ڪجهہ ٻين همراهن کي پڻ ان ۾ شامل ڪيائين. باقي ڪجهہ اسين سردار رشيد کان ٻڌي چڪا آهيون…. "(صفحو 522)

"…هڪ انتهائي معزز شخص، (جنهن جو هينئر نالو ظاهر نہ ڪندس) کان پڇيم، راءِ عامہ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڇو نٿا ڪريو؟ هو ان وقت گهرو معاملن جو وزير هو ۽ وراڻيائين، ڀلا اوڀر پاڪستان ۾ راءِ عامہ جهڙي ڪنهن شئي جو وجود بہ آهي؟ اِها اوڀر پاڪستان ۾ ئي آهي. اولهہ پاڪستان ۾ ڪو بہ عوامي موقف ناهي." اِهو ڪجهہ هُن ڪوهہ مريءَ ۾ چيو. اِهو هو اُن صاحبلوڪ جو 29 جولاءِ 1955 تي خيال، جڏهن هو گهرو معاملن جو وزير هو. هُن چيو تہ ون يونٽ کي ٻن هفتن ۾ عملي جامو پهرايو ويندو. ون يونٽ قائم ڪرڻ کانسواءِ ڪو بہ آئين نہ ٺهندو. سائين! اِها جمهوريت جي توهين آهي، مڪمل آپيشاهي آهي. عوامي راءِ بابت ڪا مجتا ظاهر نہ ڪئي وئي آهي. مون کي پتو آهي تہ ڪهڙي ريت راءِ عامہ

سهيڙي وئي آهي. اِها فردن جي راءِ آهي، کهڙي جي راءِ دستيءَ جي راءِ ۽ صوبن جي مختلف قانون ساز اسيمبلين جي راءِ؟ سائين! هيل تائين اسين اِهو واضح طور تي پروڙي چڪا آهيون، تہ ڪهڙي ريت زور زبردستي، ڏوڪڙن ۽ رشوت ذريعي ماڻهن جي راءِ حاصل ڪئي وئي آهي. هاڻ سڀ ڪنهن تي اِهو واضح ٿيل آهي تہ رشوت جو بازار گرم ڪيو ويو وعدا ڪيا ويا ۽ عوام جي حقيقي راءِ جي غلط نمائندگي سامهون آندي وئي. اِهي سموريون ڳالهيون سردار عبدالرشيد خان هتي واضح ڪري چڪو آهي. سندس لڳايل الزامن جي ترديد ڪرڻ جو ڪنهن ۾ بہ حوصلو ناهي. سائين! اوهان کي پتو آهي تہ ٻلوان ٿي دنيا جا سڀ کان وڏا ڏچڻا ٿيندا آهن. هو انهن ڦاٽن کان انتهائي ڏنل هئا ۽ هُنن کيس اُن دستاويز مان ڪي شيون پڙهڻ کان جهلڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي هُن هت پيش ڪرڻ ٿي چاهيون...." (صفحو 524)

"...اسان کي پتو آهي تہ انگريز سنڌ ۽ بلوچستان انهن جي حاڪمن کان حاصل ڪيو جڏهن تہ پنجاب ان جي حاڪمن کان حاصل ڪيائون، هو ڏار ڏار ماڻهو هئا، ڪنهن بہ ريت هڪ نہ هئا..." (صفحو 534)

"اِهو گهرو معاملن وارو وزير هو جنهن چيو تہ اِهو هفتن اندر لاڳو پيو ٿئي، اوهين چئي سگهون ٿا تہ اِهو ڪلاڪن اندر لاڳو پيو ٿئي. پر، ڪين اِهو ڪرڻ لاءِ ڪنهن چيو؟ آئين ساز اسيمبليءَ کي حق حاصل آهي تہ اُها چوي تہ ون يونٽ ڪڏهن لاڳو ٿيندو يا نہ ٿيندو نہ ڪي ان بابت ڪي ايگزيڪيوٽو حڪم جاري ڪري سگهجن ٿا. سائين! اوهان ڪيترائي ڀيرا ٻڌو آهي تہ ون يونٽ تي آڪٽوبر ۾ عمل پيو ٿئي، ڪڏهن ٻڌو اٿئون تہ اِهو آگسٽ ۾ پيو اچي، ڪڏهن وري سيپٽمبر ۾ ان جي آمد جو ٻڌو اٿئون. ان ذريعي اولهہ پاڪستان جي عملدارن ۾ ڀونچال ۽ مونجهارو پيدا ڪيو ويو آهي. جڻ تہ هو پنهنجي آفيسن ۾ پنڊپهڻ ٿيل آهن ۽ ڪا چُرپر ئي نٿا ڪري سگهن. پنهنجا ميرا ڪپڙا ان طريقي سان ڇا پيا ڌوئو؟ اوهان اِها صورتحال پيدا ڪئي آهي. اوهان اِهي ميرا ڪپڙا هر هنڌ پکيڙيا آهن. اسان جو فرض آهي تہ انهن کي ڌوئي صاف ڪريون. اسين اِهو ڪرڻ کان انڪار ٿا ڪريون. اوهان ٿي اولهہ پاڪستان ۾ عملدارن جي هڪ هٿيءَ ذريعي هر هنڌ ديڊ لاڪ پيدا ڪيو آهي. پر اِهو چو ڪيو؟ اوهان کي آئين

ساز اسيمبليءَ جو انتظار ڪرڻ ڪپندو هو پر اوهان جو آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ڪو ويساهہ ناهي. اوهان آئين ساز اسيمبليءَ کان مٿيرو ٿي رهڻ چاهيو. پر اوهان کي چتاءُ ٿو ڏيان، اِهو نہ ڪري سگهندو..." (صفحو 536)

"...سائين! اسان اوهان کان وڌيڪ طاقتور ماڻهو ڏٺا آهن. اسان ڪتاب پڻ پڙهيا آهن سائين! ڏٺيءَ انهن ماڻهن کي ڪيئن منهن ڏنو. اسان شداد متعلق پڙهيو آهي. اسان نمرود متعلق ٻڌو آهي ۽ فرعون بابت پڻ ڄاڻون ٿا. انهن وانگر نہ ڪريو. پنهنجي عملن ذريعي عظيم ٿيڻ جي ڪوشش ڪريو. پنهنجي عملن ذريعي فرعون يا شداد ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. ماڻهن سان گڏ ٻيهو ۽ ماڻهو اوهان کي پنهنجائپ ڏيندا..." (صفحو 539)

مظفر علي خان قزلباش:

اِهو حاڪمن کان چورائي ٿو تہ راءِ عامہ ڪٿي آهي؟ ڇا اولهہ پاڪستان ۾ راءِ عامہ جهڙي ڪا شئي آهي؟ اِهو روز ٿو چيو وڃي پر اوهان کي خاطري ٿو ڪريان تہ راءِ عامہ آهي ضرور پر هن وقت گونگي آهي، ڇاڪاڻ تہ پنهنجي اظهار جو ڪو ڏڳ ناهي. هو ڏٺل ۽ مايوس آهن. ڇو سائين؟ جناب اسپيڪر! اسان جي حاڪمن گذريل ٻن سالن دوران دهشت جو راڄ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پنهنجي مختلف قدمن ذريعي هنن پاڪستاني عوام کي اِهو ڏيکاريو آهي تہ هو حاڪم آهن، ڇاڪاڻ تہ هن ملڪ تي راڄ ڪرڻ جو الهامي حق آهي ۽ جيڪڏهن ڪو بہ سنڌن راهہ ۾ آيو تہ ان کي ڏاڍ ڏمر ذريعي هٽايو ويندو ۽ هنن اِهو ڪجهہ ئي ڪيو آهي. پر جناب اسپيڪر! اوهان کي خاطري ٿو ڪرايان تہ ان سان کين ڪا چڱائي حاصل نہ ٿيندي ۽ مستقبل بعيد ۾ ان جا ڪي چڱا نتيجا نہ نڪرندا. پاڪستان ٺهڻ مهل قائداعظم چيو هو تہ اِها هڪ اسلامي جمهوري رياست هوندي. ڇا اِها آهي جمهوريت جي پاڙ جيڪا هو وجهي رهيا آهن؟ نہ سائين! آءٌ کين اوهان جي ذريعي نيوڙت سان صلاح ڏيندس تہ ان تي ٻيهر ويچارين. ون يونٽ اڄڻ گهرجي. جيئن شروعات ۾ چيم. آءٌ انجو حمايتي آهيان پر اِهو جمهوري انداز ۾ اچڻ گهرجي. مانوارو وزير اعظم اسان کي ٻڌائيندو ٿو رهي تہ خاطري ڪريو اوهان کي هڪ جمهوري آئين پلئہ پوندو. هاڻ، سائين ! هن

بل تي نظر وجهو. اِهو اسان جي امڪاني آئين جو اڳياڙو آهي. اِن سان پتو ٿو لڳي ته سندن ذهنن ۾ ڇا پيو پلجي. سندن اهم ترين پروگرام مخالفت ڪي پنوڙڻ آهي، هو ڪنهن به قسم جي مخالف ڌر نٿا چاهين." (صفحو 547)

"...گذريل پنجن ڇهن سالن دوران ٿيل چونڊن تي نظر وجهو. سنڌ ۾ حالتون ايتريون ته شرمناڪ آهي، جو انهن تي گهٽو ڪجهه ڳالهائڻ نٿو چاهيان. اسين پروڙي چڪا آهيون ته اُتي قانون ساز اسيمبليءَ اسپيڪر جي چونڊ دوران ڇا ڇا نه ڪيو ويو آهي. چونڊن جي موقعي تي ماڻهن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو. هاڻ اچو ته ٻين صوبن تي به نظر ڊوڙايون. سرحد صوبي کي ڏسو. گذريل چونڊن دوران اسان سيني کي پتو آهي ته ڇا پيش آيو. آئين ساز اسيمبليءَ کي نه پر تمام چونڊن جي ڳالهه پيو ڪريان ۽ اهو به چوندس اهڙو ئي ڪجهه ٻين صوبن ۾ پڻ پيش آيو آهي. ڪالهه جڏهن مانواري وزير اعظم اِهو چيو ته هو خاطري ڪندو. آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون ٿين. ان اسان کي ڪجهه اُميد ڏياري. اسان کي منجهس وڏي اُميد آهي. ڇاڪاڻ جو اسان کي پڪ آهي، ته هو پنهنجي ٻين سائين جي غلط ڪارين جي پوئيواري نه ڪندو. ماضيءَ ۾ هو پويان رهنديءَ تند لوڏيندي راڄ ڪندو رهيو آهي، پر هاڻ هو سامهون آهي ۽ هو اڄ جيڪي ڪجهه چوي ٿو سو دنيا آڏو ثابت به ڪرڻو پوندس. اڳي هُن ڪجهه به نه چيو هو. ٻيا سندس پاران ڳالهائيندا هئا ۽ رات وچ ۾ ان کي تبديل به ڪري ڇڏيندا هئا. اسان آڏو اهڙا به مثال آهن، جو اڳوڻو وزيراعظم محمد علي فقط نالي جو ئي وزيراعظم آهي..." (صفحو 548)

".... جيڪڏهن هو حڪمران ٽولي جي رضامنديءَ کان سواءِ ڪو قدم ٽا کڻن ته سندن تڏا ويڙهه تي ٿئي. کين برطرف ٿو ڪيو وڃي. اِهو سڄو . ماملو هڪ مذاق بڻجي ويو آهي پر جناب اسپيڪر ان سموري پويان هڪ طئي ڪيل مقصد آهي. راءِ عامه کي هيسائڻ ۽ ختم ڪرڻ جا ڪيترائي مختلف طريقا ٿين ٿا. جيڪڏهن اڄ پنهنجي ملڪ لاءِ وڏيون خدمتون سرانجام ڏيندڙ ملڪ فيروز خان نون کي بنان ڪنهن سبب جي بي عزت ڪري برطرف ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ ڪنهن هلڪي ڦلڪي ماڻهوءَ جي ڪهڙي حيثيت؟ اهڙو عمل هر ڪنهن کي هيسايو وڃي. اِهو هر ڪنهن جي دماغ ۾ دهشت وجهڻ جو ڍگ آهي، ته جيڪڏهن فيروز خان نون جهڙي

شخص کي برطرف ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ ٻين جي ڪهڙي مجال ۽ ڪين به ميساري سگهجي ٿو. اهڙن طريقن ذريعي هو راءِ عامہ کي هيسائي رهيا آهن ۽ ملڪ ۾ هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ مون کي اِهو چوڻ جي همت ساريڻ ڏيو ته اڄ اوهين ڪنهن معزز صاحبلوڪ کي "غدار" ٿا سڏيو. هت لفظ "غدار" جي معنيٰ اها ٿي ورتي وڃي، ته جيڪڏهن اوهين ڪنهن ٻي ڏر سان ڪو اختلاف ٿا رکو ته پاڻ مرادو غدار بڻجي ويندا. جنهن ڏينهن اوهين ساڻن سهمت ٿيندا، ان ڏينهن وفادار ۽ ايماندار شهري ليکيا ويندا. گذريل ڏينهن هڪ پرڏيهي سفارتڪار مون کان معلوم ڪيو ته نئين ڪابينا ڪڏهن ايندي ۽ ان ۾ گهرو معاملن وارو وزير ڪير هوندو. اندروني شين کان با خبر نہ هئڻ ڪري کيس چيم ته ان ڏس ۾ آءٌ سندس ڪا به مدد نٿو ڪري سگهان پر ايندڙ گهرو معاملن واري وزير بابت وڏو امڪان ضرور رکي پيو سگهان. ساڳي ڏينهن شام جو ريڊيو تان اعلان ٿيو ته محترم فضل حق کي گهرو معاملن جو وزير بڻايو ويو آهي. ايندڙ ڏينهن ساڳيو سفارتڪار هڪ دعوت ۾ مون کي مليو ته چيائين "تنهنجي ديس واسين کي سمجهڻ کان قاصر آهيان. هڪ ڏينهن ڪنهن فرد تي تنقيد ڪندي کيس غدار ٿا ليکيو ۽ ڪجهہ مهينن کان پوءِ ساڳي شخص کي گهرو معاملن جهڙي اهم وزارت ٿا سونپيو. اِهو ڪجهہ ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ممڪن ناهي." جواب ڏنومانس ته "اِهو نہ وسار ته لفظ 'غدار' جي معنيٰ اسان جي لغت ۾ اوهان جي لغت کان ٻنهہ ڌار آهي..."(صفحو 550)

"...اوهان آڏو ۽ اوهان ذريعي سڄي دنيا آڏو ان جي وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪريان ته ان ريت راءِ عامہ کي نپوڙيو پيو وڃي ۽ جيڪو به ان سان سهمت نٿو ٿئي سو چڱو ماڻهو آهي ۽ ان سان اختلاف رکندڙ جواب. جناب اسپيڪر! اسان جو ڪردار ختم ڪيو پيو وڃي. قوم جي ڪردار جي جوڙجڪ حڪمران ٽولي جو فرض هوندو آهي. هو هن قوم جي تعمير ڪندا. جيڪڏهن اڄ ڪو پنهنجي ايمانداريءَ سان ساڻن سهمت نٿو ٿئي ته کيس به ٻين جيتري عزت ملڻ گهرجي بلڪ کيس اهڙي همت ڪرڻ تي وڌيڪ عزت ملڻ گهرجي. هت وزارتون برطرف ڪيون ٿيون وڃن ۽ برطرفيءَ کان پوءِ ۽ وڏن وزيرن کي پوليس جي ڪرڙي اک هيٺ ٿو رکيو وڃي. سندن گهر تي سي آءِ ڊي ڪڙوتي چاڙهي. سندن ٽيليفون ٽيپ ٿو

ڪيو ويو. جيڪڏهن ڪو سائن ملاقات لاءِ ٿو وڃي تہ ان جو خاتو ٿو درج ڪيو وڃي. سائن ملندڙن کي هيسايو ٿو وڃي..."(صفحو 550)

"ظهيرالدين (اوڀر بنگال: مسلم): "...سائين! هن بل کي انتهائي اهميت ڏيندڙ انتي بحث مباحثي کي محدود ڪرڻ ٿا چاهين. ان جو واحد سبب اِهو ئي ٿو نظر اچي تہ خود انهيءَ بل ۾ ڪا گڙٻڙ آهي جيڪڏهن ان ۾ ڪا انتهائي گڙٻڙ نہ هجي ها تہ هو ايترا اتاولا ڇو ٿين ها. سائين ! آءٌ اِهو چوندس تہ اها اڻوڻندڙ تڪڙ ظاهر ٿي ڪري تہ ان جي پويان ڪا منصوبا بندي آهي، ڪا ڳالهہ آهي. سردار رشيد جو آواز ڪالهہ ئي ٻوسائجي ويو هو هن وٽ ڪجهہ انتهائي اهلهہ دستاويز هئا پر ڪيس اِهي ايوان آڏو پيش ڪرڻ کان جهليو ويو. سگهارن ماڻهن ٽيڪنيڪي ڳالهين پويان ڍڪ ڳوليو..."

"...مون ڪيس چتاءُ ڏنو سردار صاحب تاريخ اوهان جو اندراج ڪندي تہ معتبرائپ سان سامهون آيا يا وري هڪ اهڙي بل جي محرڪ طور جيڪو اڳتي هلي پاڪستان جي استحڪام بدران ٽوڙ ڦوڙ جو سبب بڻبو..."(صفحو 556)

"...ون يونٽ بابت اوهان جي تصور ان مان جنم ورتو آهي تہ بنگال اوهان تي بالادستي حاصل ڪري وٺندو. اوهان کي ڊائيندو هلان تہ اِهو تصور غلط آهي. جهڙي ريت اسان جي عظيم اڳواڻ حسين شهيد سهرورديءَ اظهار ڪيو آهي، تہ اسين پنهنجي سر بنگال جي عودي بالادستيءَ جا سرواڻ هئاسين پر هڪ وقت آيو جو اسان ٻين شين تي پڻ ويچارڻ شروع ڪيو. ستن سالن جي انهيءَ قومي مايوسيءَ سبب اسان کي اِهو وساري ڇڏڻ گهرجي ۽ پنهنجا هٿ هڪجهڙن پائرن وانگر وڌائڻ گهرجن. ان تي مسلسل بحث مباحثو هلندو رهيو ۽ ستين ڏينهن اسين هڪ نتيجي تي پهتاسين. جيڪو يڪرائپ وارو هو تہ پاڪستان جي مفادن واسطي اڄ اسان کي ڪا قرباني آڇڻ گهرجي. دولتانا صاحب تہ هام هنئي آهي تہ هُنن پنهنجي سورهن سيڪڙو سيٽن جي قرباني ڏني آهي، ان کان اڳ جو انهيءَ نڪتي تي اچان، ڪين شروعات ۾ ئي ڊائڻ ٿو گهران تہ اولهہ پاڪستان جي ايڪتا يا انضمام وارو تصور نہ تہ جمهوري اصولن تي ٻڌل آهي ۽ نہ وري پاڪستان

لاءِ اُڪير تي. اِهو ان شڪ تي آڌاريل آهي جيڪو بنگال بابت قائم ڪيو اٿوَ. اسان هن آئين ساز اسيمبليءَ ۾ اچڻ کان اڳ انهيءَ ڊپ کي ميساري چڪا آهيون. هاڻ اوهان کي همت کان ڪم وٺندي اِهو بل واپس وٺڻ گهرجي. هو پنهنجي ڳجهي دستاويز ۾ چون ٿا:

"... هڪ ٽرپڪڙ اوله پاڪستان اوپر پاڪستان کان حقيقي معنائن مان ڪجهه به نٿو گهري سگهي. چاڪاڻ جو ڪو به اختيار ٽيندڙ آئيني طريقو اوپر پاڪستان کي تبديل ٿي نه سگهندڙ فوقيت ڏيندو."

"انجي ٿي آڌار تي اوهان ون يونٽ وارو منصوبو پيش ڪيو آهي." (صفحو 558)

"...هڪ گمنام شخص ڪفايت الله جي لکيل ۽ هن ايوان آڏو عزيزالدين جي پڙهيل پمفليٽن ۾ راءِ عامه شايع نه ڪئي وئي آهي. اهڙا بيهودا پمفليٽ شايع ڪري سرڪاري ناٽي جو زبان ڪيو ويو آهي. ڪنهن ڪفايت الله کي انجو اختيار ڏنو ۽ انهيءَ بيهودي پمفليٽ تي رقم خرچ ڪرڻ جي اجازت ڪهڙي حڪومت ڏني..." (صفحو 559)

"...سائين آءٌ هن هاڻوڪين اسيمبلين ذريعي راءِ عامه ماڻڻ واري ڳالهه کي نه اينگهائيندس ڇا جو اهو شاندار ٽيڪنيڪل ۽ قانوني مامرو آهي. سوال اِهو آهي ته ڇا هيءَ اسيمبليون اهڙي ڪنهن اهم مامري تي آيل بل تي ڪو فيصلو صادر ڪرڻ لاءِ بااختيار به آهن؟ آءٌ ان کي بل نه سڏيندس ڇاڪاڻ جو اُن وقت ڪو بل هو ئي نه. سائين! اسين ڪن بنيادن تي پنهنجي اسيمبلين لاءِ چونڊجي آيا آهيون پر جيڪڏهن اسان کي اهڙي ڪنهن نوعيت جي مامري تي ڪو فيصلو ڪرڻو آهي ته پوءِ مون کي يقين آهي ته اسان جي دل ۾ اهو خيال ضرور ايندو ته ان بابت ماڻهن کان راءِ ضرور وٺون ته جيئن اهو ڄاڻي سگهون ته اُهي اهڙي انتهائي غير معمولي بل بابت ڪهڙا ويچار ٿا رکن. سائين! اهڙي ڪوشش ڪئي وئي. هٽلر جي آتم ڪهاڻي جيڪا هنن شايع ڪئي آهي. سا اڄ اسان نجي هٿن ۾ آهي ۽ ڪهاڻي هر ڪنهن آڏو هوندي. ان ۾ ماڻهن جي ڪا ڳالهه ناهي. سنڌن راءِ بابت ڪا ڳالهه ناهي پر ان ۾ صفائي ڪرڻ جي ڳالهه ڪيل آهي. پيرزادو حملي جي زد ۾ آهي. بندوقون ڇوڙي نٿيون سگهجن. ملڪ فيروز خان نون هٿي پاسي آهي. هنن کي برطرف ڪريو يا پنهنجي پاسي ڪريو. سولي سفر لاءِ رستو

صاف ڪريو. بل محرڪ اِهو ڪجهه ٿي چڪو آهي. هو چوي ٿو تہ سائنس عوام جي ذهن مهينن تائين سهيڙيل راءِ گڏ آهي پر اِها هُن نہ پر سندس پنيرائي ڪندڙ حاڪمن انهن طريقن سان حاصل ڪئي آهي جنهن جو اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ۽ پيهر ورجائڻ نٿو چاهيان. تہ پوءِ پيو ڪهڙو متبادل آهي جنهن تي هو انحصار ڪري سگهي ٿو؟ اُهو آهي بدقسمتيءَ سان اسيمبليءَ ۾ نہ پهتل عوام جي عيوضين ذريعي راءِ عامہ هٿ ڪرڻ جو طريقو. سائين! آءٌ فقط انتهائي ڪجهہ شين جو حوالو ڏيندس. حيدر بخش جتوئي نالي هڪ همراهہ آهي. هو انهن ويچارن مان هڪ آهي جيڪي پنهنجي ادراڪ سان شيون ڏسن ٿا. چاڪاڻ جو خدا هر ڪنهن کي سندس پنهنجي حوالي سان ادراڪ بخشيو آهي. سو هو پنهنجي انداز ۾ شين کي ڏسي ٿو. هو انهن شين کي دسڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جيڪي هو ايمانداريءَ سان ليکي ٿو تہ حقيقي طور تي ون يونٽ مخالف آهن. هُنن ڇا ڪيو؟ هنن کيس نظربند ڪيو ۽ سنڌ حڪومت جي سيڪريٽري سي ايس پي آفيسر عظيم الشان آفتاب احمد خان نظربنديءَ جو حڪم جاري ڪيو (۽ هُن نظربنديءَ جي حڪم ۾ جيڪو 8 جنوري 1955ع تي جاري ٿيل آهي). ۾ جيڪي بنان ڪنهن حيا شرم جي جيڪي بنياد ڄاڻايا آهن. تن کي جيڪڏهن ڪو چيلينج ڪرڻ چاهي تہ اسين ان جي ڪاپي ڏئي سگهون ٿا.

"سردار امير اعظم خان: اسان کي ان جي ڪاپي ڏيو.

"ظهيرالدين: اوهان کي بہ ڪاپي ملندي. گهبرايو نہ. اسان اوهان لاءِ پڻ آندي آهي. سائين! اهو ڪهڙي جي هنج ۾ پنهنجو پاڻ کي محفوظ ٿو ليکي. ڪهڙي ڏي بعد ۾ ايندس. ڪين اِهو ڏڳ وٺڻ ڪهندو هو تہ توهين پاڪستان دشمن آهيو. هنن خاموشيءَ سان کيس جيل ۾ بند ڪيو ۽ ڪنهن کي بہ سندس اُلڪو نہ هوندو پر هُن انتهائي بيشرميءَ سان موقف اختيار ڪيو تہ ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ تي توکي گرفتار ڪيو ويو آهي. ان ريت ٿا راءِ عامہ حاصل ڪريو. عوامي عيوضين کي ڳالهائڻ جي اجازت نٿا ڏيو..." (صفحو 563)

"...مونکي چوڻ گهرجي تہ اهڙي پيمانڪ ۾ ڪاري تاريخ رکندڙ ماڻهن لاءِ اهو مناسب ۽ درست نہ ٿيندو تہ هو اسلام بابت ڳالهائين. هنن اسلام جي ڪهڙي سيوا ڪئي آهي جو هن ايوان ۾ اچي اسلام بابت ٿا ڳالهائين؟ هنن اسلام جي تصور کي عمل هيٺ آڻڻ واسطي ڇا ڪيو آهي؟ ان ريت هو اسلام جي نالي ۾ ڳالهائڻ جا اهل ناهن. اسلام بابت ڳالهائي دنيا جي اکين ۾ ان لاءِ ڌڪار پيدا نہ ڪريو. اوهان جي زبان تان ان جون ذڪر سونهين نٿو. اسلام جو ذڪر ان جي حقيقي پرچارڪن جي زبان تان ٿيڻ ڏيو جيڪي اسلام جي تصورن ۾ اصولن تي سچي دل سان ويساهہ رکن ٿا. اسلام جو مهان ترين تصور جمهوريت، آزادي، برادري، انصاف ۽ پنهنجو وعدو نڀائڻ آهي. اوهان ڇا ڪيو آهي اوهان پنهنجو وعدو پورو ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. اوهان اسلام جي سمورن بنيادن جي پيچڪڙي ڪئي آهي. اوهان کي اسلام بابت ڳالهائڻ جو ڪو حق ناهي. اسان سان فقط سياست بابت ڳالهايو. سازش بابت ڳالهايو. بين طور طريقن بابت ڳالهايو ۽ اوهان کي ان جو جواز پڻ حاصل آهي. مون کي چوڻ ڏيو تہ پيار ۾ جنگ نہ پر سياست ۾ سڀ ڪجهہ جائز آهي. اهي سمورا طريقا استعمال ڪريو جيڪي هٽلر ۽ مسوليني استعمال ڪيا هئا. ايسٽائين جو اُهي طريقا پڻ استعمال ڪريو. جيڪي اسٽالين سوويت روس ۾ پنهنجي چونڊ لاءِ ڪتب آندا هئا. مون کي ان تي ڪو بہ اعتراض نہ ٿيندو. ماڻهن کي جيلن ۾ واڙيو. سندن آواز دٻايو. کين گرفتار ڪريو. کين خاموش ڪرايو. اهي سمورا آپيشاهي طريقا استعمال ڪريو انهن مان ڪنهن تي بہ اعتراض نہ ڪندس. پر خدا جي واسطي اسلام جو واسطو نہ ڏيو. اوهين ان جا اهل ناهيو. اسلامي پائيچارو انتهائي مٿاهين شئي آهي. اِها ايڏي تہ مٿاهين آهي، جو اقبال کي چوڻو پيو:

چين و عرب همارا، هندستان همارا،
مسلم هين وطن هئي سارا جهان همارا.

"جڏهن اقبال اِهي لفظ چيا هئا تہ سندس ذهن ۾ انهن حلن جي ميسارجڻ تصور قومي ثقافت کي ختم ڪرڻ جو تصور بہ نہ هو. هُن آڏو انتهائي شاندار انتهائي مٿاهون تصور هو. اوهين مسلم ليگي اُن تصور کان گهٽو هيٺ آهيو. اوهين فقط ٻيا طريقا ٿا ڄاڻو. اسان کي چپ ڪريو قتل

ڪرائيو. پڻ ڪيرايو پر پنهنجي سازش، دوکن ۽ غدارين ۾ اسلام کي بدنام نہ ڪريو...“ (صفحو 564)

”... هڪ ڀيرو ٻيهر درخواست ڪندس تہ خدا جي واسطي اهو ڪريو. پنهنجي ڏنڊي ۽ پوليس سميت. جيڪو طريقو اوهان کي وڻي، سو استعمال ڪريو پر پنهنجي شيطاني منصوبن ۽ نظرين جي حق ۾ اسلام جو نالو استعمال نہ ڪريو ۽ نہ ئي اِهي ماڻهن جي نڙيءَ ۾ اسلام جي نالي ۾ اوتيو.“ (صفحو 568)

”...سائين! قوم جو تصور ٻوليءَ جي ايڪتا يا مذهب جي ايڪتا وارو ساڳيو ناهي. مهرباني ڪري جديد تاريخ تي نظر وجهو. اوهين ڏسندا تہ برطانيا ۽ آمريڪا جا رهواسي ساڳي ٻولي ڳالهائين، ساڳي مذهب جا پيروڪار آهن پر هو هڪ قوم ناهن. آمريڪا ۽ برطانيا جو ئي مثال ڇو وٺجي؟ وچ اوڀر جو سولو مثال ئي وٺو. اُتي ڪهڙيون حالتون آهن؟ اُتي اسان کي حجازي، عراقي، شامي ۽ اردني ٽا نظر اچن. هو سمورا ساڳي ٻولي ٿا ڳالهائين. هو قرآن جي ٻولي ٿا ڳالهائين. هو ساڳي مذهب جا پيروڪار آهن. هو هڪ خدا ۾ ويساهہ ٿا رکن. هو هڪ قرآن ۾ ايمان ٿا رکن ۽ هڪ پيغمبر ۾ پڻ. پر هو ڌار ڌار قومن ۾ ڇو ورهايل آهن؟ آءُ سوال ٿو ڪريان تہ ڇا قوميت اسلام جي روح جي خلاف آهي؟ آءُ سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ ڪعبو جيڪو اسلام جو مرڪز آهي، سڄي مسلم دنيا کي ون يونٽ ۾ سموئي ڇڏي ها. پر ائين ناهي جو ڪعبي جا پاڙيسري پڻ ڌارڌار قومن ۾ ورهايل آهن. سائين! ڪنهن قوم جي تشڪيل لاءِ ضروري ٿو ٿئي، تہ ماڻهن جي هڪ ٽولي منجهہ اهڙو اُتساهہ هجي، جيڪو کين هڪ قوم بڻائي..“ (صفحو 568)

”...سائين! اسين هن بل لاءِ راءِ عامہ حاصل ڪرڻ جي حمايت ڇو پيا ڪريون؟ ڇاڪاڻ جو سنڌن هٽلري صحيفي ۾ درج آهي تہ هو سمجهن ٿا تہ انهيءَ منصوبي کي هو وقت نہ ڏيندا. هنن ون يونٽ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ فقط ڇئن هفتن جو وقت مختص ڪيو آهي...“ (صفحو 569)

”...منهنجي محترم دوست سنگيتي انداز جو حوالو ڏنو آهي، تہ آرڪيسٽرا ذريعي ڪا ڌُن جوڙڻ لاءِ سمورن قسمن جي سازن کي گڏائڻو

پوندو آهي پر منهنجو ڄاڻو دوست اِهو وساري ويٺو آهي تہ آرڪيسٽرا ذريعي ڪا ڌُن تيار ڪرڻ واسطي بہ سوين سازن جي ضرورت پوندي آهي، نہ ڪي هڪ ذريعي ان کي حاصل ڪبو آهي. سوين سازن جي امتزاج سان حاصل ٿيندڙ ڌُن ئي ماڻهن جي من کي ڇُهي سگهي ٿي. اولهندي پاڪستان ۾ موجود مختلف ڌنن مان اهڙي ڪا مٺڙ ڌن حاصل ڪريو. انهن کي نپوڙڻ جو ٿا چاهيو؟ سائين! مون کي چوڻ ڏيو تہ هو ڪا ڌُن تخليق ڪرڻ بدران مختلف سازن جو مٺڙ آواز نپوڙڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن ۽ ان جي جاءِ تي هو پنهنجو ڏهل وڄائڻ چاهين ٿا. هو اِهو ڇو پيا ڪن؟ هو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن سندس آرڪيسٽرا وڄائي ويندي تہ ان سان ٻيا سمورا ساز خاموش ٿي سگهندا ۽ فقط سندن ڏهل ئي رهندو. انڪان پوءِ عظيم مغل نواب گُرماني يا ميان ممتاز دولتانا مان ڪو هڪ يا ٻئي سازندائي رهندا پر ڪين خبر هئڻ گهرجي ۽ ڪين اِهو نہ وسارڻ گهرجي تہ عوام گوڙ گهمسان پري سندن موسيقي برداشت نہ ڪندا. سائين! گوڙ گهمسان مهل ماڻهو پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي اهي بند ڪري ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي مان نہ تہ پوءِ ان مان ئي ڪين سبق پرائڻ گهرجي. سائين! منهنجو خيال آهي تہ بل جي محرڪ جي تقرير جي حوالي سان، پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري چڪو آهيان.

"آءٌ انتهائي احترام سان درخواست ڪندس. ويجهو هئڻ جي صورت ۾ ميان ممتاز دولتانا ايوان ۾ اچي. جيستائين ٻوليءَ جو واسطو آهي، هُن هڪ انتهائي عقل پريو بحث ڇيڙيو آهي. جيستائين تقرير جو تعلق آهي تہ هُن پنهنجي آڪسفوردي لهجي جي پنجابي گاڏڙ سان ٻڌڻ جي حد تائين سٺو تاثر ڇڏيو آهي اِها ڳالهہ ۽ جوش سان ڀرپور تقرير تہ آهي پر مواد جي حوالي سان بنهہ خالي آهن. اچو تہ سندس تقرير جو نڪتي بہ نڪتي تجزيو ڪريون. سائين! مون وٽ هت تاريخ جا بہ اهم ڪتاب آهن. اِهي تاريخ تي سند ٿا ليکيا وڃن. تاريخ جا ورق اٿلائڻ کان اڳ، هڪ ڀيرو ٻيهر درخواست ڪندس تہ جيڪڏهن ميان دولتانا ايوان جي ويجهو آهي تہ مهرباني ڪري اندر هليو اچي. سائين! جيڪڏهن مون کي اِهو چوڻ جي اجازت هجي تہ سندس تقرير اهڙي آهي جو جيڪڏهن ايوان ۾ هر ڪو اکيون بند ڪري ۽ رڪارڊ مان ميان ممتاز دولتانا جو نالو هٽائي ان جي جاءِ تي سردار پٽيل يا

اسان جي محترم فضل حق جي وڏي پاءُ مرحوم منهنجو مطلب آهي تہ سياما پرشاد مکرجيءَ يا ايستائين جو گانڌيءَ جو نالو ڏجي ۽ ون يونٽ وارن لفظن جي جاءِ تي اکنڊ هندستان ڏجي ۽ جيڪڏهن اها سچي تقرير هندو مها سڀا جي ڪنهن گڏجاڻيءَ آڏو پڙهجي تہ منهنجو خيال آهي تہ سچي هندو مها سڀا اُٿي بيهي اسان جي ميان ممتاز دولتانا کي خراج پيش ڪندي سائين! سندس تقرير پڙهو ان ۾ ڏنل اهم حوالا پڙهو. هو راجپوتن وارو جوش وڃائي ويٺو آهي. منجهس يا سردار اميراعظم ۾ اُهو اسلام ڪٿي آهي. جيڪڏهن سندس تقرير جاچيندا. چار هزار سال قبل مسيح ۾ هتي موجود سڀيتا بابت سندس حوالن کي جاچيندا تہ هو انتي فخر ڪندي نظر ايندو. موهن جو دڙو هڙاپا. اشوڪا بابت سندس حوالن تي ڌيان ڌريو جيڪڏهن اوهان جو تعلق اِن سڀيتا سان آهي تہ پوءِ هتي ڇا پيا ڪريو. اوڏانهن وڃو جتي شاهہ جهان جي ٺهرايل شاندار مسجد تي اشوڪ چڪرا وارو جهنڊو ڦڙڪي رهيو آهي. جيڪڏهن اُن کان متاثر آهيو جيڪڏهن ان جي ساراهہ ٿا ڪريو تہ پوءِ اوڏانهن وڃو ۽ اُتي اشوڪ چڪرا ملي ويندو ۽ پاڪستان بچي پوندو. انهن شين بابت سندس حوالن مون کي انتهائي رنجايو آهي. هُن پنهنجي تقرير ۾ اهڙي ريت تجزيو ڪيو آهي، جو سڪون سان اُن کي پڙهڻ کانپوءِ پنهنجو پاڻ کي مسلمان ۽ پاڪستاني سڏرائڻ تي لڄ محسوس ڪندو. مون کي واقعي اچرج لڳو آهي. هُن نہ رڳو ايوان اندر اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جي همت ساري آهي پر تاريخ جا غلط حوالا ڏنا اٿس. جاگرافيءَ کي مروڙيو اٿس ۽ پنهنجي زبان جي طاقت ذريعي ان منصوبي جا فائدا ڳڻائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. کيس ان تي وڏي مهارت حاصل آهي. هُن ايوان کي برغلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڇپائي کانپوءِ جڏهن شيون پرسڪون انداز ۾ سامهون ٿيون اچن، اِهي بنهہ مختلف ڏيکاءُ ٿيون ڏين. سائين! منهنجي تقرير ٿي سگهي ٿو تہ ٻڌڻ ۾ اِج پلي لڳي پر سياڻي جڏهن ان کي لکت ۾ سامهون آڻيندا تہ ان ۾ هڪ سو هڪ خاميون هونديون. جڏهن ٿڌي دماغ سان سندس تقرير پڙهجي ٿي تہ مشاهدي ۾ ايندو تہ هُن نہ رڳو تاريخ، جاگرافي ۽ هر اُن شئي جنهن تي هيستائين اسين انحصار ڪندا پيا اچون، کي مسخ ڪيو آهي پر سندس حوالا انتها درجي جي غلط بيانيءَ تي ٻڌل آهن. مونکي پڪ آهي تہ ڪنيشڪ جنهن جو هُن حوالو ڏنو آهي،کي تاريخ ۾ فقط

معمولي حوالو مليل آهي ۽ جيڪو ڪنهن به ريت اهميت جوڳو نه آهي ۽ آءُ نٿو سمجهان ته تاريخ ڪيس ڪا اهميت به ڏئي ٿي. سائين! هو جيڪڏهن اشوڪا جي سپيتا تي واقعي فخر ٿو ڪري، جيڪڏهن هو موهن جو دڙو ۽ هڙپا تي فخر ٿو ڪري، جيڪي مڪمل طور تي دراوڙي سپيتائون آهن ته پوءِ ڪيس اوڏانهن وڃي پنهنجي پاڻ کي دراوڙ سڏرائڻ گهرجي. ڪيس اِهو ادراڪ هئڻ گهرجي ته هو تاريخ کي اهڙي ريت مسخ نٿو ڪري سگهي، جيئن هو ملڪي سياست کي ڪن ٿا. انهن آڳاٽن ماڻهن کي ڪنهن حد تائين ميجتا ڏيڻي پوندي، جن تاريخ جا اِهي رڪارڊ سهيڙي درج ڪيا آهن ته جيئن ايندڙ نسل انهن مان ڄاڻ پرائي سگهن. تاريخ مڙهڻ جي ڪوشش نه ڪريو جهڙي ريت منهنجي دوست سردار فضل ڪريم چيو آهي. سائين! جيڪڏهن اهڙي نوعيت جي سپيتا آهي، جنهن تي اسين پنهنجون شيون منحصر ڪنداسين. جيڪڏهن اهڙي نوعيت جي سپيتا جو حوالو ڏيئي اسين ون يونٽ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ته پوءِ مون کي پڪ آهي ته ان جو هئڻ ڪو مُلهه نٿو رکي. اِها پاڪستاني مسلمانن کي لڄي ڪندي، سندس تقرير تي سچو پاڪستان لڄي آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته سامت ۾ اچڻ تي هو انتي معذرت ڪندو ۽ سائين! جيستائين منهنجي نڪتن جو تعلق هو عملي طور تي سندس سچي تقرير هٽلر جي سوانح عمريءَ ۾ موجود آهي...“(صفحو 572)

”...ون يونٽ جي حمايت ۽ مخالفت ۾ تقريرون ڪندي هن ايوان جو مان گهٽايو ويو آهي. دنيا اسان کي ٻڌي پئي، روزانو معزز مهمان ايندا ۽ هتي ٿيندڙ تقريرون ٻڌندا آهن، پر هيءَ ناٽڪ ڪهڙو آهي؟ ڀريون فيصلو 27 مارچ تي ڪيو ويو 14 اپريل تي معاملا نبيريا ويا. ڊاڪٽر خان صاحب کي هڪ اهڙي صوبي جو وڏو وزير بڻايو ويو جيڪو وجود ۾ ئي نه آيو هو. ڪيس اهڙي سلطنت جو بادشاهه بڻايو ويو جنهن جو ڪو وجود ئي نه هو. نواب مشتاق احمد گُرماڻي گورنر بڻجي ويو. اِهو صوبو آهي ڪٿي، اِهو صوبو ٺاهيو ڪنهن آهي، انهن جي تخليق جو اوهان کي اختيار ڪنهن ڏنو آهي؟ ڇا هن ايوان اوهان کي ان جو اختيار ڏنو آهي؟ ان ڪري ئي آءُ سخت لفظ پيو استعمال ڪريان. مون انهن اهم حقيقتن جو حوالو پئي ڏنو جن ديس واسين جي نظرن ۾ هن ايوان جو مان گهٽايو آهي. اِهي محرڪ ان جا ذميوار

آهن ۽ هنن اسان کي انهيءَ مخالفت ڏانهن ڌڪيو آهي ۽ هاڻ هو انهيءَ راس ٿيل سان اسان کي منهن پيا ڏين. هو اڳيئي هڪ انتظامي ڪائونسل جوڙي چڪا آهن، اڳيئي وڏو وزير ۽ گورنر نامزد ڪري چڪا آهن. پوءِ بل جو هيءُ ناٽڪ ڇو؟ هو سڀ ڪجهه طئي ڪري چڪا آهن ۽ هاڻ انتي فقط اسان کان آڱوٺو هڻائڻ چاهين ٿا. اوهين پلي انتي آڱوٺو هڻو پر مخالف ڌر جا ميمبر اِهو نہ ڪندا. تاريخ ان جو جائزو وٺندي تہ اوهان پارلياماني انداز ۽ جمهوريت جي روح کي ڪهڙي ريت ضربيو آهي. اجازت نامو ڪٿي آهي؟ڇا اِهو گورنر جنرل جي حڪم تحت ڪيو ويو آهي؟ شايد سيڪشن 290 تحت، پر اِهو گورنر جنرل کي اهڙو صوبو ٺاهڻ جو اختيار نٿو ڏئي. ڪهڙي، بہ اجازت هجي پر منهنجو عرض اِهو آهي تہ اِهو شين کي اڳواٽ ٺي ليکڻ آهي ۽ اسان کي راس ٿيل ذريعي منهن ڏيندي گهوڙي اڳيان بگي جوڙڻ جو عمل آهي. هنن ايوان جي توهين ڪئي آهي. ڪي بہ دليل اِها خواري ميساري نٿا سگهن.

"دولتانا دريائي سرشتي جو حوالو ڏنو آهي، جيڪو سندس خيال موجب هڪ ڳانڍاپي وارو عنصر ۽ ون يونٽ جي حق ۾ دليل بڻجي سگهجي ٿو. هت تاريخ کي مسخ ڪيو ويو آهي، جاگرافيءَ کي مسخ ڪيو ويو آهي ۽ حقيقتن کي ميرانجهڙو ڪيو ويو آهي. دنوبي وانگر فائين دريا بہ ڪيترن ئي ملڪن مان لنگهي ٿو پر ڇا اِهي هڪ آهن؟ پري بہ ڇو وڃجي، اسان جي پنهنجي ماترڀوميءَ جو فڪر ڪريو. آءٌ اِهو ٿو پڇان تہ توهان جون نديون/دريا ڪٿان ٿا اچن، اوهان جي دريائن جو بڻ بڻياد ڪٿي آهي؟ اوهان ڪڏهن انهيءَ دليل بابت ڪجهہ سوچيو آهي. اوهين پنهنجو پاڻ کي هندستان جي حوالي پيا ڪريو. منهنجو مطلب آهي "اکنڊ ڀارت جي داعين وٽ" ڀارت جي پنجن دريائن جو مثال وٺو اِهي سيئي ڪٿان ٿا شروع ٿين. جيڪڏهن اوهين اِهو ٿا سوچيو تہ گڏيل دريائي سرشتو صوبن کي متحد ڪرڻ جو هڪ عنصر ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ هو بہ ساڳيو ئي منطق استعمال ڪندا. هو چوندا تہ جيئن تہ اوهان جا دريا هتان ٿا نڪرن تنهنڪري اچي اسان سان گڏجو. راجپوت هُنئڻ ناتي اوهان کي راجپوتانا سان اُڪير آهي. پوءِ وري اوپر بنگال جي دريائي سرشتي ڏانهن اچو جتي سمورا دريا انڊيا مان ٿا اچن. ساڳيو ئي دريا اوپر بنگال ۾ بوڏ آڻيندو آهي. اُهوئي آسام ۾ ٻوڙ ٻوڙان

ڪندو آهي. پر ڇا اِهو ايڪتا جي لاءِ ڪو دليل يا منطق ٿي سگهي ٿو؟ اِهو هڪ غلط دليل آهي ۽ ان تي انحصار نہ ڪريو ڇاڪاڻ جو اِهو اوهان کي "اکنڊ ڀارت" جي هٿن ۾ ڦاسائيندو. مون کي حيرانگي آهي. تہ ون يونٽ جي حق ۾ هڪ پاسي قرآن مان تہ ٻئي پاسي رگ ويد جا حوالا پيا ڏنا وڃن. هاڻ منهنجي خواهش آهي تہ ڪاش گانڌي اسان جي دوستن جون تقريرون ٻڌي سگهي ها جيڪي ون يونٽ جي حق ۾ هڪ ڏينهن رگ ويد ٿا سامهون آڻين. تہ ٻئي ڏينهن قرآن کي. اڄ هو ٻڌائين ٿا تہ رگ ويد ۾ اوهان کي ون يونٽ نظرايندو سياڻي ڪو چئي سگهي ٿو تہ "اکنڊ ڀارت" پڻ رگ ويد ۾ موجود آهي. اسان جي پچر ڇڏيو. اسين اوير پاڪستان واسي ڪنهن جي بہ آکو پاڪستان تان دستبردار ٿيڻ وارا ناهيون..." (صفحو 574)

"...سائين! هاڻ آءٌ ميان ممتاز دولتانا طرفان انتهائي شاندار طريقي سان ڏنل دليل ڏانهن ٿو اچان. هن چيو تہ انضمام واري عمل دوران پنجاب پنهنجو پاڻ کي ميساري ڇڏيندو. پناڻ،سنڌي،بلوچ تہ رهندا پر پنجابي نہ رهندا. سائين! ان مون کي فارسي ۽ اردو شاعريءَ جي ان تشبيهہ ڏانهن لاڙيو آهي جنهن موجب"شمع" سڄي رات ٻرندي پاڻ کي تہ ختم ڪري ڇڏيندي آهي پر ٻين کي روشني اربيندي آهي. شايد ميان ممتاز دولتانا ۽ سندس پنجاب اِهو نٿو چوان تہ تمام ماڻهن جو پنجاب. اِهو سندس ۽ ڪجهہ ٻين دوستن جو پنجاب آهي، جيڪو شمع وانگر پاڻ ٻري ٻين کي روشني ڏيڻ جو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اچو تہ ان جو تجزيو ڪريون.

"اي ايڇ دلدار احمد (اوير بنگال-مسلم): فارسيءَ ۾ پڙهي ٻڌائي.

"ظهيرالدين: هُن پاسي تمام ٿورڙا ماڻهو آهن. جيڪي فارسي سمجهن ٿا.

"هو ان کي انهيءَ مقصد واسطي استعمال ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ آءٌ سندس آکو آڻ ميجان ها پر اسان کي حقيقتن کي پروڙڻ گهرجي، نوس حقيقتون جن کان ڪو بہ لنوائي نٿو سگهي. هاڻ پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ميساري رهيا آهن؟ پناڻن، بلوچن ۽ سنڌين جي ڀلائي واسطي هو پنهنجي وجود جي ڪهڙي ريت قرباني ڏئي

رهيا آهن؟ اُنهن ماڻهن جي بهتريءَ لاءِ هنن پنهنجي وجود کي ڪيئن وساري ڇڏيو آهي؟ خدا جو شڪر آهي تہ اسان وٽ سندن ڪيل پروڙڻ لاءِ ديد آهي. اڃو تہ ڏسون تہ هيل تائين هو ڇا ڪري چڪا آهن. ون يونٽ بل بحال نہ ڪيو ويو آهي، اِهو اڃان مختلف مرحلن مان گذريو ئي ناهي، هنن پٺاڻن، سنڌين ۽ بلوچن جي دنيا کي ڪهڙي ريت جرڪائي ڇڏيو آهي؟ هڪ هاءِ ڪورٽ هوندي، ڪٿي؟ لاهور ۾ ئي هوندي، سادي سودي ڳالهہ آهي. هڪ ئي گورنر هوندو. ڪٿي؟ پنجاب مان مشتاق احمد گُرماڻيءَ کي ڪريو انتهائي پلو ماڻهو آهي. ٺيڪ آهي، قبول آهي. پاڪستان جي وزيراعظم بابت ڇا خيال آهي؟ انتهائي سولي ڳالهہ آهي، ڪو پنجابي وزيراعظم ڪريو.

ڪوئي بات نهين. معمولي بات هئي.

اتان ئي سيڪجهہ حاصل ڪريو. ها، سيڪجهہ ماڻيو. اِهو مامرو ناهي اوهين ٽا چئو تہ اوهان کي انجي پنهنجي ون يونٽ جي حصول لاءِ ضرورت آهي، اِهو ايمانداري ۽ وڏي واڪي سان چئو. ماڻهن ۽ سندن اُڏمن سان نہ ڪيڏو. اوهين پٺاڻن، سنڌين ۽ بلوچن جي ثقافت جو چهرو مسخ ڪرڻ ٽا چاهيو ۽ هاٺوڪي پنجاب پنهنجو هاٺوڪو وجود ختم ڪري هڪ عظيم تر پنجاب تخليق ڪندو ان حقيقت کي ڪو بہ ٽڏي نٿو سگهي. شروعات ڄاڻائي ٿي تہ اوهين دنگ ڪٿي ڪندا. هر شئي تي والار پيا ڪريو. انتظامي ڪائونسل تي نظر وجهو انهيءَ ڪائونسل تحت ڪيل پنهنجي مقررين تي نظر وجهو. سنڌي، بلوچي ۽ پٺاڻ ان ۾ ڪٿي آهن؟ ۽ اوهين انهن ئي پٺاڻن، بلوچن ۽ سنڌين جي بهتريءَ واسطي، پنهنجو وجود ميسارڻ جا دعويدار آهيو.سائين! اِها مڪمل طور تي غلط بياني آهي. ان کان وڌيڪ ڳرو ڪو بيو لفظ استعمال نٿو ڪري سگهان. پنهنجي ڪوشش ۾ ناڪام ٿيا آهيو ۽ اوهان جي سازش واڻکي ٿي وئي آهي.هر ڪو اِهو پروڙي سگهي ٿو ايستائين جو ڪهڙو بہ پر بدقسمتيءَ سان هو ڪجهہ ڪري نہ پيو سگهي. هر ڪو ڏسي پيو سگهي. ڪهڙي ملڪ فيروز خان نون جي حالت ڏٺي آهي، هُن سردار عبدالرشيد جي حالت ڏٺي آهي، هُن پيرزادي جي حالت ڏٺي آهي. پوءِ هو جوڪمر ڇو ڪٽندر. هو ڪجهہ وڌيڪ سالن تائين رهڻ واسطي چوندو تہ "مونکي سڪون سان رهڻ ڏيو. آءٌ مري ويندس ۽ سنڌي ڄاڻن ۽ سندن مستقبل." اِها آهي صورتحال. نہ تہ اوهان کي ڪو اهڙو ماڻهو نہ ملندو

جنهن کي اِها سازش سمجهه ۾ نہ ايندي هجي، هر ڪو اوهان جي راند کان واقف آهي. دوکو ڇو؟ پنهنجي پيرن تي بيهي چئو تہ اسان کي اِهو پنجاب جي مفادن ۾ گهربل آهي، پنجاب جي عام ماڻهن واسطي نہ پر حڪمران ٽولي جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن فردن لاءِ. بلڪ يا اُن دستاويز جو جائزو وٺو جيڪو تڪراري بڻيل آهي، ان ۾ پنجاب جي عام ماڻهن بابت هڪ لفظ بہ ناهي، عام ماڻهو ان مان ڪوبہ لاڀ پرائي نہ سگهندا، هو تہ گذريل ستن سالن کان انهن ساڳين ماڻهن جي اڻنگي راڄ ۾ لوڙي رهيا آهن. کين ڇا ملندو؟ ڪجهہ بہ نہ. لاڀ فقط ڪجهہ جاگيردارن کي ملندو. سائين ! دولتانا پيهر اِهو دليل ڏنو آهي، تہ ان ذريعي هڪ يڪسان زرعي سڌارا ايندا. آءٌ ٿو چوان تہ هڪ جهڙا زرعي سڌارا ضروري ناهن، پنهنجي علائقي ۾ ٿي زرعي سڌارا ڪريو ۽ جيڪڏهن ضروري هجي تہ انتظامي ڪائونسل تحت ڪريو. اهڙا سڌارا آڻڻ کان اوهان کي ڪير ٿو جهلي؟ ميان عبدالباريءَ کي لاهور ۾ ڪوٺايل عوامي ليگ جي هڪ ڪنوينشن ۾ اسان سان گڏ ويهڻ جو اعزاز حاصل رهيو آهي، هو ون يونٽ جي جوشيلي حمايتي هئڻ جيان زمينداريءَ جو بہ جوشيلو حمايتي هو هن اسان جي ڪنوينشن ۾ سڄي رات زمينداري سرشتي جي حق ۾ ڳالهايو...

"اسپيڪر: معزز ميمبرن کي ڪنهن پارٽي اجلاس جي روداد نہ ٻڌائڻ گهرجي.

"ظهيرالدين: سائين! بدقسمتيءَ سان عزيز الدين ان حوالي سان معاملو ڇيڙيو آهي ۽ هُن ڪيترين ئي گڏجاڻين ۽ بحثن جا حوالا ڏنا آهن، ان ئي مونکي فقط هڪ حوالو ڏيڻ تي اُتساهيو آهي.

"شيخ مجيب الرحمان: سائين ! اوهين اسان سان ناانصافي پيا ڪريو.

"ظهيرالدين: سو سائين! مون ميان ممتاز دولتانا طرفان پنهنجي ننڍين ڀائرن جي لاڀ واسطي پنهنجو پاڻ کي ميسارڻ واري دليل جو حوالو پئي ڏنو. سائين! انتي مونکي بنگال جو هڪ دلچسپ داستان ياد ٿو اچي. چاهيان ٿو تہ اهو بنگاليءَ ۾ ٻڌايان جو اردو ۾ بيان ڪرڻ سان ان جو چس نڪري ويندو.

"ڪنهن زماني ۾ ٻه ڀائر هئا. جن کي سندن والد جي وفات تي ورثي ۾ هڪ ڪچيءَ جو وڻ، هڪ مينهن، هڪ ڍڳي ۽ هڪ ڪمبل مِليا. اِها سياري جي مُند هئي. پيءُ جي مرندي ئي ننڍي ڀاءُ ورثو ورهائڻ جي ڳُهر ڪئي. وڏي ڀاءُ رٿيو تہ ان بابت ڪن ڏاهن کان راءِ وٺي پوءِ ورهاست ڪجي. هُن مولوي ڪفايت علي جهڙي ماڻهن سان رابطو ڪيو ۽ پنهنجي حق ۾ پروپيگنڊا مهم شروع ڪرايائين. هُنن ننڍي ڀاءُ کي چاڻايو تہ هو ڏڦيڙ پکيڙي رهيو آهي، جڏهن تہ اسلام "ايڪتا" جو داعي آهي ۽ اختلاف کي شيطاني عمل ٿو ليکي، ان ڪري هنن ٻنهي ڀائرن کي پنهنجي والد جي ملڪيت نہ ورهائڻ ۽ هڪ ٻئي سان گڏجي سڏجي رهڻ، ائين ڪٿي چئو تہ ون يونٽ قائم ڪرڻ جو مشورو ڏنو. ننڍي ڀاءُ سندن صلاح نہ مڃي ۽ ورهاست تي زور ڀريائين. جنهن صورت ۾ وڏو ڀاءُ ورهاست ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ چيائين تہ هو ڪيس سندس حصي کان ٻہ ڪجهہ وڌيڪ ڏيندو جو هو سندس ننڍو ڀاءُ ئي آهي. ميان ممتاز محمد خان دولتانا واري ئي انداز ۾ چوندو رهيو تہ ننڍو ڀاءُ ڪچيءَ جي وڻ جو هيٺيون حصو پاڻ رکي ۽ مٿيون حصو وڏي ڀاءُ کي ڏئي. جيستائين ڍڳي ۽ مينهن جو تعلق هو تہ پويون ڌڙ وڏي ڀاءُ جو باقي ننڍي ڀاءُ جا حصا. ڪمبل لاءِ وڏي ڀاءُ رٿيو تہ هو اهو 24 ڪلاڪن مان فقط رات جو ڏهين وڳي کان وٺي صبح ڇهين وڳي تائين پاڻ وٽ رکندو باقي اهو ننڍي ڀاءُ جو هوندو.

"سائين! ميان ممتاز محمد خان دولتانا پڻ اهڙي ريت ئي ورهاست ٻني حوالي سان شاندار قرباني آڇي آهي.

"ايندڙ ڏينهن وڏي ڀاءُ جا ملازم، ٺاهہ پٽاند. ويا ۽ ڪچي پٽي آيا. جڏهن ننڍي ڀاءُ کانئن ان بابت پڇيو تہ ورائيائون تہ ٺاهہ پٽاندر هو پنهنجي حصي مان ڪچي پٽي رهيا آهن. (ساڳي ريت، اوهين هاءِ ڪورٽ لاهور منتقل ڪرڻ جو جواز ٿا پيش ڪريو). ان کان پوءِ وڏي ڀاءُ ڍڳي ۽ مينهن مان کير ڏُهي اهو پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. اهڙي ريت سڄو ڏينهن لنگهي ويو پر رات جو ڏهين وڳي وڏو ڀاءُ ننڍي کان ڪمبل گهرڻ آيو ۽ چيائين تہ صبح ڇهين وڳي موٽائي ويندو. اِهو ون يونٽ ٺاهہ وانگر ئي هو. سو وڏو ڀاءُ ڪمبل بہ کڻي ويو.

"ايندڙ ڏينهن، ننڍي ڀاءُ جيڪو وڏي جي راند سمجهي ويو هو تنهن وڏي ڀاءُ کي چيو تہ هو ڍڳي ۽ مينهن جي پڇڙ ڪٽي پاڻ وٽ رکندو ۽ ڪچيءَ

جي وڻ جو هيليون حصو ڪپيندو ۽ ڪمبل سچو ڏينهن پاڻيءَ ۾ پسائيندو. جو ناهه موجب هو اِهو ڪجهه ڪري ٿي سگهيو. ان ريت ٿي ون يونٽ جو نبيرو ٿيندو.

"اِها آهي ورهاست. جيڪا هو ڪري پيو. هو اِهو ڪجهه ٿي پيو ڪري

"مونکي محسوس پيو ٿئي ته هاڻوڪي ون يونٽ منصوبي جو به اِهو ئي حشر ٿيڻو آهي ۽ ون يونٽ جا لاڀ پڻ انهيءَ انداز ۾ ورهائجندا. پيهر انگريزيءَ ڏانهن ٿو اچان. صورتحال اِها آهي ته انهن ماڻهن تي نچاور ڪيل اِهي مدي خارج شيون انتهائي سنهڙيون آهن. جن جي آرپار نظر ٿو اچي. صورتحال اِها آهي ته جيڪڏهن ماڻهن کي ڏوڪو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا. ته اُهي ڪجهه وقت لاءِ ته ڏوڪي ۾ ايندا. جڏهن ته ڪي ماڻهو هميشه لاءِ ايندا پر سمورا ماڻهو سدائين اوهان جي ڏوڪي ۾ نه ايندا. اوهين اِهو ڪري ٿي نٿا سگهو. اڄ جنهن پنهنجي دوستيءَ جي هام پيا هڻو سا انتهائي خطرناڪ آهي. مون کي يقين آهي ته اُهي مانگر مڇ وارا ڳوڙها. جيڪي اوهين بلوچستان. سرحد ۽ سنڌ جي ڏکويل پائرن لاءِ ڳاڙيو پيا. سي ايترا ته واضح ۽ ڏوڪو ڏيندڙ آهن جو هر ڪو انهن کي سمجهي ويو آهي. منهنجا پائرو اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته اوهان جي دوستي انهن ماڻهن کي برباد ڪري ڇڏيندي. اوهان جي دوستي ڪين ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. ڪين ٻوڏ جي ڪنهن آفت جي ضرورت ناهي. ڪين ڏڪر جي ضرورت ناهي. اوهان جي دوستي ئي سندن وجود ميسارڻ لاءِ ڪافي آهي.

"هو اڄ اوهان جي جوڙيل ڪيل ڏريعي اوهان جي دوستي جاچي چڪا آهن. اوهين بنگال جي ڳالهه به نٿا ڪري سگهو. اِها دوستي حقيقي طور تي استحصالي پئي بڻجي. آءٌ اڳيئي چئي چڪو آهيان ته اِها دوستي تباهيءَ جو آڳنڊ بڻبي. نه رڳو ايترو پر اسان تي اِها دوستي مڙهي به پئي وڃي.

بلوچ ۽ پٺاڻ ٽورن جي بار وگهي ڳهٽجي رهيا آهن.

"مٿن انهيءَ دوستيءَ جو سندن سهپ کان وڌيڪ بار وڌو ويو آهي. جيڪڏهن مونکي اجازت ملندي ته سندن آڏار تي اِهو چوندس ته پنهنجي ٽورن کي گهٽايو اِهي مٿن پلي وسايو پر احتياط سان. مٿن اٿين نه وسايو جٿين اسان جمهوريت کي پنهنجي هٿ وس رکيو آهي. اسين ان مان هاڻ ٿڪجي پيا آهيون.

"آءٌ اوهان جي رحمدليءَ تي ٿورائتو آهيان.. اوهان جي ٿورن ۽ نوازشن تي انتهائي شڪرگذار آهيان. پر مهرباني ڪري حد کان وڌيڪ نہ نوازيو. ان مان تنگ پيو ٿيان. سوا۽ها آهي صورتحال. پنهنجي ڪرم نوازيءَ کي بند ڪريو. واضح طور تي سامهون اچو ۽ ٻڌايو تہ اوهان کي ڇا گهرجي. پوءِ هر ڪو راضي ٿي ويندو.

"سائين! ڏنل عظيم الشان قربانيءَ جو حوالو ڏنو ويو آهي. اِها قرباني آهي ڇا؟ سورهن سيڪڙو. انتهائي وڏو نقصان. هڪ سؤ ميمبرن جي ايوان ۾ چاليهہ منظور نظر ماڻهو بيلٽ باڪسن ذريعي ايندا،اولهہ پاڪستان ۾ چونڊبن جي اهڙي تاريخ کان اسين سمورا واقف آهيون ۽ ان کي ورجايان نٿو پر اُميد ڪيان ٿو تہ اهڙو عمل هين صوبن ۾ اختيار نہ ڪيو ويندو. نتيجو ڇا آهي؟ سٺ ڄڻا هين صوبن مان ايندا. اِهي هيا صوبا ڪهڙا آهن؟ سرحد، بلوچستان، سنڌ، خيرپور، بهاولپور، لسبيلو، مڪران، بلوچستان اسٽيٽ يونين وغيره ۽ اِهي سمورا ڏار ڏار عنصر سٺ ڄڻا چونڊيندا ۽ پنجاب ۾ منظور نظر چاليهہ ڄڻا، جيڪي عام ماڻهن جا عيوضي نہ پر بقول نواب گُرمانيءَ جي گورنر جنرل جا عيوضي هوندا. پر نتيجو ڇا آهي؟ اوهين اِهو چوڻ کان ڊنل آهيو تہ بنگال ايوان ۾ متحد دل، دماغ ۽ جسم سان ٿو اچي ۽ اِهو ئي اوهان جي ون يونٽ منصوبي جو بڻ بنياد آهي. اوهين بنگال جي ايڪتا کان ڊنل آهيوانهيءَ ڪري اِها پُراسرار شئي سوچي اٿوَ. مهرباني ڪري ان تي ويچاريو. پنهنجي دليل تي کليل ذهن سان سوچيو. جيڪڏهن سمجهو ٿا تہ اِهو درست دليل آهي تہ پوءِ ان کي اڳتي وڌايو. پر سورهن سيڪڙو وارو دليل ڇو ٿا ڏيو. اوهين ماڻهن کي ورهائيندا ۽ راڄ ڪندا. انگريزن واري راند ڪندا ۽ شفاف چونڊون ڏيندي بہ کين استعمال ڪندا. کين حصن پتين ۾ ڪندا ۽ انهين ئي کانئن سيڪجهہ ڦري ويندا. جيئن بنگال جو اختلاف پنهنجي لاپ لاءِ استعمال ڪيو اٿوَ. ان بابت هام نہ هڻو. ان ۾ ڪجهہ بہ ناهي. اِها ڪِل جوڳي قرباني آهي ۽ سا بہ فقط ڏهن سالن لاءِ مقرر ڪئي اٿوَ. اوهين ڏهن سالن تائين چونڊون نہ ڪرائيندا. ڇاڪاڻ جو عوام کي ڪو موقعو ڏيڻ نٿا چاهيو. اوهين اڪثريت جي آڌار تي سيڪجهہ حاصل ڪري وٺندا. جيئن ڪالهہ منهنجي دوست سردار عبدالرشيد واضح ڪيو هو. اوهين اڪثريت سان فيصلو ڪندا ۽ چوندا تہ اِهو جمهوري

طريقو آهي، چاڪاڻ جو اولهہ پاڪستان جي عوام جي اڪثريت اِهو فيصلو ڪيو آهي. اوهان وٽ اڪثريت ۽ سڀڪجهہ هوندو...“(صفحو 580)

”ڪجهہ وڏيڪ نڪتن تي ڳالهائي پنهنجي سيٽ والاريندس. هن بحث دوران جيڪا ڳالهہ انتهائي پيڙا سان پروڙي اٿم سا آهي تہ جيڪڏهن ون يونٽ قائم ٿي ويو تہ جمهوري قوتن جي روڪٿام شروع ٿيندي اِهو خدشو آهي تہ پاڪستان جي ايرندي پاڱي ۾ جمهوري قوتون اُڀري رهيون آهن. جيڪي سيني تي چانئجي ويندئيون. آءُ سمجهان ٿو تہ هو اوڀر بنگال جي عددي بالادستي کان ڊنل ناهن. چاڪاڻ جو ان کي ڪاميابيءَ سان ورهائي چڪا آهن. اصل ۾ هو انهن تصورن کان خائف آهن، جيڪي ايرندي پاڪستان جي پيغامبرن ذريعي منتقل ٿي رهيا آهن ۽ اِهي تصور آهستي آهستي اولهندي پاڪستان جي رهواسين جي سماجي ۽ سياسي زندگين ۾ مستقل گهر ڪري رهيا آهن، هو هاڻ اوڀر بنگال جي عددي تعداد کان خائف ناهن. هاڻ هو انهن ترقي پسند آدرشن کي نهوڙڻ ۾ جُنبيل آهن، جيڪي هڪ ڏينهن کين ميساري ڇڏيندا. هو پنهنجي ساٿاري نورالامين جو حشر پروڙي چڪا آهن. هاڻ هو ان کان ڊنل آهن. هو چاهين ٿا تہ اوڀر پاڪستان کان ايندڙ اهڙن آدرشن کي ٻنجو ڏجي ۽ اِهو مٿن ون يونٽ، هڪ حڪومت ۽ هڪ راڄ مڙهڻ ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. اسيمبلين جو وجود ئي نہ هوندو. فقط لاهور ۾ هڪ اسيمبلي هوندي، جيڪا شايد سال ۾ هڪ ڀيرو بجيٽ منظور ڪرڻ لاءِ ڪوٺائي ويندي ۽ باقي عرصو روپوش ٿي رهندي. اِها آهي صورتحال. جيڪڏهن مختلف اُسيمبليون هونديون تہ پوءِ مختلف چونڊون ڪرائڻيون پونديون، جن ذريعي مختلف تقريرون ۽ مختلف ماڻهو سامهون ايندا. وڌ کان وڌ ماڻهو سجاڳ ٿيندا. ڪنهن عوامي جاءِ تي مسلم ليگي جلسي ٿيڻ يا مسلم ليگي حڪومت اچڻ تي بہ مون کي ڪو فڪر ناهي. ماڻهو هوندا، جيڪي پنهنجي تصور جو اظهار ڪندا ۽ هنن آڏو ماڻهو هوندا، جيڪي سوال اُٿاريندا. پر سائين! صورتحال اِها ناهي. آءُ پٺاڻن يا بلوچن جي جسماني عذاب تي فڪرمند ناهيان، پر مون کي ڊپ آهي تہ هو جمهوريت نهوڙي وجهندا ۽ اِها اولهہ پاڪستان تان ميساري ڇڏيندا....“ (صفحو 582)

"يوسف هارون (ڪراچي-مسلمان): "...اسين اولهه پاڪستان ۾ ڳالهائجندڙ ڪيترين ئي ٻولين کان نجات نٿا چاهيون. اسين پنجابي، سنڌي يا بلوچيءَ ۾ ڳالهائڻ نٿا چاهيون.."(صفحو 592)

"ميان افتخارالدين (پنجاب- مسلم): "... هاڻ آمريڪا جو مثال وٺو. اِها اهڙي رياست آهي، جنهن ۾ هڪ ٻولي ڳالهائي ٿي وڃي، جتي هڪ ثقافت ئي آهي پر پوءِ بہ ان کي وفاقي لحاظ کان 48 رياستن ۾ ورهايو ويو آهي. دراصل، جيڪڏهن اوهين آمريڪا جي نقشي تي نظر ڊوڙائيندؤ اوهين ڏسندؤ تہ ڪجهہ رياستن وچ ۾ حدون فُٽ پٽيءَ سان قائم ڪيون ويون آهن. اِن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ايستائين جو جتي جاگرافي، نسلي، ٻوليوار ورهاڱا ناهن، اُتي بہ وفاقي ڍانچي کي ترجيح ٿي ڏني وڃي ۽ ان سان اُن رياست جي ايڪتا کي ڪو هاڃو نٿو رسي بلڪہ اِها سگهاري ٿي ٿئي ۽ ذهن نشين رکو تہ اُتي 48 رياستون آهن. اولهہ پاڪستان ۾ جتي ٻوليوار ۽ ثقافتي(جيڪڏهن چاهيو تہ انهن کي ذيلي ٻوليوار يا ذيلي ثقافتي سڏيو) فرق آهن. اِها ڪُهر وڏيڪ سمجهہ ۾ اچڻ جوڳي آهي تہ هتي وفاقي طرزِ حڪومت هئڻ گهرجي. آمريڪا ۾ 48 رياستن جو هئڻ ان رياست جي ٽوڙڦوڙ جو پيش خيمو نہ بڻيو آهي. درحقيقت اڄ تائين ڪنهن بہ اِهو ناهي چيو تہ اِها ايڪتا کان وانجهيل رياست آهي. ماڻهن ليکيو آهي تہ 'آمريڪا جون گڏيل رياستون' هر حوالي سان درست ئي آهي..." (صفحو 602)

"... اڳتي وڌڻ لاءِ سائين! هن بحث ۾ انتهائي واضح ڪيو ويو آهي ۽ مخالف ڌر جي مقررن ڄاڻايو آهي تہ سنڌي، پٺاڻ، بلوچ ۽ پنجابي اسان جي گڏيل پاڪستان قوم ۾ يقيني قوميتون آهن. ظهيرالدين انتهائي ڏاهپ سان ڪنهن قوم ۽ قوميت ۾ فرق واضح ڪري چڪو آهي. اسين سمورا بنگالي، پنجابي، سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ هڪ قوم آهيون. پر اسان وٽ پاڪستاني قوم بابت ڳالهائڻ لاءِ پنج قوميتون آهن. ڪو بہ اُن قوم جي ايڪتا ۾ ڏڦيڙ وجهڻ جي وڪالت نٿو ڪري، اسان مان هر ڪو اِهو ڄاڻائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي تہ انهن قوميتن کي پنهنجي رعيت تي راڄ ڏنو وڃي..."(صفحو 605)

"...سائين! هن بل جي حمايت ۾ ڪيترائي فنڪاراڻا دليل ڏنا ويا آهن. اِهو چيو ويو آهي تہ اولهہ پاڪستان پنهنجي پنجن دريائن ڪري هٿ

تريءَ تي گڏجندڙ پنجن آڱرين وانگر آهي. سائين! مونکي چوڻ ڏيو تہ ايڪتا واري انهيءَ هٺ کي ڪليل رهڻ ڏيو. ان کي ون يونٽ تحت ماڻهن کي ڏکڻ لاءِ ڊيچارڻ واسطي هُڪ ۾ تبديل نہ ڪريو...' (صفحو 611)

"سائين! گذريل سال اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ کان پوءِ آءٌ سالن کان اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ لاءِ ٻاڏائي رهيو هئس پر ڪنهن بہ منهنجي ڳالهہ تي ڪن نہ ڌريو جڏهن شڪايت ڪيم تہ چيائون، "تو ئي تہ انجي گهُر ڪئي هئي؟" تہ مون ان نوعيت جي برخاستگيءَ لاءِ نہ پئي چيو. مون خود ميمبرن ذريعي ئي برخاسگيءَ جو پئي چيو ۽ تڏهوڪي وزيراعظم آڏو عرض رکيو اٿم تہ جيڪڏهن هو ٻاهر نڪري آيو ۽ چيائين (بنگال جي چونڊن کان پوءِ جنهن ۾ 309 سيٽن مان فقط 9 سيٽون کٽڻ تي مسلم ليگ جي تڏا ويڙهہ ٿي وئي هئي) کين لازمي طور تي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي تہ پوءِ هڪ تڪڙي رضاڪارانہ برخاستگي ٿئي ها..."

"...سائين! سگهو ئي اوهان آڏو ان منصوبي جو ذڪر ڪندس، جنهن تحت گذريل ائن نون مهينن کان اسان تي راڄ ڪيو پيو وڃي. سائين! اسان تي اُن منصوبي ۽ هدايتن تحت راڄ ڪيو پيو وڃي، جيڪي نومبر مهيني دوران قيادت کي پيش ڪيون ويون. اِهو منصوبو پاڪستان واسين لاءِ انتهائي اهم آهي. بلاشڪ ان جو هڪ حصو هنن لفظن سان شروع ٿو ٿئي تہ "پاڪستان جي قيام پويان اهم محرڪ اسلامي نظرئي جي يڪجهتي ۽ ايڪتا آهي." ان سان اِهو شروع ٿو ٿئي ۽ انجي عملي حصي ۾ اِهو ٿو رٿيو وڃي تہ آئين تي رضامنديءَ کان اڳ بنگال ۾ ڪنهن آزاديءَ جي اجازت نہ ڏني ويندي، اُتي جمهوريت جي بحالي نہ ٿيندي ان ۾ وڏيڪ چيو ويو آهي تہ حمايت جي حقيقت اظهار جي آزاديءَ کان وڌيڪ اهم آهي. انڪري حمايت ماڻڻ لاءِ سيني کي ڪچليو. آپيشاهيءَ واري راڄ جي حمايت ڪندي آمرن کي چاٺايو ويو آهي تہ ڪنهن آپيشاهي ماحول ۾ وقت جي بنيادي اهميت ٿيندي آهي ۽ کين چاٺڻ گهرجي، تہ جيڪڏهن آپيشاهي مڪمل آمريت جو روپ ٿي اختيار ڪري يا مامرن جي نبيرجڻ کان اڳ ۾ ئي ڏُڪ تي ٿئي تہ پوءِ هو ڏڪيڙ ۾ نُڪ تي ويندا. جيڪڏهن ون يونٽ حاصل ڪرڻو آهي، تہ پوءِ يڪدم ڪرڻو پوندو. ۽ اِهو بہ رٿيو ويو آهي تہ طاقت

ضروري هئڻ جي باوجود واحد ضروري شئي ناهي. ڪنهن حد تائين عوامي حمايت بہ ضروري آهي..."(صفحو 613)

"حسين شهيد سهروردي: ان ۾ ڪا پر اسراريت ناهي. جهڙي ريت معزز ميمبر ايوان جي ڪارروائي انتهائي ڌيان سان جاچي رهيو آهي، ڪيس ياد هوندو تہ سردار عبدالرشيد انهيءَ دستاويز جو حوالو ان ريت ڏنو هو تہ اِهو دستاويز وزيراعظم حوالي ڪيو ويو يا وزيراعظم جي هدايت تي ائين ڪيو ويو. اِهو بحث جي نڪتن طور سندس حوالي ڪيو ويو تہ جيئن هو ان کي مرڪزي حڪومت جي نمائندن طور صوبائي حڪومت جي وزيرن لاءِ هدايتن طور ليکي سگهي. اِهو ئي دستاويز آهي جنهن جو بنيادي طور تي هر ڪنهن حوالو ڏنو آهي ۽ ان مان لڳي ٿو تہ مختلف حلقن کي مشتمل ڪري چڏيو آهي ۽ ان ڪري انهيءَ ۾ ڪا پراسراريت نہ رهي آهي. فقط انهيءَ دستاويز جو ئي حوالو ڏنو ويو آهي ۽ هاڻ محترم وزيراعظم چاٽايو آهي، تہ اِهو ايوان آڏو پيش ڪيو ويندو. انڪري اِهو عوام آڏو اچي سگهي ٿو. هنن حالتن ۾ مون کي نظر نٿو اچي تہ ان دستاويز جي اشاعت بابت حڪومت ڪڏهن راضي ٿيندي.."(صفحو 615)

"سردار عبدالرشيد خان (اتر اولهہ سرحدي صوبو-مسلم): "اسپيڪر صاحبا جيڪڏهن اوهان جي اجازت هجي، تہ محترم وزيراعظم جي ڳالهہ کانپوءِ هڪ ذاتي وضاحت ڪرڻ ٿو چاهيان. جنهن ۾ هُن انهيءَ دستاويز جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو حوالو مون پنهنجي ڪالهوڪي تقرير ۾ ڏنو هو.

"سائينا مون اِهو بنهہ واضح ڪيو هو تہ 14 تاريخ جڏهن آءٌ هاڻوڪي وزيراعظم ۽ تڏهوڪي نائي واري وزير سان پنهنجي ان درخواست سان مليس تہ جيئن تہ مون کي ون يونٽ منصوبي جي پونڊڙ اثرن جو ڪو ادراڪ نہ هو تنهنڪري هو مون کي ان بابت ڪي ڪارگر نڪتا ڏئي، سو هُن ائن نون صفحن تي ٻڌل ان بابت مواد ڏنو. اِهي عوام واسطي جاري ڪيا ويندا تڏهن هو پاڻ ان کي جاچي سگهندا. پر آءٌ چاٽائيندو هلان تہ منهنجي پيشاور واپسيءَ کان پوءِ مون کي انهيءَ مواد جو جائزو وٺڻ جو وقت ئي نہ ملي سگهيو جو آءٌ ڪراچيءَ ۾ بحث مباحثي ۾ مصروف هئس، تنهنڪري ڪيس

فون ڪري انهيءَ نوٽ ۾ گڏوگڏ وزيراعظم جي ساڳي درست لکيل هڪ ٻئي نوٽ جو تت جاچائڻ لاءِ چيم ۾ اِهو مون کي ساڳي ڏينهن 14 تي ڏنو ويو جيڪو پڻ مون وٽ موجود آهي ۽ ٻيهن صفحن تي ٻدل آهي. ان ۾ پهرين دستاويز ۾ درج نڪتن جي وڌيڪ اُپٽار ٿيل آهي. سائين! آءٌ اِهو به پڙرو ڪندس ته جيئن عوام ۽ قوم پنهنجي سر ان جو جائزو وٺي. سائين! جڏهن محترم وزيراعظم سان فون تي ڳالهايم ته هُن چيو "ذاتي طور تي مون به اِهو نوٽ نه پڙهيو آهي." هُن مونکي ٻڌايو ته هو منهنجي طرفان اُٿاريل نڪتن تي خاص ڌيان ڏيندي انجو جائزو وٺندو اِهي نڪتا آءٌ پنهنجي ڪالهوڪي تقرير ۾ واضح ڪري چڪو آهيان. انهن جو تعلق پنجاب جي ڪردار سان هو. سائين! جڏهن ڊسمبر ۾ اسين پاڻ ۾ ملياسين ته هُن مون کي ٻڌايو ته انهيءَ نوٽ ۾ لکيل ڳالهين تي گهٽو ڌيان نه ڏرڻ گهرجي. تي سگهي ٿو ته اِهو نوٽ لکندڙ صاحبلوڪ پنهنجي جوش ۾ اِهو ڪجهه لکي ويٺو هجي. سندس ڳالهه تي لفظ به لفظ ويچارڻ جي ضرورت ناهي.

"سائين! ڪو مهينو کن اڳ مون هڪ پيرو ٻيهر هن ايوان جي ميمبرن جي اڪثريت جي موجودگيءَ ۾ ڪوهه مريءَ ۾ انهن نوٽس جو حوالو ڏنو. مون انهن جو حوالو ڏنو ۽ محترم وزيراعظم انجي ترديد نه ڪئي، ته ڪو هُن اِهي مونکي ڏنا هئا. درحقيقت ۾ ڪنهن حد تائين اچرج لڳو جو هُن مونکي واضح طور ٻڌايو ته هُن اِهي پڙهيا ئي نه هئا. سائين! مون پنهنجي پوري ايمانداريءَ سان انهن نوٽس جو حوالو ڏنو جيڪي مون کي ڏنا ويا ۽ اڄ مون کي پتو ناهي ته ڪهڙا مقصد مون سان منسوب ڪيا ويندا. پر منهنجو واحد مقصد شين کي وڌيڪ واضح ڪرڻ هو. جيتوڻيڪ مون تي ۽ منهنجي سائين تي وقت به وقت الزام ڌريو پئي ويو آهي ته اُن وقت اسان هڪ موقف ورتو ۽ هاڻ مختلف موقف رکون ٿا.

"اسپيڪر: مون کي خدشو آهي ته معزز ميمبر تقرير ڪري رهيو آهي، جڏهن ته ڪيس انهن نڪتن تائين محدود رهڻ گهرجي، جيڪي هاڻ اُٿاريا ويا آهن.

"محمد علي: هڪ ڳالهہ بنهہ واضح آهي، سردار عبدالرشيد وٽ بہ نوٽس آهن، جن مان هڪ ون يونٽ جي فائدن بابت آهي، جيڪو مون ڪيس ڏنو هو."

"ميان محمد افتخار الدين: نہ نہ"

"فضل الرحمان (اوڀر بنگال: مسلم): ان نوٽ ۾ ڪيتريون ئي شيون آهن.

"محمد علي: پر جيستائين ٻئي نوٽ جو تعلق آهي، منهنجو ان سان ڪو واسطو ناهي. ان بابت ڪو بہ مونجهارو نہ هئڻ گهرجي."

"حسين شهيد سهروردي: سردار رشيد موجب تو سردار رشيد کي ڏنل نوٽ جا ڪيترائي نڪتا ٻئي نوٽ ۾ شامل ڪيا. اِها ڳالهہ پيو ڪري جنهن جي مونکي ذاتي طور تي خبر ناهي."

"محمد علي: جيستائين انهيءَ نوٽ جي نڪتن جو تعلق آهي، سردار رشيد پشاور مان مون کي فون ڪري اُنهيءَ نوٽ جي هڪ حصي جو حوالو ڏيندي چيو تہ ڪيس مڃرائي وڌو آهي، مون ڪيس ڄاڻايو تہ صحيح ڳالهہ آهي تہ هُن پنهنجي سر اِهو نوٽ نہ پڙهيو آهي.

"مظفر علي خان قزلباش (پنجاب:مسلم): اوهان جي لاءِ اِهو نوٽ ڪنهن تيار ڪيو؟

"عطاءالرحمان خان (اوڀر بنگال: مسلم): ساڳي صاحبلوڪ.

"محمد علي: مون تي ڪجهہ دير تائين بنان رنڊڪ جي ڏيان ڏيندا. ورجايان ٿو تہ سردار رشيد مونکان اولهہ پاڪستان جي ايڪتا جي فائدن بابت ڪجهہ نڪتا گهريا، ان ڪري هڪ دوست کي اِهي لکڻ لاءِ چيم.

"اسپيڪر: (رخنو) ضابطو ضابطو

"محمد علي: اِهو نوٽ پڙهڻ کان سواءِ سردار رشيد جي سوالي ڪيم. هُن پشاور مان مون کي فون ڪري ٻڌايو تہ هو انجي حصي تي چڙيل آهي. چيومانس "مون اِهو پڙهيو ناهي پر پاڻ ۾ گڏجڻ مهل ان تي ڳالهائينداسين. جڏهن مريءَ ۾ مسلم ليگ جي هڪ گڏجاڻي دوران هُن اِهو مامرو اُٿاريو تہ مون چيو تہ آءٌ انهيءَ حصي جو مطلب ائين نٿو سمجهان جيئن سردار رشيد ٿو ليکي. سردار رشيد جنهن حصي جو حوالو ڏئي رهيو آهي ان ۾ لکيل آهي

تہ پنجاب کي ون يونٽ منصوبي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گهڻي ڦرتي نہ ڏيکارڻ گهرجي پر ڪنهن ايندڙ مرحلي تي پنجاب قيادت کي ڦرت چوڪس رهڻو پوندو..."(صفحو 618)

"**ميان محمد افتخارالدين:** "سائين! مون اِهو پڙهي چيو تہ گذريل ڏهن مهينن جون وارتائون انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ انتهائي اپاڱ واريون آهن ۽ اِهي سموريون ون يونٽ آڻڻ لاءِ ڪيون ويون. اوهان کي ياد هوندو تہ پوئين اسيمبلي 24 آڪٽوبر تي برخاست ڪئي وئي. اُن وقت هڪ خيال اِهو هو تہ شايد ملڪ کي هڪ جمهوري اسيمبلي ڏيڻ لاءِ ان کي برخاست ڪيو ويو آهي پر اسان کي پتو آهي تہ ان کان پوءِ ڇا ٿيو. اسان کي پتو آهي تہ ڪورٽ جي حڪم کان پوءِ ئي حاڪمن هيءَ اسيمبلي قائم ڪئي. جيتوڻيڪ اِهي ماڻهو ايمانداريءَ سان چاهين تہ پوئين اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ جي هڪ هفتي اندر ہي قائم ٿي وڃي ها. جيڪڏهن هو اُن وقت پوءِ پل اُتسڏي چونڊن ذريعي پارليامينٽ وجود ۾ آڻين ها تہ پوءِ پاڪستان ۾ سندن خلاف ڪو بہ آواز بلند نہ ٿئي ها ۽ اسان جي ساک دنيا جي نظرن ۾ خراب نہ ٿئي ها.

"سائين! جهڙي ريت اسين ڄاڻون ٿا تہ ان جو مقصد هاڻوڪي سطح واري جمهوريت ڏيڻ بہ نہ هو. هو ان واسطي مجبور ٿيا. ملڪ پلي پٽ ڄاڻي ٿو تہ انهن حاڪمن پهرين تہ ڪنهن قانون سازيءَ وارن اختيارن کانسواءِ هڪ ڪنوينشن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ جيئن پنهنجي غير قانونيت وارو مسئلو حل ڪري سگهن. آخرڪار کين جُهڪڻو پيو ۽ ملڪ ۾ هڪ قانون ساز ادارو قائم ڪرڻو پيو جنهن جو اجلاس ٿيڻ اجان باقي آهي.

"سائين! سمورين صوبائي انتظاميائن انهيءَ منصوبي هٿان پوڳيو آهي. اسان کي پتو آهي تہ سنڌ ۾ ڪهڙي ريت حڪومت کي برطرف ڪيو ويو. اسان کي انهن سببن جو بہ پتو آهي جن تحت بهاولپور جي اسيمبلي برطرف ڪئي وئي، انهيءَ مقصد کان پڻ واقف آهيون، جنهن پنجاب حڪومت جي تبديليءَ جي راهہ هموار ڪئي، اسان کي ڄاڻ آهي تہ سردار عبدالرشيد کي ڇو ڏڪاريو ويو . اِهي سموريون تبديلون اِهي سمورا غير جمهوري ردعمل فقط هڪ مقصد يعني ون يونٽ لاءِ ڪيا ويا.

"سائين! هن ملڪ ۾ شهري آزادين جي اِها حالت پئي رهي آهي. اُهو ملڪ جنهن دنيا ۾ جمهوريت جو نئون تصور ڏيڻ چاهيو اعتبار ڪندؤ ته گذريل ڏيڍ سال دوران ڪراچيءَ ۾ فقط هڪ سياسي جلسو منعقد ٿيو آهي؟ ڪراچيءَ ۾ آخري سياسي نوعيت جو جلسو مارچ 1954ع ۾ ٿيو ۽ آخري هڪ هفتو اڳ سهرورديءَ ڪيو ۽ هاڻ وري قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي. پنجاب ۾ منهنجي شڪايت ڪجهه انهن ميمبرن خلاف پڻ آهي، جيڪي هاڻ مخالف ڌر ۾ ٿي سگهن ٿا. ته مارچ 1953ع کان آگسٽ 1955ع وارن اڍائي سالن دوران صوبو فقط نون مهينن لاءِ قلم 144 کان آجو رهيو. درحقيقت پوئين وزارت ته سڄي ئي قلم 144 جي وزارت هئي. اِها مسلم ليگي وزارت هئي.اِهو سڀ ڪجهه ون يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو.

"هاڻ ون يونٽ، اسان کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته اسان جا جمهوري مسئلا حل نٿو ڪري سگهي. اِهو حڪمران ٽولي جا مسئلا حل ڪرڻ واسطي قائم ڪيو ويو آهي. ون يونٽ جو انتظام به انهن ئي ماڻهن جي هٿ وس هوندو جيڪي هيل تائين پاڪستان تي راڄ ڪندا پيا آيا آهن.

"سائين! ان واسطي جيڪي ڪجهه اسان ڪيو آهي، سو پنهنجي سرئي معاف نه ڪرڻ جوڳو آهي پر اصل مقصدن کي سمجهڻ واسطي اسان کي اونهائيءَ ۾ ويڃڻو پوندو. انهيءَ ون يونٽ جي ڳالهه ڪندڙ ان تي فقط پنهنجو اقتدار برقرار رکڻ لاءِ اعتبار ٿا ڪن. هو ڄاڻن ٿا ته ڏاڍيڙ جي شڪار مسلم ليگي قيادت کي حڪومت کان ٻاهر ڦٽو ڪيو ويندو جيستائين هو انهيءَ انتهائي مرڪزيت واري انتظاميا ۾ گڏجي ڪم نٿا ڪن ۽ عوام کي نٿا دٻائين.

"ساڳي ريت آئين تيار ڪرڻ ۾ هاڻوڪي تڪڙ ۽ ماضيءَ جي تاخير جو عوام جي جمهوري مفادن سان ڪو به تعلق ناهي. شروعات ۾ مسلم ليگي قيادت آئين نه ٿي چاهيو. ڇاڪاڻ جو سندن خيال هو ته جيڪڏهن نئون آئين اچي ويو ته پوءِ ڪين چونڊون ڪرائڻيون پونديون ۽ سندن تڏا ويڙهه ٿي سگهي ٿو. ان ڪري هنن آئين سازيءَ واري عمل ۾ هر ممڪن حد تائين تاخير ڪئي. درحقيقت ايستائين جو هڪ صفحي تي ٻڌل قرارداد مقاصد کي به 1949ع تائين ايوان آڏو پيش نه ڪيو ويو. هن ۾ هو پاڻ ۾ ئي وڙهي پيا.

ان کان پوءِ ئي اسان آڏو بنيادي اصولن جي ڪميٽيءَ جي پهرين رپورٽ آئي. ان کان پوءِ ٻي رپورٽ آئي. منجهن تعلقات ايترا تہ خراب ٿي ويا، جو آئين ساز اسيمبليءَ جا ڪيترائي اجلاس ملتوي ڪرڻا پيا ۽ ڪيترائي ڀيرا بنگال اڪيلي سر ويٺا رهيا. جڏهن تہ پنجاب جا ميمبر چوڌري محمد عليءَ جي ڪمري ۾ چانهہ پيئندي پنهنجو وقت گذاريندا رهيا. انهيءَ سموري تاخير جو سبب سندن گروهي نااتفاقي هو. وڏن گروهن سان مهاڏو اٽڪائي سگهڻ واسطي، ننڍن گروهن ٻين طريقن سان نهاريو. انجو وڏو سبب گذريل ٽن سالن دوران ملڪ اندر ڪنيل غير آئيني قدم آهن...(صفحو 630)

"سائين! اسان پنجابين تي ماضيءَ ۾ سامراج نواز پاليسي اختيار ڪرڻ جو الزام ڏريو ويندو آهي ۽ ان ۾ گهٽي حد تائين سچائي پڻ آهي. پر ماڻهن کي ڄاڻڻ گهرجي تہ برطانوي سامراج کي پنهنجي فوج ۽ پوليس فورس جي ڀرتي باقي هندستان لاءِ ئي نہ پر خود اسان جي صوبي جي بيٺڪيتي ملڪيتن تي قبضو برقرار رکڻ لاءِ پڻ ڪرڻي ٿي پئي. ان ڪري ئي هنن پنجاب ۾ شهري آزادين کي ڪچلڻ تي خاص ڌيان ڏريو. هاڻوڪي حڪومت طرفان بہ هڪ ڏار انداز ۾ ساڳي پاليسي اختيار ڪئي پئي وڃي. تنهنجي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ ڪين پنجاب کي پنهنجي پنجوڙ هيٺ رکڻو پوندو. درحقيقت، اسان پنجابين کي ٻين ماڻهن جي پيٽ ۾ وڏيڪ اهنج مليا آهن.."(صفحو 634)

"بهر صورت، مونکي خدشو آهي، تہ حڪومت اهڙو ڪو سهمت پريو حل نہ قبوليندي، هو ڄاڻن ٿا تہ گذريل ڪيترن ئي مهينن کان سندن اختيار ڪيل طريقن ۽ پاليسين عوام جي جذبي کي نپوڙي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي مايوس ڪُن صورتحال ۾ هو ڪجهہ بہ ڪري سگهن ٿا..."(صفحو 635)

"حسين شهيد سهروردي(اوڀربنگال-مسلم): جناب اسپيڪر صاحب! هڪ اطالوي چوڻي آهي تہ "جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿي ويندو." آءُ ڪنهن اُميد سان نٿو ڳالهائيان تہ ڪو بہ دليل جيڪو آءُ ون يونٽ بل جي حق ۾ يا مخالفت ۾ ڏيندس يا ايوان طرفان ان جي اطلاق يا انجي ورهائڻ يا ڪنهن ٻئي متبادل منصوبي لاءِ ڏيندس، تنهن جو مخالف صاحبلوڪن تي ڪو ذرو پرزو بہ اثر ٿيندو جيڪي هڪ خاص مقصد واسطي پاڻ ۾ گڏ ٿيا

آهن. ڪين ڪچلڻ وارو سڏيو ويو آهي ۽ آءُ ان ڏينهن کان ڊنل آهيان، جڏهن انجو عملي مظاهرو ٿيندو. ڇا "پنج ندازم" جيڪو پاڪستان جي مقدر تي راڄ ڪندو رهيو آهي تنهن اڄ اعلان ناهي ڪيو تہ انجي ڪا بہ قوت ون يونٽ بل کي منظور ٿيڻ کان روڪي نٿي سگهي؟ هُن اِهو اعلان ناهي ڪيو تہ انجي سموري مخالفت کي ڪچليو ويندو؟ ڇا هُن اعلان ناهي ڪيو تہ پاڪستان واسي اِهو ليڪين تہ ون يونٽ بل لاڳو ٿي چڪو ۽ ان جي ڪا بہ مخالفت برداشت نہ ڪئي ويندي؟. "(صفحو 643)

"...سو اِها آهي صورتحال، آءُ ڪيسن ڏانهن واپس ايندس، پر اِهو سامهون آڻڻ ٿو چاهيان تہ کهڙو غير واسطيدار ناهي. حميدالحق سمجهي نہ پيو تہ کهڙو بل جو هڪ حصو آهي. جهڙي ريت آءُ ڄاڻائي چڪو آهيان، تہ ملڪ ۾ انهيءَ قدم جي وڏندڙ مخالفت جو اصل سبب هاڻوڪي حڪومت طرفان کهڙي کي ڏنل حمايت ڪري آهي. جيڪڏهن اوهين اهو سمجهي نہ پيا سگهو تہ آءُ اوهان کي سمجهڻ لاءِ مجبور نٿو ڪري سگهان تہ ان بل جي مخالفت جو اصل سبب اِهو ئي آهي.

"...هاڻ سائين! اِهو انتهائي اياڳ آهي، ۽ اِهو اسان کي واپس موضوع جي هڪ ٻئي پهلو ڏانهن ٿو آڻي تہ خود حڪومت انهيءَ بل سان ايڏي جنوني طور ڳنڍجي وئي آهي، جو ون يونٽ منصوبي جي مفادن کي اڳتي وڌائڻ عيوض هن ملڪ ۾ سيڪجهہ ڪرڻ جي اجازت آهي. ان مامري تي آءُ بعد ۾ ايندس، پر اسان سڀني کي پتو آهي تہ کهڙو ون يونٽ منصوبي جي مفادن لاءِ اڳيرو آهي ۽ سندس ڪنيل هر قدم کي ان ڪري پٺڀرائي ڏني وئي آهي، جو سندس دعوا آهي تہ سنڌ ۾ ون يونٽ منصوبي جو واحد حمايتي آهي ۽ جيئن تہ هو سنڌ جو وڏو وزير آهي، تنهنڪري سڄي سنڌ ان جي حمايتي آهي... "(صفحو 668)

"...مون ڄاڻايو هو تہ آءُ فقط چونڊن جي ٽن اِسمن جو حوالو ڏيندس. آءُ قانون ساز اسيمبلي ۽ گڏوگڏ آئين ساز اسيمبليءَ جي چونڊن جو حوالو ڏئي چڪو آهيان ۽ هيٺين سطح يعني ضلعي بورڊ جي چونڊ جو حوالو ڏيندس. سائين! لاڙڪاڻي جي ضلعي بورڊ جي هڪ چونڊ ٿيڻي هئي. منهنجو خيال آهي تہ انجون 29 سيٽون هيون ۽ ڪجهہ ماڻهن مسلم ليگي اُميدوارن يا کهڙي جي نمائندن خلاف نامزدگيءَ وارا ڪاغذ داخل ڪرائڻ جي همت

ڪئي. کھڙو اُتاولو هو تہ سندس پاءُ علي گوهر کھڙي جي صدر ۾ ميمبر طور چوندجڻ جو اعلان ڪيو ويجي ۾ جيڪڏهن ممڪن هجي ۾ هو ضلعي بورڊ جو بنان مقابلي صدر چوندجي اچي. آخرڪار اسين اِهو چوڻ جا اهل ٿيڻ تي خوش آهيون تہ سندس بنان مقابلي چوندجي اچڻ جو اعلان ٿي چڪو آهي، پر ان دوران هيٺيون شيون بہ پيش آيون. يقيني طور تي اِهو رٽرننگ آفيسرن جو نقص آهي نہ ڪي کھڙي جو تہ 31 نامزدگيءَ وارا ڪاغذ رد ٿيا، جنهن جو مثال ڪٿي بہ نٿو ملي..." (صفحو 670)

"...واقعن جو منطقي لاڙو تہ اِهو ڪيڏانهن پئي ويو پلي پٽ وائکو آهي، ۽ مون اوهان آڏو واضح ڪيو ان ڪري تہ جهڙي ريت ڪالهہ عرض ڪيم تہ ڪو مون کي وزيراعظم طور چونڊيو يا نامزد نہ ڪيو ويو. اِهو انتهائي انتهائي ننڍڙو معاملو آهي جهڙي ريت معزز وزيراعظم پڻ سگھو ٿي چاٽي وٺندو. صورتحال اهڙي آهي جو اِن عهدي سان اُها ساک يا اختيار ڳنڍيل ناهن جيڪي جمهوري ملڪ جو اثاثو ٿين ٿا..." (صفحو 682)

"**محمد ايوب کھڙو:** ان مان جهڙي ريت آءٌ اڳيئي چئي چڪو آهيان اِهو فيصلو ڪيو ويو آهي تہ ٽي سو هزار ايڪڙ زمين سنڌ صوبي ۾ بي زمين هارين لاءِ مختص هوندي، باقي زمين لاءِ پڻ پوءِ بل اِها ڇهہ لک ايڪڙ هجي يا ست لک ايڪڙ، مقامي آباديءَ کي ترجيح ملندي.."

"**ظهيرالدين:** پوءِ پائيچارو ڪيڏانهن ويو؟.."

"**محمد ايوب کھڙو:** (معزز ميمبر تقرير ۾ درستگي نہ ڪئي) پوءِ سائين! انهن بيراجن لاءِ پاڻيءَ جي تفويض وارو سوال ڳڍيل قانون ساز اداري ۾ اولهہ پاڪستان جي حڪومت جي جوڳي دلچسپيءَ جو حامل هوندو تہ پاڻيءَ جي فراهميءَ واري هاڻوڪي مقدار جو مڪمل طور تي تحفظ ڪيو ويجي.

"جيستائين نوڪرين جو تعلق آهي، آءٌ گھڻو ڳالهائڻ نٿو چاهيان چاڪاڻ جو انتظامي ڪائونسل طرفان ڪيل هاڻوڪي انتظام، هاڻوڪين نوڪرين جي حوالي سان اطمينان جوڳو آهي. مستقبل لاءِ انتظامي ڪائونسل جي رٿ اها آهي تہ جيستائين زيردست يا ڪلاس 2 نوڪرين جو تعلق آهي پرتيون واسطيدار ۾ ڊويزنن مان ئي ڪيون ويندين پر جيستائين ڪلاس 1 ۾ سپيريئر سروسز جو تعلق آهي تہ اِها مستقبل جي

حڪومت ۾ انهن ماڻهن جي ذميواري هوندي، جيڪي سپيريئر سروسز ۾ ٻه آباديءَ جو مناسب ڏسڻ چاهين ٿا.. "(صفحو 762)

"**حميدالحق چوڌري** (اوڀر بنگال: مسلم): سهرورديءَ موجب آئين ٺاهڻ واسطي ايتري جلدي هئي جو هڪ پيرو ته هُن پاڻ ماڻهن کي اُهو آئين قبولڻ لاءِ چيو جيڪو گورنر جنرل جي حڪم ذريعي تيار ٿيڻو هو ته جيئن ڪجهه نه هئڻ کان ڪجهه هئڻ بهتر ٿيندو. ان کان پوءِ هُن ماڻهن کي پنهنجي ڪنوينشن قبولڻ جو چيو. هاڻ ڇا اِهو ساڳيو ئي سهروردي آهي؟..."(صفحو 767)

"**مشتاق احمد گُرماڻي** (پنجاب-مسلم): اولهه پاڪستان جي انتظام واسطي ڪائونسل اڳيئي اعلان ڪري چڪي آهي، ته سنڌ ۾ آبپاشي هيٺ آيل نين زمينن جي الاٽمنٽ ۾ ترجيح اُن صوبي جي بي زمين هارين کي ڏني ويندي ۽ جيڪڏهن اضافي زمين هوندي ته ٻين هنڌن جي بي زمين آبادگارن کي ڏني ويندي.(صفحو 806)

"**فضل الرحمان**: منهنجي دعوا آهي ۽ ان ۾ مون کي سامهون واري ڌر ۾ ويٺل ڪيترن ئي ميمبرن جي پڻ حمايت حاصل آهي ته انهيءَ تصور کي ڪا حقيقي حمايت حاصل ناهي، نه ته بل واسطي نه ئي وري اولهه پاڪستان جي صوبن کي ون يونٽ ۾ ضم ڪرڻ واري تصور واسطي. انڪري مون کي انهيءَ حمايت جي نوعيت جو ڌار تجزيو ڪرڻ ڏيو انهيءَ بل واسطي هن ايوان جي ميمبرن طرفان ۽ ايوان کان ٻاهر وارن ڪهڙي حمايت آهي آهي؟

"سائين! اچو ته ان کي ڌار ڌار پروڙيون. سندن دعوا آهي ته اولهه پاڪستان جي لڳ ڀڳ سمورن قانون ساز ادارن انهيءَ بل جي حمايت ڪئي آهي سائين! انهيءَ حمايت جو داستان بيان ڪرڻ انتهائي ڏکوئيندڙ آهي. مرڪزي حڪومت جو منصوبو اجائين ڇنڇي ته حڪمران ٽولي، اُهي فرد جيڪي پردي جي پويان کان ويهي ڏوريون ٿا هلائين، جي رُڪن چاڻندا هجن ته ڪهڙي ريت منصوبو جوڙيو ويندو ۽ مختلف صوبائي قانون ساز ادارن ۾ اولهه پاڪستان جي اهم سياسي اڳواڻن کان ان جي حمايت حاصل ڪئي ويندي اِهو منصوبو سردار عبدالرشيد انتهائي ڏاهپ سان هن ايوان آڏو وائکو ڪيو ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ اسان آڏو وضاحت ڪري انتظامي

اصولن يعني "کهڙو ازم" نالي انتهائي وڏي راند حاصل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيل طريقن جي اُپٽار ڪئي آهي. ان حمايت جي درست تصوير سامهون آندو آهي. سائين! انهيءَ منصوبي جو پهريون نڪتو سڀ کان اڳ ۾ ميدان صاف ڪرڻو هو. ان جي نوعيت ڇا آهي؟ ان جو مطلب آهي تہ هر سياسي اڳواڻ کي ون يونٽ واري تصور تي هرڪائجي يا ڏاڍ ڏمر سان ڪيس ان جو حمايتي بڻائجي. اِهي هئا طريقا، جيڪي اختيار ڪيا ويا. انهن سمورن دليلن جي ورجاءِ سان ايوان جو وقت زيان نہ ڪندس پر اِهو ڄاڻائڻ جي ڪوشش پيو ڪريان تہ...

"اسپيڪر: معزز ميمبر مهرباني ڪري انهن دليلن جو ورجاءُ نہ ڪري جيڪي سفارشون مرتب ڪرڻ جي مرحلي ۾ پيش ڪيا ويا هئا."

"**فضل الرحمان:** آءٌ پاڻ اِهو چئي چڪو آهيان ۽ اوهان کي خاطري ڏيان ٿو ڪرايان تہ هئي ڪنهن جي دليلن جو ورجاءُ نہ ڪندس پر منهنجو دليل اِهو آهي تہ اِها حمايت مصنوعي هئي، زور زبردستيءَ سان حاصل ڪيل هئي، غير فطري هئي، پاڪستان واسين جي خواهشن جي اُبتڙ هئي ۽ اِها حمايت انهن طريقن ذريعي حاصل ڪئي وئي، جيڪي سردار عبدالرشيد ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي ميمبرن سان گڏوگڏ ملڪ فيروز خان پڻ وائڪا ڪيا آهن. جن تحت وزارتون برطرف ڪيون ويون، اسيمبليون برخاست ڪيون ويون، ماڻهن سان وعدا ڪيا ويا، عهدن جا وعدا ۽ ماڻهن کي ڌاڪاين جو نشانو بڻائي هيسايو ويو ۽ اهم سياسي اڳواڻن کي جيلن ۾ واڙيو ويو ۽ ان سڀ جو واحد مقصد ون يونٽ بل لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ هو. ڇا ان کي سنجيدگيءَ سان حمايت ليکي سگهجي ٿو؟ ڇا ڪا بہ مهذب حڪومت، احترام جوڳي حڪومت اهڙي حمايت کي بل واسطي حمايت ليکي سگهي ٿي؟ مون کي هاڻوڪي وزيراعظم تي واقعي افسوس ٿو ٿئي ڪيس جبري طور تي، جهڙي ريت سندس مخالفن جي دعوا آهي، ايڏانهن ڌڪيو ويو آهي. سائين! سندس تقرير جو تجزيو ڪندس، جنهن مان اوهان کي اندازو لڳندو تہ هو پاڻ ڪيتري حد تائين ون يونٽ واري انهيءَ تصور کي ناپسند ٿو ڪري. اِهو ڪيترن ئي جوڳي ردعملن سان پريل آهي. سندس تقرير جو حوالو ڏيڻ مهل ان کي ثابت ڪندس. پنهنجي پوئين تقرير

۾ ٻڌائي چڪو آهيان، ته ون يونٽ بل ٻن پاڪستانن جو ٻج ڇٽيو آهي ۽ جيڪڏهن اِهو بل قانون ٿو بڻجي ته منهنجو ڪو شڪ شهبو ناهي ته پاڪستان ٽٽي ويندو ۽ هر هڪ ڏاهپ ڀري شخص خاص طور تي وزيراعظم کي ان جي خاطري ڪرڻ گهرجي ته اهڙي ٽوڙ ڦوڙ نه ٿئي. واحد رستو جنهن ذريعي هو انهيءَ ٽوڙ ڦوڙ کي ٽاري سگهي ٿو ان بل کي واپس وٺڻ آهي ۽ آئيني بل پيش ڪري انتيءَ يڪرائپ حاصل ڪئي وڃي. آءٌ اِهو نٿو چوان ته ڪيس هر ميمبر جي سهمتي وٺڻي پوندي، جيڪڏهن هو آزاد ميمبرن کان پريشان آهي ته کين ڇڏي ڏئي پر ٽن سياسي پارٽين کي آئيني بل تي سهمت ٿيڻ ۽ اِهو بل ايوان مان بحال ڪرايو وڃي. اهڙو بل هن ملڪ کي ٽٽڻ کان بچائيندو.

"سائين! جهڙي ريت ڇيم پئي ته اِهو ٻاهرين حمايت سان لاڳاپيل هو هاڻ سائين! هن ايوان اندر ميمبرن ڏانهن ٿو اچان. هنن ڪهڙي حمايت ڏني آهي ۽ هنن ڇا چيو آهي؟ سائين! وزيراعظم چيو آهي ته " انداز" ان سوال ڏانهن سندس انداز ڪهڙو آهي؟ هُن چيو" هاڻ سائين! اسان آڏو هڪ مخصوص انداز کي مختصر لفظن ۾ بيان ڪريان ته اِهو هن ملڪ جي آئيني مسئلي کي مخاطب ڪري سگهي ٿو. آءٌ هن ملڪ کي هڪ ٿو ليکيان."(صفحو 883).

" آءٌ ريفرينڊم جو رٿيان؟ جهڙي ريت اڳ ۾ چيو اٿم، ان ڪري ٿو رٿيان جو هيل تائين ڪيل راءِ عامه ۽ هُنن طرفان ڪيل اِها دعوا ته ان کي حمايت حاصل آهي، درست ناهي. جنهن حمايت جي هو دعوا ٿا ڪن سا حمايت ٿي ناهي. اِها ٻجملي حمايت آهي."(صفحو 885)

"**عطاءُالرحمان خان:**(معزز ميمبر طرفان درست نه ڪيل تقرير): اِها اوهانجي رولنگ آهي. سو سائين! اِهو پئي چيم ته بحث مباحثو ٻڌڻ ۽ عوام جو موقف ڄاڻڻ کان پوءِ اِهو واضح آهي ته اولهه پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ پنجاب خلاف تمام گهڻو موقف موجود آهي. ان ڪري رٿيو اهو ويو ۽ اوهان کي پڻ ڪيترن ئي صاحبن جي بيانن مان اندازو ٿيو هوندو ته کين صوبن تي پنجاب جي بالادستيءَ جو خوف موجود آهي ۽ اوهان طرفان سنجيدگيءَ سان ڳجهي رکيل هدايتن جي اعلان نامي ۾ جيڪو پڙهڻ جو اسان کي اعزاز

حاصل آهي ۽ مون تہ ان کي رٿي ڇڏيو آهي تہ پنجاب جي ميمبرن کي هدايت ڪئي وئي تہ هو ان بابت نہ ڳالهائين ۽ ڪجهہ وقت لاءِ خاموشي اختيار ڪن ۽ اِهو ئي سبب آهي جو جيستائين پنجاب جو تعلق آهي، اسان کي ڪا گهٽي مخالفت نظر نٿي اچي. ان سان واضح ٿو ٿئي ۽ جهڙي ريت دستاويز ۾ پڻ چاٽايو ويو آهي، تہ جيڪڏهن پنجاب هن وقت گوڙ ڪندو تہ ماڻهن کي شڪ ٿيندو تہ اڳيرائيءَ پيا ڪن ۽ اِها تجويز يقيني طور تي سندن حق ۾ ۽ ٻين جي مفادن جي خلاف آهي انڪري ئي پنجابي انهيءَ قدم کي اڳتي پيا وڌائين.ان ڪري سائين! ان ڪان ڪو انڪار ناهي تہ اولهہ پاڪستان جي ٻين صوبن تي پنجاب جي بالادستيءَ جو خوف موجود آهي. انڪري اِهو واضح آهي جهڙي ريت اوهين اتر اولهہ سرحدي صوبي جي هڪ انتهائي ذميوار ميمبر سردار عبدالرشيد ڪان ٻڌي چڪا آهيو تہ هُن حڪومت کي چتاءُ ڏنو هو تہ اُها باهہ سان نہ کيڏي، ان مان سندس مطلب هو تہ اتر اولهہ سرحدي صوبي جا رهواسي اِها پوزيشن قبول نہ ڪندا، ڇاڪاڻ جو هو پنجاب جي بالادستيءَ ڪان انتهائي چڙڪيل آهن. سردار عبدالرشيد جي تقرير مان مون اِهو تاثر جوڙيو آهي، تہ اتر اولهہ سرحدي صوبو پنجاب جي بالادستيءَ ڪان انتهائي ڏنل آهي. اِها ڳالهہ ٻين صوبن تي پڻ لاڳو ٿئي ٿي..." (صفحو 896)

"سردار فضل ڪريم: "... هاڻوڪو بل ڪا عام قانون سازي ناهي. انجي حمايتين پڻ مڃيو آهي تہ اِهو هڪ آئيني قدم آهي. سائين! اِهو نہ رڳو آئيني قدم آهي پر آئين ٺاهڻ ڪان اڳ ڏار پيش ڪيو ويو آهي. ايستائين جو يوسف هارون جي ڊان اخبار موجب بہ گاڏيءَ کي گهوڙي جي اڳيان جوڙيو ويو آهي. قبوليت يقيني طور تي بل کي ڪو خراج ناهي. جيڪڏهن اِهو منظور ٿيو تہ يقيني طور تي مستقبل واري آئين تي اثرانداز ٿيندو. اسين اڳواڻ هڪ ٽنب پيا ڪوڙيون ۽ پنهنجو پاڻ کي ان سان ٻڌون پيا. تہ جيئن سڄو ڍانچو انهيءَ ٽنب جي زيردست رهي، نہ ڪي ٽنب ڍانچي جي زيردست هجي. اِهو ائين ئي آهي جڻ پڇ ڪتي کي لوڏيندو هجي، نہ کي ڪتو پڇ لوڏيندو هجي. اسان جا اڳواڻ ۽ سندن تصور بہ عجيب آهن! سائين! مخالف ڌر جي هڪ منصوبي تحت آئين ۾ تاخير جو ذميوار ليکيو

پيو وڃي. ملڪ کي جاچڻ ڏيو تہ آئين ۾ دير ڪير پيو ڪري؟ اِهو چوڻ جي همت اٿم تہ هاڻوڪو منصوبو اسان جي آئين جي نوعيت جو اڳواٽ تعين ڪرڻ جو هڪ سوچيل سمجهيل منصوبو آهي ۽ هڪ جمهوري ۽ قابل قبول آئين جي تياريءَ کي گدلائڻ جي ڪوشش آهي. اسان جي درخواست اِها آهي تہ جيڪڏهن پنهنجي اعلانن سان سچا آهيو جيڪڏهن محسوس ٿا ڪريو تہ آئين ناهڻ واسطي ڪنهن مناسب ۽ پُرامن ڪوشش لاءِ صوبن جي رهواسين جي سمورن حقن جو سهڪار ضروري آهي تہ پوءِ اِهو بل واپس وٺي هڪ رٿيل آئين جو مسودو پيش ڪريو.

"هاڻ سائين! ريفرينڊم واري سوال تي منهنجي گذارش اِها آهي تہ هاڻوڪي ڏينهن ۾ سامهون ايندڙ وارتائن ۽ (جيڪي ڪجهہ سامهون اچي چڪو آهي) کان پوءِ ريفرينڊم ضروري ٿي پيو آهي. هن وقت ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪا شئي سڀ کان وڌيڪ تڪراري بڻيل آهي تہ اِهو ون يونٽ بل ئي آهي....

"....اِهو ون يونٽ بل پاڪستان جي تاريخ ۾ سياه ترين بل آهي. اِهو ننڍين علائقن جي رهواسين جي پنهنجي نمائنده ادارن ذريعي پنهنجي ثقافت ۽ ٻوليءَ جي مڪمل ترقيءَ واري سندن حق کان محروم ٿو ڪري اهو گهٽ ترقي ڪيل علائقن جي رهواسين کي پنهنجا مامرا هلائڻ واري حق کان ان بنياد تي محروم ٿو ڪري تہ هو تعداد ۾ گهٽ آهن ۽ هاڻ يونائٽيڊ فرنٽ وارا اوڀر بنگال جي رهواسين جي نالي ۾ اِهو بل منظور ڪري رهيا آهن. اوهان کي اِهو ڪجهہ ڪرڻ جو ڪو حق حاصل ناهي ۽ اهو ئي سبب آهي، جو اوهين مسلم ليگين کان وڌيڪ دوکيباز آهيو جن جو ڪردار هن ايوان آڏو مڪمل طور تي وائکو ٿيل آهي. اوهين اوڀر بنگال جي رهواسين کي اِهو چوڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو تہ جيڪڏهن سنڌ ۽ اتر اولهہ سرحدي صوبو پنهنجي خودمختياريءَ جو وڏو حصو وڃائي وينا تہ ان سان ڪهڙو فرق پوندو؟ اوهان بنگالين کي مڪمل خودمختياري حاصل هوندي. اوڀر بنگال جا رهواسي ٻين جي خودمختياريءَ جي قيمت تي حاصل ٿيندڙ پنهنجي خودمختياريءَ تي لڄي ٿيندا. اوڀر بنگال جو ڪو جمهوريت پسند اِهو دليل ڏيندو تہ جيڪڏهن اوڀر بنگال اولهہ پاڪستان ڳنڍيل هجي ها تہ ڇا آءُ پنهنجي صوبي جي نمائنده ادارن ۽ انتظاميا تہ ڇا خود صوبي جي

خاتمي سلن سهمت ٿيان ها؟ ان جو جواب ٻڌائڻ ڪنهن هيڪ جي "نہ" آهي.
سائين! اسين ڀلا چاهيون تہ سنڌ ۾ اتر اولهہ سرحدي صوبو پنهنجي صوبائي خودمختياريءَ جو مناسب حصو وڃائي ويهن. سائين! اوڀر بنگال جا رهواسي ڀلا سمجهن تہ اوڀر بنگال جي نوجوانن ۾ شاگردن جي رت سان رنگيل هٿن وارا اوڀر بنگال کي خودمختياري ڏيندا. ان ڪري يونائيٽيڊ فرنٽ وارن کي چوندس تہ اهو تہ سمجهو تہ ان مامري تي اوهان کي عوام جو اعتماد حاصل آهي.

"سائين! جيڪڏهن اسين هن ايوان ۾ ڪيل تقريرن تي نظر ڊوڙائينداسين تہ مونکي يقين آهي تہ اوهين سولائيءَ سان سمجهي ويندؤ تہ اِهي تقريرون ئي اِهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن، تہ اِهو بل هڪ تڪراري بل آهي. مون کي مخالف ڌر وارن جي تقريرن جو حوالو ڏيڻ جي ضرورت ناهي، اچو تہ مسلم ليگي بينچن تي ويٺل ميمبرن جون تقريرون جاچيون. اچو تہ سردار عبدالرشيد جي تقرير کان شروعات ڪريون، جنهن ايمانداريءَ سان ڳالهائيندي بل تي سفارشون مرتب ڪرڻ کان اڳ ريفرينڊم ڪرائڻ جي گهُر ڪئي. ان کان پوءِ اچو تہ ميان جعفر شاهہ جي تقرير کي ڏسون، جنهن پڻ بل جي حوالي بابت گهُر ڪئي. ٽالپر صاحب پڻ ڪالهہ بل تي ڳالهايو. سهرورديءَ پڻ کهڙو ازم تي ڳالهايو ۽ شايد اوهان ۾ ڀين کي ڪو شڪ شبهو ٿي پئي سگهيو تہ هو درست نہ پيو ڳالهائي پر ان کان پوءِ ٽالپر سچ ڳالهائي ورتو."(صفحو 904)

"حسين شهيد سهروردي: "... اِهو ذري گهٽ بل کي ٽڙتڪڙ ۾ اُڪلائڻ وارو سوال پيو بڻجي. اِهو لڳ ڀڳ ڊونگ آهي. اسان کي پتو ناهي معزز ميمبرن جو مطلب ڇا آهي! ڪيس وضاحت جي اجازت نہ ڏني وئي آهي."(صفحو 926)

"محمود علي: سائين! آءٌ رٿيان ٿو:

"بل جي ڪلاز 2 جي ذيلي ڪلاز (1) جي حصي (b) جي اسم (2) لاءِ هيٺيون متبادل آندو وڃي:-

"(2) چيف ڪمشنر جو بلوچستان صوبو."

ان کانپوءِ آءٌ رٿيان ٿو:

"تہ بل جي ڪلاز 2 جي ذيلي ڪلاز (2) ۾ هيٺيون متبادل آندو وڃي
"ڪراچي هڪ وفاقي علائقو هوندو ۽ پاڪستان جي آئين ذريعي انجي حتمي حيثيت جي تعين تائين هڪ چيف ڪمشنر تحت انتظام هيٺ هوندو."

"سائين! بل جي هاڻوڪي شڪل ۾ تبديلي ڪرڻ ۽ اولهہ پاڪستان واسطي هڪ ذيلي وفاق فراهم ڪرڻ واسطي انهن ترميمن جو نوٽيس ڏنم. اِهو ڪندي آءٌ پاڪستان جي قيام پويان مرڪزي تصور سان ٺهڪاءُ ۾ هئس. بل تي غور دوران پنهنجي تقرير ۾ مون لاهور ٺهراءُ يونائيٽيڊ فرنٽ جي 21 نڪاتي پروگرام جو حوالو ڏنو ۽ اِهو واضح ڪيم تہ هاڻوڪو بل نہ تہ لاهور ٺهراءُ ۾ واضح ڪيل بنيادي اصولن ۽ نہ وري انهيءَ 21 نڪاتي پروگرام سان ميل ٿو کائي جنهن تي بنيادي يونائيٽيڊ فرنٽ جا ميمبر چونڊجي آيا آهن. سائين! جڏهن لاهور ٺهراءُ ۽ جن بنيادن تي پاڪستان جي تحريڪ هلائي وئي، ستن ڏهن سالن تائين اِهو هندستان جي اوڀر ندي ۽ اولهندي پاڳن جي قيام لاءِ بحال ڪيو ويو پر پنهنجي تقرير دوران هن ايوان جي هڪ معزز ميمبر گُرماٽيءَ ڇاٽايو تہ اپريل 1946ع ۾ دهليءَ ۾ ڪوٺايل قانون ساز ادارن جي ميمبرن جي ڪنوينشن ۾ اِهو طئي ڪيو ويو تہ ٻن بدران هڪ رياست هوندي. سائين! اڄ ڪنهن کي بہ ان تي اعتراض ناهي. اسين پاڪستان جي هڪ رياست جي قيام جا مخالف ناهيون. سائين! اِهو انهيءَ ڪنوينشن جي اهليت بابت ڪو سوال اُٿارڻ کان سواءِ ٿو چوان، جيڪو هندستان جي ڏهہ ڪروڙ مسلمانن جي نمائنده اداري يعني آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل جو اجتماع هو، اِهو بہ واضح ڪريان تہ ٺهراءُ ۾ اِهو بہ شامل نہ هو تہ هڪ وحدتي انداز واري حڪومت قائم ڪئي ويندي يا پاڪستان جي رياست هڪ وحدتي رياست هوندي. سائين! صوبن جي خودمختيار ڪردار بدران ٻن خطن جي خودمختيار ڪردار کي مسترد نہ ڪيو ويو هو. ان ڪري منهنجي گذارش آهي تہ هيءُ بل لاهور ٺهراءُ ۾ بيان ڪيل بنيادي اصولن سان انتهائي حد جو غير مواقف آهي ۽ گذريل چونڊ ۾ جيڪا اسان اوڀر بنگال ۾ وڙهي، يونائيٽيڊ فرنٽ پنهنجي 21 نڪاتي پروگرام ذريعي عوام آڏو وعدو ڪيو تہ پاڪستان جو آئين لاهور ٺهراءُ جي

بنيادي اصولن يعني صوبن يا ان ۾ شامل ٿيڻ جي خواهشمند ماڻهن جي خودمختيار ڪردار کي مان ڏنو ويندو ۽ سائين! جيڪڏهن انهيءَ ٺهراءُ جو ڳوڙهو اڀياس ڪبو تہ ظاهر ٿيندو تہ اِهو تيار ڪندڙن ۽ پاڪستان لاءِ تحريڪ هلائيندڙن جي ذهنن ۾ واضح هو تہ گڏجي رهڻ يا ڌار يونٽ جوڙڻ جي خواهشمند ماڻهن کي انجي اجازت هوندي پاڪستان جي اولهندي پاسي ۾ اسان کي نظر ٿو اچي تہ هتي ڪيترائي عنصر آهن، هتي پنجابي آهن، هتي سنڌي آهن، هتي بلوچ آهن ۽ هتي پٺاڻ بہ آهن. اسين سنڌن قانوني اُڌمن کي مسترد نٿا ڪري سگهون. خودمختيار رهڻ وارو سنڌن اُڌمو پنهنجو پاڻ تي راڄ ڪرڻ وارو سنڌن اُڌمو. سائين! جيڪڏهن سنڌن خواهشن جي پيڪڙيءَ ۾ اسين متن ڪو انضمام ٿا مڙهيون، تہ پوءِ تاريخ ڪم نظر حاڪمن جي اهڙن عملن جي رد عملن سان ڀريل آهي. پاڪستان آڏو انجي نتيجن جو سوچي ئي ڪنبجي ٿو پوان. هن ايوان جي معزز ميمبرن خاص طور تي اوڀر بنگال جي رهواسي ڪين پاڪستان جي ٻين علائقن جي رهواسين جي حقيقي خواهشن ۽ اُڌمن کي پنهنجي پيرن هيٺان ڪچلڻ لاءِ نہ چونديو هو. جيڪڏهن اڄ سنڌن واهر ۽ همڪاريءَ سان اولهہ پاڪستان جي رهواسين تي هڪ جبري الحاق مڙهيو ٿو وڃي تہ پوءِ مون کي ڊپ آهي تہ اوڀر بنگال جا رهواسي ان جي ذميوارن کي بخش نہ ڪندا. سائين! گُرمانيءَ کي اِهو چوندي ٻڌو لڳم، تہ ماڻهن جو فيصلو ئي هوندو جيڪو حتمي طور تي اِهو طئي ڪندو تہ ڇا هو گڏجي رهڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن هو واقعي ان تي يقين ٿو ڪري تہ پوءِ ڪيس ان بل جي حمايت نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ماڻهن جي خواهش جوڙڻ وارو عنصر آهي، تہ پوءِ ان کي ماڻهن جي خواهشن تي ڇڏڻ گهرجي نہ ڪي متن الحاق مڙهڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهہ جي پيش نظر مون ريفرينڊم لاءِ ترميم رٿي آهي. جيستوڻيڪ اوهان ان کي خارج ڪري ڇڏيو آهي پر سائين! آءٌ سمجهان ٿو تہ پاڪستان جي مفاد ۾ ان جي اجازت ڏيو ۽ جيڪڏهن گُرماڻي بہ سمجهي ٿو تہ ماڻهن جي خواهش ئي ايڪتا پيدا ڪندي، تہ پوءِ اسان کي ريفرينڊم بابت انهيءَ رٿ جي پڻ حمايت ڪرڻ گهرجي. ماڻهن سان رجوع ڪرڻ ۾ ڪهڙو نقصان آهي؟ جيڪڏهن الحاق وارو اِهو تصور متن واضح ٿيل هوندو تہ هو پاڻ ان جي حمايت ڪندا. اوهين ماڻهن خلاف عدم اعتماد جو

اظهار نٿا ڪري سگهو ڇاڪاڻ جو اِهي ماڻهو ئي پاڪستان جي قيام جا ذميوار آهن. هنن ئي ان کي وجود ۾ آندو آهي نہ ڪي اوهان ۽ اسان. اوهين مٿاهين مفاد تي نٿي سگهو ٿا ۽ ماڻهن جي تخليق ڪيل ۾ حصو وٺڻ جي ڪوشش ڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن اسان جو ماڻهن تي ڪو ڀروسو ناهي، جيڪڏهن اسين سمجهون ٿا تہ پاڪستان جي ماڻهن کي خريد ڪري سگهجي ٿو تہ پوءِ اِهو ٿي چوندس تہ اوهين غلطيءَ تي آهيو. ڪجهہ اهڙا بہ دليل ڏنا ويا آهن تہ غلط پروپيگنڊا پاڪستان ۾ ڪجهہ ماڻهن کي ون يونٽ جي مخالفت لاءِ اُتساهي ڀڙڪائي رهي آهي. مون کي چوڻ ڏيو تہ اهڙا ماڻهو پنهنجي سوچ ۾ مڪمل طور تي غلط آهن. ڪين ماڻهن ۾ ڪو اعتماد ناهي. پاڪستان واسي وڪري لاءِ ناهن. هو دنيا جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏا محب وطن آهن. اِهي سرحد واسي هئا، جن تاريخي ريفرينڊم ۾ پاڪستان جي حق ۾ ووٽ ڏنا. اسان ڪين ڪانگريس طرفان هندستان جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش دوران اهو فيصلو ڪندي ڏٺو. ان موقعي تي ڪانگريس پئسا خرچ ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻايو پر حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيس. عوام سوپارو ٿيو. هُنن ثابت ڪيو تہ محب وطن هئا ۽ پاڪستان جي حق ۾ هئا. هاڻ ساڳين ماڻهن ڏانهن انهيءَ مقصد لاءِ رجوع ڪرڻ کان ڇو ڪيٻايو؟ اڄ بہ هو درست فيصلو ڪندا. ڇا اسان کي ڪائنن ڏڄڻ گهرجي؟ سائين! گذريل ڏينهن وزيراعظم چوڌري محمد علي کي اِهو چوندي ٻڌم تہ هو پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ آزادي قائم ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪو آهي. هُن چيو تہ ايندڙ چونڊن ۾ جيڪي سال ڏيڍ اندر ٿينديون هو آزاد ۽ منصفاڻي چونڊن جي خاطري ڪرائيندو ۽ يقيني طور تي ڳالهائڻ ۽ سڏ سماءَ جي پڻ آزادي جيڪي لازمي آهن. پر سائين! منهنجي مشاهدي ۾ اِهو ٿو اچي تہ خان عبدالغفار خان کي گرفتار ٿو ڪيو وڃي."

"**ظهيرالدين:** شرم، شرم."

"**محمود علي:** ڪهڙي سبب تحت هو پاڪستاني آهي؟ هُن بلوچستان جو دورو ڪري ماڻهن کي پنهنجو موقف ٿي ٻڌائڻ چاهيو تہ ون يونٽ سندن پلي ۾ ناهي. ڇا اِها آهي جمهوريت، ڇا اِها آهي آزادي، جنهن جو چوڌري محمد عمد علي تصور ٿو ڪري؟ مون کي خبر ناهي سائين! تہ آيا

پاڪستان واسي انهيءَ سموريءَ جا خواهشمند بہ آهن، تہ ڪو ڪين پنهنجي ئي ملڪ ۾ آزاديءَ سان گهمڻ ڦرڻ ۽ ڳالهائڻ جي اجازت نہ هجي.“(صفحو 931)

”ميان عبدالسلام: عبدالمنصور جي اولهہ پاڪستان ۾ ٽي صوبا قائم ڪرڻ واري رٿ بولیوار یا قبائلي حوالي سان مجيل اصولن سان ٺهڪاءَ ۾ ناهي. درحقيقت اِها پاڪستان جي قيام جي بنيادي اصول ۽ تصور سان ٽڪراءَ ۾ ٿي اچي، ڇاڪاڻ جو سمورا مسلمان هڪ قوم طور پاڪستان کي پنهنجي ماترپومي رياست ليکين ٿا. عبدالمنصور صوبائي جذبات کي ڀڙڪائڻ چاهي ٿو جنهن مان اسان کي حيدر بخش جتوئي جي آزاد سنڌ ۽ خان عبدالغفار خان جي پختونستان واسطي تحريڪ واري تجربي کان مختلف ڪجهہ بہ نہ پلئہ پوندو.

”اي ايچ دلدار احمد(لوير بنگال: مسلم): سائين! ريفرينڊم واسطي هڪ ترميم هئي، جيڪا ايوان ۾ پيش ڪرڻ نہ ڏني وئي. دنيا ۾ جتي ڪٿي آئين لاڳو آهن ۽ آءُ آسٽريليا جي آئين جو حوالو ڏيڻ چاهيندس، جنهن جي سيڪشن 123 ۽ 124 تحت رياست جي ڪا بہ حدبندي تبديل ڪري سگهجي ٿي يا ڪا نئين رياست قائم ڪري سگهجي ٿي، تہ گڏوگڏ ريفرينڊم بابت پڻ هڪ شق موجود آهي. آسٽريليائي آئين چوي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن مخصوص ايراضيءَ جي حدبنديءَ ۾ تبديلي يا ڪنهن هڪ ايراضيءَ جو حصو ڪنهن ٻئي ۾ شامل ڪرڻ جي ضرورت پيدا ٿئي ٿي، تہ نہ رڳو اُن مخصوص رياست جي قانون ساز اداري پر مجموعي طور تي ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺڻ جي ضرورت آهي ۽ ان مامري تي ريفرينڊم ڪرايو وڃي. سائين! هت مونکي ان جو هڪ مناسب جواز ٿو نظر اچي ۽ هن بل جا محرڪ ان کي سفيدگيءَ سان وٺن ۽ سوچين تہ اِهو پاڪستان جي بهترين مفاد وٽان ٿيندو...“(صفحو 1022)

”حسين شهيد سهروردي:...اسان پاڻ بہ ڏٺو آهي تہ اولهہ پاڪستان ۾ ڪو بہ اهڙو مخصوص علائقو ناهي، جنهن ون يونٽ جي حق ۾ يڪراءَ جي حمايت ڪئي هجي، جڏهن تہ ٻين علائقن ۾ ماڻهن ان خلاف احتجاج ضرور ڪيو آهي. انڪري ڪنهن مخصوص هنڌ ان بحال ٿيل ٺهرائن جو تعداد ان

جو مظهر ناهي، تہ ڪو ماڻهو مجموعي طور تي اِن جا حمايتي آهن. ان ڪان وڌيڪ ڪجهہ آهي، اِهو هيءُ تہ ون يونٽ جي حق ۾ اِهي ٺهراءُ اُن وقت جا آهن، جڏهن معزز حڪومت اجان پنهنجا وعدا نہ ٽوڙيا هئا ۽ آءُ چاهيندس تہ وزيراعظم ۽ سندس حمايت ڪندڙ اهو ادراڪ ڪن، تہ اعتماد ۾ اِهو ڏار يقيني طور تي ون يونٽ بابت ماڻهن جي ورتاءَ ۾ تبديليءَ جو باعث بڻبو. اِهو خود پنجابين جي رويي ۾ پڻ تبديلي آڻي سگهي ٿو. پنجاب ۾ بہ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي چون ٿا تہ هو انهيءَ ون يونٽ کي قبولڻ لاءِ تيار ناهن. جيڪڏهن اِهو سياسي ۽ پارٽي مقصد واسطي استعمال ڪرڻ جوڳو ناهي ۽ جيڪڏهن اِهو انهن ماڻهن جي انتظام هيٺ آهي، جن جي وعدن تي اسين ڀروسو نٿا ڪري سگهون ۽ جيڪڏهن اِهو ننڍن صوبن ۾ راءِ عامہ جي برعڪس متعارف ٿو ڪرايو وڃي تہ پوءِ هو فقط انهيءَ ون يونٽ واسطي وير ڀرائڻ لاءِ تيار ناهن. جيڪڏهن اوهين اِهو ون يونٽ چاهيو ٿا، تہ پوءِ اِهو ٻين صوبن جي رضامندي ۽ مرضيءَ سان ٺهڪيل هئڻ گهرجي. نتيجي طور اِهو سوال تہ ريفرينڊم نہ ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو اوهان کي هتان هُتان حمايت حاصل ٿي آهي، وارو دليل هاڻوڪي صورتحال ۾ اهميت نٿو رکي. ان جي واسطيدار هئڻ تي ويچاريو ماڻهن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق حاصل آهي يا نہ ؟ حڪومت ون يونٽ مخالف تقريرن تي پابندي ٿي هڻي، اِها انهيءَ منصوبي جي مخالفن کي گرفتار ۽ نظربند ٿي ڪري، اِها سندن خلاف ڪوڙا ڪيس ٿي داخل ڪري، اِها طاقت ٿي استعمال ڪري ۽ پوءِ ان جا جواز ٿي پيش ڪري، اِها هڪ خلا ٿي پيدا ڪري ۽ اهڙي خلا پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ دعوا ٿي ڪري تہ ون يونٽ منصوبي کي حمايت حاصل آهي. سائين! ڇا هيءُ حڪومت شعوري طور تي اِهو چئي سگهي ٿي تہ ماڻهن کي بل جي اصولن تي ٿي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي.(صفحو 1029)

"... ڇا حڪومت سمجهي ٿي تہ بل جي ڪا بہ مخالفت ناهي؟ هت ظاهر ڪيل ڪانسواءِ، ڇا ان کي اِهو ادراڪ ناهي تہ ملڪ ۾ ان جي جوڳي مخالفت آهي؟ ڇا هو مخالفت جا پڙڪا ٻڌن ٿا؟ اُهي جن کي اونهاين ۾ ڌڪيو ويو هو اُهي جيڪي پنهنجي اظهار کان قاصر هئا. سي هاڻ سامهون اچي رهيا آهن ۽ پنهنجو آواز انهيءَ پڙڪي ۾ شامل ڪري رهيا آهن. ڇا اِهو

ٿا چاهيو تہ اِهو پٺڪو گجگوڙ ۾ تبديل ٿئي. هڪ پوائنٽي گجگوڙ ۾ انڪري بهتر ٿيندو تہ انهيءَ بل تي اڳتي نہ وڌيو وڃي..."(صفحو 1031)

"سائين! جهڙي ريت چيم اوهين ان کي ساراهہ جوڳو ليکي سگهو ٿا. آءٌ ان کي ساراهہ جوڳو ليکي سگهان ٿو پر اوهان کان ٿو پڇان، تہ ڇا اوهين واقعي ان کي ساراهہ جوڳو ٿا ليکيو؟ ڇا واقعي اِهو نٿا سمجهو تہ پنهنجي مقصدن ڪري اوهان وڏي پشيماني تي شڪ ۽ بداعتمادي پيدا ڪري ڇڏي آهي؟ معزز وزيراعظم کان پڇڻ چاهيندس، تہ جيڪڏهن هو ان کي ايڏوئي ساراهہ جوڳو بل ٿو ليکي، جو ماڻهن کي ان جي حمايت ڪرڻ گهرجي تہ پوءِ انهيءَ منصوبي جي ڇڱن نڪتن لاءِ ماڻهن وٽان حمايت حاصل ڪرڻ واسطي طاقت ۽ بيبن اٽوٽندڙ طريقن جو استعمال ڇو ضروري بڻجي ويو؟ سائين! عزت مآب وزيراعظم يقينًا اِهو تسليم ڪندو تہ جيڪڏهن عوام خلاف طاقت جو استعمال ڪيو ويو تہ ان جو انتهائي اپاڻو ردعمل ايندو. ٿي سگهي ٿو هو ماڻهن کي مون کان بهتر سڃاڻيندو هجي ۽ چوي تہ اولهندي پاڪستان جا رهواسي طاقت جي ڳالهہ ٿا سمجهن ۽ جيڪڏهن سندن خلاف طاقت جو مظاهرو ڪيو ويو تہ هو پنهنجو سيس جهڪائيندا. عزت مآب وزيراعظم چئي سگهي ٿو تہ اڄ بل جي مخالفت ڪندڙ اِهي ننڍا صوبا ايوان طرفان انهيءَ بل جي منظوري کان پوءِ ۽ انجي مخالفت ڪرڻ جي همت ساري سگهندا. جڏهن اِهو نافذ ٿي ويو ۽ ڪين لڳو تہ سڄو پنجاب انجي حق ۾ آهي تہ پوءِ چُپ ٿي ويندا. ڇا سنڌ اتر اولهہ سرحدي صوبي ۽ بلوچستان جا ماڻهو ايڏي وڏي تعداد ۾ بل جي حمايتن کي ڏسي بہ انجي مخالفت ڪندا؟ ان ڪري وزيراعظم اهڙين ڳالهين جي پيش نظر طاقت جي استعمال ۽ ايوان ۾ بل جي تڪڙي اُڪلاءَ کي باجواز ليکي سگهي ٿو. پر سائين! مون کي ڊپ آهي تہ هو انهن علائقن جي رهواسين سان انتهائي زيادتي پيو ڪري ۽ خود پنجاب جي رهواسين سان پڻ ناانصافي. آءٌ نٿو سمجهان تہ هيل تائين پنجاب واسي انجو ادراڪ ڪري سگهيا آهن، ۽ شايد اُتي ڪجهہ کي اِهو ادراڪ ٿيڻ شروع ٿيو هجي تہ اِهو قدم پنجاب جي لاءِ لاءِ نہ پر اولهہ پاڪستان جي حڪمران ٽولي جي مفادن وٽان آهي. انڪري سائين! ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن ۽ انهيءَ بل لاءِ سڀ کان وڏو خطرو بہ اتائين آهي، تہ ان بل ۾ هاڻوڪي حڪمران ٽولي جي حمايت ڪندڙن

مان ڪي اِهو ٿا سمجهن تہ اِهو درست رويو ناهي. پنجاب جي حڪمران ٽولي ۾ ماڻهن وچ ۾ وڏي وٿي آهي ۽ آءُ سمجهان ٿو تہ اهو وقت بہ ايندو جڏهن هو اخبارن طرفان هن حڪمران ٽولي جي حمايت جي باوجود ٻيو ڪجھ بہ ويچاريندا. انهيءَ جي حمايت ڪندي هو ايندڙ ڏينهن ۾ خود پنهنجي لاءِ ڏکيائيون پيدا ڪري رهيا آهن. هو اولھ پاڪستان جي ماڻهن جي سهائتا نہ پيا ڪن. نہ ئي اولھ پاڪستان جي مفادن جو تحفظ پيا ڪن. پر فقط اقتدار ۾ ايندڙ ڪجھ ماڻهن جي مفادن جو تحفظ پيا ڪن.

"سائين! انهيءَ بل خلاف ماڻهن جي ردعمل جو هڪ ٻيو سبب پڻ آهي ۽ اِهو آهي جيئن آءُ چئي چڪو آهيان، انجي اُڪلاءَ لاءِ اختيار ڪيل تڪڙ. اها شڪ تي پيدا ڪري ٿي عزت مآب وزيراعظم انجي ترديد ڪري سگهي ٿو؟ آءُ سمجهان ٿو تہ اِهو مامرو ايترو تہ وائکو آهي، جو ڪو ترديد جو تڪلف بہ نہ ڪندو تہ ننڍين صوبن جي رهواسين جي ذهنن ۾ خدشا ۽ شڪ موجود آهن تہ اِهو بل پنجاب، واضح ڪريان تہ پنجاب صوبي طور نہ پر اڄ پاڪستان تي قابض حڪمران ٽولو جيڪو پنهنجو پاڻ کي پنجاب مان آيل قيادت ٿو ليکي، جي ون يونٽ ۾ مرڪز ۾ بالادستي قائم ڪرڻ جو بهانو آهي. جيڪڏهن ان شڪ شبهي جي ترديد نٿي ڪري سگهجي تہ پوءِ ان کان بہ ڪن ٿار نٿو ڪري سگهجي تہ ننڍين صوبن ۾ انجي ڪري مخالفت پيدا ٿي آهي ۽ ان جو ڪو ٻيو عنصر آهي. اِها ڪنهن بہ نسلي دشمنيءَ سبب ناهي، جهڙي ريت ڪجھ همراهہ چون ٿا. ان جو واحد سبب اِهو احساس آهي، انهيءَ قدم جو نتيجو هڪ مخصوص صوبي کان ايندڙ هڪ مخصوص طبقي جي بالادستي آهي..." (صفحو 1033)

211_ مٿيان اقتباس واضح طور تي ڄاڻائين ٿا، تہ پاڪستان جون اهم شخصيتون ۽ اسان جي آئين ساز اسيمبليءَ جا ميمبر ڪهڙي ريت ون يونٽ جي ۽ ان جي اطلاق واري انداز جي شديد مخالفت ڪندا رهيا آهن ۽ انهن ۾ هيٺيان شامل آهن:

(1) ميان جعفر شاهہ (سرحد صوبو) هاڻ اطلاعات ۽ نشريات جو وزير حڪومت پاڪستان

(2) خان عبدالرشيد خان، اڳوڻو وڏو وزير سرحد صوبو ۽ هاڻ ناٽي وارو وزير، اولهہ پاڪستان

(3) دلدار احمد خان، وزير خوراڪ ۽ زراعت، حڪومت پاڪستان

(4) ابو منصور احمد، وزير صنعتون ۽ واپار، حڪومت پاڪستان

(5) ظهيرالدين، وزير تعليم، حڪومت پاڪستان

(6) مجيب الرحمان، وزير، حڪومت اوڀر بنگال

(7) محمود علي، وزير، حڪومت اوڀر بنگال

(8) عطاءالرحمان خان، وڏو وزير اوڀر بنگال، ۽

(9) حسين شهيد سهروردي، وزيراعظم پاڪستان.

اِهي تقريرون حقيقتن ۽ منطق تي ٻڌل ۽ پنهنجي سر پاڻ وضاحت آهن. اِهي تقريرون منهنجي ٽن پمفليٽن ۾ شامل مراد جي تصديق ٿيون ڪن، جن جي بنياد تي منهنجي خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

212- ان ڏس ۾، ون يونٽ بل تي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ بحث دوران علي محمد راشديءَ جي گفتگو خاص طور تي توجهہ لهڻي. ون يونٽ جي حق ۾ بحال ڪيل ٺهراءَ جي موقعي تي سنڌ قانون ساز اسيملي‌ءَ ۾11 ڊسمبر 1954ع تي ڪيل سندس تقرير جو دلدار احمد آئين ساز اسيمبليءَ ۾ حوالو ڏنو. راشديءَ نرڄائپ سان پنهنجي تقرير جي ترديد ڪئي ۽ نتيجي طور سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي ڪارروائي جي سرڪاري ڇپيل رپورٽ نہ هئڻ سبب آئين ساز اسيمبليءَ جي اسپيڪر 5 سيپٽمبر 1955ع تي راشديءَ جي تقرير خارج ڪري ڇڏي(مهرباني ڪري آئين ساز اسيمبليءَ جي بحث جو صفحو 482 ڏسو). ايندڙ ڏينهن مون دلدار احمد کي اِها تقرير مهيا ڪئي ۽ سندس لفظ تہ "آخرڪار هڪ صاحبلوڪ، هڪ خدا ترس صاحبلوڪ اسان کي ڪاپي فراهم ڪئي ۽ اِها ڪاپي اڄ پيش ڪئي اٿئون." دراصل منهنجي متعلق هئا. 6 سيپٽمبر تي جڏهن دلدار احمد، راشدي ۽ کهڙي (جنهن پڻ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ راشديءَ جي تقرير ڪان نابري واري هئي) سان سرڪاري رپورٽ سميت مڪاميل ٿيڻ چاهيو تہ راشديءَ آئين ساز اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ئي نہ آيو. راشديءَ جي سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ ۾ مشهور تقرير هيٺ ڏنل آهي.(نمبر 69):

"عزت مآب پيرعلي محمد راشدي: سائين! آءٌ ايوان جو ڪو گهڻو وقت نٿو وٺڻ چاهيان، پر بهرحال معزز ميمبرن کي درخواست ڪندس تہ منهنجي تقرير ڏيان سان ٻڌن ۽ منهنجي ڳالهين کي اورچائپ سان تورين. سائين! اوهان کي ڀلي ڀت پتو آهي تہ سنڌ اسيمبلي آخري صوبائي اسيمبلي آهي، جنهن اڄ ون يونٽ ٺهراءُ آيل آهي. پنجاب، بهاولپور، خيرپور، بلوچستان ۽ سرحد اسيمبليون اڳيئي ون يونٽ جي حمايت ۾ ٺهراءُ بحال ڪري چڪيون آهن. جيڪڏهن اسين انهيءَ يڪرائپ واري راءِ جي برعڪس ٿا وڃون تہ ان سان اسان کي فائدو گهٽ پر نقصان وڌيڪ ٿيندو. ون يونٽ پاڪستان سان گڏوگڏ سنڌ لاءِ پڻ لاڀائتو آهي. جيڪڏهن اسين ون يونٽ خلاف وڃڻ ٿا چاهيون تہ ان جو مطلب اهو ٿي ٿيندو تہ پنجاب، بهاولپور ۽ ٻين صوبن خلاف عملي جنگ جو اعلان ٿا ڪريون. ان ڪري هن معزز ايوان کي درخواست ڪندس تہ انهيءَ ٺهراءُ جي حمايت ڪئي وڃي ۽ سڄي پاڪستان کي متحد ڪيو وڃي، جنهن جو سنڌ کي پڻ لاڀ رسندو... ننڍين صوبن کي اِهو ادراڪ ڪرڻ جي درخواست ڪندس تہ انهيءَ سموري عرصي دوران اُهي مرڪز سان ناتن ۾ پنهنجي حيثيت کي سگهارو بڻائي نہ سگهيا آهن. مرڪزي حڪومت آئين ساز اسيمبلي ۽ ايستائين جو پير صاحب کي وڏو وزير هوندي بہ برخاست ڪري پئي سگهي. انجو سبب اِهو آهي تہ اسين ننڍو يونٽ هئڻ ڪري مضبوط مرڪز جي مخالفت ڪرڻ جيترا سگهارا ناهيون. جيڪڏهن مرڪزي حڪومت کي سنڌ ۾ اسان جي زمينن تان نڪرڻ جو چوڻو هو تہ پوءِ اسان کي اِهي ڇڏڻيون پونديون. اسان کي ٻين صوبن سان گڏجڻو ۽ اُتي ٻين پناهگير ڀائرن وانگر رهڻو پوندو. وقت تي نظر وجهندي اِهو واضح آهي، تہ ون يونٽ ۾ اسان جي صوبي جي چڱي موچاري حيثيت هوندي. اسان جو معزز قائد ايوان (محمد ايوب کهڙو) ان مامري تي انتهائي ڳڻتيءَ ۾ ورتل آهي ۽ ان ڪري راتين جو چڱي طرح ننڊ بہ نٿي اچيس. اِهو هر صورت ۾ ضروري آهي تہ اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ هجي. اوهان کان هڪ سادو سُودو سوال ٿو ڪريان. هن وقت اسان کي هڪ ڌار صوبو آهي، ڇا اوهان جو زمينن تي اختيار آهي؟ ڇا ڪو سنڌي فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويو وڃي؟ ڇا ڪو سنڌي ساموندي فوج ۾ ڪنيو ٿو وڃي؟ جيڪڏهن اسين ون يونٽ ۾ شامل نہ ٿياسين تہ آئيندي بہ ويڳاڻپ جو

شڪار رهنداسين. اسين پنهنجو بچاءُ ڪهڙي ريت منظم ڪري سگهنداسين؟ جيڪڏهن هيءُ منصوبو رد ٿا ڪريو تہ پوءِ سنڌ جي حقن جي تحفظ لاءِ ڪهڙي ريت ٻڙڪ ٻولي سگهنداسين؟ اِهو هر صورت ۾ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪمزوري ڪي هر صورت ۾ پوئيواري ڪرڻ گهرجي ۽ سگهارن جي پاچولي ۾ ئي رهڻ گهرجي..." (صفحو 55)

"سائين! اوهان کي پلي پت ڄاڻ آهي، تہ ون يونٽ منصوبي جي مخالفت ڪندڙن کي جيلن ۾ واڙيو ويو آهي ۽ منجهائن ڪيترن کي ئي برطرف ڪيو ويو آهي. اسان آڏو پيرزادو وزارت جي برطرف ڪيل ٻارهن وزيرن جو جيئرو جاڳيندو مثال آهي. ان ڪري اوهان کي درخواست ڪندس تہ اِهو هئڻ گهرجي يا نہ وارو سوال هڪ پاسي رکي ڇڏيو ڄاڪاڻ جو اسين چاهيون يا نہ ون يونٽ قائم ٿيڻو ئي آهي..." (صفحو 56)

"سائين! جڏهن مرڪز ون يونٽ قائم ڪري پيو ۽ سنڌ ان ۾ شامل نہ ٿيندي تہ پوءِ آءٌ پڇان ٿو تہ نتيجو ڇا نڪرندو؟ اسان جا سٺ ستر نمائندا پٽڪا ٻڌي ڪي درخواستون هٿن ۾ کڻي مرڪز سان رجوع ڪندا ۽ جڏهن مرڪز کين ٻڌڻ کان انڪار ڪندو تہ واپس موٽي پنهنجي ڇهرن تان ڏوڙ اُگهندي چوندا تہ "هاڻ اسين ون يونٽ قبوليون ٿا." (صفحو 57)

ڪنهن عوامي عيوضي، ڪنهن وزير کان ان کان وڌيڪ چاپلوسي، ڏمڪائيندڙ ڪانئرتا ۽ فتني پري تقرير جي توقع نٿي رکي سگهجي.

213- اِها تقرير نہ رڳو کهڙو ۽ غلام محمد حڪومتن طرفان پيدا ڪيل خطرناڪ حالتن جو اظهار آهي پر اِن ۾ اِها ڏمڪي پڻ لڪل آهي، تہ "ون يونٽ منصوبي جي مخالفت ڪندڙ هر هڪ جيلن ۾ واڙيو ويو" بشمول منهنجي.

214- حيرت انگيز طور تي سنڌ جي هڪ ٻئي عيوضي واتان ڏمڪي ٿي ملي تہ:

"جيڪڏهن مرڪزي حڪومت اسان کي سنڌ ۾ پنهنجي زمين ڇڏڻ لاءِ چيو تہ پوءِ اسان کي اِهي ڇڏڻيون پونديون، اسان کي ٻين صوبن سان گڏجڻو پوندو ۽ اُتي ٻين پناهگير ٿيڻ وانگر رهڻو پوندو!. "سنڌ واسي پنهنجون زمينون نہ ڇڏيندا. سنڌ نہ ڇڏيندا پر ڪا بہ آپيشاهي مرڪزي يا

صوبائي حڪومت ان جي اُبتڙ چاهيندي هجي. دراصل جنهن مرڪزي حڪومت ون يونٽ منصوبي ۾ سندس شاندار ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي راشديءَ کي پنهنجي هنج ۾ ويهاريو هو، سا پاڻ ئي پنهنجو وجود وڃائي چڪي آهي.

B- آپيشاهيءَ جي مخالفت

215- پيراگراف 166 ۾ ان ڪان پوءِ وارن ۾ اِهو ڏيکاريو اٿم ته ون يونٽ هڪ غير مناسب، غير اخلاقي، غير قانوني ۽ غير آئيني قدم هو جنهن جي مخالفت ڪو ڏوهه نه هو بلڪ اِهو پاڪستان جي هر گهٽگهري جو فرض ٿي بڻيو ته انجي مخالفت ڪري اِهو منهنجي ٽنهي پمفليٽن جو هڪ بنيادي نڪتو هو. هاڻ پنهنجي پمفليٽن جي ٻئي نڪتي پاڪستان ۾ آپيشاهيءَ جي مخالفن ۽ جمهوريت جو دفاع جي اُپٽار ڪندس.

216- هيءَ آمريت جمهوريت تي هيءَ حملو گورنر جنرل غلام محمد جي انهيءَ تصور جو نتيجو آهي ته هو پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ طرفان منظور ڪيل آئيني قانونن کي پنهنجي منظوري ڏيندي قانوني حيثيت کان محروم ڪري سگهي ٿو ۽ هو برطانوي راڻيءَ (۽ پاڪستان جي پڻ) جي عيوضيءَ طور پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي ٽوڙي سگهي ٿو.

217- جمهوريت لاءِ ويڙهه جاري آهي، اها اجان لاڀائتي ۽ سگهاري نه ٿي آهي. اِهو پتو ناهي ته غلام محمد ۽ سندس صلاحڪارن اسان جي ملڪ تي ڪهڙي نامعقول ۽ پريشان ڪُن صورتحال مڙهي آهي. مان سواءِ اسان جي عدليه ۽ راءِ عامه جي. قوم کي تميزالدين جو ٿورائتو هئڻ گهرجي، جنهن آڪٽوبر-نومبر 1954ع واري نازڪ دور ۾ چيف ڪورٽ سنڌ آڏو پاڪستان جي فيڊريشن خلاف پنهنجي رٽ پٽيشن داخل ڪئي. قوم سنڌ چيف ڪورٽ جي ججن جي به سدائين ٿورائتي رهي، جن هڪ انوکي ڪيس ۾ ملڪ جي سڀ کان وڏي ايگزيڪيوٽو اختياريءَ جي خلاف فيصلو صادر ڪيو ۽ پنهنجي ساک برقرار رکي. سنڌ چيف ڪورٽ جي چئن ۽ اڳتي هلي وفاقي ڪورٽ جي پنجن ججن انهيءَ وڏي مامري تي پنهنجو فيصلو صادر ڪيو. پنهنجو عدالتي فيصلو ڏيندڙ ججن جو تفصيل هيٺين ريت آهي.

(a)منظوريءَ وارو سوال:

(سنڌ چيف ڪورٽ جا جج)

(1) جسٽس جي بي ڪنسنٽانٽن: گورنر جنرل کي منظوري روڪڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(2) جسٽس محمد بچل: گورنر جنرل کي منظوري روڪڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(3) جسٽس ويلاٽي: گورنر جنرل کي منظوري روڪڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(4) جسٽس محمد بخش: گورنر جنرل کي منظوري روڪڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(وفاقي ڪورٽ جا جج)

(5) جسٽس ڪارنيليس: گورنر جنرل کي منظور روڪڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(6) جسٽس اي ايس رحمان: گورنر جنرل کي منظوري روڪڻ جواختيار آهي.

(7) جسٽس اڪرم: گورنر جنرل کي منظوري روڪڻ جو اختيار آهي.

(8) جسٽس محمد شريف : گورنر جنرل کي منظوري روڪڻ جو اختيار آهي.

(9) چيف جسٽس محمد منير: گورنر جنرل کي منظوري روڪڻ جو اختيار آهي.

(b) آئين ساز اسيمبلي جي برخاستگيءَ وارو سوال

(سنڌ چيف ڪورٽ جا جج)

(1) جسٽس جي بي ڪنسنٽائن: گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(2) جسٽس محمد بچل: گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(3) جسٽس ويلاٽي: گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(وفاقي ڪورٽ جا جج)

(5) جسٽس ڪارنيليس: گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(6) جسٽس محمد شريف: گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي.

(7) جسٽس محمد اڪرم: گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو اختيار آهي.

(8)چيف جسٽس اي ايس رحمان: گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو اختيار آهي

چيف جسٽس محمد منير: گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي برخاست ڪرڻ جو اختيار آهي.

(c) ڇا گورنر جنرل حڪم نامن يا آرڊيننس ذريعي آئيني قانونن کي قانوني حيثيت ڏئي سگهي ٿو(جيڪو هن درحقيقت ڪيو هو)

(وفاقي ڪورٽ جا جج)

(1) جسٽس ڪارنيليس: گورنر جنرل کي قانون سازيءَ جو ڪو اختيار ناهي.

(2) جسٽس اڪرم: گورنر جنرل کي قانون سازيءَ جو ڪو اختيار ناهي.

(3) جسٽس محمد شريف: گورنر جنرل کي قانون سازيءَ جو ڪو اختيار ناهي.

(4) جسٽس اي ايس رحمان: گورنر جنرل کي قانون سازيءَ جو ڪو اختيار ناهي.

(5) چيف جسٽس محمد منير: گورنر جنرل کي قانون سازيءَ جو ڪو اختيار ناهي.

218- اِهو واضح ٿيندو تہ ججن جي اڪثريت منهنجي ٿنهي پمفليٽن ۾ اختيار ڪيل موقف سان سهمت آهي ۽ جيڪو گورنر جنرل جي خلاف آهي.

219- منهنجي موقف جي اُبتڙ موقف چيف جسٽس محمد منير جي سرواڻ فيصلي ۾ جاٺايل آهن. سندس موقف مون پنهنجي پمفليٽ "جمهوريت ۽ چيف جسٽس جو انصاف" ۾ بحث هيٺ آندا آهن. ڪورٽ جي جائزي لاءِ انهيءَ پمفليٽ جي ڪاپي هت ڏجي ٿي:

ون يونٽ عمل ۾

220- سمورين مخالفتن جي باوجود، انتهائي ڏاڍ ڏمر وارن قدمن ذريعي ون يونٽ بل منظور ڪيو ويو ۽ 14 آڪٽوبر 1954ع تي اولهہ پاڪستان جي صوبن ۾ اِهو نافذ ڪيو ويو. ون يونٽ منصوبي جي مخالفت جاري آهي ۽ جهڙي ريت حقيقتون واضح ٿي رهيون آهي ۽ ان منصوبي اندر انتظامي خرچ گهٽجي ويندا، ون يونٽ حڪومت جي بجيٽن ذريعي غلط ثابت ٿي چڪي آهي. پوئتي پيل علائقن جي مدد ڪرڻ يا مختلف علائقن ۾ محصول واري سرشتي ۾ هڪجهڙائپ آڻڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر ناانصافيون ۽ اڻ برابريون جيئن پوءِ تئين وڌن پيون. ون يونٽ جا پرجوش حمايتي ۽ ذميوار فرد پنهنجي روين کي تبديل ڪري چڪا آهن ۽ هو پنهنجو پاڻ کي مڪمل ويڳاڻپ جو شڪار پيا ليکين. اسان جي سڏسماءَ جا ذريعا سندن بيانن سان ڀريل آهن ۽ معزز ڪورٽ انهن جو عدالتي نوٽس ورتو آهي ۽ ان ڪري اخباري تراشا پيش ڪرڻ ڪو ضروري نٿو سمجهان.

221- سنڌ ۾ گورنر دين محمد عمومي عوامي ڪُهر ۽ انصاف جي مفادن ۾ عدليہ کي انتظاميا کان ڌار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ فوج واري ڪيسن لاءِ روينيو مئجسٽريٽن بدران ڪيترائي سب جج مقرر ڪيائين. ون يونٽ واري سرشتي ۾ اِهو عمل واپس ورتو ويو ۽ ججن جو تعداد پنجاب سرشتي سان ٺهڪاءَ تحت بي رحميءَ سان گهٽايو ويو. ڪيترائي جج هيل تائين عهدن تان فارغ ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترين ئي تنزليون عمل پزير ٿي چڪيون آهن. مامرو امن امان واري صورتحال کي ڪاپاري ڌڪ هڻي

چڪو آهي. تاريخ 20 اپريل 1956ع ۽ 13 جولاءِ 1956ع تي "هاري حقدار" ۾ لکيل پنهنجا ٻه ايڊيٽوريل هت ڏيان ٿو.(نمبر 70 ۽ 71)

"سنڌ جي ضلعن ۾ غير مناسب ڪاٽا"

"بيراجي زمينن جو نيڪال

"هر سياسي تحريڪ پويان ڪو معاشي مفاد ضرور هوندو آهي ۽ ون يونٽ ايڪٽ به ان کان بچيل ناهي. سنڌ واسين ون يونٽ جي مخالفت ڪئي، ڇاڪاڻ جو کين محسوس ٿيو ته پنجاب جهڙي ڪنهن اهم ۽ وڏي صوبي سان انضمام سنڌن فڪري حقن ۽ مفادن لاءِ هاڃيڪار بڻبو. جنهن ۾ سمورا اختيار هڪ جي پيٽ ۾ ڇئن جي اڪثريت سان مرڪزيت وارا بڻبا. حقيقتن جي واڪو ٿيڻ سان اِهو ڪنجهه ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي.

"سنڌ ۾ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن، انجي ٻولي، ثقافت، واپار وڻج، نوڪرين وغيره ۾ تفصيلي طور تي وڃڻ بدران آءُ فقط ٻن پهلوئن. سنڌ ۾ ون يونٽ کان اڳ ۽ پوءِ زمين جي محصول ۽ بيراجي زمينن جي نيڪال جو ذڪر ڪندس.

"هر ڪنهن کي پتو آهي ته ون يونٽ لاڳو ٿيڻ کان اڳ سنڌ جي ننڍن ۽ وڏن آبادگارن تي دنيا ۾ سڀ کان ڳرو محصول عائد ٿيل هو. ڪتابي لحاظ کان به مٿن سنڌن آمدنيءَ جو 33 سيڪڙو محصول هو پر عملي طور تي سنڌن زرعي آمدنيءَ تي پنجاهه سيڪڙو محصول تي ورتو ويو.

"انهيءَ ڳوري محصول پنج يا انکان گهٽ ايڪڙ ايراضي رکندڙ ننڍن آبادگارن کي تباهه ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڳوري محصول سبب زميندارن هارين کي سنڌن بٽئي جو جائز حصو معاوضو نه ٿي ڏنو ۽ محصول جو بار هاريءَ جي ڪلهن تي ٿي وڌائين.

"ون يونٽ جي قيام کان پوءِ اِها توقع رکي وئي هئي ته سنڌ ۾ به محصول جو سرشتو پنجاب جهڙو ڪيو ويندو جهڙي ريت ون يونٽ جي داعين سنڌ جي آبادگارن آڏو دعوا ڪئي هئي. هت ون يونٽ جو پهريون لاڀ اوهان آڏو پيش ٿو ڪجي.

"ڪو ڪڙتيل نه نڪتو جڏهن ته ون يونٽ قائم ڪرڻ مهل دعوا ڪيل انجو هڪ مقصد سڄي اولهه پاڪستان ۾ انتظامي، عدالتي ۽ محصولي مامرن سان لاڳاپيل معاملن ۾ هڪجهڙائپ آڻڻ هو. ته جيئن پوئتي پيل

علائقن(يقيني طور تي پنجاب جي پيٽ ۾ سنڌ پوئتي پيل آهي) جي واهر ڪري سگهجي. جڏهن ته سنڌ جي ضلعن ۾ اجان تائين ڪٽ جا مٿاهان ترين اگهه لڳايا ٿا وڃن.

"پنجاب ۽ سنڌ جي ضلعن ۾ زمين جي ڪٽ ۽ پاٽيءَ جي اگهه تي لڳندڙ محصولن جي نبيري وارا مختلف سرشتا رائج آهن ۽ انهن بابت تفصيل هيٺ جدولن ۾ ڏنل آهن. انهن ۾ ڪينالي زمينن جا سراسري انگ اکر ڏنا ويا آهن ۽ ان کان پوءِ سنڌ ۽ پنجاب ٻنهي ۾ اهم فصلن جا اگهه ڏنل آهن:

1. ڦٽيون 128 رپيا مڻ
2. ساريون 7 رپيا مڻ
3. ڪڻڪ 10رپيا مڻ

هيٺ ڏنل انگن اکرن ۾ زمين جي ڪٽ، پاٽيءَ جو اگهه، مقامي محصول، ترقياتي محصول وغيره شامل آهن.

پوکيءَ جي حد في يونٽ	پنجاب جا ضلعا: في ايڪڙ ڪٽ جو مُلهه (رپين ۾)		سنڌ جا ضلعا: في ايڪڙ ڪٽ جو مُلهه (روپين ۾)	
ڦٽيون				
50.A ايڪڙ	562	11_4	1500	30_0
500.B ايڪڙ	6500	13_0	15000	30_0
2000.C ايڪڙ	3400	17_0	6000	30_0
5000.D ايڪڙ	110،000	22_0	150،000	30_0

ساريون				
50.A ايڪڙ	600	12_0	950	19_0
500.B ايڪڙ	6700	13_0	9500	19_0
2000.C ايڪڙ	32000	16_8	38000	19_0
5000.D ايڪڙ	95000	19_0	95000	19_0

ڪڻڪ				
50.A ايڪڙ	575	11_8	1000	20_0
500.B ايڪڙ	6425	12_12	10000	20_0
2000.C ايڪڙ	3000	15_0	40000	20_0
5000.D ايڪڙ	95000	19_0	100000	20_0

مٿين جدولن مان ظاهر آهي تہ پنجاب ۾ گهٽي ياگي ملڪيتون A ۽ B درجن ۾ آهن ۽ انتهائي معمولي حصو C ۽ D درجن ۾ آهن. سنڌ ۽ پنجاب جي ضلعن ۾ اهم فصلن جي حوالي سان سراسري وصولي هيٺين ريت آهي:

فصل	پنجاب	سنڌ
ڪپهہ	13_0	30_0

ساريون	13_0	20_0
ڪڻڪ	12_0	19_0

ننڍي ملڪيتن جي حوالي سان، جيڪي گهٽي ڀاڱي هارين جي مالڪيءَ ۾ آهن سنڌ جا اڳهه هيٺين ريت پنجاب کان وڌيڪ آهن:

فصل	پنجاب	سنڌ	اضافو
ڦٽيون	11_4	30_0	166%
ساريون	12_0	19_0	58%
ڪڻڪ	11_8	20_0	74%

اهو ذهن ۾ اچي سگهي ٿو ته بهتر بارشن ۽ زرخيز زمين سبب پنجاب ۾ في ايڪڙ پيداوار وڌيڪ ٿي سگهي ٿي. پنجاب وٽ سنڌ جي هڪ درياءَ جي پيٽ ۾ 5 دريا آهن.

"سنڌ ۾ ڪيترن ئي ادارن مٿي ڄاڻايل بي ضابطگيون ۽ ناانصافيون ختم ڪرڻ واسطي ٺهراءُ بحال ڪيا پر انهن جو ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو."

"جيڪڏهن هڪجهڙائي جي نالي تي سنڌ جا ڪٽ وارا اڳهه پنجاب جي ضلعن ۾ متعارف ڪرايا ويا ته سڄو پنجاب ون يونٽ جي مخالفت ۾ اُٿي ويندو."

"ون يونٽ جي قيام واسطي" تڪڙ مول متو بڻيل لفظ هو. محصول واري انتهائي اهم مامري ۾ سنڌ سان انصاف واسطي ڪهڙي تڪڙ استعمال ڪئي ويندي؟ ڇا سنڌين تي ون يونٽ جي مخالفت جو الزام ڏري سگهجي ٿو؟"

"اِها تاخير ڇو؟"

"بااختيار ماڻهو سنڌ ۾ ڪٽ جي اڳهن ۾ غير مناسب فرق ميڃن ٿا پر هو چون ٿا ته هڪجهڙائي وقت سر لاڳو ڪئي ويندي ۽ اِها اينڊڙ محصولي

سال کان اڳ نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ جو سنڌ جي اڳهن ۾ لاٿ آڻڻ کان اڳ وسيع حساب ڪتاب ڪرڻ ضروري آهن، ته جيئن انهن کي پنجاب جي سطح تي آڻي سگهجي.

"اِهو درست ناهي. جيڪڏهن ارادو هجي ته راهه نڪري ايندي آهي. ٻي صورت ۾ ڪم نه ڪرڻ لاءِ انيڪ ٻهانا گهڙي سگهجن ٿا.

"جيڪڏهن سڀيئي ساريون حڪومتون (سنڌ ۽ سرحد وغيره جون) ختم ڪري ڇڏيون سگهجن، انهن جي قانون ساز ادارن جي تڏا ويڙهه تي پئي سگهي، انهن جا آڳاٽا ۽ تاريخي نالا ميسارجي سگهجن ٿا، سي به ڪجهه ڏينهن يا مهينن ۾ ته پوءِ سنڌ ۾ ڪٽ وارا اڳهه آڪٽوبر 1955ع ۾ انضمام واري تاريخ کان هڪدم پوءِ پنجاب جي اڳهن برابر ڇو نٿا ڪري سگهجن؟ جيڪڏهن رڳو لاهور حڪومت اِهو ڪرڻ چاهي ته سيڪريٽريٽ لاءِ اِهو ڪم هفتي کن جو مس ٿيندو.

"قانون سازيءَ وارو اطلاق

"لاهور ۾ ويٺل اختياريءَ وارن جو دليل هو ته سنڌ جا اڳهه سنڌ قانون ساز اداري جي منظوريءَ سان لاڳو ڪيل آهن ۽ هاڻ فقط لاهور قانون ساز ادارو ئي انهن ۾ لاٿ آڻي سگهي ٿو.

"درحقيقت، سال به سال وڌڻ جي بنياد تي ٿيندڙ اڳهن بابت سنڌ جي قانون ساز اداري جا عمل سنڌ ۾ اڳهن جي ڪٽ تي لاڳو ٿيندڙ محصولي قانون يعني بمبئي لينڊروينيو ڪوڊ جي پيڇڪڙي هيٺا ۽ آهن. اِهو ڪوڊ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن تائين مستقل اڳهن جي آئيني حمايت ٿو فراهم ڪري.

"ان ڏس ۾ هر سال سنڌ حڪومت طرفان وڌندڙ ڪٽ اڳهن جي قانوني حيثيت کي اولهه پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي ڪراچي بينچ آڏو هڪ رٽ پٽيشن ذريعي چيلينج ڪيو ويو آهي.

"پنجاب جي ضلعن ۾ ڪٽ جا اڳهه گذريل ويهن سالن دوران ساڳيا ئي رهيا آهن، جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾اِهي چاليهن سالن کان تبديل نه ٿيا آهن.

"ڇا لاهور انتظاميا سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي قانون ساز اداري جي ڪيل مقدس فيصلن کي انتهائي مان ڏيڻ جو ڍونگ رچائي رهي آهي؟ سنڌ

حڪومت طرفان هلندڙ سال عمل هيٺ آڻڻ واسطي منظور ڪيل روڊن، عمارتن، سنڌ يونيورسٽي، سنڌي ادبي بورڊ وغيره جهڙا نيڪ منصوبا ڇو اڻچاڻايل مدي تائين ملتوي ڪيا ويا آهن؟

"خرچن جي انداز مان سنڌ کي ٽينڊڙ لاءِ روڪيا ويا آهن، جڏهن تہ ڳورن محصولن جي صورت ۾ سنڌ تي بار جاري رهندا. اِها آهي ون يونٽ جي لاهور حڪومت جي واضح ۽ سادي پاليسي.

بجيٽ ۾ توازن

"لاهور ۾ ويٺل اختيارين جو چوڻ آهي تہ هلندڙ سال لاءِ ون يونٽي بجيٽ اڳوڻن صوبائي بجيٽن تي آڌاريل هوندو ۽ سنڌ حڪومت جو بجيٽ صوبي ۾ وڏن ڪٽ اڳهن تي ٻڌل هو. ان ڪري ون يونٽ بجيٽ کي وڏي پشماني تي هيٺ مٿي ڪرڻ کان سواءِ سنڌ جا اگهہ پنجاب جي سطح تي نٽا آڻي سگهجن.

"ون يونٽي بجيٽ ۾ توازن لاءِ سنڌ جي ڳوري محصول کي جواز طور پيش ڪيو پيو وڃي.

"اڳوڻي سنڌ حڪومت پنهنجي بجيٽ ۾ اگهن جو ايترو ڦير گهير نہ پئي ڪري سگهي، جيئن تازو ئي ڪمشنر خيرپور ڊويزن سارين جي اگهن جو اعلان ڪيو آهي.

"سارين جو اعلان ڪيل اگهہ سنڌ ۾ اهم سارياڻي علائقي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ مقامي محصول سميت ساڍا ٻاويهہ رپيا في ايڪڙ هوندو. گذريل سال سنڌ حڪومت سارين لاءِ چوڏهن رپيا في ايڪڙ جو اگهہ مقرر ڪيو هو. ان ريت ون يونٽي اگهہ سنڌ ۾ گذريل سال جي اگهہ کان پنجاهہ سيڪڙو اضافي ۽ پنجاب جي اگهہ کان 100 سيڪڙو اضافي آهي.

"جيڪڏهن هن سال سارين جو اگهہ ست رپيا في مڻ هو ۽ گذريل سال اِهو اگهہ ڇهہ رپيا مڻ هو تہ اِهو سورهن سيڪڙو واڌ آهي، جڏهن تہ خطرناڪ برسات ۽ موسم سبب فصل کي پهتل ڪاپاري نقصان سبب پوک ۾ 33 سيڪڙو لاٿ آئي. ان جي سرڪاري رپورٽن ۽ ريلوي جي روانگي واپار وارن انگن اکرن مان تصديق ڪري سگهجي ٿي.

"پاڇاڻي مُند دوران اگهن ۾ واڌ جو لاڀ فقط واپاري طبقي ۽ ذخيري اندوزن کي ئي رسيو آهي. آبادگارن ۽ هارين تہ پنهنجو فصل گذريل نومبر ۽

ڊسمبر ۾ ٿي وڪرو ڪري ڇڏيو هو جڏهن اگهه ست رپيا في مڻ واري هيٺين سطح تي هو.

"ان ڪري مجموعي حالتن جي گهرج هئي ته ڪٽيل اگهه سنڌ ۾ لاڳو گذريل سال جي اگهن کان وڌيڪ نه هئڻ کپندا هئا. ان هوندي به سنڌ ۾ پنجاهه سيڪڙو کان وڌيڪ اگهه وڌايا ويا.

"لاهور ۾ ويٺل صاحبلوڪن جو اِهو به چوڻ آهي ته سنڌي ون يونٽ ۾ ڪٽيل اگهن جي وڌيڪ هئڻ تي اعتراض ڇو ٿا ڪن، جڏهن ته هو ڪيترن ئي سالن کان اهي اگهه قبوليو ويٺا هئا؟

"دراصل، ڪٽ جا ڳورا اگهه سنڌ ۾ ننڍين آبادگارن وٽ سدائين اعتراض جوڳا بڻيل هئا ۽ انهن جي اطلاق تي هڪ عمومي احتجاج هلندڙ هو پر اعتراض جوڳن اگهن جي باوجود ماڻهن ۾ اِهو احساس ضرور هو ته انهن مان حاصل ٿيندڙ رقم سنڌ ۾ ئي بهتريءَ لاءِ خرچ ٿي سگهي ٿي. ڳورن محصولن جي بنياد تي ئي سنڌ حڪومت 70 ڪروڙ رپين وارن سکر بيراج ۽ ڪوٽڙي بيراج منصوبن تي عمل ڪري سگهي هئي ۽ فطري طور تي اِها اُميد لڳائي وئي هئي ته لاڳيتي محروميءَ کانپوءِ نيٺ ترقي ۽ خوشحاليءَ ۾ سنڌين جو حصو بڻبو. گذريل سال جڏهن ڪوٽڙي بيراج مڪمل ٿيو ۽ سنڌ واسين خاص طور تي هارين نارين ان جي زمينون ملڻ جي اُميد لڳائي ته ماڻهن تي ون يونٽ مڙهي سنڌن اُڏمن ۽ اُميدن جو خون ڪيو ويو.

"سنڌ رضا خوشيءَ سان وڌ کان وڌ محصول پرڻ لاءِ تيار هوندي پر هو پنهنجي محصولن ۽ وسيلن جا جڏهن پاڻ ڌڻي هجن. لاهور ۾ ويٺل اختيارين کي سنڌ ۾ پنهنجي پائرن کان فراخ دل ٿي ڳورا محصول ڏيڻ جي گهُر نه ڪرڻ کپي، جڏهن هو معاشي ۽ سماجي طور تي پوئتي پيل هجن.

"اولهه پاڪستان جي بجيٽ ۾ توازن آڻڻ فقط سنڌين جي ذميواري ناهي، اِها زوري گڏ ٿيل سڄي آباديءَ جي گڏيل ذميواري آهي.

"انضمام واري تاريخ 14 آڪٽوبر 1955ع تي سنڌ گڏيل پانداري ۾ بچت طور ايڪويهه ڪروڙ رپيا جمع ڪرايا. پنجاب ان رقم جي پيڻ جو عوامي/سرڪاري قرض ڏنو. سنڌ ڪروڙين رپين جي ماليت واري ڪراچي مرڪز کي سوکڙيءَ طور ڏني.

"ڇا سنڌ واسين جي اجان وڏيڪ ڪل لاهڻ گهرجي؟ ڇا اِهو ڪجهہ پاڪستان جي مقصد واسطي سنڌين جي خدمتن ۽ قربانين جو سلو آهي؟

"سنڌ جي اڳهن ڪي گهٽائي پنجاب جيترو ڪرڻ سان سنڌي لڳ ڀڳ ٻن ڪروڙ رپين جو لاڀ پرائي سگهن ٿا. اسي ڪروڙ رپين ڪن جو بجيٽ رکندڙ ون يونٽي حڪومت ڇا ايترو معمولي نقصان برداشت ڪري سگهندي؟

"هڪ سنڌي روينيو وزير

"تماشو اِهو آهي تہ ون يونٽ حڪومت جو روينيو وزير هڪ سنڌي محمد ايوب کهڙو هو جيڪو سنڌ جي استحصال لاءِ پنجابي ٽولي لاءِ مناسب ترين شخص هو.

"پروڊا تحت ڇهن سالن لاءِ عدالتي حڪم هيٺ نااهل قرار ڏنل کهڙي کي غيرجمهوري انداز جا سمورا طريقا استعمال ڪري بحال ڪيو ويو. کهڙي وٽ سنڌين جي حقن جي تحفظ لاءِ ڪهڙي اخلاقي جرئت ٿي پئي سگهي؟ پر هو انهيءَ انجام تي رسيو جيڪو سندس جهڙن ماڻهن جو ڀاڳ هوندو آهي ۽ پنهنجي مقصدن لاءِ ڪيس سامهون آڻيندڙن منجهانس هٿ ڪڍي ڪيس بي عزتو ڪري برطرف ڪري ڇڏيو.

"انهيءَ کهڙي پنهنجي برطرفيءَ ڪانپوءِ سنڌ جي زمينن جي ڪٽ ۾ ادائي سيڪڙو تحفيف ڏيڻ جي دعوا ڪئي آهي. جڏهن مٿي ڄاڻايل انگن اکرن موجب سنڌين جو حق پنجاهہ سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ هجي تہ اُتي ادائي سيڪڙو جي انهيءَ شاندار ڪارڪردگيءَ کي ڪيئن تورجي!

ڪوٽڙي بيراج جون زمينون

"ڪوٽڙي بيراج تحت لڳ ڀڳ سترهن لک ايڪڙ سرڪاري زمين ٿي اڇي، جنهن جو نيڪال ٿيڻو آهي.

ون يونٽ پويان بہ اهم ترين مقصد سنڌ جون زمينون ۽ ڪراچيءَ جو انتظام لاهور مان هلائڻ هئا.

سنڌين ون يونٽ سان گڏوگڏ ڪراچيءَ جي سنڌ ڪان علحدگيءَ جي پڻ شديد مخالفت ڪئي.

سنڌين کي خدشو هو تہ ون يونٽ انتظام هيٺ هو بيراجي زمينن جهڙن پنهنجي معدني وسيلن جو مڪمل لاڀ نہ پرائي سگهندا.

"پنجاب جي ترجمان محمد ممتاز دولتانا سنڌين جا خدشا ختم ڪرڻ واسطي 31 آگسٽ 1955ع تي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پنهنجي تقرير ۾ هيٺيون ڳالهيون ڪيون:

"سائين! ان ڏس ۾ آءٌ خاص طور تي سنڌ جي زمينن واري سوال کي مدنظر رکڻ لاءِ چوندس. سائين! سنڌ هڪ شاهوڪار صوبو آهي جنهن جي آبادي انجي زمين جي پيٽ ۾ ٽڙيل پکڙيل آهي ۽ ماضيءَ جي سنڌ حڪومتن جي شاندار انتظام سبب ڪيتريون رٿائون مڪمل ٿيڻ واريون آهن. جيڪي سنڌ جي وشال ايراضي پوکي لائق بڻائينديون. نون بيراجن جي انيڪ رٿائن ذريعي اِهي وسيع زمينن جا ڍڳ کولينديون ۽ سائين! سنڌين جي ذهنن ۾ اِهو خدشو آهي تہ سنڌ واسين جون اِهي زمينون اولهہ پاڪستان جي انضمام ڪانپوءِ گهڻ پاڇيري صوبن هٿان استحصال جو شڪار بڻيون.

سائين! سنڌ جي نين زمينن جي نيڪال جو ڪهڙو حل رٿيو ويو آهي؟ جيستائين مون کي ڄاڻ آهي، حل اِهو ڪڍيو ويو آهي، تہ سنڌ جون نيون زمينون، جيڪي يقيني طور تي پاڪستان جي خوشحال مستقبل لاءِ وسيع امڪان ٿيون رکن ترجيحي طور تي ۽ جيڪڏهن ضروري هوندو تہ يقيني طور تي سنڌين جي آبادڪاريءَ لاءِ هونديون. بس شرط رڳو اِهو هوندو تہ اِهي ماڻهو بي زمين هجن. هر سنڌيءَ جي انهن زمينن تي ٿانيڪو ٿيڻ ڪانپوءِ بہ ڪا زمين بچي ٿي پوي تہ پوءِ اِها ٻين صوبن جي رهواسين لاءِ هوندي پر اُهي بہ پنهنجي اباڻي علائقن ۾ زمين جي ملڪيت نہ رکندڙ هوندا. سائين! ان ريت سنڌ جي مسئلي کي پهرين ترجيح ڏني ويندي، انهن جا مسئلا جن کي واقعي واهر جي ضرورت آهي، انهن جا مسئلا جيڪي حقيقي طور تي انهن زمينن جا مالڪ آهن، ۽ نہ ڪي قوڪيل وڏيرن جا. اِهي زمينون انهن کي کيڙيندڙن کي ڏنيون وينديون. اِهي زمينون پهرين منجهن ورهايون وينديون ۽ سندن مڪمل اطمينان کان پوءِ ئي اِهي انهن ماڻهن ڏانهن وينديون جيڪي سنڌ جي غريبن جا سنڌ جي شاهوڪارن کان وڌيڪ ويجها مائٽ آهن. پوءِ اهي زمينون سرحد جي بي زمين ماڻهن کي ملنديون،

قبائلي علائقن جي بي زمين ماڻهن کي ملنديون، جيڪي آءُ اوهان کي پڪ ٿو ڏياريان تہ سندن دل جي گهراين سان آڌرڀاءُ ڪندا ۽ ڪين پنهنجي وڏيرن کان بہ وڌيڪ پنهنجو ڪري ڀائيندا. سائين! اِهو ان جو هڪ ٻيو مثال آهي، تہ اولهہ پاڪستان جي انضمام ٿيڻ ڪانپوءِ ملڪ جي مڪمل سياسي ڏسا کي ڪهڙي ريت نئين سر جوڙيو. (اجلاس جي ڪارروائي، صفحو 360)

"مٿين خاطرين جي اُبتڙ عملي طور تي ڇا ٿيو آهي؟

"سنڌ جي هزارين بي زمين هارين روينيو آفيسر، بيراج کي درخواستون ڏنيون پر ڪنهن هڪ بہ هاريءَ کي ڪو هڪ ايڪڙ زمين بہ الاٽ نہ ڪئي وئي آهي.

"ٽنڊو محمد خان کان بلڙيءَ تائين هڪ مرڪزي ڪينال کوٽيو ويو آهي، جيڪو انجي ٻنهي ڪپن تي موجود زمين آباد ڪندو پر اِهي ٻئي ڪپ غير سنڌين لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن.

"ايندڙ مُند ۾ لڳ ڀڳ ٻہ لک ايڪڙ زمين بيراجي پاڻي حاصل ڪندي ۽ اِها سموري ايراضي غير سنڌين لاءِ مختص ڪئي وئي آهي. سنڌ جي بي زمين لاءِ هڪ ايڪڙ بہ نہ رکيو ويو آهي. ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺڻ اندروني بينڪيت جو هڪ اعليٰ نمونو آهي.

"اِهو ظاهر ٿيو آهي تہ زرخيز ۽ بنجر هر قسم جي زمين کي هڪ جهڙو نبيري هڪ اڳهہ تحت ڏنو ويو آهي. پيش منظر واضح آهن: بهترين زمينون سڀ کان پهرين غير سنڌين کي ڏنيون وينديون ۽ پوءِ باقي سنڌين کي ڏنيون وينديون سي بہ ساڳي اڳهن تي.

"غير سنڌين لاءِ مخصوص زمينن تي اڳيئي فوجي آقا ۽ پئسي وارا، ٽريڪٽر ۽ مشينون ڪم ۾ رڌل آهن، جڏهن تہ انهن جي وچ ۾ ٿانيڪو گهٽ ايراضي رکندڙ مقامي ماڻهن کي بي رحميءَ سان انهن اباڻن ککن مان تڙيو پيو وڃي، جتي هو صدين کان رهندا پيا اچن.

"انهيءَ آپريشن جي هڪ فوجي عملدار انچارج کي هو 'مسٽر ڪولمبس' ٿا سڏين. ڇا اِهو ڪنهن گوري (غير سنڌي) هٿان سنڌ جي زمينن واري نئين دنيا ڳولهي لهڻ جو هڪ نئون مثال آهي؟

"اهو آهي ڦل، جيڪو سنڌي ون يونٽ انتظاميا، پنهنجي مسلمان ڀائرن، پنهنجي پاڪستاني ديس واسين کان ماڻين پيا.

Sometimes I 've felt

I 've found it,

and what a thrill!

How often I 've

tried for it and failed!

-*Anonynous*

BY THE SAME AUTHOR

جَوْهَرُ الْقُرْآن

THE SUBSTANCE OF THE QURAN

Subjectwise translation of the Holy Quran in chronological order and on scientific and historical principles

تنزیل و ترتیب علی اُصول التاریخیۃ

THE RIVER KING

A COMPLAINT

HARI HAQDAR

ORGAN OF THE SIND HARI PARTY

Editor: HYDER BAKSH ALLAHDAD KHAN JATOI, B. A.

SIND LEGISLATIVE ASSEMBLY

ELECTION PETITION

[illegible]

AN APPEAL

TO

THE PEOPLE OF PAKISTAN

Haris' Petition of Rights

AMENDMENTS

TO

THE SIND TENANCY ACT, 1950

(As prepared by the Sind Hari Committee)

COMMENTS

ON

A BILL TO AMEND THE SIND TENANCY ACT, 1950

INJUSTICE TO SIND

INJUSTICE TO SIND—II

LET US SAVE PAKISTAN!

LET US SAVE PAKISTAN!—II [illegible]

STATEMENT OF THE ACCUSED, HYDER BAKSH JATOI

DEMOCRACY OR DICTATORSHIP IN PAKISTAN?—I

DEMOCRACY OR DICTATORSHIP IN PAKISTAN?—II

ONE-UNIT BILL X-RAYED

DEMOCRACY OR DICTATORSHIP IN PAKISTAN?—III

DAULTANA'S DEBATE DEALT WITH

... D HARI COMMITTEE FIGHTS

FOR THE PEOPLE'S RIGHTS

---III---III---

Resolutions passed at the

annual Council of the

Sind Hari Committee

at Hyderabad Sind

D[illegible]RACY AND
JUSTICE [illegible] CHIEF JUSTICE

SHALL SINDHI LANGUAGE STAY IN KARACHI OR NOT?

UNJUST LAND ASSESSMENT RATES IN SIND DISTRICTS

[illegible] SIND
WHO [illegible] OWN THEM
[illegible] EVACUEE

THE DISPOSAL OF EVACUEE

PROPERTY—II

HYDER'S DEFENCE

AGAINST COURT MARTIAL AT NAWABSHAH

UNJUST LAND TAXATION

IN

SIND DISTRICTS

CHEN ONLY

AND

DEMOCRACY

HIGHER LAND TAXATION

IN

SOUTHERN ZONE (SIND)

HIGHER LAND TAXATION

IN

SOUTHRN ZONE (SIND)

PART. II

DISPOSAL OF GUDU BARRAGE STATE LANDS

(And Makhi Dhandh Area)

STOP EJECTMENT OF LOCAL POPULATION FROM MAKHI DHANDH AREA!

Second Edition (Enlarged)

by

HYDER BAKHSH JATOI

President,

Sind Hari Committee

A people oppressing other peoples cannot be free.

[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
حيدر

A REHABILITATION PETITION

TO THE CENTRAL GOVERNMENT

The Disposal of Evacuee Property—II

JAIL REFORMS

BREAK UP ONE UNIT

RESTORE FULL PROVINCIAL AUTONOMY

TO

SIND, BALUCHISTAN, PASHTOONISTAN

HIGHER LAND TAXATION IN SOUTHERN ZONE (SIND)

PART III

HYDER'S DEFENCE

AGAINST COURT MARTIAL AT NAWABSHAH

Weekly HARI HAQDAR at a glance

WEEKLY

HARI HAQDAR

ORGAN OF THE SIND HARI COMMITTEE

Editor: HYDER BAKSH ALLAHDAD KHAN JATOI, B.A.

Vol. 7 No. [illegible]	Hyderabad (Sind) Friday, March 12, 1954: Rajab 6, 1373.	PRICE 0—2—6

AMERICA THREATENING WORLD PEACE

The following statement has been issued to the Press by Mr. Hyder Baksh Jatoi, President, Sind Hari Committee :—

TURCO-PAKISTAN PACT

While a friendly pact of Pakistan with any other country is to be welcomed, the Turco-Pakistan pact has a special significance at present as Turkey has been playing a very reactionary role in these days.

Undoubtedly, the world is divided today, by the dialectics of history, into two big power blocs, the imperialist bloc, headed by America and Britain, and the anti-imperialist, socialist bloc headed by the Soviet Union and the People's China.

Where do we stand? The interests of the peasants demand the abolition of Zamindari and Jagirdari, with all their attendant evils of feudalism. The interests of the peasants who form the immense majority of the population of Pakistan mean the interests of Pakistan generally. Ideologically and practically, the abolition of Zamindari is favoured by the socialist bloc and opposed by the imperialist bloc. The interests of Pakistan demand therefore that she should more naturally have an alliance with the socialist bloc rather than with the imperialist bloc. But our Pakistan rulers want the exact opposite of the real interests of Pakistan, because they come from the Zamindar class—the exploiting class. Turco-Pakistan pact is a logical consequence of this anti-peasant, this anti-people policy of the Pakistan rulers.

Of all the Asiatic countries of the Middle East, it was Turkey alone which under American domination sent its troops to Korea, mostly to be killed and buried there. In the history of Muslim Turkey this is perhaps the first instance when the Muslim youth gave their lives, to please British American imperialists, in the Asiatic Korean war of liberation against the imperialist West.

President Jalal Bayar is in America these days, where he passed years as a bank manager, and thanks to American patronage, he is the head of the Turkish State.

Modern Turkey, under American influence is leaving the path of the great Kamal, and following reactionary [illegible], even as Pakistan is drifting Jamaat-e-Islami way under American influence and patronage.

The Americans and the British neither love nor believe in Islam or [illegible]; they simply want to fan and exploit the fanaticism and bigotry of the ignorant, uneducated undeveloped Muslims against modern socialism, and it is for that dirty purpose that they shamelessly encourage unscientific thoughts and tendencies in Asia. This is how they want to maintain their power here. This is the degradation to which imperialism, the highest form of capitalism, has fallen!

The British and the Americans are too well known as friends of the [illegible]. Their past history clearly shows how the British Empire was built by crushing Muslim powers. Their present anti-Muslim activities in Iran, in Egypt, in Palestine, in Tunisia, in Morocco, in Indonesia are too obvious to deceive any patriot of Pakistan. Britain and America have damaged Muslim power on a world scale as none else.

As against that, the Soviet Union (which must be contra-distinguished from the Czarist Russia) has always had friendly disposition toward the Muslim powers.

The Soviet Union was the first to withdraw the Czarist imperialist concessions in Turkey, Iran and Afghanistan, and this fact strengthened the national powers of these countries. Lenin, of all the European powers, helped Kamal Ata Turk morally and materially at a time when the imperialist powers headed by Britain threatened to wipe out Turkey from the map of the world. These lessons of history should not be forgotten by the present rulers of Turkey and Pakistan.

Against this back ground, the Turco-Pakistan alliance under American auspices, and to suit American purposes, which have never been pro-Muslim, is a threat to world peace, and therefore a threat to Muslim powers as well indirectly.

A letter from Mr Zulfikar Ali Bhutto

ZULFIKAR ALI BHUTTO
BARRISTER-AT-LAW
B.A. UNIVERSITY OF CALIFORNIA
M.A. UNIVERSITY OF OXFORD

BANK OF INDIA BUILDING
BUNDER ROAD
KARACHI
June 12th 57

My Dear Hyder Sahib,

Through Maulvi Abdul Ghafoor I received (i) the Government Resolution on the Settlement of Barrage, Non-Barrage and Riverain Districts (ii) your notes or as you prefer to call it "Thesis" on the subject.

I shall give the next day Sunday 16th (Inshallah) — in brackets because I suppose you don't have much faith in it too.

I was sorry to hear of your illness. Hope you recover very soon.

Yours Sincerely

Zulfikar Ali Bhutto

A letter from Mr. Hussain Shaheed Suharwardy

Tel: 40II6

Lakham House,
Jehangir Road,
KARACHI-5.

6th September, 1962

My dear Hyder Buksh Jatoi,

I note both with satisfaction and regret the announcement that you have made regarding your tour in Sind to meet like-minded democratic workers. In your statement you have stated that you have decided to form a broad-based 'national democratic front' in this region and that you intend to muster support for the forthcoming Democratic Workers' Convention to be held at Nawabshah on September I5 and I6. I regret that you should have used the words 'National Democratic Front'. I had told this to you in confidence as the name which I intended to give to the group that will be formed of all parties pledged to the revival of democracy. I think it would have been fair if you had allowed me to announce this name after I had talked with the leaders of East and West Pakistan, so that we could have a United Front. Will you please see to it that you don't appropriate this name; I think it will be very unfair to me if you do.

According to my present programme, I intend to reach Lahore by train on the 23rd of this month, leaving Karachi on the 22nd by Tezgam. When in Lahore, I shall talk to various leaders of various parties, and we can then chalk out a joint programme of action. I shall be very happy if you will meet me there on the evening of the 23rd and on subsequent days as I intend to exchange views for two or three days in order that we may clearly know our position. Apart from yourself, if there are other influential leaders who are interested, you are welcome to bring them, but of course, the number should be limited.

Yours sincerely,
H.S. Suhrawardy
(H.S. Suhrawardy)

Mr. Hyder Buksh Jatoi,
c/o Hari Committee,
HYDERABAD (Sind).

A letter from Nawab Mohammad Akbar Khan Bugti

New Central Jail
Multan.

EED MUBARAK to you all.

My Dear Jatoi Sahib,

I have been here for the last two months for medical treatment and am now somewhat better.

It has been a long time since I heard from you.

By the by, what about the Quran translation, how far have you reached?

I shall be greatful if you could kindly send me a copy of your poems "Shikwa", Hiroshima etc: etc: at the above address.

With best wishes & regards to all.

Yours —

[signature] Bugti

A letter from the US Consulate, Karachi



EMBASSY
OF THE
UNITED STATES OF AMERICA
American Embassy Office
Karachi, Pakistan

November 7, 1947.

Registered

Sind Hari Office
Hyderabad.

Gentlemen:

The Embassy Office will very much appreciate it if you would forward one copy each of the following publications by Hyder Bux Jatoi, to the American Embassy Office (Procurement) 6 Victoria Road, Karachi.

1. Higher Land taxation in Southern Zone, Sindhi.
2. Shall Sindhi Language stay in Karachi?
3. Disposal of Evacuee Property.

If any cost is involved, please forward your bill to this office at the above address and specify mode of payment.

Thank you for your cooperation and assistance in this matter.

Very truly yours,

James K. Murray
Procurement Officer

A letter from Lenin Society, Karachi



Lenin Centenary Celebration Committee

7-R, Commercial Area, Block-2, Nazimabad, Karachi-18.

Patron : Begum Rana Liaqat Ali Khan
Chairman : Mr. [illegible]
Secretary : Prof. S. M. Yahya

20th March 1970.

Mr. Hyder Baksh Jatoi,
President,
Sind Hari Committee,
Hyderabad.

Dear Sir,

The Lenin Centenary Committee is taking out a Souvenir on the occasion of the Birth Centenary of V.I. Lenin, falling in April 1970.

We would feel privileged and honoured if you be so gracious enough to send a message for our Souvenir, the printing of which will start in the first week of April 1970.

With kindest regards,

Yours most truly,

S. M. Yahya

(S.M. YAHYA)
Secretary,
Lenin Centenary Celebration Committee

A letter from the British Museum, London

THE BRITISH MUSEUM

DEPARTMENT OF ORIENTAL PRINTED BOOKS
AND MANUSCRIPTS

LONDON · WC1

21.8.1970

Sir,

I have the honour to acknowledge with thanks the receipt of the undermentioned works which you have been so good as to present to the Trustees of the British Museum.

I am, Sir,

Your obedient Servant,

K. B. Gardner.

KEEPER OF ORIENTAL PRINTED BOOKS AND MANUSCRIPTS

i) Āzādī Kaum.

ii) Bābāī Sind. Part 1 - Text

iii) Bābāī Sind. Part 2 - Illustrations.

iv) Salām Sind.

v) A Complaint

vi) Sojhro.

A letter from Makhdoom Mohammad Zaman Talib-ul-Maula

هالا

۴: فيبروري ۱۹۷۰ع

محترمي و مکرمي

السلام عليکم - ان ڏينهن اوهان اوهان جي روانا ٿيڻ کانپوءِ ڳالهه ٻولهه
پئي هئي. جا دوا يو تحليلي تب . جيڪڏهن پابندي جي پوري
محروس ڪائونٽر جي همت ڪئي ويندي ته انشاءالله الرحمان
ته تمام سالن کا ڳڙوهاڻي ٿيندو . الله تعاليٰ اوهان کي
مستقل صحت عطا فرمائي جو قوم (سنڌي) کي اوهان جي
مشورن ۽ معاونت جي عظيم ضرورت آهي . دوا بابت
حسين بخش خادم تفصيل وغيره روبرو ٻڌائيندو . طالب المولىٰ

A letter from G. M. Sayed

كراچي
31.7.69

برادرم ميان حيدر بخش صاحب [illegible]

السلام عليڪم - اوهان سان گهڻي وقت کان ملڻ جو موقعو نه مليو آهي -
اڳين دفعي [illegible] ميٽنگ جي موقعي تي نه آيا
هن دفعي ١٠ - آگسٽ ١٩٦٩ جمعي جو ڏينهن ١٠ تاريخ شام جي مجلس لاءِ
دعوت نامو ملي چڪا هوندا.
اوهان ميان باقر شاهه - ميان علي محمد صاحب لغاري ۽ [illegible]
[illegible] نهايت مناسب آهي.

ڪيئي ڀيرا [illegible] خط [illegible] اوهان [illegible]
[illegible] اوهان [illegible] - [illegible] بيان [illegible]
[illegible] ڪيترا [illegible]
[illegible] آهي

زياده [illegible] السلام
[illegible]

Weekly HARI HAQDAR

سنڌ جي لکين هارين جي حقن جو ترجمان

REGD NO S 999

HARI HAQDAR Weekly

هفتيوار

هاري حقدار

چندي جا اگهه

ساليانو	۱۰-۰-۰
ڇهه مهينا	۵-۰-۰
ٽي مهينا	۲-۸-۰
هندي ۾ سڄي سال	۸-۰-۰
انگريزي ۾ سڄي سال	۱۰-۰-۰

مئنيجر "هاري حقدار"
الهندو هوٽل حيدرآباد سنڌ.

سنڌ هاري ڪاميٽي جي ڇاپو

ايڊيٽر - حيدر بخش الهداد خان جتوئي، بي-اي-

سال ۸
نمبر ۲۱

حيدرآباد سنڌ، جمعو ۱۷ ڊسمبر ۱۹۵۴ع مطابق ۲۰ ربيع الثاني ۱۳۷۴ھ

في پرچو ۰-۲-۰

۱ جنوري تي "آزاد سنڌ" ڏينهن ملهايو ويندو

سنڌ کي هڪ يونٽ ڪرڻ واري تجويز جي مذمت

گرفتار ٿيل رهنمائن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ اخبارن تان بندش لاٿي وڃي

جاگيرداري جلد ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو وڃي

مسٽر غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، پير الاهي بخش، عبدالحميد جتوئي، ۽ شيخ خورشيد احمد کي مبارڪباد

سنڌ هاري ڪاميٽي جي ڪائونسل جي تاريخي اجلاس جي ڪار روائي —

سنڌ هاري ڪاميٽي جي ڪائونسل جو تاريخي اجلاس تاريخ ۱۱-۱۲ ڊسمبر ۱۹۵۴ع تي حيدرآباد ۾ ... جي صدارت ۾ ٿيو.



حيدر بخش جتوئي صدر سنڌ هاري ڪاميٽي ...

سنڌ کي پنجاب سان ملحق ڪرڻ جي تجويز جي مخالفت

هي ... سنڌ هاري ڪاميٽي جو اجلاس سنڌ کي پنجاب سان ملحق ڪرڻ (ون يونٽ) جي تجويز جي ... مخالفت ... ڪري ٿو ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي جي ...

۽ "آزاد سنڌ ڏينهن" ملهايو وڃي.

گرفتار ٿيل سياسي رهنمائن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ اخبارن تان بندش لاٿي وڃي.

لوڪل بورڊ اليڪشن ۾ ...

BY THE SAME AUTHOR

هاري حقدار

The CONSTITUTION
of the
HARI PARTY

سنڌ هاري پارٽي
جو
آئين

SONGS

هاري

چونبڍا غنڊا گردي؟

سنڌ پياري!

سلام سنڌ

اي سنڌي وڏيرا، ڪڏهن انسان ٿي!

جيئي ماتا دهاي سنڌ!!

حيوان انسان


اي ملي مجلس! اي سنواري سنڌ!

بلوچستان زنده باد!


ون يونٽ

۽

جمهوريت



Baba-e-Sindh Hyder Baksh Jatoi and Mrs. Mumtaz Hyder.



باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي ۽ سندس شريڪ حيات



ڪامريڊ سرگئي ذخاروف پريزيڊنٽ سپريم سويت آف يو. ايس. ايس آر ڄامشورو اسپتال ۾ ڪامريڊ جتوئيءَ جي عيادت ڪرڻ آيو. ڪامريڊ جتوئي جي شريڪ حيات ۽ پٽ اظهر جتوئي پڻ موجود آهن




باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سينٽرل ڪميٽيءَ جي اجلاس
ڪانپوءِ پنهنجي ساٿين سان گڏ



باباءِ سنڌ سپريم ڪورٽ جي حڪم تي رهائيءَ بعد حيدرآباد ۾ جنرل هوش محمد جي مزار تي
(25 جنوري 1969ع)



باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي جي پنهنجي ساٿين سان آخري ملاقات ۾
ڪامريڊ مير محمد ٽالپر ڳالهائيندي، حيدر محفل حيدرچوڪ حيدرآباد



پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ٽرين مارچ
باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ٽرين مارچ کي خطاب ڪندي



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي گرفتاري جو وارنٽ پڙهندي سال 1960ع



سکر جي هڪ محفل ۾ شيخ اياز، ڪامريڊ جتوئي، رشيد ڀٽي ۽ ممتاز مهر




باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو
حيدر منزل حيدرآباد ۾ ملاقات ڪندي، سال 1961ع



بابائِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، شيخ مجيب الرحمان ۽ ٻين سان گڏ



باباءِ سنڌ چين جي وزير خارجه مارشل هولنگ سان گڏ (1906ع)



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ڪامريڊ چُو اين لائي
سان المنظر ڄامشورو ۾ يادگار ملاقات



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي مقبري تي ڪامريڊ اظهر جتوئي،
محمد ابراهيم جويو، ثمر جتوئي ۽ محسن جويو گلن جي چادر چاڙهيندي



ڪامريڊ اظهر جتوئي ۽ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي پاڻ ۾ ڳالهائيندي

مصطفيٰ ماءُ

تون هر دم مُنهنجي دِل ۾ مصطفيٰ ماءُ!
آ، ياڪر پاءِ، مُنهنجي هنج ۾ آءُ!

اي مَظهر ماءُ، دادن ماءُ، خوش رهُ!
هُجي خوش پنهنجو سڀ اولاد ۽ چاءُ!

اي جانان! تُنهنجا ڇا احسان ڳايان!
مُون نادان جي حِصي ۾ آيو داناءُ!

تون مُنهنجي لاءِ هڪ تصوير آهين!
نظاري جنهن جي ڪان ناهي ڪڏهن ڍاءُ!

ڪيو آ تو ڪان مون کي ظالمن ڌار!
جُدائي جو وڏو آهي اِنهن گهاءُ!

مگر اي مَنّ! هر دم گڏ آهيون!
سَهي وَڃ قوم خاطر هيءُ اِيذاءُ!

ڪَئي ڪجهه رات تو مون سان مُلاقات!
ڏِنو تو خواب ۾ ٻِي واهه جو ساءُ!

هي- "جِيئي سنڌ!" ۽ "جِيئي جتوئي!"
جو تُنهنجو نعرو! تي ويو آهه ڌهڪاءُ!

اي حيدر، گيت پنهنجي زال جا ڳاءِ!
تون ڪجهه غالب کي، شيرازيءَ کي شرماءِ!

سينٽرل جيل، مچ (بلوچستان)، 23 اپريل 1968ع